# ايوب

## ايوب نبيءَ جو ڪتاب

### تعارف

"ايوب" نالي هن مقدس ڪتاب ۾ هڪ نيڪ ماڻهوءَ حضرت ايوب جو ذڪر آهي، جنهن تي تمام گهڻيون مصيبتون اچن ٿيون. سندس سمورو اولاد مري وڃي ٿو، مال ملڪيت تباهه ٿي وڃي ٿي ۽ پاڻ هڪ موذي مرض ۾ مبتلا ٿي وڃي ٿو. پوءِ ٽن شعري گفتگوئن ۾ ليکڪ اهو ڏيکارڻ چاهي ٿو ته حضرت ايوب جا دوست ۽ خود حضرت ايوب پاڻ انهن آفتن تي ڪهڙو ردعمل ڏيکارين ٿا. خدا جو انسانذات سان سلوڪ هنن جي گفتگوءَ جو مکيه حصو آهي. آخر ۾ خدا پاڻ حضرت ايوب کي ڏيکاري ڏئي ٿو.

حضرت ايوب جا دوست کيس انهن مصيبتن جي مقصد جي باري ۾ مذهبي طور سمجهائين ٿا. هنن جو خيال آهي ته خدا هميشه چڱائيءَ کي نوازيندو آهي ۽ برائيءَ کي سزا ڏيندو آهي، تنهنڪري حضرت ايوب جون مصيبتون به رڳو انهيءَ ڪري آهن جو هن گناهه ڪيا هوندا. پر حضرت ايوب جي خيال موجب اها ته هڪ معمولي ڳالهه آهي، جنهن ڪري هو اهڙي سخت سزا جي لائق نه آهي. جيئن ته هو ڏاڍو نيڪ ۽ سچار رهيو آهي، تنهنڪري کيس اها ڳالهه سمجهه ۾ نه ٿي اچي ته هن جهڙي ماڻهوءَ تي خدا اهڙي مصيبت ڇو ٿو نازل ڪري. انهيءَ سبب هو خدا کي للڪاري ٿو. انهيءَ هوندي به ايوب پنهنجي عقيدي تان ڦري نه ٿو وڃي. پر هو پاڻ کي خدا جي آڏو سچار ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ۽ خدا جي آڏو هڪ نيڪ ماڻهوءَ طور سرخرو ٿيڻ چاهي ٿو.

خدا حضرت ايوب کي سندس سوالن جا سڌا جواب نه ٿو ڏئي، بلڪ هو حضرت ايوب جي ايمان بابت شاعرانه انداز ۾ جواب ڏيندي پنهنجي الاهي قدرت ۽ ڏاهپ جي وسيلي مٿس غالب اچي ٿو. پوءِ حضرت ايوب تسليم ڪري ٿو ته بيشڪ خدا ڏاهو ۽ عظيم آهي. تڏهن هو عاجزي ڪري پنهنجي ڇيل بي‌ادبيءَ وارن ۽ غصيلن لفظن جي خدا کان معافي گهري ٿو.

آخر ۾ نثري لکڻيءَ ۾ اهو بيان ڪيل آهي ته ڪيئن حضرت ايوب کي وري اڳئين حالت ۾ بحال ڪيو ويو، بلڪ کيس اڳي کان به وڌيڪ خوشحاليءَ سان نوازيو ويو. خدا حضرت ايوب جي دوستن کي تنبيهه ڪري ٿو ته هو حضرت ايوب جي سورن کي سمجهي نه سگهيا. رڳو حضرت ايوب ئي سمجهي سگهيو ٿي ته خدا انهن پيِن دنياوي عقيدن کان مٿاهون آهي، جن عقيدن هن جي دوستن کي سندس مصيبتن بابت منجهائي وڌو هو.

### سِٽاءُ


مهاڳ 1:1-2:13

حضرت ايوب ۽ سندس دوست 3:1-31:40

1. حضرت ايوب جي شڪايت 3:1-26
2. پهريون گفتگو 4:1-14:22
3. ٻيو گفتگو 15:1-21:34
4. ٽيون گفتگو 22:1-27:23
5. ڏاهپ جو راز 28:1-28
6. حضرت ايوب جو آخري بيان 29:1-31:40

اليهوءَ جي تقرير 32:1-37:24

خداوند جو حضرت ايوب کي جواب ڏيڻ 38:1-42:6

حضرت ايوب جي ٻيهر بحالي 42:7-17

## ايوب ۽ سندس ڪٽنب

1 1 عُوض ملڪ ۾ ايوب نالي هڪڙو ماڻهو رهندو هو، جيڪو
ڪامل ۽ سچو انسان هو. هو خدا جو خوف رکندڙ ۽ بڇڙائيءَ
کان پاسو ڪندڙ هو. 2 کيس ست پٽ ۽ ٽي ڌيئرون هيون. 3 هو ست
هزار رڍن ٻڪرين، ٽي هزار اٺن، پنج سؤ ڏاندن جي جوڙن ۽ پنج سؤ
گڏهن جو مالڪ هو. کيس تمام گهڻا نوڪر چاڪر هئا. هو اڀرندي
جي رهاڪن ۾ سڀني کان وڏو ماڻهو هو.
4 ايوب جا پٽ واري واري سان پنهنجي پنهنجي گهر ۾ دعوت
ڪندا هئا، جتي اهي سڀ گڏبا هئا ۽ پنهنجي ٽنهي ڀينرن کي به
سڏي پاڻ سان گڏ کارائيندا پيئاريندا هئا. 5 سندن دعوت جي ختم
ٿيڻ تي ايوب انهن کي سڏائي پاڪ ڪندو هو. هو صبح جو سوير
اٿي انهن سڀني جي شمار مطابق ساڙڻ واريون قربانيون پيش ڪندو
هو، ڇالاءِجو سندس خيال هو ته “متان منهنجي اولاد کو گناهه
ڪيو هجي ۽ پنهنجين دلين ۾ خدا لاءِ ڪفر بڪيو هجائون.” اهو
ايوب جو هميشه جو دستور هو.

## ايوب جي پهرين آزمائش

6 هڪڙي ڏينهن جڏهن ملائڪ خداوند جي حضور ۾ حاضر ٿيڻ
لاءِ آيا، تڏهن *شيطان به ساڻن گڏجي اچي حاضر ٿيو. 7 خداوند
شيطان کان پڇيو ته “تون ڪٿان ٿو اچين؟” شيطان ورندي ڏني ته
“آءٌ ڌرتيءَ تان هيڏانهن هوڏانهن گشت ڪندو ۽ گهمندو ڦرندو پيو
اچان.” 8 تڏهن خداوند شيطان کي چيو ته “تو منهنجي ٻانهي ايوب
جي حال تي به ڪو غور ڪيو؟ جو هن جهڙو ڪامل ۽ سچو انسان
ڌرتيءَ تي ٻيو ڪوبه ڪونهي، جيڪو مون خدا جو خوف رکي ۽
بڇڙائيءَ کان پاسو ڪري.” 9 شيطان خداوند کي ورندي ڏيئي چيو
ته “ايوب ڪو مفت ئي تو خدا جو خوف ٿو رکي ڇا؟ 10 تو هن
جي، سندس ڪٽنب جي ۽ جيڪي ڪجهه وٽس آهي، تنهن سڀ جي
هميشه حفاظت نه پئي ڪئي آهي ڇا؟ تو هن جي هٿن جي ڪم ۾
برڪت وڌي آهي ۽ هن جي ڍورن ڍڳن کي پوري ملڪ ۾ پکيڙي ڇڏيو
اٿيئي. 11 پر هاڻي پنهنجو هٿ ڊگهيري وٽس جيڪي ڪجهه آهي سو
سڀ کانئس کسي وٺ، پوءِ ڏس ته هو ڪيئن نه تنهنجي منهن تي
تنهنجي خلاف ڪفر ٿو ڳالهائي.” 12 تنهن تي خداوند شيطان کي
چيو ته “ٺيڪ آهي، هن وٽ جيڪي ڪجهه آهي سو سڀ تنهنجي
اختيار ۾ آهي. پر رڳو سندس جان کي نقصان نه پهچائجانءِ.” تڏهن
شيطان خداوند جي حضور مان هليو ويو.
13 پوءِ هڪڙي ڏينهن جڏهن ايوب جي پٽن ۽ ڌيئرن پنهنجي وڏي ڀاءُ
جي گهر ۾ ويٺي کاڌو پيتو، 14 ته هڪڙو نوڪر ڊوڙندو ايوب وٽ آيو
۽ اچي چيائينس ته “اسان ڏاندن سان هر پئي ڪاهيا ۽ گڏهه ويجهو
ئي چري رهيا هئا، 15 ته اوچتو شبا ملڪ جي ماڻهن اچي حملو ڪيو
۽ انهن سڀني کي ڪاهي ويا. هنن توهان جي نوڪرن کي تلوار جي
ڌار سان ڪهي ڇڏيو آهي. رڳو آءٌ ئي بچي نڪتو آهيان، جو توهان
کي اچي خبر ڏني اٿم.”
16 اجا اهو ڳالهائي ئي رهيو هو ته هڪڙي ٻئي نوڪر اچي کيس
ٻڌايو ته “آسمان مان باهه ڪري آهي ۽ رڍن ٻڪرين ۽ ڌنارن کي
ساڙي ڇٽ ڪري ڇڏيو اٿس. رڳو آءٌ ئي بچي نڪتو آهيان، جو توهان
کي اچي خبر ڏني اٿم.”
17 اجا انهيءَ ڳالهايو ئي پئي ته هڪڙي ٽئين نوڪر به اچي چيو
ته “ڪسدين ٽن ٽولن جي صورت ۾ اچي اٺن تي حملو ڪيو ۽ انهن
کي پڪڙي ڪاهي ويا. هنن توهان جي نوڪرن کي تلوار جي ڌار سان
ڪهي ڇڏيو آهي. رڳو آءٌ ئي بچي نڪتو آهيان، جو توهان کي اچي
خبر ڏني اٿم.”
18 اهو نوڪر به اجا ڳالهائي ئي رهيو هو ته وري چوٿون نوڪر
اچي نڪتو ۽ چوڻ لڳو ته “توهان جي پٽن ۽ ڌيئرن پنهنجي وڏي ڀاءُ
جي گهر ۾ کاڌو پيتو پئي، 19 ته اوچتو ئي اوچتو بيابان جي پاسي
کان سخت واءُ اچي ڪڙڪيو، جنهن جي زور کان اهو گهر انهن مٿان
ڪري پيو ۽ اهي سڀ مري ويا. رڳو آءٌ ئي بچي نڪتو آهيان، جو
توهان کي اچي خبر ڏني اٿم.”

## ايوب جو صبر

20 تڏهن ايوب اٿيو ۽ ڏک وچان پنهنجا ڪپڙا ڦاڙيائين ۽ مٿو
ڪوڙيائين. پوءِ زمين تي ڪري سجدو ڪندي 21 چوڻ لڳو ته

“جڏهن آءٌ ماءُ جي پيٽان نڪتو هوس،
تڏهن به آءٌ خالي هٿين هيس.
جڏهن آءٌ هن دنيا مان ويندس،
تڏهن به آءٌ خالي هٿين ويندس.
بيشڪ خداوند ئي ڏنو هو،
هن ئي هاڻ موٽائي ورتو آهي،
شال سندس نالو سڳورو هجي.”

22 انهن سڀني واقعن ٿيڻ جي باوجود ايوب خدا تي بيجا تهمت
هڻڻ جو گناهه نه ڪيو.

## ايوب جي ٻي آزمائش

2 1 وري هڪڙي ڏينهن جڏهن ملائڪ خداوند جي حضور ۾ حاضر
ٿيڻ لاءِ آيا، تڏهن شيطان به ساڻن گڏجي خداوند آڏو اچي حاضر

*شيطان: خدا جي مخلوق مان اهو جيڪو انسانذات تي الزام هڻندو آهي. عبراني ٻوليءَ ۾ شيطان لفظ جي معنىٰ آهي “الزام هڻندڙ”.

6:1 پيد 2:6   1:9–11 مڪا 10:12

تيو. 2 خداوند شيطان کان پڇيو تہ ”تون ڪٿان ٿو اچين؟“ شيطان
ورندي ڏني تہ ”آءٌ ڌرتيءَ تان هيڏانهن هوڏانهن گشت ڪندو ۽
گهمندو ڦرندو پيو اچان.“
3 تڏهن خداوند شيطان کي چيو تہ ”تو منهنجي ٻانهي ايوب جي
حال تي بہ ڪو غور ڪيو؟ جو هن جهڙو ڪامل ۽ سچو انسان ڌرتيءَ
تي پيو ڪوبہ ڪونهي، جيڪو مون خدا جو خوف ٿو رکي ۽ بڇڙائيءَ
کان پاسو ڪري ٿو. هو اڃا تائين بہ سچائيءَ تي قائم رهندو اچي،
جيتوڻيڪ تو مون کي هن جي خلاف ڇوريو تہ بي‌سبب کيس ناس
ڪريان.“ 4 تڏهن شيطان خداوند کي ورندي ڏيئي چيو تہ ”بيشڪ،
انسان پنهنجي حياتي بچائڻ جي عيوض ۾ جيڪي ڪجهہ وٽس آهي
سو سڀ ڏيئي بہ ڇڏي تہ اها ڪا وڏي ڳالهہ ناهي. 5 پر هاڻي تون
پنهنجو هٿ ڊگهيري سندس جان کي نقصان پهچاءِ، پوءِ ڏس تہ
هو ڪيئن نہ تنهنجي منهن تي تنهنجي خلاف ڪفر ٿو ڳالهائي.“
6 خداوند شيطان کي چيو تہ ”ٺيڪ آهي، هو تنهنجي اختيار ۾ آهي،
پر هن جي حياتي رکجو بچيل رهي.“
7 تڏهن شيطان خداوند جي حضور مان نڪري هليو ويو ۽ وڃي
ايوب کي پيرن جي ترين کان وٺي مٿي جي چوٽيءَ تائين خوفناڪ
ڦرڙين جي تڪليف ڏنائين. 8 سو ايوب انهيءَ حالت ۾ اٿي وڃي
خاڪ ۾ وينو، جتي هڪڙي ٺڪريءَ سان پاڻ کي پيو کرڙيندو هو.
9 تڏهن سندس زال چيس تہ ”اڃا بہ تون پنهنجي سچائيءَ تي
قائم رهندين ڇا؟ خدا جي خلاف ڪفر ڳالهاءِ ۽ مري وڃ.“ 10 پر
ايوب چيس تہ ”اي بي‌وقوف عورت! تون اهو ڇا پيئي ڳالهائين؟
جڏهن اسين خدا جي هٿان چڱيون شيون قبول ٿا ڪريون، تہ پوءِ
بريون شيون ڇو نہ قبول ڪريون؟“ انهن سڀني واقعن جي باوجود
ايوب ڪفر نہ ڳالهايو.

## ايوب جي دوستن جو وٽس اچڻ

11 هاڻي جڏهن ايوب جي ٽن دوستن، اليفز تيماني، بلدد سوخي
۽ ضوفر نعماتيءَ مٿس آيل انهيءَ ساريءَ مصيبت جو احوال ٻڌو،
تڏهن پنهنجي پنهنجي شهر کان اچي گڏ ٿيا ۽ پاڻ ۾ صلاح ڪيائون
تہ هلي ايوب سان ڏک ونڊين ۽ کيس تسلي ڏين. 12 جڏهن اڃا هو
پرڀرو ئي هئا تہ ايوب تي نظر پين، مگر کيس سڃاڻي نہ سگهيا. پر
جڏهن کيس سڃاتائون تڏهن اهي رڙيون ڪري روئڻ ۽ پنهنجا ڪپڙا
ڦاڙڻ لڳا ۽ پنهنجن مٿن ۾ مٽي وڌائون. 13 پوءِ اهي ست ڏينهن ۽
ست راتيون ايوب سان گڏ زمين تي وينا رهيا. پر منجهائن ڪنهن بہ
ساڻس هڪڙو لفظ بہ نہ ڳالهايو، ڇالاءِجو هنن ڏٺو تہ ايوب نهايت
ئي تڪليف ۾ هو.

## ايوب جو واءِويلا ڪرڻ

3 1 تنهن کان پوءِ ايوب پنهنجي زبان کولي ۽ پنهنجي ڄمڻ جي
ڏينهن کي پٽڻ لڳو. 2 هو چوڻ لڳو تہ
3 ”جنهن ڏينهن تي آءٌ ڄائو هيس،
شال انهيءَ ڏينهن کي باهہ لڳي.
شال انهيءَ رات کي پڻ باهہ لڳي،
جنهن رات آءٌ پيٽ پيو هيس.
4 شال منهنجي ڄمڻ وارو ڏينهن اونداهو ٿي وڃي،
شال خدا انهيءَ جو ڪو لحاظ نہ ڪري،
شال انهيءَ جي مٿان ڪا روشني نہ چمڪي.
5 شال اوندهہ ۽ موت جو پاڇو اچي انهيءَ ڏينهن تي قبضو ڪري،
شال مٿس اونداهيءَ وارو ڪڪر ڇانيل رهي.
شال انهيءَ ڏينهن کي هيبتناڪ شيون اچي ڊيڄارين،
هائو، اهي جيڪي ڏينهن کي اونداهو ٿيون ڪري ڇڏين.
6 شال منهنجي پيٽ پوڻ واري رات کي
اچي گهُگهُہ اوندهہ پڪڙي،
شال سال جي راتين مان ئي انهيءَ کي ڪڍيو وڃي،
شال مهينن ۾ انهيءَ رات جو شمار ئي نہ ڪيو وڃي.
7 شال انهيءَ رات ۾ ڪو ئي بہ ٻار نہ ڄمي،
هائو، شال انهيءَ رات ۾ ڪو خوشيءَ جو آواز ٻڌڻ ۾ نہ اچي.

8 جيڪي لعنتي ڪري ڇڏڻ جي طاقت ٿا رکن،
شل اهي انهيءَ رات کي لعنتي ڪري ڇڏين،
يعني اهي ئي جادوگر،
جيڪي اژدها بلا کي بہ پنهنجي قبضي ۾ رکي ٿا سگهن.
9 شال انهيءَ رات جي صبح جا تارا بلڪل ڪارا ٿي وڃن،
اها روشنيءَ جي راهہ تڪيندي رهي پر شل کيس اها نہ ملي،
هائو، اها رات شل صبح جا ڪرڻا ئي نہ ڏسي.
10 انهيءَ رات تي لعنتون اچن،
جو منهنجي ماءُ کي سنڌ نہ ڪيائين،
انهيءَ لاءِ تہ آءٌ هجان ئي نہ ها تہ هي سور بہ نہ ڏسان ها!“

## ايوب جو موت جي تمنا ڪرڻ

11 ”ڪاش! آءٌ پنهنجي ماءُ جي پيٽ اندر ئي مري وڃان ها!
يا وري پيٽ منجهان نڪرندي ئي ڇو نہ مون کي موت آيو!
12 پر وري منهنجيءَ ماءُ ڇو مون کي پنهنجي هنج ۾ ويهاريو؟
هن ڇو مون کي پنهنجو ٿڃ پياريو؟
13 ورنہ جيڪر هن وقت آءٌ قبر اندر پيو هجان ها!

3:1–19 ير 20:14–18

هائو، آءٌ ستل هجان ها ۽ آرام پيو ڪريان ها.
14 هائو، آءٌ ڌرتيءَ جي انهن بادشاهن
۽ وزيرن وانگر پيو هجان ها!
جن پنهنجي لاءِ مقبرا اڏي ڇڏيا هئا.
15 هائو، آءٌ انهن اميرن وانگر ستل هجان ها!
جن جا گهر چانديءَ ۽ سون سان ڀريل هئا.
16 يا وري ڪچن مهينن جي ڪريل ٻار جيان
لڪائي دفنايو وڃان ها!
هائو، انهيءَ ٻار وانگر جيڪو ڪڏهين روشني ڪين ڏسي ٿو.

17 آءٌ اتي قبر ۾ هجان ها جتي بڇڙا به نه ٿا ايذائجن.
اتي ٿڪل ٽٽل پورهيت به آرام وٺندا رهن ٿا.
18 اتي ته قيدي به گڏجي فرحت ۾ ٿا گذارين،
۽ ڪم وٺندڙ جي مقدم جو آواز به ڪين ٿا ٻڌن.
19 اتي ننڍا توڙي وڏا سڀيئي برابر آهن،
اتي نه ڪو غلام آهي ۽ نه وري ڪو مالڪ.

20 جيڪي مصيبت ۾ آهن تن کان حياتي ڇو نه ٿي کسي وڃي؟
جيڪي زندگيءَ کان بيزار آهن تن کي اها ڇو ٿي ڏني وڃي؟
21 اهي موت جي راهه ڏسن ٿا پر ڪين موت نه ٿو اچي.
اهي لڪل خزاني جي ڳولها کان به وڌيڪ
موت جي ڳولها ڪن ٿا.
22 اهي تڏهن ئي شادمان ۽ خوش ٿين ٿا،
جڏهن مري وڃي قبر ۾ پون ٿا.
23 جن جي حياتيءَ جو مقصد ئي ختم ڪيو ويو آهي،
تن کي حياتي ڇو ٿي ڏني وڃي؟
هائو، جن کي خدا چوڌاري لوڙها ڏيئي بند ڪري رکيو آهي.

24 آهون ۽ دانهون منهنجو کاڌو بڻيون آهن،
روج ۽ راڙو منهنجي واتان پاڻيءَ وانگر وهندو ٿو رهي.
25 جنهن ڳالهه کان آءٌ ڊڄان ٿو،
سا ئي منهنجي مٿان اچيو پوي،
هائو، جنهن ڳالهه کان مون کي دهشت وٺيو وڃي،
سا ئي مون سان ٿيو پوي.
26 مون کي نه ڪا تسلي ٿي ملي ۽ نه ڪو آرام ٿو مليم،
منهنجي دل مان سڪون هليو ويو آهي،
چوته مصيبتن جو پهاڙ اچي ٽٽو اٿم."

## اليفز جو پهريون گفتگو

(4:1–5:27)

## اليفز جو ايوب کي تاڪيد ڪرڻ

4 1 تڏهن اليفز تيمانيءَ ايوب کي ورندي ڏيئي چيو ته
2 "اي ايوب! جيڪڏهن تو کي ڪا ڳالهه چئجي ته
ٿي سگهي ٿو تو کي رنج پهچي،
پر چوڻ کان سواءِ رهي به ته نه ٿو سگهجي.
3 ڏس، تو گهڻن ئي کي تعليم ڏني آهي،
گهڻن ئي هيڻن جي همراهي ڪئي اٿيئي.
4 تنهنجي ڳالهين ته ڪرندڙن کي به سنڀالي ورتو آهي،
هائو، ٿڙڪي ويندڙ قدمن کي به تو قائم رکيو آهي.
5 پر هاڻ جڏهن تو تي مصيبت اچي پيئي آهي،
تڏهن تون همت هاري ويٺو آهين!
مصيبت اچي تو کي ڇهيو آهي،
ته تون گهٻرائجي ويو آهين!
6 تو کي پنهنجي رستن جي سچائيءَ ۾ اميد ناهي ڇا؟
تو کي پنهنجي پرهيزگاريءَ تي ڪو ڀروسو ناهي ڇا؟

7 سوچي ڏس ته بي‌گناهه به ڪڏهن ناس ٿيو آهي ڇا؟
يا سچار به ڪڏهن برباد ڪيو ويو آهي ڇا؟
8 بلڪ مون ته ڏٺو آهي ته جيڪي بدڪاريءَ جو هر ٿا ڪاهين،
۽ ايذائڻ جو ٻج ٿا پوکين،
سي لڻن به بدڪاري ۽ ايذاءُ ئي ٿا.
9 اهي خدا جي ڦوڪ سان ڇٽ ٿي وڃن ٿا،
هائو، سندس غضبناڪ ڦوڪ سان اهي مريو کپيو وڃن.
10 جيتوڻيڪ اهي ببر شينهن وانگر گجگوڙ ۽ گجڪار ٿا ڪن،
مگر خدا انهن کي ماٺ ڪرائي ڇڏي ٿو،
هائو، هو انهن جا ڏند ڀڃي ڪين بي‌وس بڻائي ٿو ڇڏي.
11 اهي انهن شينهن وانگر آهن،
جيڪي شڪار نه ملڻ ڪري مري وڃن ٿا،
۽ انهن جا ٻچا ڪٿو ڪٿو ٿي وڃن ٿا."

## اليفز کي ٻڌايل راز

12 "ڏس، مون کي راز جي هڪڙي ڳالهه
ايترو ته هوريان ٻڌائي ويئي،
جو آءٌ مشڪل سان ئي اها ٻڌي سگهيس.

3:21 مڪا 9:6

13 هي رات جي انڌيءَ وقت ٿيو،
جڏهن آءٌ خوابن ۾ گم هوس،
هائو، ان وقت جڏهن ماڻهن تي گهري ننڊ غالب ٿئي ٿي.
14 تڏهن مون کي اهڙي تہ ڊپ ۽ ڏڪڻيءَ اچي ورتو،
جو منهنجي لڱن ۾ ڪنبڻي پئجي ويئي.
15 پوءِ منهنجي منهن کي هوا جو هڪ جهوٽو ڇهي لنگهي ويو،
تڏهن ڊپ وچان منهنجي بدن جا وار بہ اُڀا ٿي ويا.
16 بس اها هڪڙي شڪل هئي،
جيڪا منهنجي اکين اڳيان ٿي بيٺي،
مگر آءٌ انهيءَ کي چٽيءَ طرح ڏسي ڪين ٿي سگهيس،
تڏهن خاموشيءَ ۾ مون کي هڪڙو آواز ٻڌڻ ۾ آيو،
جنهن چيو تہ
17 'ڇا ڪو فاني انسان خدا آڏو سچار ٿي سگهي ٿو؟
ڇا ڪو ماڻهو خدا آڏو پاڪ ٿي سگهي ٿو؟
18 ڏس، جيڪڏهن هو
پنهنجي آسماني ٻانهن تي بہ ڀروسو ڪين ٿو رکي،
هائو، پنهنجي فرشتن کي بہ جيڪڏهن هو ڏوهاري ٺهرائي ٿو،
19 تہ پوءِ انسان، جيڪي ٺهيل ئي مٽيءَ جا آهن،
۽ جن جو بنياد ئي مٽي آهي،
۽ جيڪي پوپٽ وانگر چيچجيو ٿا وڃن،
سي ان جي نظر ۾ ڇا هوندا؟
20 هو صبح جو تہ آهن پر شام ٿيڻ تائين اهي مريو وڃن،
هائو، هميشہ هميشہ لاءِ اهي چٽ ٿي وڃن ٿا،
ڪوبہ انهن ڏانهن ڌيان ڪونہ ٿو ڏئي.
21 سندن زندگيءَ جي تنبوءَ جا رسا پٽي ڪڍيا وڃن ٿا،
۽ ڏاهپ سکڻ کان اڳ ئي اهي مري کپي ٿا وڃن.'"

## مصيبت جو ڪارڻ انسان پاڻ

5 1 اليفز ايوب کي وڌيڪ چيو تہ
"اي ايوب! هاڻ ڀلي تون پڪاري ڏس، ڪنهن کي پڪاريندين؟
آهي ڪا ٻي اهڙي هستي جيڪا اچي تنهنجي مدد ڪري؟
2 خبردار، چڙ بيعقل ماڻهوءَ کي ماريو ڇڏي،
هائو، خدا سان ناراضگي نادان ماڻهوءَ کي ڪُهي ڇڏي ٿي.
3 بيعقل ماڻهوءَ کي مون پاڙ هڻندي تہ ڏٺو آهي،
پر اهو بہ ڄاڻان ٿو تہ هو لعنتي آهي،
سو اوچتو ئي اوچتو سندس گهر تي اچي لعنت پوي ٿي.
4 هن جا ٻار ٻچا سلامتيءَ کان پري آهن،
ڪين عدالت جي دروازي تي ئي چيڀاٽيو وڃي ٿو،
۽ ڪوبہ ڪين ڇڏائڻ وارو ڪونهي.
5 بيعقل ماڻهوءَ جو فصل بکايل کايو ڇڏين،
بلڪ ڪنڊن جي لوڙهي مان بہ
فصل جا داڻا ڪڍي کايو ٿا وڃنس.
لوڀي ماڻهو سندس مال ملڪيت کي ڳڙڪائي وڃن ٿا.
6 مطلب تہ مصيبت مٽيءَ مان ڦٽي ڪين ٿي نڪري،
نڪي تڪليف زمين مان ٿي اپري.
7 پر جهڙيءَ طرح باهہ جون چڻنگون
آسمان ڏانهن ئي اڏامنديون آهن،
تهڙيءَ طرح انسان بہ
پنهنجي لاءِ پاڻ ئي تڪليف پيدا ڪري ٿو."

## اليفز جي ايوب کي صلاح

8 "پر اي ايوب! جي آءٌ تنهنجي جاءِ تي هجان ها،
تہ آءٌ خدا جي مدد جو طالبو هجان ها،
هائو، آءٌ پنهنجو معاملو خدا جي حوالي ڪري ڇڏيان ها.
9 بيشڪ خدا اهڙا تہ وڏا وڏا ڪم ڪري ٿو،
جيڪي سمجهہ کان ٻاهر آهن،
هائو، سندس عجيب ڪمن کي شمار ئي نہ ٿو ڪري سگهجي.
10 هو زمين تي مينهن وسائي ٿو،
۽ ٻنين کي ريج ڏئي ٿو.
11 هو پستيءَ ۾ ڪري پيلن کي بلنديءَ تي پهچائي ٿو،
۽ غمگينن کي خوشحاليءَ سان سرفراز ڪري ٿو.
12 هو دوکيبازن جون رٿون برباد ڪري ڇڏي ٿو،
تان جو سندن رٿيل منصوبا بلڪل ناڪام ٿي وڃن ٿا.
13 هو ڏاهن کي سندن ئي چالاڪيءَ ۾ ٿو ڦاسائي،
هائو، هو اهڙن ماڻهن جي ٺڳين کي ابتو ڪري ڇڏي ٿو.
14 خدا سندن يقيني ڪاميابيءَ کي بہ
ناڪاميءَ ۾ بدلائي ڇڏي ٿو،
ائين هو اهڙا بي‌وس ٿي وڃن ٿا،
جو ڏينهن اونداهيءَ ۾ هٿوراڙيون هڻندا رهجي وڃن ٿا.
15 مگر محتاجن کي خدا انهن ماڻهن جي زبان جي تلوار کان،
۽ زورآورن جي چنبي کان بچائي وٺي ٿو.
16 سو غريب کي اميد رهي ٿي،
۽ بي‌انصافي پنهنجو وات بند ڪري ڇڏي ٿي."

## اليفز جو ايوب کي بحاليءَ جي دلداري ڏيڻ

17 "ياد رک، اهو ماڻهو سڀاڳو آهي،
جنهن کي خدا تنبيهہ ڪري ٿو.
تنهنڪري تون قادرِمطلق خدا جي سيکت کي نہ ٺڪار.

---

4:13 ايو 15:33 5:13 1.ڪر 3:19 5:17 مثل 3:11–12، عبر 12:5–6

18 ڇالاءِجو هو زخمي ڪري ٿو تہ پٽي بہ اهو ئي ٻڌي ٿو.
هو ڦٽي ٿو تہ ڇٽائي ڇڱو ڀلو بہ هو ئي ڪري ٿو.
19 هو تو کي بار بار مصيبتن مان ڇڏائيندو،
هائو، ڪا ئي خرابي تو کي نقصان نہ رسائيندي.
20 ڏڪار ۾ هو تو کي موت کان بچائيندو،
۽ جنگ ۾ پڻ تلوار جي ڌار کان بچائيندو.
21 تون مخالفن جي زبان کان محفوظ رهندين،
۽ جڏهن ڪا مصيبت ايندي تڏهن تو کي ڪو ڊپ نہ ٿيندو.
22 تباهي ۽ ڏڪار بہ تو آڏو خسيس شيون هونديون،
۽ جهنگلي جانورن کان تون بلڪل نہ ڊڄندين.
23 ڇالاءِجو جيڪا ٻني تون کيڙيندين سا پٿرن کان صاف هوندي،
۽ جهنگلي جانور تو تي ڪو حملو ڪين ڪندا.
24 پوءِ تون ڄاڻي وٺندين تہ تنهنجو گهر سلامتيءَ ۾ آهي،
پنهنجي واڙي ۾ اچي ڏسندين تہ ڪوبہ جانور گم نہ هوندو.
25 تون اهو بہ ڄاڻي وٺندين تہ تنهنجو اولاد وڌندو،
هائو، تنهنجو نسل زمين جي گاهہ کان بہ گهڻو وڌندو ويندو.
26 تون وڏي عمر ماڻي پوءِ وڃي قبر ۾ پوندين،
هائو، ائين ئي جيئن ان جا ڳڏا
پنهنجي پوري وقت تي ڳڏ ڪيا آهن.
27 ڏس، اسان اهو سڀ جاچي ڏٺو آهي،
۽ بيشڪ اهو سڀ سچ آهي،
تنهنڪري تون انهن تي ڌيان ڏي،
۽ انهن مان پنهنجو فائدو حاصل ڪر."

## ايوب جو اليفز کي ورندي ڏيڻ
(21:7–1:6)

### ايوب جو ڏک جو اظهار ڪرڻ

6 1 تڏهن ايوب اليفز کي ورندي ڏيئي چيو تہ
2 "ڪاش! ائين ممڪن هجي ها،
جو منهنجا ڏک ۽ منهنجون مصيبتون
تارازيءَ ۾ توريا وڃن ها!
3 تہ هوند اهي سمنڊ جي واريءَ کان بہ وڌ ڳرا نڪرن ها.
سو جي منهنجون ڳالهيون کهريون آهن تہ
ان ۾ ڪهڙي عجب جي ڳالهہ آهي!
4 قادرِمطلق خدا مصيبتن جا تير
منهنجي اندر ۾ چڀائي ڇڏيا آهن،
جن جو زهر منهنجي پوريءَ جان ۾ ڦهلجي ويو آهي.
هائو، خدا جون ڊيڄاريندڙ ڳالهيون
منهنجي خلاف صفون ٻڌي ٿيون بيهن.

5 ڇا ڪو جهنگلي گڏهہ ان وقت هينگي ٿو،
جڏهن گاهہ سندس اڳيان هجي؟
ڇا ڪو ڏاند ان وقت رنڀي ٿو جڏهن چارو سندس اڳيان هجي؟
6 ڀلا جنهن کاڌي ۾ لوڻ هجي ئي نہ،
تہ منجهس ڪو سواد ٿي سگهجي ٿو؟
يا آنيءَ جي رڳو اڇاڻ ئي اڇاڻ ۾ ڪو سواد آهي ڇا؟
7 منهنجي دل تہ اهڙي کاڌي کي هٿ لائڻ بہ پسند نہ ٿي ڪري.
اهڙي کاڌي کان مون کي ڪراهت ٿي اچي."

### ايوب جي نااميدي

8 "خدا منهنجي اميد پوري ڇو نہ ٿو ڪري؟
جنهن شيءِ جو آءٌ خواهشمند آهيان،
سا هو مون کي ڇو نہ ٿو ڏئي؟
9 ڪاش! خدا منهنجي اميد پوري ڪري جو مون کي ماري ڇڏي!
ڪاش! هو پنهنجو هٿ ڊگهيري منهنجي حياتي وڍي اڇلائي!
10 جيڪڏهن مون کي معلوم ٿئي تہ خدا ائين ڪندو،
تڏهن جيڪر مون کي تسلي ٿئي،
۽ هي دائمي ايذاءَ آءٌ خوشيءَ سان پيو سهان،
ڇالاءِجو مون انهيءَ پاڪ هستيءَ جي ڳالهين جو
ڪڏهن بہ انڪار ناهي ڪيو.
11 مون ۾ ڪهڙي طاقت رهي آهي،
جو آءٌ ڇڱي ڀڇاڙيءَ جو انتظار ڪريان؟
۽ منهنجي ڇڱي ڀڇاڙي ڪهڙي آهي،
جو آءٌ انهيءَ لاءِ صبر ڪري ويهي رهان؟
12 ڀلا آءٌ ڪو پٿر جو ٺهيل آهيان ڇا؟
يا منهنجو جسم ڪو پتل جو آهي ڇا؟
13 ڇا ائين نہ آهي تہ آءٌ لاچار آهيان؟
۽ مون ۾ بچڻ جي اميد بلڪل نہ رهي آهي؟"

### دوستن خلاف ايوب جي شڪايت

14 "جيڪو پنهنجي نااميد دوست کي مهرباني نہ ٿو ڏيکاري،
سو ڄڻ انهيءَ ماڻهوءَ وانگر آهي،
جيڪو قادرِمطلق جو خوف نہ ٿو ڪري.
15 اوهان دوستن مون سان
انهن فريب ڏيندڙ نهرن وانگر ٺڳي ڪئي آهي،
جيڪي پاڻيءَ جي موسم ۾ تہ پاڻيءَ سان ڀريل هونديون آهن،

16 انهن نهرن ۾ جهجهو پاڻي وهندو رهندو آهي،
جيڪو پگھريل برف مان وهندو آهي،
17 پر گرميءَ جي وقت
انهن جو پاڻي زمين ۾ جذب ٿي غائب ٿيو وڃي،
۽ اهي نهرون سڪي ٺوٺ ٿي وينديون آهن.
18 تڏهن جيڪي قافلا پاڻيءَ لاءِ پنهنجي رستي کان مڙي اچن ٿا،
سي اتي اچي سُڃ ۾ ڦاسي ناس ٿي وڃن ٿا.
19 تيما کان ايندڙ قافلا پاڻي تلاش ڪندا رهن ٿا،
۽ شبا کان ايندڙ ٽوليون انهيءَ لاءِ واجهائينديون رهن ٿيون.
20 پر اهي شرمندا ٿين ٿا، ڇالاءِجو هنن اميد ٿي رکي،
اهي اتي پهچن ٿا ته رڳو مايوسي ئي ڪين پلئه پوي ٿي.
21 اهڙيءَ ئي طرح اوهين منهنجي لاءِ
اهڙيون خشڪ نهرون ثابت ٿيا آهيو.
اوهين ڇو منهنجي مصيبت ڏسي ڊڄي هٽي ٿا وڃو؟
22 ڇا مون اوهان کي چيو آهي ته مون کي ڪا سوکڙي ڏيو؟
يا هي ته پنهنجي مال ملڪيت مان
ڪنهن کي منهنجي طرفان ڪا رشوت ڏيو؟
23 يا مون کي دشمنن جي هٿان ڇڏايو؟
يا ظالمن جي هٿان منهنجي جند آزاد ڪرايو؟“

## ايوب جو پاڻ کي بي‌ڏوهي چوڻ

24 ”اوهين مون کي ٻڌايو ته مون ڪهڙو ڏوهه ڪيو آهي؟
جيڪڏهن اوهين مون کي هن مصيبت جو حقدار ثابت ڪندا،
ته پوءِ آءٌ ماٺ ڪري ويهندس.
25 سچيون ڳالهيون ڪيتريون نه اثرائتيون ٿينديون آهن!
پر اوهان جا دليل ته بلڪل بي‌اثر ۽ بيڪار آهن.
26 اوهين سمجهو ٿا ته منهنجون ڳالهيون هوائي آهن،
ته پوءِ نااميديءَ ۾ چيل منهنجي انهن ڳالهين تي
ڇو بي‌رحميءَ سان ڇينڀيو ٿا؟
27 ڇا اوهين اهڙا سنگدل ٿيا آهيو
جو ڪُٺا وجهي يتيمن کي غلام بڻايو؟
ڇا اوهين دوستن کي واپاري مال بڻائڻ وارا ٿيندا؟

28 هاڻي، مهرباني ڪري مون ڏانهن ڌيان ڏيو،
آءٌ اوهان جي آڏو هرگز ڪوڙ نه ڳالهائيندس.
29 آءٌ اوهان کي منٿ ٿو ڪريان ته بي‌انصافيءَ کان باز اچو،
هائو، باز اچو، ڇوته آءٌ حق تي آهيان.
30 ڇا منهنجي زبان تي ڪا بي‌انصافيءَ جي ڳالهه آهي؟
ڇا فتني فساد وارين ڳالهين کي
سڃاڻڻ جو مون ۾ ڪو شعور ڪونهي؟“

## زندگيءَ بابت ايوب جي شڪايت

7 1 ”ڇا ڌرتيءَ تي انسان جي زندگي جنگي بيگار نه آهي؟
ڇا هن جا ڏينهن مزور جي ڏينهن وانگر نه آهن؟
2 جيئن اس ۾ ڪم ڪندڙ ڪو غلام
ڇانوَ جي اجائي آرزو رکي ٿو،
جيئن ڪو مزور
پنهنجي مزوريءَ جي ملڻ جو بي‌فائدي انتظار ڪندو هجي،
3 تيئن ئي مهينن پنيان مهينا
منهنجي زندگي بي‌فائدي پيئي گذري،
منهنجون راتين پنيان راتيون تڪليف ۾ ٿيون گذرن.
4 جڏهن آءٌ ليٽندو آهيان تڏهن سوچيندو آهيان ته
’الاجي ڪڏهن ڏينهن ٿيندو.‘
رات ايتري ته ڊگهي ٿي ويندي آهي،
جو پرهه ڦٽيءَ تائين رڳو پيو اٿلندو پٿلندو آهيان.
5 منهنجو ماس ڪينئن ۽ ڪرنڊن سان پريو پيو آهي.
منهنجي چمڙي هڪ هنڌان ٺيڪ ئي نه ٿي ٿئي ته
ٻئي هنڌان ڦاٽي پوي ٿي.
6 منهنجي حياتيءَ جا ڏينهن
ڪوريءَ جي اڏاڻي واري لٺ کان به تيزيءَ سان ٿا هلن،
اهي نااميديءَ ۾ پورا ٿيندا ٿا وڃن.

7 آءٌ خدا کي ياد ٿو ڏياريان ته
منهنجي زندگي ته رڳو ڦوڪ مثل آهي،
۽ منهنجون اکيون وري خوشي ڪين ڏسنديون.
8 جيڪي ماڻهو مون کي هينئر ڏسن ٿا،
سي منهنجي موت بعد مون کي وري نه ڏسندا.
هائو، آءٌ ائين گم ٿي ويندس جو جڏهن خدا مون ڏانهن نهاريندو،
ته آءٌ هوندس ئي ڪونه.
9 جيئن ڪو ڪڪر لنگهي گم ٿيو وڃي،
تيئن قبر ۾ لهي وڃڻ وارو وري مٿي نه ٿو اچي.
10 اهو پنهنجي گهر وري موٽي نه ايندو،
بلڪ پنهنجي گهر وارن کان به اهو وسري ويندو.“

## ڇڏي پري ٿيڻ لاءِ ايوب جو خدا کي عرض

11 ”تنهنڪري آءٌ پنهنجي وات کي ڪين روڪيندس،
بلڪ آءٌ پنهنجي روح جي رنج مان ڳالهائيندس،
آءٌ پنهنجي جان جي عذاب ڪري خدا سان شڪايت ڪندس:

12 آءٌ ڪا *خونخوار سامونڊي بلا آهيان ڇا،
جو تون منهنجي چوڌاري بند ٿو ٻڌين؟
13 جڏهن آءٌ سمهي آرام وٺڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو،
تان‌تہ جيئن پنهنجي ڏک کي گهٽائي سگهان،
14 تڏهن تون وري خوابن ۾ مون کي ڊيڄارين ٿو،
۽ رويائن جي وسيلي مون کي دهشت وٺايو ڇڏين.
15 ايتري قدر جو
منهنجي جان گهُٽجي مرڻ کي پسند ڪرڻ لڳي ٿي،
هائو، ڏک جي ڪري موت کي پسند ڪرڻ لڳي ٿي.
16 مون کي پنهنجي حياتيءَ کان نفرت آهي،
بس هاڻ آءٌ گهڻي وقت تائين ڪين جيئندس.
سو هاڻ تہ مون کي ڇڏي پري ٿيءُ،
ڇوتہ منهنجي حياتي ڪنهن دم جي مهمان آهي.

17 خسيس انسان کي تون ايڏي اهميت ڇو ٿو ڏئين؟
ڇو تون هن کي سدائين پنهنجي نظر ۾ ٿو رکين؟
18 جو هر صبح تون سندس تاڙ ڪرين،
۽ هر گهڙيءَ کيس آزمائش ۾ پيو وجهين.
19 ڪيستائين تون پنهنجي نظر مون تي ڄمايو رهندين؟
ڇا مون کي ايتري بہ مهلت نہ ڏيندين جو آءٌ ٿُڪ ڳهي وٺان؟
20 اي بني آدم مٿان داروغا!
جيڪڏهن مون کان ڪو گناهہ ٿئي بہ تہ تنهنجو ڇا بگڙندو؟
تو ڇو مون کي پنهنجو نشانو بڻايو آهي؟
ڇا آءٌ تو تي بار بڻيو آهيان؟
21 ڀلا جي تون منهنجو ڪو قصور سمجهين ٿو تہ
اهو معاف ڇو نہ ٿو ڪرين؟
تون منهنجي هيءَ مصيبت مون تان ڇو نہ ٿو ٽارين؟
ڇالاءِجو منهنجي قبر ۾ وڃي پوڻ ۾ ڪا دير ڪانهي.
هائو، آءٌ ائين گم ٿي ويندس،
جو جڏهن تون مون ڏانهن نهاريندين،
تہ آءٌ هوندس ئي ڪونہ."

## بلدد جو پهريون گفتگو

(8:1–22)

## بلدد جو ايوب کي ڇينڀڻ

8 1 تڏهن بلدد سوخيءَ ورندي ڏيئي ايوب کي چيو تہ
2 "ڪيستائين تون اهي ڳالهيون پيو ڪندين؟
ڪيستائين تنهنجون ڳالهيون آنڌي طوفان جيان هونديون؟
3 ڇا خدا عدل کي ڦيرائي ٿو ڇڏي؟
ڇا قادرِمطلق انصاف جو خون ٿو ڪري؟
4 جيڪڏهن تنهنجي اولاد سندس گناهہ ڪيو آهي،
تہ هن انهن کي سندن ئي گناهہ جي سزا ڏني آهي.
5 پوءِ بہ جيڪڏهن تون خدا جي مدد جو طالبو ٿيندين،
۽ قادرِمطلق کي ٻاڏائيندين،
6 تڏهن جي تون پاڪ ۽ سچو هوندين،
تہ پوءِ يقيناً هو تنهنجي مدد لاءِ اٿندو.
هو تنهنجي سچائيءَ جي انعام طور
تنهنجي گهراڻي کي وري بحال ڪندو.
7 ايتري قدر جو جيتوڻيڪ شروعات ۾ تو وٽ ٿورو ڪجهہ هو،
تہ بہ پڇاڙيءَ ۾ تو وٽ تمام گهڻو هوندو.

8 گهڙي پلڪ لاءِ
اڳين زمانن جي ڏاهپ بابت غور ويچار ڪري ڏس،
۽ ڇاڻي وٺ تہ اسان جي ابن ڏاڏن ڪهڙيون حقيقتون سکيون.
9 ڇالاءِجو اسين تہ ڪالهوڪا ٻار آهيون ۽ ڪجهہ نہ ٿا ڄاڻون،
ڌرتيءَ تي اسان جا ڏينهن هڪ پاڇي وانگر گذريو وڃن.
10 ابن ڏاڏن جون اهي حقيقتون تو کي هي سيکارينديون،
هائو، سندن دانائي تو کي هيءَ ڄاڻ ڏيندي تہ
11 ڪانو ڀلا سڪل زمين ۾ ڦٽي سگهي ٿو ڇا؟
يا ٻُوڙو پاڻيءَ کان سواءِ اپري سگهي ٿو ڇا؟
12 جڏهن تہ اهو اڃا وڌندو ئي ويندو آهي،
۽ وڍيو بہ ڪين ويندو آهي،
تہ پاڻي نہ ملڻ تي اهو ٻين ٻوٽن کان اڳي سڪي ويندو آهي.
13 خدا کي رد ڪندڙ ماڻهن جا رستا اهڙن ئي ٻُوڙن وانگر آهن،
هائو، اهڙن بي‌دينن جي هر اميد نابود ڪئي ويندي.
14 انهن جو آسرو ٽوڙيو ويندو،
ڇوتہ سندن ڀروسو ڪوريئڙي جي ڄار مثل آهي.

*خونخوار سامونڊي بلا: هي قديم لوڪ ڪهاڻين ۾ بيان ڪيل هڪ بلا ڏانهن اشارو آهي، جنهن کي قيد ڪري رکيو ويندو هو، تان‌تہ دنيا کي نقصان نہ پهچائي.

17:7 زب 8:4، 144:3

15 جيڪڏهن هو ڄاري کي ٽيڪ ڏيندا تہ
ڇا اهو ڪين ڪِرڻ کان بچائيندو؟
جيڪڏهن هو ڄاري کي چنبڙندا تہ ڇا اهو ڪين جهلي بيهندو؟

16 بدڪار ماڻهو انهن ٻوٽن وانگر اپرن ٿا،
جيڪي سٺي موسم ۾ وڌن ٿا.
انهن ٻوٽن جيان جيڪي سڄي باغ ۾ پکڙجي ٿا وڃن.
17 انهن جون پاڙون
توڙي جو پٿرن جي ڍِڳ کي چوڌاري ويڙهجي وڃن ٿيون،
يا وري پٿريلي جاءِ ۾ داخل ٿين ٿيون،
18 پر جڏهن انهن کي پٽڻ وارو پٽي ڪڍي ٿو،
تڏهن ڪنهن کي معلوم ئي نہ ٿو ٿئي تہ
اتي انهن جي ڪا جاءِ بہ هئي.
19 هائو، بدڪار ماڻهوءَ جو اهو ئي انجام آهي،
ائين سندس جاءِ تي وري ٻيو ڦُٽي نڪري ٿو.

20 پر ياد رک،
خدا بي‌قصور ماڻهوءَ کي ڪڏهن بہ ڇڏي نہ ٿو ڏئي،
نڪي بدڪار ماڻهوءَ جا هٿ مضبوط ٿو ڪري.
21 سو اي ايوب! هو هاڻي بہ تنهنجو وات کِلَ سان،
۽ تنهنجا چپ ٽهڪن سان ڀري سگهي ٿو.
22 هائو، جيڪي تو کي ڌڪارين ٿا،
سي بيحد شرمسار ٿيندا.
خدا بدڪارن جي گهرن کي برباد ڪري ڇڏيندو.“

## ايوب جو بلدد سوخيءَ کي ورندي ڏيڻ

(22:10–1:9)

### خدا آڏو ڪير ٿو بيهي سگهي؟

9
1 تڏهن ايوب بلدد کي ورندي ڏيئي چيو تہ
2 ”ٺيڪ آهي، تو جيڪي چيو سو آءٌ ڄاڻان ٿو،
پر هڪ انسان ڪهڙيءَ طرح
خدا جي آڏو سچو ثابت ٿي ٿو سگهي؟
3 جيڪڏهن انسان ساڻس بحث ڪرڻ بہ چاهي،
تہ سندس هڪ هزار ڳالهين مان
هڪڙيءَ جو بہ جواب ڏيئي ڪين سگهندو.
4 خدا بيحد ڏاهو ۽ نهايت قدرت وارو آهي.
ڪير آهي جيڪو سندس مقابلي ۾ اچي سلامت رهيو هجي؟
5 خدا اوچتو ئي اوچتو جبلن کي هٽائي ٿو ڇڏي،
بلڪ هو ڪاوڙ ۾ انهن کي اونڌو ڪري ٿو ڇڏي.
6 هو ڌرتيءَ کي سندس بنياد کان لوڏيو ڇڏي،
۽ ان جا ٿنڀا بہ ڏڪڻ ٿا لڳن.
7 هو سج کي حڪم ڏيئي اڀرڻ کان روڪي ٿو سگهي.
هو تارن کي پڻ چمڪڻ کان روڪي ٿو سگهي.
8 اهو ئي آهي جيڪو اڪيلي سر آسمانن کي پکيڙي ٿو،
۽ سمنڊ جي ڇولين کي پنهنجي مٺ ۾ رکي ٿو.
9 هو ئي ڪٽ، ٽيڙو، ڪتيءَ
۽ ڏکڻ وارن برجن جو خالق آهي.
10 هو اهڙا تہ وڏا وڏا ۽ بي‌شمار عجيب ڪم ڪري ٿو،
جيڪي سمجهہ کان ٻاهر آهن.

11 ڏس، جيڪڏهن هو منهنجي اڳيان گذري وڃي،
تہ بہ آءٌ کيس ڏسي نہ ٿو سگهان.
هو جيڪڏهن اڳتي لنگهي ٿو وڃي
تہ بہ مون کي خبر نہ ٿي پوي.
12 جيڪڏهن هو ڪجهہ کسي وٺي تہ
ڪير آهي جيڪو کيس روڪي سگهي؟
يا ڪنهن ۾ ايتري جرئت آهي جو کيس چوي تہ
’تون هي ڇا ٿو ڪرين؟‘
13 جڏهن خدا پنهنجي ڪاوڙ ڏيکاري،
تڏهن *سامونڊي بلا رهب جا ساٿي بہ
ڊپ وچان سندس پيرن ۾ اچي جهڪيا.

14 پوءِ مون کي ڪهڙي طاقت آهي جو
آءٌ ساڻس تڪرار ڪريان،
ساڻس بحث ڪرڻ لاءِ لفظ ڪٿان آڻيان؟
15 جيتوڻيڪ آءٌ بي‌قصور بہ آهيان،
تہ بہ آءٌ کيس جواب ڏيئي نہ ٿو سگهان،
آءٌ پنهنجي ان ڏوهاري ٺهرائيندڙ کي
رحم لاءِ رڳو منٿ زاري ئي ڪري سگهان ٿو.
16 جي ڪٿي خدا منهنجي معاملي کي
پنهنجي عدالت ۾ هلائڻ لاءِ راضي بہ ٿئي،
تہ بہ جيڪر آءٌ ويساهہ نہ ڪريان تہ هو ڪو منهنجي ٻڌندو.
17 ڇالاءِجو هو تِر جيتري ڳالهہ لاءِ بہ مون کي چيڀاٽي ٿو ڇڏي،

*سامونڊي بلا رهب: پراڻي دور جي هڪ ڪهاڻيءَ ۾ بيان ٿيل هڪڙي بلا، جنهن خدا سان مقابلو ڪيو هو.

2:9 ايو 17:4    9:9 ايو 38:31، عا 8:5

هائو، هو بنا ڪنهن سبب جي منهنجا زخم وڌائي ٿو ڇڏي.
18 هو مون کي ساهه پٽڻ نه ٿو ڏئي،
بلڪ مون کي سخت بيحاليءَ سان پري ٿو ڇڏي.
19 جيڪڏهن طاقت جي ڳالهه آهي ته
بيشڪ هو ئي طاقتور آهي.
جيڪڏهن انصاف جي ڳالهه آهي ته
ڪير مون کي انهيءَ کان انصاف وٺي ڏيندو؟
20 جيتوڻيڪ آءٌ بيقصور آهيان،
ته به منهنجي زبان ئي مون کي قصوروار ٺهرائيندي.
جيتوڻيڪ آءٌ بيگناهه آهيان،
ته به اها مون کي گنهگار ثابت ڪندي.“

## بيڏوهي هجڻ لاءِ ايوب جي دعويٰ

21 ”آءٌ بيگناهه ته آهيان،
پر هاڻي مون کي زندگيءَ جي ڪا پرواهه ڪانهي.
آءٌ پنهنجي حياتيءَ کي حقير ٿو ڄاڻان.
22 بيشڪ انهيءَ سان ڪو فرق نه ٿو پوي،
ڇوته خدا بيگناهه ۽ بدڪار کي هڪجهڙو ئي ناس ٿو ڪري.
23 جيڪڏهن وبا اوچتو اچي مارو ٿي وجهي،
ته هو بيگناهه جي مصيبت تي ويهي کلي ٿو.
24 خدا دنيا کي بدڪارن جي هٿن ۾ ڏيئي ڇڏيو آهي،
۽ انهيءَ جي ججن جون اکيون ٻڌي ڇڏيون اٿائين.
ڀلا جي خدا ائين نه ڪيو آهي ته ٻيو ڪير آهي؟

25 منهنجي زندگيءَ جا ڏينهن بنا ڪنهن خوشي ڏسڻ جي
نهايت تيزيءَ سان گذرندا ٿا وڃن.
هائو، اهي بلڪل اڏامندا ٿا وڃن.
26 اهي ڪانن جي ٻيڙيءَ وانگر تيزيءَ سان لنگهي ويا آهن،
هائو، انهيءَ باز وانگر،
جيڪو تيزيءَ سان پنهنجي شڪار تي لامارو ڏئي ٿو.
27 جيڪڏهن آءٌ چوان ته ’آءٌ پنهنجا ڏک وساري ڇڏيندس
۽ پنهنجي اداسي ڇڏي خوش گذاريندس،‘
28 تڏهن مون کي اجا وڌيڪ ڏکن ملڻ جو ڊپ وٺيو وڃي،
ڇالاءِجو آءٌ ڄاڻان ٿو ته خدا مون کي بيقصور نه ٺهرائيندو.
29 جڏهن ته مون کي اڳ ۾ ئي ڏوهاري ٺهرايو ويو آهي،
ته پوءِ آءٌ ڇا جي لاءِ اجائي جاکوڙ ڪريان؟
30 آءٌ پاڻ کي بيڏوهي ثابت ڪرڻ لاءِ
ڪيترو به ڪٽي ڪنهن صابڻ يا ڪنهن کار سان پاڻ کي ڌوئان،
31 تڏهن به هو مون کي
بدبودار گپ واري ان کڏ ۾ غوطو ڏياريندو،
ايتري قدر جو منهنجا ڪپڙا به مون کان نفرت ڪندا.

32 ڇالاءِجو خدا مون وانگر انسان نه آهي،
جو آءٌ ساڻس تڪرار ڪريان،
يا وري اسين ٻئي گڏجي ڪنهن عدالت ۾ حاضر ٿيون.
33 ڪاش! اسان ٻنهي جي فيصلي لاءِ ڪو امين هجي!
جيڪو اسان ٻنهي جي وچ ۾ انصاف ڪري.
34 پوءِ هو خدا جي لٺ مون تان پري ڪري،
ته جيئن سندس خوف مون کي وڌيڪ نه ڊيڄاري.
35 ته پوءِ آءٌ بيخوف ٿي ڳالهايان ۽ ڪائنس نه ڊڄان.
پر هاڻوڪي حالت ۾ ته آءٌ ڳالهائي به ڪين ٿو سگهان.“

## ايوب جي پنهنجي خالق سان حجت

10
1 ”آءٌ پنهنجي حياتيءَ کان بيزار آهيان،
تنهنڪري آءٌ پنهنجي شڪايت ڪندو رهندس.
آءٌ پنهنجي دل جي ڏک وچان چوان ٿو ته
2 ’اي خدا! مون کي ڏوهاري نه ٺهراءِ،
مون کي ٻڌاءِ ته ڪهڙي سبب تون مون سان وڙهين ٿو؟
3 ڇا تو کي انهيءَ مان ڪو فائدو ٿو ملي،
جو مون سان ظلم ڪرين،
پنهنجي ئي خلقيل کي ڌڪارين،
۽ بدڪار ماڻهن جي منصوبن کي ڪامياب ڪرين؟
4 ڇا تنهنجون اکيون ڪي ماس جون آهن؟
ڇا تون ڪو ماڻهن جيان ٿو سوچين؟
5 ڀلا تنهنجا ڏينهن ڪي انسانن جي ڏينهن وانگر مقرر آهن ڇا؟
تنهنجا سال ڪي انسانن جي سالن وانگر ختم ٿيندڙ آهن ڇا؟
6 جيڪڏهن ائين ناهي ته پوءِ ڇو تون مون ۾ ڏوهه ٿو ڳولهين؟
ڇو منهنجي گناهن بابت کوجنا ٿو ڪرين؟
7 جيتوڻيڪ تون ڄاڻين ٿو ته آءٌ قصوروار نه آهيان،
۽ اهو به ته تنهنجي هٿان مون کي ڪوبه ڇڏائي نه ٿو سگهي؟

8 تنهنجي ئي هٿن ته مون کي جوڙي ناهي مڪمل ڪيو آهي،
ڇا انهيءَ لاءِ ته
انهن ساڳين ئي هٿن سان مون کي چيپاٽيندو رهين؟
9 اي خدا! ياد ڪر تو ئي ته مون کي چيڪي مٽيءَ مان بڻايو هو،
ڇا انهيءَ لاءِ ته مون کي وري خاڪ ۾ ليٽائيندو رهين؟
10 تو پاڻيءَ جي ڦڙي جي صورت ۾
مون کي منهنجي ماءُ جي پيٽ ۾ اوتيو،
۽ اتي منهنجي بدن جي بناوت شروع ڪئي.
11 تو منهنجي بدن کي هڏين ۽ نسن سان جڙي،
انهن کي ماس ۽ کل سان ڍڪي ڇڏيو.
12 تو مون کي حياتي بخشي ۽ مون تي ٻاجهه ڪئي.
تنهنجي پروردگاريءَ منهنجي جان جي حفاظت پئي ڪئي.

13 پر هاڻي آءٌ ڄاڻان ٿو تہ
منهنجي خلقڻ ۾ تنهنجو ڪهڙو ارادو لڪل هو.
هائو، آءٌ ڄاڻان ٿو تہ تنهنجو منصوبو هي هو تہ
14 تون نظر رکيو اچين تہ آءٌ ڪڏهن ٿو گناهہ ڪريان،
تان‌تہ منهنجو ڏوهہ پڪڙي مون کي معاف نہ ڪرين.
15 پوءِ جيڪڏهن آءٌ قصوروار نڪران تہ
مون تي مصيبت نازل ڪرين،
پر جي آءٌ سچو نڪران،
تہ بہ مون کي پنهنجو منهن مٿي کڻڻ جهڙو نہ ڇڏين.
سو هينئر منهنجو حال اهو ئي آهي،
جو آءٌ شرمندگيءَ ۾ ٻڏل آهيان ۽ مصيبتون پيو سهان.
16 هاڻي جي آءٌ پنهنجو ڪنڌ مٿي ٿو کڻان،
تہ تون ٻبر شينهن وانگر منهنجي پنيان ڪاهي پوندين،
۽ وري وري مون کي
پنهنجي عجيب ڪمن جي وسيلي ڏک ڏيندين.
17 تون منهنجي خلاف نوان نوان شاهد پيدا ڪندين،
۽ مون تي پنهنجو قهر وڌائيندين.
تون نيون مصيبتون مون تي ائين موڪليندين،
جيئن ڪي تازيون فوجون جنگ لاءِ تيار هجن.

18 تو مون کي ماءُ جي پيٽ مان ڪڍيو ئي ڇو؟
ان کان اڳ جو ڪا اک مون کي ڏسي ها،
جيڪر آءٌ مري وڃان ها.
19 آءٌ جيڪر ڄمان ئي نہ ها،
آءٌ جيڪر ماءُ جي پيٽ مان ئي سڌو قبر ڏانهن کڄي وڃان ها.
20 منهنجا ڏينهن تہ هاڻي ٿورڙا وڃي بچيا آهن.
سو هاڻي بس ڪر ۽ مون کي ڇڏي ڏي تہ ٿورو آرام ڪريان،
21 هائو، انهيءَ کان اڳ جو آءٌ اوڏانهن هليو وڃان،
جتان وري نہ موٽندس،
يعني اونداهيءَ ۽ موت جي پاڇي واري ملڪ ۾.
22 اهو ملڪ اونداهي بلڪ گهاٽي اونداهي آهي،
جنهن ۾ ڪا ترتيب ناهي،
۽ جنهن جو سوجهرو بہ گهُگهُہ اونداهي آهي.''

## ضوفر نعماتيءَ جو پهريون گفتگو

(11:1–20)

### ضوفر جو ايوب جي سزا کي خدا جي نرمي چوڻ

11 1 تڏهن ضوفر نعماتيءَ ورندي ڏيئي چيو تہ
2 ''ڇا ڊگهين ڳالهين ڪرڻ واري کي جواب نہ ڏجي؟
ڇا گهڻي ڳالهائڻ وارو ماڻهو سچو سمجهيو ويندو؟
3 اي ايوب! ڇا تنهنجون ٻٽاڪون ٻڌي ڪري
ماڻهن کي ماٺ ڪري ويهڻ گهرجي؟
جڏهن تون ٺٺوليون ڪرين،
تڏهن ڪو تو کي شرمندو بہ نہ ڪري ڇا؟
4 تون دعويٰ ٿو ڪرين تہ
تون جيڪي چوين ٿو سو سڀ سچ آهي،
۽ خدا جي نظر ۾ تون بلڪل پاڪ صاف آهين.
5 پر ڪهڙو نہ چڱو ٿئي جو خدا پاڻ ڳالهائي،
۽ تنهنجي خلاف پنهنجا چپ کولي!
6 ڪاش! هو تو کي پنهنجي حڪمت جا راز کولي ٻڌائي،
جيڪا انساني سمجهہ کان تمام گهڻي مٿاهين آهي!
پوءِ تون ڄاڻي سگهندين تہ تنهنجي گناهن جي پيٽ ۾
خدا تو سان ڪيتري نرمي ڪئي آهي.

7 ڇا تون خدا جي ڳجهين ڳالهين کي سمجهي ٿو سگهين؟
ڇا تون قادرِمطلق جي راز کي معلوم ڪري ٿو سگهين؟
8 هرگز نہ، اهي ڳالهيون آسمان کان بہ مٿاهيون آهن،
تون انهن کي ڇا سمجهي سگهندين؟
اهي تہ پاتال کان بہ اونهيون آهن،
تون انهن کي ڇا ڄاڻي سگهندين؟
9 انهن جي ڊيگهہ زمين کان گهڻي آهي،
انهن جي ويڪر سمنڊ کان وڌيڪ آهي.
10 جيڪڏهن خدا اچي تو کي قيد ڪري ڇڏي،
۽ تو کي کُلي عدالت ۾ آڻي تہ ڪير ڪيس روڪي ٿو سگهي؟
11 خدا بدڪار ماڻهن کي سڃاڻي ٿو،
۽ سندن بدڪاريءَ کي بہ ڏسي ٿو،
بيشڪ هو سندن بدڪاريءَ کي نظرانداز نہ ٿو ڪري.
12 پر بي‌وقوف ماڻهن جو
انهن ڳالهين کي سمجهڻ ايترو ئي ناممڪن آهي،
جيترو ڪنهن جهنگلي جانور جو گهريلو جانور کي جڻڻ.''

### دل کي خدا ڏانهن مائل ڪر

13 ''اي ايوب! جيڪڏهن تون
پنهنجي دل خدا ڏانهن مائل رکندين،
۽ پنهنجا هٿ هن ڏانهن ڊگهيريندين،
14 جيڪڏهن تون پاڻ کي بدڪاريءَ کان پري رکندين،
۽ شرارت جي ويجهو نہ ويندين،
15 تڏهن يقيناً تون پنهنجو بي‌داغ منهن مٿي کڻي سگهندين.
هائو، تون ثابت‌قدم رهندين ۽ بلڪل ڪين ڊڄندين.
16 تڏهن تون پنهنجي مصيبتن کي ائين وساري ڇڏيندين،

جيئن پل هينان پاڻي گذري ٿو وڃي.
17 تنهنجي زندگيءَ جي اونداهي گهڙي به
صبح جهڙي روشن ٿيندي،
هائو، تنهنجي زندگي
ٻن پهرن جي روشنيءَ کان به وڌيڪ روشن ٿيندي.
18 تون اميد سان ڀرپور ۽ اطمينان واري زندگي گذاريندين.
هائو، تون آسپاس کان بيخوف ٿي آرام سان ننڊ ڪندين.
19 تون زندگي آرام سان گذاريندين،
۽ ڪوبه تو کي نه ڊيڄاريندو،
بلڪ گهڻيئي تنهنجو راضپو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا.
20 پر شريرن کي ڪا ڀلائي ڏسڻ ۾ ڪين ايندي.
ڪين ڀڄڻ جو ڪو رستو ڪونه ملندو.
سندن آخري اميد رڳو موت ئي هوندي.”

## ايوب جو ورندي ڏيڻ

(12:1–14:22)

### ايوب جو دوستن کي چيڻ

12 1 تڏهن ايوب ورندي ڏيئي چيو ته
2 ”واه! قوم جو آواز رڳو اوهين ئي آهيو،
۽ اوهان جي مرڻ سان گڏوگڏ ڏاهپ به مري کپي ويندي.
3 پر مون کي به اهڙي سمجهه آهي، جهڙي اوهان کي آهي.
آءٌ اوهان کان ڪنهن به ڳالهه ۾ گهٽ ڪين آهيان.
ڀلا اوهان جون چيل ڳالهيون ڪير نه ٿو ڄاڻي؟
4 آءٌ اهو ماڻهو آهيان،
جيڪو دوستن جي کل ٺٺولين جو نشانو بڻيو آهيان.
جيتوڻيڪ آءٌ سچار ۽ ڪامل انسان آهيان،
ڪڏهن ته آءٌ خدا کان دعا گهرندو هوس ته
اهو منهنجي ٻڌندو هو،
پر تنهن جي باوجود اڄ آءٌ کل ٺٺولين جو نشانو بڻجي ويو آهيان.
5 اوهين جيڪي آرام ۽ سک ۾ آهيو،
تن جو خيال آهي ته مصيبت وارا نفرت جي لائق آهن.
هائو، جيڪي ڪِرڻ تي آهن،
تن کي ئي اوهين ڌڪو ڏيئي ٿا ڪيرايو.
6 جڏهن ته جيڪي ڦورو آهن،
سي پنهنجي گهرن ۾ آرام سان ٿا رهن،
۽ جيڪي خدا کي ڪاوڙائين ٿا سي صحيح سلامت آهن،
خدا وري تن کي ئي پنهنجي هٿن جي ڇانوَ ۾ ٿو رکي.

7 ته به مون کي چئو ٿا ته
‘جيڪڏهن تون سکڻ چاهين ٿو ته جانورن کان سک،
هائو، پکين کان پڇندين ته اهي تو کي ٻڌائيندا.
8 تون زمين جي مخلوق کان،
توڙي سمنڊ جي مڇين کان پڇندين ته
اهي تو کي ڏاهپ سيکارينديون.
9 انهن سڀني مان هر ڪو تو کي ٻڌائي سگهي ٿو،
ته خداوند جي هٿن ئي هي سڀ ڪجهه بڻايو آهي.
10 هر ساهواري جو روح ۽ هر بني آدم جو ساهه
سندس ئي هٿ ۾ آهي.
11 اهو سڀ سمجهڻ ايترو ته آسان آهي
جيئن ڪَنُ ڳالهين کي ٻڌي ٿو،
۽ جيئن زبان کاڌي کي چکي ٿي.’

12 واه! اوهين چئو ٿا ته
ڏاهپ پوڙهن ماڻهن ۾ ئي هوندي آهي،
۽ سمجهه وڏي عمر وارن جي ئي ميراث آهي.
13 پر سمجهي ڇڏيو ته حقيقي ڏاهپ ۽ قدرت خدا وٽ ئي آهي،
هائو، هدايت ۽ سمجهه وٽس ئي آهي.

### خدا وڏو قهار آهي

14 ياد رکو، جنهن کي هو ڊاهي ٿو، سو وري اڏجي نه ٿو سگهي،
جنهن ماڻهوءَ کي هو قيد ٿو ڪري، سو وري ڇٽي نه ٿو سگهي.
15 ڏسو، هو برسات کي روڪي ٿو ته سڀ ڪجهه سڪي وڃي ٿو،
وري جڏهن هو انهيءَ کي موڪلي ٿو ته
اها زمين کي ٻوڙي ٿي ڇڏي.
16 هن وٽ طاقت ۽ ڪم ڪرڻ جي پوري قوت آهي،
ٺڳجي ويل توڙي ٺڳيندڙ ٻيئي هن جي هٿ وس آهن.
17 هو صلاحڪارن کي اگهاڙي پيرين قيد ڪرائي ٿو ڪڍي،
۽ ججن کي بيعقل ٿو بڻائي ڇڏي.
18 هو بادشاهن کي تخت تان لاهي ٿو ڇڏي،
۽ انهن کي قيدي بڻائي ٿو ڇڏي.
19 هو مذهبي اڳواڻن کي لٽائي ڦرائي قيد ٿو ڪرائي،
۽ حڪمرانن کي اونڌو ڪري ٿو ڪيرائي.
20 هو معتبر ماڻهن جون زبانون بند ٿو ڪري ڇڏي،
هو بزرگن جي سمجهه کسي ٿو وٺي.
21 هو چڱن مڙسن جا پٽڪا لاهيو ٿو وٺي،
۽ سورهيه سردارن جي طاقت جو خاتمو ٿو آڻي ڇڏي.

22 هو اونداهيءَ جي تري ۾ پيل ڳُجهن کي ظاهر ڪري ٿو،
۽ موت جي پاڇي کي روشنيءَ ۾ آڻي ٿو.
23 هو قومن کي وڌائي مضبوط ٿو ڪري،

۽ پوءِ ساڳين ئي قومن کي پڻ ناس ڪري ٿو ڇڏي.
هو قومن کي پري پري تائين ڇڙوڇڙ ڪري ٿو ڇڏي،
۽ پوءِ هو انهن کي وري موٽائي اچي گڏ ٿو ڪري.
24 هو ڌرتيءَ جي قومن جي سردارن جو عقل کسي ٿو وٺي،
۽ کين اهڙي بيابان ۾ ٿو رلائي، جتي ڪو چارو ئي ڪونهي.
25 اهي روشنيءَ کان سواءِ اونداهيءَ ۾ هٿوراڙيون هڻندا ٿا وتن،
هو انهن کي اهڙو ٿو بڻائي ڇڏي،
جو اهي شرابي ماڻهوءَ وانگر ٿيڙ کائيندا ٿا وتن."

## ايوب جو دوستن کي ڪوڙو سڏڻ

13 1 "ڏسو، منهنجي اکين هي سڀ ڪجهه ڏٺو آهي،
منهنجي ڪنن اهو سڀ ڪجهه ٻڌو آهي،
۽ آءٌ اهو سڀ سمجهان به ٿو.
2 جيڪي ڪجهه اوهين ڄاڻو ٿا، تنهن جيترو آءٌ به ٿو ڄاڻان،
آءٌ اوهان کان ڪنهن به ڳالهه ۾ گهٽ ڪين آهيان.
3 سو هاڻي آءٌ اوهان سان نه، بلڪ قادرِمطلق سان ڳالهائيندس،
آءٌ پنهنجو مقدمو خدا وٽ پيش ڪرڻ ٿو چاهيان.
4 اوهين منهنجو معاملو نه سمجهندي
رڳو ڪوڙيون ڳالهيون ويٺا ٺاهيو،
اوهين سڀ جو سڀ نڪمن حڪيمن جيان آهيو،
جو بيماري ئي نه ٿا سمجهو.
5 ڪاش، اوهين بلڪل خاموش رهو ها،
ته اها اوهان جي ڏاهپ ليکجي ها.

6 هاڻي اوهين ماٺ ڪري ويهي منهنجا دليل ٻڌو،
هائو، جيڪا دعويٰ آءٌ خدا وٽ پيش ڪرڻ وارو آهيان،
تنهن ڏانهن ڌيان ڏيو.
7 يا وري ڇا خدا جي حمايت ۾ اوهين اجا به ڪوڙ ڳالهائيندا؟
ڇا اوهين ماڻهن سان ائين ٺڳي ڪري
خدا کي ڪو فائدو رسائيندا؟
8 اوهين ڪير ٿيندا آهيو
جو خدا جي طرفداريءَ جي ڪوشش پيا ڪريو؟
اوهين ڪير ٿيندا آهيو
جو عدالت ۾ هن جو مقدمو اوهين وڙهو؟
9 ياد رکو، متان هو ڦري اوهان جي حقيقت جاچي،
۽ پوءِ اوهان لاءِ اهو چڱو نه ٿئي،
ڇوته اوهين انسان سان ته ٺڳي ڪري سگهو ٿا،
پر خدا سان ٺڳي ڪري نه سگهندا.
10 بلڪ جيڪڏهن اوهين ڳجهيءَ طرح به سندس طرفداري ڪندا،
تڏهن به هو ضرور اوهان کي ڇينڀيندو.
11 پوءِ ڇا هن جو دٻدٻو اوهان کي ڏيڄاري نه وجهندو؟
ڇا هن جو رعب اوهان تي ڪين ويهجي ويندو؟
12 انهيءَ وقت اوهان جا پهاڪا
اهڙا بيڪار ثابت ٿيندا جهڙي رک،
هائو، اوهان جا دليل اهڙا ڪمزور ثابت ٿيندا جهڙي مٽي."

## خدا وٽ مقدمو پيش ڪرڻ جي جرئت پيدا ڪرڻ

13 "سو اوهين ماٺ ڪري ويهو،
مون کي ڇڏي ڏيو ته آءٌ ڳالهايان،
پوءِ جيڪي به مون سان ٿيڻو هوندو سو پل ٿئي.
14 آءٌ پنهنجي زندگي خطري ۾ ٿو وجهان،
هائو، آءٌ پنهنجو سر تريءَ تي ٿو رکان.
15 توڙي جو هو مون کي ڪٽي ڪهي به ڇڏي،
خير آهي، هاڻي مون وٽ بچيو ئي ڇا آهي جو آءٌ ڊڄان،
سو آءٌ هن جي اڳيان پنهنجي واتن جو بچاءُ ضرور ڪندس.
16 شايد منهنجي اها جرئت منهنجي ڇٽڻ جو سبب بڻجي پوي،
ڇالاءِجو ڪو بدڪار ماڻهو ته
هن جي اڳيان بيهڻ جي همت ئي نه ٿو ڪري سگهي.

17 سو هاڻي منهنجي ڳالهه ڪن ڏيئي ٻڌو،
هائو، منهنجو بيان پوري ڌيان سان ٻڌو.
18 ڏسو، مون پنهنجي مقدمي جي چڱيءَ طرح تياري ڪئي آهي،
مون کي يقين آهي ته آءٌ بلڪل حق تي آهيان.
19 ڪير آهي جيڪو منهنجي مقدمي جي مخالفت ڪري سگهي؟
جيڪڏهن آءٌ غلط آهيان،
ته پوءِ ماٺ ۾ رهڻ ۽ مرڻ لاءِ تيار آهيان."

## ايوب جو خدا وٽ مقدمو پيش ڪرڻ

20 "اي خدا! رڳو ٻه ڳالهيون منهنجون قبول ڪر،
ته پوءِ آءٌ تو آڏو بيهي سگهندس.
21 پهرين اها ته مون کي وڏيڪ سزا نه ڏي،
۽ ٻي اها ته پنهنجي هيبت کان مون کي نه ڊيڄارج.
22 پوءِ پهريائين تون ڳالهاءِ، آءٌ تو کي ورندي ڏيندس،
يا ڇڏ ته پهريائين آءٌ ڳالهايان، پوءِ تون مون کي ورندي ڏي.

23 تون ٻڌاءِ ته مون ڪهڙا گناهه ڪيا آهن؟
مون کان ڪهڙا قصور ٿيا آهن؟
مون کي به ته خبر پوي ته
مون تنهنجو ڪهڙو ڏوهه ۽ گناهه ڪيو آهي.
24 تون مون کان منهن ڇو ٿو موڙين؟
ڇو تون مون کي پنهنجو دشمن ٿو سمجهين؟
25 آءٌ، جيڪو وڻ مان ڪريل رڳو هڪ پن مثل آهيان،

تنهن کي ستائيندين ڇا؟
آءٌ، جيڪو ٻُهه جي رڳو هڪ ڪک مثل آهيان،
تنهن جي پنيان پوندين ڇا؟

26 واه جو انصاف ٿو ڪرين،
منهنجي نوجوانيءَ جا قصور مون تي موٽائي ٿو آڻين،
۽ انهن جي ڪري منهنجي نصيب ۾ سخت ڳالهيون ٿو لکين!
27 تون منهنجون ٽنگون به ڪاٺ ۾ ٿو وجهين،
۽ منهنجي بچاءَ جا سڀ رستا به بند ٿو ڪري ڇڏين،
ايتري قدر جو منهنجا پير لِيڪي ٿو ڇڏين.
28 اهو ئي سبب آهي جو آءٌ
انهيءَ سڙيل ڳريل شيءِ وانگر اڇي ٿيو آهيان،
جيڪا فنا ٿيو وڃي.
هائو، آءٌ انهيءَ ڪپڙي وانگر آهيان،
جنهن کي ٽڏ کائي ويئي هجي.”

## ايوب جو نااميدي ڏيکارڻ

14
1 “فاني انسان، جيڪي عورت مان پيدا ٿين ٿا،
چند ڏينهن جي زندگي ماڻين ٿا،
۽ ڏک سان ڀريل رهن ٿا.
2 اهي گل وانگر ٽڙي نڪرن ٿا،
۽ پوءِ ڪومائجي وڃن ٿا.
هو پاڇي وانگر جلدي لنگهي وڃن ٿا،
۽ هڪ هنڌ ڪين بيهن ٿا.
3 سو ڇو اهڙي فاني انسان تي تون پنهنجي نظر رکيو ٿو اچين؟
هائو، مون جهڙي انسان کي پاڻ سان عدالت ۾ ٿو آڻين؟

4 جهڙيءَ طرح ناپاڪ شيءِ منجهان
پاڪ شيءِ نه ٿي ڪڍي سگهجي،
تهڙيءَ طرح ناپاڪ انسان مان
ڪا پاڪ شيءِ ڪيئن ٿي نڪري سگهي؟
5 جڏهن ته تو هن جي حياتيءَ جا به
چند ڏينهن مقرر ڪري ڇڏيا آهن،
هائو، سندس ٿوري عمر جو شمار تو ڪري ڇڏيو آهي.
تو سندس زندگيءَ جون حدون مقرر ڪري ڇڏيون آهن،
جن کي هو لنگهي پار ڪري نه ٿو سگهي.
6 سو تون پنهنجي نظر هن کان هٽاءِ،
ته جيئن گهٽ ۾ گهٽ هن کي آرام ته ملي سگهي،
هائو، هو مزدور وانگر پورهيو ڪندي ڪا گهڙي آرام ته وٺي.

7 ڏس، وڻ کي ته اها اميد رهي ٿي
ته جيڪڏهن هن کي وڍيو ويو ته هو وري ڦٽي نڪرندو،
۽ ان جون نرم ٽاريون نڪرڻ کان بند ٿي نه وينديون.
8 توڙي جو ان جون پاڙون زمين ۾ پراڻيون ٿي وڃن،
۽ ان جو ٿُڙ مٽيءَ ۾ ڳري وڃي،
9 تڏهن به پاڻيءَ جي ڦڙي ملڻ سان هو وري ڦٽندو،
۽ نئين ٻوٽي وانگر ٽاريون ڪڍندو.
10 پر انسانذات جڏهن مري ٿا وڃن ته ڳريو ختم ٿيو وڃن،
بلڪ دم ڏيڻ کان پوءِ انسان آهي ڪٿي؟
11 جيئن ڪا ڍنڍ، جنهن جو پاڻي ختم ٿيو وڃي،
۽ يا ڪا ندي، جيڪا لهي سڪي ٿي وڃي،
12 تيئن ئي انسانذات به جڏهن قبر ۾ وڃيو ليٽن،
تڏهن وري ڪين ٿا اٿن.
اهي وري نه جاڳندا، نڪي ننڊ مان اٿاريا ويندا،
ائين جيئن آسمان نابود ٿي نه ٿو سگهي.

13 پر ڪاش! تون مون کي پاتال ۾ لڪائي رکين،
۽ جيسين تنهنجي ڪاوڙ لهي نه وڃي،
تيسين مون کي نظرانداز ڪري ڇڏين،
۽ پوءِ منهنجي لاءِ ڪو وقت مقرر ڪري مون کي ياد فرمائين.
14 جيڪڏهن ائين ممڪن آهي،
جو ماڻهو مري وڃڻ کان پوءِ وري جيئرو ٿئي،
ته پوءِ آءٌ پنهنجي سخت پورهئي واري حياتي گذاريندي،
ان جو انتظار ڪندو رهندس،
تان‌ته آءٌ انهيءَ سختيءَ مان ڇٽي نڪران.
15 پوءِ جڏهن تون مون کي سڏ ڪندين،
ته آءٌ اتان تو کي جواب ڏيندس،
تڏهن تون پنهنجي هٿ جي جڙيل مخلوق،
يعني منهنجي سار لهندين.
16 پوءِ جڏهن تون منهنجي قدمن تي ڌيان ڏيندين،
تڏهن منهنجي گناهن جو پيرو نه کڻندين.
17 بلڪ تون منهنجا گناهه معاف ڪري ڇڏيندين،
هائو، منهنجي خطائن کي صفا ميٽي ڇڏيندين.

18 پر جهڙيءَ طرح جبل ڪرندي ڪرندي نابود ٿيو وڃي،
۽ ٽڪر پنهنجيءَ جاءِ تان هٽيو ٿو وڃي،
19 جيئن پاڻي پٿرن کي گسايو ڇڏي،
۽ ٻوڏ زمين جي مٽيءَ کي لوڙهيو ڇڏي،
تهڙيءَ طرح تون انسان جي اميد کي ناس ڪري ڇڏين ٿو.

13:27 ايو 33:11

20 جڏهن تون هن تي پنهنجو دٻاءُ رکين ٿو،
تڏهن هو هميشه لاءِ گذاري وڃي ٿو.
تون عمر سان گڏوگڏ هن جي شڪل به ڦيرائي ڇڏين ٿو،
۽ کيس روانو ڪري ڇڏين ٿو.
21 پوءِ جيتوڻيڪ سندس پٽ عزت حاصل ڪن ٿا،
تڏهن به کيس انهيءَ جي خبر نه ٿي پوي.
يا جيتوڻيڪ هو ذلت حاصل ڪن ٿا،
تڏهن به سندن حال کيس معلوم نه ٿو ٿئي.
22 پر هن جي بدن جو ماس درد محسوس ڪندو رهي ٿو،
۽ سندس روح منجهس روئندو رڙندو رهي ٿو.“

## اليفز تيمانيءَ جو ٻيو گفتگو

(15:1–35)

## اليفز جو ايوب کي ڏوهاري چوڻ

15 1 تڏهن اليفز تيمانيءَ ورندي ڏيئي چيو ته
2 ”ڇا تو جهڙي ڏاهي ماڻهوءَ کي اهو جڳائي ٿو ته
تون اجايون ڳالهيون جوڙي جواب ڏئين،
۽ پنهنجو پاڻ کي هوا سان ڦنڊائين؟
3 ڇا تو کي اهو جڳائي ٿو ته
بي‌فائدي گفتگوءَ سان پنهنجو بچاءُ ڪرين،
۽ اهڙيون ڳالهيون ڪرين جيڪي بلڪل بيڪار هجن؟
4 بلڪ تون ته خداترسيءَ کي پڃائي ٿو ڪڍين،
۽ خدا جي حضور ۾ عبادت کي وڃائي ٿو ڇڏين.
5 تنهنجو وات تنهنجي گناهه کي ظاهر ٿو ڪري،
تون ٺڳن واري زبان اختيار ٿو ڪرين.
6 خود تنهنجو پنهنجو وات تو کي گنهگار ٿو ٺهرائي، نڪي آءٌ.
هائو، خود تنهنجي زبان تنهنجي خلاف شاهدي ٿي ڏئي.

7 ڇا سڀ کان پهريون انسان تون ئي پيدا ٿيل آهين؟
ڇا تنهنجي پيدائش جبلن ٺهڻ کان پهريائين ئي ٿي هئي؟
8 ڇا خدا جي ڳجهي مصلحت تو ٻڌي ورتي آهي؟
ته پوءِ تون ڪيئن پاڻ کي ئي ڏاهپ جو ٺيڪيدار ٿو سمجهين؟
9 تون اهو ڇا ٿو ڄاڻين جيڪو اسين نه ٿا ڄاڻون؟
تو ۾ اها ڪهڙي سمجهه آهي جيڪا اسان ۾ نه آهي؟
10 گهڻا ئي اڇي مٿي وارا اسان جهڙي سوچ رکن ٿا،
جن ۾ اهڙا پوڙها به آهن،
جيڪي تنهنجي پيءُ کان به عمر ۾ وڏا آهن.
11 خدا جو دلاسو تنهنجي نظر ۾ ڇو بلڪل خسيس آهي؟
۽ اهي ڳالهيون پڻ،
جيڪي تو سان نرميءَ سان ڪيون وڃن ٿيون؟
12-13 ڇو تون خدا جي مخالفت لاءِ آماده ٿيو وڃين،
۽ پنهنجي واتان اهڙيون ڳالهيون ٿو ڪڍين؟
ايتري قدر جو تنهنجي دل جوش وچان تيزيءَ سان ٿي ڌڙڪي،
۽ تنهنجون اکيون ڳاڙهيون ٿيو وڃن؟

14 انسان آهي ڇا جو پاڪ ٿي سگهي؟
هائو، ڇا فاني انسان ڪو سچار ٿي سگهي ٿو؟
15 جڏهن ته خدا پنهنجي ملائڪن تي به ڀروسو نه ٿو رکي،
توڙي جو آسمان به سندس نظر ۾ پاڪ نه آهي،
16 ته پوءِ ڀلا ڪراهت جهڙن،
۽ خراب انسانن جو ڪهڙو ذڪر ڪجي،
جيڪي گناهه کي پاڻيءَ وانگر پيئي وڃن ٿا.“

## شرير ماڻهن جو برباد ٿيڻ

17 ”هاڻي ٻڌ اي ايوب! آءٌ تو کي سمجهايان ٿو،
جيڪي ڪجهه مون ڏٺو آهي سو آءٌ بيان ڪريان ٿو.
18 يعني آءٌ اها ڏاهپ بيان ڪندس،
جيڪا ڏاهن ماڻهن پنهنجن ابن ڏاڏن کان ٻڌي
ٻين کي ٻڌائي آهي ۽ لڪائي ڪين اٿائون.
19 خدا رڳو انهن ڏاهن کي ئي ملڪ عطا ڪيو،
۽ ڪوبه ڌاريو ماڻهو سندن دليون خدا کان ڦيري نه سگهيو.

20 شرير ماڻهو پنهنجي سڄي عمر
سورن منجهه پيا گذارين،
يعني سمورا سال، جيڪي ظالمن لاءِ مقرر ڪيا ويا آهن.
21 دهشتناڪ آواز هنن جي ڪنن ۾ گونجندا ٿا رهن،
سندن سک ۽ سانت جي ڏينهن ۾
ڦُرلٽ ڪرڻ وارا اچي مٿن ڪڙڪندا.
22-23 شريرن کي اميد ئي ڪانهي ته
هو ڪو اونداهيءَ جي حالت مان نڪري ايندا،
بلڪ هو ڄاڻين ٿا ته سندن موت جو ڏينهن تمام ويجهو آهي.
بيشڪ تلوار هنن لاءِ منتظر آهي،
۽ سندن لاشن کي ڳجهن جي کائڻ لاءِ اڇلايو ويندو.
24 مصيبت ۽ تنگي کين اهڙي بادشاهه وانگر ٿيون ڊيڄارين،
جيڪو جنگ جي لاءِ تيار هجي.
اهي مٿن غالب پون ٿيون.

15:14–16 ايو 25:4–6

25 اهو سڀ ان ڪري آهي جو
شريرن خدا کي للڪاريو آهي،
۽ قادرِمطلق خلاف مغروريءَ سان هليا آهن.
26 هو ڪنڌ اڪڙائي پنهنجي ٿلهن بونبن واري ڍال سان
ساڻس مقابلي ڪرڻ لاءِ ڪاهون ڪن ٿا.

27 جيتوڻيڪ سندن منهن تي ٿولهه اچي ويئي آهي،
۽ خوشحاليءَ سندن بدن تي چربيءَ جا تهه چمائي ڇڏيا آهن،
28 تنهن هوندي به هو ويران شهرن ۾ رهندا،
هائو، اهڙن غير آباد گهرن ۾، جيڪي ڊهي ڍير ٿيڻ وارا آهن.
29 هو دولتمند نه رهندا،
نڪي سندن مال ملڪيت جٽاءُ ڪندو،
نڪي اهڙن جي ملڪيت ڌرتيءَ تي وڌندي ويجهندي.

30–31 هو موت جي پاڇي مان ڀڄي نه سگهندا.
جيڪڏهن هو بيهودگيءَ تي ڀروسو ڪري پاڻ کي گمراهه ڪندا،
ته بيهودگي ئي سندن اجر ٿيندو.
هو اهڙي وڻ جيان آهن،
جنهن جي نرم ٽارين کي شعلا ساڙي سڪائي ٿا ڇڏين،
خدا جي هڪڙي ڦوڪ ڪين اڏائي ڇڏيندي.
32 هائو، وقت کان اڳ هن جون شاخون ڪومائجي وينديون،
سندس ٽاريون سايون نه رهنديون.
33 شرير انگورن جي انهيءَ ول وانگر آهن،
جنهن جا انگور ڪچا ئي ڇڻي ويندا آهن.
هو زيتون جي انهيءَ وڻ وانگر آهن،
جنهن جو ٻور ئي ڇڻيو وڃي.
34 بيشڪ اهي خدا کي رد ڪندڙ آهن، جيڪي بي‌اولاد ئي رهندا،
انهن رشوت‌خورن جي گهرن کي باهه ساڙي رک ڪري
ڇڏيندي.
35 جيئن ته شرارت هنن جي پيٽ ۾ آهي،
سو هو بدڪاري ئي ڄڻين ٿا.
بيشڪ سندن پيٽن ۾ ٺڳي پيئي نسري."

## ايوب جو اليفز کي ورندي ڏيڻ

(16:1–17:16)

## ايوب جو دوستن کي ميار ڏيڻ

16

1 تڏهن ايوب ورندي ڏيئي چيو ته
2–3 "اي اليفز!
تنهنجي اجاين ڳالهين جي ڪا پڇاڙي به ٿيندي يا نه؟
ڪهڙي ڳالهه تو کي تنگ ٿي ڪري
جو تون اهڙو جواب ٿو ڏئين؟
آءٌ اهڙيون گهڻيون ئي ڳالهيون ڄاڻان ٿو،
اوهين سڀ تسلي ڏيڻ جي بدران
مون کي اجايا وڌيڪ ڏک ٿا رسايو.
4 جيڪڏهن اوهين منهنجي جاءِ تي هجو ها،
۽ آءٌ اوهان جي جاءِ تي،
ته پوءِ آءٌ به اوهان وانگر ڳالهائي ٿي سگهيس.
آءٌ به اوهان جي خلاف ڳالهيون ٺاهي ٿي سگهيس،
۽ پنهنجو مٿو اوهان جي خلاف لوڏي ٿي سگهيس.
5 پر نه، آءٌ ته پنهنجي مشورن سان اوهان کي همتايان ها،
۽ منهنجي واتان ڏنل تسلي،
جيڪر اوهان جو ڏک هلڪو ڪري ڇڏي ها."

## ايوب جو خدا جي ڏنل ڏکن جو بيان

6 "هاڻي توڙي جو آءٌ ڳالهايان ٿو،
ته به منهنجو ڏک هلڪو نه ٿو ٿئي،
يا توڙي جو آءٌ ماٺ ۾ ٿو رهان
ته به مون کي آرام ڪونه ٿو ملي.
7 اي خدا! ڏک ڏيئي ڏيئي تو مون کي پورو ڪري ڇڏيو آهي.
تو منهنجي پوري گهراڻي کي تباهه وَ برباد ڪري ڇڏيو آهي.
8 تو مون کي پڪڙي قابو ڪيو آهي،
۽ ماڻهو اها ڳالهه منهنجي خلاف شاهدي ٿا سمجهن،
هائو، منهنجي هيءَ ڏٻرائي ئي منهنجي خلاف شاهدي ٿي ڏئي.

9 خدا غضب وچان مون تي پنهنجا ڏند ڪرٽيا آهن،
هن ڄڻ دشمن بڻجي پنهنجون اکيون مون تي تيز ڪيون آهن،
هائو، هن منهنجي پنيان پيئي مون کي چيريو ڦاڙيو آهي.
10 سو ماڻهو پنهنجو وات ڦاڙي مون تي ٺٺوليون ٿا ڪن،
هو ملامت ڪرڻ واسطي مون کي منهانيون چماٽون ٿا هڻن،
هو پاڻ ۾ هڪ ٿي منهنجي خلاف گڏ ٿيا آهن.
11 خدا مون کي بڇڙن ماڻهن جي حوالي ڪري ڇڏيو آهي،
هائو، هن مون کي شريرن جي هٿن ۾ اڇلائي وڌو آهي.

12 آءٌ آرام ۾ هوس، پر خدا مون کي ڇني ڇڏيو آهي،
هائو، هن مون کي ڳچيءَ کان پڪڙي
اڇلائي ڳڀا ڳڀا ڪري ڇڏيو آهي.
هن مون کي پنهنجو نشانو بڻايو آهي،
13 ۽ سندس تيراندازن چوڌاري مون کي گهيري ۾ وٺي ڇڏيو آهي.
تيرن سان هن منهنجون بڪيون چيري ڇڏيون آهن،
۽ قياس نه ڪيو اٿس.

ايترو زخمي ڪيو اٿس جو منهنجو پتو به ڦاٽي وڌو اٿس.
14 هن مون کي شڪست تي شڪست ڏيئي ٽوڙي وڌو آهي،
هو جنگي جوڌي وانگر مون تي ڪاهه ڪري ٿو اچي.

15 مون روئندي رڙندي پنهنجي بدن تي ڪٿو ڍڪيو آهي،
آءٌ شڪست کائي اچي مٽيءَ ۾ ڪريو آهيان.
16 مون کي ايترو ستايو اٿائين،
جو روئي روئي منهنجو منهن سڄي پيو آهي،
۽ موت جو پاڇو منهنجي ڇپرن تي اچي پيو آهي،
17 جيتوڻيڪ منهنجا هٿ ظلم سان رنڱيل نه آهن،
۽ منهنجي عبادت به بلڪل خالص آهي.”

## ايوب جو پنهنجي فرياد کي پنهنجي وڪالت چوڻ

18 ”اي ڌرتي! منهنجي وهايل رت کي نه لڪاءِ،
انصاف واسطي منهنجي فرياد کي پاڻ وٽ روڪي نه رک.
19 چالاءِ جو ڏس،
هن مهل منهنجي شاهدي عرش عظيم ۾ پهتل آهي،
هائو، منهنجي وڪالت عالمِ بالا ۾ هلي رهي آهي.
20 بيشڪ منهنجو فرياد ئي منهنجي وڪالت ڪري رهيو آهي،
۽ منهنجيون اکيون انصاف لاءِ خدا ڏانهن واجهائي رهيون آهن.
21 ڪاش، منهنجو فرياد سندس آڏو منهنجي صفائي پيش ڪري،
جيئن ڪنهن ماڻهوءَ جو ساٿي
سندس لاءِ ٻئي آڏو هن جي صفائي پيش ڪري ٿو.

22 ورنه هاڻ ته منهنجي حياتيءَ جا سال پورا ٿيڻ وارا آهن،
۽ پوءِ آءٌ انهيءَ راهه تي روانو ٿي ويندس،
جتان ڪوبه نه ٿو موٽي.

17 1 منهنجا ڏينهن گهٽايا ويا آهن،
هاڻ منهنجو ساهه لُڪيءَ ۾ اچي پهتو آهي،
۽ قبر منهنجي انتظار ۾ آهي.
2 منهنجي هيءَ حالت ڏسي هر ڪو مون تي ٺٺوليون ٿو ڪري،
۽ منهنجون اکيون سندن ڇيڙڇاڙ کي رڳو ڏسنديون ٿيون رهن.”

## ايوب جو خدا کي پڪارڻ

3 ”اي خدا! منهنجي بيڏوهي هجڻ لاءِ
منهنجي دعويٰ قبول فرماءِ،
ڇوته منهنجي بيڏوهي هجڻ جو ڪو ضامن ڪونهي،
4 چالاءِ جو تو منهنجي ساٿين جي دلين کي
سچ سمجهڻ کان روڪي رکيو آهي.
پر هاڻ مون تي الزام مڙهڻ ۾ تون هنن کي ڪاميابي نه بخش،
5 ڇوجو چوڻي آهي ته
’جيڪو ڪنهن کان پيسا وٺي پنهنجي دوست سان دغا ٿو ڪري،
تنهن جي اولاد جي اکين آڏو مصيبتون ئي مصيبتون هونديون.‘

6 خدا مون کي ماڻهن لاءِ هڪڙو پهاڪو بڻائي ڇڏيو آهي،
آءٌ اهڙو ٿي پيو آهيان جو ماڻهو منهنجي منهن تي ٿڪون ٿا هڻن.
7 سو غم جي ڪري منهنجي نظر به ڌنڌلائجي ويئي آهي،
۽ منهنجي سيني عضون جو ماس ڳري ويو آهي.
8 سچار ماڻهو به منهنجي حالت ڏسي دهلجي ويا آهن،
هو اهو سمجهي منهنجي خلاف اٿي ڪڙا ٿيا آهن ته
آءٌ خدا کي رد ڪندڙ آهيان.
9 سو سچار ماڻهو منهنجي حالت کان ڊڄي
پنهنجي راهه تي پختا رهن ٿا،
هائو، جن جا هٿ صاف آهن سي وڌيڪ مضبوط ٿيندا وڃن ٿا.
10 پر جي اوهين سڀ جو سڀ،
جيڪي پاڻ کي سچار ٿا سمجهو سي اچي مون آڏو بيهو،
ته اوهان ۾ هڪڙو به ڏاهو ماڻهو مون کي ڏسڻ ۾ نه ايندو،
جيڪو حقيقت کي سمجهي سگهي.”

## ايوب جي نااميدي

11 ”منهنجا ڏينهن گذري ويا آهن،
منهنجا ارادا ٽٽي پيا آهن،
هائو، منهنجي دل جون اميدون ميٽجي ويون آهن.
12 پر منهنجا دوست رات کي ڏينهن ٿا چون،
اهي چون ٿا ته روشني ويجهي آهي،
جڏهن ته آءٌ ڄاڻان ٿو ته آءٌ اونداهيءَ ۾ ئي آهيان.
13 مون کي ڪهڙي اميد آهي؟
جڏهن ته قبر منهنجو گهر آهي،
هائو، قبر جي اونداهيءَ ۾ مون پنهنجو هنڌ وڇايو آهي.
14 مون قبر کي چيو آهي ته ’تون منهنجي ماءُ آهين.‘
۽ ڪينئن کي چيو اٿم ته ’توهين منهنجا پيءُ ۽ ڀائر آهيو.‘
15 سو منهنجي اميد آهي ڪٿي؟
هائو، ڪير ڏسندو منهنجي اميد کي؟
16 مون سان گڏ منهنجي اميد به قبر ۾ لهي هلندي،
اسين ٻيئي مٽيءَ ۾ ملي وڃي آرامي ٿينداسين.”

## بلدد جو ٻيو گفتگو

(21–1:18)

### خدا شريرن کي ضرور برباد ڪندو

18 1 تڏهن بلدد سوخيءَ ورندي ڏيئي چيو تہ
2 ”اي ايوب! تون ڪيستائين ٻيو ڳالهائيندو رهندين؟
سمجهدار ٿيءُ ۽ هاڻي اسان جي ڳالهہ ٻڌ.
3 اسان کي ڍورن وانگر ناسمجهہ ڇو ٿو سمجهين؟
تنهنجي نظر ۾ اسين نادان ڇو آهيون؟
4 تون پنهنجيءَ ڪاوڙ ۾ رڳو پاڻ کي ئي ٿو نقصان رسائين،
ڀلا تنهنجي ڪاوڙ جي ڪري
خدا ڌرتيءَ کي برباد ڪري ڇڏيندو ڇا؟
يا تنهنجي ڪري هو ٽڪرن کي
سندن جاءِ تان هٽائي ڇڏيندو ڇا؟

5 هرگز نہ،
اٽلندو هو شريرن جي حياتيءَ جو ڏيئو وسائي ڇڏيندو،
اهي ڏيئي جي انهيءَ لاٽ وانگر ٿيندا،
جيڪا وري روشن نہ ٿيندي.
6 هو اونداهي گهر وانگر ٿيندا،
جنهن جي روشني اجهامي ويئي هوندي،
هائو، اهڙي گهر جيان،
جنهن ۾ ٻرندڙ فانوس اجهايو ويندو.
7 سندن اعتماد سان هلڻ ختم ٿي ويندو،
۽ سندن پنهنجا ئي ناهيل منصوبا کين ڪيرائي وجهندا.
8 ڇالاءِجو سندن پير پاڻ ئي وڃي ڄار ۾ ڦاسندا،
هائو، هو ڄار منجهہ ئي ڦاٿل رهندا.
9 ڦندو سندن پيرن کي جڪڙي وٺندو،
۽ کين پڪڙي سوگهو ڪندو.
10 ڦاهي هنن لاءِ زمين تي لڪائي رکي ويئي آهي،
۽ ڪوڙڪي سندن رستي ۾ اڏي ويئي آهي.
11 دهشتناڪ شيون هر پاسي کان کين ڊيڄارينديون،
۽ انبوه جي صورت ۾ پيڇو ڪري کين پڇائينديون.

12 بک سندن زور کي ختم ڪري وجهندي.
مصيبت هنن جا پاسا وٺيو هلندي.
13 مرض سندن چمڙيءَ کي کِهي ويندو،
هائو، موتمار بيماري سندن عضوا کائي چٽ ڪري ڇڏيندي.
14 جن گهرن جو هنن کي ڀروسو آهي،
تن مان کين اُکيڙيو ويندو.
کين موت جي فرشتي آڏو حاضر ڪيو ويندو.
15 سندن گهرن کي باهہ ساڙي رک ڪري ڇڏيندي،
هائو، سندن جاين تي گندرفي باهہ وسائي ويندي.
16 هو اهڙي وڻ جيان هوندا،
جنهن جون پاڙون هيٺان سڪيو وڃن،
۽ مٿان سندس ٽاريون ڪومائجيو وڃن.
17 دنيا مان هنن جي يادگيري مٽائي ويندي،
سندن ڪو نالو نشان بہ نہ رهندو.
18 کين جيئرن جي روشن دنيا کان
مئلن جي انڌيري دنيا ڏانهن هڪاليو ويندو،
هائو، هن دنيا مان کين تڙيو ويندو.
19 سندن رهڻ واري جاءِ ۾ ڪوبہ باقي نہ بچندو،
هائو، هنن جو اولاد ۽ نسل دنيا ۾ ئي نہ رهندو.
20 اوڀر کان اولهہ تائين جيڪي بہ سندن سزا بابت ٻڌندا،
تہ خوف وچان کين دهشت ۽ ڏڪڻي وٺي ويندي.
21 بيشڪ بدڪارن جي سزا اها ئي آهي،
هائو، جيڪي خدا جا انڪاري آهن، تن جو اهو ئي مقدر آهي.“

## ايوب جو ورندي ڏيڻ

(29–1:19)

### ايوب جو انصاف نہ ملڻ لاءِ پڪارڻ

19 1 تڏهن ايوب ورندي ڏيئي چيو تہ
2 ”ڪيستائين اوهين منهنجي جان جهوريندا رهندا؟
ڪيستائين پنهنجي ڳالهين سان اوهين مون کي وڍِ ڏيندا رهندا؟
3 بار بار اوهان مون کي ملامت ڪندا رهيا آهيو،
اوهان کي شرم نہ ٿو اچي جو مون کي ستايو ٿا؟
4 ڀلا، جيڪڏهن مون کان سچپچ ڪا خطا ٿي آهي،
تہ ڀوءِ ان مان اوهان کي ڪهڙو نقصان رسيو آهي؟
5 اوهين پاڻ کي هر ڳالهہ ۾ مون کان مٿاهون پيا سمجهو،
۽ سمجهو ٿا تہ منهنجي مصيبت منهنجي گناهہ جي ثابتي آهي،
6 پر ائين نہ آهي بلڪ خدا پنهنجي ڪنهن منصوبي تحت
مون کي پستيءَ ۾ اڇلايو آهي،
هائو، هن مون کي ڦاسائڻ لاءِ
منهنجي چوڌاري پنهنجو ڄار وڇو آهي.

6–5:18 ايو 17:21

7 ڏسو، آءٌ انهيءَ ظلم جي خلاف پڪاريان پيو،
پر منهنجي ٻڌي نہ ٿي وڃي،
هائو، آءٌ مدد لاءِ روئان رڙان پيو،
پر مون سان انصاف نہ ٿو ٿئي.
8 خدا منهنجي راهہ ۾ اهڙو لوڙهو هڻي ڇڏيو آهي،
جو آءٌ لنگهي نہ ٿو سگهان.
هن منهنجي رستن کي اونداهو ڪري ڇڏيو آهي.
9 هن منهنجي عزت مون کان کسي ورتي آهي،
هائو، منهنجي مٿي تان ڄڻ تاج لاهي ورتو اٿس.
10 هن مون کي هر طرف کان برباد ڪري ڇڏيو آهي،
هائو، آءٌ تہ ناس ٿي ويو آهيان.
هن منهنجي اميد کي وڻ وانگر پاڙان پٽي اڇلايو آهي.
11 هن مون تي پنهنجو اهڙو غضب نازل ڪيو آهي،
جو ڄڻ تہ آءٌ سندس دشمنن ۾ شامل آهيان.
12 هن مون تي حملي ڪرڻ لاءِ
ڄڻ مصيبتن جون فوجون موڪليون آهن،
جيڪي منهنجي گهر جي چوڌاري
مورچا ٺاهي گهيرو ڪيو ويٺيون آهن.

13 هن منهنجي مائٽن هٿان مون کي ڌڪاري ڪڍيو آهي،
بلڪ منهنجا ڄاڻ سڃاڻ وارا بہ
مون کان بيگانا ڪري ڇڏيا اٿائين.
14 منهنجا مٽ مائٽ مون کان بيزار ٿي ويا آهن،
۽ گهاٽن دوستن مون کي وساري ڇڏيو آهي.
15 منهنجي گهر ۾ رهڻ وارن مون کي وساري ڇڏيو آهي،
منهنجون ٻانهيون بہ مون کي ڌاريو ٿيون سمجهن،
۽ سندن نظرن ۾ آءٌ بيگانو ٿي پيو آهيان.
16 آءٌ پنهنجي ٻانهي کي سڏ ٿو ڪريان،
بلڪ کيس منٿ ٿو ڪريان،
تہ بہ هو مون کي ورندي ڪين ٿو ڏئي.
17 منهنجي زال کي مون مان بدبوءِ ٿي اچي،
۽ منهنجا سڳا ڀائر بہ مون کي ڌڪارين ٿا.
18 ايتري قدر جو ننڍا ٻار بہ مون کان نفرت ٿا ڪن،
جڏهن هو مون کي ڏسن ٿا تہ مون تي ٺٺوليون ڪري کلن ٿا.
19 منهنجا سڀيئي همراز دوست مون کان ڪراهت ٿا ڪن،
جن سان منهنجي محبت آهي،
سي بہ منهنجي خلاف ٿي ويا آهن.
20 مون وٽ باقي رهيو ئي ڇا آهي؟
رڳو موت جو مزو نہ چکيو اٿم،
هائو، مون وٽ بنا ماس جي
هي هڏائون پڃرو ئي باقي وڃي رهيو آهي.

## خدا کي ڏسڻ بابت ايوب جي اميد

21 اي منهنجا دوستؤ!
گهٽ ۾ گهٽ اوهين تہ مون تي رحم ڪريو،
ڇوتہ خدا جو ڳرو هٿ مون تي اچي پيو آهي.
22 اوهين ڇو خدا وانگر مون کي ستايو ٿا،
۽ منهنجي حال تي رحم نہ ٿا ڪريو؟

23 ڪاش، منهنجون هي ڳالهيون لکيون وڃن ها!
ڪاش، اهي ڪنهن ڪتاب ۾ درج ڪيون وڃن ها!
24 ڪاش، اهي ڇيڻيءَ سان پٿر تي اُڪريون وڃن ها!
انهيءَ لاءِ تہ جيئن هميشہ لکيل رهن ها!

25 تنهن هوندي بہ مون کي يقين آهي تہ
هڪڙو آهي جيڪو مون کي سچو ٺهرائيندو،
هائو، آخرڪار اهو هن ڌرتيءَ تي منهنجي لاءِ اٿي کڙو ٿيندو.
26 بيشڪ آءٌ پنهنجي هن ئي بدن ۾ رهي
خدا آڏو ضرور بيهندس،
توڙي جو منهنجي کل کي ماس کان ڳاري لاٿو وڃي،
27 هائو، آءٌ پاڻ انهيءَ کي ڏسندس،
منهنجون پنهنجون اکيون کيس ڏسنديون، نہ ڪنهن ٻئي جون.
انهيءَ گهڙيءَ جي انتظار ۾ منهنجي دل ڪيڏي نہ سڪي ٿي!

28 سو جيڪڏهن اوهين اجا بہ چئو ٿا تہ
'اسين ڪهڙن طريقن سان هن کي ستايون،
تہ جيئن اهو ثابت ڪريون تہ
سندس مصيبتن جو بنياد هو پاڻ آهي.'
29 تہ پوءِ اوهين حق جي تلوار کان ڊڄو،
ڇالاءِجو خدا جو قهر تلوار جون سزائون آڻي ٿو،
پوءِ اوهين ڄاڻي وٺندءُ تہ عدالت ضرور لڳندي."

## ضوفر جو ٻيو گفتگو

(29–1:20)

## شريرن جي سوڀ عارضي هوندي آهي

20 1 تڏهن ضوفر نعماتيءَ ورندي ڏيئي چيو تہ
2 "تنهنجي ڇيل ڳالهين
منهنجي دل کي بيقرار ڪري ڇڏيو آهي،
تہ آءٌ تو کي انهن جو جواب ڏيان.
3 تو تهمت هڻي مون کي بيءِعزت ڪيو آهي،

پر آءٌ تو کي انهيءَ جو جواب ڏيڻ چاهيان ٿو.

4 ڇا تون قديم زماني جي اها ڳالهہ نہ ٿو ڄاڻين،
جڏهن کان ڌرتيءَ تي انسان کي آباد ڪيو ويو هو تہ
5 ’شريرن جي سوڀ عارضي هوندي آهي؟‘
هائو، جيڪي ماڻهو خدا تي ڀروسو نہ رکندا آهن،
تن جي خوشي ٿوري دير لاءِ هوندي آهي.
6 توڙي جو هنن جو شان وَ شوڪت آسمان تائين وڃي پهچي،
۽ سندن مٿو ڪڪرن تائين وڃي رسي،
7 تڏهن بہ هو پنهنجي پائخاني وانگر هميشہ لاءِ فنا ٿي ويندا.
پوءِ جن کين ڏٺو هوندو سي چوندا تہ ’هو ڪيڏانهن ويا؟‘
8 هو انهيءَ خواب، انهيءَ رويا وانگر گم ٿي ويندا،
جيڪي رات جو ڏسجن ٿا،
۽ وري ڪڏهن بہ ڏسڻ ۾ نہ ايندا آهن.
9 جنهن بہ هنن کي ڏٺو آهي، سو وري کين نہ ڏسندو،
نڪي سندن گهر جا ڀاتي ئي وري کين ڏسندا.
10 سندن ٻارن جي اها حالت ٿيندي
جو اهي غريبن آڏو وڃي پنهنجو هٿ ٽنگيندا،
ڇوتہ جيڪا بہ دولت شريرن گڏ ڪئي هوندي،
تنهن کان سندن اولاد کي دستبردار ڪيو ويندو.
11 جيتوڻيڪ انهن شريرن جو بدن اڃا جوان ۽ مضبوط هوندو،
تنهن هوندي بہ هو جلد ئي وڃي مٽيءَ سان مٽي ٿيندا.

12 جيتوڻيڪ بدڪارن جي وات کي شرارت مٺي لڳندي،
۽ هو انهيءَ کي مزي خاطر پنهنجي زبان هيٺ رکي ڇڏيندا،
13 جيتوڻيڪ هو انهيءَ کي بچائي رکندا ۽ ڇڏڻ کان ڪيٻائيندا،
بلڪ انهيءَ کي وات اندر سنڀالي رکيو ايندا،
14 تڏهن بہ هنن جو اهو کاڌو
سندن آنڊن ۾ ڦري ڪاريهر جو زهر ٿي پوندو.
15 هو دولت ڳهي تہ ويا آهن،
پر اها هو وري الٽي ڪري ٻاهر ڪيندا،
خدا سندن پيٽ مان اها ڪڍي ڇڏيندو.
16 هو جيڪي بہ ڳڙڪائين ٿا، سو ڪاريهر جي زهر مثل آهي،
جيڪو کين موتمار نانگ جي چڪ وانگر ماري وجهندو.
17 تيل، ماکيءَ ۽ مکڻ جي وهندڙ دريائن ۾
سندن ڪو حصو نہ هوندو،
هائو، هو آسودگي ۽ خوشحالي بلڪل نہ ڏسندا.
18 هنن کان سندن محنت جي ڪمائي ڦُري ويندي،
هو اها کائي نہ سگهندا.
هنن جيڪو بہ مال ملڪيت حاصل ڪيو هوندو،
تنهن مان کين ڪا خوشي حاصل نہ ٿيندي.
19 ڇالاءِجو هنن غريبن جو حق ماريو آهي،
۽ سندن ڪو خيال نہ ڪيو اٿائون.
هنن زور زبردستيءَ سان گهر قبضي ڪيا آهن،
جيڪي پاڻ تعمير نہ ڪيا هئائون.
20 جيئن تہ هنن پنهنجي اندر ۾ قناعت کي ڄاتو ئي ڪينهي،
تنهنڪري کين ڪڏهن بہ اطمينان حاصل نہ ٿيندو.
21 اهڙي ڪابہ شيءِ ناهي بچي،
جيڪا هنن ڳڙڪائي نہ ڇڏي هجي،
تنهنڪري هنن جي آسودگي جٽاءُ نہ ڪندي.

22 جيتوڻيڪ وٽن جهجهي ملڪيت هوندي،
پر اوچتو ئي تنگي اچي ورائيندن،
۽ هر ڪا آفت سندن مٿان اچي ڪڙڪندي.
23 جڏهن هو پنهنجو پيٽ ڀرڻ تي هوندا،
تڏهن خدا مٿن پنهنجو خوفناڪ غضب نازل ڪندو.
هو انهيءَ غضب ۾ ٻڏل رهندا،
ڇوتہ خدا اهو سندن مٿان مينهن وانگر وسائيندو رهندو.
24 جيڪڏهن هو لوهہ جي هٿيار کان ڀڄندا،
تہ پتل جو تير ڇيڪي کين ماري ڇڏيندو.
25 اهو تير سندن پٺيءَ کان اچي نڪرندو،
۽ انهيءَ جي چمڪندڙ ڇهنب سندن جگر مان پار ٿي ويندي،
تڏهن دهشتون مٿن غالب اچي وينديون.
26 سندن خزانا چٽ ڪري سارا اونداهيءَ سان ڀريا ويندا،
خدا کين باهہ ۾ ساڙي چٽ ڪري ڇڏيندو.
سندن گهرن ۾ جيڪي بہ باقي بچيا هوندا،
تن کي بہ باهہ ساڙي چٽ ڪري ڇڏيندي.
27 آسمان انهن جا گناهہ ظاهر ڪندا،
۽ زمين تن جي خلاف اٿي کڙي ٿيندي.
28 خدا جي غضب واري ٻوڏ ۾ سندن گهر جي برڪت
۽ سندن مال‌متاع لڙهي ويندو.
29 خدا جي طرفان شرير ماڻهن لاءِ اهو ئي حصو آهي،
خدا سندن مقدر ۾ اهو ئي لکي ڇڏيو آهي.“

## ايوب جو ورندي ڏيڻ
(34–1:21)

### شريرن کي برڪت ئي برڪت ڇو؟

21 1 تڏهن ايوب ورندي ڏيئي چيو تہ
2 ”گهٽ ۾ گهٽ منهنجي ڳالهہ تہ ڌيان ڏيئي ٻڌو،
ائين شايد اوهان جي طرفان مون کي ڪا تسلي ٿئي.

3 مون کي ڇڏيو ته آءٌ به ڪجهه ڳالهايان،
جڏهن آءٌ ڳالهائي بس ڪريان، پوءِ پلي پيا ٺٺوليون ڪجو.

4 مون کي ڪنهن فاني انسان سان شڪايت ڪانهي،
خدا سان ئي شڪايت اٿم، جنهن سان آءٌ بي‌صبرو ٿي پيو آهيان.
5 اوهين منهنجي هھڙي حال تي غور ڇو نه ٿا ڪريو؟
ڏسو ته ڪيئن نه اوهان کي عجب ٿو لڳي!
۽ ڪيئن نه اوهان کي ڏندين آڱريون اچي ٿيون وڃن.
6 جڏهن آءٌ پنهنجي حال تي ويچار ٿو ڪريان،
تڏهن پريشان ٿي وڃان ٿو،
۽ خوف وچان منهنجي بدن کي ڏڪٽي وٺيو ٿي وڃي.

7 ان جي ابتڙ جيڪي شرير ماڻهو آهن،
سي جيئندا رهن ٿا ۽ وڏي عمر ٿا ماڻين.
ڇو هو ڏينهون ڏينهن زور وٺندا ٿا وڃن؟
8 هنن جو نسل سندن ڏسندي ڏسندي
ساڻن گڏ وڌندو ويجهندو ٿو وڃي،
سندن اولاد سندن اکين اڳيان شاد آباد ٿيندو ٿو وڃي.
9 هنن جا گهر خوف کان محفوظ آهن،
۽ ڪين سزا ڏيڻ لاءِ خدا پنهنجي لٺ مٿن نه ٿو کڻي.
10 سندن ڏاند لڳ ڪندي ڪين ٿو ڪُسي،
سندن ڳئون ڦر ڏئي ٿي ۽ ڪڏهن ڪين ٿي ٽُپي.
11 هنن جا ٻارڙا سدائين خوشيءَ مان ٻاهر نڪرن ٿا،
۽ نچن ڪڏن ٿا،
ائين جيئن گهيٽا ٽپن ۽ ڪڏن.
12 اهي ٻارڙا دف ۽ دنبوري تي گيت ڳائين ٿا
۽ شرناءِ جي آواز تي خوشيون ٿا ڪن.
13 شرير پنهنجي حياتي سکي ستابي ٿا گذارين،
۽ ڪنهن تڪليف کان سواءِ ئي مري وڃي قبر داخل ٿا ٿين.

14 تنهن هوندي به اهي بدڪار خدا کي هيئن ٿا چون ته
’اسان کي ڇڏي ڏي،
ڇوته اسين تنهنجي واٽن جا طالبو ناهيون.‘
15 هو ائين به چون ٿا ته
’قادرِمطلق ڪير آهي جو اسين سندس عبادت ڪريون؟
ڀلا جي اسين انهيءَ کان دعا گهرون ته
اسان کي ڪهڙو فائدو پهچندو؟‘
16 اهي دعويٰ ٿا ڪن ته
هو پنهنجي طاقت جي ذريعي ڪاميابيون ٿا ماڻين.
سو آءٌ انهن کان ۽ انهن جي غلط خيالن کان
پاڻ کي پري ٿو رکان.”

## بدڪار لاءِ ڪا مصيبت ئي ناهي

17 ”ڀلا، انهن بدڪارن جي زندگيءَ جو ڏيئو ڪڏهن اُجهاميو آهي؟
ڇا انهن مان ڪنهن تي ڪا آفت به نازل ٿئي ٿي؟
ڇا خدا پنهنجي ڪاوڙ ۾ مٿن ڏکن مٿان ڏک موڪلي ٿو؟
18 ڀلا، انهن بدڪارن کي ڪڏهن ائين اڏائي ختم ڪيو ويو آهي،
جيئن ڪک ڪاني کي هوا اڏايو ڇڏي؟
هائو، ڇا انهن کي انهيءَ بُهم وانگر اڏائي ختم ڪيو ويو آهي،
جنهن کي طوفان اڏائي ٿو ڇڏي؟

19 ان جي جواب ۾ اوهين چئو ٿا ته
’خدا انهن بدڪارن جي گناهن جي سزا
سندن اولاد کي ٿو ڏئي.‘
نه، ائين نه ٿيڻ گهرجي،
بلڪ خدا سندن گناهن جي سزا
کين پاڻ کي ئي ڏئي ته خبر پوين.
20 ڀلي ته هو پنهنجي سزا پاڻ ڀوڳين،
ڀلي ته اهي قادرِمطلق جي غضب جو مزو پاڻ چکن.
21 ڇالاءِجو پنهنجي مرڻ کان پوءِ کين ڪهڙي پرواهه ٿي رهي
ته سندن ٻارن ٻچن سان ڇا ٿو وهي واپري؟

22 پر مون جهڙي ادنيٰ انسان کي ڪهڙي طاقت آهي،
جو خدا کي اهو سيکاري سگهان؟
جڏهن ته خدا انهن جي به عدالت ڪري ٿو جيڪي اعليٰ آهن.
23 هن دنيا ۾ ڪي ماڻهو ته
مرڻ جي وقت تائين به طاقتور رهن ٿا،
۽ پوري سڪون ۽ آرام سان مري وڃن ٿا.
24 سندن بدن پوريءَ طرح صحتمند
۽ هڏا مضبوط رهن ٿا.
25 پر ڪي ته وري ڪابه خوشي نه ٿا ڏسن،
۽ تلخ زندگي گذاريندي مري ٿا وڃن.
26 جڏهن ته مرڻ کان پوءِ اهي سڀ ساڳي مٽيءَ ۾ دفن ٿين ٿا،
۽ ڪيئان سيني کي ڍڪي ٿا ڇڏين.

27 بيشڪ مون بابت اوهان جي برن خيالن کي آءٌ ڄاڻان ٿو،
ڇوته اوهين مون کي گنهگار ٺهرائي ناانصافي ڪريو ٿا،
28 جڏهن اوهين چئو ٿا ته ’ڪيڏانهن ويو شرير جو گهر؟
۽ ڪٿي آهي اهو معتبر ماڻهو؟‘
29 سير سفر ڪرڻ وارن مان اوهين ڪنهن کان به پڇو،
اوهين انهن جي شاهدين تي غور ڇو نه ٿا ڪريو؟
30 جن مان معلوم ٿو ٿئي ته

جڏهن خدا ڪاوڙيو آهي ۽ ماڻهن کي سزا ڏيندو آهي،
تڏهن بدڪار ماڻهن کي ڪجهه نہ ٿيندو آهي.
31 ڪوبہ نہ آهي جيڪو بدڪار ماڻهن کي ملامت ڪري،
يا ڪين سندن ڪيل ڪمن جي سزا ڏئي.
32 اٿلندو انهن کي قبر ۾ لاهڻ کان پوءِ بہ
سندن مقبرن تي پهرو بيهاري ڪين عزت ڏني ٿي وڃي.
33 سندن جنازي ۾ بي‌شمار ماڻهو پويان هلن ٿا،
۽ انهن جي قبر جي مٽيءَ کي بہ نرم ڪيو وڃي ٿو.

34 تنهنڪري اوهين چو مون کي اجايو تسلي ٿا ڏيو؟
جڏهن تہ اوهان جي ڏنل جوابن ۾ رڳو ڪوڙ ئي ڪوڙ آهي.”

## اليفز جو ٽيون گفتگو

(22:1–30)

## اليفز جو ايوب کي ڏوهي ٺهرائڻ

22 1 تڏهن اليفز تيمانيءَ ايوب کي ورندي ڏيئي چيو تہ
2 ”ڇا ڪو انسان خدا کي فائدو پهچائي سگهي ٿو؟
بلڪ جيڪڏهن ڪو عقلمند بہ آهي تہ
ان ۾ رڳو سندس ئي فائدو آهي.
3 تنهنجي نيڪي قادرِمطلق کي ڪو فائدو پهچائي سگهي ٿي ڇا؟
تنهنجي پاڪيزه زندگيءَ جو خدا تي ڪو اثر پوي ٿو ڇا؟
4-5 هو تو کي تنهنجي خداپرستيءَ جي ڪري نہ،
بلڪ تنهنجي وڏي شرارت جي ڪري ڇينڀي ٿو.
هن جو تو کي سزا ڏيڻ تنهنجي سچائيءَ جي ڪري ناهي،
بلڪ انهيءَ ڪري آهي جو
تنهنجي گناهن جي ڪا پڇاڙي ئي ناهي.
6 تو پنهنجي قوم وارن جون شيون بنا سبب گروي رکيون آهن،
ايتري قدر جو ماڻهن جا ڪپڙا لاهي
تو کين اگهاڙو ڪري ڇڏيو آهي.
7 تو پياسن کي پاڻي نہ ڏنو،
۽ بکايلن کان ماني روڪي رکي.
8 تو پنهنجي طاقت سان زمين تي قبضو ڄمائي رکيو هو،
۽ عزت دار ماڻهوءَ طور انهيءَ ۾ رهندو هئين.
9 تو رنن‌زالن کي خالي هٿين ڌڪاري ڪڍي ڇڏيو آهي،
۽ يتيمن کي لٽي ڦري ڪنگال ڪري ڇڏيو اٿيئي.
10 اهو ئي سبب آهي،
جو هاڻي تنهنجي چوڌاري مصيبت ئي مصيبت آهي،
۽ اوچتي دهشت تو کي ستائي ٿي.
11 هائو، انهيءَ سبب ئي تنهنجي اکين تي
اهڙي اونداهي ڇانئجي ويئي آهي،
جو سلامتي تو کي ڏسڻ ۾ ئي نہ ٿي اچي،
مصيبتن جي ٻوڏ تو کي ٻوڙي ڇڏيو آهي.

12 خدا جيڪو اوچن ستارن کان مٿي
آسمانن کان بہ بلنديءَ تي عرش عظيم ۾ آهي،
سو ڪائنات جي هر شيءِ تي پنهنجي نظر رکي ٿو.
13 پوءِ بہ تون چوين ٿو تہ ’خدا ڇا ٿو ڄاڻي؟
هو گهاٽن ڪڪرن جي اونداهيءَ مان
ڪو انصاف ڪري سگهندو ڇا؟

14 جو خدا ڌرتيءَ جي چوگرد گهمي ٿو،
جتي زمين ۽ آسمان ملن ٿا،
۽ وچ ۾ گهاٽا ڪڪر هن لاءِ پردو آهن،
جتان هو ڪو اسان کي ڏسي سگهي ٿو ڇا؟‘

15 ڇا تون انهي پراڻيءَ راهہ تي هلندو رهندين،
جنهن تي شرير ماڻهو هلندا رهيا آهن؟
16 اهي پنهنجي مرڻ واري وقت کان اڳ ئي ماريا ويا،
ڇالاءِجو ٻوڏ سندن بنياد ئي لوڙهي ويئي.
17 انهن ئي ماڻهن خدا کي چيو ٿي تہ ’اسان کي ڇڏي ڏي.‘
هيئن بہ ٿي چيائون تہ
’قادرِمطلق اسان جي لاءِ ڇا ٿو ڪري سگهي؟‘
18 تنهن هوندي بہ خدا ئي
سندن گهر چڱين شين سان ڀري ڇڏيا.
پر آءٌ انهن کان ۽ انهن جي غلط خيالن کان
پاڻ کي بلڪل پري ٿو رکان.
19 جڏهن بدڪارن کي سزا ٿي ملي،
تڏهن بي‌گناهہ مٿن کلن ٿا ۽ سچار خوش ٿا ٿين.
20 هو چون ٿا تہ
’بيشڪ، اسان جي مخالفن کي ناس ڪيو ويو آهي،
۽ سندن پنيان ڇڏيل هر شيءِ کي باهہ ساڙي ڇڏيو آهي.‘

## خدا سان پرچاءَ جو ڦل

21 هاڻ، اي ايوب! خدا وٽ پيش پئُہ تہ سلامت رهين،
ائين ڪرڻ سان تو کي خوشحالي نصيب ٿيندي.
22 آءٌ تو کي منٿ ٿو ڪريان تہ سندس تعليم قبول ڪر،

22:2–3 ايو 35:6–8

۽ سندس ڳالهين کي پنهنجي دل ۾ سانڍي رک.
23 جيڪڏهن تون قادرِمطلق آڏو توبهہ‌تائب ٿيندين،
۽ بدڪاريءَ کي پنهنجي گهر کان پري رکندين،
تہ تون وري موٽي اڳئين حالت ۾ ايندين.
24 جيڪڏهن تون پنهنجو خزانو مٽيءَ ۾،
۽ پنهنجي نج سون کي نديءَ جي تري ۾ اڇلائي ڇڏيندين،
25 تہ پوءِ قادرِمطلق ئي تنهنجي لاءِ
سون ۽ چانديءَ جو خزانو ٿيندو.
26 بيشڪ، تڏهن ئي قادرِمطلق جي حضور مان،
تو کي خوشي حاصل ٿيندي،
۽ تون پنهنجو منهن خدا جي آڏو کڻي سگهندين.
27 تڏهن تون خدا کان جيڪا بہ دعا گهرندين سا هو قبول ڪندو،
۽ تون پنهنجون باسيل باسون پوريون ڪندو رهندين.
28 جنهن ڳالهہ جو تون ارادو ڪندين سا تنهنجي لاءِ ٿي پوندي،
۽ تنهنجون راهون روشن ٿينديون.
29 پوءِ جيڪي هيٺ ڪيرايا ويا آهن،
تن کي تنهنجي دعا جي وسيلي بلند ڪيو ويندو،
هائو، انهن دلگيرن کي خدا بچائي وٺندو.
30 هو انهن کي بہ معاف ڪري ڇڏيندو جيڪي بي‌گناهہ نہ آهن،
هائو، ڪين تنهنجي هٿن جي پاڪيزگيءَ جي ڪري ڇڏيو ويندو."

## ايوب جو ورندي ڏيڻ
(23:1–24:17)

### ايوب خدا جي ڳولها ۾

23 1 تڏهن ايوب ورندي ڏيئي چيو تہ
2 "مون کي اڄ بہ خدا سان سخت شڪايت آهي،
منهنجي ڇيڇلاٽڻ جي باوجود سندس ڳرو هٿ مون تي پيو آهي.
3 ڪاش، مون کي خبر پوي ها تہ هو ڪٿي لڀندو،
تہ جيڪر سندس مسند تائين بہ وڃي نڪران ها!
4 اتي آءٌ پنهنجو مقدمو سندس آڏو پيش ڪريان ها،
۽ پنهنجي بچاءَ ۾ سمورا دليل ۽ حجتون سندس آڏو رکان ها.
5 آءٌ ڄاڻڻ چاهيان ٿو تہ هو مون کي ڪهڙو جواب ٿو ڏئي،
آءٌ معلوم ڪرڻ گهران ٿو تہ هو ڇا ٿو چوي.
6 تڏهن ڇا خدا پنهنجي عظيم قدرت
منهنجي خلاف استعمال ڪري ها؟
نہ، هرگز نہ، بلڪ هو منهنجي ٻڌي ها.
7 پوءِ آءٌ ساڻس بحث ڪريان ها، ڇوتہ آءٌ سچو آهيان،
تڏهن هو منهنجي بي‌گناهہ هجڻ جو اعلان ڪري ها
تہ آءٌ هميشہ لاءِ ڇٽي وڃان ها.

8 پر آءٌ هن کي اوڀر ۾ ٿو ڳولهيان تہ هو ڪين ٿو ملي،
ڪيس اولهہ ۾ ٿو ڳولهيان تہ بہ هو ڏسڻ ۾ نہ ٿو اچي.
9 آءٌ اتر ۾ سندس ڳولها ٿو ڪريان،
تہ بہ مون آڏو ظاهر ڪين ٿو ٿئي،
جيڪڏهن ڏکڻ ۾ سندس ڳولها ٿو ڪريان،
تڏهن بہ ڪين ٿو ملي.
10 مگر هو منهنجي راهہ کان واقف آهي،
هو جڏهن بہ مون کي پرکيندو تہ
آءٌ نج سون جيان کرو نڪرندس.
11 منهنجا پير هن جي نقشِ‌قدم تي قائم رهيا آهن،
مون سندس ئي راهہ اختيار ڪئي آهي،
۽ ڪيڏانهن بہ ڪين مڙيو آهيان.
12 مون سندس حڪمن کان ڪڏهن منهن نہ موڙيو آهي،
آءٌ پنهنجي خواهشن کي ڇڏي سندس مرضيءَ تي هليو آهيان.

### خدا آڏو ايوب جو ڊڄڻ

13 مگر هو پنهنجي ارادي تي قائم رهڻ وارو آهي،
ڪوبہ ڪيس ڦيرائي نہ ٿو سگهي،
جيڪي ڪيس وڻي ٿو، سو ئي ڪري ٿو.
14 مون بابت جيڪي ڪجهہ مقرر ڪيو ويو آهي
تنهن کي هو عمل ۾ آڻي ٿو،
۽ اهڙيون گهڻيون ئي رٿون اجا تائين سندس هٿ ۾ آهن.
15 تنهنڪري ئي آءٌ سندس حضور ۾ ڊڄان ٿو،
۽ انهيءَ تي ويچار ڪري ڏڪي ٿو وڃان.
16–17 قادرِمطلق خدا منهنجي همت کي ناس ڪري ڇڏيو آهي،
هائو، اها مصيبت جي اونداهي ناهي، بلڪ خدا ئي آهي،
جنهن مون کي ديڄاري ڇڏيو آهي،
هن ئي منهنجي هر خوشي
انهيءَ گهُٽگهُہ اونداهيءَ ۾ لڪائي ڇڏي آهي."

### ناانصافيءَ خلاف ايوب جي پڪار

24 1 "قادرِمطلق عدالت جو وقت مقرر ڇو نہ ٿو ڪري؟
هائو، اهو ڏينهن،
جڏهن خدا کي مڃيندڙ ڪيس شريرن کي سزا ڏيندي ڏسن.
2 ڪي ماڻهو اهڙا بہ آهن،
جيڪي زمين جي حد واري نشان کي سرڪايو ڇڏين.

هو زبردستيءَ پراوا ڍڳ ڪاهي پنهنجي ڌڻن ۾ شامل ڪيو ڇڏين.
3 هو يتيمن جا گڏهه هڪلي ڪاهيو وڃن،
۽ رنڙالن جا ڏاند پاڻ وٽ گروي ٿا رکن.
4 هو غريبن کي پنهنجا حق حاصل ڪرڻ نه ٿا ڏين،
۽ سيني ضرورتمندن کي ڀڄي وڃڻ ۽ لڪڻ تي مجبور ٿا ڪن.
5 سو غريب ماڻهو جهنگلي گڏهن وانگر
پنهنجي ڪاڌي جي ڳولها ۾ رڻپٽ ۾ ڀٽڪندا ٿا وتن،
ڇوته پنهنجي اولاد جي ڪاڌي لاءِ وٽن ٻي ڪا جاءِ ناهي.
6 يا وري هو مجبور ٿي پرائي ٻنيءَ مان پنهنجي لاءِ گاهه لڻن ٿا،
۽ بدڪارن جي انگورن جي باغ مان لڪ ڇوريءَ انگور ميڙين ٿا.
7 هو ڪا چادر نه هئڻ ڪري ٿڌ ۾ ائين ئي رات گذارين ٿا،
سياري ۾ ٿڌ کان بچڻ لاءِ وٽن ڪو ڪپڙو به نه هوندو آهي.
8 هو جبلن تي پوندڙ سخت برسات ۾ ڀڄندا رهن ٿا،
۽ ڪابه پناهه نه هئڻ ڪري ٽڪرن کي چنبڙي لڪي ٿا ويهن.

9 يتيم کي سندس ماءُ جي ڇاتيءَ کان ڇني ڌار ڪيو ٿو وڃي،
۽ قرض جي واپسيءَ تائين،
انهيءَ ٻار کي قبضي ۾ رکيو ٿو وڃي.
10 غريب ماڻهو اگهاڙي لڱين ٿا ڦرندا وتن
۽ بکئي پيٽ ڪانئن ڪٽڪ جا ڳڏا ڍوئايا ٿا وڃن.
11 هو زيتونن کي ڪُٽي ڪُٽي تيل ڪڍن ٿا،
۽ انگورن کي چيچڙي ۾ لتاڙي رس ڪڍن ٿا،
تڏهن به پاڻ هو اڃ مرن ٿا.
12 شهر جي گهٽين مان زخمين جون دانهون
۽ مرڻينگ ماڻهن جون ڪوڪون ٿيون ٻڌجن،
تڏهن به خدا ظلم جي خلاف ڪجهه به نه ٿو ڪري.

## اونداهي گناهن کي جنم ڏئي ٿي

13 بدڪار ماڻهو روشنيءَ کي ڌڪارين ٿا،
هو روشن رستن تي هلڻ کان نٽائين ٿا،
۽ روشنيءَ ۾ ٻاهر ڪين ٿا نڪرن.
14 رات جي وقت خوني ماڻهو چور بڻجيو وڃي،
۽ پرهه ڦٽندي ئي هو غريب ۽ محتاج کي ڪهي ٿو.
15 زناڪار جي اک نماشام جي لاءِ منتظر ٿي رهي،
۽ هو چوي ٿو ته ’مون کي ڪوبه نه ڏسندو،‘
سو هو پنهنجي منهن کي ڍڪي نڪري ٿو.
16 رات جي اونداهيءَ ۾ چور گهرن کي ڪاٽ هڻن ٿا،
جڏهن ته ڏينهن جو پاڻ کي لڪايو ڇڏين،
هو روشنائيءَ کان واقف ئي ڪين آهن.
17 صبح جي روشني انهن جي لاءِ ڄڻ ته موت جو ڇانو آهي،
پر رات جي اونداهيءَ واري دهشت سان سندن دوستي آهي.“

## ضوفر جو ٽيون گفتگو

(25–18:24)

## خدا شريرن کي تباهه ڪندو

18 ”اي ايوب! ياد رک ته بدڪار ماڻهو
پاڻيءَ تي وهندڙ هڪڙي ڪک کان وڌيڪ ڪجهه به نه آهن.
جنهن زمين تي هو رهن ٿا، تنهن تي خدا لعنت ڪئي آهي،
اهو ئي سبب آهي جو
انهن جي انگورن جي باغن ۾ پڻ ڪو ڪم نه ٿو ٿئي.
19 جيئن برف کي گرمي ۽ خشڪي پگهرائي ڳڙڪائي ڇڏي ٿي،
ساڳي ئي طرح قبر به گنهگارن کي ڳاري ڇڏي ٿي.
20 دنيا مان سندن نالو نشان به ختم ٿيو وڃي،
ايتري قدر جو پيٽان ڄڻيندڙ ماءُ به کين وساري ڇڏي ٿي.
ڪينئان کين کائي ڇٽ ڪن ٿا،
هائو، کين وڻ وانگر پٽي ڪيرائي برباد ڪيو وڃي ٿو.

21 اهو انهيءَ ڪري ٿئي ٿو جو اهي سنڍ عورت،
جنهن کي ٻار پيدا نه ٿا ٿين تنهن کي ستائين ٿا،
۽ رنڙالن سان به ڪا نيڪي ڪين ٿا ڪن.
22 پر خدا پنهنجي طاقت سان
اهڙن زورآورن کي برباد ڪيو ڇڏي،
هائو، جڏهن هو اٿي ٿو ته
بدڪارن کي ساهه تي ڀروسو نه ٿو رهي.
23 خدا انهن کي آرام ڏئي ٿو،
۽ ان آرام کي هو پائيدار سمجهن ٿا،
پر خدا سندن هر قدم تي پنهنجي نگاهه رکي ٿو.
24 خدا بدڪارن کي ٿوري وقت لاءِ سرفراز ته ڪري ٿو،
پر پوءِ سگهو ئي اهي گم ٿيو وڃن.
هائو، اهي ذليل ٿيو وڃن،
۽ سڙي ويل ٻوٽن وانگر ڪٽي ٻاهر ڦٽا ڪيا ٿا وڃن،
کين اناج جي سنگن وانگر لٽيو وڃي ٿو.

25 پر هاڻ،
جيڪڏهن منهنجون چيل اهي ڳالهيون سچيون نه آهن،
ته پوءِ ڀل ڪو مون کي ڪوڙو،
۽ منهنجي ڳالهين کي غلط ثابت ڪري ڏيکاري.“

## بلدد جو ٽيون گفتگو
(25:1-6، 26:5-14)

### خدا جي نظر ۾ انسان جيت مثل آهي

25 1 پوءِ بلدد سوخيءَ پڻ ايوب کي ورندي ڏيئي چيو ته
2 ”حڪومت ۽ حشمت خدا کي ٿي جڳائي،
جيڪو عرش عظيم ۾ امن امان قائم رکي ٿو.
3 ڇا ڪو خدا جي لشڪرن جو شمار ڪري ٿو سگهي؟
ڇا ڪو اهڙو به آهي
جنهن تي سندس سج جي روشني نه ٿي پوي؟
4 تہ پوءِ ڪو انسان
ڪيئن ٿو پاڪ هجڻ جي دعويٰ ڪري سگهي؟
ڇا ڪو خدا جي نظر ۾ سچار ۽ پاڪ آهي؟
5 ياد رک، هن جي نظر ۾ نڪي چنڊ روشن آهي،
۽ نہ وري ستارا ئي پاڪ آهن.
6 تہ پوءِ پلا انسان سندس نظر ۾ ڇا آهي،
جيڪو هڪ ڪينئين مثل آهي؟
هائو، آدمزاد سندس نظر ۾ ڇا آهي،
جيڪو هڪ جيت مثل آهي؟“

### بلدد جي گفتگوءَ ۾ ايوب جي مداخلت

26 1 تڏهن ايوب بلدد جي گفتگوءَ ۾ مداخلت ڪندي چيو ته
2 ”واه! مون ناتوان جي تو ڪهڙي نہ مدد ڪئي آهي!
مون ڪمزور کي تو ڪهڙو نہ سنڀاليو آهي!
3 مون نادان کي تو ڪهڙي نہ صلاح ڏني آهي!
واه! تو ڪيڏي نہ عقلمنديءَ واري ڳالهہ ڪئي آهي!
4 تو کي ههڙيون ڳالهيون ڪرڻ لاءِ ڪنهن اڀاريو؟
ڪنهن تو کي ڳالهائڻ جي لاءِ اها سوچ ڏني؟“

### خدا جي عظيم طاقت بابت بلدد جو گفتگو جاري رکڻ

5 ”خدا جي حشمت سبب پاتال منجهہ مري ويلن جا روح ڏکن ٿا،
هائو، ڏرتيءَ جي هيٺين بحرن ۾ اهي ڪنبن ٿا.
6 پاتال خدا جي آڏو بلڪل کليل آهي،
هائو، سندس لاءِ انهيءَ تي ڪو پردو پيل ڪونهي.
7 هن ئي آسمان کي چئني طرفن ۾ پکيڙي ڇڏيو آهي،
۽ ڌرتيءَ کي خلا ۾ ٽنگي بيهاريو اٿس.
8 اهو خدا ئي آهي جيڪو ڪڪرن کي پاڻيءَ سان ڀري ٿو ڇڏي،
۽ اهي پاڻيءَ جي وزن کان ڦاٽي نہ ٿا پون.
9 هو پنهنجي تخت کي
گهاٽي ڪڪر سان ڍڪي ٿو ڇڏي.
10 هن ڌرتيءَ جي چوڌاري سمنڊن جي پاڻيءَ مٿان گولائي ڪڍي
روشنيءَ ۽ اونداهيءَ جي حد مقرر ڪئي آهي.
11 هن جي ڌمڪيءَ کان آسمان جا ٿنڀا بہ
ڏکي ۽ ڪنبي وڃن ٿا.

12 هن پنهنجيءَ طاقت سان *سمنڊ کي شڪست ڏيئي ڇڏي،
هن پنهنجيءَ حڪمت سان
ساموندي بلا رهب کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيو.
13 خدا پنهنجي ڦوڪ سان آسمانن کي زينت بخشي آهي.
سندس ئي هٿ †ازدها بلا کي ڇچري ڇڏيو آهي.
14 ياد رک،
اها تہ سندس عظيم طاقت جي رڳو هڪڙي جهلڪ آهي،
هائو، رڳو ماٺيڙو آواز، جيڪو اسين ٻڌون ٿا.
پر سندس عظيم قدرت جي وسعت کي
ڪير ٿو سمجهي سگهي؟“

## ايوب جو ورندي ڏيڻ
(27:1-12)

### ايوب جو پاڻ کي بيڏوهي ٺهرائڻ

27 1 ايوب پنهنجو گفتگو جاري رکندي چيو ته
2 ”جيئري خدا جو قسم آهي،
جيڪو مون سان انصاف نہ ٿو ڪري،
هائو، انهيءَ قادرِمطلق جو قسم آهي،
جنهن منهنجي حياتي زهر بنائي ڇڏي آهي،
3 تہ جيستائين منهنجي سسيءَ ۾ ساهہ آهي،
۽ جيستائين خدا مون کي ساهہ کڻڻ جي توفيق ڏئي ٿو،
4 تيستائين منهنجي چپن مان هرگز ڪوڙ نہ نڪرندو،
نہ وري منهنجيءَ زبان مان ٺڳيءَ جي ڪا ڳالهہ نڪرندي.
5 انهيءَ ڪري اي دوستؤ!
آءٌ هرگز اوهان کي سچو نہ مڃيندس،

---

*سمنڊ کي شڪست ڏيئي ڇڏي... ساموندي بلا رهب: پراڻي دور جي ڪهاڻين موجب سمنڊ ۽ ان ۾ رهندڙ رهب نالي بلا خدا سان مقابلو ڪيو هو.
†ازدها بلا: پراڻي دور جي هڪ ڪهاڻيءَ موجب ازدها بلا خدا سان مقابلو ڪيو هو.

12:26 ايو 13:9

آءٌ مرڻ گهڙيءَ تائين
پنهنجي بي‌گناهيءَ واري ڳالهہ تان ڪين هٽندس.
6 آءٌ پنهنجي سچائيءَ تي قائم آهيان،
۽ انهيءَ کي ڇڏي نہ ڏيندس،
جيستائين آءٌ جيئندس،
تيستائين منهنجو ضمير مون تي ملامت نہ ڪندو.

7 سو جيئن اوهان *شريرن بابت چيو،
تيئن شل منهنجا دشمن بہ انهن جيان سزا ڪائين،
هائو، جيڪي منهنجي خلاف اٿن ٿا،
شل سي بدڪار ماڻهن جيان پوڳين.
8 خدا کي رد ڪندڙ ماڻهن کان جڏهن هو حياتي کسي ٿو،
انهيءَ وقت اهي دعا گهرندي
خدا کان ڪهڙي اميد رکي ٿا سگهن؟
9 جڏهن مٿن ڪا مصيبت ايندي،
تہ خدا ڪو سندن دانهن ٻڌندو ڇا؟
10 پر ڇا هو قادرِمطلق جي حضور ۾ اچي
ڪا خوشي حاصل ڪري سگهن ٿا؟
پوءِ ڇا هو هر وقت خدا کان دعا گهرندا رهندا؟

11 اچو تہ آءٌ اوهان کي خدا جي قدرت جي سمجهاڻي ڏيان،
آءٌ قادرِمطلق جا ارادا اوهان کان ڪين لڪائيندس.
12 پر ڪهڙو فائدو؟
اهو سڀ ڪجهہ تہ اوهان سيني خود ڏٺو آهي،
تہ پوءِ اوهين اجايو اهڙيون
بي‌عقليءَ واريون ڳالهيون ڇو ٿا ڪريو؟"

## ضوفر جو چوٿون گفتگو

(23–13:27)

## خدا جو شريرن کي برباد ڪرڻ

13 "اي ايوب! تو کي آءٌ ٿو ٻڌايان تہ
شرير ماڻهن کي خدا ڪيئن ٿو سزا ڏئي،
هائو، انهن ظالمن تي
قادرِمطلق وٽان ڪهڙو عذاب ٿو نازل ٿئي.
14 جيڪڏهن هنن کي گهڻو اولاد هوندو آهي
تہ اهي سڀ جنگ ۾ مارجي ويندا آهن.
انهن جي نسل جي بک ڪڏهن بہ ختم نہ ٿيندي آهي.
15 انهن مان جيڪي باقي بچندا آهن،
سي وبا ۾ مري کپي ويندا آهن،
۽ انهن جون رنون‌زالون بہ مٿن ڪين روئنديون آهن.
16 بدڪار ماڻهو جيتوڻيڪ مٽيءَ وانگر
چانديءَ جا ڍير ڪري ڇڏيندا آهن،
۽ پوشاڪن جا ڍڳ تيار ڪري رکندا آهن،
17 تہ بہ اهي رڳو ميڙيندا ۽ تيار ڪندا آهن،
باقي اهي پوشاڪون پهريندا سچا ماڻهو ئي آهن،
۽ سندن اها چاندي بي‌گناهہ ماڻهو ئي ورهائي کڻندا آهن.
18 بدڪار ماڻهو پنهنجو گهر تہ جوڙين ٿا،
پر ڪوريئڙي جي ڄاري جيان،
هائو، فصل جي سنڀال لاءِ جوڙيل ان ڪچي پيهي جيان،
جيڪو فصل لڻڻ بعد هاري ڦٽايو ڇڏي ٿو.
19 دولتمند جڏهن رات جو سمهن ٿا،
تہ پاڻ سان گڏ سڀ ڪجهہ کڻي نہ ٿا سمهن،
۽ جڏهن هو پنهنجون اکيون کولين ٿا،
تہ وٽن ڪجهہ بہ ڪين ٿو رهي.
20 دهشتون هنن کي ٻوڏ وانگر وڪوڙي ٿيون وڃن،
۽ واچوڙو رات جو ڪين اڏائي کنيون ٿو وڃي.
21 جهولو ڪين اڏائي گم ڪيو ڇڏي،
هائو، اهو ڪين پنهنجيءَ جاءِ تان ٻهاريو ڇڏي.
22 جهولو ڪين سدائين گهليندو رهندو ۽ ڪا ڍر نہ ڏيندو،
جڏهن تہ اهي ڪانئس ڀڄي نڪرڻ جي گهڻي ڪوشش ڪندا.
23 پر اهو وڌيڪ غضبناڪ ٿي سندن پٺيان پوندو،
۽ زوڪات ڪندي ڪين پنهنجي جاءِ تان ڀڄائي ڪيندو."

## ڏاهپ جو راز

(28–1:28)

28 1 يقيناً چاندي کاڻ مان کوٽي ڪڍي وڃي ٿي،
۽ سون لاءِ بہ ڪا جاءِ آهي
جتي ان کي صاف ڪيو وڃي ٿو.
2 لوهہ زمين مان کوٽي ڪڍيو وڃي ٿو،
۽ پتل پٿرن مان پگهاري ڪڍيو وڃي ٿو.
3 کاڻيون کوٽيندڙ اونداهيءَ جي اونهي تهہ تائين وڃي پهچن ٿا،
هائو، هو ڌرتيءَ جي اونهاين مان پنهنجي آخري وس تائين
انهن ڌاتن کي ڳولهي ڪڍن ٿا.
4 آباديءَ کان پري هو سرنگهون هڻن ٿا،
جن کان واٽهڙن جا پير بہ بي‌خبر آهن،

*شريرن بابت چيو: اڳيئن گفتگوءَ ۾ ضوفر شريرن جي سزا بيان ڪئي هئي، ڏسو 18:24–25.

هائو، ماڻهن کان پري اهي سرنگهن ۾ رسين تي لهن چڙهن ٿا.
5 جنهن زمين مان خوراڪ پيدا ٿئي ٿي،
تنهن کي اندران ڄڻڪ باهه سان اٿلايو پٿلايو وڃي ٿو.
6 انهيءَ جي پٿرن ۾ نيلم آهي،
۽ انهيءَ جي مٽيءَ ۾ سون آهي.

7 سرنگهه واري انهيءَ رستي کي
ڪوبه شڪاري پکي ڪين ٿو ڄاڻي،
نڪي باز جي اک ئي انهيءَ کي ڏسي سگهي ٿي.
8 ڪنهن جهنگلي جانور به انهيءَ رستي تي قدم نه رکيو آهي،
نڪي مغرور شينهن ئي انهيءَ مٿان گذريو آهي.

9 انساني هٿ سخت پهڻ کي به ڪوٽيو ڇڏين،
ايتري قدر جو اهي جبلن کي پاڙن کان اونڌو ڪريو ڇڏين.
10 هو ٽڪرن مان آرپار سرنگهون ٺاهين ٿا،
سندن اکيون هر قيمتي شيءِ کي ڏسي وٺن ٿيون.
11 هو سرنگهون کوٽيندي ندين جي سرچشمن تائين وڃيو پهچن،
۽ لڪل شين کي به ٻاهر ڪڍي اچن ٿا.

12 پر ڏاهپ، هائو، ڏاهپ ڪٿان کوٽي ڪڍي سگهجي ٿي؟
دانائي آخر هوندي ڪٿي آهي؟
13 ڪوبه انسان انهيءَ جو قدر ڪين ٿو ڄاڻي،
نڪي اها جيئرن جي هن دنيا مان حاصل ڪري سگهجي ٿي.
14 بحر چوي ٿو ته ”اها مون ۾ نه آهي،“
سمنڊ جي اونهائي چوي ٿي ته ”اها مون وٽ ناهي.“
15 اها چاندي ڏيئي به خريد نه ٿي ڪري سگهجي،
نڪي سون ئي ان جي قيمت ٻڌجي سگهي ٿو.
16 نج سون سان به ان جو ملهه نه ٿو ڪٿي سگهجي،
نڪي قيمتي سليماني پٿر يا نيلم سان.
17 بيشڪ نه سون ۽ نه خاص شيشو ئي
ان جي برابري ڪري سگهن ٿا،
نڪي عمدي سون جا زيور ئي انهيءَ جو عيوض ٿي سگهن ٿا.
18 انهيءَ سان گڏ مرجان ۽ بلور جو ذڪر به نه ٿو ڪري سگهجي.
هائو، ڏاهپ جي ٿيلهي
هيرن جواهرن جي ٿيلهيءَ کان به وڌيڪ قيمتي آهي.
19 نه *سوڊان جو پکراج انهيءَ جي برابري ڪري سگهي ٿو،
نڪي نج سون ئي ان جو عيوض ٿي سگهي ٿو.

20 تڏهن ڀلا ڏاهپ اچي ڪٿان ٿي؟
دانائيءَ جو گهر ڪٿي آهي؟
21 بيشڪ اها سڀني ساهوارن جي نظر کان لڪل آهي،
هائو، اها اڏامندڙ پکين کان به ڳجهي رکي وئي آهي.
22 قبر ۽ پاتال چون ٿا ته
”اسان پنهنجي ڪنن سان انهيءَ جو رڳو افواه ٻڌو آهي.“

23 رڳو خدا ئي آهي، جيڪو انهيءَ جو رستو ڄاڻي ٿو،
هو ئي انهيءَ جي گهر کان واقف آهي.
24 ڇالاءِ جو هو ڌرتيءَ جي ڇيڙن تائين نظر ڊوڙائي ٿو،
هائو، هو آسمان جي هيٺان واري هر شيءِ کي ڏسي ٿو.
25 شروعات ۾ خالق جڏهن هوا جو زور مقرر ٿي ڪيو،
۽ ڪڪرن لاءِ پاڻيءَ جو مقدار ٿي مقرر ڪيائين،
26 جڏهن هن برسات لاءِ قانون ٿي ٺاهيو،
۽ گجگوڙ ۽ وڄ لاءِ رستو مقرر ٿي ڪيائين،
27 تڏهن هن ڏاهپ تي نظر ڪئي ۽ انهيءَ جي آزمائش ورتائين،
پوءِ انهيءَ کي منظور ڪري قائم ڪيائين.
28 تڏهن خدا انسان کي چيو ته
”ياد رک، مون خداوند جو خوف رکڻ ئي ڏاهپ آهي،
۽ برائيءَ کان پري رهڻ ئي دانائي آهي.“

## ايوب جو آخري بحث مباحثو

(40:31–1:29)

## ايوب جي اڳين خوشحالي

29
1 ايوب وڌيڪ ڳالهائيندي چيو ته
2 ”ڪاش، آءٌ اهڙو ئي هجان ها جهڙو اڳين وقت ۾ هوس،
هائو، انهن ڏينهن وانگر جڏهن خدا منهنجي حفاظت ڪندو هو.
3 تڏهن خدا هميشه مون سان گڏ هوندو هو،
۽ سندس عطا ڪيل روشنيءَ جي مدد سان
آءٌ اونداهيءَ مان به لنگهي ويندو هوس.
4 انهن ڏينهن ۾ آءٌ سکيو ستابو هوندو هوس،
۽ منهنجي گهر تي خدا جي ٻاجهه هوندي هئي.
5 تڏهن قادرِمطلق اڃا مون سان گڏ هو،
۽ منهنجا ٻار منهنجي چوڌاري هوندا هئا.
6 انهن ڏينهن ۾ مون کي تمام گهڻو مال ۽ باغ باغيچا هوندا هئا،
تنهنڪري مون وٽ کير ۽ تيل جون نديون وهنديون هيون.

*سوڊان: عبرانيءَ ۾ ”ڪُوش“ لکيل آهي. انهن ڏينهن ۾ هي علائقو موجوده ايٿوپيا ۽ سوڊان ملڪن جي ڪُجهه حصي تي مشتمل هو.

28:28 زب 111:10، مثل 1:7، 9:10

7 جڏهن آءٌ شهر جي دروازي وٽ
اڳواڻن جي مجلس ۾ ويهڻ لاءِ
پنهنجي مسند ڏانهن ويندو هوس،
8 تڏهن جوان ماڻهو مون کي ڏسندي ئي هٽي رستو ڏيندا هئا،
۽ پوڙها منهنجي احترام ۾ اٿي بيهندا هئا.
9 منهنجي اچڻ تي شهر جا امير احترام وچان
پنهنجو ڳالهائڻ بند ڪري خاموش ٿي ويهندا هئا.
10 هائو، انهن جو آواز بلڪل بند ٿي ويندو هو،
ڄڻ تہ سندن زبان وچي تارونءَ سان لڳندي هئي."

## ايوب جو پنهنجي رحمدليءَ کي ياد ڪرڻ

11 "جيڪي بہ ماڻهو
منهنجي نيڪ ڪمن بابت ٻڌندا يا اُهي ڏسندا هئا،
سي مون کي مبارڪ سڏيندا هئا،
۽ منهنجي نيڪيءَ جي شاهدي ڏيندا هئا.
12 ڇالاءِجو غريب جيڪي دانهون ڪندا هئا،
۽ يتيم جن جو ڪوبہ واهرو ڪونہ هو،
تن جون مشڪلاتون آءٌ دور ڪندو هوس.
13 هائو، ڏک سهندي موت جي منهن مان بچي وڃڻ وارا بہ
مون کي دعا ڪندا هئا،
منهنجي مدد سان رنن‌زالن کي
بي‌انتها خوشي حاصل ٿيندي هئي.
14 سچائي ڄڻ لباس وانگر مون کي پهريل هوندي هئي،
۽ انصاف مون کي هڪ جبي ۽ دستار وانگر پهريل هو.
15 آءٌ انڌن جي لاءِ اکيون،
۽ منڊن جي لاءِ پير هوندو هوس.
16 محتاجن جي آءٌ پيءُ وانگر سار سنڀال لهندو هوس،
۽ جن کي آءٌ سڃاڻيندو ئي نہ هوس،
عدالت ۾ تن جي بہ حقن جي حفاظت ڪندو هوس.
17 بدڪار ماڻهن جي ڏندن مان
آءٌ شڪار ڇڪي ڪڍي وٺندو هوس،
هائو، بدڪارن جون ڄاڙيون ڀڃي،
تن کان ستايلن کي ڇڏائيندو هوس."

## ايوب جو اڳيون اعتماد

18 "مون کي هميشہ اها اميد هئي تہ
آءٌ وڏي ڄمار تائين جيئندس
۽ پنهنجي ئي ڪکن ۾ سڪون سان مرندس،
19 آءٌ هميشہ انهيءَ وڻ وانگر رهندس،
جنهن جون پاڙون سدائين سايون رهنديون آهن،
منهنجي ٽارين تي ساري رات ماڪ پوندي،
۽ مون کي تازگي بخشيندي،
20 هر ڪو ماڻهو هميشہ منهنجي عزت ۽ احترام ڪندو رهندو،
۽ مون کي سدائين نئين طاقت عطا ٿيندي رهندي،
هائو، مون کي هميشہ اها ئي اميد رهندي هئي.

21 اڳي جڏهن آءٌ ڪا صلاح مشورو ڏيندو هوس،
تہ ماڻهو خاموش ٿي ويندا هئا،
۽ جيڪي ڪجهہ آءٌ چوندو هوس سو ڌيان ڏيئي ٻڌندا هئا.
22 منهنجي ڏنل صلاح هڪدم قبول ڪندي،
اهي وڌيڪ بلڪل نہ ڳالهائيندا هئا.
منهنجو ڳالهائڻ ٺوٺ ڌرتيءَ تي پوندڙ مينهن جي ڦڙن وانگر
سندن دلين ۾ جذب ٿي ويندو هو.
23 ماڻهو منهنجي ڳالهائڻ لاءِ ائين منتظر رهندا هئا،
جيئن سوڪهڙي ۾ برسات لاءِ واجهائيندا هجن.
حقيقت ۾ اهي انهن فڪرمند هارين جيان هئا،
جيڪي بهار جي آخري برسات لاءِ واجهائيندا هجن.
24 ڪنهن بہ ڳالهہ ۾ جڏهن اهي نااميد ٿي ويندا هئا،
تڏهن آءٌ اچي ساڻن ساٿ ڏيندو هوس،
هائو، منهنجو مرڪندڙ چهرو سندن همت‌افزائي ڪندو هو.
25 آءٌ ئي سندن اڳواڻي ڪندو هوس،
۽ سندن لاءِ واٽون مقرر ڪندو هوس.
آءٌ منجهن ائين رهندو هوس،
جيئن ڪو بادشاهہ پنهنجي سپاهين ۾ رهي،
آءٌ سندن ڏکن ۾ کين تسلي ڏيندو هوس."

## ايوب جي بدڪردار ماڻهن بابت شڪايت

30 1 "پر هاڻي، جيڪي مون کان ننڍا آهن
سي بہ مون تي ٺٺوليون ٿا ڪن،
جن جي ابن ڏاڏن کي آءٌ پنهنجي ڌڻ جي محافظ ڪتن سان
گڏ ويهڻ بہ گوارا نہ ڪندو هوس.
2 اهڙن ماڻهن مان مون کي ڪهڙو فائدو ٿي رسي سگهيو؟
جڏهن تہ اهي ٿڪي ٽٽي ڪمزور ٿي ويا هئا.
3 ڇالاءِجو محتاجيءَ ۽ بک کين ڏبرو ڪري ڇڏيو هو،
هو رات جو رڻپٽ ۽ ويرانيءَ ۾
سڪل پاڙون کائڻ لاءِ ڀٽڪندا وتندا هئا.
4 هو ٻوڙن جي وچان لوڻڪ پٽي کائيندا هئا،
۽ اهڙيون پاڙون جن ۾ ڪو سواد ڪونہ هو،
سي سندن خوراڪ هونديون هيون.
5 کين ماڻهن جي وچان هڪالي ڪڍيو ويندو هو،
ماڻهو سندن پٺيان ائين هڪلون ڪري ڪِڏ پوندا هئا،
ڄڻ ڪنهن چور جي پٺيان پوندا هجن.

6 کين ٿوٽ برساتي نهرن ۾، زمين جي چرن ۾،
۽ ٽڪرن جي وچ ۾ رهڻو پوندو هو.
7 هو ٻوڙن جي وچ ۾ هينگندا وتندا هئا،
۽ ڪانڊيرن ٻوٽن هيٺان اچي گڏ ٿي پئجي رهندا هئا.
8 اهي سڀ بيوقوفن ۽ گمنامن جو اولاد هئا،
کين ملڪ مان چهبڪ هڻي ڀڄائي ڪڍيو ويو هو.“

## ايوب جو بيعزتيون سهڻ

9 ”پر هاڻي سندن اولاد مون تي راڳ ناهي ٺٺوليون ٿو ڪري،
هائو، آءٌ انهن جي لاءِ هڪڙو پهاڪو ٿي پيو آهيان.
10 هو نفرت ڪندي مون کان پري پري ٿا بيهن،
هو منهنجي منهن تي ٿڪون هڻڻ کان به نه ٿا مڙن.
11 ڇالاءِجو خدا منهنجي طاقت ٽوڙي ڇڏي آهي،
۽ هاڻي آءٌ بيوس آهيان،
سو هو منهنجي اڳيان بيلغام ٿي ويا آهن.
12 انهن فسادين جا ٽولا مون سان مهاڏو اٽڪائيندا رهن ٿا،
۽ منهنجا پير ڪڍن ٿا،
هو مون کي ناس ڪرڻ جا منصوبا تيار ڪن ٿا.
13 هو منهنجا رستا ونيو بيهن ٿا،
جيئن آءٌ ڪانئن بچي نه نڪران،
بلڪ ناس ٿي وڃان،
اهو سڀ هو ڪنهن جي مدد کان سواءِ به ڪري سگهن ٿا.
14 هو ڄڻ ته سپاهين وانگر پٽ کي وڏو ڦاڙ ڪري
مون تي حملو ڪن ٿا،
هو مون کي تباهه ڪرڻ لاءِ مون تي ڪاهه ڪيو اچن ٿا.
15 دهشتون اچي مون تي غالب پيون آهن،
۽ تيز هوا وانگر منهنجي مان مرتبي کي اڏائي ڇڏيو اٿن.
منهنجي خير وَ سلامتي ڪڪر وانگر گم ٿي ويئي آهي.“

## خدا جي ستائڻ بابت ايوب جي شڪايت

16 ”هاڻي ته آءٌ مرڻ ڪنديءَ تي اچي پهتو آهيان،
مصيبت جي ڏينهن اچي مون کي ورايو آهي.
17 رات جي وقت منهنجون هڏيون ڏکنديون رهن ٿيون.
اهي سور جيڪي مون کي کائيندا رهن ٿا،
سي ختم ئي نه ٿا ٿين.
18 خدا منهنجي قميص جي ڳچيءَ ۾ هٿ وجهي،
مون کي پڪڙيو آهي،
۽ منهنجي بدن کي لباس جيان مروٽي بدنما ڪري ڇڏيو اٿس.
19 هن مون کي گپ ۾ اڇلائي ڇڏيو آهي،
۽ آءٌ مٽيءَ سان گڏ مٽي ٿي پيو آهيان.
20 اي خدا! آءٌ تو کي رڙيون ڪري ٿو پڪاريان،
پر تون ڪو جواب نه ٿو ڏين.
آءٌ تو آڏو دعا گهرندي ٻاڏايان ٿو،
پر تون مون ڏانهن ڪو ڌيان نه ٿو ڏين.
21 اٽلندو تون مون سان سختيءَ سان پيش ٿو اچين،
۽ پنهنجي پوري طاقت سان مون کي ستائين ٿو.
22 تنهنجي هٿ تيز هوا وانگر مون کي اڇلايو آهي،
هائو، تو طوفان جيان مون کي اٿلائي پٿلائي رکيو آهي.
23 آءٌ ڄاڻان ٿو ته تون نيٺ مون کي ماريندين،
هائو، انهيءَ جاءِ ۾ آڻي پهچائيندين،
جيڪا هر ڪنهن جي لاءِ مقرر ڪئي وئي آهي.

24 پر حقيقت ۾ اهڙي ماڻهوءَ تي
ڪڏهن به هٿ نه کڻبو آهي،
جيڪو مصيبت ۾ ڦاٿل هجي ۽ مدد لاءِ پڪاريندو هجي.
25 آءٌ ته انهن لاءِ روئندو هوس،
جيڪي تڪليف ۾ ڦاٿل هوندا هئا،
محتاجن جي لاءِ ته منهنجي جان تڙپندي هئي.
26 پر جڏهن مون ڀلائيءَ جي اميد رکي
ته مون تي بڇڙائي موڪلي ويئي.
هائو، جڏهن آءٌ روشنيءَ جي انتظار ۾ هوس
ته مون تي اونداهي موڪلي ويئي.
27 منهنجا آنڊا ٿا جلن، انهن کي ڪو آرام ڪونهي.
مون تي مصيبت جا ڏينهن اچي پيا آهن.
28 آءٌ اداسيءَ ۾ پيو گهاريان،
مون لاءِ خوشين جو سج نه ٿو اڀري.
ماڻهن جي ميڙ منجهه هوندي به
مون کي مدد لاءِ پڪارڻو ٿو پوي.
29 منهنجي پڪار اهڙي غمگين ۽ اباڻڪي آهي،
جيئن ڪنهن گدڙ يا شترمرغ جي رُوڄ.
30 منهنجي کل ڪاري ٿي ويئي آهي ۽ جسم تان لهيو ٿي پوي.
منهنجي سڄي جان بخار ۾ پيئي ٻري.
31 ڪڏهن ته آءٌ دنبورا ۽ شرنايون وڄندي
خوشيءَ جو آواز ٻڌندو هوس،
پر هاڻي منهنجي ٻڌڻ لاءِ رڳو ماتم ۽ روڄ آهي.“

## ايوب جي بيڏوهي هجڻ جي دعويٰ

31 1 ”مون قسم کڻي ڇڏيو آهي ته ڪنهن ڇوڪريءَ ڏانهن،
بلڪ ڪنهن به عورت ڏانهن
بريءَ نظر سان ڪڏهن نه ڏسندس.
2 ته پوءِ عرش واري خدا کان ان جو ڪهڙو صلو ملڻ گهرجي؟

چا قادرِمطلق طرفان ان لاءِ ڪو چڱو اجر نہ ملڻ گهرجي؟
3 هاڻي جيڪڏهن اهو سچ آهي تہ جيڪي بہ بدڪار آهن،
خدا رڳو تن تي ئي مصيبت ۽ تباهي ٿو موڪلي،
4 تہ پوءِ مون جيڪي بہ ڪيو آهي،
تنهن کي خدا ڇو نہ ٿو ڏسي؟
هائو، نيڪيءَ ڏانهن منهنجي کنيل هر قدم کي
هو ڇو نہ ٿو ڳڻي؟

5 مون ڪڏهن بہ بدڪاري نہ ڪئي آهي،
نڪي ڪنهن کي ٺڳڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم.
6 ڀلي تہ خدا مون کي انصاف واري تارازيءَ ۾ توري،
تان‌تہ منهنجي سچائيءَ کي ڄاڻي وٺي.
7 جيڪڏهن منهنجو قدم صحيح رستي کان ٿڙي ويو هجي،
يا منهنجيءَ دل
منهنجي اکين جي خواهش جي پيروي ڪئي هجي،
يا گناهہ جو ڪو داغ منهنجي هٿن کي لڳو هجي،
8 تہ پوءِ منهنجو پوکيل فصل ڀلي ٻيا کائي وڃن،
يا منهنجي ٻنيءَ جي پيداوار پاڙئون پٽي وڃي.

9 جيڪڏهن مون
ڪنهن ٻئي جي زال جي خواهش بہ ڪئي هجي،
۽ انهيءَ لاءِ آءٌ پاڙيسريءَ جي در کي تاڙي ويٺو هجان،
10 تہ پوءِ ڀلي منهنجي زال
ڪنهن ٻئي ماڻهوءَ جي حوالي ڪئي وڃي،
۽ ڌاريا مرد ساڻس سمهن.
11 ڇالاءِجو جيڪڏهن آءٌ ائين ڪريان ها،
تہ هڪ وڏو گناهہ ڪريان ها،
هائو، اهڙو گناهہ جنهن جي سزا مون کي
شريعت مطابق پوري پوري ملي ها.
12 بيشڪ، زناخوري هڪڙي اهڙي باهہ آهي،
جيڪا ساڙي چٽ ڪيو ڇڏي،
اها منهنجي هر شيءِ کي جيڪر پاڙئون ناس ڪري ڇڏي ها.

13 جڏهن منهنجي ڪنهن ٻانهي يا ٻانهيءَ
مون سان منهنجي شڪايت ٿي ڪئي،
تڏهن بہ مون سندن حق نہ ماريو.
14 ورنہ خدا جڏهن مون کان پڇي ها،
تہ آءٌ کيس ڪهڙو جواب ڏيان ها!
15 ڇالاءِجو جنهن خدا مون کي پيدا ڪيو آهي،
تنهن ئي منهنجي ٻانَهن کي بہ پيدا ڪيو آهي.
16 مون مسڪينن کي سندن خواهشن کان روڪيو تہ ڪين آهي،
نڪي رنن‌زالن کي نااميد ئي ڪيو اٿم.
17 پنهنجو ٽُڪر مون اڪيلو پاڻ ڪين کاڌو آهي،
جيڪڏهن مون کي خبر هجي تہ ڪو يتيم بک تي آهي.
18 جڏهن تہ پنهنجي ننڍپڻ کان ئي
مون يتيمن کي هڪ پيءُ وانگر پالي وڏو ڪيو آهي،
۽ پنهنجي ڄائيءَ‌ڄم کان وٺي
رنن‌زالن جي رهبري ڪندو رهيو آهيان.
19 جڏهن بہ مون ڪنهن انگ اُگهاڙي کي مرٽينگ ڏٺو آهي،
يا ڪنهن غريب کي ڪپڙن جو حاجتمند ڏٺو اٿم،
20 تڏهن مون ڪين پنهنجي ڌڻ جي رڍن جي اُن مان
ٺهيل گرم ڪپڙا پهرايا آهن.
تنهن تي هنن مون کي هميشہ دل سان دعا ڪئي آهي.
21 مون ڪنهن يتيم تي ڪڏهن هٿ نہ کنيو آهي،
جيتوڻيڪ مون ڄاتو ٿي تہ
عدالت ۾ منهنجي هلندي پڄندي آهي.
22 پر جيڪڏهن آءٌ انهن مان ڪجهہ بہ ڪريان ها
تہ پوءِ ڀلي تہ منهنجون ٻانهون ڀڄي پون،
هائو، ڀلي اهي منهنجي ڪلهن کان ٽٽي پون.
23 جيئن تہ آءٌ خدا کان بيحد ڊڄنس ٿي تہ
متان هو مون تي ڪا آفت نازل ڪري،
تنهنڪري سندس جلال جي اڳيان
ائين ڪرڻ جي مون ۾ همت نہ هئي.“

## ايوب جي پنهنجي دلي پاڪيزگيءَ بابت دعويٰ

24 ”مون سون کي ڪڏهن بہ پنهنجو آسرو نہ بڻايو آهي،
نڪي ائين چيو اٿم تہ انهيءَ سون تي منهنجو ڀروسو آهي.
25 مون ڪڏهن بہ فخر نہ ڪيو آهي تہ
مون کي گهڻي دولت آهي،
۽ منهنجي هٿن گهڻو ڪجهہ حاصل ڪيو آهي.
26 مون سج کي چمڪندو ڏسي،
يا چنڊ کي آبتاب ۾ هلندو ڏسي
ڪڏهن بہ انهن جي پوڄا نہ ڪئي آهي.
27 منهنجي دل ڳجهہ‌ڳوهہ ۾
انهن ڏانهن ڪين ڇڪي ويئي آهي،
نڪي مون پنهنجي هٿ کي چمندي
انهن کي ڪا تعظيم ڏني آهي.
28 جيڪڏهن آءٌ انهن مان ڪجهہ بہ ڪريان ها،

11:31 لاو 10:20 28:31 شر 2:17-7

تہ منھنجو اھو ڪم خدا سان بي‌وفائي ليکيو وڃي ھا،
ھائو، اھو اھڙو گناھہ آھي،
جنھن جي سزا مون کي شريعت مطابق پوري پوري ملي ھا.

29 ڇا آءٌ پنھنجي دشمن جي ناس ٿيڻ تي خوش ٿيو آھيان؟
يا جڏھن مٿس ڪا آفت آئي تہ ڇا مون کي ڪا خوشي ٿي؟
30 بلڪ مون تہ پنھنجي وات کي ايترو گناھہ بہ نہ ڪرڻ ڏنو
جو دشمن کي مرڻ جو پاراتو ڏيان.
31 جيڪي بہ مون سان گڏ رھن ٿا،
ڇا تن شاھدي نہ ڏني آھي تہ منھنجي دسترخوان تان
ڪوبہ مھمان گوشت سان ڍءُ ڪرڻ کان سواءِ نہ ويو آھي؟
32 مون ھر مسافر کي دعوت ڏيئي پنھنجي گھر ۾ رھايو آھي،
ڪنھن بہ پرديسيءَ کي گھٽيءَ ۾ سمھڻ نہ ڏنو اٿم.
33 ڇا مون ڪڏھن پنھنجو ڪو گناھہ لڪايو آھي،
جيئن انسان بڇڙائيءَ کي
پنھنجي دل ۾ لڪائي رکڻ لاءِ ڪندا آھن؟
34 ماڻھن جي خوف ۽ خاندان وارن جي ڪراھت جي ڪري،
آءٌ گھر کان ٻاھر نڪرڻ ۽ خاموش رھڻ تي مجبور ڪين ٿيس."

## ايوب جو آخري فرياد

35 "ڇا منھنجو فرياد ٻڌڻ وارو ڪو ئي بہ ڪونھي؟
ڏسو، آءٌ پنھنجي بيان تي صحيح ڪري اھو ٿو ڏيکاريان
تہ مون جيڪي ڪجھہ چيو سو سڀ سچ آھي.
ڪاش، قادرِمطلق مون کي ورندي ڏئي ھا!
ڪاش، منھنجي انھيءَ مخالف جون مون تي لڳايل تھمتون،
لکت ۾ مون وٽ ھجن ھا!
36 تہ جيڪر يقيناً آءٌ اھي فخر سان
پنھنجي ڪلھي تي کنيو وتان ھا،
ھائو، انھن کي آءٌ تاج وانگر پنھنجي مٿي تي رکي ڇڏيان ھا.
37 آءٌ جيڪر اوچي ڳاٽ خدا جي آڏو بيھي،
کيس پنھنجي ھر ڪيل ڪم بابت جواب ڏيان ھا.

38 جيڪڏھن منھنجي زمين منھنجي خلاف دانھن ڏني آھي،
۽ انھيءَ جون کيڙون گڏجي منھنجي بي‌انصافيءَ تي رنيون آھن،
39 جيڪڏھن مون انھيءَ زمين جو ڪو فصل ڦري کنيو ھجي،
يا انھيءَ جي ڪڙميءَ کي مون بک ماريو ھجي،
40 تہ پوءِ ڀلي انھيءَ ۾ ڪڻڪ جي بدران ڪانڊيرا ڄمن،
۽ جَون جي بدران ڪک ڪانا ٿين."

ائين چئي ايوب پنھنجو ڳالھائڻ ختم ڪيو.

# اليھوءَ جو گفتگو

(32:1–37:24)

## اليھوءَ جي ڪاوڙ

32 1 آخرڪار ايوب جي ٽنھين دوستن ساڻس بحث ڪرڻ کان
بس ڪئي، ڇالاءِجو ھن پاڻ کي سچو ٿي سمجھيو.
2 تڏھن رام خاندان جي بوز گھراڻي جو اليھو ولد براڪيل پنھنجي
ڪاوڙ کي وڌيڪ روڪي نہ سگھيو، ڇالاءِجو ايوب پنھنجو پاڻ کي
سچو ٿي ٺھرايو ۽ خدا تي الزام ٿي ھنيائين. 3 اليھوءَ جو غصو ايوب
جي ٽنھين دوستن تي بہ ڀڙڪي اٿيو، ڇالاءِجو ھو ايوب کي غلط
ثابت ڪري نہ سگھيا ھئا ۽ ائين ھنن خدا کي ڏوھاري ٺھرايو ھو.
4 جيئن تہ اليھو انھن سڀني کان ننڍو ھو، تنھنڪري ھن تيستائين
ايوب سان ڳالھائڻ جو انتظار ٿي ڪيو جيستائين ھر ڪنھن ڳالھائي
بس ڪئي. 5 پر جڏھن ھن ڏٺو تہ اھي ٽيئي ايوب کي ڪا ورندي
ڏيئي نہ سگھيا آھن، تڏھن کيس ڇڙ وٺي ويئي.

## ڏاھپ عمر سان نہ پر خدا جي روح کان ملي ٿي

6 تڏھن اليھو ولد براڪيل بوزيءَ کين ورندي ڏيئي چيو تہ
"آءٌ عمر ۾ ننڍو آھيان ۽ اوھين تمام پيرسن آھيو،
انھيءَ ڪري مون ماٺ ڪئي ھئي
۽ پنھنجي راءِ ڏيڻ جي جرئت نہ ٿي ڪيم.
7 مون سوچيو تہ 'بزرگن کي ئي ڳالھائڻ گھرجي،
۽ وڏي عمر وارن کي ئي حڪمت سيکارڻ کپي.'
8 پر نہ، اھو تہ خدا قادرِمطلق جو روح ئي آھي،
جيڪو انسان ۾ اچي ٿو ۽ انھيءَ کي سمجھہ عطا ڪري ٿو.
9 اھو ضروري ناھي تہ وڏي عمر وارا ئي ڏاھا ھجن،
يا پيرسن ماڻھو ئي حق سچ جي سمجھہ رکندا ھجن.
10 تنھنڪري ھاڻ منھنجي ڳالھہ ڌيان ڏيئي ٻڌو،
جيڪي آءٌ ڄاڻان ٿو سو آءٌ بہ اوھان کي ٻڌائيندس.

11 ڏسو، جيستائين اوھين ڳالھائيندا رھيا،
تيستائين آءٌ خاموش رھيس،
۽ جيستائين اوھين پنھنجا دليل ڳولھي پيش ڪندا رھيا،
تيستائين مون ويٺي اھي ٻڌا.
12 ھائو، منھنجو سڄو ڌيان اوھان ڏانھن ھو.
پر اوھان ۾ ڪوبہ اھڙو نہ ھو،
جيڪو ايوب کي قائل ڪري سگھي،
يا سندس ڳالھين جو جواب ڏيئي سگھي.
13 پوءِ اوھين ڪيئن ٿا دعويٰ ڪريو تہ

'اسان کي ڏاهپ تہ مليل آهي،
پر ايوب کي خدا ئي لاجواب ڪري سگھي ٿو،
نہ ڪي ڪو انسان.'
14 جيئن تہ ايوب جون ڪيل ڳالهيون منهنجي خلاف نہ هيون،
سو آءٌ اوهان جهڙين حجتن دليلن سان
ڪيس ورندي ڪين ڏيندس."

## اليهوءَ جو ايوب سان ڳالهائڻ جو جوش

15 "اي ايوب! تنهنجا ٽيئي دوست بيءِهمت ٿي پيا آهن،
۽ تو کي وڌيڪ ڪو جواب ڏيئي نہ ٿا سگهن،
وٽن چوڻ لاءِ ڪجھہ بہ نہ رهيو آهي.
16 آءٌ منتظر رهيس تہ هو وڌيڪ ڳالهائيندا،
پر هو چپ چاپ ويٺا آهن ۽ ڪو جواب نہ ٿا ڏين.
17 سو هاڻي آءٌ جواب ڏيندس،
آءٌ جيڪي ڄاڻان ٿو سو آءٌ اوهان کي ٻڌائيندس.
18 منهنجي اندر ۾ ڪوڙ ڳالهيون پريل آهن،
سو منهنجي دل مون کي ڳالهائڻ تي مجبور ٿي ڪري.
19 ڏسو، جيڪڏهن مون کي ڳالهائڻ نہ ڏنوَ،
تہ آءٌ منجهي منجهي انهيءَ سانداريءَ وانگر ڦاٽي پوندس،
جيڪا نئين مئي سان پريل هجي.
20 آءٌ ضرور ڳالهائيندس، تہ جيئن مون تان بار هلڪو ٿئي،
آءٌ ضرور پنهنجا چپ کوليندس ۽ ورندي ڏيندس.
21 آءٌ ڪنهن بہ انسان جو لحاظ نہ ڪندس،
نہ ڪي ڪنهن ماڻهوءَ جي خوشامند ئي ڪندس.
22 آءٌ خوشامند ڪرڻ ڄاڻان ئي ڪين،
ڇالاءِجو جيڪڏهن آءٌ ائين ڪريان ها
تہ منهنجو خالق مون کي سگهو ڪٽي وڃي ها.

33
1 انهيءَ ڪري اي ايوب! هاڻي منهنجي ڳالهہ ٻڌ،
۽ جيڪي بہ آءٌ چوان تنهن ڏانهن ڪن ڏي.
2 ڏس، مون پنهنجو وات کوليو آهي،
منهنجي زبان منهنجي واتان ڳالهائي ٿي.
3 آءٌ جيڪي بہ ڳالهائيندس سو سچيءَ دل سان ڳالهائيندس،
آءٌ جيڪي بہ ڄاڻان ٿو سو منهنجا چپ خلوص سان ٻڌائيندا.
4 ڇالاءِجو خدا جي روح مون کي جوڙيو آهي،
هائو، قادرِمطلق جي دم مون کي حياتي بخشي آهي.

5 جيڪي ڳالهيون آءٌ ڪرڻ وارو آهيان،
تن جو جواب ڏيئي سگهين تہ ڏج،
هائو، بلڪل پختو ٿي مون سان سلسليوار ڳالهيون ڪج.
6 ياد رک، خدا جي نظر ۾ تون ۽ آءٌ هڪجهڙا آهيون،
اسين ٻئي مٽيءَ مان جوڙيا ويا آهيون.
7 سو تون مون کان ڪو خوف نہ ڪر،
نہ ڪي ائين سمجھہ تہ آءٌ تو تي ڪو دٻاءُ رکندس."

## ايوب کي ڏوهاري ٺهرائڻ لاءِ اليهوءَ جا دليل

8 "بيشڪ تو جيڪي ڳالهيون ڪيون آهن، سي مون ٻڌيون آهن،
تو چيو آهي تہ
9 'آءٌ پاڪ ۽ گناهن کان آجو آهيان،
آءٌ بيءِقصور آهيان،
مون ۾ ڪابہ برائي ڪانهي،
10 تہ بہ خدا مون ۾ عيب ڳولهي ٿو،
۽ مون سان پنهنجي دشمنن وارو سلوڪ ڪري ٿو.
11 هو منهنجون ٽنگون ڪاٺ ۾ ٿو وجهي.
آءٌ جيڪو بہ قدم کڻان ٿو تنهن جي هو نگراني ٿو ڪري.'

12 پر اي ايوب! آءٌ تو کي ٻڌايان ٿو تہ
انهن ڳالهين ۾ تون غلطيءَ تي آهين،
ڇالاءِجو خدا انسان کان مٿاهون آهي.
13 تون انهيءَ سان ڇو ٿو جهڳڙو ڪرين،
تہ هو تو کي تنهنجي ڪنهن ڳالهہ جو جواب ڇو نہ ٿو ڏئي؟
14 ياد رک، خدا ڳالهائي ٿو، پر مختلف طريقن سان،
مگر اسين انسان انهيءَ تي ڌيان ئي نہ ٿا ڏيون.
15 رات جو جڏهن انسان پنهنجي بستري تي
گهاٽي ننڊ ۾ ستل هوندو آهي،
تڏهن خدا خوابن ۽ رويائن جي صورت ۾ ساڻس ڳالهائي ٿو.
16 ان وقت هو ماڻهن جا ڪن کولي ٿو،
۽ تنبيهہ ڪري کين ڊيڄاري ٿو،
17 انهيءَ لاءِ تہ هو ماڻهن کي سندن بد ارادي کان روڪي،
۽ انسانذات کي مغروريءَ کان پري رکي.
18 هو انهن جي روحن کي پاتال ۾ ڪرڻ کان،
۽ سندن جانين کي قبر کان محفوظ رکي ٿو.
19 خدا انسان کي
بيماريءَ جي بستري تي ڪيرائي بہ سيکت ڏئي ٿو،
جڏهن هن جي هڏن ۾ گهڻي وقت تائين درد رهي ٿو.
20 جنهن ڪري هن جي جيءَ کي ماني نہ ٿي وڻي،
۽ سندس روح کي عمدو طعام بہ پسند نہ ٿو اچي.
21 هن جو ماس اهڙو ڳري ٿو وڃي جو اهو ڏسڻ ۾ بہ نہ ٿو اچي،

---

11:33 ايو 27:13   15:33 ايو 13:4

ءِ سندس هڏا جيڪي ڏسڻ ۾ نہ ٿي آيا سي نڪري ٻاهر ٿا بيهن.
22 تڏهن هن جي حياتي موت جي نزديڪ وڃي پهچي ٿي،
هائو، سندس روح پاتال منجهہ ڪرڻ کي ويجهو ٿئي ٿو.

23 ان وقت بہ خدا پنهنجي هزارين فرشتن مان
ڪو هڪڙو سندس مدد لاءِ موڪلي سگهي ٿو،
جيڪو انسان کي صحيح راهہ بابت سمجهائي.
هائي جيڪڏهن انسان سندس ڳالهہ مڃي ٿو
24 تہ پوءِ اهو فرشتو مٿس مهربان ٿي خدا کي عرض ڪري ٿو تہ
'خدايا! هن کي قبر ۾ وڃڻ کان بچاءِ،
ڇوتہ سندس موت جو عيوضو ادا ٿي ويو آهي.'
25 تڏهن هن جو بدن ٻار جي بدن کان بہ تازو توانو ٿي پوي ٿو،
ءِ سندس جوانيءَ جا ڏينهن موٽي اچن ٿا.
26 پوءِ جڏهن هو خدا کان دعا گهري ٿو تہ
اهو مٿس مهربان ٿئي ٿو.
تڏهن هو خوشيءَ سان خدا جي بندگي ڪري ٿو،
ڇالاءِجو خدا کيس موت تي فتح بخشي ٿو.
27 پوءِ اهو انسان ماڻهن جي اڳيان اعتراف ڪندي چوي ٿو تہ
'بيشڪ مون گناهہ ڪيو هو،
ءِ سچائيءَ جي راهہ کان ڦري ويو هوس،
پر خدا مون کي سزا ڪين ڏني،
جنهن جو آءٌ لائق هوس.
28 بلڪ هن منهنجي جان کي قبر ۾ پوڻ کان بچائي ورتو آهي،
سو آءٌ هن روشن دنيا جو لطف وٺڻ لاءِ جيئرو رهندس.'

29 ڏس، خدا انسان کي
اهڙو موقعو بار بار ڏئي ٿو،
30 انهيءَ لاءِ تہ ان جي جان کي قبر کان موٽائي آڻي،
ءِ کيس جيئرن جي روشن دنيا جي خوشين سان پري ڇڏي.

31 تنهنڪري اي ايوب!
چڱيءَ طرح ڌيان ڏيئي منهنجي ڳالهہ ٻڌ،
هائو، خاموشيءَ سان منهنجي ڳالهہ ٻڌ.
32 پر جيڪڏهن تو کي ڪجهہ چوڻو آهي تہ
ڀلي هاڻي مون کي چئي ڏي.
هائو، ڀلي ڳالهائي وٺ،
آءٌ خوشيءَ سان تنهنجي صفائي ٻڌندس.
33 پر جي نہ، تہ منهنجي ڳالهہ ڌيان سان ٻڌ،
ءِ ماٺ ڪري ويهہ تہ آءٌ تو کي ڏاهپ سيکاريان."

## اليهوءَ جا وڌيڪ دليل

34 1 اليهوءَ وڌيڪ ڳالهائيندي چيو تہ
2 "اي عقلمند سڏائيندڙؤ! منهنجون ڳالهيون ٻڌو،
هائو، اي عالم سڏائيندڙؤ! مون ڏانهن ڪن ڏيو.
3 ڇالاءِجو ڪَنُ صحيح ءِ غلط ڳالهہ کي پرکي ٿو وٺي،
جيئن زبان کاڌي کي چکڻ سان ان جو ذائقو ٿي معلوم ڪري.
4 سو اسان کي گهرجي تہ
جيڪي درست هجي تنهن جي چونڊ ڪريون.
هائو، اچو تہ گڏجي معلوم ڪريون تہ حقيقت ڇا آهي.

5 ڳالهہ هيءَ آهي جو ايوب چوي ٿو تہ 'آءٌ سچو آهيان،
ءِ خدا مون سان انصاف نہ ٿو ڪري،
6 جيتوڻيڪ آءٌ حق تي آهيان،
تڏهن بہ ڪوڙو ليکيو وڃان ٿو.
جيتوڻيڪ آءٌ بي‌قصور آهيان،
تڏهن بہ مون کي موتمار زخم ڏنا ويا آهن.'
7 پر هاڻي اوهين ئي ٻڌايو تہ ايوب ڪهڙي قسم جو ماڻهو آهي؟
هو خدا جي بي‌ادبي اهڙي تہ آسانيءَ سان ٿو ڪري،
جڻ پاڻي ٿو پيئي.
8 هو بدڪارن جي سنگت ۾ اٿندو ويهندو آهي،
ءِ گنهگار ماڻهن سان گهمندو ڦرندو آهي.
9 تنهنڪري ئي هو چوي ٿو تہ
'پاڻ کي خدا وٽ مقبول بنائڻ مان ڪو فائدو ڪونهي.'"

## اليهوءَ جو خدا کي حقيقي منصف سڏڻ

10 "پر اي سياڻا سڏائيندڙؤ! منهنجي ڳالهہ ٻڌو.
ڇا قادرِمطلق خدا کان ڪو برائيءَ
يا بي‌انصافيءَ جهڙو ڪم ٿي سگهي ٿو؟
11 هرگز نہ، خدا تہ انسان کي سندس عملن موافق اجر ڏئي ٿو.
هو هر ڪنهن سان اهڙي ئي هلت هلي ٿو،
جيڪو جنهن هلت جي لائق آهي.
12 يقيناً خدا ڪنهن سان بہ بدي ڪين ٿو ڪري،
نڪي قادرِمطلق ڪنهن سان بي‌انصافي ٿو ڪري.
13 ڀلا ڌرتيءَ جي اختياري ءِ پوريءَ دنيا جو انتظام
خدا کي ڪنهن ڏنو آهي ڇا،
جو هو ان کي پرائي ملڪيت سمجهي بي‌انصافي ڪندو؟
14 نہ، بلڪ جيڪڏهن هو انسان کان
رڳو کيس ڏنل ساهہ واپس وٺي،

---

3:34 ايو 11:12    11:34 زب 12:62

۽ سندس دم ئي پاڻ ڏانهن ڇڪي وٺي،
15 ته انهيءَ ئي گهڙيءَ هر جسم فنا ٿي وڃي،
۽ انسان سان گڏ پوري دنيا موٽي وڃي مٽيءَ ۾ ملي.

16 هاڻي اي ايوب! جيڪڏهن تو کي ڪا سمجهه آهي ته ٻڌ،
منهنجي ڳالهين تي ڌيان ڏي.
17 ڇا انصاف سان نفرت رکندڙ ڪو حڪمراني ڪري ٿو سگهي؟
ته پوءِ تو کي ڪهڙي طاقت آهي جو
تون عادل ۽ قادر خدا تي الزام هڻين.
18 بلڪ اهو خدا ئي ته آهي
جيڪو بادشاهن ۽ حڪمرانن کي به ملامت ٿو ڪري،
جڏهن اهي نالائق ۽ بدڪار ٿا ٿين.
19 هو حڪمرانن جي طرفداري نه ٿو ڪري،
نه ئي دولتمند کي غريب کان وڌيڪ مان ٿو ڏئي،
ڇالاءِجو هر ڪو سندس ئي هٿ جي ڪاريگري آهي.
20 بلڪ جڏهن هو موت ٿو آڻڻ چاهي ته
اڌ رات جي وقت اوچتو ئي مٿن اُٿي ٿو ڪڙڪائي،
تڏهن هر ڪو ڏڪندي ڏڪندي مريو وڃي،
توڙي اهي طاقتور ماڻهو ڇو نه هجن،
اهي به بنا هٿ لڳائڻ جي دنيا مان ڪڍيو وڃن.

21 خدا جون اکيون انسان جي عملن تي لڳل آهن،
هو ان جي هر قدم کي ڏسي ٿو.
22 اهڙي ڪابه اونداهي يا ڪوبه پاڇو ڪونهي،
جتي بدڪار ماڻهو پاڻ کي لڪائي سگهن.
23 خدا کي انهيءَ ڳالهه جي ضرورت ئي ڪانهي،
ته هو انسان جي فيصلي لاءِ ڪنهن دنياوي عدالت وانگر
کيس پنهنجي آڏو حاضر ٿيڻ واسطي
ڪو خاص وقت مقرر ڪري.
24 هو بنا ڪنهن تفتيش ڪرڻ جي هر گناهه کي ڄاڻي ٿو وٺي،
سو طاقتور بدڪارن کي به ڀڃي پورا پورا ڪريو ڇڏي،
۽ سندن جاءِ تي ٻين کي مقرر ڪريو ڇڏي.
25 جيئن ته هو انهن جي افعالن کان واقف آهي،
سو رات جي وقت سندن تختو اونڌو ڪري
کين برباد ڪريو ڇڏي.
26 هو انهن کي ظاهر ظهور عام ماڻهن جي اڳيان
سندن بديءَ جي سزا ڏئي ٿو.
27 ڇالاءِجو هنن ڪانئس منهن موڙي ڇڏيو،
۽ سندس حڪمن جي ڪابه پرواهه نه ڪيائون.
28 ايتري تائين جو غريبن سان سندن بري سلوڪ سبب
انهن جي دانهن خدا تائين وڃي پهتي،
۽ هن انهن ڏکويلن جو فرياد ٻڌي ورتو.

## اليهوءَ جو ايوب کي توبهه‌تائب ٿيڻ لاءِ چوڻ

29 پر جيڪڏهن خدا
انهن بدڪار حاڪمن کي ڪجهه به نه ڪري،
تڏهن ڪير آهي جو مٿس الزام آڻي سگهي؟
يا جيڪڏهن هو غريبن کان منهن موڙي ڇڏي،
تڏهن ڪير آهي جنهن کي سندس مدد حاصل ٿي سگهي؟
پر حقيقت ۾ هو ائين نه ٿو ڪري،
بلڪ هڪڙو ماڻهو هجي يا پوري قوم،
سڀني تي هو هڪجهڙي حڪمراني ڪندو رهي ٿو.
30 انهيءَ لاءِ ته خدا کي رد ڪندڙ حڪومت نه ڪن،
۽ ڪوبه ماڻهو خلق کي ڦندي ۾ نه ڦاسائي.

31 سو اي ايوب!
تون پنهنجا گناهه خدا آڏو ڇو نه ٿو باسين؟
ڇو نه ٿو واعدو ڪرين ته وري گناهه نه ڪندين؟
32 ڇا تو خدا کي چيو آهي ته هو تو کي تنهنجا عيب ڏيکاري؟
ڇا تو مڃيو آهي ته ’آءٌ وري اهڙو ڏوهه ڪين ڪندس؟‘
33 هڪ ته تون خدا جي فيصلن تي راضي ناهين،
ٻيو وري چاهين ٿو ته خدا تنهنجي مرضيءَ تي هلي،
سو اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟
هاڻي فيصلو تو کي ڪرڻو آهي، نه مون کي،
تنهنڪري جيڪا ڳالهه تون صحيح ٿو سمجهين سا ٻڌاءِ.

34 سو سڀيئي سمجهه وارا ۽ عقلمند ماڻهو
منهنجون اهي ڳالهيون ٻڌي مڃيندا ته
35 ’ايوب واقعي اڻڄاڻائيءَ مان ٿو ڳالهائي،
۽ جيڪي هو چوي ٿو تنهن ۾ ڪابه ڏاهپ ڪانهي.‘
36 سو شل ايوب کي
سندس ڪيل هر غلط لفظ جي سزا ڏني وڃي ته چڱو،
ڇالاءِجو هو شرير ماڻهن جهڙا جواب ڏئي ٿو.
37 هائو، هو خدا سان بغاوت ڪري
پنهنجي گناهن کي اڃا وڌائيندو ٿو رهي.
هو اسان جي اڳيان خدا بابت گستاخي ڪندي تاڙيون وڄائي ٿو،
۽ خدا جي خلاف گهڻيون ئي ڳالهيون ڪري ٿو.“

## خدا مغرورن جي نه ٿو ٻڌي، اليهوءَ جي دعويٰ

35
1 اليهوءَ وڌيڪ ڳالهائيندي چيو ته
2 ”اي ايوب! ڇا تون اهو درست ٿو سمجهين،
جو دعويٰ ڪري چوين ٿو ته ’آءٌ خدا آڏو سچار ثابت ٿيندس؟‘

3 يا وري جيئن خدا کي چوين ٿو ته
'منهنجي گناهه ڪرڻ يا نه ڪرڻ سان تو تي ڪهڙو اثر ٿو پوي؟
۽ جي آءٌ گناهه نه ڪريان ته ان جو مون کي ڪهڙو اجر ملندو؟'
4 آءٌ تو کي ۽ تو سان گڏ تنهنجي دوستن کي به
انهيءَ ڳالهه جو جواب ڏيندس.

5 آسمان جي اوچائيءَ ڏانهن نظر ڪري ڏس،
بلڪ بادلن تي ئي غور ڪر ته اهي تو کان ڪيترو نه مٿي آهن.
6 پوءِ جيڪڏهن تون گناهه ٿو ڪرين،
ته انهيءَ سان
آسمان کان به مٿي رهندڙ خدا جو ڇا ٿو بگاڙي سگهين؟
هائو، جيڪڏهن تنهنجا گناهه گهڻا ٿيندا ٿا وڃن،
ته انهن جو خدا تي ڪهڙو اثر ٿو پوي؟
7 يا وري جيڪڏهن تون نيڪيءَ جا ڪم ٿو ڪرين،
ته خدا تي ڪهڙو احسان ٿو ڪرين؟
يا هن کي تنهنجي هٿان ڪجهه حاصل ٿئي ٿو ڇا؟
8 نه، تنهنجي شرارت رڳو تو جهڙي انسان کي ئي
نقصان پهچائي سگهي ٿي،
هائو، تنهنجي سچائي رڳو ڪنهن آدمزاد کي ئي
فائدو پهچائي سگهي ٿي.

9 مظلوم ماڻهو گهڻن ظلمن جي ڪري دانهون ته ڪن ٿا،
هائو، ڏاڍن جي زبردستيءَ ڪري هو مدد لاءِ پڪارين ته ٿا،
10 پر انهن مان اهڙو ڪوبه ناهي جيڪو خدا آڏو پاڙائي،
جيڪو سندن خالق آهي،
جيڪو وڏين مشڪلاتن ۾ به ڪين خوشيءَ جا گيت ڳارائي ٿو.
11 جڏهن ته هن انسان کي جانورن کان وڌيڪ سمجهه ڏني آهي،
۽ پکين کان وڌيڪ عقل عطا ڪيو اٿس.
12 پر جڏهن اهي ماڻهو دانهون ڪن ٿا،
تڏهن خدا ٻُڌي به
سندن بدڪاريءَ ۽ مغروريءَ سبب ڪين ورندي نه ٿو ڏئي.

13 جڏهن ته سندن دانهون بلڪل فضول آهن،
ڇالاءِجو قادرِمطلق هنن ڏانهن ڪو ڌيان ئي نه ٿو ڏئي،
14 ته پوءِ اي ايوب! هو تنهنجي دانهن ڪيئن ٻڌندو؟
جو تون چوين ٿو ته
'منهنجو مقدمو سندس آڏو آهي،
پر هو انهيءَ ڏانهن ڪو ڌيان نه ٿو ڏئي،
آءٌ انهيءَ جو انتظار ڪندو ٿو رهان.'
15 بلڪ تون ائين به چوين ٿو ته
هو شريرن تي غضب نازل نه ٿو ڪري،
۽ سندن گناهن تي ڪو ڌيان ڪونه ٿو ڏئي.
16 خبردار، اي ايوب! تون اجايون ڳالهيون ڇو ٿو ڪرين؟
هائو، نادانيءَ وچان ايڏيون وڏيون ڳالهيون نه ڪر."

## خدا کي عادل ثابت ڪرڻ لاءِ اليهوءَ جا دليل

36 1 اليهوءَ وڌيڪ هي چيو ته
2 "توري دير وڌيڪ صبر ڪري ٻڌ، آءٌ تو کي ٻڌايان ٿو،
جو مون کي اڃا به خدا جي پاران کي ڪجهه چوڻو آهي.
3 منهنجو علم وسيع آهي،
سو آءٌ پنهنجي ڄاڻ جي وسيلي
پنهنجي خالق کي عادل ثابت ڪندس.
4 اها حقيقت آهي ته منهنجي ڳالهين ۾ ڪوڙ بلڪل نه آهي،
آءٌ، جيڪو تو سان ويٺو ڳالهايان ٿو سو ڪامل علم رکان ٿو.

5 ياد رک، خدا قادر آهي،
تنهن هوندي به هو ڪنهن کي حقير نه ٿو ڄاڻي،
ڇوته هو سمجهه جي وڏي سگهه رکندڙ آهي.
6 بدڪارن کي هو جيئرو رهڻ نه ٿو ڏئي،
پر ڏکويلن کي سندن حق ڏئي ٿو.
7 سچارن تان هو پنهنجي مهر جي نظر نه ٿو هٽائي،
بلڪ انهن کي بادشاهن وانگر هميشه لاءِ تخت تي ويهاري ٿو،
اهڙيءَ طرح هو ڪين سرفراز ڪري ٿو.
8 پر جيڪڏهن اهي زنجيرن ۾ ٻڌجن ٿا،
۽ پنهنجي عملن جي ڪري مصيبت ۾ ڦاسن ٿا،
9 ته خدا ڪين انهيءَ رستي سندن گناهه ڏيکاري ٿو،
جيڪي هنن پنهنجي مغروريءَ ۾ ڪيا آهن.
10 هو انهن جي سڌاري لاءِ سندن ڪن کولي ٿو،
۽ ڪين هدايت ٿو ڪري ته هو بدڪاريءَ کان مڙي وڃن.
11 پوءِ جيڪڏهن هو ٻڌندا ۽ سندس تابعداري ڪندا،
ته اهي امن ۽ خوشحاليءَ واري زندگي گذاريندا.
12 پر جي هو نه ٻڌندا ته ماريا ويندا،
۽ خدا جي نافرمانيءَ واري بي‌وقوفيءَ جي ڪري
موت جي منهن ۾ وڃي ڪرندا.

13 ان کان علاوه جيڪي خدا کي رد ڪندڙ آهن،
سي پنهنجي غصي کي قائم رکندا ٿا اچن،
ايتري قدر جو جڏهن خدا ڪين سزا ٿو ڏئي،

8–6:35 ايو 2:22–3

تڏهن به اهي ڪيس مدد لاءِ نه ٿا پڪارين.
14 بيشڪ اهي جوانيءَ ۾ ئي مري وڃن ٿا،
۽ سندن حياتي شرم ۾ ٻڌندي ختم ٿي وڃي ٿي.
15 پر خدا مصيبت ۾ ڦاٿلن کي
انهيءَ مصيبت جي ذريعي صحيح رستي تي آڻي ٿو،
هائو، هو مشڪلاتن جي ذريعي سندن اکيون کولي ٿو.”

## اليهوءَ جو ايوب جي سزا کي جائز سڏڻ

16 ”اهڙيءَ طرح خدا تو کي به مصيبت مان ڪڍي
اهڙي ڪشاديءَ جاءِ ۾ پهچائي ها، جتي تنگي بلڪل نه آهي.
هو تنهنجي دسترخوان کي عمدن طعامن سان ڀري ڇڏي ها.
17 پر هاڻي تون شرير ماڻهن وانگر
پوري سزا ڀوڳي رهيو آهين،
انهيءَ ڪري جو خدا جي عدالت ۽ انصاف
تو کي اچي پڪڙيو آهي.
18 سو خبردار،
متان تنهنجو غصو تو کي وڌيڪ گمراهه نه ڪري ڇڏي،
يا ناجائز دولت ميڙي سدائين قائم رهڻ واري تنهنجي سوچ
تو کي ٻوڙي نه ڇڏي.
19 ڇا تنهنجو روئڻ تو کي مصيبت مان ڇڏائي ٿو سگهي؟
يا تون پنهنجي ڀرپور طاقت،
۽ ڪوشش سان پاڻ کي بچائي ٿو سگهين؟
20 انهيءَ موت واري رات جي خواهش به نه ڪر،
جنهن رات ۾ قومن جون قومون به
پنهنجي جاءِ تان متجيو وڃن.
21 خبردار، هاڻي بدڪاريءَ جي ويجهو نه وڃ،
ڇالاءِجو انهيءَ جي ڪري ئي
تون تباهيءَ جي راهه تي لڳو آهين.

22 ياد رک،
خدا پنهنجي قدرت جي ڪري سڀني کان عظيم آهي.
ڇا اسان کي سيکارڻ لاءِ
انهيءَ جهڙو عظيم استاد ڪو ٻيو آهي؟
23 ڪير آهي جيڪو خدا کي سيکاري سگهي ته
ڪيس ڇا ڇا ڪرڻو آهي؟
يا ڪير آهي جيڪو ڪيس چئي سگهي ته
’تو بي‌انصافي ڪئي آهي؟‘
24 ياد رک،
تو کي به انهيءَ جي ڪمن جي واکاڻ ڪرڻ گهرجي،
جنهن جي واکاڻ ماڻهو هميشه ڳائيندا رهيا آهن.
25 هر ڪو ماڻهو سندس ڪمن کي ته ڏسي ٿو،
پر اهي گهڻو پري کان مٿن نظر ڪن ٿا.”

## اليهوءَ جو خدا جي عظمت بيان ڪرڻ

26 ”ڏس، خدا عظيم آهي،
اسين سندس عظمت کي پوريءَ طرح نه ٿا ڄاڻي سگهون.
اسين نه ٿا ٻڌائي سگهون ته هو ڪيترن سالن کان آهي.
27 هو ئي آهي،
جيڪو پاڻيءَ کي بخارن جي صورت ۾ زمين تان ڇڪي وٺي ٿو،
۽ اهو پاڻي وري مينهن جي صورت ۾ هيٺ ٽمڻ لڳي ٿو.
28 هائو، خدا ڪڪرن مان مينهن کي پلٽي ٿو،
۽ پوري انسانذات مٿان انهيءَ جو جهجهو ڦوهارو وسائي ٿو.
29-31 انهيءَ مينهن جي وسيلي هو ماڻهن جي پالنا ڪري ٿو،
۽ کين بي‌انداز خوراڪ عطا ڪري ٿو.
ڇا ڪو انسان سمجهي سگهي ٿو ته ڪڪر ڪيئن ٿا پکڙجن،
۽ سندس عرش مان ڪيئن ٿي گجگوڙ ٿئي؟
ڏس، هو پوري آسمان کي وڄ جي روشنيءَ سان چمڪائي ٿو،
پر هو سمنڊ جي اونهاين کي اونداهو رکي ٿو.
32 هو وڄ کي پنهنجي هٿ ۾ کڻي ٿو،
۽ ڪيس حڪم ٿو ڏئي ته وڃي پنهنجي نشان کي لڳي.
33 گجگوڙ طوفان جي اچڻ جو اعلان ٿي ڪري،
۽ چوپايو مال به انهيءَ جي اچڻ جي خبر ڏئي ٿو.

37 1 هائو، انهيءَ طوفان جي ڪري منهنجي دل ڏڪي ٿي،
ايتري قدر جو سيني کان ٻاهر نڪتي ٿي اچي.
2 اوهين سڀ ڌيان سان خدا جي ڳالهائڻ جو آواز ته ٻڌو،
هائو، سندس واتان نڪرندڙ اها گجگوڙ ته ٻڌو.
3 هو پنهنجي وڄ کي عرش کان هيٺ ٿو موڪلي،
۽ اها ڌرتيءَ جي هڪ ڇيڙي کان ٻئي ڇيڙي تائين وڃيو پهچي.
4 انهيءَ کان پوءِ سندس گجگوڙ جهڙو آواز ٻڌڻ ۾ ٿو اچي،
هائو، هو پنهنجي جلال واري آواز سان گجي ٿو.
جنهن وقت سندس آواز ٻڌڻ ۾ ٿو اچي،
تنهن وقت هو وڄ جا چمڪاٽ موڪليندو ٿو رهي.
5 خدا پنهنجي آواز سان عجيب نموني گجگوڙ ٿو ڪري.

هو وڏا وڏا معجزا ڪري ٿو،
جيڪي اسين سمجهي نه ٿا سگهون.
6 هو برف کي زمين تي ڪرڻ جو حڪم ٿو ڏئي،
ساڳيءَ طرح برسات جي وڏ ڦڙي وسڪاري کي به حڪم ٿو ڏئي.

---

36:20 ايو 3:20–23

7 ائين هو سڀني ماڻهن کي پورهئي کان روڪي رکي ٿو،
انهيءَ لاءِ تہ سندس مخلوق هن جي قدرت کي ڏسي.
8 انهيءَ وقت جهنگلي جانور بہ پنهنجي ڏرن ۾ وڃيو لکن،
۽ پنهنجي پناهہ‌گاهن ۾ ئي پئجي ٿا رهن.
9 ڏکڻ کان طوفاني هوائون ٿيون اچن،
۽ اتر کان ڏنگيندڙ ٿڌيون هوائون.
10 خدا جي ڦوڪ سان برف ڄمي پوي ٿي،
۽ پاڻيءَ جو مٿاڇرو ڌاتوءَ جهڙو سخت ٿي پوي ٿو.
11 هو گهاٽن ڪڪرن کي گهم سان پري ٿو،
جيڪي سندس روشن وڄ کي هر طرف پکيڙي ڇڏين ٿا.
12 ڪڪر سندس اشاري سان چوڌاري ڦرن ٿا،
تان‌تہ هو ڪين جيڪي بہ حڪم ڏئي،
تنهن کي روءِزمين تي بجا آڻين.
13 پوءِ خواهہ سيکت جي لاءِ توڙي رحمت جي لاءِ،
هو اهو حڪم بجا آڻين ٿا.“

## خدا جي عظمت سمجهڻ انسان لاءِ ناممڪن آهي

14 اليهوءَ وڌيڪ چيو تہ
”اي ايوب! هيءَ ڳالهہ ڌيان سان ٻڌ،
ماٺ ۾ رهہ ۽ خدا جي عجيب ۽ غريب ڪمن تي غور ڪر.
15 ڇا تون ڄاڻين ٿو تہ
خدا ڪيئن ڪڪرن کي حڪم سان ٿو هلائي؟
۽ ڪيئن انهن مان وڄ ٿو چمڪائي؟
16 ڇا تون ڄاڻين ٿو تہ ڪڪر آسمان ۾ ڪيئن ٿا ترن؟
هي عجيب ۽ غريب ڪم انهيءَ جا ئي آهن،
جيڪو علم ۾ ڪامل آهي.
17 جڏهن زمين سخت جهولي جي ڪري
ويرانيءَ هيٺ اچي وڃي ٿي،
تڏهن ڇا تون پنهنجي ڪپڙن ۾ آيل گرميءَ کان
پاڻ کي بچائي ٿو سگهين؟
18 ان وقت ڇا تون آسمان ۾ آبهوا کي پکيڙڻ ۾
خدا جي مدد ڪري ٿو سگهين؟
هائو، انهيءَ آسمان ۾ جيڪو ٽامي جيان تپي باهہ ٿيل هجي.

19 جيڪڏهن تون ائين ڪري ٿو سگهين تہ
ڀلا اسان کي بہ سمجهاءِ تہ
اسين خدا آڏو بيهي ساڻس ڪيئن ڳالهايون،
ڇالاءِجو اونداهيءَ ۾ هئڻ ڪري
اسين ساڻس ڪو مقدمو وڙهي نہ ٿا سگهون.
20 پر نہ، آءٌ خدا سان ڳالهائڻ جي جرئت ئي نہ ٿو ڪري سگهان،
ڇا ڪو اهڙو بي‌وقوف ٿيندو،
جو چاهي تہ خدا ڪيس برباد ڪري ڇڏي؟
21 جڏهن هوا ڪڪرن کي هٽائي آسمان صاف ڪري ڇڏي ٿي،
تڏهن ڪوبہ ماڻهو
چمڪندڙ سج ڏانهن چتائي ڏسي نہ ٿو سگهي.
22 تهڙيءَ طرح جڏهن اتر کان
خدا ڇڻ سونهري چمڪ ۾ اچي ٿو،
تڏهن ڪير سندس هيبتناڪ جلال ڏسي سگهي ٿو؟

23 بيشڪ قادرِمطلق جي عظمت
اسان جي سوچ کان بہ مٿاهين آهي،
هن جي قدرت ۽ عدالت ايتري تہ عظيم آهي،
جو هو انصاف کي ڪڏهن بہ نہ ٿو بگاڙي.
24 تنهنڪري اسين انسان سندس خوف ٿا رکون،
پر جيڪي ماڻهو پاڻ کي وڏو عقلمند ٿا سمجهن،
تن جو هو ڪو لحاظ نہ ٿو ڪري.“

# خداوند جو ايوب سان ڳالهائڻ

(34:41–1:38)

## خداوند جو ڪائنات جي تخليق بابت ايوب کان پڇڻ

38 1 تڏهن خداوند وڏي واچوڙي منجهان ايوب کي ورندي ڏيئي چيو تہ
2 ”تون ڪير ٿيندو آهين جو
پنهنجي اڻڄاڻائيءَ وارين ڳالهين سان
منهنجي ڏاهپ جي ڪمن بابت ايترو ڳالهائين ٿو؟
3 هاڻي مڙس ٿي منهن ڏيڻ لاءِ سندرو ٻڌ،
۽ تو کان جيڪي پڇان تنهن جو جواب ڏي.
4 جڏهن مون ڌرتيءَ جا بنياد وڌا هئا تڏهن تون ڪٿي هئين؟
جيڪڏهن تون موجود هئين تہ
مون کي انهيءَ ڳجهہ بابت ڪجهہ ٻڌاءِ.
5 چڱو ڀلا،
جي اٿيئي ڄاڻ تہ ٻڌاءِ تہ ڪنهن انهيءَ جي ماپ ڪئي؟
هائو، ڪنهن انهيءَ تي ڏور ڇڪي؟
6-7 ڪهڙي شيءِ تي انهيءَ جو بنياد ٻڌي قابو ڪيو ويو،
جڏهن صبح جي تارن گڏجي پئي ڳايو؟
ڪنهن انهيءَ جي پيڙهہ جو پٿر رکيو،
جڏهن آسماني مخلوق خوشيءَ جا نعرا پئي هنيا؟

8 ڪنهن سمنڊ کي پنجو ڏيئي بند ڪيو،
جڏهن اهو اونهاين کان ڌرتيءَ تي اٿلي پيو هو؟
9 اهو آءٌ ئي تہ هوس، جنهن ڪڪرن کي سمنڊ جي پوشاڪ
۽ گهاٽي اونداهيءَ کي انهيءَ جي ويڙهڻ جو ڪپڙو بڻايو.
10 پوءِ مون انهيءَ جي لاءِ حد مقرر ڪئي،
۽ ڪيس دروازا هڻي منجهن تالا لڳايم.
11 مون انهيءَ کي چئي ڇڏيو تہ
’تون هيستائين ايندين، پر اڳتي نہ وڌندين،
۽ هتي تنهنجي طاقتور ڇولين جو زور ٽٽي پوندو.‘

12 اي ايوب! ڇا تو پنهنجي پوري حياتيءَ ۾
ڪڏهن بہ صبح تي حڪم هلايو آهي تہ ’ٿي پئہ؟‘
يا سج تي حڪم هلايو اٿيئي تہ ’اڀري اچ؟‘
13 ڇا تو ڪڏهن فجر جي روشنيءَ کي
ڌرتيءَ جي ڇيڙن تائين پکيڙيو آهي،
جنهن سبب بڇڙا ماڻهو پڇي ۽ لڪي ٿا وڃن؟
14 ان وقت جبل ۽ ماٿريون اهڙا تہ چٽا ٿي پون ٿا،
جيئن چيڪي مٽيءَ تي مُهر هڻڻ سان اکر اڀريو اچن.
هائو، تڏهن جبل ۽ ماٿريون
لباس جي گهنجن جيان ظاهر ٿيو پون.
15 اونداهي، جنهن کي بدڪار پنهنجي روشني ٿا چون،
سا ڏينهن جي روشنيءَ سبب تن کان دور ڪئي وڃي ٿي،
جنهن سبب هو ماڻهن کي وڌيڪ نقصان ڏيئي نہ ٿا سگهن.

16 اي ايوب! ڇا تون سمنڊ جي اونهائيءَ وارن چشمن ۾
ڪڏهن داخل ٿيو آهين؟
ڇا تون گهري سمنڊ جي تري تي ڪڏهن گهميو آهين؟
17 ڇا ڪنهن تو کي مئلن جي دنيا،
يعني اوڙاهہ جا اونداها دروازا ڪڏهن ڏيکاريا آهن؟
18 ڇا تو ڌرتيءَ جي ڪشادگيءَ کي سمجهي ورتو آهي؟
جيڪڏهن تون اهي سڀ ڳالهيون ڄاڻين ٿو تہ
مون کي ڪجهہ ٻڌاءِ.

19 چڱو ڀلا ٻڌاءِ تہ روشني ڪٿان ٿي اچي؟
۽ اونداهي ڪٿي ٿي رهي؟
20 ڇا تون انهن جي رهنمائي ڪري ٿو سگهين؟
تہ کين ڪيستائين وڃڻو ۽ ڪٿان موٽڻو آهي؟
21 واه واه! پوءِ تہ تون اهو سڀ ڪجهہ ڄاڻين ٿو،
ڀلا ڇو نہ ڄاڻين تون تہ تمام وڏي عمر وارو آهين،
جو جڏهن مون دنيا ٿي خلقي تڏهن بہ تون هئين.

22 ڀلا، ڇا تون برف جي گدامن ۾ داخل ٿيو آهين؟
يا تو ڳڙن جا گدام ڏٺا آهن؟
23 جيڪي مون مصيبت نازل ڪرڻ لاءِ سانڍي رکي ڇڏيا آهن،
هائو، جڏهن ماڻهو لڙايون ۽ جنگيون ڪن ٿا،
تنهن وقت سندن مٿان وسائڻ لاءِ مون رکي ڇڏيا آهن.
24 ڇا تو کي وڄ تائين پهچڻ جو رستو معلوم آهي؟
ڇا تو کي انهيءَ جاءِ جي خبر آهي جتان جهولا اچن ٿا؟
25 اهو ڪير آهي،
جنهن مينهن وسائڻ لاءِ آسمان مان رستو ٺاهيو آهي؟
اهو ڪير آهي جنهن گجگوڙ ۽ وڄ لاءِ رستو مقرر ڪيو آهي؟
26 اهو ڪير آهي جيڪو ويران زمين تي مينهن ٿو وسائي،
هائو، انهيءَ بيابان تي جنهن ۾ ڪوبہ انسان ڪونہ ٿو رهي؟
27 اهو ڪير آهي جيڪو ويران ۽ سڃي زمين کي ريج ٿو ڏئي،
۽ انهيءَ مان سرسبز گاهہ ٿو ڦٽائي؟
28 ڀلا تو کي خبر آهي تہ مينهن جو ڪو پيءُ آهي؟
يا وري ماڪ جي ڦڙن کي ڪنهن ڄڻيو آهي؟
29-30 ڀلا تو کي معلوم آهي تہ
برف ڪنهن جي پيٽان ڄائي آهي،
جنهن جي ڪري پاڻي پٿر وانگر ڄمي وڃي ٿو؟
ڇا تو کي خبر آهي تہ آسمان جي پاري جو ڪو پيءُ آهي،
جنهن جي ڪري سمنڊ جو مٿاڇرو ڄمي وڃي ٿو؟

31 ڇا تون ڪَتيءَ جي ڇڳي کي ٻَڌي سگهين ٿو؟
يا ٽيڙوءَ جا بند کولي سگهين ٿو؟
32 ڇا تون زهره کي سندس وقت تي ڪڍي سگهين ٿو؟
يا ڪٽ ۽ ان جي پٺيان هلندڙ ستارن کي گهمائي سگهين ٿو؟
33 ڇا تون انهن لاءِ آسمانن جي قانون کان واقف آهين؟
يا انهن جو اختيار ڪو تون زمين تي قائم ڪري سگهين ٿو؟
34 ڇا تون پنهنجو آواز ڪڪرن تائين پهچائي سگهين ٿو،
تانتہ تنهنجي حڪم تي هو وسڻ لڳي ۽ تو کي پسائي ڇڏي؟
35 ڇا تون وڄ کي ائين چئي روانو ڪري سگهين ٿو تہ
’وڃي نشاني تي لڳ؟‘
ڇا اها موٽي اچي تو کي چوندي تہ ’اِجهو، آءٌ حاضر آهيان؟‘
36 انسان جي باطن منجهہ ڏاهپ ڪنهن رکي آهي؟
۽ سندس دل کي سمجهہ ڪنهن عطا ڪئي آهي؟
37 ڪير پنهنجي عقل جي زور تي
ڪڪرن جو شمار ڪري سگهي ٿو؟

38:8–11 ير 22:5 38:15 ايو 24:13–17 38:23 يش 11:10 38:31 ايو 9:9، عا 8:5

كير آسماني ساندارن کي اٿلائي ٿو سگهي؟
38 تڏهن مينهن پوڻ سان مٽي بدلجي ڳوڙها ٿي پوي ٿي،
۽ ڀتر پاڻ ۾ ڳنڍجي وڃن ٿا.”

## خداوند جو جانورن بابت ايوب کان پڇڻ

39–40 ”اي ايوب!
چا تون شينهڻ جي لاءِ شڪار ڪري ٿو سگهين،
جڏهن اها پنهنجي غارن ۾ لڪي وڃي ٿي؟
يا ڪو شڪار آڻي جوان شينهن جي بک لاهي ٿو سگهين،
جڏهن اهو جهنگ جي ٻوٽن ۾ شڪار جي تاڙ ۾ لڪي ويهي ٿو؟
41 جهنگلي ڪانءَ جي لاءِ ڪير کاڌو مهيا ڪري ٿو،
جڏهن ان جا ٻچا مون خدا کي دانهون ڪري ٻاڏائين ٿا،
۽ کاڌي نہ هئڻ ڪري هيڏانهن هوڏانهن رلندا وتن ٿا؟

39 1 چا تون ڄاڻين ٿو تہ
ٻهاڙي ٻڪريون ڪهڙيءَ موسم ۾ ڦر ڄڻين ٿيون؟
يا چا تو هرڻين کي ٻچا ڄڻيندي ڏٺو آهي؟
2 چا تو انهن جانورن جي حمل جا مهينا ڳڻيا آهن؟
يا چا تو کي اهو وقت معلوم آهي جڏهن اهي ويامن ٿيون؟
3 چا تون ڄاڻين ٿو تہ اهي ٻار ڄڻڻ لاءِ ڪڏهن جهڪن ٿيون؟
۽ ڪڏهن پنهنجا ٻچا ڄڻي پنهنجن سورن کان آجيون ٿين ٿيون؟
4 انهن جا ٻچا وڏا ٿين ٿا ۽ کليل ميدان ۾ وڌي طاقتور ٿين ٿا،
پوءِ هو نڪري پري وڃن ٿا ۽ وٽن موٽي ڪين ٿا اچن.

5 جهنگلي گڏهن کي ڪنهن آزاد ڇڏي ڏنو آهي؟
هائو، ڪنهن انهن جا رسا ڇوڙي ڇڏيا آهن؟
6 مون ئي تہ بيابان کي انهن جو گهر بڻايو آهي،
۽ کاري زمين کي انهن جي جُوءِ بڻايو اٿم.
7 شهرن جي گوڙ شور کان اهي پري رهن ٿا،
۽ هڪلڻ واري جون هڪلون ڪونہ ٿا ٻڌن.
8 جبلن جي قطار انهن جي چاري جي جاءِ آهي،
جتي اهي ساوڪ جي ڳولها ۾ رهن ٿا.

9 چا جهنگلي سانُهم تنهنجي تابعداري ڪرڻ تي تيار رهندو؟
چا هو تنهنجي ڍورن جي ڪونر وٽ اچي رات رهندو؟
10 چا تون ڪنهن جهنگلي سانَهم کي
رسيءَ سان ٻڌي هر ۾ جوٽي ٿو سگهين؟
چا هو تنهنجي پنيان هلندي،
تنهنجي ٻنين کي سنوارڻ لاءِ ليٽڻ گهمائيندو؟
11 چا تون هن جي گهڻي طاقت جي ڪري مٿس ڀاڙي ويهندين،
۽ پنهنجا ڳرا ڪم هن جي حوالي ڪري ڇڏيندين؟

12 چا تون هن تي اعتبار ڪري ٿو سگهين تہ
هو تنهنجو اناج گهر کڻي ايندو؟
چا تو کي يقين آهي تہ
هو تنهنجي ٻنيءَ جو فصل ميڙي ڳاهہ جي پِڙ تي گڏ ڪندو؟”

## شترمرغ، گهوڙي ۽ باز تي ويچار ڪر

13 ”شترمرغ جا پر خوشيءَ وچان ڦڙڪن ٿا،
پر انهن جي ڀيٽ
لقلق جي پرن ۽ کنڀن سان ڪري نہ ٿي سگهجي.
14 شترمرغ پنهنجا آنا زمين تي ڇڏي ٿو ڏئي،
جتي واري انهن کي گرمي ٿي پهچائي.
15 هو انهيءَ ڳالهہ کان بي‌خبر آهي تہ
متان ڪو پير انهن کي چيپاٽي ڇڏي،
يا ڪو جهنگلي جانور انهن کي لتاڙي وڃي.
16 هو پنهنجي ٻچن تي ايتري تہ سختي ٿو ڪري،
جو ڄڻ تہ اهي سندس نہ آهن.
جيتوڻيڪ ان جو ٻارن ڄڻڻ جو عمل ضايع وڃي،
تہ بہ کيس فڪر ڪونہ ٿو ٿئي،
17 ڇالاءِ‌جو مون خدا ان کي عقل کان محروم ڪيو آهي،
۽ کيس ڪابہ سمجهہ نہ ڏني اٿم.
18 پر جنهن وقت هو پنهنجا پر بلند ڪري تيز ڊوڙي ٿو،
تڏهن گهوڙي ۽ ان جي سوار تي ٺوڪ طور کلي ٿو.

19 اي ايوب! چا گهوڙي کي طاقت تو ڏني آهي؟
چا ان جي ڪنڌ کي لهرائيندڙ ڀُشڪن سان تو ڀرايو آهي؟
20 چا ان کي تڏ وانگر ٽپ ڏيڻ تو سيکاريو آهي؟
ان جي خوفناڪ ڦوڪار ڪيڏي نہ رعبدار آهي.
21 هو ماٿريءَ ۾ جنگ جي وقت
ڌرتيءَ تي زور سان سنب هڻي هٽڪار ڪندي
هٿياربردار دشمنن تي حملو ڪرڻ لاءِ
پوري جوش سان ڊوڪي وڃي ٿو.
22 هو تلوار کان منهن ڪين ٿو موڙي،
هائو، هو خوف بلڪل نہ ٿو ڪري ۽ نڪي گهبرائي ٿو.
23 توڙي جو ترڪش جا تير سندس مٿان کڙڪندا ۽
نيزا ۽ برڇيون پڻ هن جي مٿان چمڪنديون وڃن ٿيون.
24–25 هن کي جنگ جي ۽ جنگي سالارن جي هڪل،
۽ نعرن جي پري کان بوءِ اچي ٿي،
سو نفيل جي آواز ٻڌڻ سان هو هٽڪار ڪرڻ لڳي ٿو،
تڏهن کيس ڪوبہ روڪي نٿو سگهي، بلڪ هو ائين ٿو ڊوڙي
جو تيزيءَ ۽ جوش منجهان زمين کي اورانگهيندو ٿو وڃي.

26 چا باز تنهنجي ڏاهپ سان اڏامڻ سکيو آهي،
جو هو پنهنجا پر ڏکڻ جي تيز هوا ڏانهن پکيڙي اڏامي ٿو؟
27 چا عقاب تنهنجي حڪم سان بلنديءَ تي چڙهي وڃي ٿو،
۽ مٿاهينءَ جاءِ تي وڃي پنهنجو آکيرو جوڙي ٿو؟
28 هو ٽڪر تي رهي ٿو ۽ ٽڪر جي چوٽيءَ تي
مضبوط ڳڙهہ ئي سندس رهڻ جي جاءِ آهي.
29 اتان ئي هو پنهنجي شڪار کي تاڙي وٺي ٿو،
سندس اکيون انهيءَ کي پري کان ڏسي وٺن ٿيون.
30 جڏهن تہ ڪِجهہ هڪدم لاشن واري جاءِ تي پهچي وڃي ٿي،
۽ سندس ٻچا بہ رت چوسين ٿا."

## خداوند جي ايوب کان جواب طلبي

40
1 خداوند ايوب کي چيو تہ
2 "اي ايوب!
چا مون قادرِمطلق سان اجا تڪرار ڪندو رهندين،
جو مون سان اعتراض جاري رکندو ٿو اچين؟
تون، جيڪو مون خدا سان بحث ٿو ڪرين،
چا منهنجي ڳالهين جو جواب ڏيئي سگهندين؟"

3 تڏهن ايوب خداوند کي ورندي ڏيئي چيو تہ
4 "اي خداوند! آءٌ تہ هڪڙو ناچيز آهيان،
آءٌ توکي ڪهڙو جواب ڏيئي سگهان؟
آءٌ پنهنجو هٿ پنهنجي وات تي رکي خاموش ٿو رهان.
5 هاڻي آءٌ ڪابہ ورندي ڪين ڏيندس،
چالاءِجو مون کي جيترو ڳالهائڻ کپندو هو،
تنهن کان بہ وڌيڪ آءٌ اڳ ۾ ڳالهائي چڪو آهيان."

## خدا جو پنهنجي مقابلي ۾ ايوب کي سڏڻ

6 تڏهن خداوند وڏي واچوڙي منجهان ايوب سان ڳالهائيندي وڌيڪ
چيو تہ
7 "هاڻي مڙس ٿي منهن ڏيڻ لاءِ سندرو ٻڌ،
۽ توکان جيڪي پڇان تنهن جو جواب ڏي.
8 چا تون منهنجي انصاف کي باطل ثابت ڪرڻ ٿو چاهين؟
چا تون پاڻ کي سچو ثابت ڪرڻ لاءِ
مون کي ڏوهاري ٺهرائيندين؟
9 چا تنهنجي ٻانهن ۾ مون خدا جهڙي طاقت آهي؟
چا تون منهنجي آواز وانگر گجگوڙ ڪري ٿو سگهين؟
10 هاڻي جيڪڏهن ائين آهي تہ
اُٿ ۽ پاڻ کي شان وَ شوڪت سان سينگار،
پاڻ کي حشمت ۽ جلال سان تيار ڪر.
11 پوءِ جيڪي مغرور آهن تن ڏانهن نهاري،
انهن کي پنهنجي ڪاوڙ جو جوش ڏيکار ۽ ڪين ذليل ڪر.
12 هائو، هر مغرور کي نيچ ڪري ڇڏ،
۽ شرير ماڻهو جتي بہ هجن اتي ڪين ڪچلي ڇڏ.
13 انهن سڀني کي ڌرتيءَ ۾ دفن ڪري ڏيکار،
هائو، ڪين پاتال ۾ قيد ڪري ڏيکار.
14 تڏهن آءٌ بہ تو کي مڃيندس
تہ تنهنجي طاقت تو کي بچائي ٿي سگهي."

## دريائي گهوڙي بابت سوچڻ

15 "هاڻي دريائي گهوڙي تي نظر ڪر،
جنهن کي بہ تو وانگر مون ئي خلقيو آهي،
هو ڏاند وانگر گاهہ کائي ٿو.
16 پر ڏس تہ هن جي بدن ۾ ڪيتري نہ قوت آهي!
۽ هن جي مشڪن ۾ ڪيتري نہ طاقت آهي!
17 هو پنهنجي پڇ کي ديال جي ڪاٺ جيان ڪڙو ٿو ڪري،
هن جي رانن جون ماس پاڻ ۾ مضبوطيءَ سان ڳتيل آهي.
18 هن جا هڏا پتل وانگر
۽ هن جون ٽنگون لوهہ وانگر مضبوط آهن.

19 اهو مون خدا جي خاص ڪاريگري آهي.
رڳو آءٌ، ان جو خالق ئي کيس شڪست ڏيئي سگهان ٿو.
20 جبل هن جي کاڌي لاءِ چارو اُپائين ٿا،
جتي جهنگ جا سڀ جانور کيڏن ڪڏن ٿا.
21 هو ڪنڊن جي ٻوٽن پنيان
۽ ڏٻڻ ۾ ڪانن جي هيٺان ليٽي لڪيو وڃي.
22 ڪنڊن وارا ٻوٽا هن کي پنهنجي ڇانوَ ۾ لڪايو ڇڏين،
۽ لئيءَ جا وڻ چوڌاري هن کي ڍڪي ڇڏيندا آهن.
23 ڏس، جڏهن درياءُ جوش ۾ ٿو اچي تڏهن بہ هو ڪين ٿو ڊڄي،
هن کي ڪا پرواهہ ئي نہ ٿي رهي،
توڙي جو اردن درياءَ جو پاڻي سندس وات تائين چڙهيو اچي.
24 جڏهن هو خبردار ٿو رهي،
تڏهن ڪير آهي جو ان کي پڪڙي سگهي،
يا ڦندو هڻي ان جي نڪ ۾ سوراخ ڪري سگهي؟"

## سامونڊي بلا هڪ خوفناڪ مخلوق

41
1 "چا تون سامونڊي بلا کي
ڪنڍيءَ سان ڇڪي ٻاهر ڪڍي سگهين ٿو؟

30:39 مت 28:24، لو 37:17   1:41 زب 14:74، 26:104، يس 1:27

يا ڇا تون ان جي زبان کي رسيءَ سان ٻڌي ٿو سگھين؟
2-3 ڇا تون ان جي نڪ ۾ رسو وجھي ٿو سگھين،
جو هو تو کي گھڻيون منٿون ميڙون ڪري تہ
’مون کي ڇڏي ڏي؟‘
يا ڇا ان جي ڄاڙيءَ ۾ آر سان سوراخ ڪري ٿو سگھين،
جو هو تو کي رحم لاءِ ليلائي؟
4 پوءِ ڇا هو تو سان عهد اقرار ڪندو
جو تون ان کي زندگيءَ ڀر پاڻ وٽ ٻانهو ڪري رکين؟
5 ڇا تون ان کي ڏاريل پکيءَ وانگر ٻڌي ساڻس راند ڪندين؟
ڇا پنهنجي ٻانهين جي وندر لاءِ کيس ٻڌي ويهاريندين؟
6 ڇا تون مهاڻن سان انهيءَ جو واپار ڪري ٿو سگھين؟
ڇا واپاري انهيءَ کي وڏي ٽُڪي وکرو ڪري ٿا سگھن؟
7 ڇا تون ان جي کل کي مڇي مارڻ واري ڪنڍيءَ سان،
يا ان جي مٿي کي نيزن سان ڇڃري سگھين ٿو؟
8 جيڪڏهن تون انهيءَ کي هٿ لائيندين
تہ تو کان ويڙهہ ڪڏهن بہ ڪين وسرندي،
۽ وري اڳتي تون ائين ڪين ڪندين.
9 ياد رک، ان جي شڪار جي اميد اجائي آهي،
ڇالاءِجو ان کي ڏسڻ شرط ماڻهو ڦهڪو ڪري ڪري پوندو.
10 اهڙو جرئت وارو ڪوبہ ڪونهي،
جيڪو ان سان ڇيڙڇاڙ ڪري سگھي،
هائو، اهڙو ڪوبہ ڪونهي جيڪو ان جي آڏو بيهي سگھي.
11 اهڙو ڪير آهي
جيڪو ان تي حملو ڪري پاڻ کي محفوظ رکي سگھي؟
بيشڪ سڄيءَ دنيا ۾ اهڙو ڪوبہ ڪونهي.

12 هاڻي آءٌ تو کي
نہ رڳو سامونڊي بلا جي عضون بابت ٻڌائيندس،
بلڪ سندس گھڻي طاقت ۽ ڊولائتي بدن بابت بہ ٻڌائيندس.
13 ڪير ان جي زرهہ جهڙيءَ کل کي ڇڃري ٿو سگھي؟
هائو، ڪير سندس ان ٻاهرينءَ پوشاڪ کي لاهي ٿو سگھي؟
14 ان جون ڄاڙيون بيشمار دهشتناڪ ڏندن سان ڀريل آهن،
اهڙو ڪوبہ ناهي جيڪو انهن ڄاڙين کي کولي سگھي.
15 ان جي پٺيءَ تي مضبوط ڇلر ڄڻ تہ ان جون ڍالون آهن،
اهي ڇلر پاڻ ۾ مضبوطيءَ سان ڳتيل ۽ پٿر جهڙا سخت آهن.
16 هائو، اهي هڪ ٻئي ۾ اهڙا تہ ڳتيل آهن
جو انهن جي وچان هوا بہ نہ ٿي لنگھي سگھي.
17 اهي ڇلر هڪ ٻئي سان اهڙا تہ مضبوطيءَ سان ڳنڍيل آهن
جو انهن کي ڌار ڪري نہ ٿو سگھجي.
18 ان جي ڇنڇ ڏيڻ سان روشنيءَ جو چمڪاٽ ٿو نڪري،
۽ ان جي اکين مان پرنڊڙ ٻاهہ جيان اُلا ٿا نڪرن.

19 ان جي وات مان ٻرڪندڙ شعلا
۽ ٻاهہ جون چڻنگون اڏامي ٿيون نڪرن.
20 ان جي ناسن مان دونهون ائين ٿو نڪري،
جيئن ٽهڪندڙ ديڳ منجهان تيزيءَ سان ٻاڦ نڪرندي آهي.
21 ان جي ساهہ کڻڻ جي عمل سان ڪوئلن ۾ ٻاهہ ٻرڪيو پوي،
ڇالاءِجو ان جي وات مان شعلا ٿا نڪرن.
22 ان جي ڪنڌ ۾ ايتري تہ طاقت ٿي رهي
جو سندس سامهون ايندڙ ماڻهو ان کي ڏسي
دهشت وچان ڦهڪو ڏيئي ٿو ڪِري.
23 ان جي بدن جو ماس اهڙو تہ مضبوطيءَ سان ڳنڍيل آهي
جو ان جو نرم حصو بہ لوهہ جهڙو سخت آهي.
24 ان جو سينو اهڙو تہ مضبوط آهي جهڙو پٿر،
هائو، اهو اهڙو مضبوط آهي جهڙو جنڊ جو هيٺيون پُڙ.
25 جڏهن هو اٿي کڙو ٿو ٿئي تڏهن زورآور ماڻهو بہ ڊڄيو وڃن،
۽ ان جي هلڻ جا کڙڪاٽ ٻڌي خوف وچان پٺ ڏيئي وٺيو ڀڄن.
26 جيڪڏهن ڪو ان کي تلوار، نيزو، تير يا ڀٽڇي هڻي ڪڍي،
تہ انهن جو بہ مٿس ڪو اثر ڪونہ ٿو پوي.
27 ان جي آڏو لوهہ جا هٿيار ڪک ڪاني مثل خسيس،
۽ پتل جا هٿيار ڳريل سڙيل ڪاٺيءَ جيان ڪمزور آهن.
28 ڪانياٺيءَ سان اڇلائي هنيل پٿر ان لاءِ ڪک جيان آهي،
بلڪ اهڙو ڪو تير ئي ڪونهي جيڪو ان کي ڀڄائي ڪڍي.
29 لٺيون ان لاءِ ڪک ڪاني مثل آهن،
۽ ڀٽڇيءَ جي سرڙاٽ تي هو کلي ٿو.
30 ان جي بدن جا هيٺيان حصا نوڪدار ٺڪرن جهڙا آهن،
هو گپ ۾ هلندي ڄڻ تہ نوڪدار ليٽڻ گھمائي ڇڏي ٿو.
31 هو سمنڊ کي ائين ٿو ولوڙي جيئن ڪا ٽهڪندڙ ديڳ هجي،
هو انهيءَ جي پاڻيءَ کي ملم جهڙو ٿو ڪري ڇڏي.
32 هو پنهنجي پنيان پاڻيءَ ۾
ڳج واري هڪ لڪير ڇڏيندو وڃي ٿو،
تڏهن ائين لڳندو آهي،
ڄڻ پاڻيءَ تي چمڪندڙ رستو ٺهي ويو آهي.
33 ڌرتيءَ تي انهيءَ جهڙو ٻيو مثال ڪونهي،
جنهن کي اهڙو بيخوف ڪري پيدا ڪيو ويو هجي.
34 هر اوچي شيءِ کي هو حقارت جي نظر سان ڏسي ٿو،
۽ سيني کان مغرور جانور بہ ان کان خوف کائين ٿا.“

## ايوب جو توبهہتائب ٿيڻ

42 1 تڏهن ايوب خداوند کي ورندي ڏيئي چيو تہ
2 ”اي خداوند!
آءٌ ڄاڻان ٿو تہ تون سڀ ڪجھہ ڪري سگھين ٿو،
تنهنجو ڪوبہ ارادو روڪجي نہ ٿو سگھي.

3 تون چوين ٿو تہ
مون تنهنجي حڪمت بابت پڇڻ جي جرئت ڪيئن ڪئي آهي،
جڏهن تہ آءٌ بلڪل اڻڄاڻ آهيان.
بيشڪ مون اهڙين حيرت‌ناڪ ڳالهين بابت ڳالهايو آهي،
جيڪي منهنجي سمجهہ کان گهڻو مٿي هيون
۽ جن بابت مون کي ڪا ڄاڻ نہ هئي.
4 تو مون کي چيو هو تہ
’منهنجي ٻڌ، آءٌ ڪجهہ ڳالهائيندس ۽ تو کان پڇندس،
تون مون کي انهيءَ جو جواب ڏي.‘
5 اڳ آءٌ تو بابت رڳو ٻڌندو هوس،
پر هاڻي جڏهن تو کي اکين سان ڏٺو اٿم،
6 تڏهن نہ رڳو پنهنجي چيل ڳالهين جي ڪري
آءٌ پاڻ کي ننديان ٿو،
بلڪ مٽي ۽ رک مٿي ۾ وجهي توبهہ ٿو ڪريان.“

## خدا جو ايوب جي دوستن کي چيتاءُ

7 پوءِ جڏهن خداوند ايوب سان اهي ڳالهيون ڪري بس ڪئي،
تڏهن اليفز تيمانيءَ کي فرمايائين تہ ”مون کي تو تي ۽ تنهنجي ٻنهي
دوستن تي ڪاوڙ آهي، ڇالاءِجو اوهان مون بابت حق جي ڳالهہ نہ
ڪئي، جيئن منهنجي ٻانهي ايوب ڪئي. 8 تنهنڪري هاڻي اوهين
ست ڏڳا ۽ ست گهٽا وٺي منهنجي ٻانهي ايوب وٽ اچو ۽ پنهنجي
لاءِ ساڙڻ واري قرباني پيش ڪريو. منهنجو ٻانهو ايوب اوهان جي
حق ۾ دعا گهرندو تہ آءٌ انهيءَ جي دعا قبول ڪندس ۽ اوهان جي
بي‌عقليءَ موافق اوهان سان هلت نہ ڪندس، جيتوڻيڪ اوهان مون
بابت حق جي ڳالهہ نہ ڪئي جيئن منهنجي ٻانهي ايوب ڪئي.“
9 تڏهن اليفز تيمانيءَ، بلدد سوخيءَ ۽ سوفر نعماتيءَ وڃي ائين ئي
ڪيو جيئن خداوند کين فرمايو ۽ خداوند ايوب جي دعا قبول ڪئي.

## خداوند جو ايوب کي بحال ڪرڻ

10 پوءِ جڏهن ايوب پنهنجي دوستن لاءِ دعا گهري بس ڪئي تڏهن
خداوند کيس ٻيهر خوشحال بڻايو. هن ايوب کي انهيءَ کان ٻہ ڀيڻو
ڏنو جيڪي اڳ ڏنو هئائينس. 11 تڏهن سندس سڀيئي ڀائر ڀينر ۽ اهي
ماڻهو جن جي اڳي ساڻس واقفيت هئي، سي وٽس آيا. ساڻس گڏ
ماني کاڌائون ۽ هن لاءِ افسوس ڪيائون ۽ جيڪا مصيبت خداوند
مٿس نازل ڪئي هئي تنهن بابت کيس تسلي ڏنائون. انهن مان هر
هڪ ڪجهہ چاندي ۽ هڪ هڪ سوني والي کيس نذراني طور ڏني.
12 خداوند ايوب جي پڇاڙي سندس شروعات کان وڌيڪ برڪت
واري ڪئي. هو چوڏهن هزار رڍن ٻڪرين، ڇهہ هزار اٺن، هڪ هزار
ڏاندن جي جوڙن ۽ هڪ هزار گڏهن جو مالڪ بڻجي ويو. 13 کيس ست
پٽ ۽ ٽي ڌيئرون بہ ٿيون. 14 هن پهرين ڌيءَ جو نالو *يميمہ، ٻيءَ
جو قصياه ۽ ٽينءَ جو قرن‌هپوڪ رکيو. 15 سڄيءَ دنيا ۾ ايوب جي
ڌيئرن جهڙيون خوبصورت عورتون ڪٿي بہ ڏسڻ ۾ ڪين ٿي آيون.
سندن پيءُ پنهنجي ميراث مان سندن ڀائرن سان گڏ کين حصو ڏنو.
16 انهيءَ کان پوءِ ايوب هڪ سؤ چاليهہ سالن تائين زنده رهيو ۽
پنهنجا پٽ ڌيئرون ۽ انهن جو اولاد، بلڪ چار پيڙهيون ڏٺائين. 17 پوءِ
ايوب پوڙهو ٿي ويو ۽ وڏي عمر ماڻي وفات ڪيائين.

*يميمہ، قصياه ۽ قرن‌هپوڪ: عبراني ٻوليءَ ۾ ايوب جي ڌيئرن جا نالا اهڙا آهن، جن جي معنيٰ ۽ تلفظ مان خوبصورتي ظاهر ٿئي ٿي. يميمہ جي معنيٰ آهي ”ڪبوتر“، قصياه جي معنيٰ آهي ”دالچيني“ ۽ قرن‌هپوڪ جي معنيٰ آهي ”ڪجل جي پيالي“.

3:42 ايو 2:38 4:42 ايو 3:38 10:42 ايو 1:1–3

# زبورَ

## تعارف

”زبورَ“ نالي هي مقدس ڪتاب پاڪ لکتن ۾ خداوند جي واکاڻ وارن گيتن ۽ دعائن تي مشتمل آهي. انهن زبورن کي مختلف ليڪن گهڻي عرصي تائين جوڙي تيار ڪيو آهي، جن مان حضرت دائود مشهور آهي. بني اسرائيل جي ماڻهن اهي واکاڻ وارا گيت ۽ دعائون گڏ ڪري انهن کي پنهنجي عبادت ۾ استعمال پئي ڪيو آهي. اهڙيءَ طرح اهو مجموعو پاڪ لکتن ۾ پڻ شامل ڪيو ويو آهي.

اهي مذهبي گيت ڪيترن ئي قسمن جا آهن. انهن ۾ خدا جي واکاڻ جا گيت، عبادت جا گيت، مدد لاءِ دعائن جا گيت، حفاظت ۽ بچاءَ جا گيت، معافيءَ لاءِ پاڌائڻ جا گيت، برڪتن جي شڪراني جا گيت، دشمنن کي سزا ڏيڻ بابت عرض جا گيت ۽ ڪي مرثيا پڻ شامل آهن. زبورن ۾ ڏنل دعائون شخصي توڙي قومي ٻنهي قسمن جون آهن. ڪن گيتن ۾ هڪڙي ماڻهوءَ جا ذاتي ۽ ڇاتل سچاتل احساسات آهن، ته ڪن ۾ وري خدا جي سڀني ماڻهن جا گڏيل احساسات ۽ گهرجون آهن.

اهي زبور عيسيٰ مسيح پڻ استعمال ڪندو هو، جن جا حوالا نئين عهدنامي جي ليکڪن به ڏنا آهن ۽ اهڙيءَ طرح شروع کان ئي مسيحي عبادتگاهن لاءِ هي ڪتاب هڪ قيمتي سرمايو آهي.

### سِٽاءُ

جملي 150 زبور آهن، جن کي هيٺين پنجن حصن جي صورت ۾ ورهايو ويو آهي:

حصو پهريون: زبور 1–41

حصو ٻيو: زبور 42–72

حصو ٽيون: زبور 73–89

حصو چوٿون: زبور 90–106

حصو پنجون: زبور 107–150

---

## حصو پهريون

(زبور 1–41)

### زبور 1

### سچارن جي راهه

1 سڀاڳا آهن اهي ماڻهو،
جيڪي برن جي صلاح تي نه ٿا هلن.
هو گنهگارن جي راهه تي قدم نه ٿا رکن،
نڪي اهي ڪڏهن ٺٺولبازن جي محفل منجهه ويهن ٿا.
2 اُٽلندو هنن کي
خداوند جي شريعت تي عمل ڪرڻ سان خوشي ملي ٿي.
اهي ڏينهن توڙي رات سندس ئي شريعت تي ڌيان ٿا لڳائين.
3 اهي انهيءَ وڻ مثل آهن جيڪو نهر جي ڪپ تي لڳل هجي،
جيڪو پنهنجي وقت تي ميوو ڏئي ٿو،
۽ جنهن جو پن به نه ٿو ڪومائجي.
بيشڪ هو جيڪي به ڪن ٿا تنهن ۾ ڪامياب ٿيندا.

4 پر بڇڙن جي حالت اهڙي ناهي،
اهي بُهه وانگر آهن جنهن کي واءُ اُڏائي ڪنيو وڃي.
5 بيشڪ بڇڙا ماڻهو عدالت ۾ بيهي ڪين سگهندا،
نڪي گنهگارن کي سچارن جي محفل ۾ ڪا جاءِ ملندي.
6 سچارن جي راهه جي خداوند پاڻ سنڀال ڪري ٿو،
پر بڇڙا جنهن راهه تي هلن ٿا سا بربادي‌ءَ ڏانهن ٿي وڃي.

---

3:1 ير 8:17

## زبور 2

### خدا جو چونڊيل بادشاهه

1 غير قومون ڇو بغاوت ٿيون ڪن؟
سندن ماڻهو ڇو اجايا منصوبا ٿا جوڙين؟
2 خداوند ۽ سندس مسح ڪري چونڊيل بادشاهه جي خلاف
ڌرتيءَ جا ٻيا بادشاهه اٿي کڙا ٿيا آهن.
اهي پاڻ ۾ سازشون ڪري پوءِ هيئن چوندا ٿا وتن ته
3 ”اچو ته اسين پاڻ تان سندن ٻڌل رسا ٽوڙي آزاد ٿيون،
هائو، اسين سندن تابعداريءَ مان پاڻ کي آزاد ڪري وٺون.“

4 اهو جيڪو عرش عظيم تي ويٺو آهي سو مٿن کلي ٿو.
سندن انهن هيٺن منصوبن تي خداوند مٿن ٺٺوليون ٿو ڪري.
5 پوءِ هو انهن تي ڪاوڙجي کين ڇينڀ ٿو ڪڍي،
هو پنهنجي سخت قهر وچان انهن منجهه دهشت ٿو وجهي.
6 هو کين چوي ٿو ته
”مون ته پنهنجي پاڪ جبل *صيئون تي،
پنهنجو ئي بادشاهه مقرر ڪيو آهي.“

7 تڏهن بادشاهه چيو ته
”خداوند جيڪو واعدو مون سان ڪيو آهي،
سو آءٌ پڌرو ٿو ڪريان ته
‘اي بادشاهه! تون منهنجو پٽ آهين،
اڄ کان آءٌ تو کي پنهنجو پٽ ٿو بڻايان.
8 تون مون کان گهُر ته
آءٌ سڀ قومون تنهنجي حوالي ڪندس،
۽ هيءَ ساري ڌرتي تنهنجي ملڪيت ۾ ڏيئي ڇڏيندس.
9 تون انهن تي لوهه جي شاهي لٺ سان حڪومت ڪندين،
تون انهن کي ٺڪر جي ٿانون وانگر
ڀڃي ڀورا ڀورا ڪري ڇڏيندين.’“

10 تنهنڪري اي بادشاهؤ! هاڻي اوهين ڏاها ٿيو.
هائو، اي ڌرتيءَ جا حڪمرانؤ! هاڻي اوهين هدايت وٺو.
11 اوهين ڊڄندي ڊڄندي خداوند جي عبادت ڪريو.
هائو، ڪانئس ڏڪندي ڏڪندي سندس بندگي ڪريو.
12 متان هو اوهان تي غصي ٿئي،
۽ اوهان کي پل ۾ نابود ڪري ڇڏي،
ڇالاءِ جو هن جي ڪاوڙ جلد ئي ڀڙڪڻ واري آهي.

سڀاڳا آهن اهي سڀيئي،
جيڪي سندس پناهه ۾ اچن ٿا.

## زبور 3

### خطري جي وقت مدد لاءِ دعا

(دائود هي زبور ان وقت چيو، جڏهن هو
پنهنجي پٽ ابيسلوم کان ڀڄي نڪتو هو.)

1 اي خداوند! مون کي ستائڻ وارا ڪيڏا نه گهڻا ٿي ويا آهن!
هائو، گهڻا ئي منهنجي خلاف اٿي کڙا ٿيا آهن.
2 ڪيترائي آهن جيڪي مون لاءِ هيئن ٿا چون ته
”هن کي خدا وٽان ڪابه مدد ڪانه ملندي.“

3 پر اي خداوند!
تون ئي ته چئني طرفن کان منهنجي حفاظت ڪندڙ آهين.
تون ئي ته منهنجو اهو شان آهين،
جيڪو مون کي سرفراز ٿو ڪرين.
4 اي منهنجا خداوند! مون تو کي ڏاڍيان پڪاريو آهي،
۽ تو پنهنجي پاڪ جبل تان مون کي ورندي ڏني آهي.

5 جڏهن آءٌ ليٽي پيس ته ساري رات مون کي ننڊ وٺي ويئي.
پوءِ وري آءٌ جاڳي اٿيس،
ڇالاءِ جو تو ئي منهنجي حفاظت ٿي ڪئي.
6 آءٌ ته انهن لکين دشمنن کان به نه ڊڄندس،
جيڪي چئني طرفن کان منهنجو گهيرو ڪيو ويٺا آهن.

7 اُٿ اي خداوند، منهنجا خدا! مون کي بچاءِ،
منهنجي دشمنن جي منهن تي مڪ وهائي ڪڍ.
هائو، انهن بڇڙن ماڻهن جا ڏند ڀڃي ڇڏ.
8 بيشڪ تنهنجي ئي طرفان رهائي ٿي ملي.
شال تنهنجي قوم تي سدائين تنهنجي برڪت هجي.

---

*صيئون: هي يروشلم شهر جو ذڪر آهي جيڪو صيئون جبل تي اڏيل هو.

2:1–2 رس 4:25–26    2:7 رس 13:33، عبر 1:5، 5:5    2:9 مڪا 2:26–27، 12:5، 19:15

## زبور 4

### مدد لاءِ شام جي دعا

(استاد موسيقار لاءِ هدايت: هي تار وارن سازن تي
ڳايو وڃي. دائود جي زبورن ۾ شامل)

1 اي مون سان عدل ڪرڻ وارا منهنجا خدا!
آءٌ تو کي پڪاريان ٿو، تون منهنجو عرض اگھاءِ،
تون ئي مشڪل گھڙين مان مون کي ڇڏائيندو رهيو آهين.
سو هاڻي به مون تي پنهنجو ڪرم ڪر،
۽ منهنجي دعا قبول فرماءِ.

2 اي فاني انسانؤ!
اوهين ڪيستائين پيا منهنجي بدنامي ڪندا؟
ڪيستائين اوهين بيهودگي پيا چاهيندا؟
۽ ڪوڙ جي ڪِڍ هوندا؟
3 اوهين ڄاڻي ڇڏيو ته
نيڪ بندي کي خداوند پنهنجي لاءِ مخصوص ٿو ڪري ڇڏي،
سو مون کي يقين آهي ته هو منهنجي پڪار ضرور ٻڌندو.

4 غصي منجهه متان اوهين ڪو گناهه ڪري وجهو،
ان جي بجاءِ پنهنجي هنڌ تي ليٽي
ماٺ ڪري دل ۾ غور ويچار ڪريو.
5 اوهين شريعت مطابق پنهنجون قربانيون پيش ڪريو،
۽ پنهنجي خداوند تي توڪل رکو.

6 گھڻا ئي آهن جيڪي انساني ڀلائي چاهين ٿا.
پر اي خداوند! آءٌ تنهنجي ڪرم جي نگاهه جو طالبو آهيان.
7 ڇالاءِجو جيڪا خوشي هنن کي جهجهي اناج ۽ مئي سان ملي ٿي،
تنهن کان وڌيڪ خوشي تو منهنجيءَ دل کي بخشي آهي.
8 جڏهن به آءٌ ليٽان ٿو سلامتيءَ واري ننڊ ٿو ڪريان،
ڇوته اي خداوند! تون ئي مون کي حفاظت سان ٿو رکين.

## زبور 5

### خدا جي پناهه لاءِ صبح جي دعا

(استاد موسيقار لاءِ هدايت: هي بانسرين سان
ڳايو وڃي. دائود جي زبورن ۾ شامل)

1 اي خداوند! منهنجي لفظن تي ڌيان ڏي،
منهنجي آهُن تي توجهه ڏي.
2 اي خدا! اي منهنجا بادشاهه!
منهنجو فرياد ڀريو آواز ٻُڌ.
اي خداوند! آءٌ تو کي ئي عرض ٿو ڪريان.
3 هر صبح جو منهنجو آواز تو تائين پهچي ٿو.
هائو، صبح جو ئي تو آڏو فرياد رکي
آءٌ تنهنجي جواب جو انتظار ٿو ڪريان.

4 ڇالاءِجو تون اهڙو خدا آهين،
جيڪو بڇڙائيءَ کان خوش نه ٿيندو آهين،
بلڪ بدڪار ته تنهنجي ويجهو به ڪين ٿا رهي سگھن.
5 تنهنجي اڳيان ڪي‌به هٺيلا بيهي نه ٿا سگھن.
بيشڪ تو کي سڀني بدڪارن کان ڏاڍي نفرت آهي.
6 تون انهن سڀني کي برباد ڪندين،
جيڪي ڪوڙ ڳالهائين ٿا.
تو خداوند کي خونيءَ ۽ دغاباز کان سخت نفرت آهي.

7 پر تنهنجي دائمي شفقت جي ڪري
آءٌ تنهنجي گهر ۾ داخل ٿيندس.
آءٌ تنهنجي تعظيم ڪندي
تنهنجي مقدس هيڪل ڏانهن منهن ڪري سجدو ڪندس.
8 اي خداوند! منهنجا دشمن گھڻا ٿي ويا آهن،
تنهنڪري منهنجي رهنمائي ڪر.
مون کي پنهنجي سچائيءَ جي راهه ڏيکار،
جنهن تي آءٌ سڌو هلندو اچان.

9 بيشڪ منهنجي دشمنن جي وات ۾ ڪابه سچائي ڪانهي.
هو دل ۾ رڳو تباهي ٿا رکن.
هو پنهنجي زبان سان خوشامند ڪن ٿا،
پر سندن وات مان نڪتل ڳالهيون ٻين لاءِ موت آهن.
10 اي خدا! تون انهن کي ڏوهي ٺهراءِ.
شل هو پنهنجين ئي سازشن سان برباد ٿين!
تون انهن کي سندن گھڻن گناهن جي ڪري ڌڪي ڪڍي ڇڏ،
ڇوجو هنن تنهنجي اڳيان سرڪشي پئي ڪئي آهي.

11 پر جيڪي تو وٽ پناهه ٿا وٺن،
سي سڀيئي شل شادمان ٿين!
اهي سدائين خوشيءَ وچان گيت پيا ڳائيندا وتن.
تون انهن کي بچاءِ ته هو تو سان گڏ شادمان رهن،

---

4:4 اف 4:26   5:9 رو 3:13

هائو، اهي ئي جيڪي تنهنجي نالي سان پيار ٿا ڪن.
12 اي خداوند! سچارن کي تون ئي برڪتون عطا ڪندين.
تون پنهنجيءَ ٻاجهه سان ڍال وانگر سندن بچاءُ ڪندين.

## زبور 6

## ڏکئي وقت ۾ مدد لاءِ دعا

(استاد موسيقار لاءِ هدايت: هي تار وارن سازن تي هيناهين
آواز سان ڳايو وڃي. دائود جي زبورن ۾ شامل)

1 اي خداوند! تون پنهنجي غضب سان مون کي ڇينڀ نه ڪڍ،
نڪي وري پنهنجي قهر وَ غضب سان مون کي ڪا سيکت ڏي.
2 اي خداوند! مون تي رحم ڪر،
ڇوجو آءٌ هيڻو ٿي ويو آهيان.
اي خداوند! مون کي چڱو ڀلو ڪر،
ڇوجو منهنجي هڏين ۾ ڪو ست ناهي.
3 منهنجي جان به بلڪل بي‌چين ٿي ويئي آهي.
سو اي خداوند!
منهنجي مدد ڪرڻ واسطي تون مون کي ڪيستائين ترسائيندين؟

4 اي خداوند! مون تي مهر جي نظر ڪري منهنجي جان ڇڏاءِ.
تون پنهنجي دائمي شفقت جي ڪري مون کي بچائي وٺ.
5 ڇالاءِجو موت جي دنيا ۾ ڪوبه ناهي جيڪو تو کي ياد ڪري.
هائو، برزخ جي اندر ڪير آهي جيڪو تنهنجي واکاڻ ڪري؟

6 آءٌ ته آهون ڀري ڀري بلڪل ٿڪجي پيو آهيان.
هر رات آءٌ ڳوڙها وهائيندي وهائيندي هنڌ آلو ڪري ٿو ڇڏيان.
7 رنج سبب روئندي روئندي
منهنجون اکيون به ويهجي ويون آهن.
دشمنن جي رنجائڻ جي ڪري اُهي هيڻيون ٿي ويون آهن.

8 اي سمورا بدڪارؤ! اوهين مون کان پري ٿيو،
ڇوجو خداوند منهنجي روئڻ جو آواز ٻڌي ورتو آهي.
9 خداوند منهنجو فرياد ٻڌي ورتو آهي.
هائو، خداوند منهنجي دعا کي قبول فرمايو آهي.
10 منهنجا سڀ دشمن خوار خراب ٿيندا،
۽ ڪين ڏاڍي دهشت وٺي ويندي.
اُهي پوئتي هٽي ويندا ۽ گهڙيءَ کن ۾ ذليل وَ خوار ٿيندا.

## زبور 7

## انصاف لاءِ دعا

(دائود پنهنجو هي زبور ڪُوش بنياميني‌ءَ جي
ڳالهين سبب خداوند جي حضور ۾ ڳايو.)

1 اي خداوند، منهنجا خدا! آءٌ تنهنجي پناهه وٺان ٿو،
جيڪي منهنجو پيڇو ڪن ٿا تن کان مون کي بچاءِ.
2 ائين نه ٿئي جو اهي بگهڙ وانگر اچي مون کي پڪڙين
۽ ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏين،
جتي مون کي بچائڻ وارو به نه هجي.

3-4 اي خداوند، منهنجا خدا!
جيڪڏهن منهنجي هٿن مان ڪو ظلم جو ڪم ٿيو آهي،
يا جيڪڏهن ڪنهن دوست سان
مون نيڪيءَ جي بدلي بدي ڪئي آهي،
بلڪ دشمن جي بديءَ جي بدلي ۾ به
جيڪڏهن نيڪي ڪري ڪيس نه بچايو اٿم،
هائو، جيڪڏهن مون کان اهڙو ڪو ڪم ٿيو آهي،
5 ته پوءِ ڀل مخالف منهنجي پٺيان پون ۽ مون کي اچي پڪڙين.
هائو، ڀل اهي منهنجي حياتي لتاڙين،
۽ منهنجي لاش کي مٽيءَ ۾ ملائي ڇڏين.

6 اي خداوند! تون پنهنجي قهر وَ غضب سان اُٿ،
تون منهنجي دشمنن جي غضب آڏو اٿي کڙو ٿيءُ.
اُٿ، اي خداوند! منهنجي مدد ڪر،
۽ حڪم ڏي ته جيئن انصاف ٿئي.
7 هائو، سڀني قومن کي پنهنجي آڏو اَٽي گڏ ڪر،
۽ انهيءَ ميڙ جي مٿان تون عرش تان پنهنجو حڪم هلاءِ.
8 اي خداوند! انسانذات جو انصاف ڪندڙ تون ئي آهين.
سو منهنجي سچائيءَ ۽ صداقت موجب منهنجو انصاف ڪر.
9 تون بڇڙن جي بڇڙائيءَ جو خاتمو ڪر،
۽ سچارن کي قائم وَ دائم رک،
ڇالاءِجو اي سچا خدا! تون ئي دل ۽ دماغ جو جاچيندڙ آهين.

10 بيشڪ خدا ئي منهنجو محافظ آهي.
اهو ئي دل جي سچارن کي بچائي ٿو.
11 بيشڪ خدا ئي سچو انصاف ڪندڙ آهي،
هائو، اهڙو خدا جيڪو روزانو بدڪارن کي غصو ٿو ڏيکاري.

---

1:6 زب 1:38    8:6 مت 23:7، لو 27:13    9:7 مکا 23:2

12 پوءِ جيڪڏهن اهي پنهنجي بڇڙائيءَ کان باز نہ ايندا،
تہ هو پنهنجي تلوار کي تيز ڪندو،
۽ پنهنجي تيرڪمان کي ڇڪي تيار ڪندو.
13 هو پنهنجي تيرن کي باهہ جا شعلا بڻائي ڇڏيندو.
هائو، هو بدڪارن لاءِ موت جا هٿيار تيار ڪندو.

14 ڏسو، بدڪارن کان ڪيئن نہ بدڪاري اپامي ٿي نڪري،
بڇڙائيءَ جو ڪُنو چاڙهي اهي ڪوڙ کي پچائي ڪڍين ٿا.
15 هو ٻين جي لاءِ اونهي کڏ کوٽين ٿا،
پر پنهنجي کوٽيل کڏ ۾ پاڻ ئي وڃيو ڪرن ٿا.
16 هنن جي لچائي موٽي اچي خود انهن جي مٿان پوي ٿي.
هو جيڪو ظلم ڪن ٿا سو سندن ئي ڪنڌ تي اچي ڪڙڪي ٿو.

17 اي خداوند! آءٌ تنهنجي انصاف جو شڪرانو پيو ڪندس.
آءٌ تو خداوند تعاليٰ جي نالي جي واکاڻ پيو ڳائيندس.

## زبور 8

### خداوند جي عظمت ۽ انسان جو مرتبو

(استاد موسيقار لاءِ هدايت: هي ”گتيت“ سُر ۾ ڳايو وڃي. دائود جي زبورن ۾ شامل)

1 اي خداوند، اسان جا رب!
ساريءَ دنيا تي تنهنجو نالو ڪيڏو نہ سربلند آهي!
تو پنهنجي عظمت کي آسمانن کان بہ مٿي قائم ڪيو آهي.
2 تو ئي ننڍڙن ٻارن ۽ کير پياڪن جي واتان،
پنهنجي دشمنن آڏو پنهنجي واکاڻ ڪرائي آهي،
تان‌تہ تون پنهنجي دشمنن ۽ مخالفن کي ماٺ ڪرائين.

3 جڏهن آءٌ آسمانن کي ڏسان ٿو،
جيڪي تنهنجي هٿ جي ڪاريگري آهن،
جڏهن آءٌ چنڊ تارن تي غور ڪريان ٿو،
جيڪي تو ئي مقرر ڪيا آهن،
4 تڏهن آءٌ سوچيان ٿو تہ
انسان ڇا آهي جو تون ان جي يادگيري ڪرين؟
يا آدمزاد ڇا آهي جنهن جي تون سار سنڀار لهين؟

5 تڏهن بہ تو هن کي پاڻ کان ٿورو گهٽ بڻايو آهي،
تو هن کي شان وَ شوڪت جو تاج ڪٽي پهرايو آهي.
6 تو هن کي پنهنجي ڪاريگريءَ تي اختيار ڏنو آهي،
تو سڀني شين کي هن جي هٿ هيٺ ڪري ڇڏيو آهي.
7 تو رڍون ٻڪريون ۽ ڍور ڍڳا،
بلڪ سڀيئي جهنگلي جانور پڻ هن جي اختيار ۾ ڏنا آهن.
8 ان کان علاوه پکي ۽ مڇيون،
بلڪ جيڪو بہ سمنڊن ۾ ڇُري ڦِري ٿو،
سو سڀ تو هن جي هٿ هيٺ ڪيو آهي.

9 اي خداوند، اسان جا رب!
ساريءَ دنيا تي تنهنجو نالو ڪيڏو نہ سربلند آهي!

## زبور 9

### خدا جي انصاف لاءِ سندس شڪرگذاري

(استاد موسيقار لاءِ هدايت: هي ”موت لبين“ سُر تي ڳايو وڃي. دائود جي زبورن ۾ شامل)

1 اي خداوند! آءٌ پوريءَ دل سان تنهنجي واکاڻ ڪندس،
آءٌ تنهنجا اهي سڀيئي عجيب ڪم بيان ڪندس،
جيڪي تو ڪيا آهن.
2 تنهنجي ڪري آءٌ سرهو ٿيندس ۽ خوشيون ملهائيندس،
اي خدا تعاليٰ! آءٌ تنهنجي نالي جي واکاڻ پيو ڳائيندس.
3 تون جڏهن ظاهر ٿو ٿئين،
تہ منهنجا دشمن پٺتي هٽيو ٿا وڃن،
تو کي ڏسي هو ٿَهڪو ڏيئي ڪرن ٿا ۽ مريو ٿا وڃن.
4 بيشڪ تو تخت تي ويهي صحيح انصاف ڪيو آهي،
۽ حق تي هجڻ واري منهنجي دعويٰ کي
تو سچو ثابت ڪيو آهي.

5 تو بت‌پرست قومن تي فتويٰ جاري ڪئي آهي،
۽ انهن بڇڙن کي برباد ڪري ڇڏيو اٿيئي،
هائو، تو هميشہ لاءِ سندن نالو ئي مٽائي ڇڏيو آهي.
6 اسان جا سمورا دشمن ختم ٿي ويا آهن،
تو کين هميشہ لاءِ فنا ڪري ڇڏيو آهي.
سندن جن شهرن کي تو برباد ڪيو آهي،
تن جو ذڪر بہ مٽجي ويو آهي.

7 مگر تون خداوند هميشہ جي لاءِ تخت‌نشين آهين،
تون پنهنجي تخت کي فيصلي لاءِ قائم وَ دائم رکيو آهي.
8 تون دنيا جي صحيح عدالت ڪندي،
سچائيءَ سان سڀني قومن جو انصاف ٿو ڪرين.

---

2:8 مت 21:16   4:8 ايو 7:17–18، زب 144:3، عبر 2:6–8   6:8 1.ڪر 15:27، اف 1:22، عبر 2:8

9 بيشڪ اي خداوند! تون مظلومن جي جاءِپناهہ آهين.
تون ئي مصيبت جي وقت تي سندن محفوظ قلعو آهين.
10 جيڪي بہ تنهنجي نالي کان واقف آهن،
سي تو تي توڪل ٿا رکن،
ڇالاءِجو جيڪي تنهنجا طالبو آهن،
تن کان تون ڪڏهن بہ منهن نہ ٿو موڙين.

11 اي ايمان وارؤ! خداوند جي واکاڻ ڳايو،
جيڪو *صيئون منجهہ رهي ٿو.
اوهين سڀني قومن کي سندس ڪم بيان ڪري ٻڌايو.
12 ڇالاءِجو خدا مظلومن کي ياد رکي ٿو،
۽ انهن جون دانهون ٻڌي ٿو.
هو ظالمن کان مظلومن جو بدلو وٺڻ بلڪل نہ ٿو وساري.

13 اي خداوند! مون تي رحم ڪر،
۽ دشمنن کان مليل منهنجي ڏک تي نظر ڪر.
تون مون کي موت جي دروازن تان اٿاري آڻ،
14 تانتہ تنهنجي ڇڏائڻ سبب آءٌ ڏاڍو سرهو ٿيان،
۽ سڄي يروشلم شهر اندر تنهنجي تعريف ڪريان.

15-16 اي خداوند! بيشڪ تو سچو انصاف ڪري
پاڻ کي ظاهر ڪيو آهي،
جيڪا کڏ غير قوم وارن ٻين لاءِ کوٽي هئي،
تنهن ۾ اهي پاڻ ئي ڪري پيا آهن.
هنن جيڪا ڪوڙڪي ٻين لاءِ اڏي هئي،
تنهن ۾ سندن ئي پير ڦاٿا آهن.
هائو، جيڪي بہ بڇڙا ماڻهو آهن،
سي پنهنجي ئي ڪمن ۾ ڦاٿل آهن.
17 بيشڪ جيڪي بہ بدڪار آهن،
تن جي مقدر ۾ رڳو قبر جي اونداهي لکيل آهي،
يعني اهي سڀ قومون جن خداوند کي وساريو آهي.
18 مگر جيڪي محتاج آهن،
تن کي هميشہ لاءِ ڪين وساريو ويندو.
هائو، غريبن جي اميد کي هميشہ جي لاءِ ڪين ٽوڙيو ويندو.

19 سو اي خداوند! تون اُٿي کڙو ٿيءُ،
متان اهي قومون غلبو حاصل ڪري وٺن،
بلڪ تون انهن کي پنهنجي عدالت ۾ آڻي بيهار.
20 اي خداوند! تون انهن ۾ پنهنجو خوف وجهي ڇڏ،
تانتہ اهي ڄاڻي وٺن تہ هو ڪيڏا نہ فاني آهن.

## زبور 10

## انصاف لاءِ دعا

1 اي خداوند! تون ڇو پري ٿي بيٺو آهين؟
منهنجي مصيبت جي وقت تون مون کان منهن ڇو ٿو موڙين؟

2 بڇڙا پنهنجي مغروريءَ ۾ غريبن کي پيا آزارين.
شل اُهي پاڻ ئي انهن رٿن ۾ ڦاسي پون جيڪي هو ٻين لاءِ ٿا رٿين.
3 بڇڙا پنهنجي نفساني خواهشن تي فخر ٿا ڪن.
لالچي خداوند کي ڇڏي ٿا ڏين ۽ ان جي توهين ٿا ڪن.
4 بڇڙا غرور منجهان چون ٿا تہ "خداوند انتقام نہ وٺندو،"
اهو سراسر سندن خيال آهي تہ "خدا بلڪل ئي ڪين آهي."
5 پوءِ بہ بڇڙا هر وقت سوڀارا ۽ بامراد ٿا رهن،
تنهنجو انصاف هنن کي نظر ئي ڪونہ ٿو اچي.
هو پنهنجي سڀني دشمنن کي حقير ٿا ڄاڻن.
6 هو پنهنجيءَ دل ۾ سمجهن ٿا تہ
"اسان کي ڪو لوڏو ڪين ايندو.
سڀني پيڙهين تائين اسان تي ڪڏهن بہ مصيبت ڪانہ ايندي."
7 انهن جو وات دغا، لعنت ۽ ظلم سان ڀريل آهي.
هائو، سندن زبان تي هر دم ٺڳي ۽ برائي آهي.

8 هو ڳوٺن منجهہ ڳجهين جاين تي تاڙ ۾ ويهن ٿا،
تانتہ انهن کي قتل ڪن جيڪي بيگناهہ آهن.
هنن جون اکيون ڳجهيءَ طرح لاچارن کي پيون تاڙين.
9 جيئن ببر شينهن ڪنهن آڙ ۾ ڇپُ هڻي ويهي ٿو،
تيئن ئي هو پنهنجي ڳجهيءَ جاءِ ۾ لڪي ويهن ٿا.
هائو، هو غريبن کي پڪڙڻ خاطر تاڙ ۾ ويهن ٿا.
هو مسڪينن کي پنهنجيءَ ڄار ۾ ڦاسائي سوگهو ڪن ٿا.
10 اهي ظالم ڏاڍي زور زبردستيءَ سان
لاچارن کي چيڀاٽيو ٿا ڇڏين،
۽ ڪين شڪست ڏيئي ڌرتيءَ تي ڪيرايو ٿا وجهن.
11 اهي بدڪار دل ۾ هيئن ٿا چون تہ
"خدا کي ڪو فڪر ئي ناهي،
هن اکيون بند ڪيون آهن، سو اسان ڏانهن ڪين ٿو ڏسي."

---

*صيئون: يعني يروشلم شهر، جنهن کي خداوند انهيءَ لاءِ چونڊيو تہ اتي سندس مقدس هيڪل ناهيو وڃي.

7:10 رو 14:3

12 اي خداوند خدا! اُٿي کڙو ٿيءُ،
۽ بدڪارن تي پنهنجو هٿ بلند ڪر.
جيڪي مسڪين ڏک ۾ آهن تن کي تون نہ وسارج.
13 اي خدا! ائين ڇو آهي
جو بدڪار ماڻهو تنهنجي حقارت ٿا ڪن؟
ائين ڇو آهي جو هو پنهنجيءَ دل ۾ سمجهن ٿا تہ
تون ڪائنن بدلو ڪين وٺندين؟

14 پر تون ئي تہ ڏسين ٿو پيو،
هائو، جيڪي ڏک ۽ غم ۾ آهن تن تي تنهنجي نگاهہ آهي،
انهيءَ لاءِ تہ تون انهن جي مدد ڪرين.
لاچار ۽ يتيم پاڻ کي تنهنجي حوالي ڪن ٿا،
هنن جو مددگار تون ئي تہ آهين.

15 تون بڇڙن ۽ بدڪارن جو زور ڀڃي ڇڏ.
سندن بڇڙائيءَ کي اهڙو نابود ڪري ڇڏ،
جو اها وري ڳولهي نہ لڀي.

16 اي خداوند! تون هميشہ هميشہ تائين بادشاهہ رهندين،
مگر بت‌پرست قومون ڌرتيءَ تان نابود ٿي وينديون.

17 اي خداوند! تون نماڻن جون التجائون ٻڌين ٿو،
۽ ٻڌندو رهندين.
تون ئي انهن جون دليون پختيون ڪندين.
18 مظلومن ۽ يتيمن جون دانهون ٻڌي،
تون سندن اهڙو انصاف ڪندين،
جو مٽيءَ مان ٺهيل ڪو انسان وري ڪنهن تي ظلم نہ ڪري.

## زبور 11

### خداوند تي توڪل

(استاد موسيقار لاءِ، دائود جي زبورن ۾ شامل)

1 آءٌ خداوند جي پناهہ ۾ آهيان،
پوءِ اوهين مون کي هيئن ڇو ٿا چئو تہ
”تون پکيءَ وانگر جبل تي اڏامي وڃ.“
2 اوهين چئو ٿا تہ
”ڏس، بڇڙا پنهنجي تيرڪمان کي تيار ٿا ڪن.
هو تير کي زِهَہ تي چاڙهين ٿا،
انهيءَ لاءِ تہ اونداهہ مان اهو سچيءَ دل وارن کي هڻن.
3 جيڪڏهن قاعدن ۽ اصولن کي ئي ڊاهي پٽ ڪيو ويندو،
تہ پوءِ سچار ڇا ڪري سگهندو؟“

4 ياد رکو، خداوند، جنهن جو تخت عرش عظيم تي آهي،
سو پنهنجي مقدس هيڪل ۾ رهي ٿو.
سندس نگاهہ بني آدم تي آهي،
سو اسين جيڪي ڪجهہ ڪريون ٿا سو هو ڏسي ٿو.
5 هو سچار ۽ بدڪار ٻنهي کي جاچي ٿو.
سو جيڪو بدڪاريءَ ۽ ظلم کي پسند ڪري ٿو،
تنهن کان هو نفرت ٿو ڪري.
6 هو بڇڙن ماڻهن تي ٻرندڙ ٽانڊا ۽ گندرف وسائيندو،
۽ جهولي جي گرم هوا سندن مقدر بڻبي.
7 جيئن تہ خداوند سچو آهي،
تنهنڪري هو نيڪ عملن کي پسند ڪري ٿو.
سو جيڪي سچا ماڻهو هوندا،
سي ئي سندس حضور ۾ حاضر رهندا.

## زبور 12

### مدد لاءِ دعا

(استاد موسيقار لاءِ هدايت: هي هيٺاهين آواز تي
ڳايو وڃي. دائود جي زبورن ۾ شامل)

1 اي خداوند! اسان جي مدد ڪر،
ڇالاءِجو ڪو نيڪ ماڻهو نہ رهيو آهي.
هائو، بني آدم مان ايماندار بلڪل گم ٿي ويا آهن.
2 هر ڪو ٻئي سان ڪوڙيون ڳالهيون پيو ڪري.
اهي منهن جا مٺڙا ٿي پر دل ۾ دغا رکي ڳالهائين ٿا.

3 اي خداوند! جيڪي بہ چاپلوس آهن تن جا چپ وڍي ڇڏ.
جيڪي وڏي لباڙ هڻن ٿا تن جي زبان وڍي ڇڏ.
4 اهي پاڻ ۾ چون ٿا تہ
”اسين پنهنجيءَ زبان سان غالب پونداسين،
۽ جيڪي وٽندو سو چونداسين،
ڪير آهي جيڪو اسان کي روڪي سگهي؟“

5 پر خداوند فرمائي ٿو تہ
”غريبن جي لٽجڻ ۽ محتاجن جي دانهن سبب هاڻ آءٌ اٿندس.
۽ انهن سلامتيءَ جي اڪير رکندڙن کي آءٌ سلامت رکندس.“

6 خداوند جا جيڪي بہ قول آهن سي سڀ خالص آهن.
اهي باهہ ۾ تپايل انهيءَ چانديءَ جيان آهن،
جيڪا ست ڀيرا صاف ڪيل هجي.

7-8 اي خداوند! بڇڙا ماڻهو هر طرف گهمن ڦرن ٿا،

1 ۽ بني آدم ۾ ڪميڻائيءَ جو قدر گهڻو وڌي ويو آهي.
سو تون اسان جي سار سنڀار لهج،
۽ اهڙن ماڻهن کان هميشه اسان جي حفاظت ڪندو رهج.

## زبور 13

### ڏکويل جي دعا

(استاد موسيقار لاءِ، دائود جي زبورن ۾ شامل)

1 ڪيستائين، اي خداوند!
ڇا تون مون کي بلڪل ئي وساري ڇڏيندين؟
ڪيستائين تون مون کان پنهنجو منهن موڙيو رکندين؟
2 ڪيستائين آءٌ پنهنجيءَ دل ۾ غم کائيندو وتندس؟
ڪيستائين آءٌ رات ڏينهن روح ۾ رنجيدو رهندس؟
آخر ڪيستائين منهنجو دشمن مون تي سوڀارو رهندو؟

3 اي خداوند، منهنجا خدا!
تون ڌيان ڏي ۽ منهنجو هي عرض ٻڌ،
مون کي تندرستي عطا ڪر، متان موت جي ننڊ نه اچي وڃي.
4 ائين نه ٿئي جو منهنجا دشمن
منهنجي لوڏي ڪائڻ تي خوش ٿي چون ته
”اسين هن تي غالب پيا آهيون.“

5 مون ته تنهنجي لافاني شفقت تي توڪل ڪئي آهي.
جيڪڏهن تون مون کي ڇڏائي وٺندين
ته منهنجي دل خوش ٿيندي.
6 آءٌ پنهنجي خداوند جي واکاڻ پيو ڳائيندس،
ڇالاءِجو هن مون سان گهڻي ڀلائي ڪئي آهي.

## زبور 14

(زبور 53)

### بني آدم جي بڇڙائي

(استاد موسيقار لاءِ، دائود جي زبورن ۾ شامل)

1 اهي احمق هوندا جيڪي پنهنجيءَ دل ۾ چون ٿا ته
”خدا ته آهي ئي ڪونه.“
اهڙا ماڻهو بڇڙا آهن ۽ ڪراهت جهڙا ڪم ڪن ٿا.
انهن منجهه اهڙو ڪوبه ڪونهي جيڪو نيڪي ڪري.
2 خداوند عرش عظيم تان هيٺ بني آدم تي نگاهه ڪري ٿو،
انهيءَ لاءِ جو هو ڏسي ته ڇا ڪو سمجهو ۽ سندس طالب آهي.
3 پر اهي سڀ گمراهه ٿي ويا آهن،
۽ هڪجهڙا ڪنا ٿيا آهن.
منجهن اهڙو ڪوبه ڪونهي جيڪو نيڪي ڪري،
هائو، هڪڙو به نه.
4 خداوند فرمائي ٿو ته
”ڇا انهن سڀني بدڪارن کي ڪا سمجهه ڪانهي؟
هو منهنجي ماڻهن کي ائين ٿا کايو وڃن جيئن ماني کائبي آهي.
اُهي مون خداوند جو نالو ڪڏهن به نه ٿا وٺن.“

5 مگر اهي سڀ تڏهن خوف وچان ڏڪي ويندا،
جڏهن هو خدا کي سچارن سان گڏ ڏسندا.
6 اهي غريبن جي رٿن کي بگاڙڻ ٿا چاهين،
پر خداوند خود انهن مسڪينن جي پناهه‌گاهه ٿو بڻجي.

7 شال بني اسرائيل جو بچاءُ *صيئون منجهان ٿئي!
جڏهن خداوند پنهنجي قوم کي وري خوشحال ڪندو،
تڏهن بني يعقوب سرها ٿيندا،
هائو، بني اسرائيل خوشيون ملهائيندا.

## زبور 15

### خدا جو چونڊيل

(دائود جي زبورن ۾ شامل)

1 اي خداوند! تنهنجي مقدس خيمي منجهه ڪير ٽڪندا؟
تنهنجي †پاڪ جبل تي ڪير اچي رهندا؟

2 بيشڪ اتي اهي ئي شخص رهندا،
جيڪي تابعداريءَ سان هلن ٿا،
جيڪي نيڪيءَ جا ڪم ٿا ڪن ۽ سدائين سچ ڳالهائين ٿا.
3 اهي پنهنجيءَ زبان سان ڪڏهن به ڪنهن جي گِلا نه ٿا ڪن،
نڪي هو ڪنهن سان ڪا بدي ٿا ڪن،
۽ نه ئي وري ڪنهن تي ڪا تهمت ٿا هڻن.
4 انهن جي نظر ۾ ڪميڻا ماڻهو حقارت جي لائق آهن،
پر جيڪي خداوند جو خوف رکن ٿا تن جي هو عزت ٿا ڪن.
اهي جڏهن به قسم کڻن ٿا،

---

*صيئون: يعني اهو جبل، جنهن کي خداوند انهيءَ لاءِ چونڊيو ته اتي سندس مقدس هيڪل ٺاهيو وڃي.

†پاڪ جبل: يعني صيئون جبل، جنهن تي دائود کان پوءِ سندس پٽ سليمان بادشاهه جي ڏينهن ۾ مقدس هيڪل اڏيو ويو.

14:1–3 رو 3:10–12

تڏهن نقصان هوندي به انهيءَ کان نه ٿا ڦرن.
5 هو ڪنهن کي اڌارا پيسا ڏيئي ڪائنس وياج نه ٿا وٺن،
نڪي هو ڪنهن بي‌ڏوهيءَ جي خلاف ڪا رشوت ٿا وٺن.

جيڪي اهڙا چڱا ڪم ڪن ٿا،
تن کي ڪڏهن به ڪو لوڏو نه ايندو.

## زبور 16

## خدا تي ڀروسو رکڻ واري جي دعا

(دائود جي زبورن ۾ شامل، هڪ اُڪريل زبور)

1 اي خدا! تون منهنجي حفاظت ڪجانءِ،
ڇالاءِجو آءٌ تنهنجي ئي پناهه ٿو وٺان.
2 اي خداوند! آءٌ چوان ٿو ته تون منهنجو رب آهين.
تو کان سواءِ منهنجي ڀلائي ڪرڻ وارو ڪوبه ڪونهي.

3 جيڪي تنهنجا چونڊيل آهن سي بيشڪ افضل آهن،
انهن سان گڏجي رهڻ سان مون کي پوري خوشي ملي ٿي.
4 جيڪي غير معبودن ڏانهن ڊوڙن ٿا تن جا ڏک وڌندا ويندا.
آءٌ انهن معبودن جي لاءِ رت وهائڻ جون قربانيون ڪين ڪندس،
نه ئي آءٌ پنهنجيءَ زبان سان ڪڏهن انهن جا نالا وٺندس.

5 اي خداوند! تون ئي منهنجي ميراث ۽ منهنجو نصيب آهين.
منهنجي مستقبل جو تون ئي نگهبان آهين.
6 خداوند جيڪي چڱيون شيون مون کي ورثي طور ڏنيون آهن،
سي ڪيڏيون نه دلپسند آهن.

7 اي خداوند! آءٌ تنهنجي واکاڻ ڪندس،
ڇالاءِجو تون هر وقت منهنجي رهبري ٿو ڪرين.
هائو، رات جي اونداهيءَ ۾ به
تنهنجون تعليمات منهنجي دل کي روشن ڪريو ڇڏين.
8 آءٌ هميشه تو کي ئي پنهنجي آڏو رکان ٿو.
جيئن ته تون مون سان گڏ آهين،
سو مون کي ڪو لوڏو ڪونه ايندو.
9 انهيءَ ڪري آءٌ پوريءَ طرح امن وَ سلامتيءَ سان رهان ٿو،
۽ پنهنجي دل وَ جان سان خوشيون ٿو ملهايان.

10 آءٌ تنهنجو سچار بندو آهيان،
تون مون کي برزخ ۾ وڃڻ ڪين ڏيندين.
هائو، تون مون کي پاتال ڏسڻ ڪين ڏيندين.
11 تون مون کي هميشه زندگيءَ جي راهه پيو ڏيکاريندين،
۽ تنهنجي حضور ۾ آءٌ خوشين سان ڀرپور رهندس.
هائو، تو سان گڏ رهڻ ۾ مون کي دائمي خوشيون حاصل ٿينديون.

## زبور 17

## دشمن کان بچاءَ لاءِ هڪ بي‌قصور جي دعا

(دائود جي زبورن ۾ شامل، هڪ دعا)

1 اي خداوند! حق وارو عرض ٻڌ ۽ منهنجي دانهن تي ڌيان ڏي.
منهنجي اها دعا ڪن ڏيئي ٻڌ جيڪا بي‌ريا چپن مان ٿي نڪري.

2 شال منهنجو فيصلو تنهنجي حضور منجهان ئي ٿئي!
شال تنهنجون اکيون مون تي انصاف جي نظر ڪن!
3 ڀل تون منهنجيءَ دل کي آزمائي ڏس،
هائو، رات جو اچي مون کي چڪاسي ڏس.
ڀل مون کي جاچي ڏس،
تون مون ۾ ڪابه خرابي ڪين لهندين.
مون اهو اٽل ارادو ڪيو آهي ته
منهنجي واتان اهڙي ڪا برائيءَ جي ڳالهه نه نڪري،
4 جيڪا عام انسان جي واتان نڪري ٿي.
تنهنجي فرمان جي مدد سان
مون ظالمن جي واٽن تي هلڻ کان پاڻ کي روڪيو آهي.
5 منهنجا قدم تنهنجيءَ واٽ تي ئي قائم رهيا آهن،
۽ انهيءَ کان ڪڏهن به نه ٿڙيا آهن.

6 اي خدا! آءٌ تو کي سڏيان ٿو جو تون ئي منهنجي ٻڌندين،
مون ڏانهن پنهنجو ڪن ڏي ۽ منهنجو عرض ٻڌ.
7 جن کي تون پنهنجي زورآور هٿ سان دشمنن کان بچائين ٿو،
هائو، جيڪي تنهنجي پناهه ٿا وٺن،
تن کي پنهنجي عجيب شفقت ڏيکار.
8 اک جي ماڻڪيءَ وانگر تون منهنجي حفاظت ڪج.
هائو، مون کي پنهنجي پرن جي ڇانو هيٺ لڪاءِ.
9 مون کي انهن شريرن کان بچاءِ،
جيڪي مون تي ظلم ٿا ڪن.
هائو، انهن جاني دشمنن کان منهنجي حفاظت ڪر،
جيڪي مون کي چوڌاري وڪوڙي ويا آهن.

10 هنن پنهنجين دلين کي سخت ٻٽائي ڇڏيو آهي،

---

16:8–11 رس 2:25–28  16:10 رس 13:35

۽ پنهنجي واتان تڪبر واريون ڳالهيون ٿا ڪن.
11 هاڻ ٻه انهن مون کي قدم قدم تي اچي گهيريو آهي،
هو مون کي پٽ تي ڪيرائڻ لاءِ تاڙ ڪيو ويٺا آهن.
12 اُهي انهيءَ ٻگهڙ جيان آهن جيڪو چير ڦاڙ جو ڪوڙيو هجي.
هائو، اُهي انهيءَ وحشي ٻگهڙ جيان آهن،
جيڪو شڪار لاءِ ڳجهي هنڌ چپ هڻي ٿو ويهي.

13 اي خداوند! اٿي ڪڙو ٿيءُ،
حملو ڪري انهن کي ڪيرائي وجهه.
پنهنجي تلوار کڻ ۽ مون کي انهن شريرن کان بچاءِ.
14 اي خداوند!
پنهنجي قدرت ڏيکاري مون کي انهن کان ڇڏاءِ،
هائو، دنيا جي انهن ماڻهن کان،
جن جو حصو رڳو هن دنيا ۾ آهي.

پر جيڪي شيون تو پنهنجن پيارن لاءِ گڏ ڪري رکيون آهن،
تن سان شل اهي ڍاول رهن!
سندن ٻچن وٽ ايترو ته گهڻو ڪجهه هجي،
جو اهي پنهنجن ٻارن لاءِ باقي ڇڏي وڃن.
15 اي خداوند! آءٌ بيقصور آهيان،
سو تنهنجو ديدار حاصل ڪندس.
هاڻ جڏهن آءٌ جاڳي اٿندس ته تنهنجي صورت ڏسي ڍءُ ڪندس.

## زبور 18

(2.سموئيل 22:1–51)

### دائود جو فتحمنديءَ جو گيت

(خداوند جي ٻانهي دائود پنهنجو هي زبور خداوند جي حضور ۾ ان وقت ڳايو جڏهن خداوند سندس سڀني دشمنن ۽ سائول بادشاهه جي هٿان بچائي کيس آرام ڏنو. استاد موسيقار لاءِ.)

1 اي خداوند! تون جيڪو منهنجي طاقت آهين،
آءٌ تو کي پيار ڪريان ٿو.

2 خداوند منهنجو حفاظت ڪندڙ آهي،
هو منهنجو ڇڏائيندڙ ۽ منهنجو قلعو آهي.
خدا ئي منهنجو محافظ آهي، جنهن وٽ آءٌ پناهه وٺان ٿو.
هو منهنجي حفاظت ڪري مون کي بچائي ٿو،
هائو، هو ئي منهنجي جاءِپناهه آهي.
3 خداوند جيڪو تعريف جي لائق آهي،
تنهن کي جڏهن پڪاريان ٿو،
تڏهن آءٌ پنهنجي دشمنن کان بچايو ٿو وڃان.

4 موت جي ڇولين مون کي وڪوڙي ڇڏيو هو،
هائو، برباديءَ جي ٻوڏ مون کي ٻوڙي ڇڏيو هو.
5 منهنجي چوڌاري پاتال جا رسا پيل هئا،
منهنجي مٿان موت جا ڦندا اچي پيا هئا.
6 پوءِ مون پنهنجي انهيءَ مصيبت ۾
خداوند پنهنجي خدا کي مدد لاءِ پڪاريو هو،
منهنجي انهيءَ آواز کي هن پنهنجي مقدس جاءِ ۾ ٻڌو،
ائين منهنجو فرياد هن جي ڪنن تائين وڃي پهتو.

7 پوءِ ڌرتي ڏڏي ويئي ۽ ڏڪڻ لڳي،
جبلن جي بنيادن ۾ پڻ جنبش اچي ويئي.
هائو، جڏهن خداوند ڪاوڙيو ته اهي ٻه لرزڻ لڳا.
8 پوءِ ڪاوڙ سببان هن جي ناسن مان دونهون نڪرڻ لڳو.
هن جي واتان ناس ڪندڙ باهه ۽ پڙڪندڙ ٽانڊا ٿي نڪتا.
9 پوءِ خداوند آسمان کي چيري اچي نازل ٿيو،
هن جي پيرن هيٺان طوفاني ڪڪر هئا.
10 هو پردار آسماني مخلوق تي سوار ٿي اڏامندو آيو،
هائو، هو واءُ جي ٻازن تي پرواز ڪندو آيو.
11 هن پنهنجي چوڌاري اونداهيءَ جو پردو ڪڙو ڪيو،
هائو، هن پاڻ کي پُرآب ڪارن ڪڪرن سان ڪٽي ڍڪيو.
12 تڏهن ٻه هن جي حضور واري تجليءَ
گهاٽن ڪڪرن کي ڦاڙي وڌو،
۽ پوءِ ڳڙن ۽ ٽانڊن جو مينهن وسڻ لڳو.

13 تڏهن خدا تعاليٰ جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو،
هائو، خداوند آسمان مان گجيو.
14 هن پنهنجا تير هلائي منهنجي دشمنن کي ڪٽو ڪٽو ڪيو،
هائو، هن وڄ مٿان وڄ جو چمڪو موڪلي کين شڪست ڏني.
15 پوءِ خداوند جي چينبڙ سان،
۽ قهر مان ڪڍيل طوفاني ڦوڪ سان
ڌرتيءَ جا بنياد کُلي ويا ۽ سمنڊ جو ترو ظاهر ٿيو.

16 انهيءَ وقت آءٌ جڻ ڪنهن اونهيءَ ٻوڏ ۾ ڦاٿل هوس،
جنهن مان خداوند بلنديءَ تان هٿ وڌائي
مون کي ڇڪي ڪڍي ورتو.
17 هائو، منهنجا زورآور دشمن جن مون کان نفرت ٿي ڪئي،
تن جي هٿان هن مون کي ڇڏائي ورتو.
18 هنن حملو ڪري مون کي مصيبت ۾ وجهي ڇڏيو هو،
پر خداوند منهنجو سهارو بڻيو.
19 هائو، جيئن ته هو مون مان راضي هو سو مون کي ڇڏايائين،
ائين هن مون کي خطري مان ڪڍي ٻاهر آندو.

20 خداوند منهنجي سچائيءَ موجب مون کي اجر ڏنو،
هائو، منهنجي بيقصور هئڻ ڪري هن مون کي انعام ڏنو.
21 ڇالاءِجو آءٌ خداوند جي ئي راهن تي هلندو رهيو آهيان،
۽ برائي ڪري ڪڏهن پنهنجي خدا کان ڦري پري نہ ٿيو آهيان.
22 انهيءَ ڪري جو
مون هن جا سڀ قاعدا قانون پنهنجي اڳيان رکيا،
۽ انهن کان ڪڏهن بہ پاسيرو نہ ٿيس.
23 آءٌ هن جي حضور ۾ بيڏوهي رهندو آيس،
هائو، مون پنهنجو پاڻ کي گناهن کان روڪي رکيو.
24 سو منهنجي سچائيءَ موجب خداوند مون کي اجر ڏنو،
هائو، منهنجي ان بيقصوريءَ موجب،
جيڪا سندس نظر آڏو هئي.

25 اي خداوند! جيڪي تو سان وفادار آهن،
تن سان تون وفا ٿو ڪرين،
۽ جيڪي بيڏوهي آهن تن سان تنهنجو سلوڪ بيمثال آهي.
26 پاڪ ماڻهن سان تون پاڪائيءَ واري هلت ٿو ڪرين،
پر جيڪي ڏنگا ماڻهو آهن تن سان تون بہ ڏنگو ٿو هلين.
27 نماڻن ماڻهن کي تون ئي بچائين ٿو،
۽ مغروريءَ سان هلڻ وارن کي هيٺ ڪيرائين ٿو.

28 اي خداوند خدا! تون ئي مون کي روشني ڏين ٿو،
هائو، منهنجي اونداهيءَ کي تون ئي دور ڪرين ٿو.
29 تنهنجيءَ مدد سان آءٌ لشڪرن تي ڪاهہ ڪريان ٿو،
هائو، تنهنجيءَ مدد سان ئي قلعا بہ ٽپي وڃي حملو ڪريان ٿو.

30 بيشڪ خدا جي راهہ ڪيڏي نہ ڪامل آهي!
۽ خداوند جو ڪلام ڪيڏو نہ پرکيل آهي!
جيڪي هن جي پناهہ ۾ اچن ٿا تن سڀني کي هو بچائي ٿو.
31 ڇا خداوند کان سواءِ ڪو ٻيو خدا بہ آهي؟
ڇا اسان جي خدا کان سواءِ ڪو ٻيو محافظ بہ آهي؟
32 خدا ئي آهي جيڪو منهنجي ڪمر تي سندرو ٻڌي ٿو.
هو ئي منهنجيءَ راهہ کي محفوظ بڻائي ٿو.
33 هن منهنجا پير هرڻيءَ جي پيرن جهڙا بڻايا آهن،
جن سان آءٌ اوچين جاين تي بہ تيزيءَ ۽ سلامتيءَ سان هلان ٿو.
34 هُن منهنجي هٿن کي جنگ جي سکيا ڏني آهي،
جنهن ڪري منهنجون ٻانهون پتل جو تيرڪمان بہ ڇڪيو ڇڏين.

35 اي خداوند! تو منهنجي حفاظت ڪري مون کي بچايو آهي،
هائو، تنهنجي زورآور هٿ ئي مون کي ٽيڪو ڏنو آهي.
تنهنجي مهربانيءَ مون کي بلنديءَ تي پهچايو آهي.
36 تو منهنجي قدمن کي ڪشاديءَ راهہ تي هلايو آهي،
تنهنڪري ئي منهنجا پير ڪڏهن بہ نہ ٿاٻڙيا آهن.
37 مون پنهنجي دشمن جي پٺيان پئي کين پڪڙي ورتو،
آءٌ تيستائين کين موٽيس جيستائين اهي ڇٽ نہ ٿي ويا.
38 هائو، مون کين اهڙو ڇڪناچور ڪيو
جو اهي اُٿي ئي نہ سگهيا،
بلڪ سندن لاش اچي منهنجي پيرن ۾ ڪريا.
39 تو ئي جنگ جي لاءِ منهنجي ڪمر پختي ٻڌي،
۽ حملو ڪري آيلن کي تو آٽي مون آڏو ڪيرايو.
40 تو منهنجي اڳيان انهن دشمنن کي پٺ ڏياري ڀڄائي ڪڍيو،
تانتہ آءٌ انهن کي نابود ڪريان جن مون کي ڌڪاريو ٿي.
41 تڏهن هو مدد لاءِ رڙڻ لڳا پر ڪوبہ سندن ڇوٽڪارو ڪرڻ وارو نہ ٿيو،
هنن تو خداوند کي بہ پڪاريو پر تو کين ڪو جواب ڪونہ ڏنو.
42 مون کُٽي کُٽي کين دز ڪيو تانجو اهي هوا ۾ اُڏامي ويا.
هائو، مون گهٽين جي گپ وانگر لتاڙي کين نابود ڪري ڇڏيو.

43 اي خداوند! تو مون کي نہ رڳو
منهنجي قوم جي جهيڙن کان بچايو آهي،
بلڪ غير قومن جو بہ سردار بڻائي ڇڏيو اٿيئي.
هائو، جن کي مون ڄاتو بہ نہ ٿي سي منهنجي تابع ٿيا آهن.
44 اهي منهنجو نالو ٻڌڻ سان ئي منهنجا فرمانبردار ٿي ويا آهن،
۽ ڊڄندي ڊڄندي اچي مون آڏو جهڪيا آهن.
45 هائو، اهي همت هاري ڏڪندي ڏڪندي
پنهنجن قلعن مان نڪري اچي پيش پيا هئا.

46 انهيءَ زنده خداوند کي سڀڳورو چئو،
جيڪو منهنجو محافظ ۽ منهنجو بچاءُ آهي.
شال خدا جي واکاڻ پئي ٿئي!
47 اهو خدا، جنهن مون کي بدلي وٺڻ جي سگهہ ڏني،
۽ جنهن غير قومن کي مات ڪري منهنجي تابع ڪيو،
48 تنهن جي شل واکاڻ پيئي ٿئي!
ڇالاءِجو هن ئي مون کي دشمنن کان بچايو آهي.

اي خداوند! مخالفن جي ظلم کان
تو ئي مون کي بچائي ورتو آهي،
بلڪ مون کي انهن مٿان سرفراز ڪيو اٿيئي.
49 سو اي خداوند! آءٌ قومن ۾ تنهنجي واکاڻ پيو ڪندس،

33:18 حبق 19:3 49:18 رو 9:15

آءٌ تنهنجي نالي جي ساراهہ پيو ڳائيندو رهندس.

50 تو پنهنجي هن چونڊيل بادشاهہ کي عظيم سوڀون بخشيون آهن،
هائو، پنهنجي دائمي شفقت
هن مسح ڪيل کي ڏيکاري اٿيئي،
يعني مون دائود کي ۽ منهنجي نسل کي، هميشہ هميشہ لاءِ.

## زبور 19

### مخلوق ۾ خدا جو جلوو

(استاد موسيقار لاءِ، دائود جي زبورن ۾ شامل)

1 آسمان خدا جو جلوو ظاهر ڪن ٿا.
بيشڪ اهي سندس هٿ جي ڪاريگريءَ کي پڌرو ڪن ٿا.
2 هر ڪو ڏينهن ٻئي ڏينهن کي خدا جي عظمت ٿو ٻڌائي،
۽ هر ڪا رات ٻيءَ رات کي خدا جي حڪمت ٿي سيکاري.
3 توڙي جو انهن جي نڪي ٻولي ٿي ٻڌجي، نہ ڪو لفظ،
۽ نہ ئي وري انهن جو ڪو آواز ٻڌجڻ ۾ ٿو اچي،
4 تہ بہ انهن جي لاٽ ساريءَ دنيا ۾،
۽ انهن جو پيغام ڌرتيءَ جي ڇيڙي تائين ٿو پهچي.

آسمانن منجهہ خدا سج جي واسطي خيمو کوڙيو آهي،
5 جيڪو صبح جو گهوٽ جيان
پنهنجي ڪمري مان ٻاهر نڪري ٿو،
۽ هڪ پرجوش جوان جيان گوءِ ۾ ڊوڙڻ لاءِ تيار ٿو ٿئي.
6 هو آسمان جي هڪڙي ڇيڙي کان نڪري
ٻي ڇيڙي تائين گشت ڪري ٿو.
هن جي گرميءَ کان ڪڏهن بہ ڪا شيءِ لڪي نہ ٿي سگهي.

### شريعت جي واکاڻ

7 خداوند جي شريعت ڪامل آهي،
جيڪا جان کي تازگي ڏئي ٿي.
هن جا حڪم پروسي جهڙا آهن،
جيڪي نادانن کي بہ دانائي ٿا بخشن.
8 خداوند جا قاعدا سچا آهن،
جيڪي دل کي خوشيون ٿا ڏين.
هن جا حڪم حق وارا آهن،
جيڪي اکين کي روشن ٿا ڪن.
9 خداوند جو خوف رکڻ ۾ پاڪيزگي رهي ٿي،
سندس خوف هميشہ هميشہ تائين رکيو ويندو.

خداوند جا فيصلا برحق ۽ سڀ جو سڀ سچا آهن.
10 اهي ماڻهن کي سون کان،
بلڪ نج سون کان بہ وڌيڪ پسند آهن.
اهي ماکيءَ کان،
بلڪ ماناري واري ماکيءَ کان بہ وڌيڪ مٺا آهن.
11 آءٌ جيڪو خداوند جو ٻانهو آهيان،
تنهن کي انهن مان ڄاڻ حاصل ٿئي ٿي.
بيشڪ انهن تي عمل ڪرڻ سان بيحد اجر ملي ٿو.

12 اهڙو ماڻهو ڪير آهي،
جيڪو پنهنجيءَ ڀُل کي پروڙي سگهي؟
سو اي خداوند! تون مون کي غير ارادي قصورن کان بچاءِ.
13 تون پنهنجي ٻانهي کي گستاخيءَ جي گناهن کان پڻ روڪ.
شل ائين نہ ٿئي جو اُهي مون تي غالب پئجي وڃن!
تنهنجي مدد سان ئي آءٌ بي‌ڏوهي ٿي پوندس،
۽ تو کان باغي ٿيڻ جهڙي گناهہ کان بچي ويندس.

14 اي خداوند! اي منهنجا محافظ!
۽ اي مون کي ڇڏائڻ جو حق رکندڙ!
شال منهنجون ڳالهيون ۽ منهنجا خيال تو وٽ قبول پون!

## زبور 20

### بادشاهہ جي فتح لاءِ دعا گهرڻ

(استاد موسيقار لاءِ، دائود جي زبورن ۾ شامل)

1 اي بادشاهہ! شل مصيبت جي ڏينهن تي خداوند تنهنجي ٻُڌي!
هائو، يعقوب جو خدا شل تو کي سلامت رکي!
2 شل خداوند مقدس جاءِ مان تو ڏي مدد موڪلي!
*صيئون جي جبل منجهان شل هو تو کي زور بخشي!
3 شل هو تنهنجيون ساڙڻ واريون قربانيون دل تي ياد رکي!
هائو، شل هو تنهنجا سڀ نذرانا قبول ڪري!
4 شل هو تنهنجيءَ دل جون سموريون مرادون پوريون ڪري!
شل هو تنهنجون سموريون رٿون ڪامياب ڪري!
5 پوءِ اسين تنهنجي فتح تي خوشيون ملهائينداسين،
۽ پنهنجي خدا جي نالي جا جهنڊا بلند ڪنداسين.
شل خداوند تنهنجون سڀئي دعائون پوريون ڪري!

---

*صيئون: يعني اهو جبل، جنهن کي خداوند انهيءَ لاءِ چونڊيو تہ اتي سندس مقدس هيڪل ٺاهيو وڃي.

4:19 رو 18:10

6 اي خداوند! مون کي پورو يقين آهي تہ
تون پنهنجي مسح ڪري چونڊيل بادشاهہ کي بچائيندين.
تون پنهنجي عرش عظيم تي سندس عرض ٻڌي،
کيس پنهنجي زور واري قوت سان فتح بخشيندين.
7-8 ڪي جنگي گهوڙي گاڏين تي ڀروسو ڪن ٿا،
۽ ڪي وري گهوڙن تي،
اهڙا ماڻهو شڪست کائيندا ۽ هيٺ ڪيرايا ويندا.
پر اي خداوند، اسان جا خدا! اسان جو تو تي ئي ڀروسو آهي،
سو اسين فتح حاصل ڪنداسين ۽ قائم رهنداسين.

9 اي خداوند! تون بادشاهہ کي فتح بخش،
۽ اسان جي دعائن کي قبول فرماءِ.

## زبور 21
### فتح لاءِ واکاڻ
(استاد موسيقار لاءِ، دائود جي زبورن ۾ شامل)

1 اي خداوند! تنهنجي ڏنل طاقت تي بادشاهہ بيحد خوش آهي.
تو کيس جيڪا فتح بخشي آهي تنهن لاءِ هو ڪيڏو نہ سرهو آهي!
2 تو ئي تہ هن جي دل جي مراد پوري ڪئي آهي.
هن جي زبان جو ڪو عرض تو رد نہ ڪيو آهي.
3 تو عمدين برڪتن سان اچي کيس نوازيو آهي،
۽ سندس مٿي تي نج سون جو تاج رکيو اٿيئي.
4 هن تو کان حياتي گهري، جيڪا تو کيس بخشي ڏني.
تو نہ رڳو حياتي ڏنس، بلڪ وڏي ڄمار پڻ عطا ڪري ڇڏيس.
5 تنهنجيءَ ئي مدد سان هن جو مان مٿاهون ٿيو آهي.
بيشڪ تو هن کي عظمت ۽ شان وَ شوڪت عطا ڪئي آهي.
6 تون ئي هن کي هميشہ برڪتن سان مالامال ڪرين ٿو،
۽ کيس پنهنجي حضور جي خوشين سان ڀرپور رکين ٿو.

7 بيشڪ خداوند تي ئي بادشاهہ جو ڀروسو آهي.
سو خدا تعاليٰ جي دائمي شفقت جي ڪري
کيس ڪڏهن بہ لوڏو ڪونہ ايندو.

8 اي بادشاهہ!
تون پنهنجي سيني دشمنن کي ڳولهي قابو ڪندين.
هائو، جن کي تو کان نفرت آهي،
سي تنهنجي زورآور هٿ کان بچي نہ سگهندا.
9 تون پنهنجي غصي وقت کين ائين ساڙي وجهندين،
جيئن ڀرندڙ تنور ۾ ساڙيو وڃي.
اهو خداوند جو ئي غصو آهي جيڪو کين ڳهي ويندو.
هائو، اهو باهہ جو شعلو ٻڌجي کين ساڙي چٽ ڪري ڇڏيندو.
10 اي بادشاهہ!
تون انهن جو اولاد بني آدم مان نابود ڪري ڇڏيندين.
هائو، تون ڌرتيءَ تان سندن نسل کي ئي مِٽائي ڇڏيندين.
11 جيتوڻيڪ هنن تنهنجي خلاف برائيءَ جو ارادو ڪيو آهي،
پر هو پنهنجي انهيءَ رٿيل سازش ۾ ڪامياب ٿي نہ سگهندا.
12 تون جڏهن پنهنجا تير زهہ تي چاڙهي سندن سامهون ٿيندين،
تڏهن کين پٺي ڏياري ڀڄائي ڪڍندين.

13 اي خداوند!
تنهنجي قدرت جي ڪري اسين تنهنجي واکاڻ ڪنداسين.
هائو، اسين گيت ڳائيندي
تنهنجي عجيب ڪمن جي تعريف ڪنداسين.

## زبور 22
### ڏُک جي دانهن ۽ واکاڻ جو گيت
(استاد موسيقار لاءِ هدايت: هي ”فجر واري هرڻي“
جي سُر تي ڳايو وڃي. دائود جي زبورن ۾ شامل)

1 اي منهنجا خدا! اي منهنجا خدا!
تو ڇو مون کي ڇڏي ڏنو آهي؟
تون منهنجي مدد ڪرڻ ۽ دانهن ٻڌڻ کان ڇو دور ٿو رهين؟
2 اي منهنجا خدا!
آءٌ ڏينهن رات تو کي پڪاريندو ٿو رهان،
پر تون منهنجي دانهن تي ڪو ڌيان نہ ٿو ڏين.
3 تنهن هوندي بہ آءٌ ڄاڻان ٿو تہ
تون پنهنجي عظمت سان تخت‌نشين آهين.
اهو تون ئي تہ آهين جنهن کي بني اسرائيل ساراهي ٿو.
4 اسان جي ابن ڏاڏن تو تي ڀروسو رکيو.
هائو، تو تي ئي سندن ڀروسو هو ۽ تو ئي کين ڇڏايو.
5 تو ئي سندن پڪار ٻڌي کين هر مصيبت مان ڇڏايو.
هنن تو تي پورو ڀروسو رکيو ۽ هو شرمندا نہ ٿيا.

6 پر مون کي ڪيڙو سمجهيو وڃي ٿو،
آءٌ ڄڻ انسان ئي ناهيان.
سڀيئي ماڻهو مون کي حقير ۽ ڪين جهڙو ٿا ڄاڻن.
7 جيڪي مون کي ڏسن ٿا سي مون تي کلندا ٿا وتن.

---
22:1 مت 27:46، مر 15:34  22:7 مت 27:39، مر 15:29، لو 23:35

هو منهنجا چِهرا ٺا ڪين ۽ ڪنڌ ڪي لوڏو ڏيئي هيئن چون ٿا ته
8 ”جيڪڏهن هن جي خدا تي توڪل آهي،
ته پوءِ اهو ڪيس ڇو نه ٿو بچائي!
جيڪڏهن اُهو ڪائنس خوش آهي،
ته پوءِ ڪيس ڇو نه ٿو ڇڏائي!“

9 اي خدا! اهو تون ئي ته آهين،
جنهن مون کي صحيح سلامت پيٽ مان ڪڍيو.
۽ جڏهن اڃا ٿڃن تي ئي هيس،
تڏهن کان تنهنجي حفاظت ۾ رهيو آهيان.
10 ڄمڻ جي ڏينهن کان ئي تون مون کي سنڀالين ٿو.
جڏهن ۽ ماءُ جي پيٽ مان نڪتس،
تڏهن کان تون منهنجو خدا آهين.
11 هاڻي تون مون کان پري نه ٿيءُ، ڇوجو مصيبت ويجهي آهي،
۽ منهنجو ڪو ئي به مددگار ڪونهي.

12 گهڻن دشمنن ويڙهاڪن ڏاندن جيان
منهنجو اچي گهيرو ڪيو آهي.
هائو، بسن ملڪ جي زورآور ڏاندن جيان
هو مون کي وڪوڙي ويا آهن.
13 هو چيريندڙ ڦاڙيندڙ ۽ گُرڪندڙ بگهڙ وانگر،
مون لاءِ پنهنجا وات ڦاڙيو ويٺا آهن.
14 ۽ پاڻيءَ وانگر هارجان پيو.
منهنجون هڏيون جوڙن کان نڪري پيون آهن،
۽ منهنجي دل ميڻ وانگر منهنجي سيني ۾ رجندي ٿي وڃي.
15 منهنجي نڙي سُڪي ٺڪر ٿي ويئي آهي،
۽ ڄڀ وڃي تارونءَ سان لڳي آهي.
آه! اي خداوند! تو مون کي موت واري ڌوڙ ۾ آڻي ملايو آهي.
16 بدڪارن جي ٽولي اچي ڪتن جيان منهنجو گهيرو ڪيو آهي.
هنن ڇتن ڪتن جيان منهنجي هٿن پيرن کي ڇچري ڇڏيو آهي.
17 هاڻ ته منهنجون سڀ هڏيون ڏسجڻ ۾ ٿيون اچن.
دشمن مون کي ڇتائي ۽ گهُوري ڏسن ٿا.
18 هو منهنجا ڪپڙا پاڻ ۾ ورهائين ٿا،
هائو، منهنجي پوشاڪ لاءِ هو پاڻ ۾ پُڪا وجهن ٿا.

19 سو اي خداوند! تون مون کان پري نه ٿيءُ.
اي منهنجا واهرو! تون سِگهو اچي منهنجي مدد ڪر.
20 تون اچي منهنجي جان کي تلوارن کان ڇڏاءِ.
تون هنن ڪتن جي چڪ منجهان

منهنجي قيمتي حياتي اچي بچاءِ.
21 مون کي هنن بگهڙن جي وات منجهان اچي ڇڏاءِ.
هائو، تون مون کي هنن ويڙهاڪن سانُن جي سڱن کان بچاءِ،
ڇالاءِجو ۽ بلڪل لاچار آهيان.

22 ۽ پنهنجي قوم وارن ۾ تنهنجو نالو پڌرو ڪندس،
۽ هيڪل جي گڏجاڻيءَ ۾ تنهنجو هي حمد ڳائيندس ته
23 ”اي خداوند جو خوف رکڻ وارؤ!
اوهين سندس تعريف ڪريو.
اي يعقوب جو اولاد! اوهين هن جي بزرگي بيان ڪريو.
هائو، اوهين سڀ اي اسرائيل جو اولاد! هن جي تعظيم ڪريو.
24 ڏکويلن جي ڏک جي خداوند ڪڏهن حقارت نه ڪئي آهي،
۽ نڪي انهيءَ کي نظرانداز ڪيو اٿائين.
هن انهن کان ڪڏهن به پنهنجو منهن نه موڙيو آهي،
بلڪ جڏهن به هنن ڪيس پڪاريو آهي،
تڏهن انهن جي ٻُڌي اٿائين.“

25 ۽ سندس عنايت سان
هيڪل جي وڏي گڏجاڻيءَ ۾ واکاڻ ڪندس.
۽ سندس عبادتگذارن جي روبرو
باس جون قربانيون پيش ڪندس.
26 غريب ماڻهو اهي کائي ڍءُ ڪندا،
۽ خداوند جا طالبو سندس تعريف ڪندا.
شال انهن سيني جون دليون سدائين زنده رهن!

27 سارو جهان خداوند کي ياد ڪندو ۽ ڏانهس ڦرندو.
هائو، سڀئي قومون انهيءَ جي آڏو سجدو ڪنديون.
28 ڇالاءِجو خداوند ئي هر شيءِ تي غالب آهي،
هو ئي سيني قومن جو حاڪم آهي.
29 دنيا جو هر فاني انسان رڳو ڪيس ئي سجدو ڪندو.
بيشڪ خاڪ ۾ وڃي ملڻ وارا سڀ سندس آڏو جهڪندا،
هائو، اهي سڀ جيڪي موت کان پاڻ کي بچائي نه ٿا سگهن.
30 ايندڙ پيون پيڙهيون به هن جي عبادت ڪنديون.
اُهي ئي وري پين ايندڙ پيڙهين کي
پنهنجي ڌڻيءَ جو بيان ٻڌائينديون.
31 هائو، جيڪي پوءِ پيدا ٿيندا،
تن کي اهي خداوند جا ڪم ظاهر ڪري چوندا ته
”خداوند ئي پنهنجي قوم کي ڇڏايو هو.“

8:22 مت 27:43 18:22 مت 27:35، مر 15:24، لو 23:34، يو 19:24 22:22 عبر 2:12

## زبور 23

### خداوند، منهنجو ريڍار

(دائود جي زبورن ۾ شامل)

1 اي خداوند! تون منهنجو ريڍار آهين،
سو مون کي ڪنهن شيءِ جي ڪمي ناهي.
2 تون مون کي ساون چراگاهن ۾ ويهارين ٿو.
تون مون کي راحت وارن چشمن وٽ وٺي وڃين ٿو.
3 تون منهنجيءَ جان کي تازو ۽ توانو ٿو ڪرين.
پنهنجي نالي جي سچائيءَ موجب
تون مون کي سڌين واٽن تي وٺي ٿو هلين.
4 توڙي جو ڪٽي آءٌ موت جي پاڇي وارين وادين مان لنگهندس،
تڏهن بہ آءٌ ڪنهن کان ڪين ڊڄندس،
ڇوجو تون مون سان آهين.
هائو، تنهنجي لٺ ۽ لڪڻ منهنجي دلجاءِ جو سبب آهن.

5 تو منهنجي دشمنن آڏو مون لاءِ دسترخوان وڇايو آهي.
تو مون کي معزز مهمان جيان مان ڏنو آهي،
۽ منهنجي پيالي کي ٽمٽار ڪيو اٿيئي.
6 تنهنجي ڀلائي ۽ رحمت ساري حياتي مون سان هونديون.
اي خداوند! آءٌ هميشه تنهنجي گهر ۾ پيو رهندس.

## زبور 24

### جلال واري بادشاهه لاءِ گيت

(دائود جي زبورن ۾ شامل)

1 ڌرتي ۽ ان ۾ جيڪي ڪجهه آهي سو سڀ خداوند جو آهي.
هائو، هي جهان ۽ ان جا رهاڪو سڀ خداوند جا ئي آهن.
2 هن سمنڊن جي تري تائين زمين جو بنياد رکيو آهي،
بيشڪ هن انهيءَ کي بحرن جي مٿان قائم ڪيو آهي.

3 اهي ڪير آهن،
جيڪي خداوند جي *جبل مٿان چڙهي سگهندا؟
اهي ڪير آهن،
جيڪي سندس مقدس هيڪل ۾ حاضر ٿي سگهندا؟
4 رڳو اهي ئي اهو سڀ ڪري سگهندا،
جن جا هٿ صاف ۽ دل پاڪ آهي،
جن باطل سان دل نہ لڳائي آهي،
نڪي وري ڪوڙو قسم کنيو اٿائون.
5 بيشڪ اهي ئي پنهنجي خداوند کان برڪت لهندا،
۽ پنهنجي ڇڏائيندڙ خدا طرفان بي ڏوهي ٺهرايا ويندا.
6 هي اهي ئي ماڻهو آهن جيڪي خدا جا طالبو آهن،
هائو، جيڪي يعقوب جي خدا جي ديدار جا طالبو آهن.

7 اي هيڪل جا دروازؤ! اوهين پنهنجا سردر مٿي ڪريو.
هائو، اي قديم دروازؤ! اوهين بلڪل اوچا ٿيو،
تانتہ جلال وارو بادشاهه اندر اچي.
8 هاڻي، اهو جلال وارو بادشاهه ڪير آهي؟
اهو خداوند ئي تہ آهي جيڪو قوي ۽ قادر آهي.
اهو خداوند ئي تہ آهي جيڪو جنگ ۾ زورآور آهي.
9 اي هيڪل جا دروازؤ! اوهين پنهنجا سردر مٿي ڪريو.
هائو، اي قديم دروازؤ! اوهين بلڪل اوچا ٿيو،
تانتہ جلال وارو بادشاهه اندر اچي.
10 هائو، اهو جلال وارو بادشاهه ڪير آهي؟
جيڪو خداوند قادرِمطلق آهي سو ئي جلال وارو بادشاهه آهي.

## زبور 25

### رهنمائيءَ ۽ حفاظت لاءِ دعا

(دائود جي زبورن ۾ شامل)

1 اي خداوند! آءٌ تنهنجي بندگي ڪندو رهان ٿو.
2 اي منهنجا خدا! آءٌ تو تي ئي ڀروسو رکان ٿو.

اي خدا! مون کي ڪڏهن بہ شرمندو ٿيڻ نہ ڏجانءِ،
ائين نہ ٿئي جو منهنجا دشمن اچي مون تي کل ڀرچو ڪن.
3 بيشڪ، جن کي تو تي ڀروسو آهي،
تن مان ڪوبہ شرمسار نہ ٿيندو،
پر جيڪي ناحق دغا ٿا ڪن تن کي ئي ذليل وَ خوار ڪيو ويندو.

4 اي خداوند! مون کي پنهنجون راهون کولي ڏيکار،
تون مون کي پنهنجو هر ڀيچرو ٻڌاءِ.
5 مون کي پنهنجي سچائيءَ واري راهه تي هلاءِ ۽ هدايت ڏي،
ڇالاءِجو تون ئي تہ منهنجو ڇڏائيندڙ خدا آهين.
اي خداوند! منهنجو تو تي سدائين ڀروسو آهي.
6 اي خداوند! تون پنهنجون رحمتون ۽ شفقتون ياد ڪر،

---

*جبل: هن مان مراد صيئون جبل آهي، جنهن تي يروشلم شهر اڏيل آهي. خداوند انهيءَ جبل کي ان لاءِ چونڊيو تہ اتي سندس مقدس هيڪل ٺاهيو وڃي.

2:23 مڪا 17:7    1:24 1.ڪر 26:10    4:24 مت 8:5

جيڪي تون ازل کان ڏيکاريندو رهيو آهين.
7 تون منهنجا گناهہ ۽ جوانيءَ جون گستاخيون ياد نہ ڪر.
اي خداوند! پنهنجي دائمي شفقت سان
مون کي پنهنجي ڀلائي ڏيکار ۽ وساري نہ ڇڏ.

8 بيشڪ اي خداوند! تون ڏاڍو ڀلو ۽ سچو آهين،
تنهنڪري گمراهن کي سچائيءَ جي واٽ ڏيکارين ٿو.
9 جيڪي تنهنجا تابعدار آهن،
تن کي سڌيءَ راهہ تي هلائين ٿو.
هائو، پنهنجي تابعدارن کي تون پنهنجي واٽ ڏيکارين ٿو.
10 اي خداوند! جيڪي تنهنجي عهد تي،
۽ تنهنجي قاعدن قانونن تي عمل ٿا ڪن،
تن جي تون وفا ۽ دائمي شفقت سان رهنمائي ٿو ڪرين.

11 اي خداوند! منهنجي بدڪاري تمام وڏي آهي،
سو پنهنجي ناليءَ جي سچائيءَ موجب تون اها معاف ڪر.

12 جيڪي ماڻهو تنهنجو خوف رکن ٿا،
تن کي ئي تون پنهنجو وڻندڙ رستو ڏيکارين ٿو.
13 اهي سدائين سکيا ستابا ٿا رهن،
۽ سندن اولاد بہ ملڪ جو وارث ٿئي ٿو.
14 اي خداوند! جيڪي تنهنجو خوف ٿا رکن،
تن کي تون پنهنجي راز ۾ شامل ٿو ڪرين،
۽ انهن سان ڪيل پنهنجو عهد پورو ڪرين ٿو.
15 منهنجون اکيون هر وقت تو ڏانهن لڳل رهن ٿيون،
ڇوجو تون ئي مون کي هر ڦندي مان ڇڏائين ٿو.

16 سو اي خداوند! مون ڏانهن توجهہ ڪر،
۽ مون تي رحم ڪر،
ڇالاءِجو آءٌ بلڪل اڪيلو ۽ ڏکن ۾ ڦاٿل آهيان.
17 منهنجي دل جا ڏک دور ڪر.
مون کي سڀني مصيبتن کان ڇوٽڪارو عطا ڪر.
18 تون منهنجي ڏکن ۽ تڪليفن تي نظر ڪر،
۽ منهنجا سمورا گناهہ معاف ڪر.

19 اي خداوند! ڏس، منهنجا دشمن ڪيڏا نہ گهڻا آهن!
اهي مون سان ڪيڏو نہ سخت ڪينو ٿا رکن!
20 مون تنهنجي پناهہ ورتي آهي،
سو منهنجي جان جي حفاظت ڪر ۽ مون کي بچاءِ.
ائين نہ ٿئي جو آءٌ شرمندو ٿيان.
21 آءٌ دل جي سچائيءَ سان تنهنجي تابعداري ٿو ڪريان،
اي خداوند! مون کي تنهنجو ئي آسرو آهي،
تہ تون مون کي بچائيندين.

22 اي خدا! تون پنهنجي قوم بني اسرائيل کي بچاءِ.
پنهنجو هٿ وڌائي اسان کي سڀني ڏکن کان ڇوٽڪارو ڏيار.

## زبور 26

## نيڪ ماڻهوءَ جي دعا

(دائود جي زبورن ۾ شامل)

1 اي خداوند! مون کي سچار نهراءِ،
ڇوجو آءٌ ايمانداريءَ سان هليو آهيان.
تو خداوند تي مون ڀروسو رکيو آهي،
۽ ان ۾ آءٌ ڪين ٿاٻڙيو آهيان.
2 اي خداوند! ڀلي تون امتحان وٺ ۽ مون کي آزماءِ،
تون منهنجيءَ دل ۽ منهنجي دماغ جي پرک لهہ.

3 تو خداوند جي لافاني شفقت منهنجي اکين اڳيان آهي.
آءٌ تنهنجي سچائيءَ واري راهہ تي هلندو رهيو آهيان.
4 آءٌ بيهودن ماڻهن سان ڪڏهن گڏجي ڪين ويٺو آهيان،
نہ ئي مون ڪڏهن دوکيبازن جو ڪو ساٿ ڏنو آهي.
5 بدڪارن جي ٽولي کان مون کي نفرت آهي.
آءٌ انهن بڇڙن سان ڪڏهن ڪين ويٺو آهيان.

6 اي خداوند! آءٌ تنهنجي هيڪل ۾
پنهنجي بيڏوهي هجڻ جي ثابتي ڏيڻ لاءِ
پنهنجا هٿ ڌوئي تنهنجي قربانگاهہ جو طواف ٿو ڪريان.
7 طواف ڪندي آءٌ تنهنجا شڪرانا ڳيو ڳايان،
۽ تنهنجي سڀني عجيب ڪمن جو بيان ڪندو ٿو رهان.
8 اي خداوند! جتي تون رهين ٿو،
هائو، جنهن جاءِ ۾ تنهنجو جلوو ٿو چمڪي،
تنهن سان آءٌ پيار ڪريان ٿو.

9 تون مون کي گنهگارن سان گڏي ناس نہ ڪجانءِ،
نڪي خوني ماڻهن سان گڏ مون کي موت جي سزا ڏجانءِ.
10 اهي ماڻهو بدڪاريءَ منجهہ ٻڏل آهن،
۽ سندن هٿ رشوتن ۾ رنگيل آهن.

---

8:26 2.توا 1:7–3

11 پر جيئن تہ آءٌ پنهنجي سچائيءَ سان هلندو رهان ٿو،
سو تون مون تي رحم ڪر ۽ مون کي اڇي ڇڏاءِ.

12 منهنجا قدم سنئين سڌي رستي تي قائم آهن،
سو اي خداوند! آءٌ هيڪل جي وڏين گڏجاڻين ۾
ضرور تنهنجي واکاڻ ڪندس.

## زبور 27

### واکاڻ جي دعا

(دائود جي زبورن ۾ شامل)

1 خداوند منهنجي روشني ۽ منهنجو بچاءُ آهي.
پوءِ ڇو آءٌ ڪنهن کان ڊڄان؟
خداوند منهنجي جاءِپناهہ آهي.
پوءِ ڇو آءٌ ڪنهن جو ڊپ رکان؟
2 جڏهن بہ بدڪار يعني منهنجا دشمن ۽ ويري
منهنجو ماس کائڻ لاءِ مون تي چڙهي اچن ٿا،
تڏهن هو ٿاٻا کائي ڪرن ٿا.
3 توڙي جو ڪو لشڪر اچي منهنجي چوڌاري گهيرو ڪندو،
تڏهن بہ منهنجيءَ دل کي ڪو خوف نہ ٿيندو.
توڙي جو منهنجي مٿان ڪا جنگ اچي ڪڙڪندي،
تڏهن بہ منهنجي توڪل خدا تي ئي رهندي.

4 آءٌ خداوند کي رڳو هڪڙو عرض ٿو ڪريان،
جيڪو آءٌ چاهيندو ٿو رهان.
منهنجو عرض اهو آهي تہ سڄي ڄمار آءٌ سندس گهر ۾ رهان،
انهيءَ لاءِ تہ آءٌ خداوند جو جمال پسان،
۽ سندس هيڪل ۾ سندس ئي طلب ۾ رهان.
5 ڇالاءِجو مصيبت جي وقتن تي
هو مون کي پنهنجي مقدس خيمي ۾ پناهہ ڏيندو،
۽ مون کي خيمي جي پردي اندر لڪائي رکندو.
هو مون کي ٽڪر جي چوٽيءَ تي چاڙهي حفاظت ۾ رکندو.
6 سو منهنجا دشمن جيڪي منهنجي چوڌاري آهن،
تن تي آءٌ غالب پوندس.
تڏهن مقدس خيمي اندر
آءٌ خوشيءَ جي نعرن سان قربانيون ڪندس.
آءٌ ڳائيندي وڄائيندي خداوند جو حمد وَ ثنا ڪندس.

7 اي خداوند! آءٌ تو کي ئي پيو پڪاريان،
تون منهنجي ضرور ٻڌجانءِ.
مون تي پنهنجو رحم ڪري منهنجي مدد ڪجانءِ.
8 جڏهن تو هي فرمايو هو تہ
"اوهين منهنجي ديدار جا طالب ٿيو،"
تڏهن منهنجيءَ دل چيو تہ
"اي خداوند! آءٌ تنهنجو طالب آهيان."
9 سو تون مون کان پنهنجو منهن نہ موڙ،
۽ ڪاوڙ مان پنهنجي ٻانهي کي پاڻ وٽان لوڏي نہ ڪڍ.
تون ئي تہ منهنجو مددگار آهين،
مون کي پاڻ کان پري نہ ڪر.
اي منهنجا بچائيندڙ خدا! تون مون کي ڇڏي نہ ڏي.
10 توڙي جو منهنجا ماءُپيءُ مون کي ڇڏي ڏين،
تہ بہ اي خداوند! تون منهنجي سار سنڀال لهندين.
11 اي خداوند! مون کي پنهنجي سنئين راهہ ڏيکار.
تون دشمنن کان بچائيندي مون کي سڌي رستي تي هلاءِ.
12 تون مون کي دشمنن جي مرضيءَ تي نہ ڇڏجانءِ،
ڇالاءِجو اهي ڪوڙا شاهد ۽ ظلم جا دڙڪا ڏيندڙ
منهنجي خلاف اٿي کڙا ٿيا آهن.
13 مون کي اهو يقين آهي تہ
نيٺ آءٌ تو خداوند جي ڀلائي ڏسندس،
هائو، جيئرن جي هن دنيا ۾ ئي آءٌ اها ڏسندس.

14 اوهين خداوند تي توڪل رکو،
پختا ٿيو ۽ همت نہ هاريو.
هائو، اوهين خداوند تي ئي پنهنجي توڪل رکو.

## زبور 28

### عرض ۽ شڪرگذاري

(دائود جي زبورن ۾ شامل)

1 اي خداوند! آءٌ تو کي پڪاريان ٿو،
اي منهنجا محافظ! منهنجي ٻڌي تون اڻٻڌي نہ ڪر.
ائين نہ ٿئي جو تون منهنجي طرف ڏانهن خاموش رهين،
پوءِ آءٌ انهن جهڙو ٿيان جيڪي قبر اندر لهي ٿا وڃن.
2 آءٌ تنهنجي مقدس هيڪل ڏانهن
هٿ کڻي تو کي پڪاريان ٿو،
منهنجي منٿ ٻڌي تون منهنجي مدد ڪر.
3 مون کي انهن بدڪارن ۽ بڇڙن سان گڏ نہ گهلجانءِ،
جيڪي منٺيون منٺيون ڳالهيون تہ ڪن ٿا،
پر انهن جي دلين ۾ دغا آهي.

4 تون انهن کي سندن ڪمن
ءِ افعالن جي برائيءَ موجب بدلو ڏي.
تون انهن کي سندن هٿن جو ڪيتو لوڙاءِ،
ءِ کين اهڙي سزا ڏي جنهن جي هو لائق آهن.
5 جيئن تہ اي خداوند!
اهي تنهنجي ڪمن ءِ دستڪاريءَ کي حقير ٿا ڄاڻن.
تنهنڪري تون کين ڊاهي ڪيراءِ،
ءِ وري ڪڏهن نہ ڪرين.

6 هاڻي آءٌ پنهنجي خداوند جي تعريف ٿو ڪريان،
جنهن مدد لاءِ منهنجي منٿ ٻڌي آهي.
7 خداوند منهنجي طاقت آهي ءِ اهو ئي منهنجو محافظ آهي.
مون هن تي توڪل ڪئي ءِ ڪائنس مون کي مدد ملي آهي،
سو منهنجي دل ڏاڍي خوش آهي.
هاڻ آءٌ سندس شڪراني جا گيت پيو ڳائيندس.
8 خداوند ئي پنهنجي قوم جي طاقت آهي.
هو پنهنجي مسح ڪري چونڊيل بادشاهہ لاءِ محفوظ قلعو آهي.

9 اي خداوند! پنهنجي قوم کي بچاءِ،
هائو، پنهنجي انهيءَ ميراث کي برڪت عطا ڪر.
تون انهن جو رکوالو ٿيءُ ءِ کين سدائين سنڀالي رک.

## زبور 29

## طوفان ۾ خداوند جي حشمت

(دائود جي زبورن ۾ شامل)

1 اي فرشتؤ! اوهين خداوند جي تعريف ڪريو.
هائو، هن جي جلال ءِ قدرت جي واکاڻ ڪريو.
2 خداوند جي نالي جي لائق اوهين سندس تعريف ڪريو.
سندس شان وَ شوڪت ڏسي کيس سجدو ڪريو.

3 خداوند جو آواز بحرن تي آهي،
جلال وارو خدا گجگوڙ ڪري ٿو.
بيشڪ وسيع بحرن جي مٿان انهيءَ جو آواز گونجي ٿو.
4 خداوند جو آواز وڏي قدرت ءِ زور وارو آهي.
هائو، سندس آواز شاهي شان وارو آهي.
5 خداوند جو آواز اهڙو آهي جو ديال جي وڻن کي پيچيو ڇڏي،
بلڪ لبناني ديال جي وڻن کي بہ هو ٽڪرا ٽڪرا ڪري ٿو ڇڏي.
6 هو لبنان جي ٽڪرن کي گابي وانگر ٿو ڪُڏائي.
هو حرمون جبل کي وهڙي جيان ٽپا ٿو ڏياري.
7 خداوند جي آواز سان
وڄ جو چمڪو ٿئي ٿو.
8 خداوند جو آواز بيابانن کي لوڏي ٿو ڇڏي.
بلڪ سندس آواز قاديس جي بيابان کي بہ ڏکايو ڇڏي.
9 خداوند جو آواز اهڙو آهي،
جو اهو شاهہبلوط وڻن کي مروٽيو ڇڏي.
هو ٻيلن جا وڻ بہ پنن کان ٻُتا ٿو ڪري ڇڏي.
هن جي هيڪل ۾ هر ڪو واکاڻيندي چوي ٿو تہ
”خداوند عظيم آهي! خداوند عظيم آهي!“

10 خداوند ئي *اونهن پاڻين تي تختنشين آهي،
هو بادشاهہ طور هميشہ هميشہ تختنشين رهندو.
11 شل اهو خداوند پنهنجي قوم کي طاقت عطا ڪري.
هائو، شل هو پنهنجي قوم کي سلامتي ءِ خوشحالي بخشي.

## زبور 30

## موت کان ڇوٽڪاري لاءِ شڪرگذاري

(هيڪل جي مخصوصيت جو گيت، دائود جي زبورن ۾ شامل)

1 اي خداوند! تنهنجي واکاڻ هجي،
ڇوجو تو مون کي سرفراز ڪيو آهي.
تو منهنجي دشمنن کي مون تي خوش ٿيڻ ڪين ڏنو آهي.
2 اي خداوند، منهنجا خدا! مون مدد لاءِ تو کي پڪاريو،
ءِ تو منهنجي پڪار تي مون کي شفا بخشي.
3 اي خداوند! تو مون کي پاتال ۾ وڃي پوڻ کان بچائي ورتو،
هائو، تو مون کي قبر ۾ داخل ٿيڻ کان محفوظ رکيو.

4 اي خداوند جا نيڪ بندؤ! اوهين سندس تعريف ڳايو.
اوهين هن جي پاڪ نالي جي شڪرگذاري ڪريو.
5 سندس غصو رڳو هڪ پل جو آهي،
پر سندس ڪرم عمر ڀر جو آهي.
رات جو شايد روئڻو پوي،
پر صبح جو خوشي ملي ٿي وڃي.

*اونهن پاڻين تي تختنشين: پراڻي دور جي ماڻهن جي عقيدي موجب دنيا جي چوڌاري هڪ وڏو سمنڊ موجود آهي، جنهن مان خدا جي شاهي حڪم سان زمين تي ٻوڏون اچن ٿيون.

4:28 مڪا 12:22 2–1:29 زب 96:7–9

6 پنهنجي خوشحاليءَ جي وقت مون سوچيو ٿي تہ
”مون کي ڪڏهن بہ ڪو لوڏو ڪين ايندو.“
7 اي خداوند! تو پنهنجي ڪرم سان
مون کي عظمت ۽ طاقت عطا ڪئي هئي.
پر جڏهن تو مون کان منهن موڙيو،
تڏهن مون کي ڏپ ورتو هو.
8 سو مون تنهنجي اڳيان گهڻو ٻاڏايو هو.
مون مدد جي لاءِ تو خداوند آڏو پڪاريو هو تہ
9 ”اي خداوند! جيڪڏهن آءٌ قبر ۾ وڃي پوان،
تہ پوءِ منهنجي موت مان تو کي ڪهڙو فائدو ٿيندو؟
ڇا پوءِ منهنجي قبر جي مٽي تنهنجي تعريف ڪندي؟
يا اها تنهنجي سچائيءَ کي پڌرو ڪندي؟
10 اي خداوند! منهنجي ٻڌ ۽ مون تي پنهنجو رحم ڪر.
اي خداوند! تون منهنجو مددگار ٿيءُ.“

11 هاڻ تو ئي تہ منهنجي ماتم کي
خوشيءَ جي ناچ ۾ تبديل ڪيو آهي.
تو ئي تہ مون تان غم جو ڪٿو لاهي
مون کي خوشيءَ جو سندرو ٻڌايو آهي،
12 تانتہ آءٌ دل وَ جان سان تنهنجي تعريف ڳائيندو رهان.
اي خداوند، منهنجا خدا!
آءٌ هميشہ هميشہ تنهنجو شڪر پيو ڪندس.

## زبور 31

### مصيبت جي وقت دعا

(استاد موسيقار لاءِ، دائود جي زبورن ۾ شامل)

1 اي خداوند! آءٌ تنهنجي پناهہ تو وٺان،
مون کي شرمندو ٿيڻ نہ ڏجانءِ.
پنهنجي سچائيءَ جي خاطر تون مون کي بچائي وٺجانءِ.
2 تون مون ڏانهن پنهنجو ڪن ڏيئي
سگهو ئي مون کي ڇڏائي وٺجانءِ.
تون مون لاءِ مضبوط محافظ ۽ منهنجي پناهہگاهہ ٿجانءِ.
3 تون ئي تہ منهنجو محافظ ۽ منهنجو قلعو آهين.
پنهنجي نالي جي سچائيءَ موجب
منهنجي اڳواڻي ۽ رهبري ڪجانءِ.
4 مون لاءِ جيڪو ڳجهيءَ طرح ڄار پکيڙيو اٿن،
تنهن کان مون کي بچائي وٺجانءِ،
ڇالاءِجو تون منهنجي جاءِپناهہ آهين.
5 اي خداوند، سچائيءَ جا خدا!
تون مون کي ڇڏائي وٺجانءِ.
آءٌ پنهنجو پاڻ کي تنهنجي هٿن ۾ ٿو سونپيان.

6 انهن ماڻهن کان مون کي نفرت آهي،
جيڪي ڪُوڙن معبودن کي مڃين ٿا،
پر اي خداوند! منهنجي توڪل رڳو تو تي آهي.
7 تنهنجي دائمي شفقت جي ڪري،
آءٌ خوشي ڪندس ۽ سرهو ٿيندس،
ڇوجو مصيبت جي وقت تي تو ئي منهنجي ڏکن تي ڌيان ڏنو آهي.
8 تو مون کي دشمن جي هٿ قيدي ٿيڻ نہ ڏنو آهي،
بلڪ تو مون کي آزادي عطا ڪئي آهي.

9 اي خداوند! مون تي رحم ڪر،
ڇوجو آءٌ ڏکن ۾ آهيان.
روج راڙي سبب منهنجون اکيون ويهجي ويون آهن،
۽ سارو جسم ڳري ويو اٿم.
10 منهنجي حياتي غم ۾ ۽ عمر آهون ڀريندي گذري ويئي آهي.
ڏکن سببان منهنجي طاقت گهٽجي ويئي آهي.
ايتري قدر جو منهنجون هڏيون بہ ڳري ويون آهن.
11 مون کان نہ رڳو دشمن نفرت ڪن ٿا،
بلڪ دوست بہ مون کان حقارت ٿا ڪن.
منهنجا واقف منهنجي حالت ڏسي ڏچيو ٿا وڃن.
جڏهن هو مون کي واٽ تي ڏسن ٿا،
تڏهن مون کان پچي پاسو ٿا ڪن.
12 سيني مون کي مري ويلن وانگر
پنهنجيءَ دل تان لاهي ڇڏيو آهي.
هاڻ تہ آءٌ ڄڻ هڪ ڀڳل ٿانوَ جيان ڦِٽو ڪيو ويو آهيان.
13 گهڻا ئي دشمن منهنجي خلاف گڏجي سازشون ڪن ٿا،
۽ منهنجي مارڻ لاءِ منصوبا ٿا ٺاهين.
آءٌ ڪين سس پس ڪندي ٻڌان ٿو،
سو مون کي هر پاسي کان ڏپ آهي.

14 پر اي خداوند! منهنجي تو تي پوري توڪل آهي،
تڏهن تہ آءٌ ائين ٿو چوان تہ ”منهنجو خدا تون ئي آهين.“
15 منهنجي حياتي تنهنجي ئي هٿ ۾ آهي،
سو مون کي جيڪي دشمن ستائين ٿا،
تن جي هٿان تون ڇڏائي وٺجانءِ.
16 تون پنهنجي هن ٻانهي تي ٻاجهہ واري نظر ڪر،

---

5:31 لو 46:23

۽ پنهنجي دائمي شفقت سان مون کي بچاءِ.
17 اي خداوند! آءٌ تو کان دعا ٿو گهران ته
تون مون کي شرمندو ٿيڻ نه ڏجانءِ،
بلڪ بدڪار ئي خوار خراب ٿين.
تون کين خاموش ڪرائي قبر داخل ڪجانءِ.
18 انهن سڀني ڪوڙن جا وات بند ڪري ڇڏ،
جيڪي سچارن خلاف غرور ۽ نفرت وچان
گستاخيءَ سان ڳالهائين ٿا.

19 اي خداوند! تنهنجي ڀلائي ڪيڏي نه عظيم آهي!
جيڪا تو پنهنجي تعظيم ڪرڻ وارن لاءِ گڏ ڪري رکي آهي،
۽ جيڪا تو ماڻهن آڏو پنهنجي پناهه ۾ آيلن تي ظاهر ڪئي آهي.
20 تون انهن کي انساني سازشن کان بچائي
پنهنجي حضور ۾ حفاظت سان ٿو رکين.
تون انهن کي ماڻهن جي تهمتن کان لڪائي
پنهنجي پناهه ۾ ٿو رکين.

21 اي خداوند! بيشڪ تون سڳورو آهين.
جڏهن آءٌ گهيري هيٺ آيل شهر وانگر وڪوڙجي ويو هوس،
تڏهن تو ئي مون تي پنهنجي دائمي شفقت ڪئي.
22 ان وقت آءٌ گهٻرائجي ويو هوس ۽ سوچيو هوم ته
”آءٌ تنهنجي نظر کان ڪڍيو ويو آهيان.“
پوءِ به جڏهن مون تو کي پڪاريو،
تڏهن تو منهنجون منٿون ٻڌي ورتيون.

23 اي خداوند جا نيڪ ٻانهؤ! سڀيئي ساڻس پيار ڪريو.
هو وفادارن جي حفاظت ڪري ٿو،
پر جيڪي مغرور آهن تن کي جوڳي سزا سان بدلو ڏئي ٿو.
24 اوهين سڀيئي جيڪي خداوند ۾ اميد رکو ٿا،
سي بلڪل نه گهٻرايو، بلڪ پنهنجيءَ دل کي همٿايو.

## زبور 32

## گناهن جي معافي

(دائود جي زبورن ۾ شامل)

1 اهي انسان سڀاڳا آهن،
جن جي خطا بخش ڪئي ويئي آهي.
بيشڪ اهي سڀاڳا آهن جن جو گناهه معاف ڪيو ويو آهي.
2 اهي انسان سڀاڳا آهن،
جن جي بدڪاري خداوند ليکي ۾ نه ٿو آڻي.
بيشڪ اهي سڀاڳا آهن جن جي دل ۾ ڪا ئي ٺڳي ڪانهي.

3 اي خداوند! مون به
جيستائين تو آڏو پنهنجون خطائون نه باسيون،
تيستائين سارو سارو ڏينهن دانهون ڪندي
آءٌ ايترو ته ڪمزور ٿي ويس،
جو ڄڻ منهنجون هڏيون به ڳري ويون.
4 جيئن ته تنهنجو ڳرو هٿ رات ڏينهن منهنجي مٿان هو،
سو منهنجي طاقت منهنجي جسم مان ائين ويندي رهي،
جيئن اونهاري جي گرمي پاڻيءَ کي سڪائي ڇڏيندي آهي.

5 تڏهن مون سوچيو ته
”آءٌ خداوند آڏو پنهنجي سڀني گناهن جو اقرار ڪندس.“
پوءِ مون تو وٽ پنهنجا گناهه باسيا،
۽ تو کان پنهنجي ڪا بڇڙائي ڪين لڪايم.
تڏهن تو منهنجي هر بڇڙائي مون کي معاف ڪري ڇڏي.

6 اهڙيءَ طرح هر ڪنهن نيڪ ٻانهي کي
تنگيءَ جي وقت تي تو کان دعا گهرڻ کپي،
تڏهن تڪليفن جو وڏو سيلاب به
انهن تائين پهچي ڪين سگهندو.
7 اي خداوند! مون کي به تون تڪليفن کان بچائين ٿو،
ڇالاءِجو منهنجي جاءِپناهه تون ئي آهين.
تون منهنجي چوڌاري نجات جا گيت ڳارائين ٿو.

8 تو خداوند مون کي فرمايو ته
”آءٌ تنهنجي رهنمائي ڪندس،
۽ تو کي هلڻ جو رستو ڏيکاريندس.
آءٌ تو کي صلاح ڏيندو رهندس،
منهنجي نظر تنهنجي مٿان ئي رهندي.
9 تون گهوڙي ۽ خچر وانگر بيءِسمجهه نه ٿيءُ،
جن کي پنهنجي قابوءَ ۾ رکڻ لاءِ لغام ۽ واڳ وجهبي آهي،
تانته اهي تابعداريءَ ۾ رهن.“

10 اي سچارؤ! ڏسو، بدڪار ماڻهن جي سر تي
گهڻيون ئي مصيبتون اينديون آهن،
پر جن جو ڀروسو خداوند تي آهي،
تن کي چوڌاري رحمتون گهيرو ڪيو ٿيون رهن.

32:1–2 رو 4:7–8

11 سو خداوند جي ڪم کان سرها ٿيو ۽ خوشي ڪريو.
هائو، اوهين جيڪي دل جا سچا آهيو سي خوشيون ملهايو.

## زبور 33

## خالق جي واکاڻ جو گيت

1 اي سچارؤ! اوهين خداوند جي لائق سندس واکاڻ ڪريو،
اي فرمانبردارؤ! اوهين سندس ڪم تي خوشيون ملهايو.
2 اوهين سارنگي وڄائيندي خداوند جو شڪرانو ڪريو.
اوهين ڏهن تارن واري دنبوري تي انهيءَ جي واکاڻ ڳايو.
3 اوهين هن جي لاءِ هڪڙو نئون گيت ڳايو،
مهارت سان ساز وڄايو ۽ وڏي آواز سان ڳايو.

4 بيشڪ خداوند جو ڪلام سراسر سچو آهي،
جنهن موجب هو سڀيئي ڪم وفا سان پورا ڪري ٿو.
5 خداوند کي سچائيءَ ۽ انصاف سان پيار آهي.
هيءَ ساري ڌرتي خداوند جي لافاني شفقت سان پرپور آهي.

6 خداوند جي حڪم سان سمورا آسمان ٺهجي ويا.
هن جي امر سان آسمانن جي ساري خلقت پيدا ٿي ويئي.
7 هو سمنڊ جي پاڻيءَ کي پنهنجيءَ مٺ ۾ بند رکي ٿو،
هائو، هو وڏن وڏن بحرن کي سندن مقرر جاءِ ۾ بند رکي ٿو.
8 شل هن دنيا جا سڀيئي رهاڪو،
خداوند جو احترام ۽ تعظيم ڪندا رهن!
9 چالاءِجو جيئن ئي هن فرمايو ته دنيا پيدا ٿي پيئي،
هائو، هن جي حڪم ڏيڻ سان ڌرتي وجود ۾ اچي ويئي.

10 خداوند قومن جي تجويزن کي باطل ٿو ڪري ڇڏي.
هائو، هو ماڻهن جي تدبيرن کي رد ڪري ٿو ڇڏي.
11 پر خداوند جون تجويزون هميشه هميشه تائين قائم رهنديون.
سندس رٿيل تدبيرون سڀني پيڙهين تائين قائم رهنديون.
12 بيشڪ اها قوم سڀاڳي آهي،
جنهن جو معبود رڳو خداوند آهي.
هن انهيءَ قوم کي پنهنجي ملڪيت ٿيڻ لاءِ چونڊيو آهي.

13 خداوند مٿان عرش عظيم تان هيٺ نهاري ٿو ڏسي،
هن جي نظر کان ڪوبه بني آدم لڪل نه ٿو رهي.
14 هو پنهنجي تخت واريءَ جاءِ تان هيٺ نهاري ٿو.
هائو، هو ڌرتيءَ جي سڀني رهاڪن کي نهاري ٿو ڏسي.
15 جيڪو سڀني انسانن جي دلين جو ناهڻ وارو آهي،
تنهن کان ڪنهن به ماڻهوءَ جو ڪو عمل لڪي سگهي ٿو ڇا؟

16 ياد رکو، فوج جي گهڻائيءَ سان
ڪوبه بادشاهه سوڀ ماڻي نه ٿو سگهي،
نڪي گهڻي طاقت جي ڪري ڪوبه بهادر غالب اچي سگهي ٿو.
17 سوڀاري ٿيڻ لاءِ جنگي گهوڙو بلڪل اجائي شيءِ آهي.
اهو ڪيڏو به زور وارو ڪٿي چو نه هجي،
پر سوڀارو ڪري نه سگهندو.
18 ڏسو، خداوند جي نظر انهن تي آهي،
جيڪي کيس تعظيم ڏين ٿا.
بيشڪ جيڪي هن جي رحمت تي اميد رکن ٿا،
تن تي ئي سندس نظر آهي.
19 هائو، اهو خداوند ئي آهي،
جيڪو موت کان به کين بچايو وٺي،
۽ ڏڪار جي ڏينهن ۾ به کين جيئرو ٿو رکي.

20 سو اي خداوند! اسان جي توڪل تو تي آهي،
تون ئي اسان جو مددگار ۽ اسان جو محافظ آهين.
21 تنهنجي ڀاڄهه جي ڪري اسان جون دليون خوش ٿيون رهن،
سو تنهنجي پاڪ نالي تي ئي اسان جي توڪل آهي.
22 اي خداوند! جيئن اسان جي اميد تو ۾ آهي،
تيئن ئي شل تنهنجي رحمت اسان تي هجي.

## زبور 34

## خدا جي ڀلائيءَ جي واکاڻ

( دائود جو ان وقت جو زبور، جڏهن ابيملڪ بادشاهه جي اڳيان پاڻ کي
بچائڻ لاءِ هن چرين وارو ويس ڪيو هو. انهيءَ تي بادشاهه کيس
دربار مان ڪڍي ڇڏيو ۽ ائين هو بچي نڪري ويو.)

1 آءٌ خداوند کي هر دم سڳورو چوندو رهندس.
منهنجو وات هر وقت سندس واکاڻ پيو ڪندو.
2 آءٌ خداوند جي واکاڻ ڪندو رهندس.
جيڪي به ڏکايل آهن سي اها ٻڌي خوش ٿيندا.
3 اوهين مون سان گڏجي خداوند جي عظمت جو بيان ڪريو.
اچو ته اسين هن جي نالي جي واکاڻ ڪريون.

4 مون خداوند کان دعا گهري ۽ هن منهنجي ٻڌي آهي.
هن مون کي منهنجي سڀني خوفن کان ڇڏائي ورتو آهي.

---

34 عنوان 1.سمر 21:13–15

5 جيڪي هن تي توڪل تا رکن سي سوجهرو حاصل ڪن ٿا،
۽ انهن جا منهن ڪڏهن به شرمندگي نه ڏسندا.
6 مون مسڪين خداوند آڏو فرياد ڪيو،
۽ خداوند منهنجي ٻڌي ورتي.
هن منهنجي سڀني مصيبتن کان مون کي بچائي ورتو.
7 جيڪي خداوند جو خوف رکن ٿا،
تن کي سندس ملائڪ هر خطري کان دور ٿو رکي.
هو انهن جي چوڌاري پهرو ڏيئي سندن حفاظت ٿو ڪري.

8 هر طرح سان آزمائي ڏسو ته خداوند ڪيڏو نه ڀلو آهي.
بيشڪ اهو ماڻهو سڀاڳو آهي جيڪو انهيءَ جي پناهه ٿو وٺي.
9 سو اي خداوند جا چونڊيل ٻانهؤ! خداوند جو خوف رکو.
ڇالاءِجو جيڪي ڪانئس ڊپ رکن ٿا تن وٽ ڪا ئي ڪمي نه آهي.
10 ڪاڏي جي ڪميءَ جي ڪري شينهن به بکيا رهن ٿا،
پر خداوند جا طالبو ڪنهن نعمت جا محتاج نه ٿيندا.

11 اي منهنجا ٻارؤ! منهنجي ويجهو اچي منهنجي ڳالهه ٻڌو،
اچو ته آءٌ اوهان کي خداوند جو خوف رکڻ سيکاريان.
12 اهڙو ڪوبه ماڻهو نه آهي،
جيڪو حياتيءَ جي خواهش نه رکندو هجي.
هائو، هر ڪو ماڻهو وڏي عمر ٿو چاهي،
تانته هو پنهنجي حياتيءَ جو مزو ماڻي سگهي.
13 سو اوهين پنهنجيءَ زبان کي بڇڙائيءَ کان روڪيو.
اوهين پنهنجي وات کي ٺڳيءَ جي ڳالهين کان باز رکو.
14 هائو، بڇڙائيءَ کان پري ڀڄو ۽ سدائين نيڪي ڪندا رهو.
اوهين صلح جا طالبو ٿيو ۽ انهيءَ جي پٺيان لڳا رهو.

15 خداوند جون اکيون سچارن تي کتل رهن ٿيون،
۽ سندس ڪن انهن جي فرياد تي لڳل ٿا رهن.
16 خداوند هر بدڪار جو مخالف آهي،
تانته انهن جي يادگيريءَ کي ڌرتيءَ تان ئي متائي ڇڏي.
17 جڏهن خداوند جا تابعدار ڪيس مدد لاءِ پڪارين ٿا،
تڏهن هو سندن ٻڌي ٿو،
۽ سڀني تڪليفن کان کين ڇڏائي ٿو وٺي.
18 خداوند انهن کي ويجهو آهي جيڪي دلشڪسته آهن،
۽ جن جا روح چيڀاٽيل آهن تن کي هو بچائي ٿو.

19 سچار ماڻهن جي مٿان تڪليفون ته گهڻيون ئي آهن،
پر خداوند انهن سڀني کان کين ڇڏائي ٿو.
20 خداوند سندن سڀني هڏين کي سنڀالي ٿو،
تانته انهن جي ڪابه هڏي ڀڄي نه پوي.
21 پر جن کي سچارن کان نفرت آهي،
تن کي ڏوهي ٺهرايو ويندو.
اهي پنهنجي بڇڙائيءَ وسيلي پاڻ ئي قتل ڪيا ويندا.

22 خداوند پنهنجي ماڻهن جي جان بچائي ٿو وٺي.
هائو، اهي ٻانها جيڪي سندس پناهه ٿا وٺن،
تن مان ڪوبه ڏوهي نه ٺهرايو ويندو.

## زبور 35

## دشمنن کان بچاءَ لاءِ دعا

(دائود جي زبورن ۾ شامل)

1 اي خداوند! جيڪي مون سان جهيڙو ڪن ٿا،
تن سان تون جهيڙو ڪر.
هائو، تون انهن سان وڙهه جيڪي مون سان وڙهن ٿا.
2 تون پنهنجا جنگي هٿيار کڻي،
منهنجي مدد لاءِ اٿي کڙو ٿيءُ.
3 جيڪي منهنجو پيڇو ٿا ڪن،
تن کي پنهنجو ڀالو ۽ ڪهاڙي ڏيکار.
تون مون کي اهو چئي تسلي ڏي ته
تون ئي منهنجو بچائيندڙ آهين.

4 جيڪي منهنجو ساهه ڪيڻ گهرن ٿا،
سي شل شرمندا ۽ خوار خراب ٿين!
جيڪي مون لاءِ سازش سِٽن ٿا،
سي شل پٺتي هٽي پريشان ٿي وڃن!
5 شل اهي بلڪل اهڙا ٿي وڃن جيئن واءُ جي اڳيان بُهه،
۽ تو خداوند جو ملائڪ انهن جي پٺيان لڳو رهي!
6 شل انهن جي واٽ اونداهي ۽ ترڪڻي ٿئي،
۽ تو خداوند جو ملائڪ انهن کي سَٽي پٺيان ڪيرائيندو وڃي!
7 ڇالاءِجو هنن مون کي ڦاسائڻ لاءِ ڄار وڇايو آهي.
هائو، هنن بيسبب مون لاءِ کڏ کوٽي آهي.
8 شل اوچتو ئي اوچتو انهن تي بربادي اچي پوي!
هنن جيڪو ڄار وڇايو آهي تنهن ۾ شل پاڻ ئي ڦاسي پون!
جيڪا کڏ هنن کوٽي آهي تنهن ۾ شل پاڻ ئي ڪري برباد ٿين!

9 تڏهن اي خداوند! تنهنجي انهيءَ ڪرم ڪري

8:34 1.پط 3:2 16–12:34 1.پط 10:3–12 20:34 يو 36:19

آءٌ سَرهو ۽ خوش ٿيندس.
هائو، جڏهن تون مون کي دشمنن کان بچائيندين،
تڏهن آءٌ بيحد خوشيون ڪندس.
10 آءٌ پوري دل وَ جان سان تنهنجي واکاڻ ڪندي چوندس تہ
”اي خداوند! تو جهڙو ٻيو ڪوبہ ڪونهي.
تون ئي ڪمزورن کي زورآورن جي هٿن منجهان ڇڏائين ٿو.
تون ئي غريبن ۽ محتاجن کي ڦُرمار ڪندڙن کان بچائين ٿو.“

11 منهنجي خلاف بدخواه شاهد اٿي کڙا ٿيا آهن.
هو مون تي اهڙيون ڳالهيون ٿا مڙهين،
جن بابت آءٌ ڄاڻان ئي نہ ٿو.
12 منهنجي نيڪيءَ جي بدران هو مون سان بدي ڪن ٿا،
جنهن جي ڪري آءٌ بلڪل مايوس ٿي وڃان ٿو.
13 اهي جڏهن بيمار ٿيندا هئا،
تڏهن آءٌ هنن لاءِ ڪٿو ڍڪيندو هوس،
۽ فاقا ڪڍي پنهنجيءَ جان کي ڏک ڏيندو هوس.
پوءِ جڏهن هنن لاءِ ڳهريل منهنجون دعائون
قبوليت بنا موٽي اينديون هيون،
14 تڏهن آءٌ هنن لاءِ ائين افسوس ڪندو هوس،
ڄڻ اهي منهنجا دوست يا يار هئا.
آءٌ هنن لاءِ ڪنڌ جهڪائي ائين غم ڪندو هوس،
جيئن ڪو پنهنجي ماءُ لاءِ ماتم ڪري.
15 پر جڏهن مون کي ٿاٻو آيو تڏهن هو خوش ٿي اچي گڏيا.
اهي ظالم ماڻهو ميڙ ڪري اچي مون تي ڪڙڪيا،
۽ جڏهن انهن منهنجو ماس پٽي پٽيو،
تڏهن اهي مون کي سڃاڻڻ ۾ ئي نہ پئي آيا.
16 اهي مون کي ائين گارگند ڪيندا ٿي رهيا،
۽ مون تي پنهنجا ڏند ڪرٽيندا ٿي رهيا،
جيئن ڄڻ ڪين خدا جو خوف ئي ڪونہ هو.

17 اي منهنجا ڌڻي!
تون ڪيستائين ماٺ ڪيو ٻيو ڏسندو رهندين؟
مون کي هنن بگهڙن جي چير ڦاڙ کان بچاءِ.
18 تڏهن عبادت واري وڏي گڏجاڻيءَ ۾
آءٌ تنهنجو شڪر ادا ڪندس.
هائو، آءٌ سيني ماڻهن جي اڳيان تنهنجي واکاڻ ڪندس.

19 اي خداوند! جيڪي ناحق منهنجا دشمن بڻيا آهن،
تن کي تون مون تي خوش ٿيڻ نہ ڏي،
جيڪي مون سان بي‌سبب نفرت ڪن ٿا،
تن کي مون تي ڪل ٺٺوليون ڪرڻ نہ ڏي.
20 اهي صلح واريون ڪي بہ ڳالهيون ڪين ٿا ڪن،
بلڪ ملڪ ۾ جيڪي صلح پسند آهن،
تن جي خلاف ٺڳيءَ واريون رٿون ٿا رٿين.
21 ايتري قدر جو هو منهنجي خلاف وات ڦاڙي هيئن ٿا چون تہ
”آها، آها، تو جيڪي بہ ڪيو سو اسان پنهنجي اکين سان ڏٺو.“
22 اي خداوند! تو پاڻ اهو ڏٺو آهي،
سو هاڻي تون خاموش نہ رهہ.
اي منهنجا ڌڻي! تون مون کان منهن نہ موڙ.
23 اُٿ اي منهنجا ڌڻي! تون منهنجي وڪالت لاءِ اُٿي کڙو ٿيءُ.
اي منهنجا خدا! هاڻ تون انصاف منهنجي پلئہِ وجهہ.
24 اي خداوند، منهنجا خدا!
پنهنجي سچائيءَ سان منهنجو انصاف ڪر.
تون منهنجي دشمنن کي منهنجي مٿان خوش ٿيڻ نہ ڏي.
25 ائين نہ ٿئي جو اهي پاڻ ۾ هيئن چوندا وتن تہ
”واه واه! هاڻي اسان جي مرضي پوري ٿي،
اسان هن کي ڳڙڪائي ڇڏيو آهي.“

26 منهنجي مصيبت جي ڪري جيڪي خوشيون ٿا ملهائين،
شل سي سڀ جو سڀ خوار خراب ۽ پريشان ٿين!
هائو، منهنجي خلاف جيڪي پاڻ کي پڏائين ٿا،
سي شل ذليل وَ خوار ٿين!
27 جيڪي منهنجي سچي معاملي جي تائيد ٿا ڪن،
شل سي خوش ۽ سرها ٿين!
۽ سدائين هيئن پيا چوندا وتن تہ
”خداوند جي واکاڻ هجي،
جيڪو پنهنجي ٻانهي جي ڀلائيءَ سببان خوش ٿو ٿئي.“
28 تڏهن منهنجيءَ زبان تي تنهنجي سچائيءَ جو ذڪر هوندو،
۽ سڄو ڏينهن آءٌ تنهنجي تعريف پيو بيان ڪندس.

## زبور 36

### انساني بڇڙائي ۽ شفقتِ الاهي

(استاد موسيقار لاءِ، خداوند جي ٻانهي دائود جي زبورن ۾ شامل)

1 بڇڙن جي دلين ۾ خدا جو ڪو خوف ڪونهي.
سندن دلين تي رڳو گناهہ جي حڪمراني آهي.
2 هو اهو سمجهي پنهنجو پاڻ کي دوکو ٿا ڏين تہ
”اسان جي بدڪاري خدا ڏسي ئي نہ ٿو،

19:35 زب 4:69، يو 25:15 — 1:36 رو 18:3

سو هو اسان کي انهيءَ جي سزا نہ ڏيندو.“
3 انهن جي وات ۾ بڇڙائيءَ ۽ دغا جون ڳالهيون آهن.
هنن ڏاهپ ۽ نيڪيءَ کي بلڪل ئي ڇڏي ڏنو آهي.
4 اهي پنهنجي هنڌ تي ليٽي بہ بڇڙائيءَ جون ئي رٿون ٿا رٿين.
اهي برائيءَ کان نفرت نہ ٿا ڪن بلڪ بريءَ راهہ تي هلندا ٿا رهن.

5 اي خداوند! تنهنجو رحم آسمانن تائين ٿمتار آهي،
۽ تنهنجي وفا بادلن تائين پريل آهي.
6 تنهنجي سچائي ايڏي اوچي آهي جيڏا اوچا وڏا پهاڙ آهن.
تنهنجا فيصلا ايڏا اونها آهن جيڏي اونهائي وڏي بحر جي آهي.
اي خداوند! ماڻهن توڙي جانورن کي تون ئي ٿو سنڀالين.
7 اي خدا! تنهنجي دائمي شفقت ڪيڏي نہ بيش‌بها آهي!
بني آدم تنهنجي پرن جي پاڇي هيٺ پناهہ وٺن ٿا.
8 اهي تنهنجي در جي نعمتن مان ڪائي ڍءُ ڪن ٿا،
تون انهن کي پنهنجي خوشين جي نديءَ مان پيارين ٿو.
9 ساهوارن جي حياتيءَ جو سرچشمو تون ئي آهين،
تنهنجي نور جي روشني
اسان کي ڏسڻ جي سگهہ عطا ڪري ٿي.

10 جيڪي تو کي سڃاڻن ٿا تن کي تون پنهنجي شفقت ڏيکار.
جيڪي دل جا سچار آهن تن سان پنهنجي وفا قائم رک.
11 سو ائين نہ ٿئي جو مغرور ماڻهو مون تي لت ڪڻن.
هائو، ائين نہ ٿئي جو انهن بڇڙن جو هٿ مون کي لوڏي ڪڍي.

12 بيشڪ، اسين بدڪارن کي هيٺ ڪيرايل ڏسنداسين،
اهي ڌڪي ڪيرايا ويندا ۽ وري اٿي ڪين سگهندا.

## زبور 37

### سچارن جو انعام ۽ بدڪارن جو انجام

(دائود جي زبورن ۾ شامل)

1 بدڪارن کي خوش ڏسي،
اوهين پنهنجو پاڻ کي پريشان نہ ڪريو.
هائو، انهن سان ريس نہ ڪريو،
جيڪي بڇڙائيءَ جا ڪم ڪن ٿا.
2 ڇالاءِجو اهي گاهہ جيان جلد ئي سڪي سڙي ويندا.
هائو، پاڻي نہ ملندڙ ٻوٽي وانگر اهي ڪومائجي ويندا.

3 اوهين خداوند تي ڀروسو رکو،
۽ هر ڪنهن سان ڀلائي ڪريو،
تان‌تہ پنهنجي ملڪ ۾ امن وَ سلامتيءَ سان آباد رهو.
4 خداوند جي حضور مان اوهين پنهنجي خوشي حاصل ڪريو،
اهو ئي اوهان جي دل جون مُرادون پوريون ڪندو.
5 اوهين پنهنجون سڀ واٽون خداوند جي حوالي ڪريو.
اوهين مٿس توڪل رکو تہ
هو پاڻهي اوهان جون گهرجون پوريون ڪندو.
6 هو اوهان جي سچائيءَ کي روشنيءَ وانگر ظاهر ڪندو،
هائو، هو اوهان جي حق تي هجڻ کي
ٻن پهرن جي روشنيءَ وانگر پڌرو ڪندو.

7 اوهين خداوند آڏو راضي رهو ۽ مٿس توڪل رکو.
بدڪار جيڪي پنهنجيءَ راهہ ۾ ڪامياب ٿين ٿا،
يا وري اهي جيڪي برن منصوبن سان سوڀ ٿا ماڻين،
تن کي ڏسي اوهين منجهي نہ پئو.
8 اوهين غصي کان پاسو ڪريو ۽ ڪاوڙ کي ڇڏي ڏيو.
پاڻ کي ڪڏهن بہ خفي نہ ڪريو،
متان اوهان کان ڪا برائي ٿي پوي.
9 ڇالاءِجو جن جي توڪل خداوند تي آهي،
سي ملڪ جا وارث ٿيندا،
مگر بدڪار ماڻهن کي برباد ڪيو ويندو.
10 هائو، ٿوري عرصي ۾ ئي اهي اهڙا نابود ٿي ويندا،
جو ڳوليا نہ لڀندا.
11 پر جيڪي خدا جا تابعدار آهن،
سي ملڪ جا وارث ٿيندا.
اهي جهجهي سلامتيءَ سان گڏ خوشحالي ماڻيندا رهندا.

12 بدڪار ماڻهو سچارن جي خلاف ويٺا سازشون رٿين،
۽ مٿن پنهنجا ڏند پيا ڪرٽين.
13 پر ڌڻي انهن بدڪار ماڻهن تي کلي ٿو،
ڇوجو هو ڄاڻي ٿو تہ سندن وقت اچي پورو ٿيو آهي.
14 بدڪارن تلوارون ڪڍيون آهن،
۽ تيرڪمان پڻ ڇڪيا اٿائون،
تان‌تہ غريب ۽ محتاج ماڻهن کي ڪيرائي وجهن،
۽ سڌي رستي تي هلڻ وارن کي قتل ڪري ڇڏين.
15 پر انهن جون پنهنجون تلوارون
سندن ئي دلين ۾ گهڙي وينديون،
۽ سندن تيرڪمان ڀڄي ٽڪرا ٽڪرا ٿي پوندا.

---

11:37 مت 5:5

16 سچار ماڻھن وٽ جيڪي ڪجھہ بہ ٿورو آھي،
سو بڇڙن جي گھڻي دولت کان بھتر آھي.
17 ڇالاءِجو بدڪارن جو زور ٽوڙيو ويندو،
پر سچار ماڻھن جي خداوند حفاظت ڪندو.

18 خداوند پنھنجي فرمانبردارن جون حياتيون محفوظ ٿو رکي.
ھو سندن ميراث وارو ملڪ
ھميشہ ھميشہ لاءِ سندن حوالي رکندو.
19 اھي خراب وقتن ۾ بہ ڪڏھن تڪليف نہ ڏسندا،
بلڪ ڏڪار جي ڏينھن ۾ بہ سدائين ڍاول رھندا.
20 پر بڇڙا ماڻھو برباد ٿي ويندا.
خداوند جا دشمن چراگاھن جي ساوڪ وانگر نابود ٿيندا.
ھائو، اھي ائين گم ٿي ويندا جيئن دونھون ھوا ۾ گم ٿيو وڃي.

21 بدڪار ماڻھو قرض وٺي واپس ڪين ٿا ڪن،
جڏھن تہ سچار ماڻھو فراخ دليءَ سان سخاوت ڪندا ٿا رھن.
22 خداوند جن کي برڪت ٿو ڏئي سي ملڪ جا وارث ٿيندا،
۽ جن تي ھو لعنت ٿو ڪري سي برباد ٿي ويندا.

23 خداوند کي جڏھن ڪنھن ماڻھوءَ جي واٽ پسند اچي ٿي،
تڏھن ھو انھيءَ ماڻھوءَ جي قدمن کي
ان واٽ تي ئي قائم رکي ٿو.
24 ٿوري جو اھو ماڻھو ٿاٻڙجي بہ پوي،
تڏھن بہ اھو ڪرندو ڪونہ،
ڇالاءِجو خداوند انھيءَ کي ھٿ ڏيئي سنڀالي ٿو وٺي.

25 مون پنھنجي جوانيءَ کان وٺي پوڙھي ٿيڻ تائين
ڪڏھن بہ سچار ماڻھن کي وساريل ڪين ڏٺو آھي،
نڪي سندن اولاد کي مانيءَ جي ٽڪر لاءِ پنندو ڏٺو اٿم.
26 اھي ھر وقت رحم ڪندي قرض ڏيندا رھن ٿا.
سو سندن اولاد سندن لاءِ برڪت ئي برڪت ٿو بڻجي.

27 تنھنڪري اوھين بڇڙائيءَ کان پري ڀڄو،
۽ ھر ڪنھن سان نيڪي ڪريو،
تڏھن ئي اوھين ھن ملڪ ۾ ھميشہ تائين قائم رھندا.
28 جيئن تہ خداوند انصاف کي پسند ٿو ڪري،
سو ھو پنھنجي نيڪ ٻانھن کي ڇڏي ڪين ٿو ڏئي.
بيشڪ سچارن جي ھميشہ حفاظت ڪئي ويندي،
پر بڇڙن ماڻھن جو نسل برباد ڪيو ويندو.
29 سچار ماڻھو ملڪ جا وارث ٿيندا،
۽ ھميشہ تائين انھيءَ ملڪ ۾ پيا رھندا.
30 سچار ماڻھن جي واتان
ڏاھپ جون ڳالھيون ٿيون نڪرن.
ھائو، سندن زبان مان انصاف جي ڳالھہ ٿي نڪري.
31 ھنن جي دل ۾ پنھنجي خدا جي شريعت آھي،
تنھنڪري ھو ڪڏھن بہ ڪو غلط قدم نہ ٿا کڻن.

32 بڇڙا ماڻھو سچارن جي تاڙ ۾ رھن ٿا.
ھو کين قتل ڪرڻ لاءِ وجھہ ڳولھيندا وتن ٿا.
33 پر خداوند سچارن کي دشمنن جي ھٿن ۾ ڇڏي نہ ڏيندو.
ھائو، جڏھن سچارن کي عدالت ۾ گھليو ويندو،
تڏھن خدا کين ڏوھي نھرجڻ نہ ڏيندو.

34 سو اوھين خداوند تي توڪل رکو،
۽ سندس واٽن تي ھلندا رھو.
ھو اوھان کي سرفراز ڪندو ۽ ملڪ جو وارث بڻائيندو،
پوءِ اوھين ويٺا ڏسندا تہ ڪيئن نہ بڇڙن کي برباد ڪيو ٿو وڃي.

35 مون بدڪار ماڻھوءَ کي ڏاڍو زور وٺندي ڏٺو آھي،
ھائو، جھڙيءَ طرح پلي ٻنيءَ ۾ لڳل سائو وڻ زور وٺي ٿو.
36 پر پوءِ جڏھن آءٌ انھيءَ وٽان لنگھيس،
تڏھن ڏٺم تہ اھو ھو ئي ڪين.
مون انھيءَ جي ڳولھا ڪئي پر مون کان لڌو ئي ڪين.
37 مگر نيڪ ماڻھن تي نظر ڪريو ۽ سچارن ڏانھن نھاريو،
ڏسو تہ امن پسند ماڻھن جو مستقبل ڪيڏو نہ روشن آھي!
38 جڏھن تہ بدڪار ماڻھو سڀ جو سڀ برباد ٿيندا.
ھائو، بڇڙن جو مستقبل برباد ڪيو ويندو.

39 خداوند سچارن کي بچائي وٺي ٿو.
ھائو، اھو ئي مصيبت جي وقت تي سندن جاءِپناھہ آھي.
40 خداوند انھن جي مدد ڪري ٿو ۽ کين ڇڏائي ٿو.
ھو ئي بڇڙن کان ڇوٽڪارو ڏياري کين بچائي ٿو،
ڇالاءِجو ھنن خداوند وٽ اچي پناھہ ورتي آھي.

## زبور 38

## ڏکويل جي دعا

(خداوند کي يادگيري ڏيارڻ لاءِ، دائود جي زبورن ۾ شامل)

1 اي خداوند! پنھنجي ڪاوڙ ۾ مون کي ڇينڀڻ بند ڪر،
ھائو، پنھنجي غصي ۾ مون کي سيکت ڏيڻ کان درگذر ڪر.
2 ڇالاءِجو تنھنجي تيرن مون کي زخمي ڪري ڇڏيو آھي،
۽ تنھنجي ھٿ مون کي ھيٺ ڪيرائي وڌو آھي.

3 منهنجي گناهن سبب تنهنجي غصي
منهنجي پوري بدن کي نقصان رسايو آهي،
ايتري قدر جو منهنجون هڏيون بہ پيون سور ڪن.
4 منهنجي گناهن جي ٻوڏ اندر آءٌ ٻڏي رهيو آهيان.
هائو، اهي اهڙي ڳري بار وانگر آهن،
جنهن جي هيٺان آءٌ چيپاڻجي رهيو آهيان.

5 منهنجي ناداني‌ءَ جي ڪري
منهنجو پورو بدن ڦٽجي پيو آهي.
اهي ڦٽ ايترا تہ ڪنا ٿي ويا آهن،
جو انهن منجهان بانس ٿي اچي.
6 آءٌ ڪبڙو ٿي ويو آهيان ۽ ڏاڍو جهڪي پيو آهيان.
منهنجو سڄو ڏينهن روئندي روئندي پيو گذري.
7 منهنجو بدن بخار ۾ پرندو پيو رهي.
آه! منهنجي جسم مان صحت موڪلائي ويئي آهي!
8 آءٌ تمام نستو ۽ بلڪل ئي چيپاڻيل آهيان.
آءٌ پنهنجي دل جي بي‌چيني‌ءَ جي ڪري دانهون پيو ڪريان.

9 اي منهنجا رب! منهنجون سڀيئي مرادون تو آڏو آهن،
تو کان منهنجي ڪا ڪنجهڪار لڪل ڪين آهي.
10 منهنجي دل جي ڌڙڪن گهڻجي ويئي آهي،
۽ بدن جي طاقت ڇڏائبي پيئي وڃي،
ايتري قدر جو منهنجي منهن مان رونق ڇڏائي ويئي آهي.
11 منهنجي انهي‌ءَ آفت جي ڪري
منهنجا دوست ۽ پيارا بہ مون کان پري ٿي ويا آهن،
بلڪ منهنجا مٽ مائٽ بہ منهنجي ويجهو نہ ٿا اچن.
12 موقعو ڏسي منهنجي جان جا دشمن مون لاءِ ڦندا ٿا اڏين.
هائو، جيڪي منهنجو نقصان ٿا چاهين،
سي تباهي‌ءَ جون ڳالهيون پيا ڪن.
اهي مون سان دغا ڪرڻ لاءِ سڄو ڏينهن منصوبا پيا جوڙين.

13 پر ٻوڙي ماڻهوءَ وانگر
آءٌ سندن ڳالهيون نہ ٿو ٻڌان.
گونگي ماڻهوءَ وانگر
آءٌ ڪين ڪو جواب نہ ٿو ڏيان.
14 هائو، آءٌ تہ هڪڙي اهڙي ماڻهوءَ جيان ٿيو آهيان،
جيڪو نڪي ٻڌي ٿو،
۽ نہ ئي وري ڪو ڏوراپو ئي ٿو ڏئي.
15 ڇالاءِجو اي خداوند! تو تي ئي منهنجو ڀروسو آهي.
اي منهنجا رب! اي منهنجا خدا! تون ئي منهنجي ٻڌندين.
16 منهنجو عرض آهي تہ
”شل ائين نہ ٿئي جو دشمن مون تي خوشيون ملهائين،
۽ جڏهن منهنجو پير ترڪي پئي تڏهن هو پاڻ کي پڏائين.“
17 ڇالاءِجو آءٌ بلڪل ئي ڪرڻ تي آهيان.
منهنجو درد هر وقت منهنجي اڳيان آهي.

18 بيشڪ آءٌ پنهنجون بدڪاريون قبول ٿو ڪريان،
۽ پنهنجي گناهن جي ڪري آءٌ پشيمان آهيان.
19 جيڪي بنا سبب منهنجا دشمن ٿيا آهن سي زورآور آهن.
جيڪي ناحق مون سان عداوت ٿا رکن سي وڏي گهڻا ٿي ويا آهن.
20 جيڪي نيڪي‌ءَ جي عيوض بدي ٿا ڪن،
سي منهنجا دشمن بڻجي ويا آهن،
ڇوجو آءٌ نيڪي‌ءَ جي راهہ تي هلندو ٿو رهان.

21 اي منهنجا خداوند! تون مون کي ڇڏي نہ ڏجانءِ.
اي منهنجا خدا! تون مون کان پري نہ ٿجانءِ.
22 اي مون کي ڇڏائيندڙ ۽ نجات ڏيندڙ رب!
جلد اچي منهنجي مدد ڪر.

## زبور 39

### ڏکويل جي پڪار

( استاد موسيقار يدوتون جي لاءِ، دائود جي زبورن ۾ شامل)

1 مون اهو فيصلو ڪيو هو تہ
آءٌ پنهنجين واتن تي هوشياري‌ءَ سان هلندس،
تان‌تہ آءٌ پنهنجي‌ءَ زبان سان ڪو گناهہ ڪري نہ وجهان.
پوءِ منهنجي اڳيان جيستائين بڇڙا ماڻهو هوندا،
تيستائين آءٌ پنهنجي وات کي لغام ڏيئي ڇڏيندس.
2 پر توڙي جو آءٌ گونگو بڻجي چپ رهيس،
۽ چڱي ڳالهہ چوڻ کان بہ بس ڪيم،
مگر تڏهن بہ منهنجو ڏک اجا گهڻو وڌي ويو.
3 منهنجي دل اندر ئي اندر ڳرندي رهي،
۽ منهنجي خيالن پچائيندي پچائيندي اندر ۾ باهہ ٻري ويئي.
تڏهن منهنجي زبان مان نڪتو تہ
4 ”اي خداوند! تون مون کي ٻڌاءِ تہ
منهنجي پڄاڻي ڪڏهن ٿيندي؟
منهنجا ڏينهن باقي گهڻا بچيا آهن؟
تان‌تہ آءٌ ڄاڻي وٺان تہ آءٌ ڪيترو نہ فاني آهيان.“

39 عنوان 1.توا 16:41

5 اي خداوند! ڏس، تو منهنجي عمر رڳو گهڙيءَ،
بلڪ هڪڙي پلڪ جيتري ڪئي آهي.
هائو، تنهنجي اڳو منهنجي حياتي ڪين جهڙي آهي،
بلڪ هر انسان جي زندگي تو رڳو ٻاڦ مثل ڪئي آهي.
6 بيشڪ هر انسان پاڇي وانگر گم ٿيو وڃي.
هو جيڪا بہ جاکوڙ ڪري ٿو سا بلڪل بيفائدي آهي.
هو مال پنيان مال تہ گڏ ڪندو ٿو رهي،
پر اها خبر ڪين اٿس تہ اهو ڪنهن جي ملڪيت ٿيندو.

7 هاڻي اي منهنجا رب!
پلا آءٌ ڪهڙيءَ ڳالهہ تي ڀروسو ڪريان؟
اي منهنجا ڌڻي! مون تہ پنهنجي توڪل تو تي رکي آهي.
8 تون مون کي منهنجي سڀني بدڪارين کان بچاءِ،
۽ بيوقوفن کي مون تي طعناتنڪا هڻڻ نہ ڏي.
9 مون چاتو ٿي تہ جيڪي بہ ٿيو آهي سو تو ئي ڪيو آهي،
سو آءٌ گونگو بڻيل آهيان ۽ ڪا شڪايت نہ ٿو ڪريان.
10 اي خداوند! تون مون کان پنهنجي آفت پري ڪر،
چالاءِجو تنهنجي هٿ جي چوٽ کان آءٌ تباهہ ٿيندو ٿو وڃان.
11 جڏهن تون بڇڙائيءَ تي ڇينبي انسانن کي سيکت ڏين ٿو،
تڏهن جيئن ڪينئان ماس ڪائي چٽ ڪري ڇڏيندا آهن،
تيئن تون سندن پيارين شين کي ڳاري ساڙي ٿو ڇڏين.
بيشڪ هر انسان رڳو ٻاڦ مثل آهي.

12 اي خداوند! تون منهنجي دعا ٻڌ،
۽ منهنجيءَ دانهن تي ڌيان ڏي،
منهنجا ڳوڙها وهندي ڏسي تون ماٺ ڪري نہ ويهہ.
چالاءِجو آءٌ تنهنجي هن دنيا ۾ ٿوري وقت جو مهمان آهيان.
هائو، آءٌ پنهنجي سڀني ابن ڏاڏن وانگر مسافر آهيان.
13 تون پنهنجي هٿ کي روڪ،
تہ جيئن آءٌ گهڙي کن خوشي ڏسي وٺان،
ان کان اڳ جو آءٌ رحلت ڪريان ۽ فنا ٿي وڃان.

## زبور 40

## صبر واري جي توڪل

(استاد موسيقار لاءِ، دائود جي زبورن ۾ شامل)

1 مون صبر ڪندي خداوند تي پنهنجي آس رکي،
تڏهن هو مون ڏانهن مائل ٿيو ۽ منهنجي دانهن ٻڌائين.
2 هن مون کي خوفناڪ کڏ،
۽ غلاظت واريءَ ڌٻڻ منجهان ٻاهر ڪڍيو،
۽ منهنجا پير ٽڪر تي رکي منهنجي چال کي قائم ڪيائين.
3 ائين ڪرڻ سان هن هڪڙو نئون گيت منهنجي وات اندر وڌو،
اهو ئي گيت جيڪو اسان جي خدا جي واکاڻ سان ڀرپور آهي.
اهو ڏسي گهڻا ئي خداوند جي تعظيم ڪندا ۽ مٿس توڪل رکندا.

4 بيشڪ اهي انسان سڀاڳا آهن،
جيڪي خداوند تي توڪل ٿا رکن،
۽ مغرورن ۽ ڪُوڙن معبودن ڏانهن مائل ڪين ٿا ٿين.

5 اي خداوند، منهنجا خدا! تو گهڻا ئي عجيب ڪم ڪيا آهن.
اسان جي لاءِ تدبيرون ڪرڻ ۾ تو مثل ڪو ئي ناهي.
اسان لاءِ تنهنجا ڪيل ڪم ايترا تہ بيشمار آهن،
جو آءٌ پنهنجي سڄي حياتي بہ
انهن سڀني کي بيان ڪري نہ ٿو سگهان.

6 تون قرباني يا نذرانو ڪونہ ٿو چاهين،
نڪي پاڪ ٿيڻ واسطي قرباني
يا ساڙڻ واري قرباني ئي تو گهري آهي.
بلڪ تو منهنجا ڪن کولي ڇڏيا آهن،
تانتہ تنهنجي ٻڌي آءٌ فرمانبرداري ڪريان.
7 تڏهن ئي مون چيو تہ ”اِجهو، آءٌ حاضر آهيان.“
شريعت جي ڪتاب ۾ جيڪي حڪم لکيل آهن سي مون لاءِ آهن.
8 اي منهنجا خدا! آءٌ انهيءَ ۾ خوش آهيان،
جو تنهنجي مرضي پوري ڪريان،
بلڪ تنهنجي شريعت تہ منهنجي دل ۾ سمايل آهي.

9 مون هيڪل جي وڏي گڏجاڻيءَ ۾
تنهنجي سچائيءَ وارا ڪم ظاهر ڪيا آهن.
اي خداوند! تون ڄاڻين ٿو تہ آءٌ ائين ڪرڻ کان ڪين مڙندس.
10 مون تنهنجي سچائيءَ وارن ڪمن کي
پنهنجيءَ دل ۾ لڪائي نہ رکيو آهي،
بلڪ تنهنجي وفا ۽ بچائڻ وارن ڪمن کي ظاهر ڪيو اٿم.
مون هيڪل جي وڏي گڏجاڻيءَ کان
تنهنجي دائمي شفقت ۽ وفا ڳجهي ڪين رکي آهي.

11 اي خداوند! تون مون تان پنهنجي رحم جي نظر نہ هٽاءِ.
تنهنجي دائمي شفقت ۽ وفا هر دم منهنجي حفاظت پيون ڪن.

## اِلاهي مدد لاءِ دعا

(زبور 70)

12 آه! مون کي لاتعداد تڪليفون چوڌاري وڪوڙي ويون آهن!
منهنجا گناهہ مٿي جي وارن کان بہ وڌيڪ آهن،
جن مون کي چوڌاري اهڙو تہ وڪوڙي ڇڏيو آهي،
جو آءٌ پنهنجو رستو لهي نہ ٿو سگهان.
سو منهنجي دل ٽُٽي پيئي آهي.

13 اي خداوند! مون تي ٻاجهہ ڪري اچي مون کي ڇڏاءِ.
اي خداوند! هاڻي جلدي اچي منهنجي مدد ڪر.
14 جيڪي منهنجي جان کي برباد ڪرڻ ٿا چاهين،
سي سڀ شل خوار خراب ٿين ۽ منجهي پون!
جيڪي مون کي نقصان پهچائڻ ٿا چاهين،
شل سي ذليل وَ خوار ٿي پٺ ڏيئي ڀڄيو وڃن!
15 جيڪي ماڻهو رونشي طور مون تي ”ايهو، اِيهو،“ ڪن ٿا،
شل سي شڪست کائي خوار خراب ٿين!

16 شل تنهنجا سڀ طالبو
تنهنجي ڪمن ڪري خوشيون ڪن ۽ سرها ٿين!
جيڪي تنهنجي طرفان ڇڏائڻ جا سڪايل آهن،
شل سي سدائين پيا چوندا رهن تہ
”خداوند ڪيڏو نہ عظيم آهي!“

17 اي منهنجا رب! آءٌ تہ مسڪين ۽ محتاج آهيان،
پر تون منهنجو فڪر ٿو ڪرين.
اي منهنجا خدا! بيشڪ تون ئي منهنجو مددگار ۽ بچائيندڙ آهين،
سو هاڻي جلدي اچي منهنجي مدد ڪر.

## زبور 41

### بيمار ماڻهوءَ جي دعا

(استاد موسيقار لاءِ، دائود جي زبورن ۾ شامل)

1 سياڳا آهن اهي ماڻهو،
جيڪي هيڻن جي سار لهن ٿا.
انهن کي مصيبت جي وقت تي خداوند ڇڏائيندو.
2 خداوند سندن حفاظت ڪندو ۽ حياتي بچائيندو.
هو کين سندن ملڪ ۾ برڪتن سان نوازيندو،
۽ سندن دشمنن جي مرضيءَ تي کين هرگز نہ ڇڏيندو.
3 بيماريءَ جي وقت تي خداوند انهن جي سار لهندو.
هائو، بيماريءَ جي بستري تي هو کين تندرستي بخشيندو.

4 آءٌ دعا ٿو گهران تہ
”اي خداوند! بيشڪ مون تنهنجو گناهہ ڪيو آهي،
پر تون مون تي رحم ڪر ۽ مون کي شفا بخش.“
5 منهنجا دشمن ساڙ منجهان مون لاءِ هيئن چوندا ٿا وتن تہ
”ڪڏهن هن تي موت ايندو،
۽ ڪڏهن سندس نالو ميٽجي ويندو؟“
6 جيڪي بہ منهنجي عيادت لاءِ اچن ٿا،
سي رياڪاريءَ واريون ڳالهيون ٿا ڪن.
هو پنهنجيءَ دل ۾ بدنيتيءَ واريون ڳالهيون رٿي
ٻاهر وڃي اهي ماڻهن کي ٻڌائين ٿا.
7 جن کي مون سان عداوت آهي سي پاڻ ۾ سُس‌پُس پيا ڪن.
اهي مون بابت تمام بريون ڳالهيون سوچيندا ٿا رهن،
8 ۽ چوندا ٿا وتن تہ ”هن کي بري بيماري لڳي آهي،
سو هاڻي جو هي ليٽيو آهي تہ وري ڪڏهن ڪين اٿندو.“
9 منهنجو اهو گهرو دوست پڻ، جنهن تي منهنجو ڀروسو هو،
۽ جنهن منهنجو نمڪ کاڌو هو سو بہ منهنجي خلاف ٿيو آهي.

10 پر اي خداوند! تون مون تي رحم ڪر،
۽ مون کي اُٿاري ڪڙو ڪر،
انهيءَ لاءِ تہ آءٌ پنهنجي دشمنن کان بدلو وٺان.
11 جڏهن منهنجا دشمن مون کي شڪست ڏيڻ ۾ ناڪام ٿيندا،
تڏهن آءٌ ڄاڻي وٺندس تہ تون سچ‌پچ مون سان راضي آهين.
12 تون مون کي منهنجي سچائيءَ تي قائم رکين ٿو.
تون ئي مون کي پنهنجي حضور ۾ هميشہ قائم رکندين.

13 شل خداوند، بني اسرائيل جي خدا جي واکاڻ هجي!
ازل کان وٺي ابد تائين شال سندس واکاڻ هجي!

آمين، ثم آمين.

---

9:41 مت 23:26، مر 18:14، لو 21:22، يو 18:13 13:41 زب 48:106

## حصو ٻيو

(زبور 42–72)

## زبور 42

### جلاوطن ماڻهوءَ جي دعا

(استاد موسيقار لاءِ، بني قوراح جي زبورن ۾ شامل)

1 جيئن ڪا هرڻي پاڻيءَ جي چشمن لاءِ تِي سِڪي،
اي خدا! تيئن ئي آءٌ تو لاءِ پيو سِڪان.
2 آءٌ ڪڏهن *تنهنجي حضور ۾ ايندس؟
ڪڏهن اچي اُتي حاضر ٿيندس؟
اي خدا! اي جيئرا خدا! آءٌ تنهنجي ديدار جو اڃايل آهيان.
3 رات ڏينهن منهنجا لڙڪ ئي منهنجي خوراڪ آهن.
جڏهن ته مون کان هر وقت پڇيو ٿو وڃي ته
”ڪٿي آهي تو وارو خدا؟“
4 هاڻ جڏهن آءٌ ماضيءَ کي ياد ٿو ڪريان ته
منهنجي دل روئڻ لاءِ ڀرجي اچي ٿي.
ڪيئن نه انبوه سان گڏ سندن اڳواڻي ڪندي
آءٌ تو خدا جي گهر ايندو هوس،
هائو، عيد ملهائيندڙ انبوه سان گڏ
خوشيون ڪندي ۽ واکاڻ ڳائيندي.

5 پر مون کي دلگير ٿيڻ نه کپي،
نڪي منهنجي اندر ۾ ايڏي بي‌قراري هئڻ گهرجي،
بلڪ منهنجي اميد خدا ۾ ئي قائم رهندي.
هائو، آءٌ اڃا به انهيءَ جي ئي تعريف ڪندس،
جيڪو منهنجو ڇڏائيندڙ ۽ منهنجو خدا آهي.
6 هاڻ آءٌ جلاوطنيءَ ۾ دلگير ٿي پيو آهيان،
سو آءٌ خدا کي ياد ڪريان ٿو.
هائو، جڏهن آءٌ حرمون ۽ مصفار جبلن تي،
بلڪ اردن جي پوري علائقي ۾ سندس حضور ۾ ٿي رهيس،
تنهن کي آءٌ ياد ٿو ڪريان.

7 خدا جي ڏنل جلاوطنيءَ واري ڏک
مون کي ائين ٻوڙي رکيو آهي،
جيئن طوفاني سمنڊ جون ڇوليون،
يا آبشار جو گجگوڙ ڪندڙ پاڻي
اونهاين ۾ ٻوڙيو ٿا ڇڏين.
8 تڏهن به ڏينهن جي وقت خداوند
مون کي پنهنجي دائمي شفقت ڏيکاري ٿو،
۽ رات جي وقت مون کان پنهنجو گيت ڳارائي ٿو.
هائو، آءٌ انهيءَ جي واکاڻ ٿو ڳايان،
جيڪو منهنجي حياتيءَ جو خدا آهي.

9 آءٌ خدا کي، جيڪو منهنجو محافظ آهي چوان ٿو ته
”تو مون کي ڇو وساري ڇڏيو آهي،
جو آءٌ پنهنجي دشمنن جي ظلم ڪري روئندو رڙندو پيو وتان؟“
10 منهنجي هڏين ۾ ڄڻ تير ٿا چڀن،
ڇالاءِجو منهنجا دشمن هر وقت مون کي طعنا هڻندي چون ٿا ته
”تنهنجو خدا آهي ڪٿي؟“

11 پر مون کي دلگير ٿيڻ نه کپي،
نڪي منهنجي اندر ۾ ايڏي بي‌قراري هئڻ گهرجي،
بلڪ منهنجي اميد خدا ۾ ئي قائم رهندي.
هائو، آءٌ اڃا به انهيءَ جي ئي تعريف ڪندس،
جيڪو منهنجو ڇڏائيندڙ ۽ منهنجو خدا آهي.

## زبور 43†

1 اي خدا! تون منهنجو انصاف ڪر،
نافرمانن جي پيٽ ۾ تون منهنجي وڪالت ڪر.
هائو، ٺڳن ۽ بي‌انصافن کان تون منهنجو بچاءُ ڪر.
2 ڇالاءِجو اي خدا! تون ئي منهنجو محافظ آهين.
پوءِ تو مون کي ڇو ڇڏي ڏنو آهي؟
ڇو آءٌ پنهنجي دشمنن جي ظلم ڪري روئندو رڙندو پيو وتان؟

3 تون پنهنجو نور ۽ سچائي ظاهر ڪر ته
اهي منهنجي رهبري ڪندي
مون کي تنهنجي هيڪل تائين پهچائين،
جيڪو تنهنجي پاڪ جبل تي اڏيل آهي.
4 تڏهن آءٌ خدا جي قربان‌گاهه وٽ ويندس،
هائو، پنهنجي انهيءَ خدا وٽ،
جيڪو منهنجي خوشين جو سرچشمو آهي.
اي خدا! اي منهنجا خدا!
آءٌ سارنگي وڄائي تنهنجي واکاڻ ڳائيندس.

---

*تنهنجي حضور ۾: هن مان مراد يروشلم جو مقدس هيڪل آهي.

† زبور 43: هي زبور 42 جي هڪ سلسليوار ڪڙي آهي.

5 هاڻ مون کي دلگير ٿيڻ نہ کپي،
نڪي منهنجي اندر ۾ ايڏي بيقراري هئڻ گھرجي،
بلڪ منهنجي اميد خدا ۾ ئي قائم رهندي.
هائو، آءٌ اڃا بہ انهيءَ جي ئي تعريف ڪندس،
جيڪو منهنجو ڇڏائيندڙ ۽ منهنجو خدا آهي.

## زبور 44

### پناهہ لاءِ پڪار

(استاد موسيقار لاءِ، بني قوراح جي زبورن ۾ شامل)

1 اي خدا! اسان پنهنجن ابن ڏاڏن کان
پنهنجي ڪنن سان ٻڌو آهي،
تہ تو سندن ڏينهن ۾ ڪيڏا نہ عجيب وَ غريب ڪم ڪيا هئا.
2 هائو، تو قديم زماني ۾
ڌارين قومن کي پڃائي سندن ملڪ ڪنعان ۾ ڪين آباد ڪيو.
انهن قومن کي برباد ڪري تو پنهنجي قوم کي خوشحال بڻايو.
3 تنهنجي قوم انهيءَ ملڪ تي
پنهنجي تلوار سان قبضو نہ ڪيو هو،
نڪي هنن پنهنجي طاقت سان اهو فتح ڪيو هو،
بلڪ تنهنجي زورآور هٿ ۽ تنهنجي وڏي قدرت ئي هي سڀ ڪيو.
تو هنن تي پنهنجي ڪرم جي نظر ڪئي،
ڇالاءِجو تو کين پيار ٿي ڪيو.

4 اي خدا! اي منهنجا بادشاهہ!
تو ئي اسان بني يعقوب کي سوڀون بخشيون آهن.
5 اسان پنهنجن دشمنن کي تنهنجي مدد سان ڌڪي ٿي ڪيرايو،
۽ تنهنجي ئي نالي سان پنهنجن مخالفن کي لتاڙي ٿي ڇڏيو.
6 آءٌ پنهنجي تيرڪمان تي ڀروسو نہ ٿو رکان،
۽ نہ وري منهنجي تلوار ئي ڪو مون کي بچائي ٿي سگھي،
7 بلڪ اسان کي پنهنجن دشمنن کان تو ئي تہ بچايو ٿي.
هائو، جن اسان سان عداوت ٿي رکي،
تن کي تو ئي شڪست ڏيئي خوار خراب ٿي ڪيو.
8 سو اسين هر وقت تو خدا تي فخر ڪندا ٿا رهون.
هائو، اسين هميشہ تنهنجي نالي جي ئي واکاڻ ٿا ڪريون.

9 پر هاڻي جيئن تہ تو اسان کي ڇڏي ڏنو آهي،
۽ اسان جي لشڪرن سان گڏ ڪين ٿو هلين،
سو اسين شڪست کائي خوار خراب ٿي ويا آهيون.
10 تو اسان جي دشمنن اڳيان اسان کي پڃائي ڪڍيو آهي،
۽ انهن اسان جو مال ملڪيت لٽيو ڦريو آهي.
11 تو اسان کي ڪُسڻ وارين رڍن وانگر بڻائي ڇڏيو آهي،
۽ قومن منجھہ اسان کي ڪٿو ڪٿو ڪري ڇڏيو اٿيئي.
12 تو پنهنجي قوم کي معمولي قيمت ۾ وڪڻي ڇڏيو آهي،
جنهن مان تو کي ڪو فائدو حاصل نہ ٿيو آهي.

13 تو اسان تي غير قومن کان طعنا هڻايا آهن.
هائو، آس‌پاس رهندڙ اسان تي ٺٺوليون ۽ چٿرون ٿا ڪن.
14 تو اسان کي قومن منجھہ پهاڪي جو سبب بڻايو آهي،
جن ۾ اسين کلڻ‌هاب بڻيا آهيون.
15 هاڻ ڏينهن رات ذلت جو منهن ڏسڻو ٿو پوي،
سو آءٌ تہ شرم منجھہ ٻڏي ويو آهيان.
16 طعنا هڻندڙن ۽ توهين ڪندڙن جي ڳالهين،
۽ دشمنن جي وير وٺڻ ڪري منهنجو هي حال ٿيو آهي.

17 توڙي جو اسان جو هھڙو حال ٿيو آهي،
تڏهن بہ تو کي ڪين وساريو اٿئون،
نڪي وري تو سان ڪيل عهد کي اسان ڪڏهن ٽوڙيو آهي.
18 اسان جون دليون تو کان ڪڏهن بہ ڪين ڦريون آهن،
نڪي وري اسان جا پير تنهنجيءَ واٽ کان ڪڏهن هٽيا آهن.
19 تڏهن بہ تو اسان کي بي‌وس بڻائي ويرانين ۾ ڇڏي ڏنو آهي،
۽ گھُگھُہ اونداهيءَ جي حوالي ڪري ڇڏيو اٿيئي.

20 جيڪڏهن اسين تو پنهنجي خدا جو نالو وساري ڇڏيون ها،
يا ڪنهن ڌارئي معبود جي آڏو پنهنجا هٿ ڊگھيريون ها،
21 پوءِ ڇا تون انهيءَ کي پوري طرح ڄاڻي نہ وٺين ها؟
ڇالاءِجو تون تہ دلين جا ڳجھہ بہ ڄاڻين ٿو.
22 تنهن هوندي بہ اسين تو خاطر
روزانو موت جو منهن ڏسندا رهون ٿا.
هائو، اسان سان ڪوس جي رڍن وارو سلوڪ ڪيو وڃي ٿو.

23 اي اسان جا ڌڻي! جاڳ، تون ڇو ستو پيو آهين؟
سجاڳ ٿيءُ، هميشہ جي لاءِ اسان کي ڇڏي نہ ڏي.
24 تون اسان کان پنهنجو منهن ڇو ٿو موڙين؟
تون اسان جي مصيبت ۽ مظلوميءَ کي ڇو ٿو وسارين؟

25 اسان کي شڪست ڏيئي ڌرتيءَ تي ڪيرايو ويو آهي،
ايتري قدر جو اسين مٽيءَ سان گڏ مٽي ٿي ويا آهيون.
26 اي خداوند! تون اٿي اچي اسان جي مدد ڪر.

---

22:44 رو 8:36

پنهنجي دائمي شفقت جي خاطر تون اسان کي اچي بچاءِ.

## زبور 45

### شاهاڻي شاديءَ جو گيت

(استاد موسيقار لاءِ هدايت: هي ”سوسن“ جي سُر تي ڳايو
وڃي. بني قوراح جي زبورن ۾ شامل)

1 منهنجي دل هڪڙي چڱي مضمون سان ٽمٽار آهي.
مون بادشاهه بابت جيڪو گيت ٺاهيو آهي سو بيان ڪريان ٿو.
منهنجي زبان ماهر ڪاتب جي قلم وانگر آهي.

2 اي بادشاهه! بني آدم ۾ تون سڀني کان سهڻو آهين.
تنهنجي زبان لطافت سان ڀرپور آهي،
جنهن ڪري خدا هميشه جي لاءِ تو کي برڪت وارو بڻايو آهي.
3 اي زور وارا! تون پنهنجي تلوار پنهنجيءَ چيلهه سان ٻڌ،
جيڪا تنهنجي حشمت ۽ تنهنجو شان آهي.
4 سچائيءَ ۽ حلم ۽ انصاف جي خاطر،
تون پنهنجي شان وَ شوڪت ۽ فتحمنديءَ سان سوار ٿيءُ،
۽ پنهنجي زورآور هٿ سان هيبتناڪ ڪم ڏيکار.
5 تو بادشاهه جا تير تکا آهن،
سو اهي پنهنجي دشمنن جي دلين ۾ هٽي ڪيڊ،
تانته سڀيئي قومون اچي تنهنجي پيرن ۾ ڪِرن.

6 تنهنجي تخت کي خدا هميشه هميشه لاءِ قائم ڪيو آهي.
تنهنجي شاهي لٺ عدل وَ انصاف واري لٺ آهي.
7 تون نيڪيءَ سان محبت ۽ بدڪاريءَ سان نفرت ٿو ڪرين،
تنهنڪري خدا، هائو، تنهنجي خدا خوشيءَ وارو تيل ڪٺي
ٻين سڀني بادشاهن کان وڌيڪ تنهنجي مٿان پئٽيو آهي.
8 تنهنجي شاهي لباس مان
مُر، عود ۽ املداس جي خوشبوءِ پئي اچي.
عاج سان سينگاريل محلاتن اندر
تار وارن سازن جو آواز تو کي خوشي ڏئي ٿو.
9 تنهنجي دربار جي عورتن ۾ بادشاهزاديون پڻ آهن.
نج سون سان سينگاريل تنهنجي ڪنوار
تنهنجي ساڄي پاسي بيٺي آهي.

10 اي بادشاهه جي ڪنوار! اي منهنجي ڌيءَ! ڪن ڏيئي ٻڌ،
هائو، تون غور سان منهنجي ڳالهه ٻڌ.
تون پنهنجي قوم ۽ پنهنجي پيءُ جي گهر کي وساري ڇڏ.
11 جيئن ته بادشاهه تنهنجو ڏٽي آهي،
سو تو کي سندس فرمانبرداري ڪرڻ کپي.
هو تنهنجي سونهن جو مشتاق ٿيندو.
12 صور شهر جا باشندا نذرانا آڻي تو آڏو حاضر ٿيندا،
بلڪ قومن جا دولتمند ماڻهو تنهنجي حمايت جا طالبو ٿيندا.

13 بيشڪ بادشاهه جي ڪنوار،
جيڪا محلات جي اندر پنهنجي ڪمري ۾ آهي،
سا ڪيڏي نه حسن‌سراپا آهي!
ڪيس شاديءَ جي زربفت پوشاڪ پهريل آهي.
14 ڪيس پرت پريل پوشاڪ ڍڪائي
بادشاهه جي حضور ۾ آندو ٿو وڃي.
سندس پنيان جيڪي نوجوان سهيليون آهن،
سي به ساڻس گڏ اچن ٿيون.
15 جڏهن اهي بادشاهه جي محل ۾ داخل ٿين ٿيون،
تڏهن هر ڪو نهايت خوش ۽ سرهو ڏسڻ ۾ پيو اچي.

16 اي بادشاهه! تنهنجي ابن ڏاڏن جي جاءِ تي
تنهنجا پٽ تخت‌نشين ٿيندا.
تون انهن کي روءِزمين تي سردار مقرر ڪندين.
17 منهنجي گيت جي وسيلي
تنهنجو نالو سڀني پيڙهين تائين ياد رهندو،
انهيءَ ڪري قومون سدائين تنهنجي واکاڻ ڪنديون رهنديون.

## زبور 46

### خدا، بني اسرائيل جي پناهه

(استاد موسيقار لاءِ هدايت: هي اوچي آواز جي سُر تي ڳايو
وڃي. بني قوراح جي زبورن ۾ شامل)

1 خدا اسان جي پناهه ۽ اسان جي طاقت آهي.
اهو مصيبت جي وقت تي هر دم تيار مددگار آهي.
2 تنهنڪري اسان کي ڪو خوف ڪونهي،
توڙي ڌرتي ڏڏي اٿلي پوي يا جبل سمنڊ جي تري ۾ وڃي پون،
3 توڙي سمنڊ جو پاڻي گجگوڙ ڪري ۽ ڇوليون هڻي،
۽ انهن جي ٽڪرائجڻ سان جبل لڏي وڃن.

4 هڪڙي اهڙي ندي آهي جنهن جون نهرون،

*خدا جي شهر کي سَرهائي ڏين ٿيون،
هائو، انهيءَ شهر کي جيڪو خدا تعاليٰ جو مقدس گهر آهي.
5 خدا انهيءَ شهر جي وچ ۾ آهي،
سو ان کي ڪڏهن به لوڏو نه ايندو.
هو سوير پرهه ڦٽڻ سان ئي ان جي اچي مدد ڪندو.
6 جڏهن خدا جو آواز گونجي ٿو،
تڏهن قومن ۾ دهشت اچي پوي ٿي،
بادشاهتن ۾ لوڏو اچي ٿو ۽ زمين ڳري وڃي ٿي.

7 قادرِمطلق خداوند اسان سان گڏ آهي.
اهو ئي يعقوب جو خدا اسان جي پناهه آهي.

8 اچو، اوهين اچي ڏسو ته خداوند ڇا ڇا ڪيو آهي.
ڌرتيءَ تي هُن ڪهڙا ڪهڙا نه عجائبات ڏيکاريا آهن.
9 هو پوريءَ دنيا ۾ جنگيون بند ڪري ڇڏي ٿو.
هائو، هو تيرڪمان ڀڃي ڇڏي ٿو،
ڀالن کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏي ٿو،
۽ ڍالن کي پڻ باهه ۾ ساڙي ڇڏي ٿو.
10 خدا حڪم ٿو فرمائي ته
”جنگ بند ڪريو.
ڄاڻي ڇڏيو ته آءٌ ئي خدا آهيان،
جيڪو قومن ۾ سربلند ۽ سڄيءَ دنيا ۾ اعليٰ آهيان.“

11 قادرِمطلق خداوند اسان سان گڏ آهي.
اهو ئي يعقوب جو خدا اسان جي پناهه آهي.

## زبور 47

### حاڪمِ اعليٰ

(استاد موسيقار لاءِ، بني قوراح جي زبورن ۾ شامل)

1 اي سموريون قومون! اوهين خوشيءَ مان تاڙيون وڄايو.
اوهين وڏي آواز سان خدا جي واکاڻ ڳايو.
2 ڇالاءِجو خداوند تعاليٰ ئي سڄيءَ دنيا جو حاڪمِ اعليٰ آهي.
قومن کي گهرجي ته اهي کانئس ڊڄن.
3 بيشڪ هن ئي قومن کي اسان جي تابع ڪيو آهي.
هائو، هن انهن کي اسان جي پيرن هيٺ ڪري ڇڏيو آهي.
4 هن اسان جي لاءِ اسان جو ورثي وارو ملڪ چونڊي ڪڍيو آهي،
جيڪو بني اسرائيل جو فخر آهي،
جن سان هو پيار ٿو ڪري.

5 خداوند خدا مٿي عرش تي پنهنجي تخت تي چڙهي ٿو،
خوشيءَ جا نعرا لڳن ٿا ۽ نفيلون وڄايون وڃن ٿيون.
6-7 خدا سڄيءَ دنيا جو بادشاهه آهي،
سو سندس تعريف ڳايو، هائو، سندس واکاڻ ڳايو.
اوهين پنهنجي انهيءَ بادشاهه جي تعريف ڳايو،
هائو، سندس واکاڻ ڳايو.
اوهين گيتن ڳائڻ سان خدا جي واکاڻ ڪريو.

8 خدا قومن مٿان حڪومت ڪري ٿو،
هو پنهنجي پاڪ تخت تي ويٺو آهي.
9 جيئن ته دنيا جا سڀيئي حاڪم خدا جا آهن،
سو قومن جا سمورا سردار اچي گڏ ٿيا آهن،
تان‌ته هو ابراهيم جي خدا جي قوم سان گڏ ٿين.
بيشڪ خدا ئي دنيا جي سڀني حاڪمن جو حاڪمِ اعليٰ آهي.

## زبور 48

### خدا جو شهر صيئون

(هڪ گيت، بني قوراح جي زبورن ۾ شامل)

1 خداوند عظيم ۽ وڏيءَ ساراهه جي لائق آهي.
اسان جي خدا جو شهر، جيڪو سندس مقدس جبل تي آهي،
2 سو انهيءَ عظيم بادشاهه جو شهر آهي.
بلڪ †صيئون جبل ئي خدا جو گهر آهي.
اهو جبل بلنديءَ ۾ خوشنما،
۽ سڄي ڌرتيءَ جي خوشيءَ جو باعث آهي.
3 انهيءَ شهر جي ڪوٽن اندر،
خدا پاڻ کي جاءِپناهه ثابت ڪيو آهي.

4 ياد ڪريو ته قومن جا بادشاهه اچي پاڻ ۾ گڏ ٿيا هئا،
۽ صيئون جبل تي حملي ڪرڻ لاءِ ڪاهي آيا هئا.
5 پر پوءِ خدا جي قدرت جو ڏنائون ته
ڪين ڏاڍي حيرت وٺي ويئي.
ڪين اهڙي دهشت وٺي ويئي جو سڀيئي اتان وٺي ڀڳا.
6 اتي جو اتي ڪين ڏکٽيءَ اچي ورتو،

---

*خدا جي شهر: يعني يروشلم شهر جتي مقدس هيڪل هو.
†صيئون جبل: خدا جو مقدس هيڪل يروشلم شهر ۾ هو جيڪو صيئون جبل تي اڏيل هو.

2:48 مت 35:5

۽ ڪين اهڙا سور اچي لڳا،
جهڙا ڪنهن ويم واري عورت کي لڳندا آهن.
7 بيشڪ خدا اڀرندي وارو اهڙو خوفناڪ طوفان آهي،
جيڪو ترسيس جي عظيم سامونڊي جهازن کي به ڀڃيو ڇڏي.

8 قادرِمطلق خداوند جي شهر ۾
جهڙا عجيب ڪم اسان ٻڌا هئا،
تهڙا ئي عجيب ڪم اتي اسان کي ڏسڻ ۾ آيا.
بيشڪ خدا انهيءَ شهر کي هميشه تائين قائم رکندو.

9 اي خدا! تنهنجي هيڪل جي اندر اچي،
اسان تنهنجي دائمي شفقت تي غور ڪيو آهي.
10 اي خدا! جهڙو تنهنجو نالو آهي،
تهڙي ئي تنهنجي تعريف سڄيءَ دنيا ۾ پيئي ٿئي.
تنهنجو زورآور هٿ سچي عدل سان ڀرپور آهي.
11 سو تنهنجي صحيح فيصلن جي ڪري،
شل ته صيئون وارا خوشيون ڪن،
بلڪ يهوداہ جي سڀني شهرن وارا خوش ٿين.

12 اي بني اسرائيل وارؤ! اوهين صيئون جو طواف ڪريو،
انهيءَ جي آس‌پاس گهمو ڦرو،
۽ انهيءَ جي منارن کي به ڳڻي ڏسو.
13 اوهين ان جي ڪوٽ جي پٽين کي جاچي ڏسو،
۽ انهيءَ جي محلاتن تي غور ڪريو،
تان‌ته اوهين پنهنجي ايندڙ پيڙهين کي ٻڌائي سگهو ته
14 ”خدا هميشه هميشه تائين اسان جو خدا آهي،
اهو ئي دنيا جي آخر تائين اسان جو هادي رهندو.“

## زبور 49

### دنياوي دولت هڪ فريب آهي

(استاد موسيقار لاءِ، بني قوراح جي زبورن ۾ شامل)

1 اي سموريون قومون! اوهين منهنجي ڳالهه ٻڌو.
اي دنيا جا سڀيئي رهاڪؤ! اوهين مون ڏانهن ڪن ڏيو.
2 اوهين جيڪي اعليٰ توڙي ادنيٰ آهيو،
اوهين جيڪي امير توڙي غريب آهيو،
سڀيئي گڏجي منهنجي ڳالهه ٻڌو.
3 منهنجي واتان جيڪا ڳالهه نڪرندي،
سا دانائيءَ واري هوندي.
منهنجي دل جو جيڪو خيال نڪرندو سو سمجهه ڀريو هوندو.
4 هاڻ آءٌ هڪڙي ڏاهپ واري چوٽيءَ تي غور ڪندس،
۽ سُرندو وڄائيندي آءٌ انهيءَ جي حڪمت جو بيان ڪندس.

5 جڏهن دشمنن جي بڇڙائي منهنجو گهيرو ڪري وڃي،
تڏهن آءٌ پنهنجي انهيءَ مصيبت جي ڏينهن ۾ ڇو ڊڄان؟
6 جيڪي پنهنجيءَ دولت تي ڀروسو رکن ٿا،
۽ جيڪي پنهنجي جهجهي مال ملڪيت تي ڪُڏن ٿا،
7 تن مان ڪنهن کي به طاقت ناهي جو
پنهنجو پاڻ کي ڇڏائي سگهي،
۽ نه وري ڪيس اها طاقت آهي جو
خدا کي پنهنجو عيوضو ڏيئي سگهي.
8 جيئن ته هن جي جان جو عيوضو ڏاڍو مهانگو آهي،
سو هو ايترو ڏيئي ڪين سگهندو جو
9 سدائين جيئرو رهي
۽ ڪڏهن به قبر جو منهن نه ڏسي.

10 جڏهن ته هو ڏسي ٿو ته
نه رڳو جاهل ۽ بي‌وقوف ئي فنا ٿيو ٿا وڃن،
بلڪ جيڪي داناءَ آهن سي به مريو ٿا وڃن،
۽ هر ڪو پنهنجي دولت ٻين جي لاءِ ڇڏيو ٿو وڃي.
11 دنيا جهان جي آخر تائين قبرون ئي انهن جا گهر هوندا،
بلڪ اهي پيڙهي به پيڙهي انهن منجهه رهندا،
جيتوڻيڪ ڪنهن وقت هو زمينن جا مالڪ هئا.

12 بيشڪ انسان کي
سندس دولت موت کان بچائي نه ٿي سگهي.
هو حيوان جيان آهي جيڪو فنا ٿيو وڃي.

13 جن ماڻهن جو پنهنجو پاڻ تي ئي ڀروسو آهي،
هائو، جيڪي پنهنجي خوشحاليءَ تي خوش ٿا ٿين،
تن جو انجام موت ئي موت آهي.
14 جيئن رڍون ڪسڻ لاءِ مقرر ٿيل آهن،
تيئن اهي قبر ۾ وڃي پوندا.
هائو، موت اچي تن جو ڌنار ٿيندو ۽ سچار متن اچي غالب ٿيندا.
انهن جو جسم هڪدم زائل ٿي ويندو ۽ پاتال سندن ٺڪاڻو ٿيندو.
15 مگر خداوند مون کي پاڻ وٽ قبول ڪندو،
۽ قبر جي پڪڙ کان ڇڏائيندو.

16 توڙي جو ڪي ماڻهو دولتمند ٿي وڃن،
يا سندن گهر جو شان وڌي وڃي،
تڏهن به اوهين ساڻن ريس نه ڪجو.
17 ڇالاءِجو جڏهن اهي مرندا،

تڏهن پاڻ سان ڪجهه به ڪٺي نه ويندا.
انهن جو شان ۽ شوڪت به ساڻن گڏ ڪين ويندو.
18 ڀلي ته اهي پنهنجي جيئري
پاڻ کي سڀاڳا چوندا رهيا هجن،
۽ ماڻهو به سندن ساراهه ڪندي چوندا هجن ته
”واه! اوهان وڏي ڪاميابي ماڻي آهي.“
19 تڏهن به اهي پنهنجن ابن ڏاڏن جي ٽولي سان وڃي گڏبا،
۽ وري ڪڏهن به حياتيءَ جو سوجهرو نه ڏسندا.

20 بيشڪ انسان کي
سندس دولت موت کان بچائي نه ٿي سگهي.
هو حيوان جيان آهي جيڪو فنا ٿيو وڃي.

## زبور 50

### حقيقي عبادت

( آسف جي زبورن ۾ شامل)

1 خداوند، قادرِمطلق خدا، سڄيءَ دنيا وارن کي سڏايو آهي.
هائو، هن اڀرندي کان الهندي تائين سڄيءَ دنيا کي گهرايو آهي.
2 *صيئون جيڪو پنهنجي سونهن ۾ ڪامل آهي،
تنهن مان خدا جو جلوو ظاهر ٿيو آهي.
3 اسان جو خدا اچي ٿو،
هو ماٺ ڪري ڪين ويهندو.
هن جي اڳيان ڀسم ڪندڙ باهه آهي ۽ چوگرد وڏو طوفان اٿس.
4 هو آسمانن ۽ زمين کي پنهنجي حضور ۾ سڏي ٿو،
ته جيئن اهي سندس قوم جي فيصلي ڪرڻ وقت حاضر هجن.
5 هو فرمائي ٿو ته
”منهنجي وفادار ٻندن کي مون وٽ آڻي گڏ ڪريو،
جن قرباني پيش ڪندي مون سان پنهنجو عهد ٻڌو آهي.“
6 آسمان خدا جي سچائيءَ کي بيان ٿا ڪن،
ڇالاءِجو خدا پاڻ ئي انصاف ڪندڙ آهي.

7 خداوند فرمائي ٿو ته
”اي منهنجي قوم! ٻڌ، آءٌ ڳالهائيندس.
هائو، اي بني اسرائيل وارؤ! ٻڌو، آءٌ اوهان تي شاهدي ڏيندس.
آءٌ ئي خدا، هائو، اوهان جو خدا آهيان.
8 آءٌ اوهان کي اوهان جي قربانين بابت ڏوراپو ڪين ٿو ڏيان،
ڇوجو اوهان جون ساڙڻ واريون قربانيون
هميشه منهنجي سامهون آهن.
9 مگر اوهان جي گهر جو ڪوبه ڍڳو مون کي نه ٿو گهرجي،
نڪي وري اوهان جي واڙن مان ڪنهن ٻڪر جي ضرورت اٿم.
10 ڇالاءِجو جهنگ جا سمورا جانور منهنجا آهن،
۽ هزارين ٽڪرين جا جاندار منهنجا ئي آهن.
11 جبلن جا جيڪي به پکي آهن سي سڀيئي منهنجا آهن،
۽ ميدانن جا سڀيئي حيوان پڻ منهنجا آهن.
12 توڙي جو آءٌ بکايل هجان ها ته به اوهان کي ڪين ٻڌايان ها،
ڇالاءِجو هيءَ دنيا توڙي منجهس جيڪي ڪجهه به آهي،
سو سڀ منهنجو ئي آهي.
13 اوهين مون کي ٻڌايو ته آءٌ ڪو وهڙن جو گوشت کائيندس ڇا؟
يا وري ٻڪرن جو رت پيئندس ڇا؟

14 مون آڏو قربانيءَ طور اوهين شڪرگذاري پيش ڪريو.
مون خدا تعاليٰ آڏو اوهين پنهنجون باسون پوريون ڪريو.
15 اوهين مصيبت جي ڏينهن تي مون کي پڪارجو،
آءٌ ئي اوهان کي ڇڏائيندس تڏهن اوهين منهنجي واکاڻ ڪندا.“

16 پر خدا بدڪار ماڻهن کي هيئن ٿو فرمائي ته
”اوهان کي ڪهڙو حق آهي جو منهنجا قانون ٿا بيان ڪريو؟
اوهين منهنجي عهد کي پنهنجي زبان تي ڇو ٿا آڻيو؟
17 جڏهن ته اوهان کي منهنجي تربيت کان نفرت آهي،
۽ اوهين منهنجا حڪم پٺيءَ پويان اڇلائي ٿا ڇڏيو.
18 اوهين جڏهن ڪو چور ٿا ڏسو ته انهيءَ جا ساٿي بڻجي ٿا وڃو،
۽ زنا ڪندڙن جا اوهين حامي ٿا بڻجي وڃو.
19 اوهان جي وات مان هر وقت بڇڙائي ٿي نڪري.
اوهان جي زبان ٺڳيءَ جا منصوبا پيئي ٿي رٿي.
20 اوهين پنهنجي ئي قوم جي ڀاءُپيڻ جي خلاف ويهي ڳالهايو ٿا،
بلڪ اوهين ته پنهنجي ماءُ ڄائين جي به گلا ڪندا ٿا وتو.
21 اوهان اهي ئي ڪم پئي ڪيا ته به آءٌ ماٺ رهيس،
سو اوهان ڀانئيو ته آءٌ اوهان جهڙو ئي آهيان.
هاڻ آءٌ اوهان کي تنبيهه ڪري اوهان جا ڪم اوهان آڏو آڻيندس.

22 اي اوهين! جيڪي مون خدا کي وساريو ٿا،
سي هڪ ڳالهه تي غور ڪريو،
نه ته ائين نه ٿئي جو آءٌ اوهان کي چيري ڦاڙي ڇڏيان،
۽ اوهان کي ڪو ڇڏائڻ وارو به نه هجي.
اها ڳالهه هيءَ آهي ته

*صيئون: يعني يروشلم شهر، جنهن ۾ خدا جو مقدس هيڪل اڏيل هو.

50 عنوان 1.توا 4:16

23 جيڪي قربانيءَ طور منهنجي شڪرگذاري ٿا ڪن،
سي ئي منهنجي تعظيم ٿا ڪن.
جيڪي پنهنجيءَ چال کي نيڪ ٿا رکن،
تن کي آءٌ پنهنجي ڇڏائڻ واري طاقت ڏيکاريندس.“

## زبور 51
## معافيءَ لاءِ دعا

(استاد موسيقار لاءِ. دائود پنهنجو هي زبور ان وقت چيو، جڏهن
بت‌سبع سان سندس زنا بابت ناتن نبيءَ اچي کيس ڳالهايو هو.)

1 اي خدا! پنهنجي دائمي شفقت سبب مون تي پنهنجو رحم ڪر.
تون پنهنجي گهڻي رحم سبب منهنجو هر گناهه مِٽائي ڇڏ.
2 تون منهنجي بڇڙائيءَ کي چڱيءَ طرح مون مان ڌوئي ڪڍ.
منهنجي گناهه کان مون کي صاف سٿرو ڪري ڇڏ.

3 بيشڪ آءٌ پنهنجا ڏوهه ڀاسيان ٿو،
منهنجا گناهه هميشه منهنجي سامهون آهن.
4 مون رڳو تنهنجو ئي گناهه ڪيو آهي،
مون اهڙو ڪم ڪيو آهي جيڪو تنهنجي نظر ۾ برو آهي.
سو تون مون تي فتويٰ ڏيڻ ۾ سچار ثابت ٿيندين،
۽ جڏهن تون عدالت ڪندين تہ تو تي ڪو الزام نہ ايندو.
5 ڏس، آءٌ پنهنجيءَ پيدائش کان وٺي بڇڙائيءَ ۾ ورتل هيس،
بلڪ آءٌ تڏهن بہ گنهگار هيس جڏهن ماءُ جي پيٽ پيس.

6 ڏس، تون باطن جي سچائيءَ کي پسند ٿو ڪرين،
تنهنڪري باطن منجهہ ئي مون کي دانائي سيکار.
7 مون کي صاف ڪري اهڙو پاڪ ڪري ڇڏ،
جيئن قربانيءَ جي رت مان زوفا ٻوڙي
ڪنهن کي ڇنڪاري پاڪ ڪجي ٿو.
تون مون کي اهڙو ڌوئي صاف ڪر جيئن آءٌ ڪير کان بہ اڇو ٿيان.
8 مون سان خوشيءَ ۽ سرهائيءَ جون ڳالهيون ڪر،
تان‌تہ آءٌ خوش ٿيان توڙي جو تو مون کي ڏٻائي ڀيڙيو آهي.
9 هاڻي تون منهنجي گناهن کي درگذر ڪر،
۽ منهنجون سڀيئي بديون ميٽي ڇڏ.

10 اي خدا! منهنجي اندر ۾ هڪڙي پاڪ دل پيدا ڪر،
۽ منهنجي باطن ۾ نئين سر مستقيم روح وجهي ڇڏ.
11 تون مون کي پنهنجي حضور مان لوڌي نہ ڪڍ،
۽ مون کان پنهنجو پاڪ روح پري نہ ڪر.
12 تون مون کي پنهنجي نجات واري خوشي وري عطا ڪر،
۽ راضپي وارو روح عطا ڪر تہ پوريءَ طرح فرمانبردار رهان.
13 پوءِ آءٌ ڏوهارين کي تنهنجون واٽون سيکاريندس،
تہ جيئن اهي گنهگار تو آڏو توبهہ‌تائب ٿين.
14 اي خدا! اي منهنجا نجات ڏيندڙ!
مون کي خون واري ڏوهہ کان ڇڏاءِ.
پوءِ منهنجي زبان تنهنجي ان سچائيءَ جا گيت ڳائيندي.
15 اي منهنجا ڌڻي! تون منهنجي چپن کي کول،
تہ منهنجو وات سدائين تنهنجي واکاڻ ڪري.

16 تون نہ ڪنهن نذراني کان
نڪي ساڙڻ واري قرباني پيش ڪرڻ کان خوش ٿو ٿئين،
نہ تہ آءٌ اهي ئي پيش ڪريان.
17 اي خدا! منهنجو نماڻو روح تو لاءِ منهنجي قرباني آهي.
اي خدا! تون نماڻي ۽ پشيمان دل کي حقير نہ ٿو ڄاڻين.

18 اي خدا! پنهنجي ڪرم سان *صيئون کي خوشحال ڪر،
۽ سندس ڪوٽ کي نئين سر تعمير ڪر.
19 پوءِ تون شريعت مطابق ڪيل قربانين کان خوش ٿيندين.
هائو، ساڙڻ واري قربانيءَ کان،
جيڪا پوريءَ طرح پيش ڪئي ويندي،
ائين تنهنجي قربان‌گاهہ تي وهڙن کي قربان ڪيو ويندو.

## زبور 52
## دغاباز زبان

(استاد موسيقار لاءِ. دائود پنهنجو هي زبور تڏهن
چيو جڏهن دوئيگ ادوميءَ وڃي سائول کي ٻڌايو
تہ ”دائود اخيملڪ جي گهر ۾ داخل ٿيو آهي.“)

1 اي زورآور ظالم! تون بڇڙائيءَ تي ڇو ٿو فخر ڪرين؟
جڏهن تہ رڳو خدا جي رحمت ئي دائمي آهي.
2 تنهنجي زبان بڇڙائيءَ جا منصوبا پيئي جوڙي.
اها پاڪيءَ جيان تکي آهي ۽ دغابازيءَ سان پيئي هلي.
3 تون ڀلائيءَ کان وڌيڪ بڇڙائيءَ کي پسند ڪرين ٿو.
هائو، تون سچ کان وڌيڪ ڪوڙ کي پسند ڪرين ٿو.
4 اي دغاباز زبان وارا!
تون ظلم واري ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ کي پسند ٿو ڪرين.

*صيئون: يعني يروشلم شهر.

51 عنوان 2.سمو 12:1–15  4:51 رو 3:4  7:51 لاو 14:1–9  52 عنوان 1.سمو 22:9–10

5 تنهنڪري خدا تو کي هميشه جي لاءِ برباد ڪري ڇڏيندو.
هو تنهنجي گهر مان تو کي پڪڙي ڪڍي ٻاهر ڦٽو ڪندو،
بلڪ دنيا منجهان ئي تنهنجي پاڙ پٽي ڪيندو.
6 سچار ماڻهو تنهنجو حال ڏسي عبرت حاصل ڪندا.
پوءِ اهي تو تي کلندا ۽ تنهنجي لاءِ هيئن چوندا ته
7 ”ڏسو، هي اهو ماڻهو آهي،
جنهن خدا کي پنهنجي پناهگاهه نه بڻايو،
بلڪ پنهنجي گهڻيءَ دولت تي ئي ڀروسو رکيائين،
۽ پنهنجي بڇڙائيءَ ۾ پڪو ٿي ويو.“

8 پر آءٌ خدا جي گهر ۾ زيتون جي سرسبز وڻ وانگر آهيان.
منهنجو ڀروسو هميشه تائين خدا جي دائمي شفقت تي آهي.
9 اي خدا! تو جيڪي ڪجهه ڪيو آهي،
تنهن لاءِ آءٌ تنهنجو سدائين شڪرگذار رهندس.
آءٌ تنهنجي نيڪ بندن جي اڳيان
تنهنجي چڱي نالي جي تعريف پيو ڪندس.

## زبور 53

(زبور 14)

### بني آدم جي بڇڙائي

(استاد موسيقار لاءِ هدايت: هي ”محلت“ جي سُر تي
ڳايو وڃي. دائود جي زبورن ۾ شامل)

1 اهي احمق هوندا جيڪي پنهنجيءَ دل ۾ چون ٿا ته
”خدا ته آهي ئي ڪونه.“
اهڙا ماڻهو بڇڙا آهن ۽ ڪراهت جهڙا ڪم ڪن ٿا.
منجهن اهڙو ڪوبه ڪونهي جيڪو نيڪي ڪري.

2 خدا عرش عظيم کان بني آدم تي نگاهه ڪري ٿو،
انهيءَ لاءِ جو هو ڏسي ته ڇا ڪو سمجهو ۽ سندس طالب آهي.
3 پر اهي سڀ جو سڀ سڌي رستي کان ڦري ويا آهن،
۽ هڪجهڙا ڪنا ٿيا آهن.
منجهن اهڙو ڪوبه ڪونهي جيڪو نيڪي ڪري،
هائو، هڪڙو به نه.
4 خدا چوي ٿو ته
”ڇا انهن بدڪارن کي ڪا سمجهه ڪانهي؟
هو منهنجي ماڻهن کي ائين ٿا کائين جيئن ماني کائبي آهي.
اُهي مون خدا جو نالو ڪڏهن به نه ٿا وٺن.“

5 جتي اڳ ۾ هو بي‌خوف رهندا هئا،
اتي کين سخت دهشت وٺي ويندي.
شڪست هنن کي خوار خراب ڪندي،
ڇوجو خدا کين رد ڪيو آهي.
هائو، سندس قوم جو گهيرو ڪندڙن جي هڏين کي
خدا دز ڪري ڇڏيندو.

6 شال بني اسرائيل جو بچاءُ *صيئون منجهان ٿئي!
جڏهن خدا پنهنجي قوم کي وري خوشحال ڪندو،
تڏهن بني يعقوب سرها ٿيندا،
هائو، بني اسرائيل خوشيون ملهائيندا.

## زبور 54

### دشمنن کان بچاءَ جي دعا

( استاد موسيقار لاءِ هدايت: هي تار وارن سازن تي ڳايو وڃي. جڏهن
زيف شهر وارن وڃي ساؤل بادشاهه کي ٻڌايو هو ته ”دائود اسان وٽ
لڪل آهي،“ تڏهن دائود پنهنجي بچاءَ لاءِ زبور ڳاهي هيءَ دعا گهري.)

1 اي خدا! تون پنهنجي جلال کي ظاهر ڪري مون کي بچاءِ.
هائو، پنهنجيءَ قدرت سان تون منهنجو انصاف ڪر.
2 اي خدا! تون منهنجي دعا ٻڌ،
منهنجي وات جي لفظن ڏانهن ڪن ڏي.
3 ڇالاءِجو ڪي ڌاريا ماڻهو منهنجي خلاف اٿي کڙا ٿيا آهن.
هائو، بي‌ترس ماڻهو منهنجي جان جي پٺيان پيا آهن.
اهي تو خدا جو به ڪو لحاظ ڪونه ٿا رکن.

4 برحق، خدا ئي منهنجو مددگار آهي.
منهنجو ڌڻي ئي منهنجيءَ جان جو محافظ آهي.
5 شال هو منهنجي دشمنن تي سندن بڇڙائي موٽائي آڻي!
شال هو مون سان وفا ڪندي کين برباد ڪري ڇڏي!

6 اي خداوند! آءٌ تنهنجي حضور
خوشيءَ جي قرباني پيش ڪندس.
آءٌ تنهنجي نالي جو شڪرانو بجا آڻيندس ڇوجو تون ڀلو آهين.
7 بيشڪ تو مون کي هر تڪليف کان ڇڏايو آهي،
۽ منهنجي اکين مون کي پنهنجي دشمنن تي سوڀارو ڏٺو آهي.

---

*صيئون: يعني اهو جبل، جنهن کي خدا انهيءَ لاءِ چونڊيو ته اتي سندس مقدس هيڪل ٺاهيو وڃي.

3–1:53 رو 10:3–12   54 عنوان 1.سمر 19:23، 26:1   6:54 لاو 18:22–30

## زبور 55

### دوست کان دغا کاڌل ماڻهوءَ جي دعا

(استاد موسيقار لاءِ هدايت: هي تار وارن سازن تي
ڳايو وڃي. دائود جي زبورن ۾ شامل)

1 اي خدا! تون منهنجي دعا تي ڪن ڏي،
منهنجي منٿ کان منهن نه موڙ.
2 تون مون ڏانهن ڌيان ڏي ۽ منهنجي مدد ڪر.
آءٌ غم سهندي سهندي بيقرار ٿي ڪنجهان پيو.
3 دشمنن جي دڙڪن،
بلڪ انهن بدڪارن جي ظلم ڪري آءٌ پريشان آهيان.
هو مون کي تڪليف ٿا ڏين ۽ ڪاوڙ ڪندي ڌڪارين ٿا.

4 منهنجي دل بيحد پريشان ٿي رهي،
بلڪ موت جي دهشت مون کي وڪوڙي ڇڏيو آهي.
5 مون تي خوف اچي پيو آهي ۽ ڌڪڻي وٺي ويئي اٿم.
هيبت اچي مون تي غالب پيئي آهي.
6 ڪاش! مون کي ڪبوتر وانگر پر هجن ها،
پوءِ جيڪر آءٌ پري اڏامي وڃي سڪون سان رهان ها.
7 يقيناً آءٌ گهڻو پري نڪري وڃان ها،
۽ بيابان ۾ پنهنجو گهر ڪري وڃي رهان ها.
8 هائو، آءٌ انهن سخت آنڌين ۽ طوفانن کان،
جلدي ڀڄي وڃي ڪنهن جاءِ تي پناهه وٺان ها.

9 اي منهنجا ڌڻي! منهنجي دشمنن ۾ ڦوٽ پيدا ڪر،
۽ سندن ٻوليءَ ۾ رولو وجهه.

آءٌ شهر ۾ ڏاڍو ظلم وَ فساد ٿو ڏسان،
10 جيڪي ڏينهن رات شهر جي ڀتين تي چڙهي گشت ڪن ٿا.
شهر جي اندر بڇڙائي ۽ شرارت موجود آهي.
11 هائو، شهر ۾ هر هنڌ بدڪاري ٿي وسي.
انهيءَ جي چونڪن تي ظلم ۽ دغا جاري آهي.

12 جيڪڏهن منهنجو ڪو دشمن مون کي طعنا هڻي ها،
ته هوند آءٌ اهي به برداشت ڪري وڃان ها.
جيڪڏهن منهنجو ڪو مخالف مون سان ڪا گستاخي ڪري ها،
تڏهن به جيڪر آءٌ انهيءَ کان پاڻ کي لڪائي ڇڏيان ها.

13 پر اي دوست! اهو سڀ ڪرڻ وارو تون ئي ته هئين،
جيڪو منهنجو رفيق هئين.
هائو، تون ئي جيڪو منهنجو سنگتي ۽ گهرو دوست هئين.
14 اسين ٻيئي ڄڻا پاڻ ۾ مٺڙيون ڳالهيون ڪندا هئاسين.
اسين عبادت ڪرڻ وارن سان گڏجي
خدا جي گهر ۾ هلندا هئاسين.

15 ڀلي دشمنن تي اوچتو موت اچي پوي،
بلڪ اهي جيئري ئي وڃي پاتال ۾ پون،
ڇوجو سندن گهرن ۾ بلڪ سندن دلين ۾ بڇڙائي آهي.

16 پر آءٌ مدد جي لاءِ خداوند پنهنجي خدا کي پڪاريندس،
۽ اهو ئي مون کي بچائيندو.
17 آءٌ صبح، ٻپهريءَ توڙي سانجهيءَ فرياد پيو ڪندس،
آهون ڀريندس ۽ دانهون پيو ڪندس،
۽ هو منهنجو آواز ضرور ٻڌندو.
18 منهنجا مخالف تمام گهڻا آهن،
جيڪي مون سان جنگ ڪن ٿا.
انهن کان هو ئي منهنجي جان سلامتيءَ سان ڇڏائيندو.
19 خدا، جيڪو ازل کان تخت‌نشين آهي،
سو ضرور منهنجي ٻڌندو ۽ انهن کي خوار خراب ڪندو،
ڇوجو اهي نڪي سڌرن ٿا ۽ نه ئي وري خدا کان ڊڄن ٿا.

20 منهنجو دوست جيڪو اڳ منهنجو ساٿي هو،
تنهن ئي اسان رفيقن تي پنهنجو هٿ کنيو آهي.
هن پنهنجي ڪيل عهد کي ٽوڙي ڇڏيو آهي.
21 سندس ڳالهيون مکڻ وانگر ملائم هيون،
پر سندس دل ۾ جنگ هئي.
هن جون ڳالهيون تيل کان به سٽيون هيون،
پر اگهاڙي تلوار وانگر هيون.

22 اي خدا! اسين پنهنجون تڪليفون تو آڏو ٿا رکون،
تون خداوند ئي اسان جي سنڀال ڪندين.
۽ ڪنهن به سچار کي ڪڏهن لوڏو ڪائڻ نه ڏيندين.
23 پر تون بڇڙن کي بربادیءَ جي کڏ ۾ ڪيرائيندين،
تان‌ته خوني ۽ ٺڳ ماڻهو پنهنجي اڌ عمر تائين به جيئرا نه رهن.

باقي اي خدا! منهنجي توڪل تو تي ئي آهي.

## زبور 56

### خدا تي توڪل

( استاد موسيقار لاءِ هدايت: هي ”ڏورانهن شاهه‌بلوط وڻن تي ڳيرو“
جي سُر تي ڳايو وڃي. دائود پنهنجو هي اُڪريل زبور تڏهن چيو
جڏهن فلستين ڪيس گات شهر ۾ گرفتار ڪيو هو.)

1 اي خدا! مون تي رحم ڪر،
ڇوجو منهنجا مخالف مون کي ايذائين ٿا.
اهي هر وقت وڙهندي مون کي ستائين ٿا.
2 هائو، منهنجا دشمن هر وقت مون کي ايذائيندا رهن ٿا.
اهي تمام گهڻا آهن جيڪي مون سان وڙهن ٿا.
3 اي قادرِمطلق خدا! جڏهن مون کي ڊپ ٿيندو،
تڏهن منهنجي توڪل تو تي ئي رهندي.
4 خدا جنهن جي واعدي تي مون کي فخر آهي،
تنهن تي ئي منهنجي توڪل آهي سو آءٌ بلڪل نه ڊڄندس.
انسان جيڪو فاني آهي سو مون کي ڇا ڪري سگهندو؟

5 منهنجا دشمن سڄو ڏينهن
منهنجي لفظن جي ابتي معنيٰ ڪڍن ٿا.
هنن جو سڄو خيال منهنجي خلاف بڇڙائي ڪرڻ ڏانهن آهي.
6 اهي گڏجي ڇپي ٿا ويهن ۽ مون کي تاڙين ٿا.
هو منهنجي ساهه ڪڍڻ جي انتظار ۾ آهن.
7 پوءِ ڇا اهڙي بڇڙائي ڪرڻ جي باوجود هو ڇٽي ويندا؟
اي خدا! تون پنهنجي غضب سان انهن قومن کي ڪيرائي ڇڏ.

8 تون منهنجي ڏکن کي ڄاڻين ٿو.
منهنجا لڙڪ تنهنجي سانداريءَ ۾ جمع ٿيل آهن.
ڇا منهنجا اهي لڙڪ تنهنجي دفتر ۾ داخل ڪين آهن؟
9 آءٌ جڏهن تو کي پڪاريندس ته
منهنجا دشمن پوئتي هٽي ويندا.
انهيءَ مان مون کي يقين ٿيندو ته
تون خدا منهنجي پاسي آهين.
10 خداوند خدا جنهن جي واعدي تي مون کي فخر آهي،
11 تنهن تي ئي منهنجي توڪل آهي سو آءٌ بلڪل نه ڊڄندس.
انسان جيڪو فاني آهي سو مون کي ڇا ڪري سگهندو؟

12 اي خدا! جيڪي باسون مون تو وٽ باسيون هيون،
سي آءٌ تنهنجي حضور ۾
شڪرگذاريءَ جي قربانين طور پيش ڪندس.
13 ڇالاءِجو تو منهنجي پيرن کي پاتال ۾ ڪرڻ کان بچايو آهي،
هائو، تو مون کي موت کان ڇڏايو آهي،
تان‌ته آءٌ تنهنجي حضور ۾ جيئرن جي روشن دنيا ۾ هلان.

## زبور 57

### مدد لاءِ دعا

( استاد موسيقار لاءِ هدايت: هي ”برباد نه ڪر“ جي سُر تي ڳايو
وڃي. دائود پنهنجو هي اُڪريل زبور ان وقت چيو،
جڏهن هو سائول کان ڀڄي غار ۾ هليو ويو هو.)

1 رحم ڪر، اي خدا! مون تي رحم ڪر،
ڇالاءِجو آءٌ تنهنجي ئي پناهه وٺان ٿو.
آءٌ تنهنجي پرن جي ڇانوَ هيٺ پناهه ٿو وٺان،
جيستائين مون تان آفتون ٽري نه وڃن.

2 آءٌ خدا تعاليٰ کي پڪاريان ٿو،
هائو، خدا کي جيڪو منهنجي لاءِ سڀ ڪجهه ڪري ٿو.
3 هو عرش تان ورندي ڏئي مون کي بچائي وٺندو،
۽ انهن کي ملامت ڪندو جيڪي مون کي ايذائين ٿا.
خدا پنهنجي وفا ۽ دائمي شفقت ضرور ڏيکاريندو.

4 آءٌ انهن وحشي بگهڙن جي وچ ۾ اچي ڦاٿو آهيان،
جيڪي بني آدم کي حرص کان ڳڙڪائي ٿا وڃن.
هنن جا ڏند تير ۽ ڀالا آهن ۽ سندن زبان تکي تلوار آهي.

5 اي خدا! شل تون عرش عظيم تي سرفراز رهين،
شل تنهنجو جلال ساري جهان تي ظاهر ٿئي.

6 منهنجي دشمنن مون کي ڦاسائڻ جي لاءِ ڄار پکيڙيو آهي،
جنهن ڪري مون کي بي‌وس ڪري ڇڏيو اٿائون.
پر جيڪا کڏ هنن منهنجي راهه ۾ کوٽي آهي،
تنهن ۾ هو پاڻ وڃي ڪريا آهن.

7 اي خدا! منهنجو تو تي ڀروسو آهي،
هائو، اهڙو ڀروسو جيڪو ڪڏهن به ختم ٿي نه سگهي.
سو آءٌ گيت ڳائي تنهنجي واکاڻ ڪندس.
8 آءٌ ننڊ مان اٿي ڪڙو ٿيندس،
۽ پنهنجي سارنگي ۽ دنبوري کي به جاڳائيندس.

---

56 عنوان 1.سمو 21:13–15    57 عنوان 1.سمو 22:1، 24:3

هائو، آءٌ پرهه ڦٽيءَ جو اٿي تنهنجا گيت ڳائيندس.
9 اي منهنجا ڌڻي! آءٌ ماڻهن آڏو تنهنجو شڪرانو ڪندس.
هائو، آءٌ قومن ۾ گيت ڳائي تنهنجي واکاڻ ڪندس،
10 ڇالاءِجو تنهنجو رحم آسمانن تائين ٿمتار آهي.
بيشڪ تنهنجي وفا عظيم آهي،
جيڪا بادلن تائين پريل آهي.

11 اي خدا! شل تون عرش عظيم تي سرفراز رهين،
شل تنهنجو جلال ساري جهان تي ظاهر ٿئي.

## زبور 58

### بدڪارن لاءِ سزا جي دعا

(استاد موسيقار لاءِ هدايت: هي ”برباد نہ ڪر“ جي سر تي ڳايو وڃي. دائود جي زبورن ۾ شامل، هڪ اُڪريل زبور)

1 ٻڌايو، اي حاڪمؤ! ڇا سچپچ اوهين انصاف ڪريو ٿا؟
ٻڌايو، ڇا اوهين پنهنجي عوام جو صحيح فيصلو ڪريو ٿا؟
2 نہ، اوهين تہ پنهنجي دل ۾ بڇڙائي ٿا رٿيو،
بلڪ پنهنجي هٿن سان ڌرتيءَ تي ظلم ٿا ورهايو.

3 بدڪار ماڻهو پنهنجي ماءُ جي پيٽان ئي گمراهہ ٿين ٿا.
اهي تہ پنهنجي ڄمندي ئي ڪوڙ ڳالهائيندا وتن ٿا.
4 انهن جو زهر اهڙو آهي جهڙو نانگ جو زهر هجي.
هو ٻوڙي ڪپر نانگ وانگر آهن جيڪو پنهنجا ڪن بند ڪري رکي،
5 تانتہ هو جوڳين جو آواز نہ ٻڌي،
۽ نہ ئي وري مانديءَ ڪي ٻُڌي توڙي اهو منڊ جا ڪيڏ ڪري.

6 اي خدا! تون انهن وحشي بگهڙن جي وات منجهہ ئي
انهن جا ڏند ڀڃي ڇڏ.
هائو، اي خداوند! تون انهن جون ڏاڙهون ڀڃي پورا پورا ڪر.
7 شل تہ اهي بدڪار هاريل پاڻيءَ وانگر گم ٿي وڃن.
جڏهن اهي پنهنجا تيرڪمان ڇڪين تڏهن سندن تير مڏا ٿين.
8 شل هو سپ رجندڙ ميڻ وانگر رجي فنا ٿي وڃن،
هائو، ڊُڪيءَ عورت جي ان ڪريل ٻار وانگر،
جنهن سج صفا نہ ڏٺو هجي.
9 انهيءَ کان اڳ جو ڇاڙهيل ديڳڙن کي
ڪنڊن جي باهہ جو تؤ اچي،
تون بڇڙن کي واچوڙي سان اڏائي وڃ،
پوءِ اهي ادنيٰ هجن توڙي اعليٰ.

10 سچار جڏهن اهو بدلو ڏسندا تڏهن هو ڏاڍا خوش ٿيندا،
۽ بدڪارن جي رت ۾ پنهنجا پير ٻوڙيندا.
11 تڏهن هر ڪو هيئن چوندو تہ
”بيشڪ سچارن لاءِ اجر آهي.
يقيناً خدا آهي جيڪو دنيا ۾ انصاف ڪري ٿو.“

## زبور 59

### خونخوار دشمن کان بچاءَ لاءِ دعا

(استاد موسيقار لاءِ هدايت: هي ”برباد نہ ڪر“ جي سُر تي ڳايو وڃي. دائود پنهنجو هي اُڪريل زبور ان وقت چيو، جڏهن سائول بادشاهہ سندس گهر جي چوڌاري پنهنجا ماڻهو بيهاري ڇڏيا هئا، انهيءَ لاءِ تہ اهي کيس قتل ڪري ڇڏين.)

1 اي منهنجا خدا! مون کي منهنجي دشمنن کان ڇڏاءِ.
جيڪي منهنجي خلاف اُٿي کڙا ٿيا آهن تن کان مون کي بچاءِ.
2 هائو، انهن بدڪارن کان مون کي ڇڏاءِ،
۽ انهن خونين کان تون مون کي بچاءِ.

3 ڇوجو ڏس، هو منهنجي جان وٺڻ لاءِ تاڙيو ويٺا آهن.
اهي خونخوار ماڻهو منهنجي خلاف گڏ ٿيا آهن.
اي خداوند! توڙي جو منهنجو ڪوبہ گناهہ يا خطا ناهي،
4 پوءِ بہ اهي مون بيقصور مٿان سنبريا ڪاهہ ڪيو ٿا اچن.

اٿي ڪڙو ٿيءُ اي خداوند! اچ، اچي منهنجي مدد ڪر.
5 اي خداوند، بني اسرائيل جا خدا! اي قادرِمطلق خدا!
اٿ، تون سيني قومن کان حساب وٺ.
تون ڪنهن بہ بدڪار دغاباز تي ڪو قياس نہ ڪر.

6 شام ٿيڻ تي اهي نڪري اچن ٿا،
۽ ڪتن وانگر پيا گُرڪن ٿا.
اهي شهر ۾ هيڏي هوڏي شڪار لاءِ ناسون هٽندا وتن ٿا.
7 ڏس، اهي پنهنجي وات مان التيءَ جيان لفظ ٿا ڪڍن.
هائو، انهن جي چپن منجهان تلوار جهڙا تکا لفظ ٿا نڪرن.
هو ائين ٿا سمجهن تہ
”اسين جيڪي بہ ڪريون ٿا سو ڪوبہ نہ ٿو ڄاڻي.“

8 پر اي خداوند! تون انهن تي کلين ٿو.
جيڪي بہ غير قومن وارا آهن تن تي تون ٺٺوليون پيو ڪرين.
9 اي منهنجي طاقت خدا! آءٌ تو ڏانهن ئي واجهايان ٿو،

59 عنوان 1.سمر 19: 11

چالاءِجو اي خدا! تون ئي تہ منهنجي پناهہ آهين.
10 منهنجو خدا پنهنجي پاجهہ سان منهنجي سنڀال ڪندو.
هو منهنجي دشمنن تي مون کي سوڀارو ڪري ڏيکاريندو.

11 اي اسان جا ڏٽي! اي اسان جا محافظ!
انهن کي هڪدم قتل نہ ڪر،
متان منهنجي قوم تو کي وساري ويهي.
اٿلندو تون پنهنجيءَ قدرت سان
انهن کي ڪٽو ڪٽو ڪري ڪيرائي ڇڏ.
12 ڪوڙ ۽ پاراتن جي ڪري
شال هو پنهنجي مغروريءَ ۾ پڪڙيا وڃن!
شال اهي پنهنجي وات جي گناهہ
۽ چپن جي ڳالهين جي ڪري جهليا وڃن!
13 تون پنهنجي غضب سان کين فنا ڪري ڇڏ،
اهڙو فنا ڪرين جو بلڪل نابود ٿي وڃن.
پوءِ سڄي دنيا ڄاڻي وٺندي تہ
بني اسرائيل تي تون خدا حڪمران آهين.

14 شام ٿيڻ تي اهي نڪري اچن ٿا،
۽ ڪتي وانگر پيا گُرڪن ٿا.
اهي شهر ۾ هيڏي هوڏي شڪار لاءِ ناسون هڻندا وتن ٿا.
15 اهي انهن ڪتن جيان آهن،
جيڪي کاڌي جي ڳولها ۾ هيڏي هوڏي ڀٽڪندا وتندا آهن.
جيڪڏهن انهن جو ڍءُ نہ ٿيندو آهي،
تہ پوءِ روڙون ڪندا وتندا آهن.

16 پر آءٌ تنهنجيءَ قدرت جا گيت پيو ڳائيندس.
صبح جو ئي آءٌ وڏي آواز سان تنهنجي ٻاجهہ جا گيت ڳائيندس،
ڇوجو منهنجي تڪليفن جي ڏينهن ۾
تون ئي تہ منهنجي پناهہ ۽ قلعو رهيو آهين.
17 اي منهنجي طاقت خدا! آءٌ تنهنجي تعريف ڳائيندس،
ڇوجو اي خدا! تون ئي تہ منهنجي پناهہ آهين.
تون ئي تہ مون تي دائمي شفقت ڪرڻ وارو آهين.

## زبور 60

## ڇڏائڻ لاءِ دعا

( استاد موسيقار لاءِ هدايت: هي ”عهد وارو سوسن“ جي سُر تي ڳايو وڃي. دائود هي زبور تعليم ڏيڻ لاءِ ٺاهيو. هن پنهنجو هي اُڪريل زبور ان وقت چيو، جڏهن هن نهرائم ۽ ضوباه ملڪن جي ارامين سان جنگ ڪئي ۽ سندس فوجي سپهہ‌سالار يوآب موٽ ڪائي ڪلر واري ماٿريءَ ۾ ٻارهن هزار ادومين کي ماري ڇڏيو هو.)

1 اي خدا! تو اسان کي رد ڪيو آهي،
۽ تو ئي اسان کي هارائي ڇڏيو آهي.
تون اسان سان ڪاوڙيو آهين،
پر هاڻ، اسان کي بحال ڪر.
2 تو ڌرتيءَ کي لوڏي ڇڏيو آهي،
۽ تو ئي ان کي چيري ڇڏيو آهي.
پر هاڻ تون انهيءَ جا چير بند ڪر،
چالاءِجو اها سخت لوڏي ۾ آهي.
3 تو پنهنجيءَ هن قوم کي سختين جو منهن ڏيکاريو آهي.
تو اسان کي ڄڻ تہ اهڙي مئي پياري آهي جيڪا ٿاٻڙائي ٿي.
4 جيڪي تنهنجو خوف ٿا رکن
تن کي تو هڪڙو جهنڊو ڏنو آهي،
تان‌تہ انهيءَ کي دشمنن جي تيرڪمانن آڏو کڙو ڪري
ان هيٺان هو پناهہ وٺن.
5 تون اسان جي ٻڌ،
۽ پنهنجي زورآور هٿ سان اسان جي مدد ڪر،
تان‌تہ اسين تنهنجا محبوب فتحياب ٿيون.

6 خدا پنهنجي مقدس ترين جاءِ مان واعدو فرمايو آهي تہ
”آءٌ فتحيابيءَ جي خوشيءَ وچان
سڪم جي علائقي جا ڀاڱا ڀاڱا ڪندس،
۽ سڪات واري ماٿري پڻ پنهنجي قوم ۾ ورهائي ڇڏيندس.
7 گلعاد جو علائقو منهنجو آهي ۽ منسي بہ منهنجو آهي،
افرائيم منهنجو لوهي ٽوپ آهي،
۽ يهوداه منهنجي شاهي لٺ آهي.
8 *موآب جو ملڪ منهنجي هٿن ڌوئڻ جو ٿانءُ آهي،
ادوم ملڪ تي آءٌ پنهنجي جُتي رکندس،
۽ فلستين جي ملڪ تي آءٌ فتح جو نعرو هڻندس.“

---

*موآب ۽ ادوم: اهي ٻئي ملڪ بني اسرائيل جي ملڪ جي اوير ۾ هئا.

60 عنوان 2.سم 8:13، 1.توا 12:18

9 اي خدا! ڪير مون کي ادوم ملڪ تائين پهچائيندو؟
ڪير مون کي ان جي ڪوٽ واري شهر ۾ وٺي ويندو؟
10 اي خدا! ڇا اهو تون ئي نہ آهين،
توڙي جو اسان کي رد ڪيو اٿيئي،
۽ اسان جي لشڪرن سان گڏ نہ ٿو هلين؟
11 دشمنن جي مقابلي ۾ تون اسان جي مدد ڪر،
ڇالاءِجو انساني مدد بلڪل اجائي آهي.

12 خدا جي مدد سان اسين فتح جا جوهر ڏيکاريندا‌سين،
ڇوجو اهو ئي آهي جيڪو اسان جي دشمنن کي لتاڙيندو.

## زبور 61

## جلاوطنيءَ ۾ پناهہ لاءِ دعا

(استاد موسيقار لاءِ هدايت: هي تار وارن سازن تي
ڳايو وڃي. دائود جي زبورن ۾ شامل)

1 اي خدا! منهنجو فرياد ٻڌ،
منهنجي دعا تي تون ڪن ڏي.
2 ڌرتيءَ جي ڇيڙي تي آءٌ ڏاڍو دلگير ٿي پيو آهيان،
اتان آءٌ تو کي پڪاريان ٿو.
تون مون کي انهيءَ مٿاهين ٽڪر تي پناهہ ڏي،
جيڪو منهنجي پهچ کان مٿي آهي.
3 تون هڪ اهڙو مضبوط منارو آهين،
جيڪو دشمن کان بچڻ جي لاءِ منهنجي پناهہ آهين.
4 ڪاش، آءٌ هميشہ تنهنجي مقدس هيڪل ۾ رهان،
تہ جيئن مون کي تنهنجي پرن هيٺان پناهہ ملي!
5 اي خدا! تو منهنجون باسون پوريون ڪيون آهن،
۽ مون کي انهن جي ميراث ۾ شامل ڪيو اٿيئي،
جيڪي تنهنجو خوف ٿا رکن.

6 اي خدا! تون بادشاهہ جي حياتي وڌاءِ،
۽ سندس گهراڻي جي بادشاهي پيڙهي بہ پيڙهي قائم رک.
7 شال هو تنهنجي حفاظت ۾ سدائين تخت‌نشين رهي!
تون پنهنجي دائمي شفقت ۽ وفا سان انهيءَ جي حفاظت ڪر.

8 آءٌ هميشہ تنهنجي نالي جي واکاڻ پيو ڳائيندس،
۽ روزانو پيو پنهنجون باسون پوريون ڪندس.

## زبور 62

## خدا تي توڪل

( استاد موسيقار يدوٿون جي لاءِ، دائود جي زبورن ۾ شامل)

1 آءٌ رڳو خدا ۾ ئي صبر سان آس رکان ٿو،
ڇالاءِجو اهو ئي منهنجي حفاظت ڪري ٿو.
2 رڳو اهو ئي منهنجو محافظ ۽ منهنجو بچاءُ آهي.
اهو ئي منهنجو قلعو آهي،
سو مون کي ڪڏهن بہ لوڏو ڪونہ ايندو.

3 اي دشمنؤ! اوهين ڪيستائين
مون جهڙي ماڻهوءَ کي مارڻ لاءِ گڏجي حملو ڪندا رهندا؟
هائو، آءٌ جيڪو ڳريل پٽ وانگر جهڪيل رهان ٿو،
۽ لڏندڙ ڪنڌيءَ جيان ڪمزور آهيان.
4 اوهين رڳو اهو ئي ٿا چاهيو،
تہ جيئن مون کي مرتبي کان ڪيرايو.
سو اوهين ڪوڙ ڳالهائڻ کي پسند ٿا ڪريو.
اوهين زبان سان تہ دعا ڪريو ٿا پر دل ۾ لعنت ٿا ڪريو.

5 آءٌ رڳو خدا ۾ ئي صبر سان آس رکان ٿو،
هائو، انهيءَ ۾ ئي منهنجي اميد آهي.
6 رڳو اهو ئي منهنجو محافظ ۽ منهنجو بچاءُ آهي.
اهو ئي منهنجو قلعو آهي،
سو مون کي ڪڏهن بہ لوڏو ڪونہ ايندو.
7 بيشڪ منهنجو بچاءُ،
۽ منهنجو شان وَ شوڪت خدا جي طرفان ئي آهي.
اهو ئي منهنجو مضبوط محافظ آهي،
هائو، خدا ئي منهنجي جاءِپناهہ آهي.

8 اي منهنجي قوم وارؤ!
اوهين هر وقت انهيءَ تي ئي ڀروسو رکو.
اوهين پنهنجي دل جون ڳالهيون خدا آڏو کولي رکو،
هو ئي تہ اسان جي پناهہ آهي.

9 سڀيئي انسان ڀوءِ ادنيٰ هجن توڙي اعليٰ،
سي بي‌بقا ۽ رڳو ٺڳيءَ جو ناهہ آهن.
جيڪڏهن اهي تارازيءَ ۾ توريا وڃن تہ بلڪل ئي هلڪا نڪرن.
هائو، اهي سڀ جو سڀ هڪ ڦوڪ کان بہ هلڪا آهن.

---

62 عنوان 1.توا 41:16

10 اوهين ظلم تي ڀروسو نہ رکو،
۽ نہ وري ڦرمار تي مغرور ٿيو.
جيڪڏهن اوهان جي دولت وڌي بہ وڃي،
تہ انهيءَ تي دارومدار نہ رکو.

11-12 خدا هڪڙي ڳالهہ فرمائي آهي تہ
”قدرت مون خدا جي آهي.“
پر ان کان علاوه مون ڪانئس اهو بہ ٻڌو آهي تہ
”دائمي شفقت پڻ مون ڌڻيءَ کان ئي آهي.“
بيشڪ اي خدا! تون هر ڪنهن کي
سندس عمل موجب ئي بدلو ڏين ٿو.

## زبور 63
## خدا لاءِ اُڪير
( دائود پنهنجو هي زبور ان وقت چيو جڏهن هو يهوداه جي بيابان ۾ هو. )

1 اي خدا! تون منهنجو خدا آهين.
آءٌ دل سان تنهنجو طالبو آهيان،
انهيءَ خشڪ ۽ پياسي زمين جيان،
جيڪا پاڻيءَ لاءِ سِڪندي هجي.
منهنجي جان تنهنجي پياسي ۽ منهنجو بدن تو لاءِ مشتاق آهي.
2 ڪاش، آءٌ مقدس خيمي ۾ اچي تو لاءِ واجهايان،
تان‌تہ آءٌ تنهنجي قدرت ۽ تنهنجو جلوو ڏسان!
3 بيشڪ تنهنجي دائمي شفقت مون لاءِ حياتيءَ کان بہ بهتر آهي.
منهنجي زبان سدائين تنهنجي تعريف پيئي ڪندي.
4 جيستائين آءٌ جيئرو رهندس،
تو کي سڳورو چوندو رهندس.
تنهنجو نالو وٺي دعا لاءِ پنهنجا هٿڙا پيو کڻندس.
5 آءٌ مُرڪندڙ چپن سان تنهنجي واکاڻ پيو ڪندس،
ائين آءٌ جڻ سٺيا سٺيا طعام کائي ڍءُ ڪندس.

6 آءٌ جڏهن بہ هنڌ تي سمهندس، تو کي ياد ڪندس.
رات جي هر ڪنهن پهر ۾ تون ئي منهنجي سوچن ۾ هوندين.
7 ڇالاءِجو تون سدائين منهنجو مددگار رهيو آهين.
تنهنجي پرن جي ڇاپي ۾ آءٌ خوشيءَ وچان پيو ڳايان ٿو.
8 مون دل وَ جان سان تنهنجو دامن پڪڙيو آهي،
۽ تنهنجو زورآور هٿ مون کي سنڀالي ٿو.

9 پر جيڪي ماڻهو منهنجي جان وٺڻ ٿا گهرن،
شال اهي سڀ پاتال منجهہ وڃي پون!
10 شال انهن کي تلوار جي حوالي ڪيو وڃي،
۽ سندن لاش بگهڙن جو کاڄ بڻجن!
11 خدا جي انهيءَ سوڀ ڏيڻ تي آءٌ بادشاهہ خوشيون ڪندس.

بيشڪ جيڪو خدا جو قسم کڻي ٿو،
سو سندس واکاڻ ڪندو،
جڏهن تہ ڪوڙ ڳالهائڻ وارن جو وات بند ڪيو ويندو.

## زبور 64
## ايذائيندڙن کان بچاءُ لاءِ دعا
(استاد موسيقار لاءِ، دائود جي زبورن ۾ شامل)

1 اي خدا! منهنجو فرياد ٻڌ.
تون مون کي خوفناڪ دشمنن کان محفوظ رک.
2 مون کي بڇڙن جي ڳجهين سازشن کان محفوظ رک،
۽ بدڪارن جي شر ۽ فساد کان مون کي لڪائي ڇڏ.

3 اهي پنهنجون زبانون تلوار جهڙيون تکيون ٿا ڪن،
بلڪ سخت لفظن جا تير هڻڻ لاءِ پنهنجا تيرڪمان ڇڪين ٿا،
4 ۽ تاڙ ڪري اوچتو ئي بيڏوهن کي تير ٿا هڻن،
۽ ڪنهن کان بہ نہ ٿا ڊڄن.
5 هو بڇڙن ڪمن ڪرڻ جي لاءِ هڪٻئي کي همٿائين ٿا.
اهي ڳجهيءَ طرح سان ڦندو وجهڻ لاءِ منصوبا ٿا جوڙين،
۽ هيئن چون ٿا تہ ”اسان کي ڪير تو ڏسي سگهي؟“
6 اهي بڇڙائيءَ وارا منصوبا جوڙين ٿا ۽ چون ٿا تہ
”اسان جيڪا سازش سِٽي آهي سا بلڪل مڪمل آهي.“
بيشڪ جيڪي ڳالهيون انسان جي دل ۽ دماغ اندر آهن،
تن کي ڪو بہ ڄاڻي نہ ٿو سگهي.

7 مگر خدا انهن کي پنهنجي تيرن سان ڇُٽيندو،
۽ پوءِ اوچتو ئي اوچتو اُهي ڦٽڪو ڪري ڪرندا.
8 سندن ئي زبان سندن بربادي‌ءَ جو سبب بڻبي،
۽ پوءِ جيڪو بہ انهن کي ڏسندو،
سو حيرت وچان پنهنجو ڪنڌ ڌوڻيندو.
9 تڏهن سڀيئي ماڻهو ڊڄندا ۽ خدا جا اهي ڪم بيان ڪندا،
۽ چڱيءَ طرح سان سندس انهن ڪمن تي غور ڪندا.
10 سچار ماڻهو خداوند جي انهن ڪمن تي خوشيون ملهائيندا.
انهن کي خدا جي پناهہ حاصل ٿيندي،

12–11:62 ايو 34:11، ير 17:10، مت 27:16، رو 6:2، مڪا 23:2   63 عنوان 1.سم 14:23

۽ اهي سڀيئي دل جا سچار مٿس فخر ڪندا.

## زبور 65
### واکاڻ ۽ شڪرگذاري
(استاد موسيقار لاءِ هڪ گيت، دائود جي زبورن ۾ شامل)

1 اي خدا! *صيئون ۾ تنهنجي واکاڻ ڪرڻ لازم آهي،
۽ اهو به ته تو وٽ باسيل باسون پوريون ڪيون وڃن.

2 اي دعائون قبول ڪرڻ وارا!
سڄيءَ دنيا جا ماڻهو تو وٽ ايندا.
3 جڏهن اسان جا گناهہ اسان تي غالب ٿين ٿا،
تڏهن تون ئي اهي معاف ڪرين ٿو.

4 سڀاڳا آهن اهي ماڻهو،
جن کي تون چونڊي ويجهو ٿو آڻين،
تان‌ته اهي اچي تنهنجي بارگاهہ ۾ رهن.
شال اسين تنهنجي گهر جي چڱين شين مان آسودا ٿيون،
يعني مقدس هيڪل جون برڪتون ماڻيون.

5 تون سچائيءَ وارن هيبتناڪ معجزن جي وسيلي
اسان جا عرض اگهائين ٿو.
اي اسان جا بچائيندڙ خدا! تون سڄيءَ دنيا جو،
بلڪ جيڪي سمنڊ کان پري رهن ٿا تن سڀني جو به آسرو آهين.
6 اي خدا! تون جيڪو پوريءَ طرح قادر آهين،
سو جبلن کي پنهنجيءَ قدرت سان قائم رکين ٿو.
7 سمنڊن جي گجگوڙن کي ۽ انهن جي چولين جي شور کي،
بلڪ قومن جي هنگامن کي به تون ئي سانت ڪرائين ٿو.
8 تنهنجي انهن معجزن کان ڌرتيءَ جا سڀ رهاڪو ڊڄن ٿا،
۽ اڀرندي کان وٺي الهندي تائين هو خوشيون ملهائين ٿا.

9 اي خدا! تنهنجو درياءُ ٽمٽار آهي.
تون زمين تي مهر جي نظر ڪري ان کي ريج ڏين ٿو،
۽ انهيءَ کي سرسبز ڪرين ٿو.
انهيءَ ريت زمين کي تيار ڪري،
تون ماڻهن لاءِ اناج مهيا ڪرين ٿو.
10 هر ڏيئي ٻج وڌل ٻنيءَ کي تون مينهن وسائي ريج ڏين ٿو.
هائو، ائين ٻنيءَ کي نرم ڪري
ان جي پيداوار ۾ تون برڪت وجهين ٿو.
11 تنهنجي ڀلائيءَ سان سڄي سال لاءِ جهجهو اناج ملي ٿو.
جڏهن تون ڌرتيءَ تي قدم ڌرين ٿو تڏهن اڻمَئي پيداوار ملي ٿي.
12 تون سڀني چراگاهن ۾ جهجهي ساوڪ پيدا ڪرين ٿو،
ائين ٿو لڳي جو ٽڪريون به خوشي ملهائين پيون.
13 انهن چراگاهن تي ڌڻن جا ڌڻ چانئجي ويا آهن،
۽ ماٿريون پڻ اناج سان ڍڪجي ويون آهن.
هر شيءِ ڄڻ ته نعرا هڻي خوشيءَ منجهان گيت پيئي ڳائي.

## زبور 66
### واکاڻ ۽ شڪرگذاريءَ جو گيت
(استاد موسيقار لاءِ زبور، هڪ گيت)

1 اي ڌرتيءَ جا سڀيئي رهاڪؤ!
خدا جي حضور ۾ خوشيءَ جو نعرو هڻو.
2 اوهين سندس نالي جي عظمت جا گيت ڳايو،
هائو، اوهين سندس شاندار واکاڻ بيان ڪريو.
3 اوهين خدا کي هيئن چئو ته
”تنهنجا ڪم ڪيڏا نہ هيبتناڪ آهن،
تنهنجي عظيم قدرت جي ڪري
دشمن به اچي تنهنجي پيش ٿا پون.
4 ساري ڌرتي تو کي سجدو ڪندي ۽ تنهنجا گيت ڳائيندي.
هائو، اُهي تنهنجي نالي جا گيت پيا ڳائيندا.“

5 اچو، اچي ڏسو ته خدا ڇا ڇا ڪيو آهي.
هو بني آدم جي وچ ۾ هيبتناڪ ڪم ٿو ڪري.
6 هن سمنڊ کي ڦيرائي سڪي زمين ڪري ڇڏيو هو،
۽ درياءَ کي پڻ،
ته جيئن اسان جا ابا ڏاڏا انهيءَ مان پيادل لنگهي وڃن.
اچو ته سندس انهن ڪمن جي ڪري اسين خوشيون ملهايون.
7 هو پنهنجيءَ قدرت سان هميشہ جي لاءِ حڪمران آهي.
سندس اکيون قومن کي ڏسنديون ٿيون رهن،
سو ڪوبہ خدا جي خلاف بغاوت نہ ڪري.
8 اي قومون! اسان جي خدا کي سڳورو چئو.
اوهين بلند آواز ۾ سندس ساراهہ ڪريو.
9 هن اسان جي پيرن کي پاتال ۾ ڪرڻ کان بچايو آهي،
هائو، هن اسان کي موت کان بچائي ورتو آهي.

---

*صيئون: يعني يروشلم شهر.

6:66 خر 21:14–22، يش 14:3–17

10 بيشڪ اي خدا! تو اسان کي آزمائي ڇڏيو آهي،
جيئن چانديءَ کي پرکبو آهي تيئن تو اسان کي پرکيو آهي.
11 تو اسان کي ڦنديءَ ۾ ڦاسائي ڇڏيو هو،
۽ اسان جي پٺيءَ تي ڳرو بار رکيو هو.
12 تو ئي اسان جي سرن مٿان دشمنن کي گذاريو هو.
بلڪ اسين باهه ۽ پاڻيءَ جهڙين مصيبتن مان به گذريا هئاسين.
پر تو هاڻي اسان کي ڪيڏي آباد هنڌ تي آندو آهي.

13 آءٌ تنهنجي گهر ۾ ساڙڻ واريون قربانيون کڻي ايندس،
۽ پنهنجون باسون تو وٽ اچي پوريون ڪندس.
14 هائو، اهي باسون جيڪي مصيبت جي وقت
منهنجي چپن مان نڪتيون هيون،
۽ مون پنهنجي زبان سان اهي باسيون هيون.
15 سو آءٌ گهٽن، ڏڳن ۽ ٻڪرن جون قربانيون
تنهنجي لاءِ ساڙي پيش ڪندس.
هائو، انهن ٿلهن متارن جانورن جون قربانيون،
جن جي خوشبوءِ تنهنجي حضور اچي پهچي.

16 اوهين سڀ جيڪي خدا جو خوف ٿا رکو سي اچي ٻڌو،
آءٌ اوهان کي ٻڌائيندس ته هن مون لاءِ ڇا ڇا ڪيو آهي.
17 مون ڪيس وڏي آواز سان مدد جي لاءِ پڪاريو هو،
۽ پنهنجيءَ زبان سان سندس واکاڻ ڪئي هيم.
18 جيڪڏهن منهنجيءَ دل ۾ ڪا به بڇڙائي سانڍيل هجي ها،
ته منهنجو رب منهنجي بلڪل ڪين ٻڌي ها.
19 مگر خدا سچ پچ منهنجي ٻڌي آهي،
۽ منهنجي دعا واري آواز تي ڌيان ڏنو اٿائين.

20 بيشڪ خدا سڳورو آهي،
جنهن نه ته منهنجي دعا رد ڪئي آهي،
۽ نه ئي وري مون تان پنهنجي دائمي شفقت هٽائي اٿائين.

## زبور 67
### پيداوار لاءِ شڪرگذاري
(استاد موسيقار لاءِ هدايت: هي زبور تار
وارن سازن تي ڳايو وڃي. هڪ گيت)

1 شال خدا اسان تي رحم ڪري ۽ اسان کي برڪت عطا ڪري!
شال هو اسان تي پنهنجي ڪرم جي نظر فرمائي!
2 تان‌ته سڄيءَ دنيا تي سندس واٽ پڌري ٿئي.
هائو، جيئن سڀني قومن کي سندس ڇڏائڻ واري قدرت نظر اچي.
3 اي خدا! شل ماڻهو تنهنجي تعريف ڪندا رهن!
هائو، شل سڀيئي ماڻهو تنهنجي واکاڻ ڪندا رهن!

4 شال قومون خوشيون ڪن ۽ سرهائيءَ جا گيت ڳائين!
ڇوجو تون سچائيءَ سان ماڻهن جو انصاف ڪرين ٿو،
۽ ڌرتيءَ جي سڀني قومن جي رهنمائي ڪرين ٿو.
5 اي خدا! شل ماڻهو تنهنجي تعريف ڪندا رهن!
هائو، شل سڀيئي ماڻهو تنهنجي واکاڻ ڪندا رهن!

6 زمين پنهنجي پيداوار وڌائي ڏني آهي.
هائو، اسان جي خدا اسان کي برڪت عطا ڪئي آهي.
7 بيشڪ خدا ئي اسان کي برڪت ڏني آهي.
شل ساري ڌرتيءَ جا ماڻهو کيس تعظيم ڏين!

## زبور 68
### خدا جي فاتحانه آمد
(استاد موسيقار لاءِ، دائود جي زبورن ۾ شامل، هڪ گيت)

1 شال خدا اُٿي کڙو ٿئي،
۽ پنهنجي دشمنن کي ڪٽو ڪٽو ڪري ڇڏي!
جيڪي کانئس نفرت ٿا رکن،
سي شل شڪست کائي سندس اڳيان ڀڄي وڃن!
2 جيئن دونهون اُڏامي وڃي ٿو تيئن شل هو کين اُڏائي ڇڏي!
خدا آڏو بڇڙا شل ائين فنا ٿين جيئن ميڻ باهه تي رجي وڃي ٿي.
3 پر سچار ڀلي خوشيون ڪن ۽ خدا جي حضور ۾ سرها ٿين.
هائو، هو ڀلي خوشين وچان گد گد پيا ٿين.

4 خدا جي حضور ۾ گيت ڳايو،
۽ سندس نالي جي تعريف ڪريو.
جيڪو بادلن جو سوار آهي تنهن جو شان بيان ڪريو.
جنهن جو نالو خداوند آهي تنهن جي حضور ۾ سرها ٿيو.

5 خدا، جيڪو پنهنجيءَ پاڪ جاءِ اندر رهي ٿو،
سو يتيمن جو پيءُ ۽ رنن‌زالن جو پرجهلو آهي.
6 خدا اڪيلن ماڻهن کي خاندانن وارو ڪري ٿو.
هو قيدين کي ڇڏائي ٿو ۽ کين خوشحال ڪري ٿو،
پر جيڪي فسادي ماڻهو آهن سي ئوٽ زمين ۾ رهن ٿا.

7 اي خدا! جڏهن تون پنهنجي قوم جي اڳيان پئي هلئين،
هائو، جڏهن تون انهن سان بيابان جي وچ مان لنگهيو هئين،

8 تڏهن ڌرتي ڌُڏي ويئي هئي ۽ تو آڏو آسمان وَٺا هئا،
هائو، تنهنجي سينا جبل تي ظاهر ٿيڻ سان،
تو بني اسرائيل جي خدا جي آڏو.
9 تو پنهنجي ميراث واري ملڪ ۾ جهجهو مينهن وسايو هو.
جڏهن ملڪ ٿوٽ ٿي رهيو هو،
تڏهن تو انهيءَ کي تازگي بخشي هئي.
10 پوءِ تنهنجي قوم اچي انهيءَ ۾ رهڻ لڳي هئي.
اي خدا! تو پنهنجيءَ مِهر سان
غريبن جي ضرورتن کي پورو ڪيو هو.

11 پنهنجي ڌڻيءَ جي حڪم مطابق
عورتن جي وڏي انبوه هيءَ خوشخبري ٻڌائي پئي ته
12 ”بادشاهہ پنهنجي لشڪرن سوڌا پوئتي هٽي پڄندا ٿا وڃن.
هاڻ گهرن ۾ ويٺل عورتون سندن لٽ جو مال پيون ورهائين.
13 سو انهيءَ مان اوهان کي بہ ملندو،
جيڪي لڪي وڃي رڍن جي واڙن ۾ ستا هئا.
انهيءَ مال ۾ ڪبوترن جون مورتيون آهن،
جن جا پر چانديءَ جا آهن،
۽ انهن جا کنڀ نج سون سان ڍڪيل آهن.“

14 قادرِمطلق خدا بادشاهن کي ائين ڪٽو ڪٽو ڪري ڇڏيو،
جيئن سلمون جبل تي هوا سان برف ڪري ٿي.

15 بسن جا جبل گهڻا وڏا جبل آهن،
اهي جبل گهڻين چوٽين وارا آهن.
16 اي بسن جا اوچا پهاڙؤ!
اوهين صيئون جبل کي ڇو ٺيڏيءَ اک سان ڏسو ٿا،
جنهن کي خدا پنهنجي رهڻ جي لاءِ پسند ڪيو آهي؟
هائو، جنهن تي خداوند هميشہ هميشہ تائين رهندو.
17 خدا پنهنجي بي‌شمار جنگي گاڏين سان،
بلڪ هزارين لکين گاڏين سان،
سينا جبل تان پنهنجي مقدس جاءِ ۾ آيو.
18 هو بلند جبل تي چڙهي آيو،
۽ قيدين کي ساڻ وٺي آيو.
هن ماڻهن کان خراج ورتو آهي،
بلڪ انهن فسادين کان بہ ورتو اٿائين،
جن نہ ٿي چاهيو تہ خداوند خدا اُتي رهي.

19 بيشڪ پروردگار سگهورو آهي.
اهو روز اسان جا بار کڻي ٿو،
۽ اهو ئي اسان جو ڇڏائيندڙ آهي.
20 اسان جو خدا بچائڻ وارو خدا آهي.
هائو، موت کان بچائيندڙ رڳو خداوند خدا ئي آهي.

21 خدا پنهنجي دشمنن جو مٿو ڀڃي ڇڏيندو.
هائو، جيڪي گناهہ ڪندا ٿا وتن تن جون هو کوپڙيون ڀڃندو.
22 ڌڻيءَ فرمايو آهي تہ
”اي بني اسرائيل! آءٌ انهن دشمنن کي
اوچي جبل بسن تان بہ موٽائي ايندس،
بلڪ سمنڊ جي اونهاين مان بہ وري موٽائي آڻيندس،
23 تان‌تہ اوهين انهن جي رت ۾ پير ٻوڙيندا هلو.
هائو، اوهان جا ڪتا پڻ انهن دشمنن جو رت چٽيندا.“

24 اي خدا! هر ڪو تنهنجي فاتحانہ آمد ڏسي پيو.
هائو، سڀ ماڻهو تو منهنجي خدا، منهنجي بادشاهہ جي
مقدس جاءِ ۾ آمد ڏسن پيا.
25 اڳيان اڳيان ڳائڻ وارا ۽ پنيان پنيان وڄائڻ وارا آهن،
وچ ۾ ڪنواريون ڇوڪريون آهن جيڪي دف ٿيون وڄائين.
26 هو ڳائين ٿا تہ
”هيڪل جي وڏي گڏجاڻيءَ ۾
اوهين پنهنجي خدا کي سگهورو چئو.
اوهين جيڪي يعقوب جو نسل آهيو،
سي پنهنجي ڌڻيءَ کي سگهورو چئو.“
27 بنيامين قبيلو جيڪو سڀني کان ننڍو آهي،
سو انهن سڀني جي اڳواڻي ڪري ٿو.
پوءِ يهوداہ جا اڳواڻ پنهنجي انبوہ سان،
۽ پوءِ زبولون ۽ نفتاليءَ جا اڳواڻ پڻ.

28 اي خدا! تون پنهنجي قدرت کي ظاهر ڪر.
هائو، اي خدا! ساڳي ئي قدرت،
جنهن سان تو اسان جي مدد ڪئي هئي.
29 اها ئي قدرت تون هيڪل مان ظاهر ڪر،
جيڪا يروشلم ۾ آهي،
جتي بادشاهہ تنهنجي لاءِ نذرانا ٿا آڻين.
30 *جيڪي وحشين جيان ڪانن وارن ٻوڙن ۾ رهن ٿا،
۽ انهن قومن جا اڳواڻ ۽ عام ماڻهو،

*جيڪي وحشين جيان ڪانن وارن ٻوڙن ۾ رهن ٿا: گهڻو ڪري هي مصر ملڪ وارن ڏانهن اشارو آهي، جن کي نيل نديءَ جي وحشي جانورن مثل سمجهيو ويندو هو.

8:68 خر 19:16-20 18:68 اف 4:8

جيڪي جهنگلي سانَن ۽ انهن جي ٻچن جيان آهن،
تن سيني کي تون چيڀ ڪڍ،
جيستائين اهي اچي تو کي سجدو نہ ڪن،
۽ تو آڏو چاندي پيش نہ ڪن.
اهڙين قومن کي تون ڪٽو ڪٽو ڪري ڇڏ،
جيڪي جنگ ڪرڻ ۾ خوش ٿين ٿيون.
31 هاڻ مصر ملڪ مان سفير نذرانا کڻي ايندا،
۽ *سوڊان جا ماڻهو دعا لاءِ پنهنجا هٿ خدا آڏو ڊگهيريندا.

32 اي دنيا جون بادشاهتون! اوهين خدا جا گيت ڳايو،
اوهين ڌڻيءَ جي واکاڻ جا گيت ڳايو.
33 هائو، انهيءَ جي واکاڻ ڳايو،
جيڪو آسمانن تي سواري ڪري ٿو،
انهن آسمانن تي جيڪي ازل کان قائم آهن.
ڏسو، هو پنهنجو آواز ٻڌائي ٿو،
جيڪو قدرت وارو آواز آهي.
34 اوهين خدا جي قدرت جو بيان ڪريو،
جنهن جي بني اسرائيل جي ملڪ ۾ تعظيم ڪئي وڃي ٿي.
سندس قدرت آسمانن مان ظاهر آهي.
35 اي خدا! تون پنهنجيءَ مقدس جاءِ ۾
ڪيڏو نہ هيبتناڪ آهين،
اي بني اسرائيل جا خدا!
تون پنهنجيءَ قوم کي زور ۽ طاقت بخشين ٿو.

شال خدا سڳورو هجي.

## زبور 69

### ستايل جو فرياد

(استاد موسيقار لاءِ هدايت: هي ”سوسن“ جي سُر تي
ڳايو وڃي. دائود جي زبورن ۾ شامل)

1 اي خدا! تون مون کي بچاءِ،
ڇوجو پاڻي منهنجي ڳچيءَ تائين اچي پهتو آهي.
2 آءٌ اونهيءَ ڊبڻ ۾ لهندو ٿو وڃان،
جنهن ۾ بيهڻ جي جاءِ ڪانهي.
آءٌ اونهي پاڻيءَ ۾ اچي پيو آهيان،
۽ ڇوليون منهنجي مٿان گذرن ٿيون.
3 دانهون ڪندي ڪندي آءٌ ٿڪجي پيو آهيان،
۽ نڙي بہ سُڪي ويئي اٿم.
اي منهنجا خدا! تنهنجي راهہ ڏسندي ڏسندي
منهنجيون اکيون بہ ضعيف ٿي ويون آهن.

4 جيڪي بنا سبب مون سان دشمني رکن ٿا،
سي مٿي جي وارن کان بہ گهڻا آهن.
جيڪي ناحق منهنجا مخالف بڻيا آهن،
سي زورآور آهن ۽ مون کي تباهہ ڪرڻ گهرن ٿا.
جيڪي مون ڪڏهن چورايو ئي ڪونهي،
سو هو مون کان واپس وٺڻ گهرن ٿا.

5 اي خدا! منهنجي ناداني‌ءَ کي تون ئي ٿو ڄاڻين،
منهنجا گناهہ تو کان ڳجها ڪين آهن.
6 اي خداوند، قادرِمطلق خدا! جيڪي تو تي توڪل رکن ٿا،
سي شل منهنجي ڪري ڪڏهن شرمندا نہ ٿين!
اي بني اسرائيل جا خدا!
منهنجي ڪري تنهنجا طالب بدنام نہ ٿين.
7 ڇالاءِ جو مون تنهنجي خاطر ايذا تہ طعنا سَٺا آهن،
جو آءٌ بي‌عزتين ۾ ٻڏي ويو آهي.
8 پنهنجن مٽن مائٽن وٽ آءٌ ڌاريو ٿي پيو آهيان،
بلڪ پنهنجيءَ ئي ماءُ جي اولاد وٽ آءٌ اجنبي ٿي پيو آهيان.
9 منهنجي اندر ۾ تنهنجي گهر لاءِ ايتري تہ غيرت آهي،
جو جيڪي طعنا تو کي ٿا هنيا وڃن سي مون تي ٿا اچيو پون.
10 جڏهن مون روزو رکي پنهنجيءَ جان کي ڏک ڏنو،
تڏهن انهيءَ جي لاءِ بہ مون کي مهڻا ئي مهڻا ٿا ملن.
11 جڏهن مون ڏک وچان کٿي کي پنهنجو لباس بڻايو هو،
تڏهن انهيءَ جي لاءِ بہ آءٌ چرچو بڻجي ويو هوس.
12 جيڪي شهر جي چونڪن ۾ ٿا ويهن،
سي مون تي ٺٺوليون ٿا ڪن،
بلڪ جيڪي نشئي آهن سي بہ مون تي راڳ ٿا ناهين.

13 پر اي خداوند! آءٌ تو کان دعا گهران ٿو.
پنهنجي قبوليت جي وقت تي تون ان کي اگهاءِ.
اي خدا! پنهنجي دائمي پاجهہ سان منهنجي مدد ڪر،
۽ پنهنجو بچائڻ وارو واعدو پورو ڪر.
14 تون مون کي ڊبڻ ۾ ٻڏڻ نہ ڏي،
بلڪ پاڻيءَ جي اونهاين مان مون کي بچائي وٺ.
هائو، منهنجي دشمنن کان مون کي ڇڏائي وٺ.

*سوڊان: عبرانيءَ ۾ ”ڪُوش“ لکيل آهي. انهن ڏينهن ۾ هي علائقو موجوده ايٿوپيا ۽ سوڊان ملڪن جي ڪجھ حصي تي مشتمل هو.

69:4 زب 35:19، يو 15:25    69:9 يو 2:17، رو 15:3

15 اٸين نہ ٿئي جو اھا ٻوڏ مون کي ٻوڙي ڇڏي،
يا آءٌ اُونھي سمنڊ ۾ غرق ٿي وڃان،
يا وري قبر مون کي ڳھي وڃي.
16 اي خداوند! منھنجو عرض ٻڌ،
ڇوجو تنھنجي دائمي شفقت ڪيڏي نہ چڱي آھي.
ھائو، تون پنھنجي بيحد ٻاجھہ جي ڪري مون تي ڌيان ڏي.
17 تون پنھنجي ھن ٻانھي کان منھن نہ موڙ،
بلڪ منھنجو عرض جلد اگھاءِ،
ڇوجو آءٌ مصيبت ۾ مبتلا آھيان.
18 اي خدا! اچ، اچي منھنجي جان ڇڏاءِ،
۽ منھنجي دشمنن کان مون کي بچاءِ.

19 تون منھنجي مھڻن، بيعزتين ۽ بدناميءَ کان واقف آھين.
جيڪي بہ منھنجا دشمن آھن سي سڀ تنھنجي سامھون آھن.
20 مھڻن منھنجي دل ڀڃي وڌي آھي،
۽ آءٌ ڏاڍو غمگين ٿي پيو آھيان.
مون واجھايو پئي تہ من ڪنھن کي ڪھل پوي،
پر اھڙو ڪوبہ ڪونہ ھو.
مون ڏٺو پئي تہ من ڪو مون کي دلاسو ڏئي،
پر اھڙو ڪوبہ ڪونہ مليو.
21 ھنن مون کي کائڻ جي لاءِ تُوھہ جو ڦل ڏنو ھو،
۽ جڏھن آءٌ اڃايل ھيس تہ مون کي سرڪو پياريو ھئائون.

22 شل سندن پنھنجو ئي دسترخوان سندن لاءِ ڦندو ثابت ٿئي!
شل انھن جون ئي مذھبي دعوتون سندن لاءِ ڄار ثابت ٿين!
23 شل سندن اکيون انڌيون ٿين، تانتہ ھو ڏسي نہ سگھن!
شل انھن جون ڇيلھيون سدائين پيون ڏڪنديون رھن!
24 تون انھن جي مٿان پنھنجو سخت غضب نازل ڪر.
شال اھي تنھنجي قھر وَ غضب سان بلڪل ئي وڪوڙجي وڃن!
25 شال سندن رھڻ جون جايون بلڪل اُجڙي وڃن!
ھائو، شال انھن جي گھرن ۾ ڪو جيئرو باقي نہ رھي!
26 ڇوجو ھو تن کي ئي ستائين ٿا جن کي تو سزا ڏني آھي،
۽ تن جي ئي ڦٽن تي لوڻ ٿا ٻرڪن جن کي تو زخمي ڪيو آھي.
27 تون سندن ڪلھن تي ڏوھہ مٿان ڏوھہ پيو چاڙھہ،
۽ سندن ھڪڙو بہ ڏوھہ معاف نہ ڪر.
28 تون زندگيءَ واري ڪتاب منجھان سندن نالا مٽائي ڇڏ،
۽ سندن نالا سچارن جي نالن سان گڏ داخل ٿيڻ نہ ڏي.

29 پر آءٌ ڏکويل ۽ غمگين آھيان.
اي خدا! تون مون کي بچائي پنھنجي پناھہ ۾ رک.

30 آءٌ گيت ڳائيندي خدا جي نالي جي واکاڻ ڪندس،
۽ شڪرگذاريءَ سان انھيءَ جي تعظيم بيان ڪندس.
31 بيشڪ ڍورن ڍڳن جي قربانيءَ کان وڌيڪ
سندس تعريف ڪرڻ بھتر آھي.
ھائو، جانورن جي قربانين کان وڌيڪ
خداوند کي اھو ئي پسند آھي.
32 خدا جو بچائڻ ڏسي مظلوم خوشيون ڪندا،
۽ خدا جي طالبن جا حوصلا بلند ٿيندا.
33 ڇالاءِجو خداوند محتاجن جي ٻڌي ٿو،
۽ قيد ۾ پيل پنھنجي ماڻھن کي وساري نہ ٿو ڇڏي.

34 اي زمين وَ آسمان! اوھين انھيءَ جي واکاڻ ڪريو،
۽ اي سمنڊؤ! اوھين ۽ اوھان ۾ جو ڪجھہ گھمي ڦري ٿو،
سي پڻ انھيءَ جي تعريف ڪريو.
35 ڇالاءِجو خدا *صيئون کي بچائيندو،
۽ يھوداہ جا ٻيا شھر پنھنجي قوم لاءِ وري جوڙيندو.
پوءِ خدا پنھنجن انھن ٻانھن کي
پنھنجي ورثي ۾ ڏنل انھيءَ ملڪ ۾ رھائيندو.
36 سندن اولاد پڻ انھيءَ ملڪ جو وارث ٿيندو.
ھائو، خدا جي نالي سان محبت رکندڙ اھي منجھس پيا رھندا.

## زبور 70
(زبور 40:13–17)

### اِلاھي مدد لاءِ دعا

(استاد موسيقار لاءِ ھدايت: ھي خداوند کي يادگيري
ڏيارڻ لاءِ ڳايو وڃي. دائود جي زبورن ۾ شامل)

1 اي خدا! مون تي ٻاجھہ ڪري اچي مون کي ڇڏاءِ.
اي خداوند! ھاڻي جلدي اچي منھنجي مدد ڪر.
2 جيڪي منھنجي جان وٺڻ چاھين ٿا،
سي سڀ شل خوار خراب ٿين ۽ منجھي پون!
جيڪي مون کي نقصان پھچائڻ ٿا چاھين،
شل سي ذليل وَ خوار ٿي پٺ ڏيئي ڀڄيو وڃن!
3 جيڪي ماڻھو رونشي طور مون تي ”اِيھو، اِيھو،“ ڪن ٿا،

*صيئون: يعني يروشلم شھر.

21:69 مت 27:48، مر 15:36، لو 23:36، يو 19:28–29   23–22:69 رو 11:9–10   25:69 رس 1:20
28:69 خر 32:32، مڪا 3:5، 13:8، 17:8

شل سي شڪست کائي خوار خراب ٿين!

4 شل تنهنجا سڀ طالبو
تنهنجي ڪمن ڪري خوشيون ڪن ۽ سرها ٿين!
جيڪي تنهنجي طرفان ڇڏائڻ جا سڪايل آهن،
شل سي سدائين پيا چوندا رهن تہ
”خدا ڪيڏو نہ عظيم آهي!“

5 اي خدا! آءٌ مسڪين ۽ محتاج آهيان،
جلدي اچي منهنجي مدد ڪر.
اي خداوند! تون ئي منهنجو مددگار ۽ بچائيندڙ آهين،
سو دير نہ ڪر.

## زبور 71

### هڪ ٻڍڙي ماڻهوءَ جي دعا

1 اي خداوند! آءٌ تنهنجي پناهہ تہ ورتان.
مون کي تون ڪڏهن بہ شرمندو ٿيڻ نہ ڏجانءِ.
2 پنهنجي سچائيءَ موجب اچي مدد ڪري مون کي بچاءِ،
تون مون ڏانهن پنهنجو ڪن ڏي ۽ مون کي بچائي وٺ.
3 مون لاءِ تون پناهہ جو ٽڪر ۽ مضبوط قلعو ٿيءُ،
تان‌تہ آءٌ تنهنجي حفاظت منجهہ پيو رهان،
ڇالاءِجو تون ئي تہ منهنجو محافظ ۽ منهنجو قلعو آهين.
4 اي منهنجا خدا! مون کي بدڪار ماڻهوءَ جي هٿان ڇڏاءِ.
هائو، تون مون کي بڇڙي ۽ ظالم ماڻهوءَ کان اچي ڇڏاءِ.

5 ڇالاءِجو اي خداوند خدا! تون ئي تہ منهنجي اميد آهين.
ننڍپڻ کان وٺي منهنجو ڀروسو تو تي ئي آهي.
6 منهنجي ڄمڻ کان وٺي منهنجو اعتماد تو تي رهيو آهي.
تون مون کي منهنجي ماءُ جي پيٽ کان ئي
سنڀاليندو رهيو آهين.
آءٌ سدائين تنهنجي تعريف پيو ڪندس.

7 گهڻن ماڻهن جي نظر ۾ آءٌ حيرانيءَ جو سبب بڻيو آهيان،
پر تون ئي تہ آهين جيڪو منهنجي مضبوط پناهہ بڻيو آهين.
8 منهنجو وات تنهنجيءَ واکاڻ سان هر دم ڀرپور رهي ٿو.
هائو، آءٌ سڄو ڏينهن تنهنجي عظمت بيان ڪندو رهان ٿو.
9 مون کي ٻڍاپي جي وقت تي تون ڇڏي نہ ڏج.
هائو، انهيءَ هيڻائيءَ جي وقت مون کي وساري نہ ڇڏج.
10 منهنجا دشمن منهنجي خلاف ڳالهيون ڪن ٿا.
هائو، جيڪي مون کي مارڻ جي تاڙ ۾ آهن،
سي پاڻ ۾ گڏجي سازش سٽين ٿا.
11 اهي هيئن چون ٿا تہ
”خدا هن کي ڇڏي ڏنو آهي.
سو هن جي پٺيان پئي کيس پڪڙيو،
ڇوجو کيس ڇڏائڻ وارو ڪوئي ڪونهي.“

12 اي خدا! تون مون کان پري نہ ٿيءُ،
اي منهنجا خدا! جلدي اچي منهنجي مدد ڪر.
13 جيڪي منهنجو نقصان ٿا چاهين سي شل ذليل وَ خوار ٿين.
هائو، جيڪي مون تي تهمتون ٿا هڻن،
سي شل خوار خراب ٿي ناس ٿي وڃن.

14 پر آءٌ سدائين تو ۾ پنهنجي اميد پيو رکندس،
۽ تنهنجي واکاڻ وڌ کان وڌ پيو ڪندس.
15 آءٌ سارو ڏينهن
ڇڏائڻ وارين تنهنجي ڀلائين جو بيان پيو ڪندس.
هائو، انهن جي شمار جو ڪو ئي بہ اندازو ناهي.
16 آءٌ تو خداوند خدا جي قدرت جو بيان ڪندو رهندس.
هائو، آءٌ تنهنجي ڀلائين جو ذڪر پيو ڪندس.

17 اي خدا! منهنجي ننڍپڻ کان ئي
تون مون کي سيکاريندو آيو آهين.
آءٌ اڄ تائين تنهنجي عجيب ڪمن جو ذڪر ڪندو آيو آهيان.
18 سو جڏهن آءٌ پوڙهو ۽ اچي مٿي سان ٿيان،
تڏهن بہ مون کي ڇڏي نہ ڏجانءِ،
جيستائين ايندڙ پيڙهيءَ کي تنهنجي قدرت بابت نہ ٻڌايان.

19 اي خدا! تنهنجي سچائي آسمان کان بہ بلند آهي.
اي خدا! تو ڪيڏا نہ وڏا وڏا ڪم ڪيا آهن،
ڪير آهي جيڪو تنهنجي برابري ڪري سگهي!
20 تو مون کي گهڻين ۽ سخت تڪليفن ۾ پيڙي ڇڏيو آهي.
پر تون ئي مون کي انهيءَ پاتال مان ڪيڏي ٻاهر آڻيندين،
۽ هڪ نئين زندگي عطا ڪندين.
21 بيشڪ تون ئي منهنجي عزت کي وڌائيندين،
۽ مون کي نئين سر راحت بخشيندين.

22 اي منهنجا خدا! آءٌ سارنگي وڄائي،
تنهنجي وفا جي واکاڻ ڪندس.
اي بني اسرائيل جا پاڪ معبود!
آءٌ دنبورو وڄائي تنهنجي تعريف ڳائيندس.
23 تو مون کي ڇڏايو آهي،

سو آءٌ گيت ڳائيندي تنهنجي واکاڻ ڪندس.
هائو، آءٌ دل وَ جان سان خوشيون ملهائي تنهنجي تعريف ڪندس.
24 منهنجي زبان سچو ڏينهن
تنهنجي سچائيءَ جو بيان ڪندي رهندي،
ڇوته جن منهنجو نقصان پئي چاهيو،
سي شڪست کائي خوار خراب ٿيا آهن.

## زبور 72

## بادشاهه لاءِ دعا

(سليمان جو زبور)

1 اي خدا! بادشاهه کي پنهنجو انصاف عطا ڪر،
هائو، انهيءَ کي تون پنهنجي سچائي عطا ڪر.
2 تڏهن هو سچائيءَ سان تنهنجي قوم جي عدالت ڪندو،
۽ تنهنجي غريبن تي انصاف سان حڪمراني ڪندو.
3 پوءِ قوم لاءِ جبلن منجهان بہ خوشحالي پيدا ٿيندي.
هائو، سچائيءَ تي هلڻ سان ٽڪرن مان بہ امن وَ سلامتي ملندي.
4 شل بادشاهه قوم جي غريبن جو انصاف ڪندو رهي!
شل هو محتاجن کي بچائيندو ۽ ظالمن کي چيپاٽيندو رهي!
5 جيستائين سج ۽ چنڊ قائم رهي،
تيستائين شل پيڙهي بہ پيڙهي سندس بادشاهت قائم رهي!
6 جيئن فصل تي برسات پوندي آهي،
يا جيئن وسڪارو زمين کي پچائي ٿو،
تيئن شل بادشاهه برڪت بڻجي.
7 سندس ڏينهن ۾ شل سچار ماڻهو وڌن ۽ آباد ٿين!
جيستائين بہ سج چنڊ قائم رهي تيستائين خوشحالي رهي.

8 اولهه کان اوڀر تائين توڙي اتر کان ڏکڻ تائين،
هن جي ئي حڪومت پيئي هلندي.
9 رڻپٽ جا رهاڪو بہ هن جي اڳيان اچي جهڪندا،
۽ سندس دشمن مٽي چٽيندا.
10 ترسيس ۽ ٻيٽن جا بادشاهه هن لاءِ نذرانا آڻيندا.
صبا ۽ شبا ملڪن جا بادشاهه هن لاءِ سوغاتون آڻيندا.
11 سمورا بادشاهه اچي سندس آڏو جهڪندا،
۽ سموريون قومون اچي سندس خدمت ڪنديون.

12 محتاج جڏهن فرياد ٿو ڪري،
تڏهن بادشاهه کيس ڇڏائي ٿو.
هو انهيءَ غريب کي ڇڏائي ٿو جنهن جو ڪوبہ مددگار ڪونهي.
13 مسڪين ۽ محتاج تي هو ڪهل ٿو ڪري،
۽ انهن جون جانيون بچائي ٿو.
14 هائو، هو انهن کي ظلم ۽ زبردستيءَ کان بچائي ٿو،
ڇالاءِجو سندس نظر ۾ انهن جو رت بيحد قيمتي آهي.

15 سو شل بادشاهه سدائين جيئي،
۽ کيس شبا جو سون ڏنو وڃي!
شل هن لاءِ هر دم دعائون گهريون وڃن،
۽ کيس سدائين برڪتون عطا ٿين.
16 شال ملڪ ۾ جهجهو اناج ٿئي،
جيڪو جبلن جي چوٽيءَ تائين پيو جهولي!
شال انهيءَ جا فصل اهڙا گهاٽا ٿين،
جهڙا لبناني جابلو علائقي جا ٻيلا آهن!
شال انهيءَ جي شهرن جي آبادي ائين وڌي،
جيئن ڌرتيءَ جو گاهه وڌي ٿو!
17 شال انهيءَ جو نالو سدائين سگهورو رهي،
هائو، جيستائين آسمان ۾ سج قائم رهي.
شال سندس وسيلي دنيا جي سڀني قومن کي برڪت ملي،
۽ سڀيئي قومون هن لاءِ ڀلائي گهرن.

18 شل خداوند، بني اسرائيل جو خدا سگهورو هجي!
رڳو اهو ئي تہ اهڙا عجيب وَ غريب ڪم ڪري ٿو.
19 شل سندس عظمت وارو نالو هميشہ تائين سگهورو رهي!
شل هي سارو جهان سندس جلوي سان ڀرپور هجي!
آمين، ثم آمين.

20 هتي دائود ولد يسيءَ جون دعائون پوريون ٿيون.

# حصو ٽيون

(زبور 73–89)

## زبور 73

## خدا جو انصاف

(آسف جي زبورن ۾ شامل)

1 بيشڪ خدا بني اسرائيل تي مهربان آهي.
جيڪي پاڪ دل آهن تن تي هو مهربان آهي.
2 پر منهنجا پير ترڪڻ تي هئا،

---

72:8 زڪ 9:10

هائو، ذري گهٽ اعتماد ويو ٿي.
منهنجا قدم ٿاٻو کائڻ تي هئا،
هائو، ذري گهٽ ايمان ويو ٿي.
3 ڇالاءِجو جڏهن مون بڇڙن جي اقبالمندي ڏٺي،
تڏهن انهن مغرورن تي مون کي ريس آئي هئي.
4 هن ڪري جو اهي ڪوبہ ڏک ڪين ٿا ڏسن،
بلڪ تندرست ۽ مضبوط ٿا رهن.
5 هنن تي عام ماڻهن وانگر ڪو بوجهہ نہ ٿو پوي،
نڪي وري مٿن عام ماڻهن وانگر ڪا آفت ٿي اچي.
6 تنهنڪري غرور سندن ڳلي جو هار ٿيو پوي،
۽ ظلم کي ڄڻ هو پنهنجي پوشاڪ ڪري پائي ٿا ڇڏين.
7 انهن جي دلين مان بڇڙايون وهي نڪرن ٿيون،
۽ انهن جا دماغ بڇڙن منصوبن ۾ رُڌل رهن ٿا.
8 هو ٺٺوليون ٿا ڪن ۽ بغض واريون ڳالهيون ڪن ٿا.
اهي مغروريءَ سان ظلم جون ڌمڪيون ڏين ٿا.
9 هو خدا جي خلاف ڳالهائڻ جي جرئت ڪن ٿا،
۽ غرور وچان ڌرتيءَ وارن تي حڪم هلائين ٿا.
10 اهو ڏسي خدا جي قوم بہ سندن پاسي ڦرندي وڃي ٿي،
۽ هو جيڪي بہ چون ٿا تنهن کي اها پاڻيءَ جيان پيو وڃي ٿي.
11 اهي چوندا وتن ٿا تہ ”خدا ڪين ٿو ڄاڻي سگهي،“
۽ هيئن بہ ٿا چون تہ ”خدا تعاليٰ کي ڪا خبر نہ پوندي.“
12 ڏسو، اهي بڇڙا آهن.
اهي سدائين بيفڪرا ٿي ڌن دولت وڌائيندا رهن ٿا.

13 پوءِ ڇا مون اجايو پنهنجيءَ دل کي صاف رکيو آهي؟
۽ ڇا ناحق مون پنهنجي هٿن کي پاڪ رکيو آهي؟
14 ڇالاءِجو روزانو اٿڻ سان ئي مون کي سزا ملندي رهي ٿي،
بلڪ سڄو ڏينهن آءٌ آفتن منجهہ گذاريان پيو.
15 پر اي خدا! جيڪڏهن آءٌ سوچيان ها تہ
”آءٌ بہ انهن وارا خيال اختيار ڪندس،“
پوءِ جيڪر آءٌ تنهنجي قوم سان بيوفائي ڪريان ها.

16 اي خدا! مون غور ويچار ٿي ڪيو تہ
آءٌ ان ڳالهہ جي حقيقت کي سمجهي وٺان.
پر مون ڏٺو تہ اها ڳالهہ منهنجي سمجهہ کان ٻاهر آهي.
17 پوءِ جڏهن آءٌ تنهنجي مقدس هيڪل ۾ داخل ٿيس،
تڏهن ئي مون انهن ماڻهن جي انجام بابت سمجهي ورتو.

18 بيشڪ تون انهن کي ترڪڻين راهن تي هلائين ٿو،
۽ ڪين بربادي‌ءَ ڏانهن ڌِڪي ڇڏين ٿو.
19 پوءِ ڪيئن نہ اهي اک ڇنڀ ۾ برباد ٿي وڃن ٿا.
هائو، اهي خوف وچان بلڪل فنا ٿي وڃن ٿا.
20 اي ڌڻي! تون اُٿي انهن کي ائين حقير ڄاڻي ڇڏ،
جيئن ڪو خواب ڏسي جاڳي اٿڻ تي حقير ڄاڻي اهو وساريو ڇڏي.

21 ڪنهن وقت منهنجي دل ايڏي رنجيده ٿيندي هئي،
جو ڄڻ ڪا ڪاتي منهنجي اندر ۾ وڍ ڏيندي هئي.
22 جيئن جانور کي ڪا سمجهہ ڪانهي،
تيئن آءٌ ان وقت تنهنجي اڳيان بيعقل هئس.
23 تنهن هوندي بہ آءٌ سدائين تو سان گڏ رهيس،
تڏهن تو منهنجو ساڄو هٿ جهلي ورتو.
24 تون پنهنجي هدايت سان منهنجي رهنمائي ڪندو رهندين،
۽ پوءِ آخرڪار تون شان سان مون کي قبول ڪندين.
25 آسمان ۾ توڙي زمين تي
مون کي ٻئي ڪنهن جي ضرورت ڪانهي،
آءٌ رڳو تو کي ئي چاهيان ٿو.
26 توڙي جو منهنجو جسم ۽ جان ڳرندا ٿا وڃن،
تہ بہ تون خدا ئي هميشہ تائين
منهنجي طاقت ۽ منهنجي ميراث آهين.

27 ڏس، تو کي جيڪي بہ ڇڏي ٿا ڏين سي سڀ فنا ٿيندا.
هائو، جيڪي بہ تو کان ڦري بيوفا ٿا ٿين،
تن سڀني کي تون برباد ڪري ڇڏيندين.
28 پر مون لاءِ اهو چڱو آهي جو آءٌ تو کي ويجهو ٿيان.
تو خداوند خدا کي ئي مون پنهنجي پناهہ بڻايو آهي،
تان‌تہ آءٌ تنهنجي سڀني ڪيل ڪمن جو بيان ڪريان.

## زبور 74

## هيڪل جي تباهيءَ تي آهہ وَ زاري

(آسف جي زبورن ۾ شامل)

1 اي خدا! تو هميشہ جي لاءِ اسان کي ڇو ڇڏي ڏنو آهي؟
اسين جيڪي تنهنجي چراگاهہ جون رڍون آهيون،
تن تي تنهنجو ناراضپو ڇو آهي؟

2 تون پنهنجي انهيءَ قوم جو خيال ڪر،
جنهن کي تو قديم زماني کان چونڊيو آهي.
هائو، انهن کي تو پنهنجو ئي بنائڻ لاءِ ڇڏايو آهي.

تون *صيئون جبل جو به خيال ڪر،
جنهن تي تون ڪنهن وقت رهندو هئين.
3 تون وک کڻي پنهنجي ڊنل هيڪل ڏانهن ڏس،
دشمنن ڪيڏي نه تباهي ڪري انهيءَ کي ڪنبر بڻائي ڇڏيو آهي.

4 تو سان ملاقات واري انهيءَ جاءِ ۾
تنهنجا دشمن گجندا ٿي وتيا،
هنن فتح جي نشانيءَ طور اتي پنهنجا جهنڊا کڙا ٿي ڪيا.
5 اهي دشمن بلڪل انهن ماڻهن جهڙا ٿي لڳا،
جيڪي ٻيلي منجهه ڪهاڙن سان وڻ ٿا وڍين.
6 هائو، انهن تنهنجي گهر جي ساري نقش نگاريءَ کي،
ڪهاڙين ۽ مترڪين سان پڃي پورا پورا ڪري ٿي ڇڏيو.
7 هنن تنهنجي مقدس هيڪل کي باهه ڏيئي ساڙي ڇڏيو هو.
هنن انهيءَ جاءِ کي ڊاهي پليت ڪيو هو،
جيڪا تنهنجي نالي سان منسوب هئي.
8 هنن هڪ ٻئي کي چيو ٿي ته
”اچو ته اسين هن قوم کي بلڪل ئي چٽي ڇڏيون.“
سو ملڪ ۾ جيڪي به تنهنجون عبادتگاهون هيون،
سي سڀ هنن ساڙي ڇڏيون.

9 اسين تنهنجي ڪابه نشاني ڪين ٿا ڏسون،
نڪي اسان وٽ ڪو نبي بچيو آهي.
اسان جو هي حال ڪيستائين رهندو؟
اهو ڪوبه نه ٿو ڄاڻي.
10 اي خدا! تنهنجا دشمن
ڪيستائين تو تي ٺٺوليون ڪندا رهندا؟
ڇا اهي هميشه تنهنجي نالي جي بيحرمتي پيا ڪندا رهندا؟
11 تو پنهنجو هٿ اسان جي مدد کان
ڇا جي ڪري روڪي ڇڏيو آهي؟
ڇو تون پنهنجو زورآور هٿ پنهنجي بغل ۾ لڪائي رکين ٿو؟

12 پر اي خدا! تون قديم وقت کان اسان جو بادشاهه آهين،
۽ تون ئي ته دنيا ۾ سڀارو ڪندڙ آهين.
13 تو ئي ته پنهنجيءَ قدرت سان سمنڊ کي چيري ڌار ڪيو هو.
تو ئي ته سمنڊ ۾ اجگر نانگن جا مٿا چٿي ڇڏيا هئا.
14 ازدها بلا جي سسيءَ کي تو ئي چچري ڇڏيو هو،
۽ انهيءَ کي بيابان جي جانورن جو کاڄ بڻايو هو.
15 تو ئي سڪل چشمن ۽ برساتي نهرن کي جاري ڪيو هو،
۽ تو ئي پاڻيءَ سان ڀريل وڏا وڏا درياءَ سڪائي ڇڏيا هئا.
16 بيشڪ ڏينهن تنهنجو آهي ۽ رات به تنهنجي ئي آهي،
۽ تو ئي سج ۽ چنڊ کي جوڙي قائم رکيو آهي.
17 ڌرتيءَ جون سموريون حدون تو ئي مقرر ڪيون آهن،
۽ تو ئي گرميءَ توڙي سرديءَ جون مندون مقرر ڪيون آهن.

18 اي خداوند! اها ڳالهه نه وسارج ته
دشمنن تو تي ٺٺوليون ڪيون آهن،
هائو، انهيءَ نادان قوم تنهنجي نالي جي بيحرمتي ڪئي آهي.
19 سو اسين جيڪي تنهنجي پاليل ڳيري مثل آهيون،
تن جي جان انهن جهنگلي جانورن جي حوالي نه ڪر.
تون پنهنجي قوم جي ڏکويل حياتيءَ کي
هميشه لاءِ وساري نه ڇڏ.
20 تون اسان سان ڪيل پنهنجي عهد جو پرم سدائين قائم رک،
ڇوته دنيا جي اونداهن هنڌن تي ظالم دشمن لڪا ويٺا آهن.
21 ائين نه ٿئي جو ڪو مظلوم شرمندو ٿي تو وٽان موٽي وڃي.
اٿلندو شل غريب ۽ محتاج تنهنجي نالي جي واکاڻ پيا ڪن!
22 اُٿ اي خدا! پنهنجي نالي کي
بيحرمتيءَ کان بچائڻ لاءِ ڪجهه ڪر.
ڏس ڪيئن نه نادان ماڻهو سڄو ڏينهن تو تي ٺٺوليون ڪن ٿا.
23 هائو، پنهنجي دشمنن جي آواز کي نظرانداز نه ڪر،
انهيءَ هل هنگامي کي،
جيڪو تنهنجا مخالف جاري رکيو ٿا اچن.

## زبور 75

## خدا عادل جج

(استاد موسيقار لاءِ هدايت: هي گيت ”برباد نه ڪر“
جي سُر تي ڳايو وڃي. آسف جي زبورن ۾ شامل)

1 اسين شڪر ڪريون ٿا،
اي خدا! اسين تنهنجو شڪر ٿا ڪريون.
اسين تنهنجي نالي جي واکاڻ ٿا ڪريون،
۽ تنهنجي عجيب ڪمن جو بيان ڪريون ٿا.

2 خدا ٿو فرمائي ته
”آءٌ پنهنجي مقرر ڪيل وقت تي،
هر ڪنهن جو سچائيءَ سان انصاف ڪندس.
3 آءٌ ئي ائين ڪندس، هائو، آءٌ ئي

*صيئون جبل: هن مان مراد مقدس هيڪل آهي، جيڪو انهيءَ جبل تي يروشلم شهر ۾ اڏيل هو.

13:74 خر 21:14    14:74 ايو 1:41، زب 26:104، يس 1:27

جيڪو ڌرتيءَ جي بنيادن کي قائم ٿو رکان،
جيتوڻيڪ اھا پنھنجي سڀني رھاڪن سميت ڌُڏي ويئي آھي.
4 آءٌ مغرورن کي چوان ٿو تہ ’اوھين غرور نہ ڪريو،‘
۽ بڇڙن کي چوان ٿو تہ ’اوھين پنھنجا ڳاٽ اوچا نہ ڪريو.
5 ھائو، اوھين آسمان ڏانھن پنھنجا ڳاٽ اوچا نہ ڪريو،
اوھين ڪڏھن بہ مغروريءَ سان نہ ڳالھايو.‘‘

6 ڏسو، انصاف اولھہ يا اوڀر ۾ ڪنھن کان ڪونہ ٿو ملي،
نڪي اھو ڏکڻ يا اتر ۾ ڪنھن کان ملي ٿو.
7 پر اھو خدا ئي آھي جيڪو انصاف ڪندي،
ڪنھن کي ھيٺ ٿو ڪيرائي تہ ڪنھن کي مٿي چاڙھي ٿو.
8 بيشڪ خداوند جي ھٿ ۾ ھڪڙو اھڙو پيالو آھي،
جيڪو سخت غضب واريءَ خوب ڳڏايل مئي سان تمتار آھي.
خداوند انھيءَ پيالي منجھان پاڻ اوتي ٿو،
۽ انھيءَ جو آخري قطرو بہ نچوڙي
دنيا جي سڀني بڇڙن کي پياريو ويندو.

9 پر آءٌ سندس عجيب ڪمن جو ھميشہ بيان ڪندو رھندس.
ھائو، آءٌ يعقوب جي خدا جي واکاڻ ڳائيندو رھندس.
10 ھو ئي بڇڙن ماڻھن جو رتبو مٽيءَ ۾ ملائي ڇڏيندو،
پر سچار ماڻھن جو رتبو بلند ڪندو.

## زبور 76

### خدا فاتح

(استاد موسيقار لاءِ ھدايت: ھي گيت تار وارن سازن تي
ڳايو وڃي. آسف جي زبورن ۾ شامل)

1 يھوداہ وارن ۾ خدا کي چاتو سڃاتو وڃي ٿو،
۽ اسرائيل وارن ۾ بہ سندس نالي جي تعظيم ڪئي وڃي ٿي.
2 ھن جو گھر يروشلم شھر ۾ قائم آھي،
ھائو، صيئون جبل تي سندس رھڻ جو ھنڌ آھي.
3 ھن انھيءَ جبل تي حملو ڪندڙن جا تکا تير ڀڃي ڇڏيا،
ھائو، سندن ڍالون، تلوارون ۽ جنگ جا سڀ ھٿيار ٽوڙي ڇڏيائين.

4 اي خدا! تون ڪيڏو نہ جلوي وارو آھين!
تون شان سان جبلن تان لھي آيو آھين،
جتي تو جنگ ڪري فتح حاصل ڪئي آھي.
5 جنگي جوڌا اتي لُٽجي ويا آھن ۽ وڃي ابدي ننڊ ۾ ستا آھن،
بيشڪ اھي زور وارا ھئا پر سندن زورِ بازو بہ ڪم ڪين آيو.
6 اي يعقوب جا خدا! تنھنجيءَ ڇينڀ تي ئي،
جنگي گھوڙا ٽوڙي انھن جا سوار موت جي ننڊ ۾ وڃي ستا آھن.

7 بيشڪ اي خداوند! تون ھيبتناڪ آھين.
تنھنجي غضبناڪ ڪاوڙ مھل ڪير تو آڏو بيھي سگھندو؟
8 تو پنھنجي فتويٰ جيڪا عرش عظيم تان ٻڌائي آھي،
سا ٻُڌي دنيا ڊڄي ويئي آھي ۽ ماٺ ڪيو ويٺي آھي،
9 ھائو، ان وقت جڏھن تون عدالت ڪرڻ جي لاءِ اُٿئين،
تانتہ ڌرتيءَ جي سڀني مظلومن کي بچائين.

10 ٽوڙي جو انسان ڪيڏو بہ غصو ڪري،
تہ بہ ھو تنھنجيءَ تعريف جو سبب بڻبو.
ھائو، سندس غصي جي نتيجي ۾ تون واکاڻ جو تاج پائيندين.

11 سو اي بني اسرائيل!
اوھين خداوند پنھنجي خدا جي حضور ۾
پنھنجون باسيل باسون پوريون ڪريو.
اي آس‌پاس واريون قومون! اوھين سڀيئي ھن لاءِ نذرانا آڻيو.
ھائو، جنھن کان ڊڄڻ واجب آھي تنھن لاءِ اوھين نذرانا آڻيو.
12 ھو سردارن جي غرور کي ٽوڙي ڇڏي ٿو.
۽ ڌرتيءَ جي بادشاھن جي لاءِ ھيبتناڪ آھي.

## زبور 77

### مصيبت جي وقت دلاسو

( استاد موسيقار يدوتون جي لاءِ، آسف جي زبورن ۾ شامل)

1 آءٌ بلند آواز سان خدا آڏو فرياد ڪريان ٿو،
ھائو، آءٌ خدا آڏو ئي فرياد ٿو ڪريان،
تانتہ ھو منھنجي دانھن ٻڌي.
2 مصيبت وارن ڏينھن ۾ آءٌ ڌڻيءَ جي طلب ۾ رھان ٿو.
سڄي رات منھنجا ھٿ ڊگھيريل رھن ٿا ۽ ساٺا ڪين ٿا ٿين.
پر تڏھن بہ مون کي تسلي نہ ٿي ملي.
3 ٽوڙي جو آءٌ خدا کي ياد ڪري سوچ ويچار ڪريان ٿو،
تڏھن بہ آءٌ آھون ڀريان ٿو ۽ ماندو ٿيو پوان.

4 ھو منھنجي اکين کي ننڊ ڪرڻ کان روڪي ٿو،
مون کي اھڙي ڳڻتي وٺي ويئي آھي جو ڳالھائي بہ نہ ٿو سگھان.
5 جيڪي ڏينھن گذري ويا آھن تن تي آءٌ غور ڪريان ٿو،
ھائو، اڳاٽي زماني جي سالن کي ياد ڪريان ٿو.

---

77 عنوان 1.توا 41:16

6 آءٌ رات جو ويٺو پنهنجيءَ دل سان حال اوريان ٿو.
آءٌ اهو غور ٿو ڪريان ۽ منهنجي دل انهيءَ جاچ جاچان ۾ آهي تہ
7 ڇا ڌڻي اسان کي هميشہ جي لاءِ رد ڪري ڇڏيندو؟
ڇا هو اسان تي وري ڪڏهن بہ مهربان نہ ٿيندو؟
8 ڇا سندس دائمي شفقت اسان تان هميشہ لاءِ هلي ويئي آهي؟
ڇا هن پنهنجو واعدو سدا لاءِ اسان کان توڙي ڇڏيو آهي؟
9 ڇا خدا رحم ڪرڻ وساري ڇڏيو آهي؟
ڇا هن غصي وچان پنهنجيءَ ٻاجهہ کي روڪي ڇڏيو آهي؟
10 پوءِ مون اهو سمجهيو تہ منهنجي ڏک جو سبب هي آهي،
جو خدا تعاليٰ اسان کان منهن موڙي ڇڏيو آهي.

11 تنهن هوندي بہ اي خداوند!
مون کي تنهنجا ڪم ياد آهن.
هائو، مون کي تنهنجا قديم وقت وارا معجزا ياد آهن.
12 آءٌ تنهنجي سيني ڪمن تي غور ٿو ڪريان،
بيشڪ آءٌ تنهنجي عظيم ڪمن تي ويچار ڪريان ٿو.

13 اي اسان جا خدا! تنهنجون راهون بلڪل پاڪ آهن.
تو خدا جهڙو عظيم ٻيو ڪو معبود ڪونهي.
14 تون ئي تہ خدا آهين جيڪو عجيب ڪم ڪرين ٿو.
تو قومن ۾ پنهنجي قدرت ظاهر ڪئي آهي.
15 تو پنهنجيءَ قدرت سان پنهنجي قوم،
يعني يعقوب ۽ يوسف جي اولاد کي ڇڏايو آهي.

16 اي خدا! سمنڊن جڏهن تو کي ڏٺو،
تڏهن اهي خوف وچان بلڪل تري تائين ڏڪي ويا.
17 ڪڪرن ڏاڍو مينهن وسايو آهي،
۽ آسمان مان گجگوڙ ٿيا آهن.
تنهنجي وڄ تيرن جيان چئني طرفن ڏانهن هلي آهي.
18 تنهنجي گجگوڙ جو آواز واچوڙي منجهہ ٿيو آهي.
وڄ جهان کي روشن ڪري ڇڏيو آهي،
۽ ڌرتي ڏڏي ۽ ڪنبي ويئي آهي.

19 تنهنجي واٽ سمنڊ جي وچان آهي،
تنهنجو رستو وڏن بحرن مان آهي،
توڙي تنهنجي پيرن جا ڪي بہ نشان نہ ٿا ڏسجن.
20 جيئن ڪو ڌنار پنهنجي ڌڻ جي رهبري ڪري ٿو،
تيئن تو موسيٰ ۽ هارون جي وسيلي
پنهنجي قوم جي رهنمائي ڪئي آهي.

## زبور 78

## خدا جون پنهنجي قوم سان مهربانيون

(آسف جي زبورن ۾ شامل)

1 اي منهنجي قوم وارؤ! اوهين منهنجي تعليم ٻڌو،
اوهين منهنجي ڳالهين تي پنهنجو ڪن ڏيو.
2 آءٌ پنهنجون ڳالهيون مثالن جي صورت ۾ ڪندس،
۽ قديم زماني جا اسرار بيان ڪندس.
3 اسان اهي ڳالهيون ٻڌيون آهن ۽ انهن جي خبر اٿئون.
اهي اسان جي ابن ڏاڏن پاڻ اسان کي ٻڌايون هيون.
4 اسين پنهنجي اولاد کان اهي ڳالهيون ڪين لڪائينداسين،
بلڪ اسين ايندڙ پيڙهيءَ کي خداوند جي پلائي،
سندس قدرت ۽ جيڪي عجيب ڪم ڪيا اٿائين،
سي سڀ ٻڌائينداسين.

5 هن بني يعقوب لاءِ پنهنجا قاعدا مقرر ڪيا آهن،
هائو، بني اسرائيل ۾ پنهنجي شريعت قائم ڪئي اٿائين.
هن اسان جي ابن ڏاڏن کي فرمايو تہ
”اهي ڳالهيون پنهنجي اولاد کي سيکارجو،
6 تان‌تہ ايندڙ پيڙهيءَ ۾ ڄمندڙ ٻار انهن کي ڄاڻي وٺن،
۽ پوءِ اهي وڏا ٿي پنهنجي ٻارن کي بہ ٻڌائين.“
7 تڏهن ئي اهي پنهنجو ڀروسو خدا تي رکندا،
۽ سندس ڪمن کي نہ وساريندا،
بلڪ سندس حڪمن تي عمل ڪندا رهندا.
8 پوءِ هو پنهنجي ابن ڏاڏن جيان ضدي ۽ فسادي نہ ٿيندا،
يعني اهڙا ماڻهو جن جون دليون ڏنگيون هيون،
۽ جيڪي پنهنجي خدا سان وفادار نہ هئا.

9 افرائيم قبيلي وارا تيرڪمان ڪٺي هٿياربند ٿيا،
پر جڏهن جنگ شروع ٿي تہ اهي پٺ ڏيئي وٺي ڀڳا.
10 هنن بني اسرائيل سان خدا جي ڪيل عهد کي قائم نہ رکيو،
بلڪ سندس شريعت تي هلڻ کان انڪاري ٿيا.
11 خدا جيڪي ڪم ڪيا هئا سي بہ هنن وساري ڇڏيا،
هائو، انهن معجزن کي بہ جيڪي هن کين ڏيکاريا هئا.
12 مصر ملڪ جي ضعن علائقي ۾،
هن اسان جي ابن ڏاڏن جي روبرو عجيب وَ غريب ڪم ڪيا.
13 هن سمنڊ کي چيري انهيءَ ۾ رستو ٺاهيو،
۽ پاڻيءَ کي بلڪل ٻت جيان بيهاري ڪين پار ٽپائي آندو.

2:78 مت 35:13   5:78 شر 7:6   12:78 خر 8:7‏-32:12   13:78 خر 21:14‏-22

14 ڏينهن جي وقت تي هن ڪڪر سان سندن رهبري ڪئي،
۽ سڄي رات باهہ جي روشنيءَ سان سندن رهنمائي پئي ڪيائين.
15 هن بيابان ۾ ٽڪرين کي چيري پاڻي وهايو،
۽ پنهنجي قوم کي ڄڻ زمين جي جر منجهان
جهجهو پاڻي پيئاريو.
16 هن ٽڪر منجهان نهرون جاري ڪيون،
۽ پاڻيءَ کي ندين وانگر وهايائين.

17 پوءِ بہ هو خدا جي خلاف گناهہ ڪندا رهيا،
۽ بيابان ۾ خدا تعاليٰ جي آڏو سرڪشي ڪندا رهيا.
18 هنن بلڪل سوچي سمجهي خدا کي آزمايو هو،
هائو، جڏهن انهن پنهنجي خواهش موجب کاڌو گهريو هو.
19 بلڪ اهي خدا جي خلاف هيئن بہ بڪڻ لڳا هئا تہ
”ڇا خدا بيابان ۾ اسان لاءِ کاڌو مهيا ڪري ٿو سگهي؟
20 بيشڪ هن موسيٰ جي هٿان ٽڪر کي ڌڪ هنيو هو،
تڏهن پاڻي نڪري آيو هو ۽ نهرون جاري ٿي ويون هون،
پر هاڻي ڇا خدا اسان کي ماني بہ ڏيئي سگهندو؟
ڇا پنهنجي هن قوم کي هو گوشت مهيا ڪري سگهندو؟“

21 جڏهن خداوند اهو ٻڌو تڏهن ڪيس ڏاڍو غصو اچي ويو.
هو بني اسرائيل تي تپي باهہ ٿي ويو،
۽ مٿن غضبناڪ ٿي پيو،
22 ڇالاءِجو هنن خدا تي ايمان نہ آندو،
۽ مٿس ڀروسو نہ ڪيائون تہ هو کين بچائي سگهي ٿو.
23 تنهن هوندي بہ هن ڪڪرن کي حڪم ڏنو،
۽ آسمان جا دروازا کولي،
24 هنن جي کائڻ لاءِ سندن مٿان مَنَ وسايائين.
اهڙيءَ طرح کين آسمان جي خوراڪ عطا ڪيائين،
25 ۽ انسانن کي فرشتن واري خوراڪ کارايائين.
هن انهن ڏانهن ايتري خوراڪ موڪلي
جيتري اهي کائي ٿي سگهيا.

26 هن آسمان مان تيز هوا موڪلي.
هائو، پنهنجي قدرت سان ڏکڻ اوڀر کان هوا گهلايائين،
27 جنهن مان هن ايترا تہ گهڻا پکي ڪيرايا،
جيترا سمنڊ جي ڪناري تي واريءَ جا ذرڙا هجن.
ائين کين ايترو گوشت ڏنائين جيئن ڌرتيءَ تي مٽي هجي.
28 هن اهي سندن خيمي‌گاهہ جي اندر ڪيرايا هئا،
سندن تنبن جي بلڪل آس‌پاس.

29 سو هنن اهي پکي ڍءُ ڪري کاڌا.
اهڙيءَ طرح خدا سندن تمنا پوري ڪئي.
30 پر جڏهن هنن جي سَڌَ اڃا بہ پوري ڪانہ ٿي،
تڏهن جيئن جو انهن جو کاڌو اڃا سندن وات ۾ ئي هو،
31 تہ اوچتو ئي اوچتو مٿن خدا جو غضب اچي ڪڙڪيو.
سو هن انهن جي سگهارن ۽ ڪم وارن ماڻهن کي قتل ڪيو.
هائو، بني اسرائيل جي جوانن مان گهڻن کي هن ماري ڇڏيو.

32 انهن ڳالهين جي باوجود هو وري بہ گناهہ ڪندا رهيا،
۽ معجزا ڏسڻ جي باوجود بہ هنن خدا تي ڀروسو نہ ڪيو.
33 تنهنڪري هن هڪڙي ئي اشاري سان
سندن ڏينهن پورا ڪري ڇڏيا.
هائو، هن سندن حياتيءَ جا سال اوچتي آفت سان ختم ڪري ڇڏيا.
34 جڏهن خدا منجهانئن کي قتل ٿي ڪيا،
تڏهن ئي اهي سندس آڏو توبهہ‌تائب ٿي ٿيا،
۽ هڪدم پڇتاءُ ڪري سندس طالبو ٿي ٿيا.
35 پوءِ هنن ياد ڪندي چيو ٿي تہ
”خدا ئي اسان جو محافظ آهي،
هائو، خدا تعاليٰ ئي اسان جو ڇڏائيندڙ آهي.“
36 پر ائين هو پنهنجي واتان خدا سان دوکو ڪندا هئا.
هو پنهنجي زبان سان سندس آڏو ڪوڙ ڳالهائيندا هئا.
37 ڇالاءِجو نہ انهن جي دل خدا سان سچي هئي،
۽ نہ وري هو خدا جي عهد جا وفادار نڪتا.

38 پر جيئن تہ خدا رحيم آهي،
سو انهن جا گناهہ معاف ٿي ڪيائين.
هن بار بار پنهنجي غصي کي روڪيو ٿي،
۽ پنهنجي غضب کي وڌڻ کين ٿي ڏنائين.
اهڙيءَ طرح هن انهن کي برباد ٿيڻ نہ ڏنو.
39 کيس اهو ئي ياد رهندو هو تہ
”هي رڳو فاني بشر آهن،
هي تہ انهيءَ هوا مثل آهن،
جيڪا گذري وڃڻ کان پوءِ وري نہ ٿي موٽي.“

40 ڪيڏا نہ ڀيرا هنن بيابان ۾ ساڻس سرڪشي ڪئي آهي!
هائو، ڪيڏا نہ ڀيرا هنن رڻپٽ ۾ کيس رنجايو آهي!
41 بني اسرائيل بار بار پنهنجي خدا کي پئي آزمايو آهي،
هائو، هنن پنهنجي پاڪ معبود کي رنج پئي ڪيو آهي.

---

14:78 خر 13:21–22   15:78–16 خر 17:1–7، ڳا 20:2–13   18:78–31 خر 16:2–15، ڳا 11:4–23،31–35   24:78 يو 6:31

42 هنن سندس قدرت کي پنهنجي ذهن ۾ نہ رکيو،
يعني انهيءَ ڏينهن کي نظرانداز ڪري ڇڏيائون،
جڏهن هن کين دشمنن کان ڇڏايو هو.
43 هائو، اهو ڏينهن جڏهن مصر جي علائقي ضعن ۾،
کين ڪرشما ۽ معجزا ڏيکاريا هئائين.
44 اتي هن مصرين جي ندين کي رت ۾ بدلائي ڇڏيو هو،
ايتري قدر جو اهي پنهنجي چشمن جو پاڻي بہ پي نہ ٿي سگهيا.
45 هن انهن ۾ مکين جا ميڙ موڪليا،
جن کين ڏاڍو ايذايو.
هن انهن ڏانهن ڏيڏر پڻ موڪليا،
جن سندن ملڪ جو خانو خراب ڪيو.
46 هن انهن جي زمين جي پيداوار،
هائو، سندن محنت جو ڦل ماڪڙ جي حوالي ڪري ڇڏيو.
47 هن ڳڙا وسائي سندن انگورن جي باغن کي برباد ڪيو،
۽ سندن انجير جي وڻن کي پاري سان چٽ ڪري ڇڏيائين.
48 هنن جي ڍورن ڍڳن تي ڳڙا وسائي کين ماري ڇڏيائين،
۽ وڄ جا چمڪاٽ موڪلي سندن رڍن ٻڪرين کي ماريائين.
49 هن پنهنجو سخت غصو، ناراضپو، قهر ۽ غضب
بربادي آڻيندڙ ملائڪن جي لشڪرن جيان سندن مٿان موڪليا.
50 هن نڪي پنهنجي غصي کي روڪيو،
۽ نہ ئي کين موت کان بچايائين،
بلڪ سندن حياتي وبا جي حوالي ڪري ڇڏيائين.
51 هن مصر وارن جي پهريتن پٽن کي ماري ڇڏيو،
جيڪي هر مصريءَ جي گهراڻي جا پڳدار پٽ هئا.

52 پوءِ هو پنهنجي قوم کي مصر مان رڍن وانگر وٺي هليو،
۽ جيئن ڪو ڌنار پنهنجي ڌڻ جي رهبري ڪري ٿو،
تيئن بيابان ۾ هن سندن رهنمائي ڪئي.
53 هو انهن کي اهڙي سلامتيءَ سان ڪڍي آيو،
جو کين ڪو خوف نہ ٿيو.
پر سندن دشمنن کي هن سمنڊ ۾ ٻوڙي ڇڏيو.
54 ائين هن کين پنهنجي پاڪ ملڪ ۾ آندو،
بلڪ انهيءَ *جبل تائين،
جنهن کي هن پنهنجي زورآور هٿ سان فتح ڪيو هو.
55 هن اتي رهندڙ قومن کي سندن اڳيان ڀڄائي ڪڍيو،
۽ انهن جي زمين بني اسرائيل جي قبيلن ۾ ورهائي ڇڏيائين.
هائو، هن بني اسرائيل کي انهن جي گهرن ۾ آباد ڪيو.
56 پوءِ بہ هنن سرڪشي ڪندي خدا تعالىٰ کي آزمايو،
۽ سندس حڪمن تي عمل نہ ڪيائون.
57 بلڪ پنهنجن ابن ڏاڏن وانگر هو ڦري بي‌وفا ٿيا.
هائو، اڻسڌي تير جيان اهي دوکو ڏيندڙ هٽي ٻئي پاسي ٿيا.
58 هنن پنهنجي بت‌خانن جي ڪري سندس غصي کي ڀڙڪايو،
هائو، پنهنجي تراشيل مورتين جي ڪري کيس غيرت ڏياريائون.
59 سو خدا جڏهن اهو سڀ ڏٺو تڏهن ڏاڍو ڪاوڙيو،
۽ پوءِ بني اسرائيل کان سخت نفرت ڪندي کين رد ڪري ڇڏيو.

60 تنهنڪري هن †سيلا شهر واري مقدس جاءِ ۾
پنهنجو رهڻ ڇڏي ڏنو،
يعني انهيءَ خيمي کي ڇڏي ڏنائين،
جتي هو انسانن جي وچ ۾ رهيو ٿي.
61 پوءِ هن پنهنجي عهد واري صندوق کي
دشمنن جي هٿن ۾ وڃڻ ڏنو،
جيڪا سندس طاقت ۽ عظمت جي نشاني هئي.
62 هو پنهنجي قوم تي ايڏو تہ ڪاوڙيو،
جو پنهنجي انهن خاص چونڊيلن کي جنگ ۾ مارائي ڇڏيائين.
63 هائو، قوم جي جوانن کي جنگ جي باهہ کائي وئي،
تنهنڪري منجهن جيڪي ڪنواريون هيون،
تن جا سهرا نہ ڳايا ويا.
64 انهن جي ڪاهنن ۾ پڻ اهڙي تہ خونريزي اچي پيئي،
جو سندن رنون‌زالون هنن لاءِ روئي رڙي بہ نہ سگهيون.

65 پر نيٺ ڌڻي ڄڻ ننڊ مان جاڳي اٿيو،
انهيءَ مئي ۾ مخمور جنگي جوڌي وانگر،
جيڪو هڪدم وڙهڻ لاءِ اٿي کڙو ٿئي.
66 پوءِ هن پنهنجي دشمنن کي ماري ماري پٺتي ڀڄايو،
۽ کين هميشہ لاءِ خوار خراب ڪري ڇڏيائين.

67 تڏهن خدا افرائيم جي قبيلي کي
پنهنجي مقدس گهر قائم ڪرڻ لاءِ وري کين چونڊيو.

---

*جبل: گهڻو ڪري هن مان مراد صيئون جبل آهي، جنهن تي اڏيل يروشلم شهر ۾ خداوند جو مقدس هيڪل هو.

†سيلا شهر واري مقدس جاءِ: دائود بادشاهہ جي دور کان اڳ خداوند جو مقدس خيمو سيلا شهر ۾ کوڙيل هو، جنهن ۾ عهد واري صندوق رکيل هئي.

44:78 خر 7:17–21 45:78 خر 8:1–6،20–24 46:78 خر 10:12–15 47:78–48 خر 9:22–25 51:78 خر 12:29
52:78 خر 13:17–22 53:78 خر 14:26–28 54:78 خر 15:17، يش 3:14–17 55:78 يش 11:16–23 56:78 رهہ 2:11–15
60:78 يش 18:1، ير 7:12–14، 26:6 61:78 1.سم 4:4–22

هن سندن علائقي کي ان جي موجودگيءَ کان محروم ڪري ڇڏيو.
68 بلڪ هن *يهوداه جي قبيلي کي انهيءَ جي لاءِ چونڊي ڪڍيو،
يعني صيئون جبل کي چونڊيائين،
جنهن سان کيس ڏاڍو پيار هو.
69 اتي هن پنهنجي مقدس هيڪل کي آسمان جيان شانائتو بڻايو،
۽ زمين وانگر انهيءَ کي هميشه جي لاءِ قائم ڪيائين.
70 خداوند پنهنجي ٻانهي دائود کي چونڊي ڪڍيو،
هائو، هن کيس رڍن جي واڙي منجهان چونڊي ڪڍيو.
71 جتي هن ڦرن واريون رڍون ٿي چاريون،
اُتان کيس ڪڍي آندائين،
تانته هو ڌنار بڻجي سندس قوم بني يعقوب جي،
هائو، پنهنجي خاص چونديل بني اسرائيل جي نگهباني ڪري.
72 سو دائود پنهنجي دل جي سچائيءَ سان سندن نگهباني ڪئي.
هن پنهنجي مهارت ۽ هوشياريءَ سان سندن رهبري ڪئي.

## زبور 79

## قوم جي بچاءَ لاءِ دعا

(آسف جي زبورن ۾ شامل)

1 اي خدا! هي ملڪ جيڪو تنهنجي ملڪيت آهي،
تنهن ۾ ڌاريون قومون گهڙي آيون آهن.
هنن تنهنجي مقدس هيڪل کي ڀاهي ان جي بيحرمتي ڪئي آهي،
۽ يروشلم شهر کي کيرائي کنڊر بڻائي ڇڏيو اٿائون.
2 هنن تنهنجي چونڊيل قوم جو ماس
جهنگلي جانورن جي حوالي ڪيو آهي،
هائو، هنن تنهنجي نيڪ ٻانهن جا لاش
ڳجهن کي کائڻ لاءِ ڏنا آهن.
3 هنن يروشلم ۾ انهن جو رت پاڻيءَ جيان وهايو آهي،
ايتري قدر جو ڪوبه نه بچيو آهي جنهن جي هٿان هو دفن ٿين.
4 آس‌پاس جي غير قومن اڳيان
اسين طعنن جو نشانو بڻيا آهيون،
هائو، هو اسان جو حال ڏسي چٿرون ۽ ٺٺوليون ٿا ڪن.

5 ائين ڪيستائين رهندو، اي خداوند!
ڇا تون هميشه ڪاوڙيل رهندين؟
ڇا تنهنجي اها غيرت باهه وانگر پيئي ڀڙڪندي رهندي؟
6 انهن قومن تي پنهنجو قهر نازل ڪر،
جيڪي تو کي نه ٿيون سڃاڻن.
هائو، انهن بادشاهتن تي غضب نازل ڪر،
جيڪي تنهنجي بندگي نه ٿيون ڪن.
7 ڇالاءِجو هنن اسان بني يعقوب کي ڳڙڪائي ڇڏيو آهي،
۽ اسان جي ديس کي ويران ڪري ڇڏيو اٿائون.

8 ابن ڏاڏن جي گناهن جون سزائون تون اسان کي نه ڏي.
شل سگهو تنهنجون رحمتون نازل ٿين،
ڇوجو اسين ڏاڍا ڏهجي ويا آهيون.
9 اي اسان کي ڇڏائيندڙ خدا!
پنهنجي نالي جي عظمت خاطر اسان جي مدد ڪر،
هائو، پنهنجي نالي جي سچائيءَ موجب
اسان کي ڇڏاءِ ۽ اسان جا گناهه معاف ڪر.
10 غير قومون ڇو اسان کي ائين چون ته
”ڪٿي آهي اوهان وارو خدا؟“
شال اهي غير قومون اسان جي اکين آڏو
تنهنجي قوم جي وهايل رت جو بدلو ڏسن!

11 شل قيدين جون آهون دانهون
تنهنجي حضور ۾ اچي پهچن!
جن کي موت جي سزا ٻڌائي ويئي آهي،
تن کي تون پنهنجي عظيم قدرت سان بچاءِ.
12 آس‌پاس جون غير قومون
تنهنجي خلاف جيڪا گلا ڪن ٿيون،
اي ڌڻي! سا ستوڻي ڪري تون موٽائي انهن جي ئي مٿان آڻ.
13 تڏهن اسين جيڪي تنهنجي قوم،
۽ تنهنجي چراگاهه جون رڍون آهيون،
سي سدائين تنهنجو شڪرانو ادا ڪندا رهنداسين،
۽ پيڙهي به پيڙهي تنهنجون تعريفون ڪندا رهنداسين.

## زبور 80

## قوم جي بحاليءَ لاءِ دعا

(استاد موسيقار لاءِ هدايت: هي ”سوسن“ جي سُر تي
ڳايو وڃي. آسف جي زبورن ۾ شامل)

1 اي بني اسرائيل جا ڌنار!
تون جيڪو ڌڻ وانگر اسان جي رهبري ڪرين ٿو،

*يهوداه جي قبيلي: دائود بادشاهه جي دور ۾ خداوند جي عهد واري صندوق افرائيم جي شهر سيلا ۾ رکيل هئي، پر يهوداه قبيلي جي چونڊجڻ ڪري اها يهوداه جي علائقي ۾ صيئون جبل تي اڏيل يروشلم شهر منجهه آندي ويئي. ڏسو 2.سموئيل 6:12–15.

78:70–71 1.سم 16:11–12، 2.سم 7:8، 1.توا 17:7   79:1 2.با 25:8–10، 2.توا 36:17–19، ير 52:12–14   80:1 خر 25:22

۽ پردار آسماني مخلوق تي تخت‌نشين آهين،
اسان جو فرياد ڪن ڏيئي ٻڌ.
اسان کي پنهنجو جلال ڏيکار.
2 هائو، اچ، اسان کي اچي بچاءِ،
۽ اسان افرائيم، بنيامين ۽ منسي قبيلي وارن کي
پنهنجي قدرت ڏيکار.

3 اي خدا! اسان کي وري بحال ڪر،
تون پنهنجي رحمت جو جلوو ڏيکار تہ اسين بچي پونداسين.

4 اي خداوند قادرِمطلق خدا!
تون ڪيستائين پنهنجي قوم جي دعائن کان ناراض رهندين!
5 تو اسان کي لُڙڪن واري خوراڪ کارائي آهي،
۽ پيئڻ لاءِ لُڙڪ ئي لُڙڪ ڏنا اٿيئي.
6 آس‌پاس واريون غير قومون
اسان جي زمين لاءِ پاڻ ۾ وڙهن ٿيون.
اسان جا دشمن اسان تي کل ۽ چرچو ڪن ٿا.

7 اي قادرِمطلق خدا! اسان کي وري بحال ڪر،
تون پنهنجي رحمت جو جلوو ڏيکار تہ اسين بچي پونداسين.

8 اسين انگورن جي ول جي هڪڙي ٻوٽي مثل هئاسين،
جنهن کي تو مصر ملڪ مان ڪڍي آندو،
۽ ڪنعان مان ڌارين قومن کي پچائي ڪڍي اتي ان کي لڳايو.
9 انهيءَ کي اتي پوکڻ لاءِ تو زمين کي تيار ڪيو هو.
سو ان جي پاڙ چڱيءَ طرح لڳي،
۽ اهو سڄي ملڪ تي پکڙجي ويو.
10 جبل پهاڙ بہ ان جي پاڇي ۾ ڍڪجي ويا.
ان جون ٽاريون اهڙيون مضبوط هيون،
جڻ ديال جو مضبوط وڻ هجي.
11 انهيءَ پنهنجي ٽارين کي اولهہ ۾ ڀونوچ سمنڊ تائين،
۽ اوڀر ۾ فرات نديءَ تائين پکيڙي ڇڏيو.
12 پوءِ تو انهيءَ جي چوگرد وارو لوڙهو ڇو ڊاهي ڇڏيو،
جو هاڻ اتان لنگهندڙ انهيءَ جو ميوو چنن ٿا؟
13 جهنگلي سوئر اُتي اچيو انهيءَ کي کائي چٽ ڪن ٿا،
۽ جهنگ جا ٻيا جانور بہ اچي انهيءَ کي ڳڙڪائين ٿا.

14 اي قادرِمطلق خدا! اسان کي اچي بچاءِ.
اسين تو کي عرض ٿا ڪريون تہ
عرش عظيم تان هيٺ نهاري ڏس،
۽ اسين جيڪي انگورن جي ول مثل آهيون،
تن تي پنهنجي مهر جي نظر ڪر.
15 هائو، انهيءَ ول تي پنهنجو رحم ڪر،
جيڪا تنهنجي زورآور هٿ لڳائي آهي.
يعني پنهنجي انهيءَ قوم تي ٻاجهہ ڪر،
جنهن کي تو پنهنجي لاءِ وڏائي مضبوط ڪيو آهي.
16 دشمنن ان ول کي وڍي ڪيرايو آهي ۽ باهہ لڳائي اٿائونس.
سو تون انهن ڏانهن قهر جي نظر ڪر ۽ کين فنا ڪري ڇڏ.
17 پر تون اسان تي پنهنجو هٿ رک،
جن کي تو چونڊي پنهنجي خاص قوم ڪيو آهي،
هائو، پنهنجي انهيءَ قوم تي جنهن کي تو مضبوط ڪيو آهي.
18 پوءِ اسين تو کان ڪڏهن بہ ڦري نہ ويندا‌سين.
تون اسان کي نئين حياتي بخش تہ
اسين تنهنجي نالي جي واکاڻ ڪندا رهنداسين.

19 اي خداوند قادرِمطلق خدا! اسان کي وري بحال ڪر،
تون پنهنجي رحمت جو جلوو ڏيکار تہ اسين بچي پونداسين.

## زبور 81

### تنبن واري عيد جو گيت

(استاد موسيقار لاءِ هدايت: هي ”گتيت“ سُر تي
ڳايو وڃي. آسف جي زبورن ۾ شامل)

1 خدا جيڪو اسان جي طاقت آهي،
تنهن جي حضور ۾ ڏاڍيان ڳايو.
اوهين يعقوب جي خدا جي حضور ۾ خوشيءَ جا نعرو هڻو.
2 اوهين گيت ڳائڻ شروع ڪريو،
۽ خوشيءَ مان دف وڄايو،
۽ مٺڙي آواز وارا دنبورا ۽ سارنگيون وڄايو.
3 اوهين نئين چنڊ نڪرڻ تي ۽ چوڏهينءَ جي چنڊ تي،
يعني پنهنجن وڏن ڏينهن جي شروعات تي نفيلون وڄايو.
4 اهو ئي بني اسرائيل لاءِ قاعدو قانون آهي.
هائو، يعقوب جي خدا جو اهو ئي حڪم آهي.
5 خدا اهو ئي بني اسرائيل کي فرمايو هو،
جڏهن مصر جي ملڪ تي آفتون نازل ڪيون هئائين.

مون هڪڙو اهڙو آواز ٻڌو،
جيڪو مون کي اڳ ٻڌڻ ۾ نہ آيو هو ۽ ان چيو تہ

---

81 عنوان شر 16:13–15   3:81 ڳا 10:10

⑥ "اي بني اسرائيل!
اوهان جي ڪُلهن تي جيڪو بار هو سو مون لاهي ڇڏيو،
مون اوهان جي هٿن کي هاٺي تغارين ڍوئڻ کان ڇڏائي ڇڏيو.
⑦ اوهان مون کي مصيبت ۾ پڪاريو،
۽ مون خدا اوهان کي ڇڏائي ورتو.
مون گجگوڙ واري لڪل پردي مان اوهان کي جواب ڏنو،
پوءِ مون مريباه جي چشمن وٽ اوهان کي آزمايو.

⑧ ٻُڌو، اي منهنجي قوم وارؤ!
آءٌ خداوند اوهان کي تاڪيد ٿو ڪريان.
اي بني اسرائيل! ڪاش! اوهين منهنجي ٻُڌو.
⑨ ٻُڌو، اوهان جي وچ ۾ ٻيو ڪوبہ معبود نہ هجي،
نڪي وري اوهين ڪنهن ٻئي معبود کي سجدو ڪريو.
⑩ آءٌ ئي خداوند اوهان جو خدا آهيان،
جنهن اوهان کي مصر مان ڪڍي آندو.
اوهين مون کان رڳو گهري ڏسو،
آءٌ اوهان کي هر نعمت عطا ڪري ڇڏيندس.

⑪ پر اي منهنجي قوم وارؤ! اوهان منهنجي نہ ٻڌي.
هائو، اي بني اسرائيل! اوهان منهنجي فرمانبرداري نہ ڪئي.
⑫ تنهنڪري مون اوهان کي ڇڏي ڏنو،
تہ ڀل اوهين پنهنجي دل جي هوڏ تي هلو،
۽ جيئن وڻيوَ تيئن ڪريو.
⑬ اي منهنجي قوم وارؤ! ڪاش اوهين منهنجي ٻڌو!
ڪاش اي بني اسرائيل! اوهين منهنجي ئي واٽن تي هلو!
⑭ پوءِ آءٌ اوهان جي ويرين جي خلاف پنهنجو هٿ کڻان،
۽ اوهان جي دشمنن کي سگهو ئي شڪست ڏيئي ڇڏيان.
⑮ ائين مون سان نفرت رکندڙ
ڊڄندي ڊڄندي اچي مون آڏو جهڪن،
۽ سندن سزا هميشہ جي لاءِ قائم رهي.
⑯ پر اوهان کي آءٌ بهتر ۾ بهتر ڪڻڪ جي ماني کارايان،
۽ هوند اوهان کي ٽڪر واري عمدي ماکيءَ سان ڍءُ ڪرايان."

## زبور 82

### خدا حاڪمِ اعليٰ

(آسف جي زبورن ۾ شامل)

① معبودن جي مجلس ۾ خدا پاڻ موجود آهي،
هائو، انهن معبودن جي هو پاڻ عدالت ڪري ٿو.
② خدا کين چوي ٿو تہ
"اوهين ڪيستائين بي‌انصافي ڪندا رهندءُ؟
ڪيستائين بڇڙن جي طرفداري پيا ڪندا رهندءُ؟
③ اوهين غريبن ۽ يتيمن سان انصاف ڪريو،
ڏکويلن ۽ لاچارن کي اوهين سندن حق ڏياريو.
④ اوهين مسڪينن ۽ محتاجن کي بچائي وٺو،
۽ بدڪارن جي هٿن مان کين آزاد ڪرايو.

⑤ اوهين نڪي ڪجهہ ڄاڻو ٿا ۽ نہ وري سمجهو ٿا،
بلڪ اونداهيءَ ۾ پيا ڀٽڪو ٿا.
تنهنڪري ڌرتيءَ تان انصاف ختم ٿي ويو آهي.
⑥ آءٌ مڃان ٿو تہ اوهين قومن جا معبود آهيو،
بلڪ آءٌ خدا تعاليٰ اوهان سڀني کي پنهنجا فرزند ٿو سڏيان.
⑦ تنهن هوندي بہ اوهين عام ماڻهن وانگر مرندا رهندءُ،
۽ هر دنياوي حاڪم وانگر ڪرندا رهندءُ."

⑧ اُٿ اي خدا! تون دنيا جي عدالت ڪر،
ڇالاءِجو سڀني قومن جو تون ئي مالڪ آهين.

## زبور 83

### بني اسرائيل جي دشمنن لاءِ شڪست جي دعا

(آسف جي زبورن ۾ شامل، هڪ گيت)

① اي خدا! تون ماٺ نہ ڪر،
اي خدا! تون خاموش نہ رهہ،
هائو، چپ ڪري نہ ويهہ.
② ڇالاءِجو ڏس، تنهنجا دشمن هُل هنگامو پيا مچائين.
هائو، جيڪي تو سان عداوت رکن ٿا تن سرڪشي ڪئي آهي.
③ اهي تنهنجي قوم جي خلاف ٺڳيءَ جا ٺاهہ ٺاهين،
هائو، تنهنجي پناهہ ۾ رهندڙن خلاف سازشون ٿا سِٽين.
④ هو هيئن چون ٿا تہ
"اچو تہ بني اسرائيل قوم کي اهڙو برباد ڪري ڇڏيون،
جو انهيءَ جو ڪو وجود ئي نہ رهي،
۽ نہ وري سندن ڪو ذڪر ٿئي."

⑤ اي خدا! انهن پاڻ ۾ يڪمشت ٿي سازش ڪئي آهي،
هائو، انهن پاڻ ۾ گڏجي تنهنجي خلاف عهد ڪيو آهي.
⑥ انهن ۾ ادوم ملڪ جا رهندڙ ۽ بني اسماعيل شامل آهن،
ان کان علاوه موآبي ۽ هاجر قبيلي وارا پڻ.

---

7:81 خر 7:17، ڳا 13:20    10–9:81 خر 2:20–3، شر 6:5–7    6:82 يو 34:10

7 گبل علائقي وارا، عمون وارا ۽ ساڻن گڏ عماليقي بہ آهن،
ان کان علاوه صور شهر ۽ فلستي علائقي جا رهاڪو پڻ.
8 اشور ملڪ وارا بہ اچي انهن سان گڏيا آهن.
اهي لوط جي اولاد موآبين ۽ عمونين جو ساڄو هٿ اچي بڻيا آهن.

9 اي خدا! انهن کي اهڙو برباد ڪر،
جيئن تو مديانين کي ڪيو هو.
هائو، جيئن قيسون جي برساتي نهر جي پرسان يابين بادشاهہ
۽ سندس سپهہسالار سِيسرا کي برباد ڪيو هوءِ.
10 اهي عين‌دور واريءَ جاءِ تي برباد ٿي ويا هئا،
جِهڙڪ زمين جو گند ڪچرو ٿي ويا هئا.
11 تون اسان جي دشمن اميرن کي
عوريب ۽ زئيب سردارن جهڙو شڪست‌خورده ڪر.
هائو، سندن سڀني حاڪمن کي زبح ۽ ضلمنع سردارن جهڙو ڪر،
12 جن سازش ڪئي هئي تہ
هو اسان بني اسرائيل جي سرزمين کي پنهنجي قبضي ۾ آڻين،
جيڪا تو خدا جي ڌڻ جي چراگاهہ مثل آهي.

13 اي منهنجا خدا!
تون انهن دشمنن کي واچوڙي جي مٽيءَ وانگر ڪري ڇڏ.
جيئن واءُ بُهہ کي اڏائي تو ڇڏي تيئن تون کين اڏائي ڇڏ.
14 جيئن باهہ ٻيلي کي ساڙيندي ويندي آهي،
هائو، جيئن شعلو جبل جي ٻوٽن کي باهہ لڳائيندو تو وڃي،
15 تيئن تون پنهنجي واچوڙي سان سندن پيڇو ڪر.
پنهنجي خوفناڪ طوفان سان تون انهن ۾ هيبت وجهہ.
16 اي خداوند! تون انهن کي اهڙو خوار خراب ڪر،
جو اهي تنهنجي نالي جي عظمت جا قائل ٿيجي وڃن.
17 شل اهي هميشہ ذلت ۽ پريشانيءَ ۾ هجن،
بلڪ انهيءَ ذلت جي حالت ۾ ئي تباهہ ۽ برباد ٿي وڃن،
18 تان‌تہ اي خداوند! اهي ڄاڻي وٺن تہ
رڳو تون خدا تعاليٰ ئي ساري ڌرتيءَ جو حاڪمِ اعليٰ آهين.

## زبور 84
## مقدس هيڪل جي اُڪير

(استاد موسيقار لاءِ هدايت: هي ”گتيت“ جي سُر تي ڳايو وڃي. بني قوراح جي زبورن ۾ شامل)

1 اي قادرِمطلق خداوند!
تنهنجو گهر ڪيڏو نہ دلڪش آهي!
2 آءٌ تو خداوند جي بارگاهہ جي لاءِ سِڪان ٿو.
هائو، آءٌ انهيءَ لاءِ آسائتو ٿو رهان.
سو آءٌ خوشيءَ وچان تو جيئري خدا جي واکاڻ جا گيت ٿو ڳايان.
3 اي قادرِمطلق خداوند! اي منهنجا بادشاهہ ۽ منهنجا خدا!
جهرڪيءَ بہ اچي
تنهنجي قربان‌گاهہ وٽ پنهنجو گهر جوڙيو آهي.
ابابيل بہ اچي اتي آکيرو جوڙي پنهنجي ٻچن کي رهايو آهي.
4 بيشڪ اهي سڀاڳا آهن جيڪي تنهنجي گهر ۾ رهن ٿا،
اهي هميشہ تنهنجي واکاڻ پيا ڳائيندا رهن ٿا.

5 سڀاڳا آهن اهي ماڻهو،
جيڪي پنهنجي طاقت لاءِ تو تي ٽا ٽاڙين،
۽ جن جي دل ۾ *صيئون جبل جا شاهي رستا آهن.
6 اهي زيارتي جڏهن ماتم نالي خشڪ واديءَ ۾ پهچن ٿا تہ
انهيءَ مان بہ چشما وهي نڪرن ٿا،
بلڪ اَڳاٽو مينهن انهيءَ کي برڪتن سان پري تو ڇڏي.
7 هلندي هلندي سندن طاقت جيئن پوءِ تيئن وڌندي وڃي ٿي.
بيشڪ اهي صيئون ۾ پهچي
تو معبودن جي معبود جو ديدار ڪندا.

8 اي خداوند قادرِمطلق خدا! منهنجي هيءَ دعا ٻڌ.
اي خداوند، يعقوب جا خدا! تون مون ڏانهن پنهنجو ڪن ڏي.
9 اي خدا! تون اسان جي محافظ بادشاهہ تي پنهنجي نظر ڪر.
جنهن کي تو مسح ڪري چونڊيو آهي تنهن تي مِهر جي نظر ڪر.

10 يقيناً تنهنجي بارگاهہ ۾ هڪڙو ڏينهن
ٻئي هنڌ جي هزار ڏينهن کان بهتر آهي.
بدڪارن جي شاندار خيمن ۾ رهڻ کان،
تو خدا جي گهر جو دربان ٿيڻ مون کي وڌيڪ پسند آهي.
11 ڇالاءِجو تون خداوند خدا ئي
اسان جي رهنمائي ڪندڙ ۽ محافظ آهين.
تون ئي اسان کي فضل ۽ عظمت بخشين ٿو.
بيشڪ جيڪي سچائيءَ جي راهہ تي هلن ٿا،
تن کان تون ڪابہ چڱي شيءِ نہ ٿو روڪين.
12 اي قادرِمطلق خداوند!
ڪيڏو نہ سڀاڳو آهي اهو ماڻهو جنهن جو تو تي ڀروسو آهي!

---

*صيئون جبل: صيئون جبل تي يروشلم شهر ۾ خداوند جو هيڪل اڏيل هو.

9:83 رهه 4:6-22، 7:1-23    11:83 رهه 7:25، 8:12

## زبور 85

### قوم جي ڀلائيءَ لاءِ دعا

(استاد موسيقار لاءِ، بني قوراح جي زبورن ۾ شامل)

1 اي خداوند! تون اڳي پنھنجي ملڪ تي مھربان رھيو آھين.
ھائو، تو بني اسرائيل کي خوشحالي موٽائي ڏني ھئي.
2 تو پنھنجي قوم جي خطا بخشي ڇڏي ھئي.
تو انھن جا سڀيئي گناھ معاف ڪري ڇڏيا ھئا.
3 تو انھن تان پنھنجي سخت غضب کي ڪٽي ورتو ھو.
تو کي مٿن جيڪا سخت ڪاوڙ ھئي،
سا تو انھن تان ٽاري ڇڏي ھئي.

4 اي اسان جا بچائيندڙ خدا!
ھاڻ تون اسان کي وري بحال ڪر،
۽ پنھنجو ڏمر اسان تان لاھي ڇڏ.
5 ڇا تون ھميشہ تائين اسان سان ڪاوڙيل رھندين؟
ڇا تنھنجو غصو پيڙھي بہ پيڙھي جاري رھندو؟
6 ڇا تون اسان کي نئين سر جيئرو نہ ڪندين؟
تانتہ تنھنجي ڪري تنھنجي قوم خوشيون ڪري.
7 اي خداوند! تون ھاڻ پنھنجي دائمي شفقت ڏيکار،
۽ اسان جي مدد ڪري اسان کي بچاءِ.

8 خداوند خدا جيڪا وراڻي ڏئي ٿو سا آءٌ ٻڌان ٿو.
ھو واعدو ٿو ڪري تہ پنھنجي قوم، پنھنجي چونڊيلن سان،
سلامتيءَ واريون ڳالھيون ڪندو،
شرط اھو آھي تہ اسين وري بيوقوفيءَ جو رستو نہ وٺون.
9 يقيناً جيڪي سندس خوف رکن ٿا،
تن کي ھو ڇڏائڻ وارو آھي،
تانتہ سندس عظمت اسان جي ملڪ ۾ چمڪي.

10 ھاڻ دائمي شفقت ۽ وفاداري ٻيئي اچي گڏبيون.
ھاڻ سچائي ۽ سلامتي ٻيئي پاڪر پائي ملنديون.
11 ھائو، انسان جي وفاداري ڌرتيءَ مان مٿي وڌي ھلندي،
۽ خدا جي سچائي آسمان مان مٿن نظر ڪندي.
12 خداوند ئي اسان کي چڱيون شيون عطا ڪندو،
۽ اسان جون ٻنيون جھجھو فصل اُپائينديون.

13 اي خداوند!
ڌرتيءَ تي تون پنھنجي لاءِ سچائيءَ واري راھ تيار ڪندين،
ھائو، اھڙي راھ جيڪا تنھنجي لائق ھوندي.

## زبور 86

### مصيبت وقت مدد لاءِ دعا

(دائود جي زبورن ۾ شامل، ھڪ دعا)

1 اي خداوند! ڪن ڏيئي ٻڌ ۽ منھنجو عرض اگھاءِ،
ڇالاءِجو آءٌ مسڪين ۽ محتاج آھيان.
2 تون منھنجيءَ جان جي حفاظت ڪر،
ڇوجو آءٌ تنھنجو نيڪ ٻانھو آھيان.
تون پنھنجي ھن ٻانھي کي بچاءِ،
جنھن جي توڪل تو تي ئي آھي.
3 تون ئي منھنجو خدا آھين.
اي ڌڻي! مون تي رحم ڪر،
ڇوجو آءٌ سڄو ڏينھن تو کي پڪاريندو ٿو رھان.
4 اي پروردگار! پنھنجي ھن ٻانھي کي خوشي عطا ڪر،
آءٌ پنھنجي بچاءَ لاءِ التجائون تو آڏو ئي ٿو رکان.
5 ھن ڪري جو اي منھنجا ڌڻي!
تون ئي معاف ڪندڙ ۽ ڀلو آھين.
جيڪي تو کي پڪارين ٿا تن تي تون دائمي شفقت ڪندڙ آھين.
6 اي خداوند! تون منھنجي دعا ٻڌ،
تون منھنجيءَ منٿ تي پنھنجو ڪن ڏي.
7 آءٌ پنھنجي مصيبت جي ڏينھنِ ۾ تو کي پڪاريندو آھيان،
ڇالاءِجو تون منھنجي پڪار ٻڌندو آھين.

8 اي منھنجا رب! معبودن ۾ ڪوبہ تو جھڙو نہ آھي،
۽ نہ وري تنھنجي ڪمن جھڙا ڪنھن ٻئي جا ڪم آھن.
9 اي ڌڻي! سڀيئي قومون جن کي تو ئي خلقيو آھي،
سي اچي تو کي سجدو ڪنديون.
اھي سڀيئي تنھنجي نالي جي واکاڻ ڪنديون.
10 بيشڪ تون عظيم آھين ۽ تنھنجا ڪم عجيب آھن،
ڇالاءِجو رڳو تون ئي خدا آھين.

11 اي خداوند! مون کي پنھنجي راھ ڏيکار تہ
آءٌ ان تي وفاداريءَ سان ھلان.
مون کي اھڙي دل عطا ڪر جيڪا رڳو تو لاءِ وقف ھجي،
۽ جيڪا تنھنجو ئي خوف ڪندي رھي.
12 اي خداوند! اي منھنجا خدا!

9:86 مڪا 4:15

آءٌ دل وَ جان سان تنهنجي واکاڻ ڪندس،
۽ تنهنجي نالي جي سدائين تعريف ڪندو رهندس.
13 ڇالاءِجو مون تي تنهنجي ايڏي تہ دائمي شفقت آهي،
جو تو مون کي موت جي منهن مان ڇڏايو آهي.

14 اي خدا! مغرور ماڻهو منهنجي خلاف اٿي کڙا ٿيا آهن.
ظالمن جو ٽولو منهنجيءَ جان جي پٺيان پيو آهي.
اهي اهڙا آهن جو تنهنجو ڪو لحاظ نہ ٿا رکن.
15 جيئن تہ اي ڌڻي! تون رحيم ۽ ڪريم خدا آهين،
تون دائمي شفقت ۽ وفا سان ڀرپور آهين،
۽ غصي ڪرڻ ۾ ڍرو آهين،
16 سو مون ڏانهن ڦري مون تي رحم جي نگاهہ ڪر.
پنهنجي هن ٻانهي کي پنهنجي طاقت عطا ڪر،
۽ پنهنجي ٻانهيءَ جي هن ٻار کي بچاءِ.
17 اي خداوند! تون مون کي پنهنجي ڪرم جي نشاني ڏيکار،
تانتہ مون سان نفرت ڪرڻ وارا اهو ڏسي خوار خراب ٿين،
هائو، جڏهن تون منهنجي مدد ڪندين ۽ مون کي آٿت ڏيندين.

## زبور 87

## يروشلم جو شان

(بني قوراح جي زبورن ۾ شامل، هڪ گيت)

1 خداوند پنهنجو شهر
پاڪ جبل صيئون تي اَڏايو آهي.
2 بني اسرائيل جي سڀني رهڻ وارين جاين کان
خداوند کي يروشلم جو شهر وڌيڪ پيارو آهي.
3 اي خدا جا شهر! ڏس، تنهنجي باري ۾
ڪيڏيون نہ چڱيون ڳالهيون ڪيون وڃن ٿيون.

4 خدا فرمائي ٿو تہ
”جيڪي قومون منهنجي فرمانبرداري ٿيون ڪن،
ڀوءِ اهي مصر ملڪ واريون هجن يا بابل شهر واريون،
توڙي فلستين، صور ۽ *سوڊان واريون هجن،
تن سڀني کي آءٌ يروشلم جي رهاڪن ۾ شمار ڪندس.“
5 بيشڪ خدا تعاليٰ صيئون جي شهر کي اهڙو قائم ڪيو آهي،
جو هر قوم چوندي تہ
”اسين بہ هن ئي شهر جا آهيون.“
6 سو جڏهن خداوند قومن کي پنهنجا ماڻهو ڪري شمار ڪندو،
تڏهن هو لسٽ ۾ هر ڪنهن جي رهائش بابت هيئن لکندو تہ
”هي ماڻهو يروشلم جو آهي.“

7 بيشڪ سڀيئي ماڻهو خوشيءَ وچان نچندي هيئن ڳائيندا تہ
”اي يروشلم! اسان جي هر برڪت جو سرچشمو تون ئي آهين.“

## زبور 88

## موت جي ڏپ کان دعا

(استاد موسيقار لاءِ هدايت: هي گيت ”محلت لعنوت“ جي سُر تي ڳايو وڃي. بني قوراح جي زبورن ۾ شامل، هيما ازراخيءَ جو زبور)

1 اي خداوند! اي منهنجا خدا! تون منهنجو بچائيندڙ آهين،
ڏينهن رات آءٌ تنهنجي حضور ۾ دانهون ٿو ڪريان.
2 منهنجي دعا کي تون پنهنجي حضور ۾ پهچڻ ڏي،
هائو، منهنجي انهن دانهن تي تون پنهنجو ڪن ڏي.

3 ڇالاءِجو منهنجي جان ڏکن سان ڀرجي ويئي آهي،
۽ منهنجي حياتي قبر کي ويجهو پوندي ٿي وڃي.
4 مون کي مئل ماڻهن ۾ شمار ڪيو وڃي ٿو،
آءٌ بلڪل ئي بيوس ٿي پيو آهيان.
5 آءٌ ڄڻ تہ مئلن جي وچ ۾ ڇڏيو ويو آهيان،
جن کي ماري قبر ۾ وڌو هجين،
هائو، جيڪي تنهنجي سنڀال ۾ نہ آهن،
۽ جن کي تو وساري ڇڏيو آهي.
6 تو مون کي پاتال جي تري ۾ اڇلائي ڇڏيو آهي.
هائو، تو مون کي اونداهيءَ جي اوڙاهہ ۾ وجهي ڇڏيو آهي.
7 تنهنجو غضب مون تي ڏاڍو ڀاري آهي،
مون کي تنهنجي غصي وارين ڇولين ٻوڙي ڇڏيو آهي.

8 تو منهنجي ويجهن ساٿين کي مون کان پري ڪيو آهي،
سندن نظر ۾ تو مون کي ڪراهت جهڙو ڪري ڇڏيو آهي.
آءٌ اهڙي بند ۾ پيو آهيان جنهن مان ڀڄي نڪري نہ ٿو سگهان.
9 ڏکن جي ڪري منهنجي اکين ۾ ڌنڌ ايندو ٿو وڃي.
اي خداوند! هر روز آءٌ تو ڏانهن پنهنجا هٿ ڊگهيري
تو کي پڪاريندو ٿو رهان.

10 ڀلا مئل ماڻهن کي تون پنهنجا معجزا ڏيکاريندين ڇا؟
يا اهي مُڙدا جيئرا ٿي تنهنجي واکاڻ ڪندا ڇا؟
11 ڀلا قبر وارا تنهنجي دائمي شفقت بيان ڪندا ڇا؟
يا وري قبر ۾ ڪو تنهنجي وفا جو ذڪر ٿيندو ڇا؟

*سوڊان: عبرانيءَ ۾ ”ڪُوش“ لکيل آهي. انهن ڏينهن ۾ هي علائقو موجوده ايٿوپيا ۽ سوڊان ملڪن جي ڪجھ حصي تي مشتمل هو.

12 پلا اونداهيءَ ۾ تنهنجا معجزا پڌرا ٿيندا ڇا؟
يا ويسر واري جهان ۾ رهندي تنهنجي ڀلائي ياد رهندي ڇا؟

13 پر اي خداوند! آءٌ تو کي مدد جي لاءِ پيو پڪاريان ٿو،
هر صبح منهنجي دعا تنهنجي حضور ۾ پهچي ٿي.
14 اي خداوند! ڪهڙي سبب مون کي رد تو ڪرين؟
ڇو تون مون کان پنهنجو منهن ٿو موڙين؟
15 ننڍپڻ کان ئي آءٌ ڏکي آهيان،
۽ موت جي ڪنڌيءَ تي رهيو آهيان.
آءٌ تنهنجي ڌپ وچان حيران وَ پريشان آهيان.
16 تنهنجو سخت غضب مون تي اچي ڪڙڪيو آهي.
تنهنجي دهشتناڪ حملن مون کي تباهه ڪري ڇڏيو آهي.
17 اهي سڄو ڏينهن مون کي ٻوڏ جيان گهيري ۾ رکن ٿا،
۽ هر پاسي کان مون کي وڪوڙي ويا آهن.
18 تنهنجي هن مصيبت ڏيڻ جي ڪري
منهنجا ساٿي ۽ پيارا به مون کان پري ٿي ويا آهن،
هاڻ ته اونداهي ئي منهنجي ساٿي ۽ رفيق آهي.

## زبور 89

### قومي مشڪلات جي وقت جو گيت

( ايتان ازراخيءَ جو زبور)

1 اي خداوند! شل تنهنجي لافاني شفقت جا گيت
آءٌ سدائين ڳائيندو رهان.
شل پيڙهي به پيڙهي آءٌ تنهنجي وفا بيان ڪندو رهان.
2 ڇالاءِجو مون کي يقين آهي ته
تنهنجي شفقت هميشه قائم رهندي،
هائو، آسمان جيان تو پنهنجي وفا کي قائم رکيو آهي.
3 تو خداوند فرمايو آهي ته
”مون پنهنجي چونڊيل بندي سان عهد ڪيو آهي،
هائو، مون پنهنجي ٻانهي دائود سان قسم کنيو آهي ته
4 ’تنهنجي نسل مان سدائين ڪو نه ڪو بادشاهه ٿيندو رهندو،
هائو، پيڙهي به پيڙهي تنهنجو تخت قائم رهندو.‘“

5 اي خداوند! شل آسمانن ۾
تنهنجي معجزن جي تعريف ڪئي وڃي.
هائو، شل آسمان وارا تنهنجي وفا جي واکاڻ پيا ڪن.
6 اي خداوند! آسمانن ۾ اهڙو ڪوبه ڪونهي،
جنهن جي تو سان ڀيٽ ڪجي،
۽ نه ئي معبودن جي ٽولي ۾ ڪو تو جهڙو آهي.
7 اي خدا! آسمان وارن ۾ هر ڪو تنهنجو خوف رکي ٿو،
جيڪي تنهنجي آس‌پاس آهن،
تن سڀني کان تون وڌيڪ هيبتناڪ آهين.

8 اي خداوند، قادرِمطلق خدا!
تو جهڙو زورآور ٻيو ڪير آهي؟
هر ڪنهن ڳالهه ۾ تون ئي پورو پورو وفادار آهين.
9 ڳجندڙ سمنڊ تي تنهنجو ئي حڪم هلي ٿو،
جڏهن ان جون ڇوليون مٿي چڙهن ٿيون،
تڏهن تون ئي انهن کي ماٺو ڪرين ٿو.
10 تو ساموندي بلا رهب کي ڇيپاٽي ماري ڇڏيو آهي.
تو پنهنجو زورآور هٿ کڻي
پنهنجي ويرين کي ٽيڙي پکيڙي ڇڏيو آهي.
11 بيشڪ آسمان تنهنجا آهن ۽ زمين پڻ تنهنجي ئي آهي،
تو ئي جهان ۽ انهيءَ ۾ جيڪي ڪجهه آهي تنهن کي جوڙيو آهي.
12 هائو، اتر کان ڏکڻ تائين تو ئي هر شيءِ پيدا ڪئي آهي.
سو تبور ۽ حرمون جبل به
تنهنجي نالي جي ڪري خوشيون ڪن ٿا.
13 تنهنجي قدرت تمام مٿاهين آهي.
تنهنجو هٿ زورآور آهي ۽ تون طاقت وارو آهين.
14 تنهنجو تخت عدل ۽ سچائيءَ جي بنياد تي بيٺل آهي،
دائمي شفقت ۽ وفا تنهنجي آڏو رهن ٿيون.

15 سڀاڳي آهي اها قوم،
جيڪا خوشيءَ جي نعري سان تنهنجي واکاڻ ڳائي ٿي.
اي خداوند! اسين تنهنجي مهربانين سان زندگي گذاريون ٿا.
16 اسين تنهنجي نالي جي ڪري سڄو ڏينهن خوشيون ڪيون ٿا،
۽ تنهنجي ڪيل ڀلائيءَ جي ڪري بيحد خوش ٿيون ٿا.
17 ڇالاءِجو تون اسان جي طاقت جو شان آهين،
تنهنجي مهربانيءَ جي ڪري اسان جي طاقت وڌي ٿي.
18 ڇالاءِجو اي خداوند! تون ئي اسان جي ڍال آهين.
اي اسرائيل جا پاڪ معبود! تون ئي اسان جو بادشاهه آهين.

### دائود بادشاهه سان خدا جو واعدو

19 خدا پنهنجي چونڊيل بندن کي اڳي رويا ۾ هيئن فرمايو هو ته
”مون پنهنجي قوم مان هڪڙي کي چونڊي سرفراز ڪيو آهي.
هائو، مون هڪڙي جنگي جوڌي کي سندن بادشاهه بڻايو آهي.
20 اهو منهنجو ٻانهو دائود ئي آهي،

89 عنوان 1.با 4:31    4:89 2.سم 7:12–16، 1.توا 17:11–14، زب 132:11، رس 2:30    20:89 1.سم 13:14، رس 13:22، 1.سم 16:12

جنهن کي مون پنهنجي خاص تيل سان مسح ڪري
بادشاهه مقرر ڪيو آهي.
21 منهنجو هٿ سدائين انهيءَ جي مٿان رهندو،
۽ منهنجي هٿان کيس طاقت پيئي ملندي.

22 سندس ڪوبه دشمن کيس شڪست ڏيئي نه سگهندو،
۽ نه وري ڪو بڇڙو ماڻهو انهيءَ کي آزاري سگهندو.
23 بلڪ آءٌ سندس دشمنن کي سندس روبرو چيپاٽي ڇڏيندس.
هائو، جيڪي ساڻس عداوت ٿا رکن تن کي آءٌ ماري وجهندس.
24 مون خدا جي وفا ۽ شفقت هميشه انهيءَ ساڻ رهندي،
هائو، منهنجي قدرت جي وسيلي هن جو ڳاٽ مٿاهون رهندو.
25 آءٌ هن جي بادشاهت کي اولهه ۾ يونوچ سمنڊ کان
اوڀر ۾ فرات نديءَ تائين وڌائي ڇڏيندس.
26 دائود مون کي پڪاري چوندو ته ’تون منهنجو ابو آهين،
تون ئي منهنجو خدا، منهنجو محافظ ۽ بچاءُ آهين.‘

27 آءٌ انهيءَ کي پنهنجي پهريتي پٽ ٿيڻ جو حق ڏيئي
کيس دنيا جي سڀني بادشاهن کان عظيم بادشاهه بڻائيندس.
28 آءٌ ابد تائين انهيءَ تي پنهنجي شفقت قائم رکندس،
۽ منهنجو عهد انهيءَ سان بيحد مضبوط رهندو.
29 انهيءَ جي نسل مان سدائين ڪو بادشاهه ٿيندو رهندو،
۽ جيستائين آسمان قائم آهي تيستائين سندس تخت قائم رهندو.

30 پر جيڪڏهن سندس اولاد منهنجي شريعت کي ڇڏي ڏيندو،
جيڪڏهن اهي منهنجي قاعدن تي نه هلندا،
31 يا منهنجي قانونن جي پڃڪڙي ڪندا،
۽ منهنجي حڪمن تي عمل نه ڪندا،
32 ته پوءِ آءٌ سندن ڏوهن جي سزا کين لٺ سان ڏيندس.
هائو، آءٌ سندن گناهن جي سزا کين چهبڪن سان ڏيندس.
33 تڏهن به آءٌ دائود تي ڪيل پنهنجي شفقت
سندس اولاد تان ڪين هٽائيندس.
هائو، آءٌ پنهنجي وفا کي باطل ٿيڻ ڪين ڏيندس.
34 آءٌ دائود سان پنهنجو ڪيل عهد نه ٽوڙيندس.
هائو، پنهنجي ڪيل واعدن مان آءٌ هڪڙي تان به نه ڦرندس.

35 مون پهريون ۽ آخري دفعو
پنهنجي پاڪيزگيءَ جو قسم کڻي ڇڏيو آهي
۽ دائود سان ڪڏهن به ڪوڙ نه ڳالهائيندس ته
36 انهيءَ جي نسل مان سدائين ڪو نه ڪو بادشاهه ٿيندو رهندو،
۽ جيستائين سج قائم آهي،
تيستائين آءٌ سندس تخت قائم رکندس.
37 هائو، جيستائين آسمان ۾ چنڊ قائم آهي،
تيستائين سندس بادشاهت قائم وَ دائم رهندي.“

## بادشاهه جي شڪست تي افسوس ڪرڻ

38 پر اي خداوند! ڏس،
هاڻي تون پنهنجي مسح ڪيل تي ڏاڍو ڪاوڙيو آهين.
تو پنهنجي انهيءَ چونڊيل بادشاهه کي رد ڪيو آهي،
۽ کيس ڇڏي ڏنو اٿيئي.
39 تو پنهنجي ٻانهي سان ڪيل عهد کي منسوخ ڪيو آهي،
۽ انهيءَ جي تاج کي خاڪ ۾ ملائي ڇڏيو اٿيئي.
40 تو هن جي شهر جون پٿيون ڀڃي ڪيرائي ڇڏيون آهن،
۽ انهيءَ جي قلعن کي ڊاهي کنڊر بڻائي ڇڏيو اٿيئي.
41 رستي کان لنگهندڙ سڀيئي
تنهنجي انهيءَ چونڊيل کي ڀيا لٽين ڦرين ٿا.
سندس آس‌پاس جي قومن وارا مٿس طعنا هڻن ٿا.
42 تو ئي سندس مخالفن کي انهيءَ تي فاتح بڻايو آهي.
ائين ڪري تو سندس سڀني ويرين کي خوش ڪيو آهي.
43 تو هن جي تلوار جي ڌار کي موڙي ڇڏيو آهي،
۽ جنگ جي وقت سندس پيرن کي ڄمڻ ڪين ڏنو اٿيئي.
44 تو هن جي شاهي شان کي مٽائي ڇڏيو آهي،
۽ سندس تخت کي خاڪ ۾ ملائي ڇڏيو اٿيئي.
45 تو کيس جوانيءَ ۾ ئي پوڙهو بڻائي ڇڏيو آهي،
۽ خواريءَ سان کيس ڍڪي ڇڏيو اٿيئي.

## پنهنجي بچاءَ لاءِ بادشاهه جي دعا

46 اي خداوند! ڪيستائين، ڇا ابد تائين منهن موڙي ڇڏيندين؟
تون ڪيستائين پنهنجي غضب کي
باهه جيان ڀڙڪائيندو رهندين؟
47 اي خداوند! ڏس، منهنجي زندگي ڪيتري نه ٿوري آهي!
ڏس، تو بني آدم کي ڪيڏو نه فاني بڻايو آهي!
48 ڇا اهڙو ڪو انسان آهي جيڪو موت نه ڏسندو ۽ پيو جيئندو؟
ڇا ڪو اهڙو آهي جيڪو قبر کان پنهنجي جان بچائي سگهندو؟

49 اي پروردگار! تنهنجي اها شفقت ڪٿي آهي،
جيڪا پهريائين هئي؟
جنهن بابت تو دائود سان پنهنجي وفا جو قسم کنيو هو.
50 اي منهنجا رب! پنهنجي هن بندي کي ياد ڪر،

جنهن جي بدنامي پئي ٿئي.
هائو، آءٌ سيني غير قومن جا طعنا پنهنجي سيني تي پيو سهان.
51 اي خداوند! ڏس، تنهنجا دشمن ڪيئن نہ قدم قدم تي،
تنهنجي مسح ڪري چونڊيل هن بادشاهہ کي طعنا هڻن ٿا.

52 شال سدائين خداوند جي واکاڻ هجي.
آمين، ثمہ آمين.

## حصو چوٿون

(زبور 90–106)

## زبور 90

### خدا جي ابديت ۽ انسان جي فنائيت

(خدا جي بندي موسيٰ جي دعا)

1 اي ڌڻي! پيڙهي بہ پيڙهي
تون ئي اسان جي پناهہ‌گاهہ رهيو آهين.
2 ان کان اڳ جو جبل پيدا ٿيا،
۽ تو زمين بلڪ ساري جهان کي جوڙيو،
تون ئي ازل کان خدا هئين ۽ ابد تائين رهندين.

3 تون ئي تہ انسان کي وري مٽيءَ ۾ ملائين ٿو،
جو حڪم ٿو ڪرينس تہ ”اي بني آدم! تون مٽيءَ ۾ موٽي وڃ.“
4 تو خدا جي نظر ۾ هزار سال بہ ائين آهن،
جيئن ڪالهہ جو ڏينهن،
يا وري رات جو هڪڙو پهر ئي گذريو هجي.
5-6 تون اسان کي اهڙو غرق ڪري ٿو ڇڏين،
جڻ تنهنجي نظر ۾ اسين رڳو هڪ خواب مثل آهيون،
هائو، ان گاهہ مثل،
جيڪو هڪڙي ئي ڏينهن ۾ سڪي سڙي وڃي ٿو.
اهو گاهہ صبح جو وڌي وڏو ٿئي ٿو ۽ جهومي ٿو،
پر جڏهن شام ٿئي ٿي تہ تڏهن ڪُومائجي سُڪي وڃي ٿو.

7 يقيناً تنهنجي غصي جي ڪري اسين فنا ٿي وڃون ٿا،
تنهنجي انهيءَ ڪاوڙ جي ڪري اسين حيران وَ پريشان آهيون.
8 ڇالاءِجو تون اسان جي خطائن کي درگذر نہ ٿو ڪرين،
بلڪ اسان جي ڳجهن گناهن کي بہ پنهنجي نظر ۾ رکيو اچين.
9 سو تنهنجي غضب جي ڪري اسان جي حياتي گهٽجي ويئي آهي.
هائو، اسان جي عمر ايتري وڃي بچي آهي جيئن رڳو آہ پرجي.

10 اسان جي عمر وڌ ۾ وڌ ستر سال ٿئي ٿي،
يا وري جيڪڏهن ڪو تندرست آهي تہ پوءِ اسي سال،
جڏهن تہ اها بہ گهڻو ڪري مشڪلاتن ۽ ڏکن ۾ گذري وڃي ٿي.
پوءِ اها حياتي بہ جلد گذريو وڃي ۽ اسين ختم ٿيو وڃون.

11 تنهنجي غصي جي شدت کي ڪير ٿو ڄاڻي سگهي،
جيستائين تنهنجو واجب خوف نہ ٿو ڪجي.
12 تون اسان کي سيکار تہ
اسين پنهنجي حياتيءَ جا باقي ڏينهن ڏاهپ سان گذاريون.

13 اي خداوند! هاڻ تہ اسان سان پرچي پئُہ،
تون ڪيستائين ڪاوڙيل رهندين!
هاڻي تہ پنهنجي هنن بندن تي رحم ڪر.
14 اسان کي هر صبح پنهنجيءَ ٻاجهہ سان ڀرپور ڪر،
تان‌تہ اسين پنهنجي ساري حياتي خوش ۽ سرها گذاريون.
15 جيترا ڏينهن تو اسان کي ڏکن ۾ رکيو آهي،
۽ جيترا سال آفتن ۾ گذريا آهن،
اوتري ئي اسان کي خوشي عطا فرماءِ.
16 تون پنهنجي قدرت جا ڪم پنهنجي هنن بندن تي پڌرا ڪر،
۽ پنهنجي عظمت اسان جي اولاد تي ظاهر ڪر.
17 اي خداوند اسان جا خدا!
شل تنهنجي ٻاجهہ جي ڇانوَ اسان تي هجي!
تون اسان جي هٿن جي ڪم کي اسان لاءِ ڪاميابي بڻاءِ.
هائو، شل اسان جون ڪوششون
اسان لاءِ ڪاميابيءَ جو سبب بڻجن!

## زبور 91

### خدا اسان جو محافظ

1 اي اوهين! جيڪي خدا تعاليٰ جي پناهہ ۾ رهو ٿا،
هائو، اوهين جيڪي قادرِمطلق جي پاڇي ۾ ٿا رهو،
2 خداوند کي اوهين هيئن چئو تہ
”اي اسان جي پناهہ ۽ اسان جا قلعا!
تون ئي اسان جو خدا آهين جنهن تي اسان کي ڀروسو آهي.“
3 ڇالاءِجو اوهان کي ماريءَ جي ڦندي کان هو ئي ڇڏائيندو.
هائو، اوهان کي موتمار بيماريءَ کان اهو ئي ڇڏائيندو.
4 هو اوهان تي پنهنجي پرن جي ڇانوَ ڪندو،
۽ اوهين سندس حفاظت ۾ رهندا.
سندس وفا اوهان جي واسطي ڍال ۽ پناهہ ٿيندي.

4:90 2.پطـ 8:3

5 پوءِ اوهين نڪي رات جي هيبت کان ڊڄندا،
۽ نه وري انهن تيرن کان، جيڪي ڏينهن جو هلايا ويندا هجن.
6 اوهين نڪي ان وبا کان ڊڄندا جيڪا اونداهيءَ ۾ اچي پوي ٿي،
۽ نه وري ان بربادي‌ءَ کان جيڪا ڏينهن ڏٺي اچي ڪڙڪي ٿي.
7 پوءِ اوهان جي آڏو هڪ هزار مرن توڙي ڪٽي ڏهه هزار،
پر تڏهن به اوهان کي ڪو ڇيهو ڪونه رسندو.
8 اوهين رڳو پنهنجي اکين سان ويٺا ڏسندا.
هائو، اوهين ڏسجو ته بدڪارن کي ڪهڙو بدلو ٿو ملي.

9 اوهان خداوند کي پنهنجي پناهه‌گاهه بڻايو آهي،
بيشڪ اوهان خدا تعاليٰ کي پنهنجو محافظ بڻايو آهي.
10 سو هاڻي اوهان تي ڪابه مصيبت ڪانه ايندي،
نڪي وري ڪا به آفت اوهان جي گهر جي ويجهو ايندي.
11 ڇالاءِجو هن اوهان لاءِ پنهنجي ملائڪن کي حڪم ڏنو آهي،
ته اهي اوهان جي سيني واٽن ۾ اوهان جي سنڀال ڪندا رهن.
12 اهي پنهنجي هٿن تي ڪڻي اوهان کي مٿي جهلي وٺندا،
تان‌ته متان ڪنهن پٿر سان اوهان جي پيرن کي چوٽ لڳي.
13 اوهين ببر شينهن ۽ ڪاريهر نانگ کي به
پنهنجي پيرن هيٺ لتاڙي وجهندا.
هائو، اوهين جوان شينهن ۽ ازدها کي به پائمال ڪري ڇڏيندا.

14 خدا فرمائي ٿو ته
”جيڪي مون سان دل لڳائين ٿا، تن کي آءٌ ڇڏائيندس.
آءٌ سندن حفاظت ڪندس ڇوجو هو مون کي خداوند مڃين ٿا.
15 جڏهن هو مون کي پڪاريندا ته آءٌ هنن جي ٻڌندس.
آءٌ سندن مصيبت ۾ ساٿي ٿيندس،
آءٌ کين ڇڏائيندس ۽ عزت بخشيندس.
16 آءٌ کين وڏي ڄمار عطا ڪندس،
۽ هو ڏسندا ته مون کي بچائڻ جي ڪيڏي نه قدرت آهي.“

## زبور 92
## واکاڻ جو گيت
(سبت جي ڏينهن لاءِ زبور)

1 تو خداوند جو شڪر ادا ڪرڻ ڪيڏو نه چڱو آهي!
اي خدا تعاليٰ! تنهنجي نالي جي واکاڻ ڪرڻ ڪيڏو نه چڱو آهي!
2 بيشڪ صبح جي وقت تي تنهنجي دائمي شفقت جو ذڪر ڪرڻ،
۽ رات جي وقت تي تنهنجي وفا جو بيان ڪرڻ ڪيڏو نه چڱو آهي.
3 ڏهن تارن واري ساز سان
توڙي سارنگي‌ءَ ۽ دنبوري جي مٺي آواز سان
تنهنجي شفقت جي واکاڻ ڳائڻ ڪيڏو نه چڱو آهي!
4 ڇوجو اي خداوند!
تو پنهنجي ڪمن سان مون کي ڏاڍو خوش ڪيو آهي.
هائو، تنهنجي قدرت وارن ڪمن سبب آءٌ سرهائي‌ءَ مان ڳايان ٿو.

5 اي خداوند! تنهنجا ڪم ڪيڏا نه عظيم آهن!
۽ تنهنجا خيال انساني سوچ کان ڪيڏا نه بلند آهن!
6 هڪڙي ڳالهه آهي جا بي‌وقوف ماڻهو نه ٿا ڄاڻن،
هائو، جاهل ماڻهو هي‌ءَ ڳالهه سمجهي نه ٿا سگهن ته
7 جيتوڻيڪ بڇڙا ماڻهو گاهه جيان اُسرن ٿا،
هائو، اهي خطاڪار وڌن ۽ ويجهن ٿا،
تنهن هوندي به آخرڪار اهي هميشه لاءِ ناس ٿي ويندا.
8 ڇوجو اي خداوند! رڳو تون ئي،
هائو، رڳو تون ئي هميشه لاءِ سربلند آهين.
9 جڏهن ته اي خداوند! تنهنجا بدڪار دشمن
ڪٿو ڪٿو ڪيا ويندا،
بلڪ انهن سڀني کي برباد ڪيو ويندو.

10 پر مون کي تو جهنگلي سانَهه جهڙي سگهه عطا ڪئي آهي،
۽ چڱين چڱين برڪتن سان نوازيو اٿيئي.
11 منهنجي اکين منهنجي دشمنن جو حشر ڏٺو آهي،
۽ منهنجي ڪنن انهن مخالف بدڪارن جو روج راڙو ٻڌو آهي.

12 سچار ماڻهو کجي‌ءَ جي وڻ جيان ڦلدار آهن.
اهي لبنان واري ديال جي وڻ جيان پيا وڌندا ۽ مضبوط ٿيندا.
13 اهي خداوند جي گهر ۾ لڳل وڻن جيان آهن،
جيڪي اسان جي خدا جي حضور ۾ سدائين ساوا رهندا.
14 اهي وڏي‌ءَ عمر ۾ به ميوا پيا ڏيندا رهندا،
هائو، اهي سدائين تازا ۽ سرسبز رهندا.
15 جنهن مان اهو ظاهر ٿو ٿئي ته خداوند ڪيڏو نه سچار آهي،
هائو، منهنجي انهي‌ءَ محافظ ۾ ڪابه خامي ڪانهي.

## زبور 93
## خدا، ڪائنات جو حاڪم

1 اي خداوند! تون ئي بادشاهه آهين،
تو کي حشمت ۽ قدرت جو لبادو پهريل آهي.
هن جهان کي تو اهڙو مضبوطي‌ءَ سان قائم ڪيو آهي،

---

12:91 مت 6:4، لو 11:4    13:91 لو 19:10

جو ان کي ڪو لوڏو به اچي نه ٿو سگهي.
2 اي خداوند! تنهنجو تخت قديم زماني کان قائم آهي.
هائو، تون ئي ازل کان قائم ۽ دائم آهين.

3 سمنڊ گجگوڙون ٿا ڪن،
هائو، اهي ڏاڍو گوڙ شور پيا ڪن.
4 پر اي خداوند!
تون انهن بحرن جي گوڙ شور کان وڌيڪ قوي آهين.
تون سمنڊن جي وڏين ڇولين کان به وڌيڪ طاقتور آهين.
هائو، عرش عظيم تي سڀني جي مٿان قادر تون ئي آهين.

5 اي خداوند! تنهنجا قاعدا قانون بلڪل پڪا پختا آهن.
بيشڪ هميشه هميشه لاءِ
پاڪيزگي ئي تنهنجي هيڪل جو شان آهي.

## زبور 94
### خدا، سڀني جو انصاف ڪندڙ

1 اي خداوند! اي بدلو وٺندڙ خدا!
هائو، اي ٻچڙن کان بدلو وٺندڙ خدا! پنهنجو جلال ڏيکار.
2 اُٿ اي خدا! تون جيڪو ساري جهان جو انصاف ٿو ڪرين،
سو مغرورن کي ڪا جوڳي سزا ڏي.
3 اي خداوند! اهي ٻچڙا ماڻهو ڪيستائين،
هائو، ڪيستائين اهي ٻچڙا ماڻهو پاڻ کي پڌائيندا رهندا؟
4 ڪيستائين اهي سڀ بدڪار بڪ بڪ پيا ڪندا رهندا؟
ڪيستائين اهي مغروريءَ سان ڳالهائيندا ۽ ٻٽاڪون هڻندا رهندا؟

5 اي خداوند! اهي تنهنجي قوم کي پيڙيندا ٿا رهن.
هائو، اهي تنهنجي انهن چونڊيلن کي ستائيندا ٿا وتن.
6 اهي رنن‌زالن ۽ يتيمن کي قتل ڪندا ٿا رهن،
۽ انهن ۾ رهندڙ ڌارين کي کهندا ٿا وتن.
7 هو اسان جي ڏاڏي يعقوب جي خدا بابت هيئن ٿا چون ته
”خداوند اسان کي ڪين ٿو ڏسي،
نڪي اهو ڄاڻي ٿو ته اسين ڇا ٿا ڪريون.“

8 اي منهنجي قوم وارؤ! اوهين ڪيڏا نه جاهل آهيو!
ڪجهه ته ويچار ڪريو.
اي بي‌وقوف انسانؤ! اوهان کي ڪڏهن عقل ايندو؟
9 جنهن خود ڪن جوڙيو آهي، ڇا اهو ٻڌي ڪين سگهندو؟
جنهن خود اک جوڙي آهي، ڇا اهو ڏسي ڪين سگهندو؟
10 هو جيڪو قومن کي سيکت ٿو ڏئي،
ڇا اهو اوهان بدڪارن کي سزا ڪين ڏيندو؟
هو جيڪو انسان کي علم ٿو سيکاري،
ڇا اهو پاڻ ڪجهه ڪين ٿو ڄاڻي؟
11 بيشڪ خداوند انسان جي سوچن کي ڄاڻي ٿو.
هائو، خداوند ڄاڻي ٿو ته انسان جو هر خيال اجايو آهي.

12 اي خداوند! اهي سڀاڳا آهن جن کي تون سيکت ڏين ٿو،
بيشڪ اهي ئي سڀاڳا آهن جن کي تون شريعت سيکارين ٿو.
13 بدڪار ماڻهو جڏهن انهن لاءِ مصيبتون پيدا ڪن ٿا،
تڏهن تون ڪين آرام ٿو بخشين ۽ بدڪارن کي قبر داخل ٿو ڪرين.
14 ڇالاءِجو اي خداوند! تون پنهنجي قوم کي اڪيلو نه ڇڏيندين،
هائو، تون پنهنجي انهن چونڊيلن کي رد نه ڪندين.
15 بيشڪ بي‌انصافي ختم ٿيندي ۽ انصاف سچارن جي هٿ ايندو.
پوءِ سڀيئي سچيءَ دل وارا انصاف جي پيروي ڪرڻ لڳندا.

16 ڪنهن وقت منهنجي مدد ڪرڻ واسطي
انهن بدڪارن سان منهن ڏيڻ وارو ڪوبه ڪونه هو.
17 جيڪڏهن خداوند منهنجو مددگار نه ٿئي ها،
ته جيڪر آءٌ مئلن جي جهان ۾ وڃي پوان ها.
18 جڏهن به مون محسوس ٿي ڪيو ته
منهنجو پير ترڪندو ٿو وڃي،
تڏهن خداوند جي دائمي شفقت مون کي سنڀالي ٿي ورتو.
19 جڏهن به منهنجيءَ دل ۾ گهڻا فڪر اچي گڏ ٿي ٿيا،
تڏهن خداوند جي تسلين مون کي سرهو ٿي ڪيو.

20 اهي بي‌انصاف جج،
جيڪي قاعدن قانونن جي اوٽ ۾ ناانصافي ٿا ڪن،
تن سان خداوند جو ڪوبه واسطو ڪونهي.
21 اهي سچارن جي جان وٺڻ لاءِ گڏ ٿين ٿا،
۽ انهن بي‌گناهه ماڻهن تي قتل جي فتويٰ ڏين ٿا.
22 پر خداوند منهنجو پختو قلعو بڻيو آهي.
هائو، منهنجو خدا منهنجي پناهه وارو ٽڪر آهي.
23 هو انهن کي سندن بدڪارين جو بدلو ضرور ڏيندو،
هائو، هو انهن کي سندن بڇڙائيءَ ۾ برباد ڪري ڇڏيندو.
بيشڪ خداوند اسان جو خدا انهن کي فنا ڪري ڇڏيندو.

---

11:94 1.ڪر 3:20

## زبور 95
## اطاعت بنا عبادت ڪھڙي

1 اچو تہ اسين خداوند جا گيت ڳايون.
اسين پنھنجي محافظ ۽ بچائيندڙ لاءِ خوشيءَ جا نعرا ھڻون.
2 اچو تہ اسين شڪرگذاري ڪندا
انھيءَ جي حضور ۾ حاضر ٿيون،
۽ گيت ڳائيندي ھن جي آڏو خوشيءَ جا نعرا ھڻون.
3 ڇالاءِجو خداوند ئي عظيم خدا آھي.
ھو ئي سيني معبودن جي مٿان عظيم بادشاھہ آھي.
4 ڌرتيءَ جي ھيناھين ڪان وٺي جبلن جي اوچين چوٽين تائين،
سڀ ڪجھہ انھيءَ جي ھٿ ۾ آھي.
5 سمنڊ بہ ھن جا ئي آھن،
ڇوجو ھن ئي انھن کي جوڙيو آھي.
خشڪي بہ ھن جي ئي آھي،
جنھن کي ھن پنھنجي ھٿن سان تيار ڪيو آھي.

6 اچو تہ اسين جھڪي انھيءَ کي سجدو ڪريون،
۽ پنھنجي خالق خداوند جي آڏو گوڏا کوڙيون.
7 ڇالاءِجو ھو ئي تہ اسان جو خدا آھي.
اسين سندس رڍن جي ڌڻ مثل آھيون،
جن جي ھو پنھنجي چراگاھہ ۾ سار سنڀال لھي ٿو.

ھاڻي، اڄوڪي ڏينھن
اوھين پنھنجو ڪن ڏيئي خدا جو ھي پيغام ٻڌو تہ
8 ”اوھين ضد نہ ڪريو،
جيئن اوھان جي وڏن مريباہ ۾ ڪيو ھو،
۽ جيئن مساہ نالي جاءِ تي ھنن بيابان ۾ ڪيو ھو.
9 ھائو، اتي اوھان جي ابن ڏاڏن مون کي آزمايو ھو.
جڏھن تہ ھنن منھنجا عجيب ڪم ڏٺا ھئا،
پر پوءِ بہ منھنجو امتحان ورتائون.
10 آءٌ چاليھن سالن تائين ان پيڙھيءَ کان بيزار رھيس،
۽ چيو ھوم تہ ’ھي اھڙا ماڻھو آھن جن جون دليون گمراھہ آھن،
۽ جيڪي منھنجي راھن تي ھلڻ کان انڪاري آھن.‘
11 سو مون پنھنجي ڪاوڙ ۾ انھيءَ پيڙھيءَ لاءِ قسم کڻي چيو ھو تہ
’ھي انھيءَ ملڪ ۾ داخل نہ ٿيندا جتي آءٌ کين آرام ڏيان ھا.‘“

## زبور 96
## ڪائنات جي بادشاھہ جي واکاڻ

(1.تواريخ 16:23–33)

1 اي ڌرتيءَ جا سڀ رھاڪؤ!
خداوند جي واکاڻ ڳايو.
اوھين خداوند جي واکاڻ جو ھڪ نئون گيت ڳايو.
2 خداوند جي نالي جي واکاڻ ڳايو،
اوھين روزانو سندس بچائڻ واري ڪم جو بيان ڪندا رھو.
3 اوھين سيني قومن ۾ سندس عظمت ظاھر ڪريو.
ھائو، ھن جا عجيب ڪم سيني ماڻھن کي بيان ڪري ٻڌايو،
4 ڇالاءِجو خداوند عظيم ۽ سيني تعريفن جي لائق آھي.
بيشڪ سيني معبودن جي ڀيٽ ۾ خدا ئي تعظيم جي لائق آھي.
5 ٻين قومن جا سڀ معبود رڳو بي‌جان بت آھن،
پر اھو خداوند ئي آھي جنھن آسمانن کي بڻايو آھي.
6 بيشڪ عظمت ۽ حشمت ھن جي ئي حضور ۾ آھن،
۽ طاقت ۽ حسن بہ سندس مقدس ترين جاءِ ۾ آھن.

7 اي دنيا جون سڀيئي قومون!
خداوند جي واکاڻ ڪريو.
اوھين سندس قدرت ۽ عظمت جي واکاڻ ڪريو.
8 اوھين خداوند جي نالي جي لائق سندس عظمت واکاڻيو.
اوھين ھيڪل ۾ اچي سندس حضور ۾ نذرانا پيش ڪريو.
9 اوھين پاڪيزگيءَ جي حسن سان خداوند کي سجدو ڪريو.
اي ڌرتيءَ جا سڀ رھاڪؤ! اوھين ھن جي آڏو ڏڪندا رھو.

10 اوھين قومن منجھہ ھي اعلان ڪريو تہ
”خداوند ئي بادشاھہ آھي.“
ھُن ڌرتيءَ کي اھڙيءَ طرح قائم ڪيو آھي،
جيئن انھيءَ کي ڪو لوڏو نہ اچي.
ھو سچائيءَ سان قومن جو انصاف ڪندو.
11 ڀلي آسمان خوشيون ڪن ۽ زمين بہ ڀلي سرھي ٿئي،
ڀلي سمنڊ ۽ انھن ۾ موجود ھر ڪا مخلوق گجگوڙ ڪري.
12 ڀلي ميدان ۽ انھن منجھہ جيڪي بہ آھي،
سي سڀ خوشيون ڪن.
ڀلي تہ ٻيلن جا سڀيئي وڻ خوشيءَ وچان ڳائيندا رھن.
13 ھائو، اھي خداوند جي حضور ۾ ڳائين،

---

95:7–8 عبر 3:15، 4:7 95:8–9 خر 17:1–7، ڳا 20:2–13 95:11 ڳا 14:20–23، شر 1:34–36، 12:9–10، عبر 4:3–5
96:6 خر 25:8، 40:34 96:7–9 زب 29:1–2

چالاءِجو هو دنيا وارن جو انصاف ڪرڻ لاءِ اچي رهيو آهي.
هو انصاف ۽ سچائيءَ سان جهان جي قومن جي عدالت ڪندو.

## زبور 97

### خدا، حڪمرانِ اعليٰ

1 اي ساموندي علائقن وارؤ! بلڪ سڄي ڌرتيءَ وارؤ!
اوهين سڀ خوشيون ملهايو، ڇالاءِجو خداوند بادشاهه آهي.
2 هو ڪُڪُهه اونداهي ڪڪر جي پردي وچان
سچائيءَ ۽ انصاف سان بادشاهي ڪري ٿو.
3 هن جي اڳيان اڳيان باهه هلندي ٿي رهي،
جيڪا سندس دشمنن کي ساڙي رک ڪريو ٿي ڇڏي.
4 سندس وڄ ايڏو ته چمڪاٽ ٿي ڪري،
جو انهيءَ کي ڏسي ڌرتي به ڏڪيو ٿي وڃي.
5 خداوند جي آڏو پهاڙ به ميڻ جيان رجي وڃن ٿا،
هائو، انهيءَ ڌڻيءَ جي آڏو جيڪو ساري جهان جو مالڪ آهي.

6 آسمان انهيءَ جي سچائي ظاهر ڪن ٿا،
۽ سڀيئي قومون انهيءَ جو جلال ڏسن ٿيون.
7 تڏهن جيڪي هٿرادو ناهيل مورتين جي پوڄا ڪن ٿا،
۽ انهن بتن تي فخر ٿا ڪن سي سڀ خوار خراب ٿين ٿا،
جڏهن ته سڀيئي معبود خداوند آڏو جهڪي سجدو ڪن ٿا.

8 اي خداوند! تنهنجي انصاف وارن فيصلن سبب
يروشلم وارا سرها ٿين ٿا،
بلڪ يهوداه جا سمورا شهر خوشيون ملهائين ٿا.
9 بيشڪ اي خداوند!
تون ئي ساري جهان جو حڪمرانِ اعليٰ آهين.
تون سڀني معبودن جي ڀيٽ ۾ گهڻو مٿاهون آهين.

10 جيڪي بڇڙائيءَ کان نفرت ڪن ٿا،
تن کي خداوند پيار ڪري ٿو.
جيڪي سندس نيڪ بندا آهن تن جي هو حفاظت ڪري ٿو،
۽ بڇڙن ماڻهن جي هٿن منجهان کين ڇڏائي ٿو.
11 سچار ماڻهن جي مٿان خدا جو نور نازل ٿئي ٿو،
هائو، سچيءَ دل وارن کي خوشيون عطا ٿين ٿيون.
12 سو اي سچارؤ! خداوند جي ڪري اوهين خوشي ڪريو.
اوهين پاڪ خدا جو شڪرانو بجا آڻيو.

## زبور 98

### خدا، جهان جو حاڪم

(هڪ گيت)

1 اوهين خداوند جي لاءِ ڪو نئون گيت ڳايو،
ڇوجو هن عجيب وَ غريب ڪم ڏيکاريا آهن.
هن پنهنجي زورآور هٿ،
هائو، پنهنجي الاهي قدرت سان فتح حاصل ڪئي آهي.
2 خداوند دنيا جي سڀني قومن تي ظاهر ڪري ڇڏيو آهي ته
هو انصاف ڪرڻ ۽ ڇڏائڻ جي قدرت رکي ٿو.
3 هن بني اسرائيل جي خاطر
پنهنجي دائمي شفقت ۽ وفا کي ياد فرمايو آهي.
هائو، دنيا جي سڀني ماڻهن ڏٺو آهي ته
اسان جي خدا ڪيئن اسان کي بچايو آهي.

4 اي ڌرتيءَ جا سڀيئي رهاڪؤ!
خداوند لاءِ خوشيءَ مان نعرا هڻو.
جوش وَ جذبي سان خوشيءَ جا گيت ڳائي واکاڻ ڪريو.
5 اوهين دنبورا وڄائي خداوند جي واکاڻ ڳايو،
هائو، دنبورا وڄائي سريلي آواز سان سندس تعريف ڳايو.
6 اوهين شرنايون ۽ نفيلون وڄائي،
خداوند بادشاهه جي آڏو خوشيءَ جا نعرا هڻو.

7 اي سمنڊؤ! اوهين ۽ اوهان ۾ جيڪا به مخلوق آهي،
سي سڀ خوشيءَ وچان گجگوڙ ڪريو.
اي ڌرتي! تون ۽ تو ۾ جيڪا به مخلوق آهي،
سي سڀ سندس نعرا هڻو.
8 سڀ درياءَ تاڙيون وڄائين،
۽ پهاڙ گڏجي خوشيءَ سان ڳائين.
9 ڇالاءِجو هو اچي ٿو، تانته دنيا وارن جو انصاف ڪري.
هائو، هو انصاف ۽ سچائيءَ سان
دنيا جي قومن جي عدالت ڪندو.

## زبور 99

### خدا، عظيم بادشاهه

1 خداوند بادشاهه آهي.
هو پردار آسماني مخلوق تي تخت‌نشين آهي،

---

1:99 خر 22:25

سو سڀيئي قومون ڏڪن ٿيون،
هائو، ڌرتيءَ کي ڪنبڻي آهي.
2 خداوند *صيئون ۾ عظمت وارو آهي،
هو سڀني قومن مٿان بلند وَ بالا آهي.
3 بيشڪ هو ئي پاڪ آهي.
شل سڀيئي قومون سندس عظيم،
۽ هيبتناڪ نالي جي واکاڻ ڪن.

4 اسان جو طاقتور بادشاهه انصاف کي پسند ڪري ٿو،
۽ سچائيءَ کي سدائين قائم رکي ٿو.
هائو، هن بني اسرائيل ۾ عدل ۽ انصاف کي قائم ڪيو آهي.
5 بيشڪ هو ئي پاڪ آهي.
سو اچو ته اسين خداوند پنهنجي خدا جي ساراهه ڪريون،
۽ سندس تخت آڏو جهڪي ڪيس سجدو ڪريون.

6 موسيٰ ۽ هارون ٻيئي خداوند جا ڪاهن هئا،
۽ سموئيل به سندس نالو وٺي پڪاريندو هو،
سو خداوند انهن جون دعائون قبول ڪندو هو.
7 خداوند ڪڪر جي ٿنڀي منجهان ساڻن ڳالهائيندو هو.
هن کين جيڪي قاعدا قانون ڏنا تن تي هنن عمل ڪيو.

8 اي خداوند اسان جا خدا! تو پنهنجي قوم جي ٻڌي آهي.
تون اهو خدا آهين جيڪو کين معاف ڪندو رهيو آهين،
تنهن هوندي به سندن ڪمن جي سزا کين ضرور ڏني اٿيئي.

9 اوهين خداوند اسان جي خدا جي ساراهه ڪريو،
۽ سندس †پاڪ جبل تي سجدو ڪريو.
بيشڪ خداوند اسان جو خدا ئي پاڪ آهي.

## زبور 100

### مقدس هيڪل ۾ داخل ٿيڻ جو گيت

(شڪرگذاريءَ جو زبور)

1 اي ڌرتيءَ جا سڀيئي رهاڪؤ!
خوشيءَ مان خداوند جا نعرا هڻو.
2 اوهين گيت ڳائيندي خداوند جي حضور ۾ حاضر ٿيو،
۽ خوشيءَ سان سندس عبادت ڪريو.
3 اوهين ڄاڻي ڇڏيو ته خداوند ئي خدا آهي.
هن ئي اسان کي پيدا ڪيو آهي ۽ اسين هن جا ئي آهيون.
هائو، اسين سندس چونڊيل قوم،
۽ سندس چراگاهه جون رڍون آهيون.

4 شڪرگذاري ڪندي سندس هيڪل ۾ داخل ٿيو،
۽ هن جي بارگاهه ۾ اچي سندس واکاڻ ڪريو.
اوهين سندس شڪرانو ادا ڪريو،
۽ سندس نالي کي سڳورو ڄاڻو.

5 بيشڪ خداوند مهربان آهي،
سندس شفقت ابدي شفقت آهي،
۽ سندس وفا پيڙهي به پيڙهي قائم رهندي.

## زبور 101

### بادشاهه جو خدا سان واعدو

(دائود جي زبورن ۾ شامل)

1 آءٌ تنهنجي لافاني شفقت ۽ انصاف جا گيت ڳائيندس.
اي خداوند! آءٌ تنهنجي ئي واکاڻ پيو ڪندس.
2 آءٌ دل وَ جان سان تنهنجي سنئين راهه تي هلندس.
تون ڪڏهن اچي منهنجي مدد ڪندين؟

آءٌ پنهنجي بادشاهت ۾ بلڪل سچيءَ دل سان هلندس.
3 آءٌ ڪنهن به بڇڙائيءَ کي برداشت نه ڪندس.
بلڪ جيڪي ڏنگيءَ راهه تي هلن ٿا،
تن جي ڪمن کان مون کي نفرت آهي.
انهن ماڻهن سان منهنجو ڪوبه لاڳاپو ڪونهي.
4 آءٌ ڪنهن سان ٺڳي نه ڪندس،
نڪي برائيءَ جي ڪنهن به ڪم کي ويجهو ويندس.
5 جيڪو پنيءَ پويان ڪنهن ٻئي جون گلائون ٿو ڪري،
تنهن کي آءٌ ماٺ ڪرائي ڇڏيندس.
آءٌ مغرور ماڻهوءَ جي برداشت نه ڪندس.

6 منهنجون اکيون ملڪ جي ايماندار ماڻهن تي ڪتل آهن،
تان‌ته اهي محل جي اندر مون سان گڏجي رهن.
جيڪي سنئين راهه تي ٿا هلن سي ئي منهنجي خدمت ڪندا.

---

*صيئون: يعني يروشلم شهر، جنهن ۾ خدا جو مقدس هيڪل اڏيل هو.

†پاڪ جبل: يعني صيئون جبل، جنهن تي اڏيل يروشلم شهر ۾ خدا جو مقدس هيڪل هو.

7:99 خر33:9، ڳا 5:12 — 5:100 1.توا 34:16، 2.توا 13:5، 7:3، عز 11:3، زب 1:106، 1:107، 1:118، 1:136، ير 11:33

7 جيڪي ٺڳي ڪن ٿا سي منهنجي گهر ۾ نہ رهندا.
جيڪي ڪوڙ ڳالهائين ٿا سي منهنجي سامهون بيهي نہ سگهندا.
8 آءٌ روزانو ملڪ جي هر بڇڙي کي ناس پيو ڪندس.
خداوند جي شهر مان آءٌ هر بدڪار کي برباد ڪري ڇڏيندس.

## زبور 102

## تنگيءَ جي وقت دعا

(انهيءَ مصيبت جي ماريل جي دعا، جيڪو تنگ ٿي
خداوند جي حضور ۾ پنهنجي ڏکن لاءِ ٻاڏائي ٿو.)

1 اي خداوند! منهنجي دعا ٻڌ،
منهنجي دانهن شل تو تائين پهچي!
2 منهنجي مصيبت جي ڏينهن تي تون مون کان منهن نہ موڙ،
بلڪ مون ڏانهن پنهنجو ڪن ڏي.
آءٌ جڏهن تو کي پڪاريان تڏهن مون کي جلدي وراڻي ڏج.

3 ڇالاءِجو منهنجي حياتي دونهين وانگر گم ٿيندي وڃي ٿي.
منهنجين هڏين ۾ ڄڻڪ باهہ پيئي ٻري.
4 گاهہ وانگر منهنجي اميد بہ ڪومائجي سُڪي ويئي آهي،
ايتري قدر جو ماني کائڻ تي بہ دل نہ ٿي ڪري.
5 ڪنجهندي ڪنجهندي،
منهنجون هڏيون بہ وڃي منهنجي کل سان لڳيون آهن.
6 آءٌ بيابان جي ڳجهہ وانگر ٻڄي ويو آهيان.
آءٌ ويران هنڌن جي چٻري جهڙو ٿي پيو آهيان.
7 مون کي اوجاڳن اچي وڪوڙيو آهي ۽ ننڊ اچي ئي ڪين ٿي.
آءٌ انهيءَ پکيءَ جيان ٿي پيو آهيان،
جيڪو اڪيلو ڪنهن ڇت تي ويٺو هجي.
8 منهنجا دشمن سڄو ڏينهن مون تي طعنا ٿا هڻن.
ٺوڪ ڪندڙ ٻين تي لعنت ڪرڻ ۾ منهنجي نالي جو مثال ڏين ٿا.

9-10 تنهنجي ڪاوڙ جي ڪري خاڪ منهنجو کاڌو بڻي آهي،
۽ لڙڪن گڏيل پاڻي پي آءٌ پنهنجي اڃ اُجهايان ٿو.
هي سڀ تنهنجي ڏمر ۽ ڪاوڙ جي ڪري ٿيو آهي،
ڇوجو تو مون کي پاڻ وٽان پري اڇلائي ڇڏيو آهي.
11 منهنجي حياتي شام جي وهامندڙ پاڇي وانگر گذرندي ٿي وڃي،
۽ آءٌ گاهہ وانگر ڪومائبو ٿو وڃان.

12 پر اي خداوند! تون تخت تي سدائين قائم رهندين،
پيڙهي بہ پيڙهي تنهنجي نالي جي يادگيري رهندي.
13 تون اٿ ۽ *صيئون تي پنهنجي رحم جي نظر ڪر،
ڇالاءِجو هي ئي وقت آهي جو تون انهيءَ تي ترس کائين.
هائو، انهيءَ جي مدد ڪرڻ جو وقت اچي پهتو آهي.
14 اسان تنهنجي ٻانهن کي
تنهنجي شهر جي پٿرن سان بہ ايترو تہ پيار آهي،
جو انهن کي ڪنڊر واري مٽيءَ ۾ پيل ڏسي
اسين ڏک سان پرجي ٿا وڃون.

15 پوءِ جڏهن خداوند پنهنجي بچائڻ واري قدرت ڏيکاريندو،
تڏهن دنيا جون سڀ قومون ڏسي ڏڇي وينديون،
هائو، دنيا جا سمورا بادشاهہ سندس جلال کان ڏڄندا.
16 ان وقت خداوند صيئون کي وري تعمير ڪندو،
۽ ائين هو پنهنجي عظمت ظاهر ڪندو.
17 هو قوم جي مسڪين جلاوطنن جي دعا ڏانهن ڌيان ڏيندو،
۽ سندن دعا کي حقير نہ ڄاڻيندو.

18 سو ايندڙ پيڙهيءَ لاءِ خداوند جا اهي ڪم لکيا وڃن،
تانتہ جيڪا پيڙهي پيدا ٿيندي سا خداوند جي واکاڻ ڪري تہ
19 ”خداوند عرش عظيم تان هيٺ ڌرتيءَ تي نظر ڪئي آهي.
هائو، هن پنهنجي پاڪ جاءِ تان هيٺ نهاريو آهي.
20 هن جلاوطنن جون آهون ٻڌي نگاهہ ڪئي آهي،
تانتہ هو انهن کي ڇڏائي جيڪي موت جي منهن ۾ آهن.“

21 جڏهن خداوند صيئون کي وري اڏيندو،
تڏهن ماڻهو اتي يروشلم ۾ سندس نالي جي واکاڻ پيا ڪندا.
22 انهيءَ وقت سڀيئي قومون ۽ بادشاهتون،
خداوند جي عبادت ڪرڻ لاءِ اچي گڏ ٿينديون.

23 اي خدا! تو ڦوهہ جوانيءَ ۾ ئي
منهنجو زور ٽوڙي ڇڏيو آهي.
تو منهنجي حياتيءَ کي بلڪل گهٽائي ڇڏيو آهي.
24 اي منهنجا خدا! منهنجي التجا آهي تہ
اڌ عمر ۾ ئي منهنجي حياتيءَ جي ڏور نہ ڪٽ.

تون ازل کان ابد تائين پيڙهي بہ پيڙهي قائم آهين.
25 تو ئي قديم زماني کان زمين جو بنياد وڌو هو،
۽ آسمان پڻ تنهنجي هٿ جي ڪاريگري آهن.

*صيئون: يعني يروشلم شهر، ڏسو آيت 16 ۽ 21 پڻ.

102:25–27 عبر 1:10–12

26 اهي سڀ نابود ٿي ويندا،
رڳو تون ئي باقي رهندين.
سڀئي شيون پوشاڪ وانگر پراڻيون ٿي ونديون،
انهن کي تون ڪپڙن جيان هٽائيندين ۽ اهي نابود ٿي ونديون.
27 پر تون جيئن آهين تيئن ئي رهندين ۽ ڪين بدلبين،
نڪي ڪڏهن تنهنجي ڏينهنِ جي پڄاڻي ٿيندي.

28 تنهنجي هنن ٻانهن جا ٻار سلامتيءَ سان پيا گذاريندا،
هائو، تنهنجي قوم جو نسل تنهنجي حضور ۾ قائم رهندو.

## زبور 103

## خداوند جا احسان

(دائود جي زبورن ۾ شامل)

1 آءٌ پنهنجي دل سان خداوند جي واکاڻ ڪريان ٿو،
هائو، پنهنجي پوري دل وَ جان سان
سندس پاڪ نالي جي واکاڻ ڪريان ٿو.
2 آءٌ پنهنجي دل سان خداوند جي واکاڻ ڪريان ٿو،
آءٌ هن جي ڪنهن بہ احسان کي نہ ٿو وساريان.
3 هائو، هو ئي تہ آهي
جيڪو منهنجا سمورا گناهہ معاف ٿو ڪري.
هو ئي تہ آهي
جيڪو منهنجي سمورن مرضن کان مون کي شفا ٿو ڏئي.
4 هو ئي مون کي پاتال ۾ ڪرڻ کان بچائي ٿو.
هو ئي مون کي دائمي شفقت ۽ رحمت جو تاج پارائي ٿو.
5 هو ئي مون کي ساري عمر
دنيا جون سڀ چڱيون شيون عطا ڪري ٿو،
تانتہ آءٌ نئين سر جوان ٿي طاقتور عقاب وانگر گذاريان.

6 خداوند سچائيءَ سان ڪم ڪندي
سيني مظلومن جي حق ۾ فيصلو ڏئي ٿو.
7 هن پنهنجين راهن کي موسيٰ آڏو ظاهر ڪيو،
۽ پنهنجي عجيب ڪمن کي بني اسرائيل آڏو پڌرو ڪيائين.
8 خداوند رحيم ۽ ڪريم آهي،
هو ڪاوڙ ڪرڻ ۾ ڍرو ۽ ٻاجهہ سان پرپور آهي.
9 هو قوم کي سدائين چينڀيندو ڪين رهندو،
نڪي وري هو پنهنجي غصي کي هميشہ لاءِ جاري رکندو.
10 هو اسان جي ڪيل گناهن موجب اسان سان هلت نہ ٿو ڪري،
نڪي وري اسان جي بڇڙاين مطابق اسان کي بدلو ڏئي ٿو.

11 ڇالاءِجو جيترو آسمان زمين کان مٿي آهي،
اوتري ئي انهن تي خداوند جي رحمت جهجهي آهي،
جيڪي سندس خوف رکن ٿا.
12 جيترو اڀرندو الهندي کان پري آهي،
اوترو ئي هو اسان جا گناهہ اسان کان پري ڪري ٿو.
13 جيئن ڪو پيءُ پنهنجي ٻارن جي مٿان ڪهل ڪري ٿو،
تيئن ئي خداوند انهن تي ڪهل ڪري ٿو،
جيڪي سندس خوف رکن ٿا.
14 ڇالاءِجو هو ڄاڻي ٿو تہ اسين ڇا مان ٺهيل آهيون.
هائو، کيس اهو ياد رهي ٿو تہ اسين رڳو خاڪ آهيون.

15 فاني انسان جي حياتي رڳو گاهہ مثل آهي،
هائو، اها جهنگلي گل جيان ٿوري وقت لاءِ ٽڙي ٿي.
16 ڇالاءِجو جيئن ئي انهيءَ تي واءُ لڳي ٿو تہ اهو گم ٿيو وڃي،
پوءِ وري انهيءَ جي پنهنجي جاءِ کي بہ انهيءَ جو پتو نہ ٿو پوي.
17 پر جيڪي خداوند جو خوف رکن ٿا،
تن تي ازل کان وٺي ابد تائين سندس رحمت وسي ٿي.
هن جي ڀلائي سندن اولادن جي اولادن تي پڻ هلندي اچي ٿي،
18 يعني انهن سڀني تي جيڪي سندس عهد تي قائم رهن ٿا،
جيڪي هن جي حڪمن تي دل وَ جان سان عمل ڪن ٿا.

19 خداوند پنهنجو تخت عرش عظيم تي قائم ڪيو آهي،
هر شيءِ تي سندس ئي حڪومت هلي ٿي.
20 اي خداوند جا سگهارا فرشتؤ! خداوند جي واکاڻ ڪريو.
هائو، اوهين جيڪي سندس هر حڪم جي بجاآوريءَ لاءِ
هميشہ تيار رهو ٿا.
21 اي خداوند جي سموري آسماني مخلوق!
هائو، اوهين سڀ جيڪي سندس خدمتگار آهيو،
۽ سندس مرضيءَ تي هلو ٿا،
سي سڀئي سندس واکاڻ ڪريو.
22 اي خداوند جي ساري خلقت! انهيءَ جي واکاڻ ڪر،
انهيءَ جي پوري بادشاهت ۾، هائو، هر هنڌ کيس سگهورو ڄڻُہ.
آءٌ بہ دل وَ جان سان خداوند جي واکاڻ ڪريان ٿو.

## زبور 104

## خالق جي ثنا

1 آءٌ دل وَ جان سان تو خداوند جي واکاڻ ڪريان ٿو.
اي خداوند منهنجا خدا! تون بيحد عظيم آهين،

103:8 يع 5:11

عظمت ۽ حشمت تو کي لباس جيان پهريل آهن.
2 تو نور کي پنهنجي مٿان پوشاڪ وانگر پهريو آهي.
تو آسمان کي ڇپر وانگر پکيڙي ڇڏيو آهي.
3 تو پنهنجي ماڙين کي آسمان تي تعمير ڪيو آهي.
تون ڪڪرن کي پنهنجي سواري بڻائين ٿو،
۽ واءُ جي بازن تي پرواز ڪرين ٿو.
4 هوائن کي تون پنهنجو پيغام پهچائيندڙ تو بڻائين،
۽ وچ جي تجلن کي پنهنجو خادم تو بڻائين.

5 تو ڌرتيءَ کي سندس بنيادن تي قائم ڪيو آهي،
تانته انهيءَ کي ڪڏهن به ڪو لوڏو نه اچي.
6 تو انهيءَ کي پوشاڪ وانگر سمنڊ سان ڍڪي ڇڏيو آهي،
ايتري تائين جو پاڻي جبلن کان به مٿي بيٺو هو.
7 پر پوءِ جڏهن تو ان کي ڇينڀيو ته اهو ڀڄي ويو.
هائو، تنهنجي گجگوڙ ٻڌڻ سان پاڻي جلدي لهي ويو.
8 جبل ظاهر ٿي بيٺا ۽ پاڻي وادين منجهان وهي ويو،
پوءِ اهو انهيءَ جاءِ تائين ويو،
جيڪا تو هن واسطي مقرر ڪئي هئي.
9 تو پاڻيءَ لاءِ حد مقرر ڪئي آهي جيئن ان کان اڳتي نه وڌي،
تانته اهو ڌرتيءَ کي وري ڍڪي نه ڇڏي.

10 تون ئي جبلن منجهه چشما جاري ڪرين ٿو،
جيڪي وادين مان برساتي نهرون بڻجي نڪرن ٿا.
11 اهي ئي سڀني جهنگلي جانورن کي پاڻي مهيا ڪن ٿا،
جهنگلي گڏهه به تن مان اچي اڃ لاهين ٿا.
12 انهن جي ڪنارن جي آس‌پاس پکي آکيرا ناهي ويهن ٿا،
هائو، اهي ٽارين ۾ ويهي لاتيون ڪن ٿا.

13 تون پنهنجي عرش منجهان جبلن تي مينهن وسائين ٿو،
تنهنجي قدرت سان زمين جهجهي پيداوار ڏئي ٿي.
14 تون ڍڳن لاءِ گاهه اُپائين ٿو ۽ انسانن لاءِ اناج،
تانته انسان زمين مان پنهنجي خوراڪ حاصل ڪن.
15 تون مئي کي پيدا ڪرين ٿو،
جيڪا ماڻهن جي دل خوش ٿي ڪري،
تون تيل کي پيدا ڪرين ٿو،
جنهن سان هو پنهنجي چهري کي چمڪائين ٿا،
۽ تون انهن کي ماني ڏين تو جيڪا کين طاقت بخشي ٿي.

16 لبنان جي ديال وارن وڻن کي جهجهو پاڻي ملي ٿو.
اهي وڻ خداوند جا آهن جيڪي هن ئي پوکيا آهن.
17 انهن وڻن ۾ پکي پنهنجا آکيرا ناهين ٿا،
جڏهن ته صنوبر جي وڻن ۾ لقلق پنهنجا گهر جوڙين ٿا.
18 وڏن وڏن جبلن تي جهنگلي ٻڪريون رهن ٿيون،
۽ ٽڪريون جهنگلي سهن جون جاءِپناهه آهن.

19 تو چنڊ بڻايو آهي تانته اهو موسمن جو نشان ٿئي.
سج به پنهنجي لهڻ جي پوري وقت کان واقف آهي.
20 جڏهن تون اونداهي تو ڪرين تڏهن رات ٿي وڃي ٿي،
انهيءَ مهل جهنگلي جانور پنهنجي ٽاڪن مان نڪرن ٿا.
21 جوان شينهن گجگوڙ ڪندي
پنهنجي شڪار جي ڳولها ۾ نڪرن ٿا،
هائو، خدا جي مقرر ڪيل پنهنجي خوراڪ کي ڳوليندا وتن ٿا.
22 پوءِ جيئن ئي سج تو اڀري تيئن ئي اُهي واپس موٽن ٿا،
۽ پنهنجين غارن ۾ وڃي سمهي رهن ٿا.
23 صبح ٿيڻ تي وري انسان اُٿي پنهنجي ڪم تي نڪرن ٿا،
۽ اهي سانجهيءَ تائين پنهنجي پورهئي ۾ لڳا رهن ٿا.

24 اي خداوند!
تو پنهنجي ڏاهپ سان جيڪي شيون پيدا ڪيون آهن،
سي ايتريون ته گهڻيون آهن،
جو ساري ڌرتي تنهنجي مخلوق سان ڀرجي ويئي آهي.
25 ساڳيءَ طرح هي سمنڊ پڻ ڪيڏو نه وڏو ۽ ويڪرو آهي!
جنهن ۾ ننڍا وڏا بيشمار چرندڙ ڦرندڙ جاندار ملن ٿا.
26 انهيءَ منجهه جهاز هلن ٿا،
۽ اژدها بلا به منجهس رهي ٿي،
جنهن کي تو اتي کيڏڻ ڪُڏڻ لاءِ پيدا ڪيو آهي.

27 پوري مخلوق کي تنهنجو ئي آسرو آهي،
جو تون سندن ضرورت وقت کين کاڌو ڏئين ٿو.
28 تون سندن لاءِ جيڪي مقرر ڪرين ٿو، سو هو حاصل ڪن ٿا.
هائو، جڏهن تون پنهنجي مُٺ کي کولين ٿو،
تڏهن اهي چڱين شين سان ڍءُ ڪن ٿا.
29 پر جڏهن تون ڪانئن منهن موڙين ٿو،
تڏهن اهي پريشان ٿي وڃن ٿا.
جڏهن انهن جو ساهه ڪڍين ٿو،
تڏهن اهي مري وڃي مٽيءَ ۾ ٿا ملن.
30 جڏهن وري تون پاڻ وٽان ساهه موڪلين ٿو،
تڏهن ڌرتيءَ تي مخلوق پيدا ٿئي ٿي.

104:4 عبر 1:7    104:26 ايو 41:1، زب 74:14، يس 27:1

ائين تون روءِزمين کي نئين سر آباد ڪندو رهين ٿو.

31 شال خداوند جي عظمت هميشه هميشه تائين رهي!
شال خداوند پنهنجي انهن خلقيل شين کان خوش ٿئي!
32 هو جڏهن ڌرتيءَ ڏانهن نهاري ٿو ته اها ڏڪيو ٿي وڃي.
هو جڏهن جبلن کي ڇُهي ٿو ته انهن مان به دونهون ٿو نڪري.

33 جيستائين آءٌ جيئرو رهندس خداوند جا گيت پيو ڳائيندس.
جيستائين آءٌ حيات آهيان پنهنجي خدا جي واکاڻ پيو ڪندس.
34 شل منهنجا هي خيال کيس پسند اچن!
ڇالاءِجو اهو خداوند ئي آهي جنهن کان مون کي خوشي ملي ٿي.
35 شل گنهگار ڌرتيءَ تان بلڪل فنا ٿي وڃن،
۽ بدڪار ڌرتيءَ تي باقي نه رهن!

آءٌ دل وَ جان سان خداوند جي واکاڻ ڪريان ٿو،
۽ انهيءَ کي سڳورو چوان ٿو.

## زبور 105

## خداوند، پنهنجي واعدي جو سچو

(1.تواريخ 16:8-22)

1 اوهين خداوند جو شڪر ڪريو ۽ سندس نالو پڪاريو.
اوهين سندس ڪمن کي قومن منجهه بيان ڪندا رهو.
2 اوهين انهيءَ جا گيت ڳائيندي سندس واکاڻ ڪريو.
هن جيڪي عجيب ڪم ڪيا آهن تن سڀني جو ذڪر ڪريو.
3 اوهين هن جي پاڪ نالي تي فخر ڪندا رهو،
پل ته انهن سڀني جون دليون خوش ٿين،
جيڪي خداوند جا طالبو آهن.
4 اوهين خداوند جا ۽ سندس قدرت جا طالبو رهو.
اوهين سندس ديدار جي طلب رکندي هيڪل ۾ ايندا رهو.
5-6 اي اوهين! جيڪي انهيءَ جي بندي ابراهيم جو نسل آهيو،
اوهين خدا جي انهن عجيب ڪمن کي ياد ڪريو،
جيڪي هن ڪيا آهن.
هائو، اوهين! جيڪي سندس چونڊيل يعقوب جو اولاد آهيو،
اوهين هن جي معجزن ۽ سندس ٻڌايل فيصلن کي ياد رکو.

7 بيشڪ اهو ئي خداوند اسان جو خدا آهي.
انهيءَ جا ئي فيصلا ساري ڌرتيءَ تي رائج آهن.

8 هو ابد تائين پنهنجي عهد کي ياد رکڻ وارو آهي،
يعني انهيءَ واعدي کي جيڪو هزار پيڙهين لاءِ هن فرمايو هو،
9 هائو، اهو ئي عهد جيڪو هن ابراهيم سان ڪيو هو،
هائو، اهو ئي قسم جيڪو هن اسحاق سان کنيو هو.
10 انهيءَ عهد کي هن يعقوب جي لاءِ قانونِ محڪم بڻايو،
۽ سندس اولاد لاءِ پڻ هن انهيءَ کي ابدي عهد ٺهرايو،
11 جڏهن يعقوب کي فرمايائين ته
”آءٌ تو کي ڪنعان جو ملڪ ڏيندس،
تان‌ته اهو ملڪ تنهنجي ميراث ٿئي.“

12 انهيءَ وقت بني يعقوب بلڪل ئي ٿورا هئا،
۽ جنهن ملڪ ڪنعان ۾ هو رهيا ٿي تنهن ۾ ڌاريا هئا.
13 انهيءَ وقت هو هڪڙي قوم کان
ٻيءَ قوم ڏانهن ڀٽڪندا رهندا هئا.
هائو، اهي هڪڙي بادشاهت کان ٻيءَ ڏانهن پيا ڀٽڪندا هئا.
14 مگر خدا مٿن ڪنهن کي به ظلم ڪرڻ نه ڏنو،
بلڪ انهن جي خاطر هن بادشاهن کي به ڇنڀيو هو.
15 هن انهن کي تاڪيد ڪيو هو ته
”هي منهنجا مسح ڪري چونڊيل نبي آهن،
جن کي اوهين نڪي هٿ لايو، نه وري ڪو نقصان رسايو.“

16 پوءِ خداوند انهيءَ ملڪ تي ڏڪار نازل ڪيو هو،
۽ سڀني جي روزيءَ جو سهارو بلڪل ئي توڙي ڇڏيائين.
17 هن انهيءَ کان اڳ يعقوب جي پٽ يوسف کي مصر موڪليو،
جيڪو اتي غلاميءَ ۾ وڪاڻو هو.
18 کيس اها تڪليف پڻ ڏني ويئي
جو سندس پيرن ۾ پيڙيون وڌيون ويون،
۽ ڪنڌ ۾ لوهه جا زنجير وجهي کيس قابو ڪيو ويو.
19 يوسف تيستائين قيد ۾ رهيو،
جيستائين سندس ڏنل خواب پورو نه ٿيو،
۽ خداوند پنهنجي ڪيل ڪلام موجب کيس سچو ثابت نه ڪيو.
20 اهو هن ريت ٿيو
جو مصر جي بادشاهه پاڻ ماڻهو موڪلي يوسف کي ڇڏايو.
21 پوءِ هن کيس پنهنجي محلات جو مختيار بڻائي رکيو،
بلڪ کيس پنهنجي ساريءَ ملڪيت جو حاڪم مقرر ڪيائين،
22 تان‌ته يوسف پنهنجي مرضيءَ موجب
سندس اعليٰ عملدارن جي تربيت ڪري،
۽ دانائي سان سندس اميرن جي رهنمائي ڪري.

105:9 پيد 12:7، 17:8، 26:3    105:10-11 پيد 28:13    105:14-15 پيد 20:3-7    105:16 پيد 41:53-57
105:18-19 پيد 39:20-40:23    105:20 پيد 41:14    105:21 پيد 41:39-41

23 ان کان پوءِ يعقوب پنهنجي ڪٽنب سميت آيو،
۽ مصر ملڪ ۾ ڌارئي طور رهڻ لڳو.
24 خداوند ڪين وڌائي پنهنجي هڪ وڏي قوم بڻايو،
۽ ڪين سندن دشمنن کان به وڌيڪ زورآور ڪيائين.
25 پوءِ هن مصرين جي دلين کي ڦيريو،
تان‌ته اهي سندس انهيءَ قوم کان نفرت ڪن.
هائو، جيئن مصري ماڻهو سندس ٻانهن سان دغابازي ڪن.

26 پوءِ هن پنهنجي ٻانهي موسيٰ کي مصر ڏانهن موڪليو،
۽ هارون کي به چونڊي ساڻس گڏ موڪليائين.
27 هنن مصري ماڻهن منجهه خداوند جا معجزا ڏيکاريا،
هائو، سندن ملڪ ۾ عجيب وَ غريب ڪم ڏيکاريائون.
28 خدا اونداهيءَ کي موڪلي پورو ملڪ اونداهو ڪري ڇڏيو.
پر تڏهن به مصرين سندس حڪم جي خلاف‌ورزي ڪئي.
29 تڏهن هن سندن ندين جو پاڻي رت ۾ بدلائي ڇڏيو،
۽ انهن ۾ موجود مڇيون ماري ڇڏيائين.
30 پوءِ خدا سندن سڄو ملڪ ڏيڏرن سان ڀري ڇڏيو،
ايتري قدر جو اهي بادشاهن جي ڪمرن ۾ به گهڙي ويا.
31 وري جڏهن حڪم فرمايائين ته
بيشمار مکيون توڙي مَڇَر اچي سندن ملڪ تي ڪڙڪيا.
32 هن برساتن جي بدران سندن سڄي ملڪ تي
وِڄ جا شعلا نازل ڪيا ۽ مٿن خوب ڳڙا وسايائين،
33 جن سان سندن انگورن جا باغ،
توڙي انجير جا وڻ برباد ڪري ڇڏيائين.
سندن ملڪ ۾ جيڪي به وڻ هئا،
تن سڀني کي هن ڀڃي ڪيرائي ڇڏيو.
34 وري جڏهن هن حڪم فرمايو ته ايترا ته مڪڙ آيا،
جو انهن جو ڪو شمار ئي نه هو.
35 انهن مصرين جي سمورن وڻن ۽ ٻوٽن کي ڳڙڪائي ڇڏيو،
بلڪ سندن ٻنين جو سارو ڦل کائي کپائي ڇڏيائون.
36 پوءِ هن مصرين جي سڀني پهريتن پٽن کي ماري ڇڏيو،
هائو، اهي جيڪي سندن گهراڻي جا پڳدار پٽ هئا.

37 پوءِ خدا بني اسرائيل کي مصر مان ڪڍي آيو،
هو اتان سون ۽ چاندي به پاڻ سان کنيو آيا،
سندن قبيلن مان ڪنهن هڪ ماڻهوءَ کي ڪا ٺوڪر به نه پهتي.
38 جيئن ته مصر وارا بني اسرائيل کان بيحد ڊڄڻ لڳا هئا،
تنهنڪري سندن مصر مان نڪري وڃڻ تي اهي ڏاڍا خوش ٿيا.
39 خدا پنهنجي قوم تي ڇانوَ ڪرڻ لاءِ مٿن ڪڪر ڦهلايو،
۽ رات جي وقت روشنيءَ لاءِ باهه جو ٿنڀو پڻ موڪليائين.
40 جڏهن هنن کاڌو گهريو ته هنن ڏانهن ٻٽيرا موڪليائين،
۽ کين آسمان جي مانيءَ سان ڍءُ ڪرايائين.
41 هن ٽڪر کي چيريو ته انهيءَ مان پاڻي وهي نڪتو،
جيڪو رڻ‌پٽ مان ندي بڻجي وهڻ لڳو.
42 اهو سڀ هن پنهنجي انهيءَ ذاتي واعدي موجب ڪيو،
جيڪو پنهنجي ٻانهي ابراهيم سان ڪيو هئائين.

43 خدا جڏهن پنهنجي چونڊيلن کي مصر مان ڪڍي ٻاهر آيو،
تڏهن سندس اها قوم گيت ڳائيندي
۽ خوشيون ملهائيندي ٻاهر آئي.
44 هن ٻين قومن جا ملڪ سندن حوالي ڪري ڇڏيا،
هائو، ٻين قومن جي محنت جو ڦل هن سندن جهوليءَ ۾ وڌو.
45 خدا هي سڀ انهيءَ لاءِ ڪيو ته جيئن
سندس قوم سندس قاعدن قانونن ۽ حڪمن تي عمل ڪري.

خداوند جي واکاڻ ڪريو.

## زبور 106

### بني اسرائيل قوم جو گناهه ٻاسڻ

1 خداوند جي واکاڻ ڪريو ۽ سندس ٿورا مڃيو،
ڇالاءِجو هو ڀلو آهي ۽ سندس شفقت هميشه جي لاءِ آهي.
2 ڪير آهي
جيڪو خداوند جي قدرت جي ڪمن جو بيان ڪري سگهي؟
ڪير آهي جيڪو هن جي پوري واکاڻ ڪري سگهي؟
3 بيشڪ اهي سڀاڳا آهن جيڪي انصاف ڪن ٿا،
۽ هميشه سچائيءَ جي راهه تي هلندا رهن ٿا.

4 اي خداوند!
جڏهن تون پنهنجي ٻاجهه سان پنهنجي قوم کي ڇڏائين،
تڏهن مون کي به ياد ڪج،
5 ته جيئن آءٌ تنهنجي چونڊيلن جي خوشحالي ڏسان.

---

23:105 پيد 6:46، 11:47 25–24:105 خر 1:7–14 26:105 خر 3:1–4:17 28:105 خر 10:21–23 29:105 خر 7:17–21
30:105 خر 8:1–6 31:105 خر 8:16–17،20–24 33–32:105 خر 9:22–25 35–34:105 خر 10:12–15 36:105 خر 12:29
38–37:105 خر 12:33–36 39:105 خر 13:21–22 40:105 خر 16:2–15 41:105 خر 17:1–7، ڳا 20:2–13
44:105 يش 11:16–23 1:106 1.توا 16:34، 2.توا 5:13، 7:3، عز 3:11، زب 11:5، 107:1، 118:1، 136:1، ير 33:11

هائو، تنهنجي قوم جي خوشي ڏسي آءٌ بہ شادمان ٿيان،
۽ تنهنجي ماڻهن سان گڏجي بيحد فخر ڪريان.

6 بيشڪ اسان پنهنجي ابن ڏاڏن وانگر ڏوهہ ڪيا آهن،
هائو، اسان گناهہ ڪيا آهن، اسان بڇڙائي ڪئي آهي.
7 مصر ۾ اسان جي ابن ڏاڏن
خدا جي عجيب ڪمن کي ڪين سمجهيو.
هنن سندس رحمت جي گهڻائيءَ کي بلڪل وساري ڇڏيو هو،
بلڪ خدا تعاليٰ جي خلاف ڳاڙهي سمنڊ تي فساد ڪيو هئائون.
8 تنهن هوندي بہ پنهنجي نالي جي سچائيءَ موجب
هن کين بچايو هو،
تان‌تہ هو پنهنجي عظيم قدرت کي ظاهر ڪري.
9 هن جڏهن ڳاڙهي سمنڊ کي جهڙڪيو تڏهن اهو بہ سڪي ويو.
پوءِ انهيءَ جي تري منجهان کين خشڪ زمين جيان پار ٽپايائين.
10 عداوت رکڻ وارن جي هٿان هن کين بچايو.
هائو، سندن مصري دشمنن جي هٿان کين ڇڏايائين.
11 جڏهن تہ پنهنجي قوم جي انهن مخالفن کي
خدا انهيءَ سمنڊ ۾ ٻوڙي ڇڏيو،
ايستائين جو انهن مان ڪو هڪڙو بہ نہ بچايائين.
12 تڏهن بني اسرائيل خدا جي واعدن تي ايمان آندو،
۽ پوءِ سندس واکاڻ جا گيت ڳائڻ لڳا.

13 پر پوءِ جلد ئي هو سندس انهن ڪمن کي وساري ويٺا،
۽ خداوند جي مرضيءَ کان منهن موڙي ڇڏيائون.
14 هائو، اهي بيابان ۾ کائڻ پيئڻ جون ڏاڍيون سَڌون ڪرڻ لڳا،
ائين هنن رڻپٽ ۾ خدا کي ڏاڍو آزمايو.
15 تنهن هوندي بہ خدا انهن جو عرض اگهايو،
پر گڏوگڏ هن سندن جان کي اڏوهيءَ جهڙو مرض بہ لڳايو.

16 ان بعد خيمي‌گاهہ ۾ ڪن ماڻهن موسيٰ سان ڏاڍو حسد ڪيو،
۽ هارون، جيڪو خداوند جي خدمت لاءِ مخصوص ٿيل هو،
تنهن سان پڻ حسد ڪيائون.
17 تڏهن زمين ڦاٽي پيئي ۽ انهن ماڻهن،
يعني داتن ۽ ابيرام کي سندن خاندانن سميت ڳهي ويئي.
18 پوءِ انهن جي ٽولي جي باقي ماڻهن ۾
خدا اهڙي تہ باهہ ڀڙڪائي جو انهيءَ ۾ هر بدڪار سڙي ويو.

19 ان کان علاوه بني اسرائيل سينا جبل تي
سون مان گابي جي هڪڙي مورتي پلٽي جوڙي،
جنهن کي هنن سجدو ڪيو.
20 ائين هنن پنهنجي عظيم خدا کي ڇڏي ڏنو،
۽ انهيءَ جي بجاءِ
گاهہ کائيندڙ هڪ جانور جي مورتي چونڊي ورتائون.
21 هنن انهيءَ خدا کي وساري ڇڏيو جنهن کين بچايو هو،
هائو، جنهن هنن کي مصر جي غلاميءَ مان ڇڏائڻ لاءِ
وڏا وڏا ڪم ڪيا هئا.
22 جيتوڻيڪ خدا مصر ملڪ ۾ هنن لاءِ عجيب وَ غريب ڪم ڪيا،
۽ ڳاڙهي سمنڊ تي پڻ سندن لاءِ هيبتناڪ ڪم ڪيائين،
تنهن هوندي بہ هنن ڪيس وساري ڇڏيو.
23 تڏهن خدا فرمايو هو تہ ”آءٌ هنن کي برباد ڪندس.“
بلڪل ائين ئي ٿئي ها،
جيڪڏهن خدا جو چونڊيل موسيٰ سندن وچ ۾ نہ پوي ها،
تان‌تہ هو خدا جي ڪاوڙ ٽاري ڇڏي،
۽ اهي بربادي‌ءَ کان بچي وڃن.

24 ان کان سواءِ هنن انهيءَ وڻندڙ ملڪ ڪنعان کي حقير ڄاتو،
۽ پنهنجي خداوند جي ڪيل واعدي تي ڀروسو نہ ڪيائون.
25 ان جي بدران هو پنهنجي تنبن ۾ ويهي ڪِرڪِر ڪرڻ لڳا،
۽ ڪنعان وڃڻ واري خداوند جي حڪم جي نافرماني ڪيائون.
26 تنهنڪري خداوند سندن خلاف قسم کڻي چيو تہ
”آءٌ کين بيابان ۾ ماري چٽ ڪري ڇڏيندس،
27 ۽ سندن نسلن کي قومن ۾ ڇڙوڇڙ ڪندس.
هائو، انهن کي آءٌ سڄيءَ دنيا ۾ ڪٽو ڪٽو ڪري ڇڏيندس.“

28 پوءِ هنن هيئن بہ ڪيو
جو وڃي پعور جبل واري بعل ديوتا جي پوڄا ڪرڻ لڳا،
۽ بي‌جان بتن جون قربانيون کائڻ لڳا.
29 اهڙا ڪم ڪري هنن خدا کي غصو ڏياريو،
تنهنڪري اوچتو ئي اوچتو خدا مٿن وبا آڻي نازل ڪئي.
30 تڏهن فينحاس اٿي کڙو ٿيو ۽ ڏوهين کي سزا ڏنائين،
۽ پوءِ وبا بلڪل ئي بند ٿي ويئي.
31 اهو ڪم فينحاس لاءِ پيڙهي بہ پيڙهي،
هائو، هميشہ تائين سندس سچائي ڪري ليکيو ويو.

32 هنن مريباه جي چشمي تي بہ خداوند کي غصو ڏياريو هو،
۽ انهن جي ئي ڪري خدا موسيٰ کي پڻ نقصان رسايو هو.

---

7:106 خر 12–10:14 12–9:106 خر 31–21:14 12:106 خر 21–1:15 15–14:106 ڳا 34–4:11 18–16:106 ڳا 35–1:16
23–19:106 خر 14–1:32 26–24:106 ڳا 35–1:14 27:106 لاو 33:26 31–28:106 ڳا 13–1:25 33–32:106 ڳا 13–2:20

33 هيئن ٽيو جو هنن اتي موسيٰ کي رنجائي ڏاڍو ڪاوڙايو،
تڏهن موسيٰ غصي مان پنهنجيءَ قوم کي نامناسب ڳالهايو هو.

34 بني اسرائيل انهن غير قومن کي بہ ناس نہ ڪيو،
جن جي ناس ڪرڻ جو حڪم کين خداوند ڏنو هو.
35 اٽلندو انهن قومن سان هو رلي ملي ويا،
۽ انهن غير قومن جي ريتن رسمن تي پڻ هلڻ لڳا.
36 ايتري قدر جو هو پاڻ بہ انهن جي بتن جي پوڄا ڪرڻ لڳا،
جيڪي بت انهن لاءِ برباديءَ وارو ڦندو ثابت ٿيا.
37-38 ڪنعان ملڪ جي انهن پوتن جي آڏو
هنن پنهنجا ٻچا بہ قربان ڪيا.
هائو، پنهنجي معصوم پٽن توڙي ڌيئرن جو رت وهائي،
هنن پنهنجي ملڪ کي پليت ڪري ڇڏيو.
39 ائين ڪرڻ سان هنن خداوند سان بي‌وفائي ڪئي،
۽ پنهنجي انهن افعالن جي ڪري هو پاڻ بہ پليت ٿيا.

40 تڏهن خداوند کي پنهنجي قوم تي ڏاڍي ڪاوڙ آئي،
۽ پنهنجي انهن چونڊيلن کان کيس نفرت ٿي ويئي.
41 سو هن کين غير قومن جي هٿ ۾ ڏيئي ڇڏيو.
ائين ساڻن دشمني رکندڙ مٿن حڪمران ٿي ويا.
42 پوءِ جڏهن هو انهن جا تابعدار بڻجي ويا،
تڏهن سندن دشمن کين ڏاڍو ستائڻ لڳا.
43 خداوند بار بار کين ڇڏايو،
پر هو پنهنجي ئي صلاحن تي هلندي فسادي بڻجي ويا هئا،
سو نيٺ اهي پنهنجي بدڪاريءَ جي ڌٻڻ ۾ ڦاسي پيا.

44 تنهن هوندي بہ خدا جڏهن سندن دانهون ٻڌيون،
تڏهن سندن مصيبتن تي پنهنجي ڪرم جي نظر ڪيائين.
45 سو هن سندن واسطي ڪيل عهد کي ياد ڪيو،
۽ پنهنجي گهڻي ٻاجهہ جي ڪري
پنهنجو سزا وارو ارادو بدلائي ڇڏيائين.
46 پوءِ جن کين پنهنجي قبضي ۾ رکيو هو،
خداوند تن سڀني جي دلين ۾ سندن واسطي قياس وڌو.

47 اي خداوند اسان جا خدا! اسان کي بچاءِ.
اسان کي ڌارين قومن مان ڪڍي پنهنجي وطن ۾ آڻي گڏ ڪر،
تان‌تہ اسين تنهنجو شڪر ادا ڪندا رهون،
۽ تنهنجي ناليءَ جي حمد وَ ثنا تي فخر پيا ڪريون.

48 شل خداوند، بني اسرائيل جو خدا،
ازل کان ابد تائين سڳورو هجي،
سڀيئي ماڻهو چون ”آمين“.

خداوند جي واکاڻ ڪريو.

## حصو پنجون

(زبور 107–150)

## زبور 107

## دائمي شفقت لاءِ خداوند جي شڪرگذاري

1 ”اسين خداوند جو شڪر ڪريون ٿا،
ڇوجو هو ڀلو آهي ۽ سندس رحم هميشہ تائين قائم آهي.“
2 اوهين، جن کي خداوند بچايو آهي سي ائين چوندا رهو،
ڇالاءِجو هن اوهان کي اوهان جي دشمنن هٿان ڇڏايو آهي.
3 هائو، هن اوهان کي اوڀر توڙي اولهہ مان، اتر توڙي ڏکڻ مان،
يعني سڀني ملڪن مان ڪڍي
اوهان جي وطن ۾ آڻي گڏ ڪيو آهي.

4 اوهان مان ڪي ويران بيابان ۾ پئي رُليا،
جتان کين رهڻ لاءِ ڪنهن شهر جو رستو بہ ڪونہ پئي مليو.
5 اُهي بيحد بکايل ۽ اڃايل هئا،
۽ سندن جان بلڪل ماندي ٿي پيئي هئي.
6 تڏهن پنهنجيءَ مصيبت ۾ هنن خداوند کي پڪاريو،
سو خداوند انهن کي سندن تڪليفن کان ڇڏايو.
7 هو انهن کي سڌيءَ راهہ سان وٺي آيو،
۽ آڻي کين شهر ۾ پهچايائين.
8 سو هاڻ اوهين خداوند جي دائمي شفقت لاءِ
سندس شڪر ادا ڪريو،
هائو، انهن عجيب ڪمن لاءِ جيڪي هو انسان خاطر ڪري ٿو.
9 بيشڪ جيڪي اُڃايل آهن تن کي هو ڍءُ ٿو ڪرائي،
۽ جيڪي بکايل آهن تن جو چڱين شين سان پيٽ ٿو ڀري.

10 اوهين، جن کي خداوند بچايو آهي،
تن مان ڪي اونداهيءَ ۽ موت جي پاڇي ۾ وينا هئا.
اهي لوهہ جي ٻيڙين ۾ ٻڌل هئا ۽ مصيبت ۾ ٿي گذاريائون.
11 ڇالاءِجو هنن خدا جي حڪمن خلاف سرڪشي ڪئي هئي،

---

106:34–36 رهہ 2:1–3، 3:5–6 106:37–38 ڳا 33:35، 2.با 17:17 106:40–46 رهہ 2:14–18 106:47–48 1.توا 16:35–36
107:1 1.توا 16:34، 2.توا 5:13، 7:3، عز 3:11، زب 100:5، 106:1، 118:1، 136:1، ير 33:11

۽ خدا تعاليٰ جي هدايتن کي حقير ڄاتو هئائون.
12 تنهنڪري هن کين سخت پورهئي سان عاجز ڪيو هو،
ايتري قدر جو اُهي ڪري پيا ۽ ڪوبہ سندن مددگار نہ هو.
13 تڏهن هنن پنهنجيءَ مصيبت ۾ خداوند کي پڪاريو،
سو خداوند انهن کي سندن تڪليفن کان ڇڏايو.
14 هو کين اونداهيءَ ۽ موت جي پاڇي مان ڪڍي آيو،
۽ سندن قيد جي بندن کي ڀڃي ڇڏيائين.
15 سو هاڻ اوهين خداوند جي دائمي شفقت لاءِ
سندس شڪر ادا ڪريو،
هائو، انهن عجيب ڪمن لاءِ جيڪي هو انسان خاطر ڪري ٿو.
16 بيشڪ هو پتل جا مضبوط دروازا بہ ٽوڙي ڇڏي ٿو،
۽ لوهہ جي سيخن کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏي ٿو.

17 اوهين، جن کي خداوند بچايو آهي،
تن مان ڪي بي‌وقوف پنهنجن گناهن جي ڪري بيمار ٿيا هئا،
۽ پنهنجين بدڪارين جي ڪري ڏکن ۾ پيا هئا.
18 سندن دل کي ڪنهن بہ قسم جو کاڌو کين ٿي وڻيو،
بلڪ بيماريءَ ڪري اهي موت جي ڪنڌيءَ تي اچي پهتا هئا.
19 تڏهن هنن پنهنجيءَ مصيبت ۾ خداوند کي پڪاريو،
سو خداوند انهن کي سندن تڪليفن کان ڇڏايو.
20 هن پنهنجي حڪم سان کين شفا بخشي هئي،
۽ کين بربادي‌ءَ کان بچايو هئائين.
21 سو هاڻ اوهين خداوند جي دائمي شفقت لاءِ
سندس شڪر ادا ڪريو،
هائو، انهن عجيب ڪمن لاءِ جيڪي هو انسان خاطر ڪري ٿو.
22 اوهين خداوند آڏو
شڪرگذاريءَ واريون قربانيون پڻ پيش ڪريو،
۽ گيت ڳائيندي سندس ڪمن جو بيان ڪريو.

23 اوهان مان ڪي ٻيڙن ۾ چڙهي سمنڊ اندر هليا ويا،
تانتہ وڏن سمنڊن تي پنهنجو واپار ڪندا رهن.
24 هنن پنهنجي اکين سان خداوند جا اُهي عجيب ڪم ڏٺا،
جيڪي هن اونهي سمنڊ ۾ ڪيا.
25 ڇالاءِجو جڏهن هن حڪم ڪيو تڏهن طوفان اچي لڳو،
هائو، هن جي حڪم ڪرڻ سان ڇوليون مٿي چڙهي آيون.
26 تڏهن هو ٻيڙن ۾ آسمان تائين چڙهي وري تري ۾ لهي ٿي ويا،
اهڙين پريشانين جي ڪري سندن ساهہ سُڪي ٿي ويو.
27 پوءِ اُهي نشئي ماڻهوءَ جيان لڏڻ ۽ ٿاٻڙجڻ لڳا،
۽ انهيءَ حالت ۾ سندن هوش هواس گم ٿي ويا.
28-29 انهيءَ مصيبت ۾ هنن خداوند کي پڪاريو،
جنهن طوفاني هوائن کي روڪي ڇڏيو،
۽ سمنڊ جي ڇولين کي ماٺو ڪري ڇڏيائين.
اهڙيءَ طرح هن کين سندن تڪليفن کان ڇڏايو،
30 جنهن ڪري هو ڏاڍا خوش ٿيا.
پوءِ خداوند کين بندرگاهہ تي آڻي پهچايو،
جتي هنن وڃڻ ٿي چاهيو.
31 سو هاڻ اوهين خداوند جي دائمي شفقت لاءِ
سندس شڪر ادا ڪريو،
هائو، انهن عجيب ڪمن لاءِ جيڪي هو انسان خاطر ڪري ٿو.
32 هيڪل جي گڏجاڻيءَ ۾ اوهين سندس وڏائي بيان ڪريو،
هائو، اتي اڳواڻن سان گڏجي سندس حمد ڳائيندا رهو.

33-34 جنهن زمين تي رهندڙ بڇڙائي ڪندا ٿا رهن،
تنهن سرسبز وَ آباد زمين کي خداوند ڪلر بڻائي ٿو ڇڏي.
هو دريائن کي رڻپٽ ۾ تبديل ڪري ڇڏي ٿو،
۽ پاڻيءَ جي چشمن کي سُڪي زمين بڻائي ٿو ڇڏي.

35 خداوند ئي بيابانن کي تلائن ۾ تبديل ڪري ڇڏي ٿو،
۽ سُڪيءَ زمين کي پاڻيءَ جا چشما بڻائي ڇڏي ٿو.
36 اُتي هو انهن کي رهائي ٿو جيڪي بکايل آهن.
اهي پنهنجي رهڻ جي لاءِ اتي شهر اڏي ٿا ڇڏين.
37 هو اُتي ٻنيون ٿا پوکين ۽ انگورن جا باغ ٿا لڳائين،
اهڙيءَ طرح اهي زمين جو جهجهو فصل حاصل ٿا ڪن.
38 بيشڪ خداوند انهن ماڻهن کي برڪت ڏئي ٿو،
تہ جيئن اُهي وڌي گهڻا ٿي پون،
۽ سندن ڍورن ڍڳن جا ڌڻ بہ گهڻو وڌي وڃن.

39 جڏهن اُهي ظلم، تڪليف ۽ غم جي ڪري،
گهٽجن ۽ پست ٿين ٿا،
40 تڏهن خدا مٿن ظلم ڪرڻ وارن کي ذليل وَ خوار ڪري ٿو،
۽ کين اهڙي رڻ ۾ رلائي ٿو جتي ڪابہ واهہ ناهي.
41 پر هو محتاجن کي مصيبت مان ڇڏائي خوشحال بڻائي ٿو،
۽ سندن خاندانن کي ڌڻن وانگر وڌائي ڇڏي ٿو.
42 سچار اهو ڏسي خوش ٿا ٿين،
۽ سڀني بدڪارن جو وات بند ٿي وڃي ٿو.

43 جيڪي انسان عقلمند هوندا،
سي هنن ڳالهين تي ڌيان ڏيندا،
اهڙا ماڻهو خداوند جي دائمي رحمتن تي غور ڪندا.

## زبور 108

(زبور 57:7–11، 60:5–12)

### دائمي شفقت لاءِ خداوند جي شڪرگذاري

(دائود جي زبورن ۾ شامل، هڪ گيت)

1 اي خدا! منهنجو تو تي ڀروسو آهي،
هائو، اهڙو ڀروسو جيڪو ڪڏهن به ختم ٿي نه سگهي.
سو آءٌ گيت ڳائي تنهنجي واکاڻ ڪندس.
آءٌ ننڍ مان اٿي ڪڙو ٿيندس،
2 ۽ پنهنجي سارنگي ۽ دنبوري کي به جاڳائيندس.
هائو، آءٌ ڀرهہ ڦٽيءَ جو اٿي گيت ڳائيندس.
3 اي منهنجا ڌڻي! آءٌ ماڻهن آڏو تنهنجو شڪرانو ادا ڪندس.
هائو، آءٌ قومن ۾ گيت ڳائي تنهنجي واکاڻ ڪندس،
4 ڇالاءِجو تنهنجو رحم آسمانن تائين ٿمتار آهي،
بلڪ انهن ڪان به مٿي تائين.
بيشڪ تنهنجي وفا عظيم آهي،
جيڪا بادلن ڪان به مٿي تائين پريل آهي.

5 اي خدا! شل تون عرش عظيم تي سرفراز رهين،
شل تنهنجو جلال ساري جهان تي ظاهر ٿئي.
6 تون اسان جي ٻڌ،
۽ پنهنجي زورآور هٿ سان اسان جي مدد ڪر،
تان‌تہ اسين تنهنجا محبوب فتحياب ٿيون.

7 خدا پنهنجي مقدس ترين جاءِ مان واعدو فرمايو آهي تہ
”آءٌ فتحيابيءَ جي خوشيءَ وچان
سڪم جي علائقي جا ڀاڱا ڀاڱا ڪندس،
۽ سڪات واري ماٿري پڻ پنهنجي قوم ۾ ورهائي ڇڏيندس.
8 گلعاد جو علائقو منهنجو آهي ۽ منسي بہ منهنجو آهي،
افرائيم منهنجو لوهي ٽوپ آهي،
۽ يهوداه منهنجي شاهي لٺ آهي.
9 *موآب جو ملڪ منهنجي هٿن ڌوئڻ جو ٿانءُ آهي،
ادوم ملڪ تي آءٌ پنهنجي جُتي رکندس،
۽ فلستين جي ملڪ تي آءٌ فتح جو نعرو هڻندس.“

10 اي خدا! ڪير مون کي ادوم ملڪ تائين پهچائيندو؟
ڪير مون کي ان جي ڪوٽ واري شهر ۾ وٺي ويندو؟
11 اي خدا! ڇا اهو تون ئي نہ آهين،
توڙي جو اسان کي رد ڪيو اٿيئي،
۽ اسان جي لشڪرن سان گڏ نہ ٿو هلين؟
12 دشمنن جي مقابلي ۾ تون اسان جي مدد ڪر،
ڇالاءِجو انساني مدد بلڪل اجائي آهي.

13 خدا جي مدد سان اسين فتح جا جوهر ڏيکاريندا‌سين،
ڇوجو اهو ئي آهي جيڪو اسان جي دشمنن کي لتاڙيندو.

## زبور 109

### گلاخور دشمنن لاءِ بددعا

(استاد موسيقار لاءِ، دائود جي زبورن ۾ شامل)

1 اي خدا! آءٌ تنهنجي ئي واکاڻ ڪندو آهيان،
سو تون ماٺ ڪري نہ ويهہ.
2 ڇوجو بڇڙا ۽ دغاباز منهنجي خلاف ڀيا ڳالهائين.
هنن مون بابت بلڪل ئي ڪوڙيون ڳالهيون ڪيون آهن.
3 سندن عداوت وارين ڳالهين مون کي وڪوڙي ڇڏيو آهي.
هو بنا ڪنهن سبب جي منهنجي گلا ڪندا ٿا وتن.
4 هو منهنجي پيار جي عيوض ۾ مون تي تهمتون ٿا هڻن،
توڙي جو آءٌ هنن جي لاءِ دعائون گهرندو ٿي رهيس.
5 هنن ڀلائيءَ جي عيوض ۾ مون سان برائي ڪئي آهي،
۽ منهنجي پيار جي عيوض نفرت ڪندي مون بابت ڇون ٿا تہ

6 ”شل اسان جي هن دشمن تي
ڪنهن بڇڙي ماڻهوءَ کي مقرر ڪيو وڃي،
تان‌تہ ڀل اهو اچي مٿس تهمت هڻي!
7 جڏهن سندس عدالت ڪئي وڃي،
تڏهن شل اهو ڏوهاري ٺهري!
شل سندس دعا کي بہ گناهہ ۾ شمار ڪيو وڃي!
8 شال سندس حياتيءَ جا ڏينهن جلدي پورا ٿي وڃن!
۽ ڪيس جيڪو عهدو آهي سو شل ڪانئس ڪو ٻيو کسي وٺي!
9 ڀل تہ سندس ٻار ڇورا ڇنا ٿي وڃن،
۽ سندس زال رن‌زال ٿي وڃي.
10 شال انهيءَ جا ٻار ٻچا رلندا ڀنندا وتن!
شال هنن کي سندن ئي ويران گهرن مان لوڏي ڪڍيو وڃي!
11 شال سندس سارو مال ڪو قرض‌خواه ضبط ڪري وٺي!
شال سندس محنت جي ڪمائي ڌاريا ماڻهو لُٽي وڃن!

*موآب ۽ ادوم: اهي ٻئي ملڪ بني اسرائيل جي ملڪ جي اوير ۾ هئا.

109:8 رس 1:20

12 شال انهيءَ تي ڪو ئي بہ رحم نہ ڪري!
نڪي سندس يتيم ٻارن تي ڪنهن کي ڪا ڪهل اچي.
13 شال انهيءَ جو نسل بلڪل ئي ختم ٿي وڃي!
شال ايندڙ پيڙهيءَ ۾ سندس نالو نشان بہ نہ هجي!
14 شل خداوند کي هن جي ابن ڏاڏن جي بدڪاري ياد هجي،
بلڪ سندس ماءُ جون خطائون بہ ميسارجي نہ وڃن!
15 شال سندن گناهہ هر وقت خداوند جي نظر ۾ رهن،
بلڪ هو هن ڌرتيءَ تان سندن يادگيريون ئي مٽائي ڇڏي!

16 ڇالاءِجو ان بڇڙي کي رحم ڪرڻ ڪڏهن ياد نہ رهيو،
اٽلندو هن غريبن، مسڪينن ۽ دلشڪستن کي ستايو.
هائو، انهن کي گهڻو ستايائين تان‌تہ سندن جانيون وڃي.
17 هن کي لعنت ڪرڻ پسند هو سو شل مٿس لعنتون ئي پون!
ڪيس دعا ڪرڻ ڪين ٿي وڻيو سو شل اها بہ ڪانئس پري هجي!
18 لعنت ڪرڻ سندس فطرت هئي،
سو اها ئي سندس واتان ٿي نڪتي.
شل اهي لعنتون پاڻيءَ وانگر سندس آنڊن ۾،
۽ تيل وانگر سندس هڏين ۾ پئجي وڃن!
19 پل تہ اهي سندس مٿان پوشاڪ جيان پهريل هجن.
پل تہ اهي سندري وانگر سندس چيلهہ سان هميشہ ٻڌل رهن.“

20 اي خداوند! اهي تهمتون آهن،
جيڪي منهنجا مخالف مون تي هڻن ٿا.
پر تون انهن ماڻهن کي اهڙو ئي بدلو ڏيئي ڇڏ.
21 اي خداوند، منهنجا رب! تنهنجو رحم عظيم آهي،
سو تون مون کي انهن کان ڇڏائي وٺجانءِ.
هائو، پنهنجي نالي جي سچائيءَ موجب مون تي ٻاجهہ ڪجانءِ.
22 ڇالاءِجو آءٌ غريب ۽ محتاج آهيان،
۽ منهنجي دل منهنجي اندر ۾ ڇيهون ڇيهون ٿي پيئي آهي.
23 جيئن ماڪڙ کي ڪپڙي تان هڪدم ڇنڊي اڇلائجي ٿو،
۽ جيئن شام جا لهندڙ پاڇا جلدي گم ٿيو وڃن،
تيئن ئي منهنجي زندگي بہ جلدي گم ٿيندي وڃي ٿي.
24 فاقن جي ڪري منهنجي جسم تي
رڳو چم ۽ هڏيون وڃي بچيون آهن،
۽ منهنجا گوڏا بہ ڪمزور ٿي ويا آهن.
25 آءٌ پنهنجي دشمنن جي نظر ۾ طعني جوڳو ٿي ويو آهيان،
اهي جڏهن بہ مون کي ڏسن ٿا تہ ٽوڪ وچان ڪنڌ کي لوڏين ٿا.

26 اي خداوند! اي منهنجا خدا! اچ، اچي منهنجي مدد ڪر.
تون پنهنجي دائمي ٻاجهہ مطابق اچي مون کي بچاءِ،
27 تان‌تہ منهنجا دشمن ڄاڻي وٺن تہ
منهنجي بچائڻ ۾ تنهنجو هٿ ئي آهي.
اي خداوند! پل اهي ڄاڻي وٺن تہ هي سڀ ڪرڻ وارو تون ئي آهين.
28 اهي ڀلي مون تي لعنت پيا ڪن پر تون مون کي برڪت ڏي.
تڏهن منهنجي خلاف اٿندڙ خوار خراب ٿيندا،
پر آءٌ، جيڪو تنهنجو بندو آهيان سو خوشيون ڪندس.
29 شل تون منهنجي دشمنن کي ذلت ۽ خواريءَ سان ڍڪي ڇڏين!
بلڪل ائين جيئن بدن مٿان چادر ڍڪيل آهي.

30 تڏهن آءٌ پنهنجي وات سان
تو خداوند جو بيحد شڪر ڪندس.
آءٌ هيڪل جي وڏي گڏجاڻيءَ اڳيان تنهنجي واکاڻ ڪندس.
31 ڇالاءِجو تون مسڪين ماڻهوءَ جو ساڄو هٿ آهين،
تان‌تہ ڪيس انهن کان بچائين،
جيڪي سندس موت جون فتوائون ٿا ڏين.

## زبور 110

## بادشاهہ ۽ ڪاهن طور خداوند جو چونڊيل بندو

(دائود جي زبورن ۾ شامل)

1 خداوند منهنجي مالڪ بادشاهہ کي هيئن فرمايو هو تہ
”آءٌ تنهنجي دشمنن کي تنهنجي پيرن هيٺان ڪندس.
تون منهنجي ساڄي پاسي ويهي ڏس.“
2 سو اي منهنجا بادشاهہ! خداوند *صيئون مان
تنهنجي شاهي لٺ جي طاقت کي ڦهلائيندو،
۽ تون پنهنجي دشمنن تي حڪمراني ڪندين.
3 تنهنجي جنگ ڪرڻ واري ڏينهن تي
تنهنجا ماڻهو پاڻ کي پيش ڪندا.
هائو، تنهنجا جوان پاڪيزگيءَ جي جمال سان تو وٽ پيش ٿيندا.
جيئن صبح جو سوير تازگي ڏيندڙ ماڪ پوي ٿي،
تيئن ئي اهي نوجوان تازگيءَ واري حالت ۾ تو وٽ ايندا.

4 خداوند قسم کڻي تو سان واعدو ڪيو آهي،
جيڪو هو ڪڏهن نہ ٽوڙيندو تہ
”تون ملڪصدق جي مرتبي جهڙو هميشہ وارو ڪاهن ٿيندين.“

---

*صيئون: يعني يروشلم شهر.

109:25 مت 27:39، مر 15:29 110:1 مت 22:44، مر 12:36، لو 20:42–43، رس 2:34–35، 1.ڪر 15:25، اف 1:20–22، ڪل 3:1، عبر 1:13، 8:1، 10:12–13 110:4 پيد 14:17–20، عبر 5:6، 6:20، 7:17، 21

5 خداوند تنهنجي ساڄي پاسي آهي،
هو پنهنجي غضب واري ڏينهن تي
ٻين بادشاهن کي شڪست ڏيندو.
6 هو قومن جي عدالت ڪندو ۽ لاشن جا ڍير ڪري ڇڏيندو.
هو ساريءَ دنيا جي حاڪمن کي ماري مات ڪندو.
7 تڏهن واٽ ۾ تون ڪنهن وهندڙ نهر جو پاڻي پيئندين،
پاڻي پي تون تازو توانو ٿيندين ۽ پوءِ سدائين سوڀارو رهندين.

## زبور 111

## خداوند جا عظيم ڪم

1 خداوند جي واکاڻ ڪريو.

آءٌ سچارن جي گڏجاڻيءَ ۾،
پنهنجي پوري دل وَ جان سان خداوند جو شڪر ڪندس.
2 خداوند جا ڪم ڪيڏا نہ عظيم آهن!
جيڪي انهن کي دل سان پسند ڪن ٿا،
سي انهن تي غور ويچار ڪندا رهن ٿا.
3 هن جا ڪم وڏي شان وَ شوڪت وارا آهن،
۽ پنهنجي ٻندن لاءِ سندس سچائي هميشہ قائم وَ دائم آهي.

4 خداوند جيڪو رحيم ۽ ڪريم آهي،
سو پنهنجي عجيب ڪمن جي يادگيري قائم رکي ٿو.
5 هو پنهنجي ٻندن سان ڪيل عهد کي هميشہ ياد رکي ٿو،
سو جيڪي سندس خوف رکن ٿا تن کي هو رزق مهيا ڪري ٿو،
6 هن پنهنجي قدرت وارا ڪم
پنهنجي قوم کي ظاهر ڪري ڏيکاريا،
جڏهن هن ڌارين قومن جي زمين کين عطا ڪئي.
7 بيشڪ خدا جا سڀيئي ڪم سچائيءَ ۽ انصاف وارا آهن.

خدا جي سڀني قاعدن قانونن تي پورو ڀروسو ڪري سگهجي ٿو،
8 ڇالاءِجو اهي سچائيءَ ۽ حق تي ٻڌل آهن.
اهي هميشہ هميشہ تائين قائم وَ دائم رهندا.
9 هن پنهنجي قوم کي ڇڏايو،
۽ ساڻن پنهنجو هميشہ وارو عهد ٻڌو.
بيشڪ سندس نالو پاڪ ۽ هيبتناڪ آهي.

10 خداوند جي خوف رکڻ سان ئي
دانائيءَ جي شروعات ٿئي ٿي.
بيشڪ اهي سمجهو آهن جيڪي سندس حڪمن تي عمل ڪن ٿا.
سندس واکاڻ هميشہ هميشہ تائين قائم رهندي.

## زبور 112

## سچارن جي خوشحالي

1 خداوند جي واکاڻ ڪريو.

سڀاڳا آهن اهي ماڻهو،
جيڪي خداوند جو خوف رکن ٿا،
۽ خوشيءَ سان سندس حڪمن تي عمل ڪن ٿا.
2 انهن جو نسل پوري ملڪ ۾ زور وارو ٿيندو.
هائو، انهن سچارن جو سمورو اولاد سڀاڳو ٿيندو.
3 سندن گهراڻن ۾ دولت ۽ خوشحالي هوندي.
بيشڪ مٿن ابد تائين سندس سخاوت قائم رهندي.

4 اهي ماڻهو بيحد مهربان، رحمدل ۽ نيڪ آهن،
بلڪ سچارن لاءِ هو اونداهيءَ ۾ روشنيءَ مثل آهن.
5 اهي رحمدل ماڻهو ڪيڏا نہ ڀلا آهن!
جيڪي خوشيءَ سان ضرورتمندن کي قرض ڏين ٿا،
۽ پنهنجو ڏيتي ليتيءَ جو ڪم سچائيءَ سان ڪن ٿا.
6 انهن کي ڪڏهن بہ ڪو لوڏو ڪين ايندو،
بلڪ انهن سچارن جي ياد هميشہ تائين رهندي.

7 ڪابہ بري خبر کين ڊيڄاري نہ سگهندي،
ڇالاءِجو هو پختيءَ دل سان خداوند تي ڀروسو رکن ٿا.
8 بيشڪ اهي ڊڄڻ وارا ناهن،
بلڪ خدا تي سندن يقين ايترو تہ پختو آهي،
جو اهي پنهنجي دشمنن کي خوار خراب ٿيندو ڏسندا.
9 هو فراخدليءَ سان محتاجن کي ڏين ٿا،
۽ سندن سخاوت هميشہ تائين جاري رهندي.
بيشڪ انهن کي قوت ۽ عزت ۾ مٿاهون ڪيو ويندو.

10 پوءِ جڏهن بڇڙا ماڻهو اهو ڏسندا تہ
ساڙ کائيندي ۽ ڏند ڪرٽيندي ڪمزوريءَ ۾ وڏندا ويندا.
هائو، سندن سڀ تمنائون نابود ٿي ويندين.

---

10:111 ايو 28:28، چوڻ 7:1، 10:9 9:112 2.ڪر 9:9

## زبور 113

### خداوند جي نالي جي واکاڻ

1 خداوند جي واکاڻ ڪريو.

اي خداوند جا بندؤ! اوهين خداوند جي واکاڻ ڪريو،
هائو، خداوند جي نالي کي ساراهيو.
2 شال هينئر، بلڪ هميشہ هميشہ تائين،
خداوند جو نالو سڳورو هجي!
3 دنيا جي هڪڙي ڇيڙي کان وٺي ٻئي ڇيڙي تائين،
شال خداوند جي نالي کي ساراهيو وڃي!

4 خداوند سڀني قومن جو حاڪمِ اعليٰ آهي،
انهيءَ جي عظمت آسمانن کان بہ مٿاهين آهي.
5 خداوند اسان جي خدا جهڙو ڪو ٻيو آهي ڇا،
جيڪو عرش عظيم تي تخت‌نشين آهي؟
6 انهيءَ هوندي بہ هو اتان نوڙي
هيٺ آسمان ۽ زمين تي پنهنجي ڪرم جي نظر ڪري ٿو.

7 هو مسڪينن ۽ محتاجن کي
مٽيءَ ۽ ڪچري جي ڍير تان کڻي بلنديءَ تي پهچائي ٿو،
8 ۽ انهن کي سردارن سان گڏ ويهاري ٿو.
هائو، هو کين پنهنجي قوم جي سردارن جهڙو
شان وَ شوڪت عطا ڪري ٿو.
9 اهو ئي سنڍ عورت جو گھر آباد ڪري ٿو.
هائو، کيس ٻارن جي ماءُ بڻائي خوشي بخشي ٿو.

خداوند جي واکاڻ ڪريو.

## زبور 114

### خداوند جا معجزا

1 بني اسرائيل قوم مصر منجهان ٻاهر نڪري آئي.
هائو، خدا يعقوب جي نسل کي
ڌاري ٻولي ڳالهائيندڙن مان ڪڍي آيو.
2 هن يهوداہ علائقي ۾ پنهنجو مقدس تخت قائم ڪيو،
تہ جيئن اتان پوري اسرائيل ملڪ تي بادشاهي ڪري.
3 ڳاڙهي سمنڊ جڏهن خدا کي ڏٺو تڏهن اهو پٺتي هٽي ويو،
اردن درياءُ پڻ کيس ڏسي پٺئين پاسي وهڻ لڳو.
4 ٽڪريون ٽوڙي جبل ٽڙڪڻ لڳا،
بلڪ منجهن رڍن ٻڪرين وانگر ٽڙٽوڙ پئجي ويئي.

5 اي سمنڊ! ڀڄاءِ تو کي ڇا ٿيو؟
تون ڇو پٺتي هٽي وئين؟
اي اردن درياءَ! تو کي ڇا ٿيو؟
تون پٺتي ڇو وهڻ لڳو هئين؟
6 اي ٽڪريون ۽ جبلؤ! اوهان کي ڇا ٿيو؟
اوهان ۾ رڍن ٻڪرين وانگر ڇو ٽڙٽوڙ پيئي؟

7 اي ڌرتي! تون بہ ڏکي ويندينءَ،
جڏهن يعقوب جو خدا تو کي اچي ويجهو ٿيندو.
8 هو اهڙو آهي جيڪو سخت ٽڪريءَ کي پاڻيءَ جو تلاءُ بڻايو ڇڏي،
۽ انهيءَ منجهان وهندڙ چشمو جاري ڪيو ڇڏي.

## زبور 115

### واحد ۽ سچو خدا

1 اسان جي لاءِ نہ اي خداوند! اسان جي لاءِ نہ،
بلڪ پنهنجي دائمي شفقت ۽ سچائيءَ جي واسطي،
تون رڳو پنهنجي نالي جي لاءِ پنهنجي عظمت کي ظاهر ڪر.

2 ڇو اهي ڌاريون قومون اسان کي چون ٿيون تہ
”ڪٿي آهي اوهان وارو خدا؟“
3 جڏهن تہ اسان جو خدا عرش عظيم تي آهي،
۽ هن کي جيڪي وڻي ٿو سو هو ڪري ٿو.
4 پر انهن جا معبود رڳو چانديءَ ۽ سون جا ٺاهيل بت آهن،
جيڪي ماڻهن جي هٿن جي ڪاريگري آهن.
5 انهن کي وات تہ آهي پر اهي ڳالهائي ڪين ٿا سگھن.
انهن کي اکيون تہ آهن پر اهي ڏسي ڪين ٿا سگھن.
6 انهن کي ڪن بہ ٺهيل آهن پر اهي ٻڌڻ کان لاچار آهن.
انهن کي نڪ بہ ٺهيل آهي پر ڪين سنگھڻ جي طاقت ناهي.
7 انهن کي هٿ بہ آهن پر ڪين ڇُهڻ جي سگھہ ناهي،
بيشڪ انهن کي پير بہ آهن پر ڪين هلڻ جي طاقت ناهي،
نڪي وري اهي پنهنجي نڙيءَ مان ڪو آواز ئي ڪڍي ٿا سگھن.
8 جيڪي انهن کي ٺاهين ٿا يا مٿن ڀروسو ٿا ڪن،
سي اهڙا ئي لاچار وَ مجبور آهن،

---

1:114 خر 51:12 3:114 خر 21:14، يش 16:3 8:114 خر 17:1–7، گا 20:2–13 8-4:115 زب 135:15–18، مڪا 20:9

جهڙا سندن اهي بت بيڪار آهن.

9 اي بني اسرائيل! اوهين خداوند تي ئي ڀروسو رکو،
اهو ئي اوهان جو مددگار ۽ اوهان جو محافظ آهي.
10 اي بني اسرائيل جا ڪاهنؤ! اوهين خداوند تي ڀروسو رکو،
اهو ئي اوهان جو مددگار ۽ اوهان جو محافظ آهي.
11 اي خداوند جو خوف رکڻ وارؤ!
اوهين سڀيئي خداوند تي ڀروسو رکو،
اهو ئي اوهان جو مددگار ۽ اوهان جو محافظ آهي.

12 خداوند اسان جي سار لڌي آهي،
هاڻ هو اسان کي برڪت ڏيندو.
هائو، بني اسرائيل کي ۽ انهن جي ڪاهنن کي
هو پنهنجي برڪت عطا ڪندو.
13 بيشڪ جيڪي بہ سندس خوف رکن ٿا،
پوءِ اُهي ادنيٰ هجن يا اعليٰ،
تن سڀني کي هو برڪت عطا ڪندو.

14 سو هر ڪو هڪ ٻئي کي هيئن دعا ڪري تہ
”خداوند شال اوهان کي گهڻو وڌائي!
هائو، شال خداوند اوهان کي ۽ اوهان جي اولاد کي بہ وڌائي!
15 شال زمين ۽ آسمان جو خالق
اوهان کي برڪتون ئي برڪتون عطا ڪندو رهي!“

16 آسمان تہ بيشڪ خداوند جي ئي هٿ هيٺ آهن،
پر ڌرتي هُن اسان انسانذات کي ڏيئي ڇڏي آهي.
17 جڏهن تہ مات جي دنيا ۾ لهي ويل مُڙدا
خداوند جي واکاڻ ڪين ٿا ڪري سگهن.
18 باقي اسين ئي جيڪي جيئرا آهيون،
سي هاڻي ۽ هميشہ هميشہ تائين پڻ
خداوند کي سڳورو چوندا رهنداسين.

خداوند جي واکاڻ ڪريو.

## زبور 116

### موت کان بچي وڃڻ جي شڪرگذاري

1 مون کي خداوند سان محبت آهي،
ڇوجو هن منهنجي دانهن ۽ منهنجي منٿن کي ٻڌو آهي.
2 جيئن تہ هن مون ڏانهن پنهنجو ڪن ڏنو آهي،
سو آءٌ پنهنجي ساري حياتي کيس پڪاريندو رهندس.

3 مون کي موت جي رسين ويڙهي ڇڏيو هو،
۽ قبر جي هيبت اچي ورتو هوم.
هائو، آءٌ ڏک ۾ گرفتار ٿي ويو هوس،
۽ دهشتن مون کي گهيري ڇڏيو هو.
4 انهيءَ وقت مون خداوند کي پڪاريو هو تہ
”اي خداوند! آءٌ منٿ ٿو ڪريان تہ منهنجي جان بچاءِ.“

5 بيشڪ خداوند رحيم ۽ سچار آهي،
اسان جو خدا ٻاجهہ ڪرڻ وارو آهي.
6 خداوند سادن سٻاجهن جي حفاظت ڪري ٿو.
سو جڏهن آءٌ دٻجي ويو هوس تڏهن هن مون کي بچائي ورتو.
7 خداوند مون تي ايڏو تہ احسان ڪيو آهي،
جو مون کي وري ڪابہ ڳڻتي ڪرڻ جي ضرورت ڪانهي.

8 هن مون کي موت جي منهن مان ڇڏائي ورتو آهي.
هائو، هن منهنجي اکين کي لڙڪن وهائڻ کان
۽ منهنجي پيرن کي پاتال ۾ ڪرڻ کان بچايو آهي.
9 سو هاڻ آءٌ خداوند جي حضور ۾،
جيئرن جي هن دنيا اندر هلندو رهندس.
10 مون ان وقت بہ ايمان آندو هو جڏهن چيو هوم تہ
”آءٌ ڏاڍي ڏک ۾ مبتلا ٿي ويو آهيان.“
11 تڏهن آءٌ ايترو تہ ڏهڪاءَ ۾ هيس جو مون چيو هو تہ
”سڀيئي ماڻهو ڪُوڙا آهن، ڪوبہ ڀروسي جهڙو ناهي.“

12 خداوند جي ڪيل انهن سڀني مهربانين جي بدلي ۾،
آءٌ کيس ڇا ٿو ڏيئي سگهان؟
13 آءٌ تہ اوتڻ وارو نذرانو کڻي خداوند آڏو پيش ڪندس،
۽ سندس شڪرانو بجا آڻيندس،
ڇالاءِجو هن منهنجي جان بچائي آهي.
14 هائو، جڏهن ماڻهو عبادت لاءِ گڏ ٿيندا تہ آءٌ سندن روبرو،
خداوند آڏو پنهنجون اهي باسون پوريون ڪندس.

15 بيشڪ خداوند جي نيڪ بندن جو موت بہ،
سندس نظرن ۾ ڪيڏو نہ اَملهہ آهي!

16 اي خداوند! آءٌ تنهنجو ئي ٻانهو آهيان،

13:115 مڪا 18:11، 5:19   10:116 2.ڪر 13:4

هائو، تنهنجو ٻانهو يعني تنهنجي ٻانهيءَ جو ٻار آهيان.
تو ئي منهنجي موت جا بند کوليا آهن.
17 سو آءٌ تنهنجو نالو وٺي
تنهنجي حضور ۾ شڪراني جو نذرانو پيش ڪندس.
18 جڏهن ماڻهو عبادت لاءِ گڏ ٿيندا ته آءٌ سندن روبرو،
تو خداوند آڏو پنهنجون اهي باسون پوريون ڪندس.
19 هائو، اهي آءٌ تنهنجي گهر جي بارگاهن ۾،
تنهنجي شهر يروشلم منجهه ئي پوريون ڪندس.

خداوند جي واکاڻ ڪريو.

## زبور 117

### خداوند جي واکاڻ

1 اي سموريون قومون!
خداوند جي واکاڻ ڪريو.
اي دنيا جا سڀيئي رهاڪؤ!
انهيءَ جي ساراهه ڳايو.
2 ڇالاءِجو اسان تي خداوند جي وڏي شفقت آهي،
۽ سندس وفا ڪڏهن به ختم نه ٿيندي.

خداوند جي واکاڻ ڪريو.

## زبور 118

### فتح لاءِ شڪرگذاري ڪرڻ

1 خداوند جو شڪرانو ڪريو، ڇالاءِجو هو ڀلو آهي.
سندس رحم ابد تائين قائم آهي.
2 هاڻ بني اسرائيل چون ته
”سندس رحم ابد تائين قائم آهي.“
3 ڪاهن به چون ته
”سندس رحم ابد تائين قائم آهي.“
4 بلڪ خداوند جي بندگي ڪرڻ وارا سڀ چون ته
”سندس رحم ابد تائين قائم آهي.“

### بادشاهه جو شڪرگذاري ڪرڻ

5 ”مون مصيبت جي وقت خداوند کي پڪاريو،
خداوند منهنجي دانهن ٻڌي ۽ مون کي ڇڏايائين.
6 جيئن ته خداوند مون سان آهي سو آءٌ ڊڄڻ وارو نه آهيان،
انسان مون کي ڇا ڪري سگهندو؟
7 خداوند مون سان گڏ آهي ۽ اهو ئي منهنجي مدد ڪندو.
هائو، منهنجي ڏسندي هو منهنجي دشمنن کي شڪست ڏيندو.
8-9 ڪو فاني انسان، پوءِ اهو وڏو سردار ئي ڇو نه هجي،
تنهن تي آسرو رکڻ کان،
خداوند تي توڪل ڪرڻ وڌيڪ بهتر آهي.

10 گهڻيون ئي ڌاريون قومون مون کي وڪوڙي ويون هيون،
پر خداوند جي نالي سان مون کين برباد ڪري ڇڏيو.
11 اهي مون کي چئني پاسن کان وڪوڙي ويون هيون،
پر خداوند جي نالي سان مون کين برباد ڪري ڇڏيو.
12 اهي مون کي ماکيءَ جي مکين وانگر ويڙهي ويون هيون،
پر ڪنڊن جي باهه جيان اهي اک ڇنڀ ۾ ٻري سڙي ويون.
هائو، خداوند جي زورآور نالي سان مون کين برباد ڪري ڇڏيو.
13 انهن دشمنن جا حملا ايڏا ته زوردار هئا،
جو آءٌ شڪست کائڻ تي هوس،
پر خداوند منهنجي مدد ڪئي.
14 بيشڪ خداوند ئي منهنجي طاقت ۽ قوت آهي،
هو ئي منهنجو بچائيندڙ آهي.

15 سو سچارن جي لشڪرگاهه مان
فتح ۽ خوشيءَ جا نعرا ٿا ٻڌجن ته
’خداوند وڏي قدرت وارو آهي!
16 خداوند پنهنجو زورآور هٿ بلند ڪيو آهي!
خداوند پوري قدرت سان فتح بخشي آهي!‘

17 هاڻ آءٌ مرڻ کان بچي ويو آهيان.
سو جيئرو رهي آءٌ خداوند جي قدرت بيان ڪندو رهندس.
18 بيشڪ خداوند مون کي گهڻي سيکت ڏني،
پر تڏهن به مون کي موت جي حوالي ڪين ڪيائين.

19 اي دربانؤ! مقدس هيڪل جا دروازا کولي ڇڏيو،
تان‌ته هيڪل ۾ داخل ٿي آءٌ خداوند جو شڪر ادا ڪريان.“

### دربانن جو ورندي ڏيڻ

20 ”هي خداوند جو دروازو آهي،
بيشڪ انهيءَ ۾ سچار ماڻهو داخل ٿي سگهن ٿا.“

---

117:1 رو 15:11   118:1 1.توا 16:34، 2.توا 5:13، 7:3، عز 3:11، زب 100:5، 106:1، 107:1، 136:1، ير 33:11   118:6 عبر 13:6
118:14 خر 15:2، يس 12:2

## بادشاهہ جو هيڪل ۾ داخل ٿيڻ

21 ”اي خداوند! آءٌ تنهنجو شڪرانو بجا ٿو آڻيان،
جو تو منهنجي دانهن ٻڌي مون کي ڇڏايو آهي.“

## خوشين ملهائڻ لاءِ سڏڻ

22 ”جنهن پٿر کي رازن رد ڪري ڇڏيو هو،
سو ئي پيڙهہ جو پٿر بڻيو.
23 بيشڪ هي سڀ خداوند جي طرفان ٿيو،
اهو سڀ اسان جي نظر ۾ ڪيڏو نہ عجيب آهي!
24 هي ڏينهن خداوند فتح جي خوشيءَ لاءِ مقرر ڪيو آهي.
سو اچو تہ اسين اڄ سرها ٿيون ۽ خوشيون ملهايون.
25 اي خداوند! اسين عرض ٿا ڪريون تہ
اسان کي تون ائين بچائيندو رهج.
اي خداوند! تون اسان کي سوڀ عطا ڪندو رهج.“

## ڪاهنن جو دعا ڪرڻ

26 ”بيشڪ اهو سڀاڳو آهي جيڪو خداوند جي طلب ۾ هتي اچي ٿو،
اسين خداوند جي هيڪل ۾ انهيءَ کي دعا ڪريون ٿا.
27 بيشڪ خداوند ئي اسان جو خدا آهي،
جنهن اسان سان ڀال ڀلايو آهي.
سو اي بادشاهہ! اوهين قربانگاهہ جي چوڌاري ڦرندي
ٿاريون ڪٽي جشن ملهايو.“

## بادشاهہ جو خدا جي واکاڻ ڪرڻ

28 ”تون ئي منهنجو خدا آهين، آءٌ تنهنجا ٿورا مڃيندس.
تون ئي منهنجو خدا آهين، آءٌ تنهنجي وڏائي بيان ڪندس.“

29 خداوند جو شڪرانو ڪريو، ڇالاءِجو هو ڀلو آهي،
سندس رحم ابد تائين قائم آهي.

# زبور 119

## شريعتِ الاهي

1 بيشڪ اهي سڀاڳا آهن،
جيڪي پوريءَ طرح سچ جي راهہ تي هلن ٿا،
هائو، اهي ئي جيڪي خداوند جي شريعت تي عمل ٿا ڪن.
2 بيشڪ اهي سڀاڳا آهن جيڪي سندس حڪمن تي ٿا هلن،
۽ دل وَ جان سان سندس طالبو آهن.
3 بيشڪ اهي ڪا ئي بڇڙائي ڪين ٿا ڪن،
بلڪ خداوند جي واٽن تي هلندا ٿا رهن.

4 اي خداوند! تو اسان کي پنهنجا قاعدا قانون انهيءَ لاءِ ڏنا آهن،
تہ جيئن اسين انهن تي دل وَ جان سان عمل ڪريون.
5 شال منهنجي چال چلت اهڙي ثابتقدم هجي،
جو آءٌ تنهنجي سڀني قاعدن قانونن تي عمل ڪريان!
6 پوءِ جڏهن آءٌ تنهنجي حڪمن تي ڌيان سان عمل ڪندس،
تڏهن آءٌ ڪڏهن بہ شرمندو ڪين ٿيندس.

7 جيئن جيئن آءٌ تنهنجا صداقت وارا قاعدا سکندو ٿو وڃان،
تيئن تيئن دل جي سچائيءَ سان تنهنجو شڪر ادا ٿو ڪريان.

8 آءٌ تنهنجي قاعدن قانونن تي عمل ڪندو رهندس،
سو تون مون کي هرگز ڇڏي نہ ڏجانءِ.

## شريعتِ الاهيءَ تي هلڻ

9 جوان ماڻهو ڪيئن پنهنجي چال کي پاڪيزه رکي ٿو سگهي؟
انهيءَ جي لاءِ هن کي
تنهنجي ڪلام تي عمل ڪرڻ ضروري آهي.
10 سو مون دل وَ جان سان تنهنجي طلب ڪئي آهي.
اي خداوند! تون مون کي پنهنجي حڪمن کان ڀٽڪڻ نہ ڏجانءِ.
11 مون تنهنجي ڪلام کي پنهنجيءَ دل ۾ سانڍي رکيو آهي،
تہ جيئن تنهنجي خلاف ڪو گناهہ نہ ڪريان.

12 اي خداوند! تون سڳورو آهين،
تون پنهنجا قاعدا قانون مون کي سيکار.
13 تنهنجا ٻڌايل اهي قاعدا
آءٌ پنهنجي زبان سان ٻين آڏو بيان ڪندس.

14 تنهنجي حڪمن تي هلندي مون کي ايڏي خوشي ملي ٿي،
جيڏي گهڻي دولت جي ڪري ٿئي ٿي.
15 آءٌ تنهنجي قاعدن قانونن تي غور ڪندو رهندس،
۽ تنهنجي واٽن تي ڌيان سان پيو هلندس.
16 آءٌ تنهنجي قاعدن قانونن کان خوش پيو رهندس.
۽ تنهنجي ڪلام کي آءٌ ڪڏهن بہ نہ وساريندس.

---

118:22 لو 20:17، رس 4:11، 1.پطر 2:7    118:22–23 مت 21:42، مر 12:10–11    118:25 مت 21:9، مر 11:9، يو 12:13
118:26 مت 21:9، 23:39، مر 11:9، لو 13:35، 19:38، يو 12:13

## شريعتِ الاهيءَ ۾ خوشي

17 تون پنهنجي هن بندي تي پنهنجو جهجهو احسان ڪر،
تانته آءٌ جيئرو رهان ۽ تنهنجي ڪلام تي عمل پيو ڪريان.

18 اي خداوند! منهنجون اکيون کول،
تانته آءٌ تنهنجي شريعت جا عجب اسرار ڏسي سگهان.

19 بيشڪ آءٌ هن ڌرتيءَ تي ٿوري دير لاءِ مسافر آهيان،
اي خداوند! تون مون کان پنهنجا حڪم لڪائي نه رکجانءِ.

20 منهنجي دل تنهنجي قاعدن لاءِ هميشه آسائتي رهي ٿي،
هائو، تنهنجي قاعدن قانونن کي ڄاڻڻ جي ڏاڍي اڪير اٿم.

21 تون مغرورن تي فتويٰ جاري ڪرين ٿو.
هائو، اهي لعنتي آهن،
جيڪي تنهنجي حڪمن جي نافرماني ڪندا ٿا وتن.
22 تون انهن کي مون تي ملامت ڪرڻ ۽ ڌڪارڻ نه ڏي،
ڇالاءِجو آءٌ تنهنجي قاعدن قانونن تي عمل ڪريان ٿو.

23 توڙي جو سردار به منهنجي خلاف سازشون وينا ڪن،
پر تڏهن به تنهنجي هن بندي جو ڌيان تنهنجي قانونن تي رهندو.

24 تنهنجا قاعدا قانون منهنجي خوشين جو سبب آهن،
ڇالاءِجو آءٌ انهن جي ئي صلاح تي ٿو هلان.

## شريعتِ الاهيءَ تي عمل جو پختو ارادو

25 اي خداوند! منهنجي حياتي ڪُتڻ تي آهي،
تون پنهنجي واعدي موجب مون کي نئين حياتي عطا ڪر.

26 مون پنهنجا حالات تو کي ٻڌايا ۽ تو منهنجي رهنمائي ڪئي،
اي خداوند! تون اجا به مون کي پنهنجو هر قاعدو قانون سيکار.

27 تون مون کي پنهنجي قاعدن قانونن جي حقيقت سمجهاءِ،
آءٌ تنهنجي انهن عجب اسرارن تي غور پيو ڪندو رهندس.

28 غم جي ڪري منهنجي جان ڳرندي وڃي ٿي،
تون پنهنجي واعدي موجب مون کي طاقت عطا ڪر.

29 تون مون کي ڪوڙ واري هر راهه کان پري رک،
۽ پنهنجي ٻاجهه سان مون کي پنهنجي شريعت تي هلڻ سيکار.

30 مون وفاداريءَ واري واٽ چونڊي ورتي آهي،
هائو، مون تنهنجي قاعدن قانونن کي
پنهنجي سامهون رکيو آهي.
31 مون تنهنجي احڪامن کي چنبڙي ورتو آهي،
سو اي خداوند! مون کي شرمندو ٿيڻ نه ڏجانءِ.

32 جيئن جيئن تون پنهنجي حڪمن جي سمجهه وڌائيندين،
تيئن تيئن آءٌ تنهنجي راهه تي تيزيءَ سان ڊوڙندس.

## شريعتِ الاهيءَ کي سمجهڻ لاءِ دعا

33 اي خداوند! مون کي پنهنجي قانونن جي راهه ٻڌاءِ،
آءٌ پوريءَ طرح انهيءَ تي هلندو رهندس.
34 هائو، مون کي سمجهه عطا ڪر ته
تنهنجي شريعت تي عمل ڪريان،
۽ پنهنجي دل وَ جان سان انهيءَ تي هلندو رهان.

35 تون پنهنجي حڪمن جي وسيلي منهنجي رهنمائي ڪر،
ڇالاءِجو انهيءَ ۾ ئي منهنجي خوشي آهي.

36 اي خداوند! منهنجيءَ دل کي دنياداريءَ کان بچائي،
پنهنجي حڪمن ڏانهن مائل ڪر.
37 مون کي باطل شين ڏانهن مائل ٿيڻ کان باز رک،
بلڪ پنهنجيءَ واٽ تي هلاءِ ته جيئن حياتي عطا ٿيئم.

38 تون پنهنجي هن بندي سان پنهنجو اهو قول پورو ڪر،
جيڪو تو پنهنجي فرمانبردارن سان ڪيو آهي.

39 تون مون کي ماڻهن جي انهيءَ خوفناڪ ملامت کان بچاءِ،
جيڪا تنهنجي چڱن قاعدن قانونن تي هلڻ ڪري ڪئي وڃي ٿي.

40 ڏس، آءٌ تنهنجي قانونن جو ڪيڏو نه سڪايل رهيو آهيان،
هاڻ تون پنهنجي سچائيءَ موجب مون کي نئون جياپو عطا ڪر.

## شريعتِ الاهيءَ تي ڀروسو ڪرڻ

41 اي خداوند! پنهنجون رحمتون نازل ڪر،
۽ پنهنجي واعدي موجب مون کي بچائي وٺ.
42 پوءِ آءٌ ٺٺوليون ڪرڻ وارن کي ورندي ڏيئي سگهندس،
ڇالاءِجو آءٌ تنهنجي واعدي تي ڀروسو ڪريان ٿو.

43 تنهنجي قاعدن قانونن تي ئي منهنجي اميد آهي،
سو حق جي انهن ڳالهين کي منهنجي واتان جدا ٿيڻ نه ڏجانءِ.

44 آءٌ هميشه ۽ هر وقت
تنهنجي شريعت تي عمل ڪندو رهندس.
45 هاڻ منهنجي زندگيءَ ۾ ڪا رڪاوٽ ڪين رهندي،
ڇالاءِجو آءٌ تنهنجي قاعدن جو هميشه طالبو آهيان.

46 آءٌ بادشاهن جي آڏو به تنهنجي حڪمن جو بيان ڪندي،
هرگز شرمندگي محسوس نه ڪندس.

47 مون کي تنهنجا حڪم پيارا آهن،
جن تي عمل ڪرڻ سان مون کي خوشي حاصل ٿئي ٿي.
48 آءٌ تنهنجي حڪمن جو نه رڳو احترام ٿو ڪريان،
بلڪ انهن سان منهنجو عشق آهي.
سو آءٌ تنهنجي قاعدن قانونن کي هميشه پنهنجي آڏو رکندس.

## شريعتِ الاهيءَ تي يقين

49 اي خداوند! جيڪو واعدو تو پنهنجي هن بندي سان ڪيو آهي،
۽ جنهن جي تو مون کي اميد ڏياري آهي تنهن کي ياد ڪر.
50 تنهنجو واعدو ئي ته مون کي زندگي ٿو بخشي،
سو منهنجي مصيبت جي ڏينهن ۾ مون کي تسلي رهي ٿي.

51 مغرور ماڻهو مون تي ڏاڍيون ٺٺوليون ٿا ڪن،
تڏهن به آءٌ تنهنجي شريعت کي هرگز ڪين ٿو ڇڏيان.

52 اي خداوند! تنهنجي قديم قاعدن کي ياد ڪندي
مون کي تسلي ٿي ملي.

53 بدڪار ماڻهن کي تنهنجي شريعت جي خلاف هلندو ڏسي،
منهنجي ڪاوڙ ڀڙڪا پيئي ڪئي.

54 هيءَ ڌرتي جنهن تي آءٌ ٿوريءَ دير لاءِ مسافر تي گذاريان ٿو،
تنهن تي تنهنجا قاعدا قانون منهنجا گيت بڻجيو وڃن.

55 اي خداوند! رات جي اونداهين ۾ به آءٌ تو کي ئي ياد ڪريان ٿو،
بلڪ تنهنجي شريعت تي هر دم عمل ڪندو رهان ٿو.
56 بيشڪ آءٌ خوش‌نصيب آهيان،
جو تنهنجي قاعدن قانونن تي عمل ڪندو ٿو رهان.

## شريعتِ الاهيءَ سان لڳاءُ

57 اي خداوند! تون ئي ته منهنجو سڀ ڪجهه آهين.
آءٌ واعدو ٿو ڪريان ته تنهنجي شريعت تي عمل ڪندو رهندس.
58 آءٌ پنهنجي پوريءَ دل سان تنهنجي ٻاجهه لاءِ ٿو پيو ليلايان،
تون پنهنجي واعدي موجب مون تي رحم ڪر.

59 جڏهن مون پنهنجي چال چلت تي غور ڪيو هو،
تڏهن مون پنهنجي قدمن کي تنهنجي شريعت ڏانهن ڦيريو هو.
60 آءٌ تنهنجي حڪمن تي عمل ڪرڻ ۾ جلدي ڪريان ٿو،
هائو، انهن تي هلڻ ۾ آءٌ دير نه ٿو ڪريان.
61 بدڪارن پنهنجي سازشن سان مون کي وڪوڙي ڇڏيو آهي،
تنهن هوندي به مون تنهنجي شريعت کي ڪين وساريو آهي.

62 آءٌ تنهنجي سچن قاعدن قانونن لاءِ،
آڌيءَ رات جو به اٿي تنهنجو شڪرانو ڪريان ٿو.
63 آءٌ انهن سڀني جو ساٿي آهيان،
جيڪي تنهنجو خوف ٿا رکن ۽ تنهنجي قاعدن تي عمل ٿا ڪن.

64 اي خداوند! هيءَ ڌرتي تنهنجي لافاني شفقت سان ڀرپور آهي.
تون مون کي پنهنجا قاعدا قانون سيکار.

## شريعتِ الاهيءَ کي ويجهو اچڻ ۾ ڏکن جي اهميت

65 اي خداوند! بيشڪ تو پنهنجي واعدي موجب،
پنهنجي بندي سان ڀلائي ڪئي آهي.
66 جيئن ته مون تنهنجي حڪمن تي ايمان آندو آهي،
سو مون کي حق سچ جي سڃاڻ ۽ دانائي سيکار.

67 مصيبت جي اچڻ کان اڳ ۾ آءٌ گمراهه هيس،
پر هاڻي آءٌ تنهنجي ڪلام تي عمل ڪريان ٿو.
68 بيشڪ تون ڪيڏو نه ڀلو ۽ ٻاجهارو آهين!
اي خداوند! تون مون کي پنهنجا قاعدا قانون سيکار.

69 مغرور ماڻهو مون تي تهمتون ٿا هڻن،
پر آءٌ پنهنجي پوريءَ دل سان تنهنجي قاعدن تي هلندو رهان ٿو.
70 انهن مغرورن جي دلين تي چربي چڙهي ويئي آهي،
پر مون کي تنهنجي شريعت ۾ ڏاڍي خوشي ملي ٿي.

71 منهنجي لاءِ اهو چڱو ٿيو جو مون ڏک سٺا،
ڇالاءِجو ان جي نتيجي ۾ مون تنهنجا قانون سکي ورتا.
72 تنهنجي زبان جا اهي حڪم مون لاءِ
سون چانديءَ جي هزارين سڪن کان به وڌيڪ افضل آهن.

## شريعتِ الاهيءَ جو انصاف

73 مون کي تنهنجي هٿن بڻايو آهي،
هائو، آءٌ تنهنجو ئي خلقيل آهيان.

سو مون کي اهڙي سمجهه عطا ڪر،
جو آءٌ تنهنجو هر حڪم ڄاڻي وٺان.
74 جيڪي تنهنجو خوف ٿا رکن،
سي مون کي ڏسي خوش ٿيندا،
ڇالاءِجو تنهنجي ڪلام تي ئي منهنجي ساري اميد آهي.

75 اي خداوند! آءٌ ڄاڻان ٿو تہ تنهنجا فيصلا سچا آهن،
۽ اهو بہ ڄاڻان ٿو تہ
تو پنهنجي سچائيءَ مطابق مون کي ڏک ڏنا آهن.
76 تو پنهنجي هن بندي سان جيڪو واعدو ڪيو آهي،
تنهن موجب پنهنجي دائمي پاجهہ سان مون کي تسلي ڏي.
77 جيئن تہ تنهنجي شريعت ئي منهنجي خوشين جو سبب آهي،
سو مون تي پنهنجون رحمتون نازل ڪر،
تانتہ آءٌ جيئرو رهان.

78 شل مغرور خوار خراب ٿين جيڪي ناحق مون کي ڏکوئين ٿا!
جڏهن تہ آءٌ تنهنجي قاعدن قانونن تي غور ڪندو رهندس.
79 جيڪي تنهنجو خوف ٿا رکن،
۽ تنهنجي شريعت جو لحاظ ٿا ڪن،
شال اهي مون سان اچي شامل ٿين!
80 شل منهنجي دل پوريءَ طرح تنهنجي قانونن کي مڃيندي رهي!
تانتہ مون کي ڪڏهن بہ شرمندگي نہ ٿئي.

## شريعتِ الاهيءَ تي هلڻ وارن جي دشمنن کان بچاءَ لاءِ دعا

81 اي خداوند! آءٌ ڇڏائجڻ جو انتظار ڪندي ڪندي
بيحد ماندو ٿي پيو آهيان،
تنهن هوندي بہ منهنجي اميد تنهنجي واعدي تي آهي.
82 تنهنجي واعدي کي واجهائيندي
منهنجي اکين ۾ ڏنڊ اچي پيو آهي.
اي خداوند! تون ڪڏهن مون کي تسلي بخشيندين؟
83 جيتوڻيڪ منهنجو حال پڳل تڪر جهڙو اچي ٿيو آهي،
تڏهن بہ مون تنهنجي قانونن کي ڪين وساريو آهي.

84 تنهنجي هن بندي جي عمر ئي ڪيتري آهي،
جو تون انتظار ڪرائيندين!
تون ڪڏهن انهن کي سزا ڏيندين جيڪي مون کي ستائين ٿا؟
85 اهي ئي مغرور ماڻهو، جيڪي شريعت تي نہ ٿا هلن،
تن منهنجي واسطي کڏون کوٽيون آهن.

86 تنهنجا سمورا حڪم حق سچ آهن،
جڏهن تہ دشمن ناحق مون کي ستائين ٿا.
سو تون اچي منهنجي مدد ڪر.
87 اهي ذري گهٽ مون کي ڌرتيءَ تان ئي فنا ڪرڻ تي هئا،
تڏهن بہ مون تنهنجي قاعدن کان منهن ڪين موڙيو.
88 تون پنهنجي دائمي پاجهہ موجب مون کي حياتي بخش،
تانتہ آءٌ تنهنجي زبان جي حڪمن تي عمل ڪندو رهان.

## شريعتِ الاهيءَ تي توڪل

89 اي خداوند! تنهنجو ڪلام ابد تائين رهندو،
اهو تنهنجي عرش عظيم وانگر هميشہ قائم وَ دائم آهي.
90 تنهنجي وفا پيڙهي بہ پيڙهي قائم رهي ٿي،
جيئن تو ڌرتيءَ جو بنياد وڌو آهي ۽ اها قائم آهي.
91 سڀئي شيون تنهنجي حڪم سان اڄ ڏينهن تائين قائم آهن.
بيشڪ هر شيءِ تنهنجي ئي تابعدار آهي.

92 جيڪڏهن تنهنجي شريعت
منهنجي خوشيءَ جو باعث نہ هجي ها،
تہ هوند آءٌ پنهنجي ڏکن ۾ ناس ٿي وڃان ها.
93 آءٌ تنهنجي قاعدن قانونن کي ڪڏهن بہ ڪين وساريندس،
ڇالاءِجو انهن جي ئي وسيلي تو مون کي زندگي بخشي آهي.
94 اي خداوند! مون کي اچي بچاءِ،
ڇالاءِجو آءٌ تنهنجو ئي آهيان،
۽ هميشہ تنهنجي قاعدن قانونن جو طالبو رهيو آهيان.

95 بڇڙا ماڻهو مون کي برباد ڪرڻ جي لاءِ تاڙيو ويٺا آهن،
پر منهنجو ڌيان تنهنجي حڪمن تي ئي رهي ٿو.
96 مون اهو ئي ڏٺو آهي تہ هر ڪماليت جي حد مقرر آهي،
پر تنهنجو حڪم ايڏو تہ وسيع آهي،
جنهن جي ڪا حد مقرر ڪانهي.

## شريعتِ الاهيءَ سان محبت

97 اي خداوند! تنهنجي شريعت مون کي ڪيڏي نہ پياري آهي!
آءٌ سڄو ڏينهن انهيءَ تي غور ڪندو رهندو آهيان.
98 هائو، اهي حڪم هميشہ مون سان گڏ آهن،
جن مون کي منهنجي دشمنن کان وڌيڪ داناءُ بڻايو آهي.
99 آءٌ پنهنجن سڀني استادن کان وڌيڪ سمجهہ رکان ٿو،
ڇالاءِجو آءٌ تنهنجي شريعت تي غور ڪندو رهان ٿو.
100 مون کي وڏي عمر وارن کان بہ وڌيڪ سمجهہ آهي،
ڇالاءِجو آءٌ تنهنجي قاعدن قانونن تي عمل ڪندو رهان ٿو.

101 مون پنهنجا قدم هر بُري واٽ کان پري رکيا آهن،

تان‌تہ آءٌ تنهنجي ڪلام تي هلندو رهان.
102 مون تنهنجي قاعدن قانونن کان ڪڏهن منهن نہ موڙيو آهي،
ڇالاءِجو منهنجو سڪيا ڏيندڙ تون خداوند آهين.

103 تنهنجون ڳالهيون منهنجي لاءِ ڪيڏيون نہ مٺڙيون آهن،
هائو، منهنجي وات جي لاءِ
اهي ماکيءَ کان بہ وڌيڪ مٺيون آهن.
104 تنهنجي قاعدن جي وسيلي مون کي سمجهہ عطا ٿئي ٿي،
تنهنڪري مون کي بدڪاريءَ واري هر راهہ کان نفرت آهي.

## شريعتِ الاهيءَ مان روشني

105 تنهنجو ڪلام منهنجي راهہ جو ڏيئو آهي
هائو، اهو منهنجيءَ واٽ لاءِ سوجهرو آهي.
106 مون جيڪو قسم کنيو آهي تنهن تي قائم آهيان،
تہ آءٌ تنهنجي سچن قاعدن قانونن تي عمل ڪندو رهندس.

107 اي خداوند! آءٌ ڏاڍو ڏکايل آهيان،
تون پنهنجي ڪيل واعدي موجب مون کي جيئرو رک.
108 اي خداوند! منهنجي واتان شڪراني جا نذرانا قبول فرماءِ،
۽ مون کي پنهنجا قاعدا قانون سيکار.
109 جيتوڻيڪ منهنجي جان هر وقت تريءَ تي ٿي رهي،
تنهن هوندي بہ آءٌ تنهنجي شريعت کي نہ ٿو وساريان.
110 هائو، بدڪار ماڻهن مون لاءِ ڦندو اڏيو آهي،
پر تڏهن بہ آءٌ تنهنجي قاعدن کان نہ ڦريو آهيان.

111 مون تنهنجي شريعت کي
پنهنجي لاءِ ابدي ميراث بڻايو آهي،
ڇالاءِجو تنهنجا احڪام منهنجي دل جي خوشي آهن.
112 مون پنهنجي دل تنهنجي قاعدن قانونن سان لڳائي آهي،
تان‌تہ آءٌ انهن تي هر دم عمل پيو ڪريان.

## شريعتِ الاهيءَ ۾ سلامتي

113 جيڪي ماڻهو ٻہ‌دليا ٿي هلن ٿا،
تن کان مون کي نفرت آهي.
جڏهن تہ مون کي تنهنجي شريعت سان دلي محبت آهي.
114 تون منهنجي جاءِپناهہ ۽ منهنجو محافظ آهين،
منهنجي اميد تنهنجي واعدي تي ئي آهي.
115 سو اوهين، اي بدڪار ماڻهو! مون کان پچي پري ٿيو،
آءٌ پنهنجي خدا جي احڪامن تي عمل ڪندو رهندس.

116 اي خداوند! پنهنجي واعدي موجب مون کي سنڀال،
تان‌تہ آءٌ جيئرو رهان.
منهنجي انهيءَ اميد تي مون کي شرمندو ٿيڻ نہ ڏجانءِ.
117 هائو، اي خداوند! مون کي سنڀالي وٺ تان‌تہ آءٌ سلامت رهان،
۽ تنهنجي قاعدن قانونن تي غور پيو ڪندو رهان.

118 جيڪي تنهنجي قانونن کان ڦري ويا آهن،
تن کي تون حقير ٿو ڄاڻين.
سندن اها دغابازي بلڪل ئي بي‌فائدي آهي.
119 تون ڌرتيءَ جي سڀني بدڪارن کي
ڪَسُ جيان ڪيري ڦٽو ڪرين ٿو.
اهو ڏسي آءٌ تنهنجي شريعت کي پيار ڪريان ٿو.
120 اي خداوند! تنهنجي خوف کان منهنجا لڱ ڪانڊارجن ٿا،
آءٌ تنهنجي فيصلن کان ڊڄندو رهان ٿو.

## شريعتِ الاهيءَ جي تابعداري

121 آءٌ حق ۽ سچ تي عمل ڪندو رهان ٿو،
سو جيڪي مون تي ظلم ٿا ڪن،
تن جي حوالي مون کي نہ ڪجانءِ.
122 منهنجي ڀلائيءَ جي واسطي تون منهنجي ذميواري کڻ،
تان‌تہ مغرور مون تي ظلم نہ ڪن.
123 ڇڏائڻ لاءِ اوسيئڙو ڪندي
منهنجون اکيون ڏنڊلائجي ويون آهن.
هائو، ڇڏائڻ وارو تنهنجو واعدو واجهائيندي،
منهنجي نظر گهٽجي ويئي آهي.
124 پنهنجي هن ٻانهي سان
پنهنجي دائمي ٻاجهہ مطابق سلوڪ ڪر،
۽ مون کي پنهنجا قاعدا قانون سيکار.
125 آءٌ تنهنجو ئي ٻانهو آهيان، مون کي سمجهہ عطا ڪر،
تان‌تہ آءٌ تنهنجي ساري شريعت کي ڄاڻي وٺان.

126 اي خداوند! وقت اچي ويو آهي جو تون ڪجهہ ڪرين،
ڇالاءِجو ماڻهن تنهنجي شريعت کي ٽوڙيو آهي.
127 جڏهن تہ آءٌ تنهنجي حڪمن کي
سون، بلڪ نج سون کان بہ وڌيڪ عزيز رکان ٿو.
128 انهيءَ ڪري جو
آءٌ تنهنجي سڀني قاعدن کي سچو سمجهان ٿو،
۽ هر ڏنگيءَ راهہ کان نفرت ڪريان ٿو.

## شريعتِ الاهيءَ تي عمل ڪرڻ جي تمنا

129 اي خداوند! تنهنجي شريعت ڪيڏي نہ عظيم ترين آهي!
تنهنڪري آءٌ پوريءَ دل سان انهيءَ تي عمل ڪريان ٿو.

130 تنهنجي ڳالهين جي تشريح روشني عطا ڪري ٿي،
اها ابوجهن کي بہ سمجهہ عطا ڪري ٿي.
131 آءٌ تنهنجي حڪمن جو ايڏو تہ مشتاق آهيان،
جو هر وقت انهن جو سڪايل ٿو رهان.

132 اي خداوند! مون ڏانهن ڌيان ڏي،
۽ مون تي پنهنجو اهو ئي رحم فرماءِ،
جيڪو تو کي پنهنجي پيار ڪرڻ وارن تي ڪرڻ جڳائي ٿو.
133 تون پنهنجي واعدي مطابق منهنجي چال کي درست رک،
ائين نہ ٿئي جو ڪا بڇڙائي مون تي غالب اچي پوي.

134 مون تي ظلم ڪرڻ وارن کان مون کي اچي بچاءِ،
تانتہ آءٌ تنهنجي قاعدن قانونن تي عمل ڪندو رهان.
135 تون پنهنجي هن ٻانهي تي ٻاجهہ جي نظر ڪر،
۽ مون کي پنهنجا قانون سيکار.
136 منهنجي اکين مان پاڻيءَ جون نديون ٿيون وهن،
ڇالاءِجو ماڻهو تنهنجي شريعت تي عمل نہ ٿا ڪن.

## شريعتِ الاهيءَ جي سچائي

137 اي خداوند! بيشڪ تون صادق آهين،
تنهنجا قاعدا قانون بلڪل سچا آهن.
138 تو پنهنجي شريعت ۾ جيڪي بہ حڪم ڏنا آهن،
سي سچا ۽ پروسي جهڙا آهن.

139 منهنجي دشمنن تنهنجي ڪلام کي پٺي ڏيئي ڇڏي آهي،
تنهنڪري منهنجي غيرت مون ۾ جوش ٿي کائي.
140 تنهنجو واعدو بلڪل سچو آهي،
تنهنڪري تنهنجو هي ٻندو انهيءَ کي پيار ڪري ٿو.
141 آءٌ خسيس ۽ حقير تہ آهيان،
پر تڏهن بہ تنهنجي قاعدن کي ڪين ٿو وساريان.

142 تنهنجي سچائي ابدي سچائي آهي،
تنهنجي شريعت بلڪل سچي آهي.
143 جيتوڻيڪ مون کي تڪليفن ۽ رنج اچي وڪوڙيو آهي،
تڏهن بہ تنهنجا حڪم منهنجي خوشيءَ جو ڪارڻ آهن.
144 تنهنجي شريعت ازل کان ابد تائين سچي آهي،
اي خداوند! مون کي سمجهہ عطا ڪر تہ آءٌ جيئرو رهان.

## شريعتِ الاهيءَ تي عمل ڪندڙ جي پنهنجي بچاءَ لاءِ دعا

145 آءٌ پوريءَ دل سان تو کي پڪاريان ٿو،
اي خداوند! منهنجو عرض ٻڌ.
آءٌ تنهنجي قاعدن قانونن تي عمل ڪندو رهندس.
146 آءٌ تو کي فرياد ٿو ڪريان، مون کي بچائي وٺ،
تہ آءٌ تنهنجي شريعت تي عمل ڪندو رهندس.
147 پرهہ ڦٽڻ کان اڳ ۾ اٿي آءٌ تو کي فرياد ڪريان ٿو،
ڇالاءِجو مون کي تنهنجي واعدي تي اميد آهي.
148 رات جي هر پهر ۾ منهنجون اکيون کليل رهن ٿيون،
تانتہ آءٌ تنهنجي چيل ڳالهين تي غور ويچار ڪندو رهان.
149 اي خداوند! پنهنجي دائمي ٻاجهہ مطابق
منهنجو فرياد ٻڌ،
۽ پنهنجي فيصلي موجب مون کي حياتي عطا ڪر.

150 مون کي ستائيندڙ، جيڪي تنهنجي شريعت کان بہ پري آهن،
سي بدخواهيءَ وچان منهنجي ويجهو پوندا ٿا وڃن.
151 پر اي خداوند! تون تہ انهن کان بہ منهنجي ويجهو آهين،
۽ تنهنجا سمورا حڪم پروسي جهڙا آهن.
152 گهڻي وقت کان ئي
مون تنهنجي شريعت بابت سمجهي ڇڏيو آهي،
تہ تو انهيءَ کي هميشہ هميشہ لاءِ قائم ڪيو آهي.

## شريعتِ الاهيءَ تي عمل ڪندڙ جي پنهنجي مدد لاءِ التجا

153 اي خداوند! منهنجي مصيبت تي نظر ڪر
۽ مون کي ڇڏائي وٺ،
ڇالاءِجو مون تنهنجي شريعت کي نہ وساريو آهي.
154 تون منهنجي ڪيس جي وڪالت ڪر ۽ مون کي اچي ڇڏاءِ،
تون پنهنجي ڪيل قول موجب مون کي حياتي عطا ڪر.
155 بيشڪ بدڪار ماڻهن کي نہ بچايو ويندو،
ڇالاءِجو اهي تنهنجي قاعدن قانونن جي طلب ئي نہ ٿا ڪن.
156 پر اي خداوند! پنهنجي فيصلن موجب مون کي حياتي بخش،
ڇالاءِجو تنهنجون رحمتون بيحد گهڻيون آهن.
157 توڙي جو مون کي ستائڻ وارا ۽ منهنجا دشمن گهڻا آهن،
تڏهن بہ آءٌ تنهنجي احڪامن کان پري نہ هٽيو آهيان.

158 تو سان دغابازي ڪندڙن کي ڏسي مون کي نفرت آئي،
ڇالاءِجو اهي تنهنجي احڪامن تي عمل نہ ٿا ڪن.
159 ڏس، اي خداوند! مون کي تنهنجا قاعدا ڪيڏا نہ عزيز آهن!
تون پنهنجي دائمي ٻاجهہ مطابق مون کي حياتي عطا ڪر.
160 تنهنجو پورو ڪلام تنهنجي وفا تي ٻڌل آهي،
سو تنهنجا سمورا قاعدا قانون هميشہ سچ تي قائم رهندا.

## شريعتِ الاهيءَ لاءِ وقف ٿيڻ

161 زورآور ماڻهو مون کي بي‌سبب ستائين ٿا،
پر منهنجيءَ دل ۾ رڳو تنهنجي ڪلام جو ڊپ آهي.
162 مون کي تنهنجي واعدن جي ڪري اهڙي خوشي ملي ٿي،
جهڙي ڪنهن کي جهجهو غنيمت وارو مال ملڻ سان.
163 ڪوڙ کان مون کي نفرت آهي ۽ آءٌ انهيءَ کي ڌڪاريان ٿو،
پر تنهنجي شريعت کي آءٌ بيحد پيار ڪريان ٿو.

164 آءٌ تنهنجي انهن سچن قاعدن قانونن جي ڪري
روزانو بار بار تنهنجي واکاڻ ڪندو ٿو رهان.
165 جيڪي تنهنجي شريعت کي چاهين ٿا،
تن لاءِ جهجهي سلامتي ۽ خوشحالي آهي.
اهي ڪڏهن ڪو ٿاٻو به نه کائيندا.

166 اي خداوند! آءٌ منتظر آهيان ته تون ئي مون کي ڇڏائيندين،
ڇالاءِجو آءٌ تنهنجي حڪمن تي عمل ڪندو ٿو رهان.
167 مون تنهنجي شريعت تي دل وَ جان سان عمل ڪيو آهي،
ڇوجو آءٌ تنهنجي انهن احڪامن سان بيحد پيار ڪريان ٿو.
168 آءٌ تنهنجي قاعدن قانونن تي عمل ڪندو ٿو رهان.
ڏس، منهنجون سڀيئي واٽون تنهنجي آڏو آهن.

## شريعتِ الاهيءَ جي واکاڻ

169 اي خداوند! منهنجو فرياد شال تنهنجي حضور ۾ پهچي!
تون واعدي موجب پنهنجي ڪلام جي سمجهه عطا ڪر.
170 هائو، منهنجي التجا شال تنهنجي حضور ۾ پهچي!
تون پنهنجي ڪيل واعدي موجب مون کي اچي ڇڏاءِ.

171 منهنجي واتان تنهنجي واکاڻ ٿيندي رهندي،
ڇالاءِجو تون مون کي پنهنجا قاعدا قانون سيکارين ٿو.
172 منهنجي زبان تنهنجي ڪلام جا گيت پيئي ڳائيندي،
ڇالاءِجو تنهنجا سمورا حڪم بلڪل برحق آهن.

173 شال تنهنجو هٿ منهنجي مدد لاءِ سدائين تيار رهي!
ڇالاءِجو مون تنهنجي قاعدن کي چونڊي ڪنيو آهي.
174 اي خداوند! سخت اوسيئڙو اٿم، تون اچي مون کي بچاءِ.
تنهنجي شريعت ئي منهنجي خوشين جو سبب آهي.
175 سو تون مون کي بچائي جيئرو رک،
تانته آءٌ تنهنجي واکاڻ ڪندو رهان!
شال تنهنجا قاعدا قانون منهنجي رهنمائي ڪندا رهن!
176 آءٌ گم ٿيل رڍ جيان ڀٽڪي ويو آهيان،
تون اچي پنهنجي هن بندي کي ڳولهي لهه،
ڇالاءِجو آءٌ تنهنجي حڪمن کي ڪڏهن نه ٿو وساريان.

# زبور 120

## صلح لاءِ دعا

(هيڪل جي زيارت جو گيت)

1 مون مصيبت ۾ خداوند کي پڪاريو.
هن منهنجي اها دانهن ٻڌي ورتي ته
2 ”اي خداوند! مون کي ڪوڙ ڳالهائيندڙن کان بچاءِ،
هائو، انهن ٺڳي ڪندڙن کان مون کي ڇڏاءِ.“

3 اي دغاباز ؤ! ٻڌو، ٺڳيءَ جي بدلي توهان کي ڇا ملندو،
۽ توهان سان ڪهڙو سلوڪ ڪيو ويندو؟
4 توهان کي بهادر ماڻهو تکا تير هڻندا،
جيڪي توهان کي ٻير جي ٻرڪندڙ ٽانڊن جيان اچي لڳندا.

5 افسوس! آءٌ انهن دغابازن منجهه
اهڙي بدتر زندگي پيو گذاريان،
جيئن ڪو *مسڪ ۽ قيدار وارن ۾ بدتر پيو گذاري.
6 هائو، اهي جيڪي صلح جا دشمن آهن،
تن سان رهندي مون کي گهڻي مدت گذري ويئي آهي.
7 آءٌ ته صلح جو ڏاڍو ڪوڏيو آهيان،
پر جڏهن صلح جي ڳالهه ٿو ڪريان
تڏهن هو جنگ جي لاءِ تيار ٿيو وڃن.

# زبور 121

## خداوند اسان جو محافظ

(هيڪل جي زيارت جو گيت)

1 آءٌ پنهنجيون اکيون ڪٽي جبلن ڏانهن نهاريان ٿو،
هائو، آءٌ واجهايان ٿو ته منهنجي مدد الائي ڪٿان ايندي؟
2 بيشڪ منهنجي مدد خداوند کان ايندي،
جنهن آسمان ۽ زمين کي جوڙيو آهي.

3 ڪاهن هيئن ٿو چوي ته
خداوند تنهنجو اهڙو محافظ آهي،

---

*مسڪ ۽ قيدار: هي ٻيئي ڏورانهن علائقن ۾ رهندڙ قبيلا هئا، جن کي بلڪل جاهل ۽ بدتر سمجهيو ويندو هو.

جنهن کي ننڊ جو جهوٽو بہ ناهي ايندو.
اهو تنهنجي پيرن کي ترڪڻ نہ ڏيندو.
4 هائو، اسان بني اسرائيل جي محافظ کي
ننڊ تہ ڇڏيو پر ننڊ جو جهوٽو بہ ناهي ايندو.
5 بيشڪ خداوند تنهنجي حفاظت ڪندو.
هو تو مٿان پوريءَ طرح پنهنجي ڇانوَ ڪندو.
6 نہ ڏينهن جي وقت سج ۽ نہ وري رات جي وقت چنڊ
تو کي ڪو ايذاءُ رسائيندا.
7 خداوند تو کي هر بلا کان محفوظ رکندو،
هائو، هو تنهنجيءَ جان جي حفاظت ڪندو.
8 خداوند هر ڪم ۾ ۽ هر هنڌ تنهنجي حفاظت ڪندو.
هائو، هو هينئر کان
هميشہ هميشہ تائين تنهنجي حفاظت ڪندو.

## زبور 122

### يروشلم جي واکاڻ ۾

(هيڪل جي زيارت جو گيت، دائود جي زبورن ۾ شامل)

1 ان وقت آءٌ خوش ٿيو هوس جڏهن مون کي چيو ويو هو تہ
”اچ تہ اسين خداوند جي گهر هلون.“

2 اي يروشلم! اسان جا قدم
تنهنجي دروازن اندر اچي پهتا آهن.
3 اي يروشلم! تون اهڙو اڏيل آهين،
جيئن ڪو ڪوٽن وارو پختو شهر اڏيل هجي.

4 قبيلا، يعني خداوند جا قبيلا اوڏانهن ئي وڃن ٿا.
هائو، بني اسرائيل جا سڀيئي قبيلا خدا جي حڪم موجب
اتي وڃي خداوند جي ناليِ جو شڪر ادا ڪن ٿا.
5 اُتي عدالت وارو شاهي تخت قائم آهي،
يعني دائود جي شاهي گهراڻي جو تخت.

6 يروشلم جي سلامتي ۽ خوشحاليءَ لاءِ هيءَ دعا گهرو تہ
”اي يروشلم! جيڪي تو سان پيار ٿا ڪن سي شل خوشحال هجن.
7 شال تنهنجي ڪوٽن اندر هميشہ امن وَ سلامتي هجي،
۽ تنهنجي محلاتن منجهہ هميشہ خوشحالي هجي.“

8 آءٌ پنهنجي همقوم عزيزن ۽ ساٿين جي خاطر،
يروشلم کي هيئن دعا ٿو ڏيان تہ
”شال تو ۾ سلامتي ۽ خوشحالي هجي!“
9 اي يروشلم! آءٌ تو لاءِ ائين خير پيو گهرندو رهندس،
ڇالاءِجو خداوند اسان جي خدا جو گهر تو منجهہ آهي.

## زبور 123

### مايوسيءَ جي وقت دعا

(هيڪل جي زيارت جو گيت)

1 اي خداوند! تون جيڪو عرش عظيم تي تخت‌نشين آهين،
هائو، آءٌ تو ڏانهن ئي پنهنجون اکيون کنيو نهاريان ٿو.
2 جيئن ڪنهن غلام جون اکيون
پنهنجي مالڪ جي هٿن ڏانهن نهارين ٿيون،
يا جيئن ڪنهن ٻانهيءَ جون اکيون
پنهنجي سائڻ جي هٿن ڏانهن نهارين ٿيون،
تيئن ئي اسان جون اکيون
تو خداوند اسان جي خدا ڏانهن نهارين ٿيون،
جيستائين تون اسان تي رحم نہ ڪندين.

3 اسان تي رحم ڪر اي خداوند!
اسان تي پنهنجو رحم ڪر،
ڇوجو حقارت سهي سهي اسين تنگ ٿي پيا آهيون.
4 دولتمند ماڻهن جون ٺٺوليون،
۽ مغرورن جي حقارت سهندي سهندي،
اسين بلڪل بيزار ٿي پيا آهيون.

## زبور 124

### خداوند، پنهنجي قوم جو مددگار

(هيڪل جي زيارت جو گيت، دائود جي زبورن ۾ شامل)

1 بني اسرائيل وارا هيئن چون تہ
”جيڪڏهن اسان جو خداوند اسان جي پاسي نہ هجي ها،
2 هائو، جڏهن ماڻهو اسان جي خلاف اٿي کڙا ٿيا هئا،
تڏهن جي اسان جو خداوند اسان جي پاسي نہ هجي ها،
3 تہ جنهن وقت اهي اسان تي سخت ڪاوڙيا هئا،
تنهن وقت اسان کي جيئرو ئي ڳڙڪائي وڃن ها.
4 انهيءَ مهل ڇڻ ٻوڏ اسان کي ٻوڙي ڇڏي ها،
۽ اسان جي مٿان وهڪرا وهي وڃن ها،
5 اسان کي ڇڻ گجندڙ پاڻي لوڙهي وڃي ها،
۽ اسين انهيءَ ۾ ٻڏي وڃون ها.“

---

4:122 شر 16:16–17

6 شال خداوند سڳورو هجي!
جنهن اسان کي مخالفن جو شڪار ٿيڻ نہ ڏنو.
7 اسان جي جان ائين ڇٽي آهي،
جيئن پکي ماريءَ جي ڦندي مان ڇٽي،
ڦندو ٽٽي ويو ۽ اسين ڇٽي نڪتاسين.

8 بيشڪ خداوند ئي اسان جو مددگار آهي،
جنهن آسمان ۽ زمين کي جوڙيو آهي.

## زبور 125

### خداوند، پنهنجي قوم جي پناهہ

(هيڪل جي زيارت جو گيت)

1 جن جو خداوند تي ڀروسو آهي سي صيئون جبل جيان آهن،
جنهن کي ڪو لوڏو نہ ٿو اچي ۽ جيڪو هميشہ لاءِ قائم آهي.
2 جيئن يروشلم کي چوڌاري جبل وڪوڙيل آهن،
تيئن ئي هاڻي بلڪ هميشہ هميشہ لاءِ،
خداوند چئني طرفن کان پنهنجي قوم جو محافظ آهي.

3 بدڪارن جي حڪومت سچارن جي ميراث واري ملڪ تي
ڪڏهن بہ قائم رهي نہ سگهندي،
انهيءَ لاءِ تہ متان سچار پنهنجا هٿ بڇڙائيءَ ڏانهن وڌائين.

4 اي خداوند! جيڪي نيڪ ۽ سچيءَ دل وارا آهن،
تن سان تون ڀلائي ڪر.
5 پر جيڪي پنهنجين ڏنگين واٽن ڏانهن ڦري وڃن ٿا،
تن کي تون بدڪارن سان گڏ سزا ڏي!

شال بني اسرائيل ۾ سلامتي ۽ خوشحالي هجي!

## زبور 126

### بحاليءَ لاءِ دعا

(هيڪل جي زيارت جو گيت)

1 جڏهن خداوند *صيئون جي خوشحاليءَ کي وري بحال ڪيو،
تڏهن اسين اهڙا خوشحال ٿياسين ڄڻ تہ اهو ڪو خواب هو.
2 انهيءَ مهل اسين خوشيءَ وچان ٽهڪ ڏيڻ
۽ گيت ڳائي خوشيون ملهائڻ لڳاسين.
تڏهن غير قومن ۾ هل مچي ويو تہ
"خداوند هنن لاءِ ڪيڏا نہ عظيم ڪم ڪيا آهن."
3 بيشڪ خداوند اسان جي لاءِ وڏا وڏا ڪم ڪيا آهن،
سو اسان کي بيحد خوشي ٿي آهي!

4 اي خداوند!
جهڙيءَ طرح سڪل برساتي نهرون پاڻيءَ سان ڀرجي وهن ٿيون،
تهڙيءَ طرح تون اسان کي وري سکيو ستابو ڪر.
5 شال اهي جيڪي ڳوڙها ڳاڙيندي پنهنجي پوک پوکين ٿا،
سي خوشيءَ وچان گيت ڳائيندي پنهنجا فصل لڻن!
6 هائو، جيڪي روئندي روئندي پوکڻ لاءِ ٻج کنيو ٿا وڃن،
سي پوءِ ضرور خوشيءَ جا گيت ڳائيندي ڳڏا کڻي موٽي ايندا.

## زبور 127

### خداوند جي ڀلائيءَ جي واکاڻ

(هيڪل جي زيارت جو گيت، سليمان جو زبور)

1 جيڪڏهن خداوند ئي گهر اَڏائڻ نہ چاهي،
تہ پوءِ اُهي جيڪي گهر جوڙين ٿا تن جي محنت اجائي آهي.
جيڪڏهن خداوند شهر جي سنڀال نہ ڪري،
تہ پوءِ چوڪيدار جو جاڳڻ بہ بلڪل اجايو آهي.
2 سو اوهين جيڪي سخت پورهيو ڪري رزق حاصل ڪرڻ لاءِ،
صبح جو سوير اٿو ٿا ۽ رات جو دير سان ٿا سُمهو،
اهو اوهان لاءِ بيفائدي آهي،
ڇالاءِجو خداوند پنهنجي پيارن کي ننڊ ۾ بہ عطا ڪري ٿو.

3 ٻار خداوند جو عطيو آهن،
هائو، اهي والدين لاءِ خداوند جي طرفان هڪ نعمت آهن.
4 هاڻ وري شهزوريءَ جي عمر ۾ ڄاول پٽ
بهادر ماڻهوءَ جي تيرن مثل آهن.
5 سڀاڳو آهي اُهو ماڻهو،
جنهن جو ترڪش اهڙن تيرن سان ڀريل آهي،
ڇالاءِجو شهر جي در وٽ فيصلي وقت
جڏهن سندس مخالف ساڻس بحث مباحثو ڪندا،
تڏهن هو اولاد جي گهڻائيءَ ڪري سوڀارو ٿيندو.

---

*صيئون: يعني يروشلم.

## زبور 128

### خداوند جي فرمانبرداريءَ جو انعام

(هيڪل جي زيارت جو گيت)

1 سڀاڳو آهين تون، اي منهنجا ڀاءُ!
جيڪو خداوند جو خوف رکندي سندس واٽن تي ٿو هلين.

2 تنهنجي هٿن جو پورهيو تو کي روزي مهيا ڪندو.
تون سکيو رهندين ۽ هر دم تنهنجو ڀلو ٿيندو.
3 تنهنجي زال تنهنجي گهر اندر
انگورن جي ڦلدار ول وانگر ٿيندي،
هائو، تنهنجو اولاد تنهنجي دسترخوان جي چوگرد
زيتون جي وڻ جي چوگرد ڦٽي نڪتل جهجهن سلن وانگر هوندو.
4 تون اهڙيءَ طرح ئي سڀاڳو ٿيندين،
ڇالاءِجو تون خداوند جو خوف رکين ٿو.

5 شال خداوند تو کي صيئون جبل کان برڪت ڏئي،
ايتري تائين جو تون پنهنجي سڄي عمر
ان تي اڏيل شهر يروشلم جي خوشحالي پيو ڏسين.
6 شال تون وڏي ڄمار ماڻي پنهنجي ٻارن جا ٻار به ڏسين.

شال بني اسرائيل ۾ سلامتي ۽ خوشحالي هجي!

## زبور 129

### دشمنن جي شڪست لاءِ دعا

(هيڪل جي زيارت جو گيت)

1 هاڻ اي بني اسرائيل قوم! شروع کان ئي
دشمنن تو کي جيئن ستايو سو ڀلي تون بيان ڪر ته
2 ”دشمنن مون کي ننڍي هوندي کان ئي ڏاڍو ستايو،
پر تڏهن به اهي مون تي ڪڏهن غالب ڪين پيا.
3 جڻ ته هر ڪاهڻ وارن منهنجي پٺيءَ تي پنهنجا هر ڪاهيا هئا،
هائو، هر هلائي ڊگهيون ڊگهيون اوڙون ڪڍيون هئائون.
4 پر خداوند جيڪو بلڪل سچو آهي،
تنهن بدڪارن جا زنجير ٽوڙي مون کي ڇڏائي ورتو.“
5 *صيئون سان جيڪي عداوت رکن ٿا،
شال اهي سڀ شڪست کائي خوار خراب ٿين!
6 شال هو انهيءَ گاهه جيان ٿين جيڪو ڪوٺن تي ٿو اپري!
هائو، اهو ئي گاهه جيڪو وڌڻ کان اڳ سڪي ٿو وڃي.
7 جنهن مان نڪي لاباري ڪندڙ جي مٺ ئي ڀرجي سگهي ٿي،
۽ نه وري ڳڏا ٻڌندڙ پنهنجو پلوءُ ڀري سگهي ٿو.
8 سو ڪو واٽهڙو به انهيءَ لڻندڙ کي نه چوندو ته
”خداوند جي تو تي برڪت هجي،“
يا وري هيئن ته
”اسين تو کي خداوند جي نالي سان دعا ڏيون ٿا.“

## زبور 130

### مغفرت لاءِ دعا

(هيڪل جي زيارت جو گيت)

1 اي خداوند! آءٌ مايوسيءَ جي اونهاين مان،
تو کي پڪاريان ٿو.
2 اي ڌڻي! تون منهنجو آواز ٻڌ،
اي منهنجا رب! منهنجي منٿ واري آواز تي پنهنجو ڪن ڏي.

3 جيڪڏهن تون خطائن جو حساب ڪندين،
ته پوءِ اي خداوند! ڪير آهي جيڪو تنهنجي آڏو بيهي سگهندو؟
4 پر تو وٽ گناهن جي مغفرت آهي،
تان‌ته ماڻهو تنهنجي تعظيم ڪن.

5 منهنجي توڪل خداوند تي آهي،
انهيءَ جي واعدي تي مون کي پورو ڀروسو آهي.
6 جيئن چوڪيدار صبح ٿيڻ جو انتظار ٿا ڪن،
هائو، جيئن پهري وارا پرهه ڦٽڻ لاءِ واجهائين ٿا،
تيئن آءٌ انهن کان به وڌيڪ ڌڻيءَ لاءِ اوسيئڙو ٿو ڪريان.

7 اي بني اسرائيل وارؤ!
پنهنجو ڀروسو خداوند تي رکو،
ڇوجو هن وٽ دائمي پاجهه ۽ جهجهو ڇوٽڪارو آهي.
8 بيشڪ هو ئي اسان بني اسرائيل کي،
اسان جي سڀني ڏوهن کان ڇوٽڪارو ڏيندو.

---

*صيئون: يعني يروشلم شهر، جنهن ۾ خداوند جو هيڪل هو.

130:8 مت 21:1، طيط 41:2

## زبور 131

### خدا تي نماڻي توڪل

(هيڪل جي زيارت جو گيت، دائود جي زبورن ۾ شامل)

1 اي خداوند! منهنجيءَ دل ۾ ڪا مغروري ڪانهي،
نڪي وري اکڙ ۾ منهنجون اکيون آسمان تائين اوچيون آهن،
عجيب ۽ وڏين ڳالهين ۾ آءٌ ڪوبہ دخل نہ ٿو ڏيان.
2 اٽلندو مون پنهنجو پاڻ کي خاموش ۽ مانيٺو بڻايو آهي.
جيئن ڪو ٿڃ ڇڏايل ٻار ماءُ جي هنج ۾ دلجاءِ ڪيو پيو هجي،
تيئن ئي منهنجي دل مون ۾ پُر سڪون آهي.

3 اي بني اسرائيل! تون پنهنجي توڪل خداوند تي رک،
هائو، تون هاڻي کان هميشہ تائين مٿس توڪل رک.

## زبور 132

### خدا ۽ دائود جي وچ ۾ معاهدو

(هيڪل جي زيارت جو گيت)

1 اي خداوند! تون دائود کي نہ وسار،
هن جيڪي ڏک ڏٺا آهن تن کي تون ياد ڪر.
2 اي خداوند! هن ڪيئن نہ تو سان قسم کنيو هو،
هائو، تو يعني يعقوب جي قادر آڏو هي باسون باسيون هئائين تہ
3 ”آءٌ پنهنجي پلنگ تي ڪين سمهندس،
بلڪ پنهنجي گهر ۾ داخل ئي نہ ٿيندس،
4 آءٌ پنهنجي اکين ۾ ننڊ کي اچڻ نہ ڏيندس،
بلڪ پنهنجي ڇپرن تي آءٌ پنڪي بہ اچڻ ڪين ڏيندس،
5 جيستائين تو خداوند لاءِ ڪا جاءِ حاصل نہ ڪريان،
هائو، جيستائين تو يعني يعقوب جي قادر لاءِ گهر نہ اڏيان.“

6 دائود چيو هو تہ ”جڏهن اسين بيت‌لحم ۾ هئاسين،
تڏهن اسان کي خبر پيئي تہ عهد واري صندوق قريت‌يعريم ۾ آهي.
سو اسان اها اتان وجي کنئي.
7 تڏهن اسان اتي چيو تہ ’اچو تہ خداوند جي گهر هلون،
۽ سندس پيرن جي صندليءَ آڏو هلي سجدو ڪريون.‘“

8 سو هاڻ اُٿ، اي خداوند! پنهنجي نئين آرامگاهہ ۾ هل،
پنهنجي قدرت واري صندوق سان انهيءَ هيڪل ۾ داخل ٿيءُ.
9 شال ڪاهن سچائيءَ سان پنهنجا فرض ادا ڪن،
۽ تنهنجي چونڊيل قوم خوشيءَ وچان نعرا هڻي!

10 اي خداوند! پنهنجي بندي دائود جي خاطر،
تون پنهنجي مسح ڪري چونڊيل بادشاهہ کان منهن نہ موڙ.
11 چالاءِ جو تو سچائيءَ سان دائود سان قسم کنيو هو،
جنهن کان تون ڪڏهن نہ ڦرندين تہ
”تو کان پوءِ تنهنجي اولاد مان ئي هڪ کي تخت عطا ڪندس.
12 پوءِ جيڪڏهن تنهنجو اولاد منهنجي عهد کي قائم رکندو،
۽ جيڪا شريعت آءٌ کين سيکاريندس تنهن تي عمل ڪندا رهندا،
تہ پيڙهي بہ پيڙهي اهي تنهنجي تخت تي ويهندا رهندا.“

13 بيشڪ خداوند *صيئون کي چونڊي ڪييو آهي.
هن انهيءَ کي پنهنجي رهڻ جي خاطر پسند ڪيو آهي،
14 چالاءِ جو چيائين تہ
”هيءَ ئي هميشہ لاءِ منهنجي آرامگاهہ آهي.
آءٌ هتي رهي حڪمراني ڪندس ڇوجو انهيءَ کي پسند ڪيو اٿم.
15 انهيءَ شهر يروشلم جي رزق ۾ آءٌ جهجهي برڪت وجهندس،
آءٌ ان جي غريبن کي بہ ڍءَ تي ماني کارائيندس.
16 انهيءَ برڪت سان ان شهر جا ڪاهن بہ ڀاول رهندا،
۽ ان شهر ۾ رهندڙ چونڊيل قوم وارا خوشيءَ وچان نعرا هڻندا.
17 اتي آءٌ دائود جي اولاد مان هڪ زورآور بادشاهہ ڪڙو ڪندس،
۽ پنهنجي انهيءَ مسح ڪري چونڊيل جو ڏيئو
سدائين ٻريل رکندس.
18 ان بادشاهہ جي ويرين کي
آءٌ شڪست ڏياري خوار خراب ڪندس،
پر بادشاهہ کي شان وارو تاج پارائيندس.“

## زبور 133

### برادرانہ ٻڌيءَ جي خاصيت

(هيڪل جي زيارت جو گيت، دائود جي زبورن ۾ شامل)

1 ڏسو، اها ڪيڏي نہ چڱي ۽ وڻندڙ ڳالهہ آهي،
جو سڀيئي همقوم گڏجي پاڻ ۾ ايڪي سان رهن!

---

*صيئون: يعني يروشلم شهر، جنهن ۾ خداوند جو هيڪل اڏيل هو.

6:132 1.سم 7:1-2، 1.توا 13:5-8 11:132 2.سم 7:12-16، 1.توا 17:11-14، زب 89:3-4، رس 2:30 17:132 1.با 11:36

2 اهو انهيءَ *املهہ تيل جيان آهي،
جيڪو هارون جي مٿي تي پيٽيو ويو.
اهو وهندو هارون جي ڏاڙهيءَ تي آيو،
بلڪ اتان وهندو اچي سندس پوشاڪ جي دامن تائين پهتو.
3 اهو ائين پڻ آهي جيئن صيئون جبل تي ماڪ پوي،
بلڪل †حرمون جبل جي ماڪ جيان.
بيشڪ صيئون تي خداوند پنهنجي واعدي ڪيل برڪت،
يعني ابدي حياتي نازل ڪري ٿو.

## زبور 134

## رات جي عبادت لاءِ سڏ

(هيڪل جي زيارت جو گيت)

1 اي خداوند جا بندؤ! اوهين سڀ اچي خداوند جي واکاڻ ڪريو،
هائو، اوهين جيڪي رات جي وقت
خداوند جي گهر ۾ حاضر ٿا رهو.
2 اوهين پنهنجا هٿ مقدس جاءِ ڏانهن کڻو،
۽ خداوند جي واکاڻ ڪريو.

3 شال خداوند ‡صيئون جبل تان اوهان کي برڪت عطا ڪري،
هائو، اهو ئي خداوند جنهن زمين ۽ آسمان کي جوڙيو آهي.

## زبور 135

## واکاڻ جو گيت

1 خداوند جي واکاڻ ڪريو.

اي خداوند جا بندؤ! اوهين خداوند جي واکاڻ ڪريو،
2 هائو، اوهين جيڪي خداوند جي گهر جي اندر،
اسان جي خدا جي بارگاهہ منجهہ حاضر رهو ٿا.
3 خداوند جي واکاڻ ڪريو، ڇالاءِجو خداوند ڀلو آهي.
سندس نالي جي ساراهہ ڳايو، ڇالاءِجو هو ڀاجهارو آهي.
4 بيشڪ خداوند بني يعقوب کي پنهنجي واسطي،
هائو، بني اسرائيل کي
پنهنجي خاص ملڪيت ٿيڻ لاءِ چونڊي ورتو آهي.

5 منهنجو اهو ايمان آهي تہ خداوند عظيم آهي،
هائو، اسان جو رب سڀني معبودن کان بلند ۽ بالا آهي.
6 آسمان ۾ توڙي زمين تي،
بلڪ سمنڊ جي اونهاين ۾ تري تائين،
خداوند کي جيڪي وڻي ٿو سو ئي هو ڪري ٿو.
7 ڌرتيءَ جي ڇيڙن کان هو بادل اٿاري آڻي ٿو،
مينهن سان گڏ هو وڄ موڪلي ٿو،
۽ پنهنجي گدام مان آنڌي اماڻي ٿو.

8 مصر ۾ انسانن توڙي جانورن جا جيڪي بہ پهريتا هئا،
تن سڀني کي هن ئي ماري ڇڏيو.
9 اي مصر! تو منجهہ ¶فرعون ۽ ان جي سڀني عملدارن تي
هن ڪيڏا نہ وڏا معجزا ۽ عجيب ڪم ظاهر ڪيا.
10 هن گهڻين ئي قومن کي تباهہ ۽ برباد ڪري ڇڏيو،
۽ زورآور بادشاهن کي بہ قتل ڪري ڇڏيائين.
11 هائو، امورين جي بادشاهہ سيحون کي،
بسن جي بادشاهہ عوج کي،
۽ ڪنعان جي سڀني بادشاهن کي هن قتل ڪري ڇڏيو.
12 هن انهن جا ملڪ بني اسرائيل کي عطا ڪيا.
هائو، هن پنهنجي انهيءَ قوم کي اهي ميراث ڪري ڏنا.

13 خداوند جو نالو هميشہ ياد ڪيو ويندو.
سندس ذڪر سڀني پيڙهين تائين ٿيندو رهندو.
14 ڇالاءِجو خداوند پنهنجي قوم جي پاسخاطري ڪري ٿو،
هائو، هو پنهنجن انهن ٻانهن تي مهربان آهي.

15 جڏهن تہ ڌارين قومن جا معبود
سون ۽ چانديءَ جا ٺهيل بت آهن،
جيڪي ماڻهن پنهنجي هٿن سان جوڙيا آهن.
16 انهن کي وات تہ آهي پر اهي ڳالهائي نہ ٿا سگهن،
انهن کي اکيون بہ آهن پر اهي ڏسي نہ ٿا سگهن.
17 انهن کي ڪن بہ آهن پر اهي ٻڌي نہ ٿا سگهن.

---

*املهہ تيل: هن مان مراد اهو تيل آهي جيڪو هارون ڪاهن کي سردار ڪاهن طور مخصوص ڪرڻ وقت سندس مٿي تي پيٽيو ويو هو، ڏسو لاوي سرشتو 12:8. گهڻو ڪري ان مان مراد خدا جو جهجهو فضل ۽ برڪتون ڏيڻ پڻ آهي.

†حرمون جبل: حرمون جبل ارام ملڪ ۾ آهي.

‡صيئون جبل: يعني خداوند جي هيڪل کان، جيڪو يروشلم ۾ ان جبل تي اڏيل هو.

¶فرعون: هي مصر ملڪ جي بادشاهن جو لقب هو، وڌيڪ تفصيل لاءِ ڏسو ”خاص لفظن جي سمجهاڻي“.

7:135 ير 13:10   8:135 خر 29:12   11:135 ڳا 21:21–35

توڙي جو ڪين وات آهي پر اهي ساهہ کڻي نہ ٿا سگهن.
18 هاڻ جيڪي انهن کي جوڙين ٿا يا مٿن ڀروسو ٿا رکن،
سي سڀيئي بہ انهن جهڙا ئي ٿي پوندا.

19 اي بني اسرائيل! اوهين خداوند کي سڳورو چئو،
اي خداوند جا ڪاهنؤ! اوهين خداوند کي سڳورو چئو.
20 اي لاوي، هيڪل جا خدمتگارؤ!
اوهين خداوند کي سڳورو چئو،
اي خداوند جي عبادت ڪرڻ وارؤ!
اوهين خداوند کي سڳورو چئو.
21 شال صيئون جبل تي خداوند سڳورو هجي!
هائو، اهو جيڪو يروشلم ۾ رهي ٿو سو شل سڳورو هجي!

خداوند جي واکاڻ ڪريو.

## زبور 136
## شڪرگذاريءَ جو گيت

1 اوهين خداوند جو شڪرانو ادا ڪريو،
ڇوجو اهو ڀلو آهي،
۽ انهيءَ جو رحم هميشہ هميشہ تائين قائم آهي.
2 اوهين معبودن جي معبود جو شڪرانو ادا ڪريو،
جو انهيءَ جو رحم هميشہ هميشہ تائين قائم آهي.
3 اوهين مالڪن جي مالڪ جو شڪرانو ادا ڪريو،
جو انهيءَ جو رحم هميشہ هميشہ تائين قائم آهي.

4 انهيءَ جو شڪرانو ادا ڪريو،
جيڪو اڪيلو ئي وڏا عجيب وَ غريب ڪم ڪري ٿو،
جو انهيءَ جو رحم هميشہ هميشہ تائين قائم آهي.
5 انهيءَ جو شڪرانو ادا ڪريو،
جنهن ڏاهپ سان آسمانن کي جوڙيو آهي،
جو انهيءَ جو رحم هميشہ هميشہ تائين قائم آهي.
6 انهيءَ جو شڪرانو ادا ڪريو،
جنهن بحرن تي ڌرتيءَ کي پکيڙيو آهي،
جو انهيءَ جو رحم هميشہ هميشہ تائين قائم آهي.
7 انهيءَ جو شڪرانو ادا ڪريو،
جنهن وڏا وڏا روشني ڏيندڙ سيارا جوڙيا آهن،
جو انهيءَ جو رحم هميشہ هميشہ تائين قائم آهي.
8 بيشڪ ڏينهن تي حڪمراني ڪرڻ لاءِ هن سج کي جوڙيو آهي،
جو انهيءَ جو رحم هميشہ هميشہ تائين قائم آهي.
9 رات مٿان راڄ ڪرڻ لاءِ هن چنڊ تارن کي جوڙيو آهي،
جو انهيءَ جو رحم هميشہ هميشہ تائين قائم آهي.

10 انهيءَ جو شڪرانو ادا ڪريو،
جنهن مصر جي پهريتن کي ماري ڇڏيو هو،
جو انهيءَ جو رحم هميشہ هميشہ تائين قائم آهي.
11 انهن ئي مصرين جي وچ مان
هو بني اسرائيل کي ٻاهر ڪڍي آيو،
جو انهيءَ جو رحم هميشہ هميشہ تائين قائم آهي.
12 هائو، پنهنجي زورآور هٿ
۽ وڏيءَ قدرت سان هو کين مصر مان ڪڍي آيو،
جو انهيءَ جو رحم هميشہ هميشہ تائين قائم آهي.
13 انهيءَ جو شڪرانو ادا ڪريو،
جنهن ڳاڙهي سمنڊ کي چيري ٻہ اڌ ڪيو،
جو انهيءَ جو رحم هميشہ هميشہ تائين قائم آهي.
14 هن بني اسرائيل کي انهيءَ جي وچان پار ٽپايو،
جو انهيءَ جو رحم هميشہ هميشہ تائين قائم آهي.
15 هن فرعون کي لشڪر سوڌو ڳاڙهي سمنڊ ۾ غرق ڪري ڇڏيو،
جو انهيءَ جو رحم هميشہ هميشہ تائين قائم آهي.

16 انهيءَ جو شڪرانو ادا ڪريو،
جيڪو رڻپٽ ۾ پنهنجي قوم جو رهبر بڻيو،
جو انهيءَ جو رحم هميشہ هميشہ تائين قائم آهي.
17 انهيءَ جو شڪرانو ادا ڪريو،
جنهن وڏن وڏن بادشاهن کي ماري ڇڏيو،
جو انهيءَ جو رحم هميشہ هميشہ تائين قائم آهي.
18 انهيءَ جو شڪرانو ادا ڪريو،
جنهن انهن طاقتور بادشاهن کي قتل ڪري ڇڏيو،
جو انهيءَ جو رحم هميشہ هميشہ تائين قائم آهي.
19 بيشڪ هن سيحون کي قتل ڪيو،
جيڪو امورين جو بادشاهہ هو،
جو انهيءَ جو رحم هميشہ هميشہ تائين قائم آهي.
20 هن عوج کي پڻ قتل ڪيو،
جيڪو بسن ملڪ جو بادشاهہ هو،
جو انهيءَ جو رحم هميشہ هميشہ تائين قائم آهي.
21 انهن جا ملڪ هن پنهنجي قوم کي ميراث ڪري ڏنا،

---

136:1 1.توا 34:16، 2.توا 13:5، 3:7، عز 3:11، زب 5:100، 1:106، 1:107، 1:118، ير 11:33 136:5 پيد 1:1 136:6 پيد 2:1 136:7–9 پيد 16:1 136:10 خر 29:12 136:11 خر 51:12 136:13–15 خر 21:14–29 136:19 گا 21:21–30 136:20 گا 21:31–35

جو انهيءَ جو رحم هميشہ هميشہ تائين قائم آهي.
22 هائو، اهي ملڪ هن پنهنجي بندن،
يعني بني اسرائيل کي ميراث ڪري ڏنا،
جو انهيءَ جو رحم هميشہ هميشہ تائين قائم آهي.

23 انهيءَ جو شڪرانو ادا ڪريو،
جنهن ڏکن ۾ اسان جي سار لڌي،
جو انهيءَ جو رحم هميشہ هميشہ تائين قائم آهي.
24 انهيءَ جو شڪرانو ادا ڪريو،
جنهن اسان کي دشمنن کان ڇڏايو،
جو انهيءَ جو رحم هميشہ هميشہ تائين قائم آهي.
25 انهيءَ جو شڪرانو ادا ڪريو،
جيڪو هر ساهواري کي روزي رسائي ٿو،
جو انهيءَ جو رحم هميشہ هميشہ تائين قائم آهي.

26 اوهين عرش عظيم واري خدا جو شڪرانو ادا ڪريو،
جو انهيءَ جو رحم هميشہ هميشہ تائين قائم آهي.

## زبور 137

## جلاوطنن جو مرثيو

1 اسان بابل جي ندين جي ڪناري ويٺي ڏاڍو رنو.
هائو، اسان اتي *صيئون کي ياد ڪري رنو پئي.
2 اتي جيڪي لئي جا وڻ بيٺا هئا،
تن تي اسان پنهنجون سارنگيون لٽڪائي ڇڏيون هيون.
3 اتي اسان کي قيد ڪندڙن اسان کي ڳائڻ لاءِ چيو،
هائو، اسان کي ستائيندڙن پنهنجي وندر لاءِ چيو تہ
”اسان کي صيئون جو ڪو راڳ ڳائي ٻڌايو.“
4 پلا ڌارين جي انهيءَ ديس ۾
اسين خداوند جو راڳ ڪيئن ٿي ڳائي سگهياسين؟

5 اي يروشلم! جيڪڏهن آءٌ تو کي وساري ويهان،
تہ شال منهنجو ساڄو هٿ سارنگي وڄائڻ وڃائي ويهي!
6 جيڪڏهن آءٌ تو کي ياد نہ ڪريان،
۽ تو کي پنهنجي خوشيءَ کان وڌيڪ نہ سمجهان،
تہ پوءِ منهنجي هيءَ زبان پلي منهنجي تارونءَ کي چنبڙي پوي.

7 اي خداوند! بني ادوم خلاف
يروشلم جي تباهيءَ واري ڏينهن کي ياد ڪر،
جڏهن هنن بابلي لشڪر کي چيو ٿي تہ
”انهيءَ کي ڊاهيو، بلڪ ان جون پاڙون ئي پٽي ڪڍو.“

8 ٻڌو، اي بابل وارؤ! اوهين جيڪي برباد ٿيڻ تي آهيو.
اهي ماڻهو سڀاڳا هوندا،
جيڪي توهان سان اهڙي ئي هلت ڪندا،
جهڙي توهان اسان سان ڪئي هئي.
9 بيشڪ اهي سڀاڳا هوندا،
جيڪي توهان جي ٻارن کي ڪٽي زور سان ٽڪر تي هڻندا.

## زبور 138

## شڪرگذاريءَ جو گيت

(دائود جي زبورن ۾ شامل)

1 اي خداوند! آءٌ پوريءَ دل سان تنهنجو شڪرانو ادا ڪندس.
منهنجي آڏو ڪهڙو بہ معبود هجي،
تہ بہ آءٌ تنهنجي ئي واکاڻ ڳائيندس.
2 آءٌ تنهنجي مقدس هيڪل ڏانهن منهن ڪري سجدو ڪندس.
تنهنجي دائمي پاجهہ ۽ سچائيءَ جي ڪري،
آءٌ تنهنجي نالي جو شڪرانو ادا ڪندس،
ڇالاءِجو تو پنهنجي نالي ۽ قول کي
هر شيءِ کان مٿاهون ڪيو آهي.
3 جنهن ڏينهن مون تو کي پڪاريو تو منهنجو عرض ٻڌو،
۽ مون کي طاقت بخشي منهنجي حوصلي کي وڌايو.

4 اي خداوند! تنهنجا ڪيل قول ٻُڌي
ڌرتيءَ جا سڀيئي بادشاهہ تنهنجو شڪرانو ادا ڪندا.
5 اي خداوند! تو جيڪي بہ ڪيو آهي تنهن کي اهي ڳائيندا رهندا.
بيشڪ تو خداوند جي وڏي عظمت جا هو گيت پيا ڳائيندا.
6 توڙي جو اي خداوند! تون بلند وَ بالا آهين،
تہ بہ نماڻن تي مهر جي نظر ڪرين ٿو.
پر مغرور ماڻهن کي تون پري کان ئي سڃاڻي وٺين ٿو.

7 توڙي جو آءٌ مصيبتن مان ٿو گذران،
تہ بہ تون مون کي محفوظ رکين ٿو،
۽ منهنجي دشمنن جي ڪاوڙ خلاف تون مٿن هٿ کڻين ٿو.
بيشڪ تنهنجو زورآور هٿ مون کي بچائي وٺي ٿو.

*صيئون: يعني يروشلم شهر، جنهن ۾ خداوند جو هيڪل اڏيل هو. هن زبور جي ٺاهڻ وقت اهو شهر هيڪل سميت ڊاهي ختم ڪيو ويو هو.

8:137 مڪا 6:18

8 اي خداوند! تون منهنجي لاءِ پنهنجو ڪيل هر قول پورو ڪندين.
بيشڪ تنهنجو رحم هميشہ هميشہ تائين قائم آهي.
سو تون پنهنجي خلقيل بندن کي ڇڏي نہ ڏجانءِ.

## زبور 139

## عليم ۽ حاضر ناظر خدا

(استاد موسيقار لاءِ، دائود جي زبورن ۾ شامل)

1 اي خداوند! تون مون کي پرکين ٿو،
۽ چڱيءَ طرح ڄاڻين ٿو.
2 تون منهنجي اٿڻ ۽ ويهڻ کان واقف آهين،
تون منهنجي خيالن کي پري کان ئي سمجهي وٺين ٿو.
3 تون منهنجي گهمڻ ۽ سمهڻ کي ڇڪاسين ٿو.
بيشڪ تون منهنجي سيني واٽن کي ڄاڻين ٿو.
4 ان کان اڳ جو ڪا ڳالهہ منهنجيءَ زبان تي اچي،
ڏس، اي خداوند! تون انهيءَ کي پوريءَ طرح ڄاڻي وٺين ٿو.
5 تون هر طرف کان منهنجو محافظ آهين،
تون منهنجي مٿان پنهنجو هٿ رکين ٿو.
6 مون بابت تنهنجو ايڏو علم مون لاءِ نهايت عجيب آهي.
هائو، اهو بلند وَ بالا آهي جنهن تائين آءٌ پهچي نہ ٿو سگهان.

7 آءٌ تو کان ڀڄي ڪيڏانهن وڃي سگهان ٿو؟
تنهنجي نظر کان بچي آءٌ ڪٿي لڪي سگهان ٿو؟
8 جيڪڏهن آءٌ آسمان تي چڙهي ٿو وڃان،
تہ اتي بہ تون موجود آهين.
جيڪڏهن آءٌ پاتال منجهہ وڃي ٿو سمهان،
تہ اتي بہ تون موجود آهين.
9 جيڪڏهن آءٌ پاڻ کي پر لڳائي اڀرندي وڃان توڙي الهندي،
توڙي سمنڊ جي تمام اونهاين ۾ وڃي رهان،
10 تڏهن اتي بہ تنهنجو هٿ منهنجي رهبري ڪندو.
هائو، تنهنجو زورآور هٿ مون کي سنڀالي وٺندو.
11 جيڪڏهن آءٌ هيئن چوان تہ
”اوندهہ ضرور مون کي لڪائيندي،
۽ سوجهري جي بجاءِ رات مون کي لڪائي وٺندي،“
12 پر اوندهہ بہ مون کي تو کان لڪائي ڪين سگهندي.
تو لاءِ رات بہ روشن ڏينهن جيان آهي.
هائو، تو آڏو اوندهہ توڙي سوجهرو بيئي هڪجهڙا آهن.

13 منهنجو اندريون هر هڪ عضوو تو ئي جوڙيو آهي،
منهنجيءَ امڙ جي پيٽ اندر تو ئي منهنجو انگ انگ جوڙيو آهي.
14 آءٌ تنهنجي واکاڻ ڪريان ٿو،
ڇالاءِجو تو مون کي عجيب طرح سان جوڙيو آهي.
بيشڪ تنهنجا ڪم بيحد عجيب آهن،
۽ انهيءَ ڳالهہ تي مون کي پورو يقين آهي.
15 جڏهن ڳجهہ ۾ آءٌ پنهنجي ماءُ جي پيٽ ۾ پئي جڙيس،
تڏهن اتي بہ منهنجو پتلو تو کان لڪل ڪونہ هو.
16 جڏهن منهنجي عضون مان اجا ڪو عضوو تيار ئي نہ ٿيو هو،
تڏهن بہ منهنجو ڪچو مادو تنهنجي اکين آڏو هو.
بلڪ منهنجي جڙڻ کان اڳ ئي
تو وٽ منهنجي حياتيءَ جا ڏينهن مقرر ٿيل هئا.

17 اي خدا! تنهنجون رٿون
منهنجي سوچ کان بلڪل مٿاهيون آهن!
۽ انهن رٿن جو شمار ڪيڏو نہ گهڻو آهي!
18 جيڪڏهن آءٌ انهن کي ڳڻيان تہ
اهي واريءَ جي ذرن کان بہ گهڻيون آهن.
مون لاءِ اهو ئي ڪافي آهي جو
جڏهن جاڳان ٿو تہ پاڻ کي تو سان لهان ٿو.

19 ڪاش اي خدا! تون بدڪار ماڻهن کي قتل ڪري ڇڏين،
تان‌تہ اهي خوني ماڻهو مون آڏو نہ رهن.
20 ڇالاءِجو اهي بدخواهيءَ وچان تنهنجي خلاف ڳالهيون ڪن ٿا،
تنهنجا دشمن تنهنجو نالو غلط استعمال ڪن ٿا.
21 اي خداوند! جيڪي تو سان عداوت ٿا رکن،
ڇا آءٌ تن سان عداوت نہ ٿو رکان؟
جيڪي تنهنجي خلاف اٿي کڙا ٿين ٿا،
ڇا تن کان آءٌ نفرت نہ ٿو ڪريان؟
22 بيشڪ مون کي انهن کان پوريءَ طرح نفرت آهي،
۽ آءٌ انهن کي پنهنجو دشمن ڪري ليکيان ٿو.

23 اي خدا! تون مون کي پرکي منهنجيءَ دل کي ڄاڻي وٺ.
هائو، تون مون کي آزمائي منهنجو هر خيال پروڙي وٺ.
24 ڏس، اي خداوند! مون کي ڪنهن خراب راهہ تي هلڻ نہ ڏي،
بلڪ مون کي انهيءَ راهہ تي وٺي هل جيڪا ابدي راهہ آهي.

## زبور 140

## حمايت لاءِ دعا

(استاد موسيقار لاءِ، دائود جي زبورن ۾ شامل)

1 اي خداوند! مون کي بڇڙن ماڻهن کان ڇڏاءِ،
بلڪ انهن ظالمن کان مون کي بچائي رک،
2 يعني انهن کان،

جيڪي پنهنجيءَ دل ۾ بڇڙائيءَ جا منصوبا ٿا جوڙين،
۽ روز بروز فساد ڪڙا ڪن ٿا.
3 انهن جي زبان موتمار نانگ جي ڏنگ وانگر آهي،
هائو، انهن جا لفظ اهڙا آهن جيئن ڪپر نانگ جو زهر.

4 اي خداوند! مون کي بڇڙن جي هٿن کان بچاءِ،
بلڪ انهن ظالمن کان مون کي بچائي رک،
جيڪي منهنجا پير ڪيڻ جي ڪوشش ڪندا رهن ٿا.
5 انهن مغرور ماڻهن مون لاءِ ڦندو لڪائي رکيو آهي،
۽ مون کي ڦاسائڻ لاءِ ڄار پکيڙيو اٿائون.
هائو، اهي منهنجي هر واٽ تي مون لاءِ ڦاهي اڏيو ويٺا آهن.

6 آءٌ تو خداوند کي پنهنجو ئي خدا چوان ٿو.
سو اي خداوند! منهنجي منٿن تي پنهنجو ڪن ڏي.
7 اي خداوند! اي منهنجا ڌڻي! اي مون کي ڇڏائڻ واري طاقت!
جيئن جنگ ۾ تو ئي منهنجي حفاظت ٿي ڪئي،
8 تيئن اي خداوند! هاڻ بدڪارن جون خواهشون پوريون ٿيڻ نه ڏي،
هائو، سندن انهن برن منصوبن کي ناڪام بڻائي ڇڏ.

9 جيڪي پنهنجا ڳاٽ اوچا ڪري
چوڌاري مون کي گهيرو ڪن ٿا،
تن جا بڇڙائيءَ وارا ڏڙڪا شال سندن مٿان ئي پون!
10 شال انهن تي ٻرندڙ ٽانڊا وسايا وڃن!
شال کين اهڙي اونهيءَ کڏ ۾ ڪيرايو وڃي جتان وري نه نڪرن!
11 شال ڪو بدزبان ماڻهو هن ڌرتيءَ تي قائم نه رهي،
شال هر ظالم ماڻهو اوچتي آفت جو شڪار ٿي وڃي.

12 اي خداوند! مون کي پڪ آهي ته
تون مسڪينن جي وڪالت ڪندين.
هائو، تون محتاجن کي سندن حق ڏياريندين.
13 بيشڪ سچار ماڻهو تنهنجي نالي جو شڪرانو ادا ڪندا،
۽ تنهنجي حضور ۾ پيا رهندا.

## زبور 141

### شام جي دعا

(دائود جي زبورن ۾ شامل)

1 اي خداوند! آءٌ تو کي پڪاريان ٿو،
تون منهنجي فرياد تي پنهنجو ڪن ڏي،
۽ جلدي اچي منهنجي مدد ڪر.
2 شال منهنجو هٿ بلند ڪري دعا گهرڻ ائين قبول پوي،
جيئن لوبان ساڙڻ يا شام جي پيش ڪيل قرباني
تو وٽ قبول پوي ٿي.

3 اي خداوند! جيئن ڪو مالڪ حفاظت لاءِ در تي پهرو بيهاري ٿو،
تيئن ئي منهنجي ڳالهائڻ کي ظابطي ۾ رکڻ لاءِ
تون منهنجي مدد ڪر.
4 منهنجيءَ دل کي تون ڪنهن به برائيءَ ڏانهن مائل ٿيڻ نه ڏي،
متان آءٌ بڇڙائي ڪرڻ ۾ بدڪار ماڻهن سان شامل ٿي وڃان.
اي خداوند! انهن جي سنگت ۾ ويهي
لذيذ کاڌا کائڻ کان به مون کي پري رک.

5 سچار ماڻهو ڀل مون کي جهٽڪن بلڪ ڪٽي مار به ڏين،
اها آءٌ سندن مهرباني سمجهندس.
پر بڇڙن سان واسطو رکڻ سان توڙي جو وڏو مان ملي،
سو به مون کي قبول ناهي.
اٿلندو انهن جي بڇڙاين خلاف آءٌ دعا گهرندو رهندس.
6 جڏهن اهي ٽڪر، يعني خداوند جي عدالت ۾ ايندا.
تڏهن مڃيندا ته منهنجون ڳالهيون بلڪل سچيون هيون.
7 پوءِ هو چوندا ته ”جيئن ڪو زمين کي هر ڏيئي پٽر ڪيڙي ٿو،
تيئن ئي اسان جا هڏا قبر جي منهن تي ٽڙيل پکڙيل آهن.“

8 پر اي خداوند، منهنجا مالڪ!
منهنجون اکيون تو ڏانهن آهن.
آءٌ تنهنجي ئي پناهه وٺان ٿو، سو مون کي نڌڻڪو مرڻ نه ڏجانءِ.
9 بدڪارن مون لاءِ جيڪو ڦندو اَڏايو آهي،
هائو، جيڪا ڦاهي مون لاءِ اڏي اٿائون،
تنهن کان مون کي بچائي وٺ.
10 شل ته اهي بڇڙا ماڻهو پنهنجن ڦندن ۾ پاڻ ئي ڦاسن،
جڏهن ته آءٌ سلامتيءَ سان بچي نڪران.

## زبور 142

### مدد لاءِ دعا

( دائود هي زبور ان وقت چيو، جڏهن هو غار ۾ رهيل هو.)

1 اي خداوند! آءٌ بلند آواز سان تو کي فرياد ٿو ڪريان،
هائو، آءٌ وڏي آواز سان تو خداوند کي منٿون ٿو ڪريان.
2 آءٌ تنهنجي حضور ۾ پنهنجو فرياد پيش ٿو ڪريان،
هائو، آءٌ تو آڏو پنهنجا ڏک بيان ڪريان ٿو.
3 ڇالاءِ جو جڏهن آءٌ پريشان ٿيان ٿو،

---

3:140 رو 3:13   2:141 مڪا 5:8   142 عنوان 1.سم 22:1-2

تڏهن تون ئي اهو ڄاڻين ٿو تہ ان وقت آءٌ ڇا ڪريان.

جنهن راهہ تان آءٌ گذران ٿو،
تنهن راهہ تي دشمن ڦندو اڏيو ويٺا آهن.
4 اتي آءٌ واجهائي ڏسان ٿو تہ
ڪوبہ ويجهو ڪونهي جيڪو مون ڏانهن ڌيان ڏئي.
ڪوبہ ناهي جيڪو منهنجو فڪر ڪري.
هائو، مون لاءِ ڪا جاءِپناهہ ناهي.

5 تڏهن اي خداوند! آءٌ تو کي ئي پڪاريان ٿو،
۽ چوان ٿو تہ تون ئي منهنجي جاءِپناهہ آهين،
بلڪ هن دنيا ۾ تون ئي مون لاءِ سڀ ڪجهہ آهين.
6 جيئن تہ آءٌ ڏاڍو نااميد ٿي پيو آهيان،
سو تون منهنجيءَ دانهن تي ڌيان ڏي،
۽ مون کي ستائيندڙن کان ڇڏاءِ،
ڇوجو اهي مون کان وڌيڪ زورآور آهن.
7 اي خداوند! تون مون کي هن ڏبڻ مان ڪڍ،
تانتہ آءٌ تنهنجي نالي جو شڪرانو ادا ڪريان.
تڏهن تنهنجي انهيءَ ڀلائيءَ جي نتيجي ۾
گهڻا ئي سچار اچي شڪراني ۾ مون سان شامل ٿيندا.

## زبور 143
### مصيبت جي وقت دعا
(دائود جي زبورن ۾ شامل)

1 اي خداوند! منهنجي دعا ٻڌ.
تون پنهنجي وفا موجب منهنجي منٿن تي ڪن ڏي.
هائو، پنهنجي سچائيءَ مطابق مون کي ورندي ڏي.
2 تون پنهنجي هن ٻندي کي پنهنجي عدالت آڏو نہ آڻج،
ڇالاءِجو تنهنجي آڏو ڪوبہ سچار نہ ٿو ٺهري.

3 دشمن مون کي ڏاڍو ستايو آهي،
بلڪ منهنجي قوت کي خاڪ ۾ ملائي ڇڏيو اٿائين.
جيڪي گهڻي مدت کان مري ويا آهن،
تن وانگر هن مون کي اونداهيءَ ۾ بند رکيو آهي.
4 تنهنڪري آءٌ ڏاڍي پريشانيءَ ۾ پئجي ويو آهيان،
۽ بيحد دلگير ٿو رهان.

5 تنهن هوندي بہ آءٌ قديم زماني تي نظر وجهان ٿو،
۽ تنهنجي ڪمن تي غور ويچار ڪريان ٿو.
هائو، آءٌ تنهنجي عظيم ڪمن بابت سوچيان ٿو.
6 تڏهن آءٌ پنهنجا هٿ تو ڏانهن ڊگهيريان ٿو،
ڇالاءِجو آءٌ پياسي ڌرتيءَ جيان تنهنجو سِڪايل آهيان.

7 اي خداوند! منهنجي جلدي ٻڌ،
ڇالاءِجو آءٌ ڏاڍي پريشانيءَ ۾ پئجي ويو آهيان.
تون مون کان منهن نہ موڙ،
متان آءٌ مئلن جيان قبر ۾ وڃي پوان.
8 اي خداوند! منهنجو ڀروسو تو تي ئي آهي،
سو هر صبح جو مون کي پنهنجي ٻاجهہ عطا ڪر،
۽ جنهن واٽ تي مون کي هلڻ کپي سا مون کي ڏيکار،
ڇالاءِجو منهنجي دل تو سان ئي لڳل آهي.
9 اي خداوند! مون کي منهنجي دشمنن کان ڇڏاءِ،
ڇالاءِجو آءٌ پناهہ لاءِ تو وٽ ئي ڊوڙي آيو آهيان.
10 مون کي سيکار تہ آءٌ تنهنجي مرضيءَ تي هلان،
ڇالاءِجو تون ئي منهنجو خدا آهين.
بيشڪ تون ڀلو آهين،
سو مون کي سڌيءَ راهہ تي هلاءِ.

11 اي خداوند! پنهنجي نالي خاطر مون کي جيئرو رک،
۽ پنهنجي سچائيءَ موجب مون کي تڪليفن مان ڪڍ.
12 تون پنهنجيءَ ٻاجهہ مطابق منهنجي دشمنن کي فنا ڪر.
هائو، جيڪي مون کي ڏک ٿا ڏين تن کي تون برباد ڪر،
ڇالاءِجو آءٌ تنهنجو ئي ٻندو آهيان.

## زبور 144
### فتحيابيءَ لاءِ دعا
(دائود جي زبورن ۾ شامل)

1 شال منهنجي محافظ خداوند جي واکاڻ هجي!
جيڪو مون کي جنگ جي تربيت ڏئي ٿو.
2 هو مون تي ٻاجهہ ڪندڙ ۽ منهنجو ڇڏائڻ وارو آهي.
هو منهنجو قلعو، بلڪ مضبوط قلعو آهي.
هو ئي منهنجو بچاءُ ۽ منهنجي جاءِپناهہ آهي.
هو ئي ٻين قومن کي منهنجي تابع ٿو ڪري.

3 اي خداوند! انسان ڇا آهي جو تون ان جي سار لهين؟
هائو، آدم زاد جي ڪهڙي حيثيت آهي جو تون ان بابت سوچين؟

---

2:143 رو 3:20، گل 2:16  3:144 ايو 7:17–18، زب 8:4

4 انسان تہ رڳو ﭘاڦ مثل آهي،
جنهن جي حياتي هڪ ﭘاڇي جيان گذري وڃي ٿي.

5 تنهن هوندي بہ اي خداوند!
آسمان کي چيري هيٺ اچي نازل ٿيءُ.
تون جبلن کي ڇُهہ تہ انهن مان دونهون نڪري،
6 ۽ وڄ کي ﭘنهنجي تيرن جيان ڪيراءِ
تہ ڏاريا ماڻهو ڀڄي ڪٿو ڪٿو ٿي وڃن.
7 عرش تان ﭘنهنجو هٿ ڊگهيري مون کي بچائي وٺ،
چالاڪ جو انهن ٻوڏ جيان مون کي ٻوڙي ڇڏيو آهي.
هائو، انهن جي هٿن مان مون کي اچي ڇڏاءِ.
8 انهن جي واتان ڪوڙيون ڳالهيون نڪرن ٿيون،
بلڪ هو حلف کڻڻ لاءِ هٿ مٿي ڪري ڪُوڙو قسم کڻن ٿا.

9 اي خدا! آءٌ تنهنجي حضور ۾ هڪ نئون گيت ڳائيندس،
آءٌ ڏهن تارن وارو دنبورو وڄائي تنهنجي واکاڻ ڪندس.
10 تون جيڪو بادشاهن کي سوڀ ٿو بخشين،
۽ جنهن ﭘنهنجي بندي دائود کي خوني تلوار کان بچايو آهي،
11 سو مون کي بہ انهن ڌارين دشمنن جي هٿن مان ڇڏاءِ.
هائو، انهن کان جن جي واتان ڪُوڙيون ڳالهيون نڪرن ٿيون،
بلڪ جيڪي حلف کڻڻ لاءِ هٿ مٿي ڪري ڪُوڙو قسم کڻن ٿا.

12 شال اسان جا ﭘٽ ﭘنهنجي جوانيءَ ۾ وڌندڙ وڻن جيان ٿين!
شال اسان جون ڌيئرون انهن نقشدار ٿنڀن جيان ٿين،
جيڪي هيڪل ۾ لڳل آهن!
13 شال اسان جا ﭘاندا هر ڪنهن شيءِ سان ڀريل رهن!
شال اسان جون رڍون ٻڪريون لکن جي تعداد ۾ چرنديون وتن!
14 شال اسان جا ڍور ڍڳا تلها متارا هجن!
شال اسان جي شهرن جي ڪوٽن ۾ ڪو ڏار نہ هجي،
جو ڪو دشمن ٽپي اچي اسان جو ڪو ماڻهو قيد ڪري وڃي!
نڪي وري اسان جي گهٽين ۾ ڪا دانهن ڪوڪ هجي.

15 سڀاڳا آهن اهي ماڻهو جن کي اهي نعمتون حاصل آهن.
هائو، سڀاڳي آهي اها قوم جنهن جو معبود خداوند آهي.

## زبور 145

## خدا جي عظمت جي واکاڻ

(دائود جي زبورن ۾ شامل، واکاڻ جو گيت)

1 اي منهنجا خدا بادشاهہ! آءٌ تنهنجي تعظيم ﭘيو ڪندس،
آءٌ تنهنجي نالي کي هميشہ سڳورو چوندو رهندس.
2 روزانو آءٌ تو کي برڪت وارو چوندو رهندس،
۽ تنهنجي نالي جي سدائين واکاڻ ڪندو رهندس.
3 اي خداوند! بيشڪ تون عظيم ۽ واکاڻ جي لائق آهين،
بلڪ تنهنجي عظمت سوچ کان بہ مٿاهين آهي.

4 هڪڙي ﭘيڙهي ٻي ﭘيڙهيءَ سان
تنهنجي ڪمن جي تعريف ﭘيئي ڪندي،
هائو، اهي تنهنجي قدرت وارن ڪمن جو بيان ڪندا رهندا.
5 آءٌ ﭘڻ تنهنجي حشمت ۽ شان وَ شوڪت جو ذڪر ڪندو رهندس،
۽ تنهنجي عجيب ڪمن تي غور ﭘيو ڪندس.
6 بيشڪ آءٌ تنهنجي عظمت جو بيان ڪندو رهندس.
هائو، تنهنجي قدرت جي هيبتناڪ ڪمن جو ذڪر ڪيو ويندو،
7 تنهنجي عظيم احسان جي واکاڻ ﭘيئي ٿيندي،
۽ خوشيءَ وچان تنهنجي عدل وَ انصاف جا گيت ڳايا ويندا.

8 خداوند رحيم ۽ ڪريم آهي،
هو ڪاوڙ ڪرڻ ۾ ڍرو ۽ دائمي ﭘاجهہ وارو آهي.
9 خداوند سڀني تي ﭘنهنجو ڪرم ڪري ٿو،
هو ﭘنهنجي سڀني مخلوقات تي مهربان آهي.

10 اي خداوند! تنهنجي ساري مخلوقات
تنهنجو شڪرانو ادا ڪندي،
۽ تنهنجا نيڪ بندا تو کي سڳورو چوندا.
11 اهي تنهنجي شاهي شان وَ شوڪت جو ذڪر ڪندا رهندا،
۽ تنهنجي قدرت جون ڳالهيون ﭘيا ڪندا،
12 انهيءَ لاءِ تہ جيئن تنهنجي قدرت جا ڪم،
۽ تنهنجي شاندار بادشاهت جو جلال بني آدم تي ظاهر ڪن.
13 بيشڪ تنهنجي بادشاهت ابدي بادشاهت آهي.
هائو، تنهنجي حڪومت سڀني ﭘيڙهين تائين قائم رهندي.

اي خداوند! تنهنجا سڀيئي قول سچا آهن،
۽ تنهنجا سمورا ڪم ڀلا آهن.
14 اي خداوند! مشڪلاتن ۾ ڦاٿلن کي تون ئي سنڀالي ٿو وٺين،
هائو، سڀني ڪرندڙن کي تون ئي اٿاري کڙو ڪرين ٿو.

15 ساري جهان جون اکيون تو ڏانهن ئي واجهائين ٿيون،
تون ئي انهن کي ﭘوري وقت تي کاڌو عطا ڪرين ٿو.
16 تون سخاوت سان ﭘنهنجي مٺ انهن تي کولين ٿو،
۽ هر جاندار جي خواهش ﭘوري ڪرين ٿو.

17 خداوند ﭘنهنجي سڀني واٽن ۾ سچار آهي.

هو جيڪو بہ ڪم ڪري ٿو تنهن ۾ سندس رحم شامل آهي.
18 خداوند انهن سڀني کي ويجهو آهي،
جيڪي ڪانئس دعا گهرن ٿا،
بشرطيڪ اهي ڪيس سچيءَ دل سان پڪارين.
19 جيڪي ڪانئس ڊڄندا رهن ٿا،
تن جي هو مراد پوري ڪندو.
هو سندن فرياد ٻڌي کين بچائي وٺندو.
20 خداوند انهن سڀني جي حفاظت ٿو ڪري،
جيڪي ڪيس پيار ٿا ڪن.
پر هو سڀني بڇڙن کي فنا ڪري ڇڏيندو.

21 آءٌ خداوند جي واکاڻ ڪندو رهندس.
شل هر انسان سندس پاڪ نالي کي هميشہ سڳورو چوي.

## زبور 146
## خدا تي توڪل

1 خداوند جي واکاڻ ڪريو.

آءٌ دل وَ جان سان انهيءَ کي سڳورو چوان ٿو.
2 جيستائين آءٌ جيئرو رهندس،
تيستائين خداوند جي واکاڻ پيو ڪندس.
جيستائين منهنجي حياتي هوندي،
تيستائين آءٌ خدا جي واکاڻ پيو ڳائيندس.

3 اوهين دنيا جي سردارن، بلڪ ڪنهن بہ بني بشر تي
ڪو ڀروسو نہ ڪريو،
ڇالاءِجو اهي اوهان کي بچائي نہ ٿا سگهن.
4 جڏهن سندن ساهہ نڪري ٿو تڏهن وري مٽيءَ ۾ ٿا ملن،
۽ انهيءَ دم سندن سڀيئي منصوبا فنا ٿي وڃن ٿا.

5 سڀاڳا آهن اهي ماڻهو،
جن جو مددگار يعقوب جو خدا آهي،
۽ جن کي خداوند پنهنجي خدا تي ئي اميد آسرو آهي.
6 انهيءَ ئي خداوند زمين، آسمان ۽ سمنڊ کي
۽ جيڪي ڪجهہ انهن ۾ آهي تنهن کي پيدا ڪيو آهي.
هو پنهنجي واعدن کي هميشہ قائم رکي ٿو.
7 هو ستايلن جي حق ۾ فيصلو ڏئي ٿو،
بکايلن کي کاڌو ڏئي ٿو،
۽ قيدين کي ڇڏائي ٿو.
8-9 خداوند ئي انڌن جون اکيون کولي ٿو،
۽ جيڪي مشڪلاتن ۾ وڃيو ڪرن ٿا،
تن کي هو اٿاري کڙو ڪري ٿو.
هو ئي اسان ۾ رهندڙ ڌارين جي حفاظت ڪري ٿو،
۽ يتيمن ۽ رنن‌زالن جي سنڀال لهي ٿو.
بيشڪ خداوند سچارن کي پيار ڪري ٿو،
جڏهن تہ بڇڙن جون راهون رد ڪري ڇڏي ٿو.

10 اي *صيئون وارؤ!
خداوند اوهان جو خدا سدائين بادشاهي ڪندو رهندو،
هائو، هو سڀني پيڙهين تائين بادشاهي ڪندو رهندو.

خداوند جي واکاڻ ڪريو.

## زبور 147
## خداوند قادرِمطلق جي ثنا

1 خداوند جي واکاڻ ڪريو.

اسان جي خدا جي واکاڻ ڳائڻ سٺو آهي،
ڇالاءِجو اها ڳائڻ بيحد چڱي ۽ دلپسند آهي.
2 خداوند پاڻ يروشلم شهر وري اڏي ٿو.
هو بني اسرائيل کي جلاوطنيءَ مان آڻي اتي گڏ ڪري ٿو.
3 ٽٽل دلين کي هو ئي شفا بخشي ٿو،
انهن جي زخمن کي هو ئي پٽيون ٻڌي ٿو.

4 هو تارن جو تعداد مقرر ڪري ٿو،
۽ هر هڪ تاري تي جدا جدا نالو رکي ٿو.
5 اسان جو خداوند عظيم ۽ وڏيءَ قدرت وارو آهي.
هن جي حڪمت جو ڪو ئي بہ ڪاٿو ناهي.
6 خداوند پنهنجي تابعدارن کي سربلند ڪري ٿو،
پر هو بڇڙن ماڻهن کي خاڪ ۾ ملائي ڇڏي ٿو.

7 اوهين خداوند جي حضور ۾ شڪراني جا گيت ڳايو.
اوهين سارنگيون وڄائيندي اسان جي خدا جي واکاڻ ڪريو.
8 ڇالاءِجو هو آسمان کي ڪڪرن سان ڍڪي ٿو،

*صيئون وارؤ!: هن مان مراد اهي ماڻهو آهن، جيڪي يروشلم شهر ۾ صيئون جبل تي اڏيل خداوند جي هيڪل ۾ اچي سندس عبادت ڪندا هئا.

6:146 رس 4:24، 15:14

ڌرتيءَ تي مينهن وسائي ٿو،
۽ ٽڪرن تي گاهہ اُپاري ٿو.
9 هو نہ رڳو ڪانون جي پڪاريندڙ ٻچڙن کي،
بلڪ هر جانور توڙي پکيءَ کي کاڌو مهيا ڪري ٿو.

10 جنگي گهوڙن جي طاقت کان هو خوش ڪين ٿو ٿئي،
نڪي وري جنگي جوڌن کان ئي هو متاثر ٿئي ٿو،
11 بلڪ خداوند انهن کان ئي خوش ٿئي ٿو جيڪي کانئس ڊڄن ٿا،
هائو، انهن کان جيڪي سندس دائمي رحمت ۾ اميد رکن ٿا.

12 اي يروشلم! خداوند جي واکاڻ ڪر،
هائو، اي صيئون! پنهنجي خدا کي سڳورو ڄاڻ،
13 ڇالاءِجو هُن تنهنجي دروازن جا ڳز مضبوط ڪيا آهن،
۽ تنهنجي رهاڪن کي برڪت عطا ڪئي اٿائين.
14 هو تنهنجي سرحدن ۾ امن وَ سلامتي آڻي ٿو،
۽ عمدي ڪڻڪ سان تو کي ڀرپور ڪري ٿو.

15 هو پنهنجا حڪم ڌرتيءَ ڏانهن موڪلي ٿو،
۽ هڪدم انهن تي عمل ٿي وڃي ٿو.
16 هو برف کي ڪپهہ جيان ڌرتيءَ تي ڪيرائي ٿو،
۽ پاري کي خاڪ جيان پکيڙي ڇڏي ٿو.
17 هو ڳڙن کي مانيءَ جي ڀورن وانگر وسائي ٿو،
۽ سندس موڪليل سرديءَ ۾ نديون بہ ڄمي برف ٿيو وڃن.
18 پوءِ جڏهن هو حڪم ڏئي ٿو تہ واءُ گهلڻ لڳي ٿو،
برف رجي وڃي ٿي ۽ ندين جو پاڻي وري وهڻ لڳي ٿو.

19 هن بني يعقوب کي پنهنجو ڪلام عطا ڪيو آهي،
هائو، بني اسرائيل تي پنهنجا قاعدا قانون پڌرا ڪيا اٿس.
20 هن ٻي ڪنهن بہ قوم کي اهڙيءَ نموني
پنهنجي قاعدن قانونن کان آگاهہ ڪين ڪيو آهي.

خداوند جي واکاڻ ڪريو.

## زبور 148

## ڪائنات جي خالق جي واکاڻ

1 خداوند جي واکاڻ ڪريو.

اي آسمان وارؤ! خداوند جي واکاڻ ڪريو،
هائو، اي عرش عظيم تي رهڻ وارؤ! خداوند کي سڳورو ڄاڻو.
2 اي انهيءَ جا آسماني لشڪرؤ! اوهين سندس واکاڻ ڪريو،
هائو، اي انهيءَ جا سڀيئي ملائڪؤ! اوهين کيس سڳورو ڄاڻو.
3 اي سج ۽ اي چنڊ! اوهين سندس واکاڻ ڪريو.
اي سڀيئي چمڪندڙ تارؤ! اوهين کيس سڳورو ڄاڻو.
4 اي آسمانن جا آسمان! تون کيس واکاڻ پيو.
اي آسمان کان مٿي وارا پاڻي! تون بہ انهيءَ کي سڳورو ڄاڻ.

5 ڀلي تہ اهي خداوند جي نالي جي واکاڻ پيا ڪن،
ڇوجو هن جي حڪم سان ئي سڀڪو پيدا ٿيو آهي.
6 هن ئي هميشہ لاءِ انهن کي سندن جاءِ تي قائم ڪيو آهي.
انهن لاءِ جاري ڪيل سندس قانون هرگز مٽجي نہ ٿو سگهي.

7 اي زمين وارؤ! اوهين خداوند جي واکاڻ ڪريو،
اوهين بہ اي اونها سمنڊؤ! ۽ اي سمنڊ جا اجگر نانگؤ!
8 اوهين بہ اي وڄ ۽ ڳڙؤ! ۽ اي برف ۽ ڪوهيڙؤ!
اوهين بہ اي واچوڙؤ! جيڪي سندس حڪم تي عمل ٿا ڪريو.

9 اي جبل پهاڙؤ! ۽ اي سڀ ٽڪريون!
اوهين سندس واکاڻ ڪريو،
اوهين بہ اي باغن جا وڻؤ! ۽ اي ٻيلي جا وڻؤ!
10 اوهين بہ اي سڀ جهنگلي جانورؤ! ۽ پڻ گهريلو جانورؤ!
اوهين بہ اي ڌرتيءَ تي سرندڙ جيتؤ! ۽ پڻ اوهين اي سارا پکيؤ!

11 اوهين اي دنيا جا بادشاهؤ! ۽ پڻ سموريون قومون!
اوهين اي دنيا جا سردارؤ! ۽ پڻ اي سڀ حڪمرانؤ!
12 اوهين اي سڀ نوجوان ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون!
اوهين بہ اي پوڙها ۽ ٻارؤ!
يعني اي سارا انسانؤ! سڀيئي سندس واکاڻ ڪريو.

13 هائو، اهي سڀ خداوند جي نالي جي واکاڻ پيا ڪن،
ڇالاءِجو هن جو ئي نالو سڀني کان سرفراز آهي.
سندس عظمت زمين وَ آسمان کان بلند آهي.
14 هن پنهنجيءَ قوم کي مضبوط ڪيو آهي،
تانتہ سندس اهي نيڪ ٻندا سندس ئي واکاڻ پيا ڪن،
هائو، اهي سمورا بني اسرائيل جيڪي سندس پيارا آهن.

خداوند جي واکاڻ ڪريو.

---

148:4 پيد 1:6-7

## زبور 149
## فتحمنديءَ جو گيت

1 خداوند جي واکاڻ ڪريو.

خداوند جي لاءِ هڪ نئون گيت ڳايو،
فرمانبردارن جي گڏجاڻيءَ ۾ انهيءَ جي واکاڻ گونجي.
2 بني اسرائيل پنهنجي خالق سان شاد رهن.
هائو، *صيئون جا رهاڪو
پنهنجي انهيءَ بادشاهہ جي ڪري خوشيون ملهائين.
3 پوءِ تہ هو نچندي ڪُڏندي سندس نالي جي واکاڻ ڪن.
هو دف ۽ سارنگيون وڄائي سندس تعريف ڳائين.

4 بيشڪ خداوند پنهنجي قوم کان ڏاڍو خوش ٿئي ٿو،
۽ پنهنجي تابعدارن کي فتحمندي بخشي ٿو.
5 پوءِ تہ سندس قوم پنهنجي فتحمنديءَ تي خوشيون ملهائي،
پوءِ تہ هو سمهندي بہ خوشيءَ جا گيت پيا ڳائين.
6 پوءِ تہ سندن زبان تي خدا جي واکاڻ هجي،
جڏهن تہ سندن هٿن ۾ ٻہ‌منهين تلوار هجي،
7 انهيءَ لاءِ تہ جيئن اهي غير قومن کان بدلو وٺن،
۽ انهن کي سزائون ڏين.
8 پوءِ تہ هو انهن جي بادشاهن کي زنجيرن سان ٻڌي ڇڏين،
۽ سندن اميرن کي لوهي هٿڪڙيون هڻي ڇڏين،
9 تان‌تہ قومن کي اها سزا ڏين جنهن جي خدا فتويٰ ڏني اٿن.
بيشڪ خدا جي چونڊيل قوم لاءِ اها ئي فتحمندي آهي.

خداوند جي واکاڻ ڪريو.

## زبور 150
## خداوند جي واکاڻ

1 خداوند جي واکاڻ ڪريو.

اوهين خداوند جي واکاڻ ڪريو، جيڪو مقدس جاءِ ۾ آهي.
هائو، جيڪو عرش عظيم تي تخت‌نشين آهي،
تنهن جي اوهين واکاڻ ڪريو.
2 خداوند جي قدرت وارن ڪمن سبب انهيءَ جي واکاڻ ڪريو،
هن جي وڏي عظمت جي ڪري اوهين سندس واکاڻ ڪريو.

3 نفيلن جي آواز سان گڏ اوهين سندس واکاڻ ڪريو،
سارنگين ۽ دنبورن سان گڏ اوهين سندس واکاڻ ڪريو.
4 دف وڄائي ناچ ڪري اوهين سندس واکاڻ ڪريو،
تار وارن سازن ۽ شرنائين سان اوهين سندس واکاڻ ڪريو.
5 وڏي آواز سان ٽلين وڄائي اوهين سندس واکاڻ ڪريو،
هائو، ٽلين جي جهنڪار سان اوهين انهيءَ جي واکاڻ ڪريو.
6 شال سيڪو ساهوارو خداوند جي واکاڻ ڪري.

خداوند جي واکاڻ ڪريو.

*صيئون جا رهاڪو: هن مان مراد اهي ماڻهو آهن جيڪي يروشلم شهر ۾ صيئون جبل تي اڏيل خداوند جي هيڪل ۾ اچي سندس عبادت ڪندا هئا.

# چوڻيون

## چوڻين جو ڪتاب

### تعارف

"چوڻيون" نالي هي مقدس ڪتاب چوڻين جي صورت ۾ اخلاقي ۽ مذهبي تعليمات جو مجموعو آهي. هن ڪتاب جو گهڻو حصو عمل ۽ روزمره جي ڪمن سان واسطو رکي ٿو. هن ڪتاب جي شروعات ۾ ئي اهو ياد ڏياريو ٿو وڃي تہ "خداوند جو خوف رکو، چالاڪِجو اها ئي سمجهہ جي شروعات آهي" (7:1). ان کان پوءِ مذهبي ۽ اخلاقي معاملا، بلڪ روزمره جا معاملا پڻ بيان ڪيل آهن. هن ڪتاب جون مختصر چوڻيون بني اسرائيل جي وڏڙن جون آهن تہ مختلف حالات ۾ هڪ سياڻي ماڻهوءَ کي ڇا ڪرڻ گهرجي. هن ڪتاب جون ڪي چوڻيون گهريلو لاڳاپن بابت آهن تہ ڪي ڌنڌي جي باري ۾ آهن، ڪي چوڻيون سماجي لاڳاپن بابت آهن تہ ڪي وري پاڻ تي ضابطي رکڻ جي باري ۾ آهن. انهن مان اڪثر چوڻيون انسانيت، نهٺائيءَ، صبر، غريبن لاءِ عزت ۽ دوستن سان وفاداريءَ جي باري ۾ آهن.

### سِٽاءُ

ڏاهپ جي تعريف 1:1-18:9
حضرت سليمان جون چوڻيون 1:10-29:27
اگور جا لفظ 1:30-33
مختلف چوڻيون 1:31-31

---

### نصيحت جي اهميت

1 ① هي نصيحتون دائود جي پٽ سليمان جون بيان ڪيل آهن،
جيڪو بني اسرائيل جو بادشاهہ هو. ② هنن نصيحتن مان پڙهندڙ
ڏاهپ ۽ سٺي صلاح حاصل ڪندا ۽ اونهي معنيٰ واريون ڳالهيون
سمجهي سگهندا. ③ اهي پڙهندڙن کي عقلمندي، ايمانداري، انصاف
۽ سچائيءَ سان زندگي گذارڻ سيکارين ٿيون. ④ انهن مان اڻوجهہ
ماڻهو هوشياري، ۽ نوجوان ڄاڻ ۽ دانائي حاصل ڪري سگهن ٿا.
⑤ هنن نصيحتن مان ڏاها ماڻهو وڌيڪ ڏاهپ ۽ سمجهدار ماڻهو
وڌيڪ ڄاڻ حاصل ڪري سگهن ٿا، ⑥ انهيءَ لاءِ تہ اهي پهاڪن ۽
انهن جي ڳجهين معنائن کي ۽ ڏاهن جي چوڻين ۽ انهن جي مثالن
کي سمجهي سگهن.
⑦ خداوند جو خوف رکو، چالاڪِجو اها ئي سمجهہ جي شروعات
آهي. جيڪي ڏاهپ ۽ سٺي تربيت حاصل ڪرڻ کان انڪار ٿا ڪن سي
بيعقل آهن.

### بري صحبت خلاف تاڪيد

⑧ اي منهنجا ٻارؤ! پنهنجي والدين جي هدايت ۽ تربيت تي پورو
ڌيان ڏيو. ⑨ سندن نصيحت اوهان جي عظمت ۽ شان لاءِ اوهان جي
مٿي جي تاج ۽ ڳلي جي سهڻي هار مثل هوندي.
⑩ اي منهنجا ٻارؤ! اوهين بڇڙن جي ڳالهين تي نہ هلو، توڙي جو
اهي اوهان کي هرڪائڻ لاءِ چون تہ ⑪ "اسان سان گڏ هلو تہ ڪنهن جو
خون ڪرڻ لاءِ تاڙي ويهون، يا لڪي ويهي بيگناهہ ماڻهن کي ناحق
ڦاسائڻ لاءِ ڦندو اڏيون. ⑫ جيتوڻيڪ اهي هينئر چڱا ڀلا ۽ صحتمند
آهن، پر اسين انهن کي هميشہ جي لاءِ مئلن جي دنيا ڏانهن روانو
ڪري ڇڏينداسين. ⑬ هنن مان اسان کي هر طرح جو قيمتي مال هٿ
ايندو، ۽ اسين پنهنجا گهر لٽ جي مال سان ڀري ڇڏينداسين. ⑭ سو
جيڪڏهن اوهين اسان جي ٽولي ۾ اچي شامل ٿيندا، تہ اسين اوهان
کي بہ انهيءَ مال ۾ حصيدار بڻائينداسين."
⑮ اي منهنجا ٻارؤ! اوهين اهڙي قسم جي ماڻهن سان وڃي شامل
نہ ٿجو، بلڪ انهن کان پري رهجو. ⑯ اهي بڇڙائي ڪرڻ ۾ ڪڏهن بہ
پٺتي نہ ٿا رهن، بلڪ هو خونريزيءَ لاءِ هميشہ تيار ٿا رهن. ⑰ اوهين

---

1:1 1.با 32:4 7:1 ايو 28:28، زب 10:111، چوڻ 10:9

اهڙي پکيءَ وانگر ٿيو، جيڪو پنهنجي آڏو ڄار کي ڦهليل ڏسي
اڇلايل داڻن کان پاڻ کي پري ٿو رکي. 18 پر اهڙي قسم جا ماڻهو
جيڪي ٻين جي خون ڪرڻ لاءِ لڪي ٿا ويهن، سي پاڻ کي ٻين جو
شڪار ٿيو ٿا وڃن. 19 هائو، جيڪو مال ملڪيت اهي ڏوهن مان حاصل
ڪن ٿا، سا ناجائز ڪمائي ئي سندن بربادي جو سبب بڻجي ٿي.

## ڏاهپ جو سڏ

20 ٻڌو، ڏاهپ وڏي واڪي گهٽين ۽ بازارن ۾ پڪاريندي ٿي
وتي. 21 اها ماڻهن جي هشامن ۾ ۽ شهر جي دروازن جي ويجهو
پڪاريندي ٿي وتي. هائو، جتي به ميڙ گڏ ٿيل آهن، تتي اها ماڻهن
کي مخاطب ٿي چوي ٿي ته 22 "اي نادانؤ! ڪيستائين اوهين پاڻ
کي بيوقوف بڻائيندا رهندا؟ ڪيستائين اوهين مون ڏاهپ تي کل
ٺٺوليون ڪندا رهندا؟ ڪيستائين اوهين جهالت وچان سمجهه کي
ڌڪاريندا رهندا؟ 23 منهنجي تنبيهه تي ڌيان ڏيو. ڏسو، آءٌ اوهان
کي عقلمنديءَ سان مالامال ڪري ڇڏيندس ۽ اوهان کي پنهنجون
ڳالهيون سمجهائيندس. 24 آءٌ اوهان کي سڏي رهي آهيان. هائو، آءٌ
اوهان کي اچڻ جي دعوت ڏيئي رهي آهيان. پر اوهين ٻڌو ئي ڪونه
ٿا، نڪي مون ڏانهن ڪو ڌيان ٿا ڏيو. 25 اٽلندو اوهين منهنجي سڀني
مشورن کي خسيس ٿا سمجهو، ۽ منهنجي تنبيهه کي ٻڌڻ گوارا ئي
نه ٿا ڪريو. 26 سو جڏهن اوهان تي ڪا مصيبت ايندي تڏهن آءٌ به
اوهان تي کلنديس، ۽ جنهن وقت اوهان کي دهشت وٺي ويندي تڏهن
آءٌ به اوهان تي کل ٺٺوليون ڪنديس. 27 هائو، جڏهن دهشت اوهان
مٿان طوفان جيان اچي ڪڙڪندي، ۽ مصيبت، تنگي ۽ ڏک اوهان کي
خوفناڪ واچوڙي جيان اچي وڪوڙيندا، 28 تڏهن اوهين مدد لاءِ مون
کي پڪاريندا، پر آءٌ اوهان کي ڪو جواب ئي ڪونه ڏينديس. اوهين
هر هنڌ مون کي ڳولهيندا وتندا، پر لهي ڪين سگهندا، 29 ڇالاءِجو
اوهان سمجهه کي ڌڪاريو ۽ خداوند جو خوف رکڻ کان انڪار ڪيو.
30 اوهان منهنجي صلاح مشورو نه مڃيو، ۽ منهنجي تنبيهه کي
خسيس ڄاتو. 31 تنهنڪري هاڻي اوهين پنهنجو ڪيتو پاڻ لوڙيندا ۽
پنهنجي افعالن جي پوري پوري سزا ڀوڳيندا.
32 بيشڪ جيڪي ابوجهه ۽ بيعقل نصيحت کان انڪار ڪن ٿا سي
ماريا ويندا ۽ سندن لاپرواهي ڪين برباد ڪري ڇڏيندي. 33 پر جيڪو
به منهنجي ٻڌندو، سو صحيح سلامت رهندو ۽ انهيءَ کي ڪنهن
به آفت جو ڪوبه ڊپ ڪونه رهندو."

## ڏاهپ جو اجر

2 1 اي منهنجا ٻارؤ! آءٌ جيڪي ڳالهيون اوهان کي سيکاريان ٿو
سي سکي وٺو. آءٌ جيڪي ڪجهه اوهان کي ڪرڻ لاءِ چوان ٿو
سو ڪڏهن به نه وسارجو. 2 اوهين دانائيءَ واريون ڳالهيون ٻڌو ۽
انهن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪريو. 3 هائو، ڄاڻ ۽ سمجهه کي
حاصل ڪرڻ لاءِ پڪاريندا رهو. 4 اوهين ڏاهپ کي ائين ڳولهيندا
رهو، جيئن سون چانديءَ يا ڪنهن لڪل خزاني جي ڳولها ڪبي
آهي. 5 جيڪڏهن اوهان ائين ڪيو، ته پوءِ اوهين ڄاڻي سگهندا ته
خدا جو خوف رکڻ جو ڇا مطلب آهي، تڏهن اوهين خدا کي سڃاڻڻ
۾ ڪامياب ٿي ويندا.
6 بيشڪ اهو خداوند ئي آهي، جنهن کان اسان کي ڏاهپ ملي ٿي.
هائو، ڄاڻ ۽ سمجهه هن کان ئي حاصل ٿئي ٿي. 7 جيڪي سچار ۽
شريف آهن، تن جو خدا مددگار ۽ محافظ آهي. 8 هائو، اهي جيڪي
سندس نيڪ بندا آهن ۽ ٻين سان انصاف سان ٿا هلن، تن جي هو
حفاظت ۽ نگهباني ٿو ڪري.
9 سو ڏاهپ سان ئي اوهين ايمانداري، انصاف ۽ سچائيءَ کي
بلڪ هر چڱي راهه کي سمجهي سگهندا. 10 اوهين ڏاها ٿي پوندا ۽
اوهان جي سمجهه اوهان کي خوشيون ڏيندي. 11 دانائي ۽ سمجهه
اوهان جي نگهباني ۽ حفاظت ڪندي، 12 ۽ اوهان کي برن ڪمن کان
روڪيندي. هائو، اها اوهان کي انهن ماڻهن کان دور رکندي، جيڪي
اوهان کي برغلائي اوهان لاءِ مشڪلاتون ڪڙيون ڪن ٿا. 13 انهن
ماڻهن سچائيءَ وارا رستا ڇڏي ڏنا آهن ۽ اونداهيءَ وارن رستن تي ٿا
هلن. 14 اهي بدڪاري ۽ بڇڙائي ڪندي خوشيون ملهائين ٿا. 15 هائو،
اهي بلڪل ٺڳ آهن، جن تي ڪوبه ڀروسو ڪري نه ٿو سگهجي.

## ڏاهپ ۽ جنسي پاڪيزگي

16 اي منهنجا ٻارؤ! ڏاهپ اوهان کي بدڪار عورت کان بچائيندي.
هائو، انهيءَ گنهگار عورت کان، جيڪا اوهان کي بدڪاريءَ لاءِ
پيار وچان سڏي ٿي. 17 هوءَ شاديءَ واري وقت خدا آڏو ڪيل عهد
اقرار کي وساري ٿي ڇڏي ۽ پنهنجي مڙس سان بيوفائي ٿي ڪري.
18 جيڪڏهن اوهين سندس گهر ڏانهن ويندا، تڏهن اوهين ڄڻ موت
واري رستي تي سفر ٿا ڪريو. هائو، انهيءَ رستي سان هلڻ مئلن
جي دنيا کي ويجهو وڃڻ برابر آهي. 19 جيڪو به هن وٽ وڃي ٿو،
سو واپس ڪونه ٿو موٽي. هائو، اوڏانهن وڃڻ وارو زندگيءَ جي
راهن ڏانهن وري نه ٿو موٽي.
20 تنهنڪري اوهين نيڪ ماڻهن جي رستي تي هلو، ۽ ايمانداريءَ
واري زندگي گذاريو. 21 جيڪڏهن اوهين سچار ۽ شريف هوندا ته
پنهنجي ملڪ ۾ قائم وَ دائم رهندا. 22 پر جيڪڏهن اوهين بدڪار ۽
دغاباز هوندا ته اوهان جو پنهنجي ئي ملڪ ۾ ڪو حق نه رهندو ۽
بيڪار ٻوٽن جيان اوهان کي پاڙان پٽي ڦٽو ڪيو ويندو.

## خدا تي توڪل رکڻ

3 1 اي منهنجا ٻارؤ! اوهين منهنجي نصيحتن ۽ هدايتن کي ياد
رکجو، بلڪ انهن تي پوريءَ طرح عمل ڪندا رهجو. 2 اهي
اوهان جي لاءِ ڊگهي ڄمار، خوشحالي ۽ سلامتيءَ جو سبب بڻبيون.
3 ڀرپور شفقت ۽ سچائيءَ کي پاڻ کان جدا نہ ڪريو. انهن کي
پنهنجي ڳچيءَ جو هار بڻايو، بلڪ انهن کي پنهنجي دل جي تختيءَ
تي لکي ڇڏيو. 4 ائين ڪرڻ سان ئي اوهين خدا ۽ ماڻهن جي نظر
۾ مقبوليت ۽ نيڪ نامي حاصل ڪندا.
5 اوهين دل وَ جان سان خداوند تي توڪل رکو ۽ رڳو پنهنجي
سمجهہ تي نہ ڀاڙيو. 6 پنهنجي هر ڪنهن ڳالهہ ۾ اوهين خداوند
کي ياد رکو. اهو ئي اوهان کي سڌو رستو ڏيکاريندو. 7 اوهين
پنهنجو پاڻ کي گهڻو عقلمند نہ سمجهو، بلڪ خداوند کان ڊڄندا
رهو ۽ بڇڙائيءَ کان پري ڀڄو. 8 جيڪڏهن اوهين ائين ڪندا تہ اهو
جڻ اوهان لاءِ هڪ فائديمند دوا مثل ٿيندو، جيڪا اوهان جي زخمن
کي ڇٽائي چڱو ڀلو ڪندي ۽ اوهان جا دک دور ڪري ڇڏيندي.
9 اوهين پنهنجي مال ملڪيت ۽ پنهنجي ساري پيداوار جي پهرين
ڦل جي نذرانن سان خداوند کي تعظيم ڏيو. 10 اوهين ائين ڪندا تہ
اوهان جا گدام اناج سان ڀريل رهندا ۽ اوهان جا مٽ انگورن جي
مئي سان ٽمٽار هوندا.
11 اي منهنجا ٻارؤ! اوهين خداوند جي سيکت کي حقير نہ ڄاڻو،
نڪي هن جي تنبيهہ کان بيزار ٿيو. 12 ڇالاءِ جو جهڙيءَ طرح والدين
پنهنجن پيارن ٻارن کي سڌارڻ لاءِ سيکت ڏيندا آهن، تهڙيءَ طرح
خداوند انهيءَ کي ئي سيکت ڏئي ٿو، جنهن سان هو پيار ڪري ٿو.

## ڏاهپ جي اهميت

13 سڀاڳا آهن اهي ماڻهو جن کي ڏاهپ حاصل آهي ۽ جيڪي
سمجهہ رکن ٿا. 14 ڏاهپ چانديءَ کان وڌيڪ قيمتي آهي، بلڪ انهيءَ
مان سون کان بہ وڌيڪ نفعو حاصل ٿئي ٿو. 15 ڏاهپ هيرن جواهرن
کان بہ وڌيڪ قيمتي آهي. اوهين جن بہ شين جي خواهش رکو ٿا،
سي سڀ انهيءَ جي ڀيٽ ۾ ڪجهہ بہ نہ آهن. 16 ڏاهپ جي ساڄي
هٿ ۾ ڊگهي ڄمار آهي ۽ کاٻي هٿ ۾ عزت ۽ دولت آهي. 17 ڏاهپ
زندگيءَ ۾ خوشيون ٿي آڻي ۽ امن وَ سلامتيءَ جي راهہ ٿي ڏيکاري.
18 جيڪي ڏاهپ حاصل ڪن ٿا، تن لاءِ اها زندگي بخشيندڙ وڻ مثل
آهي. هائو، ڏاهپ رکندڙ ماڻهو سڀاڳا آهن.

19 بيشڪ خداوند ڏاهپ سان ڌرتيءَ جي جوڙجڪ ڪئي،
۽ نهايت سمجهہ سان آسمان کي قائم ڪيائين.
20 هن جي ڏاهپ جي وسيلي
زمين جي اونهاين وارو پاڻي نڪري
نهرن جي صورت ۾ وهي ٿو،
۽ ڪڪر آسمان مان برسات ٿا وسائين.

21 اي منهنجا ٻارؤ! ڏاهپ ۽ سمجهہ تي پوريءَ طرح قائم رهو
۽ انهن کان پاڻ کي پري نہ ڪريو. 22 اهي اوهان کي هڪ ڊگهي
ڄمار ۽ خوشحال زندگي بخشينديون. 23 بلڪ اوهين بيخوف وَ خطر
پنهنجي راهہ تي هلندا رهندا ۽ ڪڏهن بہ ٺوڪر نہ کائيندا. 24 اوهين
بنا ڪنهن ڳڻتيءَ جي ليٽي آرام ڪندا ۽ سڄي رات سمهي مٺي
ننڊ ڪندا. 25 سو اوهان کي انهن اوچتين مصيبتن جو ڪوبہ فڪر
ڪو نہ هوندو، جيڪي بدڪارن تي طوفان جيان اچي ڪڙڪن ٿيون.
26 ڇالاءِ جو خداوند اوهان جو سهارو بڻبو ۽ اوهان کي هر نقصان کان
محفوظ رکندو.

## سٺو سلوڪ

27 جڏهن بہ ڪنهن کي اوهان جي مدد جي ضرورت پوي، تڏهن
اوهين انهيءَ جي هرممڪن مدد ڪجو. 28 جيڪڏهن اوهين ڪنهن
جي اڄ ئي مدد ڪري سگهو ٿا تہ انهيءَ کي ائين چئي نہ موٽايو
تہ ”سڀاڻي اچجانءِ تہ آءٌ تنهنجي مدد ڪندس.“ 29 اوهين پنهنجي
پاڙيسريءَ جي خلاف ڪوبہ منصوبو نہ جوڙجو، جڏهن تہ هو اوهان
تي ڀروسو رکندي اوهان جي پاڙي ۾ رهي ٿو. 30 جيڪڏهن ڪنهن
اوهان کي نقصان نہ پهچايو آهي تہ انهيءَ سان اوهين بنا سبب
جهڳڙو نہ ڪجو. 31 زور زبردستي ڪندڙ ماڻهن تي اوهين ريس
نہ ڪجو، نڪي انهن جي نقشِ قدم تي هلڻ جي ڪوشش ڪجو،
32 ڇالاءِ جو ڏنگي ماڻهوءَ کان خداوند کي نفرت آهي. پر سچارن کي
هو پنهنجو گهاٽو دوست رکي ٿو. 33 بدڪارن جي گهرن تي خداوند
جي لعنت ٿي وسي، پر سچارن جي گهرن تي هو پنهنجون برڪتون
نازل ٿو ڪري. 34 جيڪي ٻين کي حقير سمجهن ٿا تن کي خدا حقير ٿو
بڻائي، پر نهٺن ماڻهن تي هو فضل ٿو ڪري. 35 ڏاهن ماڻهن کي عزت
عطا ڪئي ويندي، جڏهن تہ بيوقوفن کي ذلت جو منهن ڏسڻو پوندو.

## ڏاهپ جا فائدا

4 1 اي منهنجا ٻارؤ! پنهنجي پيءُ جي نصيحتن کي پورو ڌيان
ڏيئي ٻڌو تہ جيئن اوهين سمجهہ حاصل ڪري سگهو. 2 آءٌ
اوهان کي سٺيون صلاحون ٿو ڏيان. سو اوهين منهنجي نصيحتن
کان منهن نہ موڙيو. 3 جيئن تہ آءٌ والدين جو اڪيلو ۽ لاڏلو پٽ
هوس، سو ماءُ مون کي بيحد پيار ڪندي هئي. جڏهن آءٌ اڃا ننڍڙو
ٻار هوس 4 تڏهن منهنجو پيءُ مون کي نصيحت ڪندي چوندو هو
تہ ”جيڪڏهن تون منهنجي ڳالهين کي پوريءَ طرح پنهنجي ذهن

4:3 لو 2:52   7:3 رو 12:16   11:3 ايو 5:17   12–11:3 عبر 5:12–6   12:3 مڪا 3:19   34:3 يع 4:6، 1.پط 5:5

۾ رکندين ۽ انهن تي عمل ڪندو رهندين تہ پوءِ تون خوشحاليءَ
واري زندگي گذاريندين. 5 ڏاهپ ۽ سمجهہ حاصل ڪر. منهنجي
نصيحتن کي پوريءَ طرح دل ۾ سانڍي رک ۽ ڪنهن بہ هڪ کي
نظرانداز نہ ڪر.
6 ڏاهپ کي ڇڏي نہ ڏي، اها تنهنجي حفاظت ڪندي. انهيءَ
سان محبت رک، اها تنهنجي نگهباني ڪندي. 7 ڏاهپ سڀني کان
افضل شيءِ آهي، تنهنڪري اها حاصل ڪر. ڀلي ڪٽي تو وٽ ٻيو
گهڻو ڪجهہ ڇو نہ هجي، پر ڏاهپ انهن سڀني کان وڌيڪ بهتر آهي.
8 پنهنجي پياري ڪنوار وانگر ڏاهپ کي سيني سان لائي ڇڏ. هائو،
جيڪڏهن تون هن کي پنهنجي ڀاڪر ۾ رکندين تہ اها تو کي نهايت
عزت ۽ عظمت وارو ڪندي. 9 اها تنهنجي لاءِ گُلن جي خوبصورت
هار مثل ٿيندي ۽ تنهنجي مٿي لاءِ هڪ شاندار تاج مثل هوندي.“
10 اي منهنجا ٻارؤ! جيڪڏهن اوهين منهنجي نصيحتن کي ڌيان
سان ٻڌندا ۽ انهن تي عمل ڪندا تہ اوهين ڊگهي ڄمار ماڻيندا.
11 مون اوهان کي ڏاهپ واري راهہ ڏيکاري آهي ۽ سڌي رستي تي
هلڻ ۾ اوهان جي رهنمائي ڪئي اٿم. 12 سو جڏهن اوهين ڏاهپ سان
قدم کڻندا تہ اوهان جي رستي ۾ ڪابہ رڪاوٽ نہ ايندي. هائو،
ڀلي اوهين ڊوڙندا رهو تہ بہ ٿاٻو نہ کائيندا. 13 منهنجي ڏنل سکيا
تي سدائين ثابت‌قدم رهو ۽ انهيءَ کان هيڏي هوڏي نہ ڦرو. انهيءَ
کي محفوظ رکو، ڇالاءِجو اها اوهان جي زندگيءَ جو بنياد آهي.
14 اوهين ظالم ۽ بدڪار ماڻهن جي بڇڙين واٽن تي نہ هلو. 15 انهن
جي واٽن جي هر گز ويجهو نہ وڃو. اٽلندو، انهن کان هٽي پري ٿيو ۽
پنهنجي واٽ وٺي اڳتي هلندا رهو. 16 اهي ماڻهو جيستائين بدڪاري
نہ ڪن، تيستائين کين آرام ڪونہ ٿو اچي. هائو، جيستائين اهي
ماڻهو ڪنهن بي‌گناهہ کي نقصان نہ پهچائين تيستائين کين ننڊ ئي
ڪين ٿي اچي. 17 بيشڪ بدڪاري هنن جي خوراڪ مثل آهي ۽ ظلم
سندن مئي مثل آهي. 18-19 بدڪارن جي راهہ گهُگهُہ اونداهيءَ مثل
آهي. اهي ڄاڻن ئي ڪين ٿا تہ ڪهڙيءَ شيءِ کين ٿاٻڙائي ڪيرايو.
پر سچارن جي راهہ صبح جي روشنيءَ مثل آهي، جنهن جي چمڪ
وڌندي وڌندي ٻنپهرن جي روشنيءَ جيان ٿيو پوي.
20 اي منهنجا ٻارؤ! جيڪي آءٌ چوان ٿو تنهن تي ڌيان ڏيو. هائو،
منهنجون ڳالهيون غور سان ٻڌو. 21 انهن مان هڪڙو لفظ بہ نہ
وسارجو، بلڪ انهن کي پنهنجيءَ دل ۾ سانڍي رکجو. 22 ڇالاءِجو
جيڪي انهن جي جستجو ڪن ٿا، تن کي انهن مان سٺي صحت ۽
ڀرپور زندگي ٿي ملي. 23 سوچ ويچار ڪرڻ ۾ خبرداريءَ کان ڪم
وٺو، ڇالاءِجو اوهان جي زندگي اوهان جي خيالن سان ئي گهڙجي
تيار ٿئي ٿي. 24 ڪوڙي ڳالهہ ڪڏهن بہ وات مان نہ ڪڍجو، نڪي
نگيءَ واريون ڳالهيون پنهنجي چپن تي آڻجو. 25 جيڏانهن اوهين وڃو
تا اوڏانهن ئي سڌو اڳتي نهاريندا هلو ۽ پنهنجا اکين جا ڇپر ڪٽي
هيڏانهن هوڏانهن نہ نهاريو. 26 جيڪي ڪجهہ ڪريو سو سوچي
ويچاري ڪجو، تڏهن اوهان جا پير صحيح طرف ڏانهن هلندا رهندا.
27 کابي يا ساڄي پاسي نہ ڦرو متان ڀٽڪي نہ وڃو. هائو، پنهنجي
پيرن کي بڇڙائيءَ واري رستي کان هميشہ جي لاءِ روڪي ڇڏجو.

## زناڪاريءَ کان پرهيز

5 1 اي منهنجا ٻارؤ! منهنجي ڏاهپ وارين نصيحتن ڏانهن توجهہ
ڪريو ۽ ڌيان سان ٻڌو، 2 تہ جيئن مناسب هلت ڪرڻ بابت ڄاڻو
۽ اوهان جي ڳالهائڻ مان ظاهر ٿئي تہ اوهين ڄاڻ رکو ٿا. 3 غير
عورت جي چپن ۾ ماکيءَ جهڙو مٺاس هوندو آهي ۽ سندس منهن
تيل کان بہ وڌيڪ سٽيو لڳندو آهي. پر اوهين ٻئي ماڻهوءَ جي زال
جي ورغلائڻ ۾ نہ اچجو، 4 ڇالاءِجو انهيءَ جو انجام زهر جهڙو
ڪؤڙو ۽ ٻہ منهين تلوار جهڙو تکو آهي. 5 هن جا پير موت ڏانهن
وٺيو وڃن. سو خبردار! سندس قدم اوهان کي بہ وڃي قبر تائين
پهچائيندا. 6 هوءَ زندگيءَ ڏانهن ويندڙ رستو وڃائي ويٺي آهي، بلڪ
گمراهہ ٿي ويئي آهي ۽ سمجهي نہ ٿي تہ ڇا ڪري رهي آهي.
7 تنهنڪري هاڻي اي منهنجا ٻارؤ! منهنجي ڳالهہ ٻڌو. آءٌ جيڪي
چوان ٿو تنهن تي دل وَ جان سان عمل ڪريو. 8 پرائي عورت کان
پري رهو، انهيءَ جي گهر جي دروازي جي بہ ويجهو نہ وڃو.
9 ڇالاءِجو متان اوهين پنهنجي نيڪنامي وڃائي ويهو ۽ سندس مڙس
هٿان جوانيءَ ۾ ئي بي‌رحميءَ سان قتل ڪيا وڃو. 10 متان ڌاريا ماڻهو
اوهان جو مال ملڪيت ڦٻائي وڃن ۽ اوهان جي محنت وسيلي ڪيل
ڪمائي ڪن ٻين ماڻهن جي هٿن ۾ هلي وڃي. 11 پوءِ جڏهن اوهين
مرڻ وارا هوندا ۽ اوهان جو ماس ۽ جسم ڳري ويل هوندو، تڏهن
اوهين پنهنجي پڇاڙيءَ تي افسوس ڪندا تہ 12 ”آہ! مون نصحيت
کان نفرت ڪئي ۽ فهمائش کي حقير ڄاتو. 13 مون پنهنجي استادن
جو چيو نہ مڃيو. هائو، پنهنجي انهن سکيا ڏيندڙن ڏانهن ڪو ڌيان
نہ ڏنم. 14 ايتري قدر جو هاڻي آءٌ ساري لوڪ اڳيان خوار خراب ٿيو
آهيان.“
15 اوهان جي زال اوهان جي پنهنجي کوهہ مثل آهي. سو اوهين
ساڻس وفادار ٿي رڳو انهيءَ کوهہ مان ئي پاڻي پيئو. 16 اوهين ڇو
ٻين چشمن مان پاڻي پيئو جن جو پاڻي رستي جي ناليءَ ۾ وهي ٿو؟
17 اوهين پنهنجو پاڻ کي رڳو پنهنجيءَ زال لاءِ ئي وقف ڪري ڇڏيو
۽ غير عورتن سان همبستري نہ ڪريو. 18 سو پنهنجي ئي چشمي مان
پاڻي پي سرها ٿيو، يعني انهيءَ زال سان خوشيون ماڻيو جنهن سان
اوهان پنهنجي جوانيءَ ۾ شادي رچائي هئي. 19 اها اوهان لاءِ بلڪل
هرڻيءَ وانگر خوبصورت ۽ دلپسند آهي ۽ سندس بدن اوهان جي من
کي موهيندڙ آهي. اوهين هميشہ انهيءَ جي ئي محبت ۾ مست رهو.

4:26 عبر 13:12

20 اي منهنجا ٻارؤ! اوهين ڪنهن ٻئي جي زال تي مست نہ ٿيو.
هائو، جيڪا پنهنجي مڙس سان ئي وفادار ناهي تنهن کي ڀاڪر نہ
وجهو. 21 ياد رکو، انسان جا رستا خدا کان ڳجها نہ آهن. هو اوهان
جي سڀني واٽن کي ڏسي ٿو. 22 بدڪارن کي خود پنهنجون بڇڙايون
پڪڙينديون. اهي پنهنجن ئي گناهن جي ڦندن ۾ ڦاسايا ويندا. 23 اهي
پنهنجي وڏي بيعقليءَ جي ڪري گمراهہ ٿي ويندا. هائو، اهي
نصيحت تي عمل نہ ڪرڻ ڪري مري ويندا.

## ٻيون وڏيڪ نصيحتون

6 1 اي منهنجا ٻارؤ! فرض ڪريو تہ اوهين ڪنهن اهڙي قرضدار
جا ضامن پيا آهيو، جيڪو قرض واپس نہ ٿو ڪري سگهي.
2 تڏهن اوهين پنهنجي ڳالهين ۾ ئي ڦاٿل آهيو. هائو، اوهين پنهنجي
ڪيل واعدي جا پابند آهيو. 3 سو اي منهنجا ٻارؤ! جيئن تہ اوهين
انهيءَ ماڻهوءَ جي چنبي ۾ اچي ويا آهيو، تنهنڪري هاڻي هيئن
ڪري پنهنجو پاڻ کي بچايو جو هڪدم وڃي نياز نئڙت ڪندي انهيءَ
ماڻهوءَ کان پنهنجي جان آجي ڪرايو. 4 اوهين سمهڻ ۽ ننڊ ڪرڻ
کان اڳ ۾ ئي اهو سڀ ڪجهہ هڪدم ڪريو. 5 هائو، پاڻ کي انهيءَ
قرض جي واعدي کان ائين بچائي وٺو، جيئن ڪا هرڻي يا ڪو پکي
پاڻ کي شڪاريءَ جي هٿان بچائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي.
6 اوهان مان جيڪي سُست ۽ ڪاهل آهن سي ڪِولين کي جانچي
ڏسن ۽ انهن جي زندگي گهارڻ جي طريقن مان وڃي سبق سکن.
7 انهن ڪِولين کي جيتوڻيڪ نہ ڪو سردار آهي ۽ نہ وري ڪو
اڳواڻ يا ڪو حڪمران. 8 تنهن هوندي بہ اهي اونهاري ۾ لاباري
جي مند ۾ سياري لاءِ پنهنجو کاڌو گڏ ڪري ٿيون رکن. 9 اڙي
اي سُست وَ ڪاهلؤ! اوهين ڪيستائين ستا پيا هوندا؟ اوهين ڪڏهن
پنهنجي ننڊ مان اٿندا؟ 10 اجا بہ چئو ٿا تہ ”ٿوري ننڊ، ٿوري پنڪي
هڻي وٺون. ٻانهون سوڙهيون ڪري ٿورو آرام ڪري وٺون.“ 11 پر ياد
رکو، اوهين ننڊ ۾ ئي هوندا تہ غريبي اوهان تي ڪنهن رهزن وانگر
اچي ڪڙڪندي. هائو، مفلسي اوهان تي ڪنهن هٿياربند ڌاڙيل جيان
اچي حملو ڪندي.
12 خبيث ۽ بدڪار ماڻهو هر هنڌ ڪوڙ ڳالهائيندا ٿا وتن. 13 اهي
ٻين کي ٺڳڻ لاءِ اکيون ٿا ڀڃن ۽ هٿن ۽ پيرن سان اشارا ٿا ڪن.
14 اهي سدائين ظلم ۽ بڇڙائيءَ جون ڳالهيون سوچيندا ٿا رهن ۽ هر
هنڌ فتنو فساد برپا ٿا ڪن. 15 انهيءَ ڪري اوچتو ئي اوچتو مٿن آفت
اچي ڪڙڪندي ۽ اهي ڀڃي پُري ويندا. سندن زخم لاعلاج هوندا.
16 ماڻهن جا ڇهہ بلڪ ست اهڙا ڪراهت جهڙا ڪم آهن جن کان
خداوند کي نفرت آهي:
17 مغرور اکيون،
ڪوڙ ڳالهائيندڙ زبان،
بيگناهن جو رت وهائيندڙ هٿ،
18 بڇڙائيءَ واريون رٿون رٿيندڙ دل،
بدڪاري ڪرڻ واسطي تکا ڊوڙندڙ پير،
19 ڪوڙ مٿان ڪوڙ ڳالهائيندڙ شاهد،
۽ ڀائرن ۾ جهيڙو وجهندڙ ماڻهو.

## زناڪاريءَ کان خبرداري

20 اي منهنجا ٻارؤ! پنهنجي پيءُ جا حڪم بجا آڻيو ۽ پنهنجي ماءُ
جي ڏنل تربيت کي ڪڏهن نہ وساريو. 21 سندن ڳالهين کي هميشہ
پنهنجيءَ دل ۾ سانڍي رکو ۽ انهن کي پنهنجي ڳلي جو هار بڻائي
ڇڏيو. 22 جيڏانهن اوهين ويندا تہ انهن جون نصيحتون اوهان جي
رهنمائي ڪنديون، جڏهن اوهين سمهندا تہ اهي اوهان جي نگهباني
ڪنديون ۽ ڏينهن جو جڏهن اوهين جاڳيل هوندا تہ اهي اوهان کي
سهڻيون صلاحون ڏينديون. 23 انهن جي هدايت ۽ تربيت هڪڙي ڏيئي
مثل آهي جيڪا اونداهيءَ ۾ چمڪندڙ روشني ڏئي ٿي. سندن نصيحت
اوهان کي زندگي گذارڻ جو طريقو ٿي سيکاري. 24 سندن هدايتون
اوهان کي بدڪار عورتن کان پري ٿيون رکن. هائو، غير عورتن جي
هرڪائيندڙ ڳالهين کان اهي اوهان کي محفوظ ٿيون رکن 25 تہ جيئن
اوهين اهڙين عورتن جي حسن تي موهت نہ ٿي پئو. هائو، اوهين
انهن جي نيڻن جا اسير نہ بڻجي وڃو. 26 ياد رکو، ڪسبياڻين جي
چڪر ۾ اچي ماڻهو مانيءَ جي ٽڪر جو محتاج بڻجيو پوي، جڏهن
تہ ٻين ماڻهن جي زالن سان زناڪاري قيمتي حياتيون ڳڙڪايو ڇڏي.
27 جيڪڏهن ڪو پنهنجيءَ جهول ۾ ٻرندڙ ٽانڊا ڪٽندو، تہ ڇا انهيءَ
جا ڪپڙا نہ سڙندا؟ 28 جيڪڏهن ڪو ٻرندڙ ٽانڊن تي هلندو، تہ ڇا
انهيءَ جا پير نہ سڙندا؟ 29 ساڳيءَ طرح جيڪو ڪنهن ٻئي جي زال
سان صحبت ٿو ڪري، ڇا اهو سزا کان بچندو؟
30 ماڻهو انهيءَ چور کي نہ ٿا ڌڪارين، جيڪو بکئي پيٽ کي ڀرڻ
لاءِ ڪا شيءِ چورائي ٿو. 31 تنهن هوندي بہ جيڪڏهن اهو هٿ اچي
ويندو تہ هو ستوڻو مال ڀري ڏيندو. هائو، جيڪو ڪجهہ وٽس هوندو
سو ڪيس ڏيڻو پوندو. 32 پر جيڪو ڪنهن غير عورت سان زناڪاري ٿو
ڪري، سو ٻنا ڪنهن سبب جي رڳو پنهنجي بيعقليءَ سان پنهنجو
پاڻ کي تباهہ ٿو ڪري. 33 انهيءَ کي زخم رسندا ۽ ذلت جو منهن
ڏسڻو پوندس. هائو، اهو هميشہ لاءِ خوار خراب ٿيندو. 34 ڇالاءِجو
مڙس کي جڏهن غيرت ايندي آهي، تڏهن هو غضبناڪ ٿي پوندو
آهي ۽ پوءِ سندس انتقام جي ڪا حد نہ هوندي آهي. 35 ان وقت هو
ڪنهن بہ عيوضي تي ڌيان نہ ڏيندو، جيتوڻيڪ هن کي ڪجهہ بہ
آڇيو وڃي، تڏهن بہ هو راضي نہ ٿيندو.

6:10–11 چوڻ 24:33–34

## ڏاهپ زناڪاريءَ کان بچائي ٿي

7 ① اي منهنجا ٻارؤ! منهنجي ڳالهين تي پوريءَ طرح توجه
ڏيو، ۽ جيڪي ڪجهه آءٌ اوهان کي ڪرڻ لاءِ چوان سو نه
وسارجو. ② منهنجي حڪمن تي عمل ڪندا رهندا ته اوهين ڏگهي
ڄمار ماڻيندا. منهنجي نصيحتن جي پنهنجي اک جي ماڻڪيءَ وانگر
بيحد حفاظت ڪريو. ③ انهن کي هر وقت پاڻ وٽ سانديي رکو، بلڪ
پنهنجيءَ دل جي تختيءَ تي لکي ڇڏيو. ④ ڏاهپ کي پنهنجي ڀيڻ
جيان سمجهو ۽ سمجهه کي پنهنجو بهترين دوست ڪري ڄاڻو ⑤ ته
جيئن اهي اوهان کي انهن پراين زالن کان بچائين، جيڪي ڏتارڻ
واريون ڳالهيون ڪنديون آهن.
⑥ هڪڙي دفعي جڏهن آءٌ پنهنجي گهر جي ڄاريءَ واري دريءَ
مان ٻاهر نهاري رهيو هوس، ⑦ ته مون ڪجهه بيسمجهه نوجوانن
کي رستي سان ويندي ڏٺو. پر انهن ۾ هڪڙو جيڪو تمام بيوقوف
ٿي لڳو، ⑧ سو ڪنڊ جي ويجهو واري اها گهٽي وٺي هليو، جنهن
۾ هڪ عورت رهندي هئي. هو انهيءَ جي گهر جي پرسان وڃي
لنگهيو. ⑨ انهيءَ وقت سج لهي چڪو هو ۽ اونداهيءَ رات جي
ڪارنهن پنهنجا پر پکيڙي رهي هئي. ⑩ ڇا ڏسان ته اها عورت اچي
ساڻس گڏي، جنهن کي ڪسبياڻين وارو لباس پهريل هو ۽ دل جي
مڪار ٿي لڳي. ⑪ هوءَ اهڙين عورتن مان ٿي لڳي، جيڪي گستاخ
۽ بيشرم ٿين ٿيون ۽ جن جا پير گهر اندر نه ٽڪندا هجن. ⑫ اهي
گهٽين، چوراهن ۽ بازارن ۾ رلنديون وتنديون آهن، تان‌ته ڪنهن مرد
کي ڦاسائين.
⑬ مون ڏٺو ته انهيءَ عورت ٻانهون وڌائي نوجوان کي ڀاڪر وڌو ۽
چميون ڏيڻ لڳس، جڻ ته اڳي ئي ڪيس ڄاڻيندي هئي. پوءِ بيحيائيءَ
سان اکيون اکين ۾ اڙائي چوڻ لڳس ته ⑭ ”جيئن ته اڄ مون پنهنجيون
باسيل سلامتيءَ واريون قربانيون ڪيون هيون، سو قربانيءَ جو گوشت
مون تنهنجي دعوت لاءِ رکيو آهي. ⑮ تنهنڪري ئي آءٌ تو سان ملڻ
لاءِ ٻاهر نڪتي آهيان. مون تو کي دل سان پئي ساريو، ۽ ڏس،
تون مون وٽ اچي وئين! ⑯ مون پنهنجي پلنگ تي مصر جون ٺهيل
نقشدار چادرون وڇايون آهن. ⑰ مون پنهنجي بستري کي مُر، عود ۽
دالچينيءَ جي خوشبوءِ سان معطر ڪري ڇڏيو آهي.
⑱ هل ته هلي ان تي سڄي رات دل کولي محبت ونديون ۽ پيار
پرين ڳالهين سان دل وندرايون. ⑲ منهنجو مڙس گهر ۾ ڪونهي،
بلڪ ڏورانهين سفر تي روانو ٿي ويو آهي. ⑳ هو پاڻ سان جهجها
پيسا کڻي ويو آهي ۽ پندرهن ڏينهن کان اڳي گهر ڪونه موٽندو.“
㉑ مٺيون مٺيون ڳالهيون ڪري هن ڪيس موهي وڌو ۽ پنهنجي
چاپلوسيءَ وارين ڳالهين سان ڪيس ڏتاري ورتائين. ㉒ سو هو هڪدم
ائين سندس پٺيان لڳي پيو، جيئن ڪو ڪنڌ جهڪايل ڏاند ڪسجڻ
لاءِ نيو ويندو آهي، يا جيئن ڪو هرڻ ڦندي ۾ ڦاسجڻ لاءِ ويندو
آهي، ㉓ تان جو هڪڙو تير سندس جگر مان پار ٿي وڃي ٿو. هائو،
اهو بيوقوف نوجوان بلڪل اهڙي پکيءَ وانگر آهي جيڪو اڏامندي
سڌو وڃي دام ۾ ڦاسي ٿو، ڪيس ڪا خبر ئي نه آهي ته سندس جان
کسجي ويندي.
㉔ تنهنڪري هاڻي اي منهنجا ٻارؤ! منهنجي ڳالهه ٻڌو. جيڪي
آءٌ چوان ٿو تنهن تي ڌيان ڏيو. ㉕ اهڙين عورتن جي رستي ڏانهن
مائل نه ٿجو، نڪي انهن جي پٺيان لڳي پاڻ کي گمراهه ڪجو.
㉖ ڇالاءِجو اهڙين عورتن گهڻن ئي کي برباد ڪري ڇڏيو آهي. هائو،
اهي بيشمار ماڻهن جي قتل جو سبب بڻيون آهن. ㉗ بيشڪ اهڙيءَ
عورت جو گهر سڌو قبر ۾ وڃڻ جو رستو آهي. هائو، اهڙو رستو
جيڪو سنئون سڌو هيٺ مئلن جي دنيا ۾ وڃي ٿو پهچائي.

## ڏاهپ جي واکاڻ

8 ① اوهين سڀيئي ٻڌو،
ڏاهپ هڪ عورت وانگر
وڏي واڪي بيٺي سڀني کي سڏي ٿي.
② هائو، اها چوواٽن جي وچ تي،
۽ شهر جي تمام اوچن هنڌن تي بيهي ٿي.
③ بلڪ اها شهر جي دروازن وٽ وڃي بيهي ٿي،
جتان هرڪو ماڻهو شهر ۾ داخل ٿئي ٿو.
اتي اها وڏي واڪي پڪاري چوي ٿي ته
④ ”اي انسانؤ! آءٌ اوهان سڀني کي سڏيان ٿي.
هائو، آءٌ هر بني آدم کي پڪاريان ٿي.
⑤ اي نادانؤ! اوهين دانائي سکو.
اي بيوقوفؤ! اوهين عقلمند ٿيو.
⑥ ٻڌو، آءٌ اوهان کي تمام عمديون ڳالهيون ٻڌايان ٿي.
آءٌ جيڪي به چوان ٿي سو سڀ سچ آهي.
⑦ بيشڪ آءٌ هميشه سچ ئي ڳالهائيندي آهيان،
۽ ڪوڙ کان مون کي سخت نفرت آهي.
⑧ منهنجي هر ڳالهه سچائيءَ واري هوندي آهي،
جنهن ۾ ڪوبه ڏنگ ڏاڻُ نه هوندو آهي.

⑨ جن ماڻهن کي سمجهه آهي،
تن جي نظر ۾ اهي سڀ ڳالهيون درست آهن.
هائو، ڄاڻ وارن ماڻهن آڏو اهي بلڪل سچيون آهن.
⑩ مون کان نصيحت حاصل ڪريو،
ڇالاءِجو منهنجون ڳالهيون چانديءَ کان وڌيڪ بهتر آهن،
بلڪ نج سون کان به وڌيڪ.

3–1:8 چوڻ 20:1–21

11 بيشڪ آءٌ هيرن جواهرن کان وڌيڪ قيمتي آهيان،
بلڪ اهي سڀ شيون جيڪي اوهان کي بيحد خوشي ڏين ٿيون،
سي بہ مون آڏو ڪين جهڙيون آهن.

12 آءٌ ڏاهپ آهيان،
۽ سمجهہ منهنجي تمام گهاٽي سهيلي آهي.
ڄاڻ ۽ دانائي منهنجي هٿ ۾ آهن.
13 خدا جو خوف رکڻ وارو بدڪاريءَ کان نفرت ڪري ٿو.
مغروريءَ، هٺ، بڇڙائيءَ واري رستي
۽ ڪوڙ ڳالهائڻ کان مون کي نفرت آهي.
14 آءٌ ماڻهن ۾ سٺي سوچ پيدا ڪريان ٿي،
۽ سٺي ڪم ڪرڻ ۾ سندن رهنمائي ٿي ڪريان.
مون وٽ ئي سمجهہ ۽ طاقت آهي.
15 منهنجي ئي وسيلي بادشاهہ حڪومت ٿا ڪن،
۽ حاڪم انصاف سان عدالت ٿا ڪن.
16 هائو، منهنجي ئي وسيلي حاڪم توڙي امير
ڌرتيءَ تي حڪمراني ٿا ڪن.

17 جيڪي مون سان محبت ٿا رکن،
تن سان آءٌ بہ محبت رکان ٿي.
جيڪي دل سان منهنجي ڳولها ٿا ڪن،
سي ئي مون کي حاصل ڪن ٿا.
18 آءٌ ئي انسان کي دولتمند ۽ عزتدار بڻائي ٿي سگهان.
هائو، دائمي دولت ۽ سچائيءَ جو ڦل مون وٽ ئي آهي.
19 مون کان جيڪي حاصل ڪيو وڃي ٿو،
سو خالص چانديءَ بلڪ نج سون کان بہ وڌيڪ قيمتي آهي.
20 آءٌ هميشہ سچائيءَ جي راهہ تي
۽ عدل جي رستن تي هلان ٿي،
21 انهيءَ لاءِ تہ جيڪي مون سان محبت ٿا رکن،
تن کي چڱيءَ طرح مالامال ڪري ڇڏيان،
۽ سندن خزانا ڀري ڇڏيان.“

## ڏاهپ جي شروعات

22 ڏاهپ چوي ٿي تہ ”اڳي، گهڻو اڳي
جڏهن خداوند هر شيءِ کي بنائڻ وارو هو،
تڏهن هن سڀني کان اڳ ۾ مون کي پيدا ڪيو هو.
23 آءٌ ازل کان ئي وجود ۾ آندي ويئي هيس،
هائو، ڌرتيءَ جي پيدا ٿيڻ کان بہ اڳ ۾.
24 آءٌ ان وقت پيدا ڪئي ويئي هيس،
جڏهن اجا وڏا سمنڊ بہ ڪين هئا،
نڪي پاڻيءَ سان وهندڙ چشما ئي هئا.
25 جبلن جي قائم ٿيڻ کان بہ اڳ ۾،
بلڪ ٽڪرين جي وجود ۾ اچڻ کان بہ اڳي،
آءٌ پيدا ڪئي ويئي هيس.
26 ان وقت خدا اجا نہ زمين بڻائي هئي،
نڪي ٻنيون ٻارا،
بلڪ زمين جي پهرين دز بہ نہ بڻائي هئائين.
27 جڏهن هن آسمان ٿي بڻايا تڏهن آءٌ اتي هيس،
هائو، جڏهن هن آسمان ۽ سمنڊ
جي سطح واري گهيري جو نشان ٿي لڳايو.
28 جڏهن خدا بلنديءَ تي آسمانن کي ٿي قائم ڪيو،
۽ سمنڊ کي ڀرڻ لاءِ چشما ٿي جاري ڪيا،
29 جڏهن هن سمنڊ جون حدون ٿي مقرر ڪيون،
تانتہ پاڻي ڪنارن کان ٻاهر نہ وڃي،
تڏهن آءٌ اتي ئي هيس.
هائو، جڏهن هن ڌرتيءَ جي بنياد رکڻ لاءِ نشان ٿي ڪڍيو،
30 تڏهن آءٌ ماهر ڪاريگر وانگر ساڻس گڏ هيس.
هو روز بروز مون مان خوش ٿيندو هو،
۽ آءٌ هميشہ سندس حضور ۾ خوشيون ملهائيندي هيس.
31 پوءِ جڏهن خدا هن دنيا کي آباد ڪيو،
تڏهن آءٌ اهو ڏسي بيحد خوش ٿيس،
بلڪ انسان کي ڏسي تہ
آءٌ خوشيءَ وچان ڪپڙن ۾ نہ ٿي ماپيس.“

32 ڏاهپ وڌيڪ ٿي چوي تہ
”تنهنڪري هاڻي، اي منهنجا ٻارؤ!
منهنجي ڳالهہ ڌيان ڏيئي ٻڌو،
ڇالاءِجو سڀاڳا آهن اهي جيڪي منهنجي رستن تي ٿا هلن.
33 منهنجون هدايتون ڌيان سان ٻڌو،
ڏاها ٿيو ۽ انهن جو انڪار نہ ڪريو.

34 سڀاڳو آهي اهو ماڻهو،
جيڪو منهنجي ڳالهہ ٻڌي ٿو،
۽ هر روز منهنجي دروازن تي بيهي انتظار ٿو ڪري.
هائو، اهو جيڪو منهنجي دروازن جي چانئٺن تي بيٺو ٿو رهي.
35 ڇالاءِجو جيڪو مون کي ٿو حاصل ڪري،
سو پنهنجي حياتي ٿو حاصل ڪري.
بيشڪ اهو ئي خداوند جو فضل حاصل ڪندو.

---

22:8 مڪا 14:3

36پر جيڪو مون کان محروم ٿو رهي،
سو پنهنجو پاڻ تي ظلم ٿو ڪري.
هائو، جيڪي مون کان نفرت ٿا ڪن،
سي سڀ موت سان محبت ٿا رکن."

## ڏاهپ جي دعوت

9 1ڏاهپ پنهنجو گهر جوڙيو آهي، هن انهيءَ لاءِ *ست ٿنيا
گهڙي ڪڙا ڪيا آهن. 2هن دعوت لاءِ جانور ڪُهي تيار ڪيا
آهن ۽ مئي ۾ مصالحا ملائي تيار ڪئي اٿس. هن پنهنجو دسترخانو
به وڇايو آهي. 3ڏاهپ پنهنجي ٻانهين کي موڪليو آهي ته اهي
شهر جي تمام مٿاهين جاين تان پڪاري دعوت ڏين ته 4"اچو، اي
بي‌سمجهه انسانؤ! اچو." هائو، جن کي ڄاڻ ڪانهي تن کي سڏائي
چوي ٿي ته 5"اچو، منهنجي ماني اچي کائو ۽ منهنجي گڏايل مئي
اچي پيئو. 6جيڪڏهن اوهين زندگي چاهيو ٿا ته پنهنجي اڻڄاڻائي
ڇڏي ڏيو ۽ دانائيءَ واري رستي تي هلو.
7جيڪڏهن اوهين هٺيلي ۽ بدڪار ماڻهوءَ کي تنبيهه ڪري سڌارڻ
جي ڪوشش ڪندا، ته اوهان کي موٽ ۾ ذلت ۽ نقصان کان سواءِ
ٻيو ڪجهه به حاصل نه ٿيندو. 8سو ڪنهن هٺيلي ماڻهوءَ کي
سڌارڻ جي ڪوشش نه ڪريو، متان هو اوهان کان نفرت ڪرڻ لڳي.
البت ڪنهن ڏاهي ماڻهوءَ کي اوهين تنبيهه ڪندا ته هو اوهان جي
عزت ڪندو. 9اوهين ڏاهي ماڻهوءَ کي نصيحت ڪندا ته هو اجا به
وڌيڪ ڏاهو ٿيندو. سچي ماڻهوءَ کي سيکاريندا ته سندس ڄاڻ اجا
وڌيڪ ٿيندي.
10خداوند جو خوف ڏاهپ جو منڍ آهي، پاڪ خدا جي سڃاڻپ
ئي سمجهه آهي. 11آءٌ ڏاهپ آهيان، جيڪڏهن اوهين منهنجي پيروي
ڪندا ته وڏي حياتي ماڻيندا. 12جيڪڏهن اوهين ڏاها آهيو ته انهيءَ
جو اوهان کي ئي فائدو رسندو. پر جيڪڏهن اوهين هٺيلا آهيو ته
انهيءَ مان نقصان به اوهان جو ئي ٿيندو."

## بي‌وقوفيءَ جي دعوت

13بي‌وقوفي هُل مچائيندڙ، بي‌سمجهه ۽ بي‌شرم عورت مثل آهي.
14هوءَ پنهنجي گهر جي ٻاهران ۽ شهر جي مٿاهين جاين تي ويهي
ٿي رهي 15ته جيئن رستي تان هر ايندڙ ويندڙ کي سڏي چوي ته
16"اچو، اي بي‌سمجهه انسانؤ! مون ڏانهن اچو." هائو، جن کي
سمجهه ڪانهي تن کي هوءَ سڏي چوي ٿي ته 17"لڪ ڇپ ۾ پيتو
ويندڙ پاڻي وڌيڪ مٺو لڳي ٿو، ۽ جيڪو ڪاڌو لڪ چوريءَ ۾ کائجي
ٿو، سو وڌيڪ لذيذ ٿئي ٿو."
18پر انهيءَ جا شڪار ٽيل نه ٿا ڄاڻن ته جيڪي هن جي گهر ۾
وڃن ٿا، سي مريو وڃن، ۽ جيڪي اڳ ۾ سندس مهمان ٿيا هئا، سي
قبر جي تري ۾ وڃي ڪريا آهن.

## بادشاهه سليمان جون ڏاهپ واريون چوڻيون

10 1هي سليمان جون چوڻيون آهن.

داناءَ ٻار پنهنجي والدين جي خوشيءَ جو سبب ٿا
بڻجن،
مگر نادان ٻار سندن ڏک جو باعث بڻجن ٿا.

2بي‌ايمانيءَ وسيلي گڏ ڪيل دولت مان ڪو فائدو ڪونهي،
مگر ايمانداري موت کان بچائي سگهي ٿي.

3خداوند سچارن کي ڪڏهن بکيو نه ٿو رکي،
مگر بدڪارن جي خواهش کي پورو نه ٿو ڪري.

4سُستي انسان کي غربت ڏانهن وٺيو وڃي،
مگر محنت انسان کي دولتمند بڻايو ڇڏي.

5جيڪو وقت تي فصل ميڙي گڏ ڪري ٿو رکي سو ڏاهو آهي،
مگر جيڪو انهيءَ وقت سمهي ننڊون ٿو ڪري،
سو خوار خراب ٿو ٿئي.

6سچار ماڻهوءَ جي هر ڪو واکاڻ ٿو ڪري.
مگر بدڪار به پنهنجي وات سان واکاڻ ته ڪن ٿا،
پر سندن دل ۾ ٻچڙائي آهي.

7نيڪ ماڻهوءَ جي نالي جو اثر مرڻ کان پوءِ به قائم ٿو رهي،
مگر بدڪارن جو نالو جلد ميسارجي ٿو وڃي.

8ڏاها ماڻهو سٺي صلاح ٻڌي اها مڃين ٿا،
مگر بڪواسي بي‌وقوف ڌيان نه ڏيئي ڪري
پاڻ کي برباد ڪريو ڇڏين.

9جيڪو ماڻهو هميشه ايمانداريءَ سان ٿو هلي،
سو سلامتيءَ سان ٿو رهي،
مگر جيڪو بي‌ايماني ٿو ڪري سو نيٺ پڪڙ ۾ ٿو اچي.

*ست ٿنيا: پاڪ لکڻن ۾ ست جو انگ استعمال ڪرڻ مان ظاهر آهي ته ڪا به شيءِ مڪمل آهي ۽ ان ۾ ڪا به گهٽتائي نه آهي.

10:9 ايو 28:28، زب 111:10، چوڻ 1:7

10 جيڪو حقيقت کي لڪائي ٿو،
سو ٻين لاءِ تڪليف جو باعث ٿو بڻجي،
مگر جيڪو کليو کلايو سچ ٿو چئي ڏئي،
سو ٻين لاءِ سلامتيءَ جو سبب ٿو بڻجي.

11 سچار ماڻهوءَ جي ڳالهين ۾ حياتيءَ جو چشمو آهي،
مگر بدڪارن جي ڳالهين ۾ بڇڙائي سمايل آهي.

12 نفرت جهيڙا جهڳڙا پيدا ٿي ڪري،
مگر محبت سيني خطائن کي ڍڪي ٿي ڇڏي.

13 عقلمند جي چپن مان ڏاهپ جون ڳالهيون ٿيون نڪرن،
مگر بيعقل جون ڳالهيون سندس پٺيءَ تي لڪڻ ٿيون وساين.

14 عقلمند ماڻهو ڄاڻ حاصل ڪندو ٿو رهي،
مگر بڪواسي بيعقل ڏيان نہ ڏيئي ڪري
پاڻ کي تباهہ ڪريو ڇڏي.

15 دولت شاهوڪار لاءِ هڪ مضبوط قلعي مثل آهي،
مگر غربت غريبن کي ناس ڪريو ڇڏي.

16 نيڪيءَ سان گذارڻ جو انعام بهتر زندگي آهي،
مگر بڇڙائيءَ سان گذارڻ جو انعام
وڌيڪ گناهن ۾ غرق ٿيڻ آهي.

17 جيڪو سيکت تي عمل ٿو ڪري،
سو بهتر زندگي ٿو گذاري.
مگر جيڪو سيکت کي رد ٿو ڪري،
سو گمراهہ ٿي وڃي ٿو.

18 جيڪو پنهنجي نفرت کي لڪائي ٿو،
سو ڪوڙو ماڻهو آهي،
۽ جيڪو گلا غيبت ٿو ڪري سو بيوقوف آهي.

19 گهڻي ڳالهائڻ سان انسان غلط ڳالهايو وجهي،
تنهنڪري زبان تي ضابطو رکڻ عقلمندي آهي.

20 سچار ماڻهوءَ جون ڳالهيون خالص چانديءَ مثل آهن،
مگر بدڪار ماڻهوءَ جي سوچ ڪين جهڙي آهي.

21 سچار ماڻهوءَ جي ڳالهين مان گهڻا ئي فائدو حاصل ڪن ٿا،
مگر بيوقوف ماڻهوءَ جون ڳالهيون ئي
کيس وقت کان اڳي ماريو ڇڏين.

22 گهڻي محنت سان دولتمند ٿي نہ ٿو سگهجي،
خداوند جي برڪت ئي دولتمند بڻائي ٿي.

23 بيعقل کي بدڪاريءَ مان مزو ٿو اچي،
مگر سمجهہ وارو ڏاهپ مان لطف حاصل ٿو ڪري.

24 سچارن کي سندن خواهش موجب ئي نوازيو ويندو،
مگر بدڪار جنهن ڳالهہ کان ڊڄن ٿا سا ئي مٿن اچي پوندي.

25 مصيبت جي وقت بدڪار ماڻهو ائين فنا ٿي ويندا،
جيئن واچوڙو شين کي اڏائي گم ڪريو ڇڏي،
مگر سچار ماڻهو پنهنجي جاءِ تي هميشہ قائم وَ دائم رهندا.

26 جهڙيءَ طرح سرڪو ڏندن ۾
۽ دونهون اکين ۾ سوزش پيدا ٿو ڪري،
تهڙيءَ طرح سُست نوڪر مالڪ لاءِ تڪليف جو سبب ٿو بڻجي.

27 خداوند جو خوف حياتيءَ جا ڏينهن وڌائي ٿو،
مگر بدڪار جي حياتيءَ جا ڏينهن گهٽجي ٿا وڃن.

28 سچارن جي اميد پوري ٿيڻ سان کين خوشي عطا ٿئي ٿي،
مگر بدڪارن جي اميد ڪڏهن بہ پوري نہ ٿي ٿئي.

29 سڌي واٽ تي هلڻ وارن لاءِ خداوند جاءِپناهہ آهي،
مگر بدڪارن لاءِ هن وٽ بربادي آهي.

30 سچارن کي ڪڏهن بہ ڪو لوڏو نہ ايندو،
مگر بدڪارن جو ملڪ ۾ نالو نشان بہ نہ رهندو.

31 سچارن جي وات مان ڏاهپ جون ڳالهيون نڪرنديون رهنديون،
مگر ڪوڙن جي زبان وڍي ويندي.

32 سچار ماڻهو صحيح ڳالهہ ڪرڻ ڄاڻين ٿا،
مگر بدڪار ماڻهوءَ کي
صحيح ڳالهہ ڪرڻ جي ڄاڻ ئي ڪونهي.

---

12:10 يع 20:5، 1.پط 8:4

11 ¹ماپ تور ۾ بي‌ايمانيءَ کان خداوند کي نفرت آهي،
مگر صحيح تور کي هو پسند ٿو فرمائي.

²جتي هٺ آهي، اتي خواري اچيو پهچي.
جتي ڏاهپ آهي، اتي نهٺائي ديرو ڄمائي ٿي.

³سچارن جي سچائي سندن رهنمائي ڪري ٿي،
مگر دغابازن جي دغا ئي کين برباد ڪريو ڇڏي.

⁴خدا جي سزا کان دولت نہ بچائي سگهندي،
مگر ايمانداري ئي بچائي سگهندي.

⁵نيڪ ماڻهن جي ايمانداري سڌي راهہ ڏيکاري ٿي،
مگر بدڪار ماڻهو پنهنجي بدڪاريءَ جي ڪري
بربادي‌ءَ جي کڏ ۾ وڃيو ڪرن.

⁶ايماندار ماڻهن جي سچائي کين ڇڏايو وٺي،
مگر بدڪار ماڻهو پنهنجي ئي بدنيتيءَ ۾ ڦاسيو پون.

⁷بدڪار ماڻهوءَ جو موت،
ساڻس گڏ سڀ اميدون خاڪ ۾ ملايو ڇڏي،
خاص طور اهي اميدون جيڪي ڪيس دولتمنديءَ ۾ آهن.

⁸سچارن کي خداوند مصيبتن مان بچائي وٺي ٿو،
مگر بدڪارن تي مصيبتون اچيو ڪڙڪن.

⁹جيڪو خدا تي ايمان نہ ٿو رکي سو پنهنجي بڪواس سان
پنهنجي پاڙيسريءَ کي برباد ٿو ڪري،
مگر سچار ماڻهو ڏاهپ وارين ڳالهين سان
پنهنجي پاڙيسريءَ جي حفاظت ٿو ڪري.

¹⁰سچارن جي خوشحاليءَ تي پورو شهر خوش ٿو ٿئي،
جڏهن تہ بدڪارن جي موت تي خوشيون ملهايون ٿيون وڃن.

¹¹سچارن کي جڏهن خدا برڪت ڏئي ٿو تہ
شهر جي ترقي ٿئي ٿي،
مگر بدڪارن جي ڳالهين جي ڪري اهو شهر برباد ٿيو وڃي.

¹²اهو ماڻهو بي‌عقل آهي،
جيڪو ٻين بابت گهٽ وڌ ٿو ڳالهائي،
مگر سمجهہ وارو ماڻهو ماٺ ۾ ٿو گذاري.

¹³چغلخور ٿي رازداريءَ جو ڀروسو نہ ٿو ڪري سگهجي،
مگر جيڪو ايماندار ماڻهو آهي سو ئي رازدار ٿي سگهي ٿو.

¹⁴ڏاهن اڳواڻن نہ هجڻ ڪري قوم تباهہ ٿيو وڃي،
مگر صلاح مصلحت ڪندڙن جي گهڻائيءَ ۾ ئي
قوم جي سلامتي آهي.

¹⁵ڪنهن اڻواقف جي قرض جو ضامن پوڻ
پنهنجو پاڻ کي تڪليف ۾ وجهڻ آهي.
مگر ضمانت کان پاسو ڪرڻ وارو امن ۽ سڪون سان ٿو رهي.

¹⁶مرد محنت سان دولت حاصل ڪري ٿو،
مگر عورت سيرت سان عزت حاصل ڪري ٿي.

¹⁷رحمدل ماڻهو پنهنجو پاڻ سان ڀلائي ٿو ڪري،
مگر ظالم ماڻهو پنهنجو پاڻ کي نقصان ٿو پهچائي.

¹⁸بدڪار ماڻهو حقيقت ۾ ڪجهہ بہ حاصل نہ ٿا ڪن،
مگر نيڪي ڪندڙن کي انهيءَ جو اجر ضرور ملي ٿو.

¹⁹سچائيءَ تي قائم رهڻ وارو زندگي حاصل ٿو ڪري،
مگر بڇڙائيءَ جي راهہ تي هلڻ وارو
خود پنهنجي موت کي ٿو ويجهو وڃي.

²⁰بڇڙائيءَ واري سوچ رکندڙن کان خداوند نفرت ٿو ڪري،
مگر جيڪي نيڪيءَ جي رستي تي ٿا هلن،
تن سان هو پيار ٿو ڪري.

²¹يقيناً بدڪار ماڻهو سزا کان بچي نہ سگهندا،
مگر سچار ماڻهو ضرور بچايا ويندا.

²²بي‌وقوف عورت جي خوبصورتي اهڙي ئي بيڪار آهي،
جهڙي ڪنهن سوئرڻيءَ جي نڪ ۾ سوني نٿ پيل هجي.

²³سچارن جي خواهش جو نتيجو ڀلائي آهي،
مگر بدڪارن جي خواهش جو نتيجو خدا جو غضب آهي.

²⁴ڪو تہ پيسا پاڻيءَ وانگر ٿو وهائي،
تہ بہ وڃي ترقي ڪندو،
۽ ڪو وري حد کان وڌيڪ ڪنجوسي ٿو ڪري،
تہ بہ وڃي ڪنگال ٿيندو.

25 بيشڪ جيڪو ٻين کي سخاوت سان تو ڏئي،
سو خوشحال رهندو،
۽ جيڪو ٻين جي مدد تو ڪري،
تنهن جي مدد ڪئي ويندي.

26 جيڪو اناج لڪائي مهانگو ڪري تو وڪڻي،
تنهن کي ماڻهو پٽ پاراتا ڏيندا.
مگر جيڪو اهو مناسب قيمت تي وڪڻي ٿو،
تنهن کي ماڻهو دعائون ڪندا.

27 جيڪو دل سان نيڪي ڪندو تو رهي،
تنهن کي عزت ۽ شهرت ملندي.
مگر جيڪو بدڪاري ڪندو تو رهي،
تنهن مٿان بدڪاري ئي اچي ڪڙڪندي.

28 جيڪي پنهنجي دولت تي ڀروسو ٿا رکن،
سي خزان ۾ ڇڻندڙ پنن جيان ڪومائجي ڪرندا.
مگر سچار ماڻهو بهار جي پنن جيان سرسبز وَ شاداب رهندا.

29 جيڪو ماڻهو پنهنجي گهراڻي کي تڪليف ۾ تو وجهي،
تنهن کي ورثي ۾ ڪجهه بہ حاصل نہ ٿيندو.

بي‌وقوف ماڻهو عقلمندن جا هميشہ غلام تي رهندا.

30 جيئن چڱا ميوا ڦلدار وڻ مان ملندا آهن،
تيئن نيڪ ماڻهن جا عمل زندگي بخشين ٿا،
مگر بڇڙائي حياتيون برباد ڪريو ڇڏي.

31 هاڻ جڏهن تہ سچار کي بہ هن دنيا ۾ ئي بدلو ڏنو تو وڃي،
تہ پوءِ بدڪار ۽ گنهگار هن دنيا ۾
جوڳي سزا کان ڪيئن ٿا بچي سگهن؟

# 12

1 جيڪو سمجهہ ۾ وڌڻ چاهي تو،
سو خوشيءَ سان سيکت کي قبول ڪندو.
مگر جيڪو سيکت کان نفرت تو ڪري،
سو بي‌وقوف آهي.

2 نيڪ ماڻهن تي خداوند جي رضامندي آهي،
مگر برا منصوبا بنائڻ وارن کي هو ڏوهاري تو نهرائي.

3 بدڪاريءَ سان ڪوبہ انسان قائم رهي نہ تو سگهي،
مگر سچار ماڻهو اونهي پاڙ لڳل وڻ جيان قائم رهي ٿو.

4 نيڪ عورت پنهنجي مڙس لاءِ
فخر ۽ خوشيءَ جو باعث تي بڻجي،
مگر بي‌شرم عورت پنهنجي مڙس لاءِ
هڏين جي موتمار بيماريءَ مثل آهي.

5 ايماندار ماڻهوءَ جو ارادو ٻين جي لاءِ نيڪ هوندو آهي،
مگر بدڪار ماڻهو ٻين جي لاءِ برو سوچيندو آهي.

6 بدڪارن جون ڳالهيون ڦندي ۾ ڦاسائڻ مثل آهن،
مگر سچارن جون ڳالهيون ڇڏائڻ جو وسيلو ٿيون بڻجن.

7 بدڪارن جي جڏهن ڀچاڙي ٿئي تي،
تڏهن هو هميشہ لاءِ نيست وَ نابود ٿيو وڃن.
مگر سچار ماڻهن جا گهراڻا هميشہ قائم رهندا ٿا اچن.

8 عقلمنديءَ جي ڪري ماڻهوءَ جي ساراهہ ڪئي ويندي آهي،
مگر بي‌عقل ماڻهوءَ کي حقير ڄاتو ويندو آهي.

9 جيڪو ماڻهو پاڻ کي وڏو معتبر چوي تو،
جڏهن تہ مانيءَ جو بہ محتاج آهي،
تنهن کان اهو ماڻهو وڌيڪ بهتر آهي،
جيڪو عام ماڻهو هجڻ باوجود هڪ نوڪر رکي سگهي تو.

10 سچار ماڻهو پنهنجي ڍورن جي بہ سٺي سار سنڀال لهي تو،
مگر بدڪار جو رحم بہ ظلم وارو رويو آهي.

11 پنهنجي ٻنيءَ ۾ محنت ڪندڙ هاريءَ کي جهجهو رزق ملي تو،
مگر بيڪار ڪمن پٺيان پنهنجو وقت وڃائڻ بي‌وقوفي آهي.

12 بدڪار ماڻهو بڇڙائيءَ واري ڪمائي ٿا ڪائين،
مگر سچار ماڻهو پاڻ اونهي پاڙ واري ڦلدار وڻ مثل آهن.

13 بدڪار ماڻهو پنهنجين ئي ڳالهين جي ڪري ڦاسيو پوي،
مگر ايماندار ماڻهو مصيبتن مان ڇڏايا ٿا وڃن.

14 جنهن ماڻهوءَ جي ڳالهہ ٻولهہ چڱي آهي،

---

31:11 1.پطر 18:4

تنهن کي نتيجو به چڱو ملندو.
جنهن جو عمل چڱو آهي تنهن کي انهيءَ جو اجر ملندو.

15 بيوقوف ماڻهو هميشه اهو ئي ٿا سمجهن ته
هو پاڻ صحيح راهه تي ٿا هلن.
مگر ڏاها ماڻهو صلاح مصلحت تي ڌيان ڏين ٿا.

16 بيوقوف ماڻهوءَ جو غصو هڪدم ظاهر ٿيو پوي،
مگر سياڻو ماڻهو پنهنجي غصي تي ضابطو رکي ٿو.

17 سچ ڳالهائڻ سان عدالت ۾ انصاف ٿو ٿئي،
مگر ڪوڙي شاهدي ناانصافيءَ ڏانهن وٺيو وڃي.

18 تکي زبان تلوار وانگر گهاءَ ٿي رسائي،
مگر عقلمند جي زبان گهائن کي ڇٽايو ڇڏي.

19 ڪوڙ جي حياتي پاڻيءَ جي ڦوٽي مثل آهي،
مگر سچ هميشه تائين قائم ٿو رهي.

20 بڇڙائيءَ جا منصوبا جوڙيندڙ جي دل ۾ ٺڳي ٿي رهي،
مگر نيڪ صلاحون ڏيندڙ خوشيون ٿا حاصل ڪن.

21 سچار ماڻهوءَ تي ڪا آفت ڪانه ايندي،
مگر بدڪار ماڻهو سدائين مصيبتن ۾ هوندا.

22 ڪوڙ ڳالهائيندڙن کان خداوند کي نفرت آهي،
مگر جنهن جي قول ۽ فعل ۾ ڪو فرق ناهي،
تنهن کان هو خوش ٿو ٿئي.

23 سمجهه وارو ماڻهو پنهنجي ڄاڻ کي راز ۾ ٿو رکي،
مگر بيوقوف ماڻهو
پنهنجي بيعقليءَ جو ڍنڍورو ڏيندو ٿو وتي.

24 محنت ڪرڻ وارا حاڪم بڻجي سگهن ٿا،
مگر سُست ماڻهو غلاميءَ ۾ پيا لوڙين ٿا.

25 ڳڻتيءَ جهڙي ڪا بيماري ڪانهي،
خوشيءَ جهڙي ڪا خوراڪ ڪانهي.

26 سچار ماڻهو دوستن جي رهنمائي ٿا ڪن،
مگر بدڪارن جي راهه گمراهي آهي.

27 سُست شڪاري پنهنجو شڪار به نه ٿو پڪڙي سگهي،
مگر محنتي ماڻهو گهڻو ڪجهه حاصل ڪري سگهي ٿو.

28 سچائيءَ ۾ زندگي آهي،
مگر بدڪاريءَ ۾ موت آهي.

13 1 سمجهه وارا ٻار
ته پنهنجي والدين جي تربيت تي عمل ٿا ڪن،
مگر هنيلا ڪنهن جي تنبيهه تي به ڪو ڌيان نه ٿا ڏين.

2 نيڪ ماڻهو پنهنجي سچائيءَ جي ڳالهين جو ڦل کائين ٿا،
مگر دغاباز ماڻهو ٻين تي ظلم ڪرڻ سان به نه ٿا ڍرجن.

3 جيڪو پنهنجي زبان کي قابوءَ ۾ ٿو رکي،
سو پنهنجي جان جي حفاظت ٿو ڪري.
مگر جيڪو زبان کي قابوءَ ۾ رکي نه ٿو سگهي،
سو پنهنجو پاڻ کي برباد ڪريو ڇڏي.

4 سُست ماڻهو خواهش ته ڪري ٿو،
پر حاصل ڪجهه به نه ٿو ٿئيس،

جڏهن ته محنت ماڻهوءَ کي خوشحال ڪريو ڇڏي.
5 سچار ماڻهو ڪوڙ کان نفرت ٿو ڪري،
مگر بدڪار ماڻهو پنهنجي ڳالهين جي ڪري
نفرت جوڳو ۽ خوار خراب ٿو ٿئي.

6 نيڪ انسان سچائيءَ جي ڪري محفوظ رهندا،
مگر گنهگار انسان بدڪاريءَ جي ڪري برباد ٿي ويندا.

7 ڪنهن ماڻهوءَ وٽ ڪجهه به ڪونهي،
ته به هو پاڻ کي دولتمند ٿو سڏائي.
مگر ڪنهن وٽ ته بيانداز دولت آهي،
ته به پاڻ کي غريب ٿو چوي.

8 دولتمند پنهنجي دولت جي عيوض
دشمنن کان پنهنجي جان ٿو ڇڏائي،
مگر غريب ماڻهوءَ کي اهڙو ڪوبه ڊپ ناهي.

9 سچار ماڻهو روشن ۽ چمڪندڙ ڏيئي مثل آهن،
مگر بدڪار ماڻهو وسامندڙ ڏيئي جيان آهن.

10 تڪبر وارو صلاح مصلحت تي
ڌيان نہ ڏيئي مصيبتن ۾ ڦاسيو وڃي،
مگر صلاح مصلحت سان هلڻ ۾ ئي دانائي آهي.

11 غلط طريقن سان حاصل ڪيل دولت جلد ئي ويندي رهي ٿي،
مگر جيڪو پورهئي وسيلي تورو تورو ڪري گڏ ٿو ڪري،
تنهن جي دولت وڌندي رهي ٿي.

12 اميد پوري ٿيڻ ۾ دير ٿيڻ ڪري دل ٽٽي پوي ٿي،
مگر جڏهن مراد پوري ٿئي ٿي،
تڏهن دل خوشين سان ڀرجيو وڃي.

13 جيڪو ڏاهن جي نصيحتن کي حقير ٿو ڄاڻي،
سو نقصان ۾ ٿو وڃي،
مگر جيڪو انهن کي مڃي مٿن عمل ٿو ڪري،
سو فائدي ۾ ٿو وڃي.

14 جيئن چشمي مان پاڻي ٿو حاصل ٿئي،
تيئن ڏاهي ماڻهوءَ جي نصيحت مان زندگي حاصل ٿئي ٿي.
هائو، انهيءَ جي وسيلي
ماڻهو موت جي ڦندن کان بچي ٿو وڃي.

15 گهڻي سمجهہ انسان کي ہين ۾ عزت وارو ٿي بڻائي،
مگر دغابازن واري راهہ ۾ تباهي ۽ بربادي آهي.

16 عقلمند ماڻهو ڪوبہ ڪم ڪرڻ کان اڳ
سوچ ويچار ڪندا آهن،
مگر بيوقوف ماڻهو پنهنجي جهالت جو اشتهار ٻڌجيو وڃن.

17 بيايمان قاصد مصيبت جو باعث ٿو بڻجي،
مگر ايماندار ايلچي امن ۽ سلامتي ٿو آڻي.

18 جيڪو نصيحت نہ ٿو مڃي،
تنهن کي غربت ۽ خواري حاصل ٿيندي.
مگر جيڪو تنبيهہ تي ڌيان ٿو ڏئي،
سو عزت حاصل ڪندو.

19 جڏهن دل جي مراد پوري ٿي ٿئي،
تڏهن ڪيڏي نہ خوشي ٿي ٿئي!
بدڪاريءَ کان دور رهڻ کان بيعقل ماڻهو نفرت ٿا ڪن.

20 ڏاهن سان گڏ رهڻ سان ڏاهپ حاصل ٿئي ٿي،
جڏهن تہ بيوقوفن جي صحبت جو برو نتيجو نڪري ٿو.

21 گنهگار ماڻهو جيڏانهن بہ ويندو،
مصيبت سندس پٺيان هوندي.
مگر سچارن کي چڱو اجر ملندو.

22 نيڪ ماڻهو پنهنجي پيڙهين لاءِ بہ ورثو ڇڏي ٿو،
مگر گنهگارن جي ميڙيل دولت
سچارن جي حوالي ڪئي ٿي وڃي.

23 محنت سان ہنين ۾ جهجها فصل پيدا ٿين ٿا،
مگر ناانصافيءَ سان مال ملڪيت بہ ڪسجي ٿي وڃي.

24 جيڪو پنهنجي ٻار تي لڪڻ نہ ٿو ڪڍي،
سو ڄڻ پنهنجي ٻار کان نفرت ٿو ڪري.
مگر جنهن کي پنهنجي ٻار سان محبت آهي،
سو انهيءَ کي بروقت سيکت ٿو ڏئي.

25 سچار ماڻهو جيترو بہ کائي ٿو تہ سندس ڍءُ ٿيو وڃي،
جڏهن تہ بدڪار ماڻهو ڪيترو بہ کائي پر سدائين بکيو ٿو رهي.

# 14

1 عقلمند عورت پنهنجو گهر آباد ٿي ڪري،
مگر بيوقوف عورت پنهنجو گهر پاڻ برباد ڪريو ڇڏي.

2 سڌي رستي تي هلڻ وارو خدا جو فرمانبردار ٿو رهي،
مگر ڏنگي رستي تي هلڻ وارو سندس نافرماني ٿو ڪري.

3 بيوقوف جو غرور منجهان ڳالهائڻ اهڙيءَ لٺ مثل آهي،
جيڪا سندس ئي پٺيءَ تي ٿي وسي.
مگر عقلمندن جون ڳالهيون سندن حفاظت ٿيون ڪن.

4 جتي هر ڪاهڻ لاءِ ڏاند ناهن،
اتي گدام اناج کان خالي ٿا رهن،
مگر ڏاندن جي هجڻ سان
جهجهو اناج حاصل ڪري ٿو سگهجي.

5 ايماندار شاهد سچ ٿو ڳالهائي،
مگر بيايمان شاهد ڪوڙ ئي ڪوڙ ٿو ڳالهائي.

6 ڏاهپ تي ٺٺوليون ڪندڙ ماڻهو،

ڪڏهن بہ ڏاهپ حاصل نہ ٿو ڪري سگهي.
مگر جنهن ماڻهوءَ کي سمجهہ آهي،
سو آسانيءَ سان ڏاهپ حاصل ڪري سگهي ٿو.

7 بي‌وقوفن کان پري رهو،
ڇالاءِجو انهن مان سکڻ لاءِ اوهان کي ڪجهہ نہ ملندو.

8 عقلمند ماڻهو پنهنجي سمجهہ سان صحيح راهہ تي هلي ٿو،
مگر بي‌عقل ماڻهو
پنهنجي نادانيءَ سان پاڻ کي دوکو ٿو رسائي.

9 بي‌عقل ماڻهو گناهہ ڪرڻ کان روڪڻ تي کل ٺٺولي ٿا ڪن،
مگر جيڪي سڌي راهہ تي ٿا هلن تن سان خدا راضي ٿو رهي.

10 هرڪو پنهنجا ڏک سک پاڻ ئي ٿو ڄاڻي،
ٻئي ڪي ڪنهن جي دل جي ڪهڙي خبر.

11 بدڪارن جون پکيون جايون برباد ٿي وينديون،
جڏهن تہ سچارن جون جهڳيون بہ قائم وَ دائم رهنديون.

12 ڪي راهون اهڙيون هونديون آهن،
جيڪي ڏسڻ ۾ تہ سٺيون سڌيون نظر اينديون آهن،
مگر انهن جي پڇاڙي موت هوندو آهي.

13 ڪڏهن تہ دل غمگين هئڻ باوجود کلڻو ٿو پوي،
پر کلڻ کان پوءِ وري غم ياد ٿو اچي.

14 انسان جيڪي پوکيندو سو ئي لڻندو،
پوءِ نيڪي پوکي چاهي بڇڙائي.

15 نادان ماڻهو سڀڪنهن ڳالهہ تي ويساهہ ٿو ڪري،
مگر سياڻو ماڻهو سوچي سمجهي قدم ٿو کڻي.

16 عقلمند ماڻهو خبرداريءَ کان ڪم وٺي ٿو،
۽ مشڪلاتن کان پاسو ٿو ڪري.
مگر بي‌وقوف ماڻهو بي‌پرواهي ڪري ٿو،
۽ هر معاملي ۾ ٽنگ اڙايو ڇڏي.

17 جذباتي ماڻهو بي‌وقوفي ڪريو وجهي،
۽ سازش ڪندڙن کان ماڻهو نفرت ٿا ڪن.

18 نادانيءَ جو نتيجو بي‌عقلي آهي،
مگر دانائي سمجهہ جو تاج ٿي پهرائي.

19 بڇڙا ماڻهو چڱن جي اڳيان نيٺ ڪنڌ جهڪائيندا.
هائو، بدڪار ماڻهو سچارن جي درن تي نيٺ جهڪندا.

20 *سائي جا سالا بہ گهٽا،
پينگي جو پيٽويو ئي نہ ليي.

21 جيڪي غريبن تي رحم ٿا ڪن سي سڀاڳا آهن،
مگر جيڪي انهن کان نفرت ٿا ڪن سي گناهہ ٿا ڪن.

22 جيڪو بڇڙائيءَ جا منصوبا ٿو جوڙي سو گمراهہ آهي،
مگر جيڪو هر ڪنهن جو خيرخواهہ آهي،
سو سڀني لاءِ معتبر ۽ معزز آهي.

23 هر طرح جي محنت مان فائدو ٿو ملي،
مگر رڳو بڪواس ڪرڻ سان
محتاجيءَ کان سواءِ ڪجهہ بہ حاصل نہ ٿو ٿئي.

24 عقلمندن کي سندن ڏاهپ دولتمند بڻايو ڇڏي،
مگر بي‌عقل وڌيڪ بي‌وقوف ٿيو وڃن.

25 سچو شاهد ماڻهوءَ جي زندگي بچائي ٿو،
مگر ڪوڙو شاهد دغابازي ٿو ڪري.

26 جيڪڏهن ڪو خداوند جو خوف رکندو،
تہ خداوند هن جي ۽ سندس ڪٽنب جي
مضبوط پناهہ‌گاهہ بڻبو.

27 خداوند جو خوف حياتي ڏيندڙ چشمو آهي،
جنهن ڪري ماڻهو موت جي ڦندي کان بچي وڃي ٿو.

28 عوام جي گهڻائي ئي بادشاهہ جو شان آهي،
باقي بنا عوام جي بادشاهہ جو ڪهڙو شان؟

*سائي جا سالا...: هن سنڌي چوڻي جو مطلب آيت جي اصلي عبراني مطلب سان ملندڙ جلندڙ آهي.

12:14 چوڻ 25:16

29 جذباتي انسان پنهنجي بيوقوفي ظاهر ڪيو ڇڏي،
مگر صبر وارو انسان نهايت عقلمند ٿئي ٿو.

30 دل جو سڪون بدن کي تندرستي ٿو بخشي،
مگر حسد وَ ساڙ انسان جون هڏيون به ڳاريو ڇڏي.

31 جيڪو غريبن تي ظلم ٿو ڪري،
سو ڄڻ ته پنهنجي خالق جي بيحرمتي ٿو ڪري.
مگر جيڪو محتاجن تي رحم ٿو ڪري،
سو خدا جي تعظيم ٿو ڪري.

32 بدڪار ماڻهو پنهنجي بڇڙن ڪمن جي ڪري برباد ٿيو وڃي،
مگر سچار ماڻهو پنهنجي ايمانداريءَ جي ڪري
محفوظ رهي ٿو.

33 عقلمند جي دل ۾ ڏاهپ گهر ڪريو ويهي،
مگر بيعقلن جي دل ۾ انهيءَ جي ڪا ڄاڻ ئي نه ٿي رهي.

34 سچائي قوم کي سربلند ڪري ٿي،
مگر ناانصافي قوم جي لاءِ خواري ٿي آڻي.

35 بادشاهه انهيءَ نوڪر تي مهربان ٿو رهي،
جيڪو ڏاهپ سان ٿو هلي،
مگر بيوقوفيءَ سان هلڻ واري تي
بادشاهه ڪاوڙجي ڪيس سزا ٿو ڏئي.

## 15

1 نرم جواب ڪاوڙ وڃايو ڇڏي،
مگر کهري زبان ڪاوڙ وڌايو ڇڏي.

2 جيڪا نصيحت عقلمندن جي زبان مان ٿي نڪري،
سا وڻندڙ آهي.
مگر بيعقلن جي وات مان بيوقوفي وهيو نڪري.

3 خداوند هر هنڌ حاضر آهي،
هو چڱن توڙي بڇڙن سڀني تي نظر رکي ٿو.

4 مهربانيءَ وارا لفظ حياتي بچائيندڙ دوا مثل آهن.
مگر ٺٺيءَ واريون ڳالهيون دل کي ٽوڙيو ڇڏين.

5 بيعقل ٻار پنهنجي والدين جي سيکت کي ڌڪارين ٿا،
مگر جيڪي سندن تنبيهه تي ڌيان ٿا ڏين سي عقلمند آهن.

6 سچار ماڻهوءَ جي سچائي کيس دولتمند بڻايو ڇڏي،
مگر بدڪار ماڻهوءَ جي دولت کيس ڏکيائيءَ ۾ وجهيو ڇڏي.

7 عقلمند ماڻهو ڄاڻ ٿا ورهائين،
مگر بيوقوفن جا خيال ڪنهن ڪم جا ناهن.

8 سچارن جي دعا گهرڻ تي خداوند خوش ٿو ٿئي،
مگر بدڪارن جي قربانين کان به هن کي نفرت آهي.

9 بدڪارن جي روَش کان خداوند کي نفرت آهي،
مگر جيڪي سچائيءَ سان ٿا هلن تن سان هو محبت ٿو رکي.

10 جيڪو سڌي رستي کان ڦري ٿو وڃي،
تنهن لاءِ سخت سزا آهي،
۽ جيڪو تنبيهه کي ڌڪاري ٿو سو ضرور مرندو.

11 جڏهن ته قبر ۽ پاتال ئي خداوند کان ڳجها ڪين آهن،
تڏهن انسان پنهنجي دلين جا خيال
ڪائنس ڪيئن ٿا لڪائي سگهن؟

12 هٺيلو ماڻهو تنبيهه کي پسند نه ٿو ڪري،
تنهنڪري هو عقلمندن جي مجلس ۾ هرگز نه ٿو وڃي.

13 دل جي خوشي چهري کي رونق بخشيو ڇڏي،
مگر دل جي غمگيني انسان جو حليو ئي بگاڙيو ڇڏي.

14 سمجهه واري ماڻهوءَ جي دل وڌيڪ ڄاڻ جي طلب ۾ رهي ٿي،
مگر بيعقل ماڻهو بيوقوفيءَ جا ئي بکايل ٿا رهن.

15 بيشڪ غريب ماڻهوءَ جي زندگي مشڪلاتن ۾ ٿي گذري،
مگر خوشدل ماڻهو ان حال ۾ به زندگيءَ جو لطف پيا ماڻين.

16 خدا جو خوف رکندي گهٽ دولتمند هجڻ،
انهيءَ وڏي دولتمند هجڻ کان بهتر آهي،
جنهن ۾ پريشانيون ئي پريشانيون هجن.

17 *ڪلفت وارن قوفتن ڪان،
سڪ واري سبزي ڀلي.

18 جذباتي ماڻهو جهڳڙا ڪرايو وجهي،
مگر ٿڌي طبيعت وارو ماڻهو جهڳڙا ٽاريو ڇڏي.

19 سُست ماڻهوءَ جو رستو ائين آهي،
جيئن ڪنڊن وارو ڀيچرو هجي،
مگر سچائيءَ وارن جي واٽ ائين آهي،
جيئن سنئين سڌي شاهي سڙڪ هجي.

20 ڏاهن ڀارن مان والدين خوش ٿا رهن،
مگر بيعقل پنهنجي والدين کي ڏک ٿا رسائين.

21 بيعقل ماڻهو پنهنجي بيوقوفيءَ تي خوش ٿا ٿين،
مگر عقلمند ماڻهو اهو ئي ٿا ڪن جيڪو درست آهي.

22 صلاح مشوري کان سواءِ
ڪوبہ منصوبو ڪاميابيءَ سان پورو تي نہ ٿو سگهي،
مگر گهڻن جي صلاح سان ئي
اهو ڪاميابيءَ سان همڪنار ٿئي ٿو.

23 چڱي ڳالهہ ٻڌائڻ سان خوشي تي ٿئي،
بلڪ موزون وقت تي صحيح جواب ٻڌائڻ ۾ بہ مزو اچي ٿو.

24 عقلمند ماڻهو اهڙو رستو اختيار ٿا ڪن،
جيڪو کين زندگيءَ ڏانهن وٺيو وڃي.
هو اهو رستو نہ ٿا وٺن جيڪو موت ڏانهن وٺيو وڃي.

25 جيڪي مغرور آهن،
تن جا پڪا گهر بہ خداوند برباد ڪريو ڇڏي.
مگر جيڪي رنونزالون آهن،
تن جي ملڪيت جي هو حفاظت ٿو ڪري.

26 بدڪار ماڻهن جي خيالن کان خداوند کي نفرت آهي،
مگر نيڪ ماڻهن جي چڱين ڳالهين کي هو پسند ٿو ڪري.

27 ناجائز نفعي جو لالچي
پنهنجي گهر جي بربادي جو سبب ٿو بڻجي،
مگر رشوت کان نفرت ڪرڻ وارو ڊگهي ڄمار ماڻي ٿو.

28 سچار ماڻهو سوچي سمجهي ورندي ڏيندا آهن،
مگر بدڪار ماڻهن جي بڪواس ۾
بڇڙائيءَ واريون ڳالهيون آهن.

29 خداوند بدڪارن کان منهن موڙيو ڇڏي،
مگر هو سچارن جون دعائون ٻڌي ٿو.

30 مرڪندڙ چهرو دل خوش ڪريو ڇڏي،
۽ خوشخبري ڇهري ۾ تازگي آڻيو ڇڏي.

31 جيڪو زندگي سڌاريندڙ سيکت تي ڌيان ٿو ڏئي،
سو عقلمندن ۾ شمار ڪيو ويندو.

32 تربيت کان منهن موڙڻ وارو پنهنجي جان جو دشمن آهي،
مگر تنبيهہ تي ڌيان ڏيڻ وارو سمجهہ حاصل ڪري ٿو.

33 خداوند جو خوف ڏاهپ جي سکيا آهي،
نهٺائيءَ سان ئي مان مرتبو ملي ٿو.

# 16

1 انسان پنهنجيءَ دل ۾ ڪهڙا بہ منصوبا جوڙي ٿو،
مگر سندس زبان مان اهو ئي ٿو نڪري،
جيڪو خداوند چاهي ٿو.

2 انسان سوچي ٿو تہ
هو جيڪي ڪجهہ ڪري ٿو سو سڀ صحيح آهي،
مگر خداوند دلين کي بہ جانچي ٿو.

3 پنهنجا سڀ ڪم خداوند جي حوالي ڪريو،
تڏهن اوهان جا منصوبا ڪامياب ٿيندا.

4 خداوند هر شيءِ ڪنهن نہ ڪنهن مقصد لاءِ بڻائي آهي،
بلڪ بدڪار ماڻهوءَ جي قسمت ۾ هن بربادي لکي ڇڏي آهي.

5 هر مغرور انسان کان خداوند کي نفرت آهي،
يقيناً اهي سزا کان بچي نہ سگهندا.

6 شفقت ۽ سچائيءَ جي وسيلي

---

*ڪلفت وارن قوفتن...: هن سنڌي چوڻي جو مطلب آيت جي اصلي عبراني مطلب سان ملندڙ جلندڙ آهي.

گناهن جو ڪفارو ادا ڪري سگهجي ٿو،
بلڪ خداوند جو خوف رکڻ سان
انسان بڇڙائيءَ کان باز رهي سگهي ٿو.

7 جڏهن انسان جون راهون خداوند کي پسند اچن ٿيون،
تڏهن هو سندس دشمنن کي به دوست بڻايو ڇڏي.

8 بي‌ايمانيءَ سان جهجهي دولت گڏ ڪرڻ کان
ايمانداريءَ سان ٿوري تي گذارو ڪرڻ وڌيڪ بهتر آهي.

9 انسان پنهنجي لاءِ هڪڙي راهه سوچي ٿو،
مگر سندس هر قدم خداوند جي وس ۾ آهي.

10 بادشاهه جي زبان تي خدائي فيصلو هوندو آهي،
سو فتويٰ ڏيڻ ۾ هن کان ڪا خطا نه ٿيندي.

11 تور ۽ ماپ ۾ ايمانداريءَ کي خداوند پسند ٿو ڪري،
هائو، سچائيءَ سان واپار ڪرڻ ۾ هو خوش ٿو ٿئي.

12 بڇڙائي ڪرڻ بادشاهن جي نظر ۾ نفرت جهڙي ڳالهه آهي،
ڇالاءِجو سندن تخت سچائيءَ سان ئي قائم رهي ٿو.

13 بادشاهه سچ ٻڌڻ کي پسند ٿا ڪن،
سو هو سچ ڳالهائڻ وارن کي پيارو ٿا گهرن.

14 بادشاهه جي ڪاوڙ موت جي قاصد جيان آهي،
سو عقلمند انسان اهو آهي،
جيڪو انهيءَ جي ڪاوڙ کي ٿڌو ٿو ڪري.

15 بادشاهه جي منهن تي سرهائي
ماڻهن لاءِ زندگيءَ جي علامت آهي.
هائو، هن جي مهربانيءَ جي نظر
بهار ۾ برسات وسائيندڙ بادل جيان آهي.

16 ڏاهپ حاصل ڪرڻ چانديءَ کان وڌيڪ بهتر آهي،
بلڪ سون کان به وڌيڪ افضل آهي.

17 سچار ماڻهوءَ جي رستي ۾ ڪا به بدڪاري نه ٿي اچي،
بلڪ سچائي سندس رستي جي نگهباني ڪري
سندس جان جي حفاظت ٿي ڪري.

18 مغرورن کي تباهي وَ برباديءَ تائين پهچايو ويندو.
هائو، هٺيلن کي ڪنڌ ڀر ڪيرايو ويندو.

19 مغرورن سان گڏ لٽ ڦر جو مال ويهي ورهائڻ کان
غريبن سان گڏ نهٺو ٿي گذارڻ وڌيڪ بهتر آهي.

20 جيڪو ڏاهپ جي ڳالهين تي ڌيان ٿو ڏئي،
سو خوشحال ٿيندو.
جيڪو خداوند تي ڀروسو ٿو رکي سو برڪتن وارو ٿيندو.

21 عقلمند انسان سمجهه وارو سڏجي ٿو،
مِٺَ زبانيءَ جي ڪري گهڻن ماڻهن ۾ چاڻ ورهائجي ٿي.

22 عقلمند انسان لاءِ عقل حياتي بخشيندڙ چشمو آهي،
مگر بي‌عقل بي‌وقوفيءَ جي تربيت حاصل ڪري ٿو.

23 عقلمند انسان ڳالهائڻ کان اڳ سوچ ويچار ڪري ٿو،
تڏهن ئي ته سندس ڳالهيون ٻين تي اثر ڪن ٿيون.

24 مهربانيءَ وارا لفظ ماکيءَ جهڙا ٿا ٿين.
هائو، اهي ماکيءَ جهڙا مٺا ۽ تازگي بخشيندڙ آهن.

25 ڪي راهون اهڙيون هونديون آهن،
جيڪي ڏسڻ ۾ ته سنئيون سڌيون نظر اينديون آهن،
مگر انهن جي پڇاڙي موت هوندو آهي.

26 بک ئي انسان کان محنت مزدوري ڪرائي ٿي،
هائو، بک انسان کي مجبور ڪريو وجهي.

27 بدڪار ماڻهو ٻين لاءِ ڪڏون ٿا کوٽين.
هائو، سندن لفظ ٻرڪندڙ باهه مثل آهن.

28 دوکيباز ماڻهو ٻين ۾ جهيڙا جهڳڙا ٿا پيدا ڪن،
۽ چغلخور ماڻهو دوستن ۾ دشمنيون وجهيو ڇڏين.

29 ظالم ماڻهو پنهنجي دوستن کي به ڏتاريو ڇڏي،
۽ کين اهڙي راهه تي وٺائي جو هو وجي مصيبت ۾ ڦاسن.

25:16 چوڻ 12:14

30 اکيون هٽندڙ ماڻهو دوکيبازيءَ جون رٿون ٿو رٿي،
هائو، اهڙو ماڻهو بدڪاريءَ جا منصوبا ٿو ٺاهي.

31 ٻڍاپو يعني اڇا وار سچارن جو اجر آهي.
هائو، اڇو مٿو عزت ۽ عظمت وارو تاج آهي.

32 وڏو زورآور ٿيڻ کان اهو بهتر آهي
جو اوهين پنهنجي غصي کي ضابطي ۾ رکو،
چالاڪ شهرن تي قبضو ڪرڻ کان
پنهنجو پاڻ تي ضابطو رکڻ بهتر آهي.

33 انسان پنهنجا فيصلا پاڻ ٿو رٿي،
مگر ٿئي اهو ئي ٿو جيڪي خداوند ٿو چاهي.

# 17

1 دلي سڪون سان رُکو گرهه کائڻ
اهڙي دعوت کان بهتر آهي،
جنهن ۾ عمدن طعامن سان گڏ جهيڙا جهڳڙا هجن.

2 عقلمند نوڪر مالڪ جي انهيءَ پٽ تي حڪم هلائيندو،
جيڪو پيءُ جي خواريءَ جو باعث آهي.
مالڪ پنهنجي انهيءَ نوڪر کي
ملڪيت مان پٽن سان گڏ حصو ڏيندو.

3 سون ۽ چانديءَ کي ته باهه جي وسيلي پرکجي ٿو،
مگر انساني دلين کي پرکڻ وارو خداوند ئي آهي.

4 بدڪار ماڻهو بڇڙائيءَ جي ڳالهين تي ڌيان ٿو ڏئي،
۽ ڪوڙو ماڻهو بدنيتيءَ جي ڳالهين تي توجهه ٿو ڏئي.

5 جيڪي غريبن تي ڪل ٺٺولي ٿا ڪن،
سي ڄڻ ته سندن خالق جي بي‌حرمتي ٿا ڪن،
۽ ٻئي جي مصيبت تي خوش ٿيڻ وارا
سزا کان بچي نه ٿا سگهن.

6 ابن ڏاڏن لاءِ سندن پوٽا ڏوهٽا فخر جو باعث آهن،
۽ اولاد جو فخر سندن والدين.

7 جيڪڏهن عمدو گفتگو بي‌وقوف کي نه ٿو سونهين،
ته پوءِ ڇا ڪنهن معزز ماڻهوءَ کي ڪوڙ ڳالهائڻ سونهين ٿو؟

8 ڪن ماڻهن جي خيال ۾ رشوت جادوءَ جهڙو ڪمال ٿي ڏيکاري،
۽ اها سندن لاءِ هر هنڌ ڪاميابيءَ جو باعث آهي.

9 جيڪي دوست جو قصور معاف ٿا ڪن،
سي محبت وڌائين ٿا.
پر جيڪي قصور جي شڪايت بار بار پيا ڪن،
سي پنهنجي گهاٽي دوست کي به پاڻ کان جدا ڪيو ڇڏين.

10 عقلمند ماڻهوءَ تي هڪڙي ڇڙٻ به اهڙو اثر ٿي ڪري،
جهڙو ڪنهن بي‌عقل تي سؤ ڇهبڪ به نه ٿا ڪن.

11 بدڪار ماڻهو هميشه فساد چاهيندا ٿا وتن،
تنهنڪري ڪين سخت سزا ڏيڻ لاءِ
بي‌رحم ماڻهو مٿن اچي ڪڙڪن ٿا.

12 جنهن رڇڻيءَ جا ٻچا چورايا ويا هجن سا خطرناڪ ٿئي ٿي،
مگر تنهن کان وڌيڪ خطرناڪ اهو بي‌عقل ماڻهو آهي،
جيڪو بي‌وقوفيءَ وارو ڪم ٿو ڪري.

13 جيڪو چڱائيءَ جي بدلي ۾ بڇڙائي ٿو ڪري،
تنهن جي گهر مان مصيبت ڪڏهن نه ويندي.

14 جهيڙي جي شروعات ائين آهي،
جيئن ڪنهن درياءَ ۾ روڻ پئجي وڃي.
تنهنڪري جهڳڙي ٿيڻ کان اڳ ئي جهيڙو ڪرڻ ڇڏي ڏيو.

15 جيڪي بدڪار کي سچار ٿا ٺهراين،
يا جيڪي سچار کي بدڪار ٿا ٺهراين،
تن سڀني کان خداوند کي نفرت آهي.

16 جيتوڻيڪ ڏاهپ ته موجود آهي،
پر بي‌عقل دولتمند اها خريد ڪري نه ٿو سگهي،
چالاڪ هن کي ڪا سمجهه ئي ڪانهي.

17 دوست بيشڪ پنهنجي دوستي نڀائي ٿو،
مگر ڀاءُ ڀيڻ ته پيدا ئي مصيبت ۾ ساٿ ڏيڻ لاءِ آهن.

18 قرضيءَ جو ضامن پوڻ بي‌عقلي آهي.

19 جيڪو بدڪاريءَ کي پسند ٿو ڪري
سو جهيڙي جهڳڙي کي دعوت ٿو ڏئي،

۽ مغروريءَ سان ڳالهائيندڙ
پنهنجي بربادي‌ءَ کي دعوت ٿو ڏئي.

20 بڇڙائيءَ واري سوچ رکندڙ کي
ڪابہ چڱائي حاصل نہ ٿي ٿئي،
۽ ڪوڙو ماڻهو مصيبت ۾ ڦاسيو وڃي.

21 جن والدين جا ٻار بي‌عقل آهن،
تن کي رڳو تڪليف ۽ ڏک ٿو ملي.

22 خوشيءَ جهڙي ڪا دوا ناهي،
۽ نااميديءَ جهڙي ڪا بيماري ناهي.

23 بڇڙا ماڻهو ڳجهيءَ طرح رشوت جي ڏي وٺ ڪن ٿا،
تہ جيئن انصاف کي ٽوڙيو وڃي.

24 سمجهدار ماڻهو ڏاهپ حاصل ڪري ٿو وٺي،
مگر بي‌وقوف جا خيال هيڏانهن هوڏانهن پيا ڀٽڪن.

25 بي‌وقوف اولاد پنهنجي والدين لاءِ
ڏک ۽ رنج جو باعث آهن.

26 بي‌گناهہ کي سزا ڏيڻ،
۽ شريف کي ناحق چهبڪ هڻڻ چڱو نہ آهي.

27 جنهن وٽ ڄاڻ آهي سو ٿورو ٿو ڳالهائي،
هائو، سمجهہ وارو ماڻهو سنجيدو ٿئي ٿو.

28 بي‌عقل جڏهن ماٺ ۾ رهي ٿو تڏهن ڏاهو شمار ڪيو وڃي ٿو.
هائو، جيڪو پنهنجا چپ بند ٿو رکي،
سو سياڻو سمجهيو ٿو وڃي.

# 18

1 ميل ميلاپ نہ رکندڙ ماڻهو
رڳو پنهنجي خواهشن لاءِ سوچي ٿو،
بلڪ اهو هر انهيءَ ڳالهہ کي ڌڪاري ٿو،
جيڪا عام سمجهہ واري ڳالهہ آهي.

2 بي‌عقل ماڻهو سمجهہ حاصل ڪرڻ ۾ ڪا دلچسپي نہ ٿو رکي،
اٿلندو اهو چاهي ٿو تہ رڳو سندس ڳالهيون ٻڌيون وڃن.

3 جتي بدڪاري آهي اتي خواري بہ اچيو پهچي،
هائو، اتي بدناميءَ سان گڏ ملامت بہ اچيو ڪڙڪي.

4 ڪن ماڻهن جون ڳالهيون ڏاهپ واريون ٿين ٿيون،
جيڪي سمنڊ جيان اونهيون
۽ وهندڙ نديءَ جيان تازيون هونديون آهن.

5 بدڪار جي طرفداري ڪرڻ چڱي ڳالهہ ناهي،
نڪي عدالت ۾ سچار سان ناانصافي ٿيڻ گهرجي.

6 بي‌عقل جي ڳالهائڻ مان فتنو فساد ٿو ڦهلجي،
جڻ تہ هو پنهنجو پاڻ مار گهري ٿو وٺي.

7 بي‌وقوف جي زبان سندس ئي بربادي‌ءَ جو باعث ٿي بڻجي،
هائو، سندس ڳالهائڻ ئي هن جي لاءِ ڦندو ثابت ٿو ٿئي.

8 چغلخور جون ڳالهيون لذيذ لقمن جهڙيون آهن،
جن کي هر ڪو کائڻ ٿو چاهي.

9 جيڪي ڪم ۾ سُستي ٿا ڪن،
سي بربادي ڪرڻ وارن جا ڀائر آهن.

10 سچار ماڻهوءَ جي لاءِ خداوند ئي
هڪ مضبوط قلعو ۽ پناهہ‌گاهہ آهي،
11 پر دولتمند ماڻهوءَ جي نظر ۾ دولت ئي سندس لاءِ
مضبوط قلعو ۽ ڪوٽ وارو شهر آهي.

12 مغروري انسان کي تباهيءَ ڏانهن وٺيو وڃي،
پر نهٽائي انسان کي عزت واري مقام تي ٿي پهچائي.

13 جيڪو پوري ڳالهہ ٻڌڻ کان اڳي انهيءَ جو جواب ڏئي ٿو،
تنهن جي لاءِ اهو بي‌وقوفي ۽ بي‌عزتيءَ جو باعث بڻجي ٿو.

14 عزم وَ همت انسان کي بيماريءَ ۾ بہ سهارو ڏئي ٿي،
مگر مايوسي انسان کان آخري اميد بہ کسيو وٺي.

15 سياڻا ماڻهو سمجهڻ جو چاهہ رکن ٿا.
هائو، عقلمند ماڻهو ڄاڻ حاصل ڪرڻ جي طلب ۾ ٿا رهن.

16 تحفو پيش ڪرڻ سان ماڻهو پنهنجي لاءِ جاءِ ٺاهي ٿو،
هائو، انهيءَ سان وڏن ماڻهن وٽ رسائي آسان ٿيو پوي.

17 عدالت ۾ جيڪو پهريائين پنهنجو بيان پيش ٿو ڪري،
سو تيستائين سچو معلوم ٿئي ٿو،
جيستائين سندس مخالف
هن جي بيان کي ڪوڙو ثابت نہ ڪري.

18 ڪٽو وجهڻ سان جهڳڙن کي ٽاري سگهجي ٿو،
۽ طاقتورن جي وچ ۾ انهيءَ جي وسيلي فيصلو ٿئي ٿو.

19 پنهنجي ڪنهن ناراض ساٿيءَ کي پرچائڻ،
ايترو ئي مشڪل آهي،
جيترو ڪنهن مضبوط قلعي جي ديوار پٺيان اندر داخل ٿيڻ.
هائو، جيڪڏهن اوهين ساڻس جهيڙيندا،
تہ هو بہ اوهان لاءِ پنهنجو در بند ڪري ڇڏيندو.

20 ماڻهوءَ جون ڪيل ڳالهيون ئي
سندس اطمينان جو سبب بڻجن ٿيون،
ڇالاءِجو هو جيڪي ڪجهہ چوي ٿو،
تنهن جو اثر سندس ئي زندگيءَ تي پوي ٿو.

21 حياتي ۽ موت انسان جي زبان جي وس ۾ آهن،
سو انسان جيڪي ڪجهہ ڳالهائي ٿو،
تنهن جا نتيجا ڪيس ئي ڀوڳڻا پون ٿا.

22 نيڪ زال ڪنهن ڀاڳ واري کي ملي ٿي،
۽ انهيءَ ۾ خداوند جي رضامندي آهي.

23 غريب عاجزيءَ سان ٿو ڳالهائي،
مگر دولتمند کهرو جواب ڏئي ٿو.

24 گهڻا دوست اهڙا هوندا آهن،
جيڪي بربادي‌ءَ جو سبب ٿا بڻجن،
پر ڪو اهڙو دوست بہ هوندو آهي،
جيڪو ڀائرن کان بہ وڌيڪ ويجهو ٿئي ٿو.

19 1 ڀلي غربت هجي، پر ايمانداري هجي،
اها انهيءَ ناداني‌ءَ کان بهتر آهي جنهن ۾ ڪوڙ آهي.

2 سوچ ويچار کان سواءِ جوش وَ جذبي جو ڪو فائدو ڪونهي،
جيڪو هلڻ ۾ جلدبازي ٿو ڪري سو ٿاٻڙجي ڪري ٿو.

3 ماڻهوءَ جي پنهنجي بي‌وقوفي ئي ڪيس گمراهہ ڪريو ڇڏي،
مگر هو وري الزام خداوند تي ٿو مڙهي.

4 دولتمنديءَ ۾ دوست وڌندا ٿا رهن،
مگر غريبيءَ ۾ دوست گهٽبا ٿا رهن.

5 ڪوڙي شاهد کي ضرور سزا ملندي.
هائو، اهو هرگز بچي نہ سگهندو.

6 امير ماڻهوءَ جي گهڻا ئي خوشامند ڪندا آهن،
۽ بخشش ڏيڻ واري جو هر ڪو دوست بڻجيو وڃي.

7 جڏهن غريب ماڻهوءَ کان سندس ڀائر ئي نفرت ٿا ڪن،
تڏهن سندس دوست ڪائنس ڪيڏو نہ پري ڀڄندا،
توڙي جو هو مدد لاءِ سندن پٺيان ڊوڙندو وتي.

8 جيڪو ڏاهپ ٿو حاصل ڪري،
سو پنهنجو پاڻ کي پيار ٿو ڪري.
هائو، جيڪو سمجهہ سان هلندو رهي ٿو،
تنهن کي چڱائي حاصل ٿئي ٿي.

9 ڪوڙو شاهد سزا کان بچي نہ سگهندو.
هائو، اهو تباهہ وَ برباد ٿي ويندو.

10 جيڪڏهن بي‌وقوف کي سکي زندگي گذارڻ نہ ٿي سونهين،
تہ ڇا ڪنهن غلام کي
بادشاهہ جي جاءِ تي حڪمراني ڪرڻ سونهين ٿي؟

11 غصي کي قابوءَ ۾ رکڻ عقلمندي آهي،
۽ خطا کي درگذر ڪرڻ ۾ مان مرتبو آهي.

12 بادشاهہ جو غصو شينهن جي گجگوڙ وانگر آهي،
پر هن جي مهرباني بيابان ۾ مينهن وسڻ جهڙي آهي.

13 بي‌وقوف اولاد والدين لاءِ مصيبت آهي،
۽ جهيڙاڪ زال سياري جي برسات جي جهڪ مثل آهي.

14 مال ملڪيت تہ ابن ڏاڏن کان ميراث ۾ ٿي ملي،
پر سياڻي زال خداوند جي طرفان ئي تحفو آهي.

15 سُست ماڻهو ڄڻ تہ ننڊ ۾ ٿو رهي،
جنهن ڪري اهو بکون ٿو ڪاٽي.

16 جيڪو خداوند جي حڪمن تي عمل ٿو ڪري،
سو وڏي ڄمار ماڻيندو،
مگر جيڪو سندس نافرماني ڪندو سو ضرور مرندو.

17 جيڪو ڪنهن مسڪين تي رحم ٿو ڪري،
سو ڄڻ تہ خداوند کي قرض ٿو ڏئي.
هائو، خداوند چڱا ڪم ڪندڙ کي اجورو ڏئي ٿو.

18 پنهنجي ٻارن کي ننڍپڻ کان ئي سيکت ڏيو،
انهيءَ کان اڳ جو وقت گذري وڃي.
جيڪڏهن اوهين هنن کي نہ سڌاريندا تہ
سندن بربادي ۾ اوهان جو هٿ آهي.

19 غصيلو ماڻهو هميشہ مشڪلاتن ۾ ٿو رهي،
پلي تہ جيڪڏهن ڪو ڪنهن مشڪل مان ڪيس ڇڏائي،
تہ بہ اهو وري وري ائين ئي ڪندو رهي ٿو.

20 صلاح مصلحت ۽ نصيحت تي ڌيان ڏيڻ سان،
ماڻهو ڏاهو بڻجي وڃي ٿو.

21 ماڻهو تہ پنهنجيءَ دل ۾ گهڻا ئي منصوبا ٿو جوڙي،
مگر ٿئي اهو ٿو جيڪو خداوند چاهي ٿو.

22 وفاداري هڪ سٺي ۽ پسنديده خوبي آهي.

ڪوڙي شاهديءَ جي ڪمائيءَ کان غربت بهتر آهي.

23 خدا جو خوف حياتيءَ جا ڏينهن وڌائي ٿو.
بلڪ خداترس ماڻهو هميشہ آرام سان سمهن ٿا،
۽ هر برائيءَ کان محفوظ رهن ٿا.

24 ڪي ماڻهو ايترا تہ سُست ٿا ٿين جو
پنهنجو ڪاڌو رڪابيءَ مان کڻي
وات تائين آڻڻ کان بہ ڪيٻائين ٿا.

25 ٺٺولي ڪندڙ کي ڏڪ هڻڻ سان
اڻڄاڻ ماڻهو هوشيار ٿي وڃي ٿو،
پر سمجهہ وارو تنبيهہ ڪرڻ سان ئي ڄاڻ حاصل ڪري ٿو.

26 جيڪو اولاد پنهنجي والدين سان خراب هلت هلي
کين گهر مان ڪڍي ٿو ڇڏي،
سو نفرت جوڳو ۽ خوار خراب اولاد آهي.

27 اي منهنجا ٻارؤ! جيڪڏهن اوهان نصيحت ونڻ ڇڏي ڏني،
تہ جيڪا اوهان اڳ ۾ حاصل ڪئي آهي،
تنهن کان بہ گمراهہ ٿي ويندا.

28 بي‌ايمان شاهد انصاف کي خسيس ٿا سمجهن،
۽ بدڪار ماڻهو برائيءَ کي پسند ٿا ڪن.

29 ڏاهپ تي ٺٺوليون ڪندڙن لاءِ سزا تيار آهي،
۽ بي‌وقوفن جي پٺيءَ لاءِ چهبڪ.

20

1 شراب يا مئي جي زيادتي طعنن جو سبب بڻجي ٿي.
بيشڪ اهڙو نشو انسان کي جهڳڙالو ٿو بڻائي،
۽ نشي ۾ ڦاسندڙ ڏاهو ناهي.

2 جيئن گجندڙ شينهن خطرناڪ آهي،
تيئن بادشاهہ جي ڪاوڙ ۾ بہ جان جو خطرو آهي.

3 جيڪي جهيڙي کان پري ٿا رهن،
سي ئي شريف ماڻهو سمجهيا ٿا وڃن.
رڳو بي‌وقوف ماڻهو ئي جهڳڙو ڪرڻ جا عادي آهن.

4 سُست هاري جيڪو مند تي ٻنيءَ ۾ هر نہ ٿو ڪاهي،
سو فصل لهڻ وقت ڪجهہ بہ حاصل نہ ٿو ڪري سگهي.

5 ڪن ماڻهن جا خيال اونهي کوهہ وانگر هوندا آهن،
مگر سمجهہ وارا انهن کي ڳولهي ڪڍندا آهن.

6 هر ڪو ماڻهو پاڻ کي سچار ۽ ايماندار پيو چوائي،
پر جيڪي سچ پچ ايماندار آهن،
تن کي ڳولهڻ ڏکيو ڪم آهي.

7 جن جا والدين سچار ۽ سڌي رستي تي ٿا هلن،
سي ڪيڏا نہ خوش‌نصيب آهن!

8 بادشاهہ جيڪو عدالت ۾ انصاف ٿو ڪري،
سو هر بڇڙائيءَ کي پرکي ونئي ٿو.

9 اهو ڪير آهي جيڪو پنهنجو پاڻ چئي ته
”مون پنهنجيءَ دل کي پاڪ صاف رکي
پاڻ کي گناهن کان آجو ڪيو آهي.“

10 ماپ ۽ تور ۾ بي‌ايماني ڪرڻ کان خداوند کي نفرت آهي.

11 انسان جي ڪمن مان ڄاڻي سگهجي ٿو ته
سندس ڪم چڱا ۽ نيڪ آهن يا نه،
توڙي جو ڪٿي اهو ٻار ڇو نه هجي.

12 ٻڌڻ لاءِ ڪن ۽ ڏسڻ لاءِ اکيون،
اهي ٻئي خداوند جي طرفان نعمتون آهن.

13 جيڪو سدائين ننڊون ٿو ڪري سو محتاج بڻجيو وڃي،
مگر جيڪو سجاڳ رهي محنت ٿو ڪري،
تنهن وٽ ڪا ڪوتي ڪانهي.

14 خريداريءَ وقت هر ڪو
مهانگائيءَ جون دانهون ٿو ڪري،
مگر ٻاهر نڪري پٽاڪ هڻي ٿو ته
اها شيءِ سستي ملي آهي.

15 بيشڪ سون ۽ هيرا جواهر قيمتي آهن،
مگر ڏاهپ واريون ڳالهيون انهن کان به وڌيڪ قيمتي آهن.

16 جيڪو ڪنهن اڻواقف ماڻهوءَ جو ضامن ٿو پوي،
سو انهيءَ لائق آهي ته سندس ڪپڙا لاهي رکيا وڃن،
بلڪ سندس مال ملڪيت به گروي رکيو وڃي.

17 ٺڳيءَ سان حاصل ڪيل کاڌو انسان کي مزيدار ته لڳي ٿو،
مگر بعد ۾ انهيءَ جو وات ڄڻ ته واريءَ سان پريل آهي.

18 ڪنهن به ڪم جي ڪاميابيءَ جو دارومدار
بهتر صلاح مشوري تي آهي،
خاص طور جنگ ۾ ائين ڪرڻ ضروري آهي.

19 چغلخور ماڻهو راز کي راز ۾ رهڻ نه ٿو ڏئي،
تنهنڪري اهڙي بڪواسي ماڻهوءَ کان پاسو ڪرڻ گهرجي.

20 جيڪو پنهنجي والدين سان گهٽ وڌ ڳالهائي ٿو،
تنهن جي زندگي ائين ختم ٿي ويندي،
جيئن آڌيءَ رات جي اونداهيءَ ۾ ڏيئو اجهامي وڃي.

21 جيڪو ورثو تڪڙ ۾ حاصل ڪيو وڃي ٿو،
تنهن ۾ برڪت نه ٿي ٿئي.

22 بڇڙائيءَ جو بدلو وٺڻ بابت نه سوچ،
بلڪ خداوند تي ڀروسو رک،
هو پاڻ اوهان جو انصاف ڪندو.

23 ماپ ۽ تور ۾ بي‌ايماني ڪرڻ کان خداوند کي نفرت آهي،
هائو، ڪوڙي تارازي رکڻ بڇڙائي آهي.

24 انسان جو هر قدم خداوند جي اختيار ۾ آهي،
تڏهن هن کي اها خبر نه آهي ته اڳتي هلي ڇا ٿيندو.

25 جلدبازيءَ وچان ڪنهن شيءِ کي خداوند لاءِ مخصوص ڪرڻ،
۽ بنا سوچڻ سمجهڻ جي باس باسڻ سان انسان ڦاسي ٿو پوي.

26 عقلمند بادشاهه بدڪارن کي ڳولهيو ڪڍي،
۽ ڪين سختيءَ سان ڇيهاٽيو ڇڏي.

27 انسان جو ضمير خداوند لاءِ آئينو آهي،
جنهن جي وسيلي اندر جو سمورو احوال معلوم ٿو ٿئي.

28 خدا جي رحم ۽ وفا جي ڪري
بادشاهن جي بادشاهت قائم ٿي رهي،
بشرطيڪ انهن کي به پاڻ رحمدل هجڻ گهرجي.

29 نوجوان پنهنجي جوانيءَ تي ناز ٿا ڪن،
مگر ڏاهپ وارا اڇا وار اڃا به وڌيڪ خوبصورت آهن.

30 ڇهڪ جا زخم بڇڙائي ڪڍيو ڇڏين،
هائو، مار انسان لاءِ سنوار آهي.

21 1 خداوند حڪمرانن کي پنهنجي قابوءَ ۾ ٿو رکي،
هو جيڏانهن چاهي ٿو،
تيڏانهن پاڻيءَ جي واهين وانگر ڪين وهائي ٿو.

---

28:20 زب 24:89

2 انسان سمجهي ٿو تہ هو جيڪي ڪجهہ ڪري ٿو،
سو صحيح آهي.
مگر ياد رکو، خداوند ارادن کي جانچي ٿو.

3 سچائي ۽ انصاف خداوند جي نظر ۾
قربانين کان وڌيڪ افضل آهن.

4 بدڪار ماڻهو مغرور ۽ هٺيلا ٿا ٿين.
هائو، سندن زندگي گناهن سان ڀريل ٿي ٿئي.

5 رٿابنديءَ سان محنت ڪندڙ
جهجهي پيداوار حاصل ڪري ٿو سگهي،
مگر جلدبازي ڪندڙ آخرڪار محتاج بڻجيو وڃي.

6 ٺڳيءَ وسيلي حاصل ڪيل دولت ٻاڦ مثل آهي،
جيڪا جلد گم ٿيو وڃي.
جيڪي اهڙي دولت جي ڳولها ٿا ڪن،
سي موت جي ڳولها ٿا ڪن.

7 بدڪارن جو ظلم ئي کين برباد ڪري ڇڏيندو،
ڇالاءِجو اهي سڌي رستي تي هلڻ کان انڪار ٿا ڪن.

8 *ڇڳا ڪن ڇڳايون، برايون برن،
جو وڙ جڙي جن سين، سو وڙ سي ئي ڪن.

9 جهڳڙيلو زال سان گڏ گهر ۾ رهڻ کان اهو بهتر آهي،
تہ ماڻهو ڪنهن ڪنڊ پاسي ۾ وڃي گذاري.

10 بدڪار ماڻهو هميشہ بڇڙائي ٿا چاهين،
انهن وٽ رحم آهي ئي ڪونہ.

11 ٺٺولي ڪندڙ کي سزا ملڻ سان
ابوجهہ ماڻهو سمجهہ حاصل ڪري ٿو،
جڏهن تہ سمجهہ وارو
نصيحت ڪرڻ سان ڄاڻ حاصل ڪري ٿو.

12 سچو خدا ڄاڻي ٿو تہ بدڪارن جي گهرن ۾ ڇا ٿي رهيو آهي.
سو هو کين ڪيرائي چٽ ڪري ڇڏيندو.

13 جيڪو غريب جي دانهن تي پنهنجا ڪن بند ڪندو،
سو جڏهن پاڻ دانهون ڪندو تہ ٻڌڻ وارو ڪوبہ نہ هوندو.

14 ڳجهہ ڳوهہ ۾ ڏنل تحفو ڪاوڙ ڍري ڪري ڇڏي ٿو.
هائو، ڪڇ ۾ لڪائي ڏنل رشوت
سخت غصي کي بہ ٿڌو ڪريو ڇڏي.

15 جڏهن انصاف ٿئي ٿو تہ نيڪ ماڻهو خوش ٿا ٿين،
مگر بڇڙن ماڻهن کي ڏڪڻي وٺيو وڃي.

16 جيڪو انسان ڏاهپ واري رستي کان ڀٽڪي ٿو وڃي،
سو موت جي منهن ۾ وڃيو پوي.

17 عياش ماڻهو ڪنگال ٿي ويندو،
هائو، جيڪو عيش عشرت جو ڪوڏيو آهي،
سو ڪڏهن بہ خوشحالي نہ ڏسندو.

18 سزا جي وقت نيڪ ماڻهو بچايا ويندا،
مگر انهن جي بدلي بدڪارن کي سزا ڏني ويندي.

19 جهڳڙيلو ۽ ڇيڙاڪ زال سان گڏ رهڻ کان
رڻپٽ ۾ وڃي رهڻ بهتر آهي.

20 عقلمند ماڻهن جي گهرن ۾ دولت وڌندي رهي ٿي،
مگر بيوقوف ماڻهو جلدي کپايو ڇڏين.

21 سچار ۽ رحمدل ماڻهو
نيڪي، عزت ۽ ڊگهي ڄمار ماڻيندا آهن.

22 هڪڙو عقلمند ماڻهو
فوج سان ڀريل شهر کي شڪست ڏيئي ٿو سگهي.
هائو، هو سندن مضبوط قلعي کي
ڪيرائي مٽن قبضو ڪري ٿو سگهي.

23 جيڪو پنهنجيءَ زبان تي ضابطو رکي ٿو،
سو گهڻين ئي تڪليفن کان بچيو وڃي.

---

*ڇڳا ڪن ڇڳايون...: هن سنڌي چوڻي جو مطلب آيت جي اصلي عبراني مطلب سان ملندڙ جلندڙ آهي.

3:21 عا 5:22–24

24 هٺيلو ۽ مغرور ماڻهو جيڪو مغروريءَ سان ٿو هلي،
تنهن کي هر ڪو ڏاهپ جو ويري ٿو سمجهي.

25 سُست ماڻهوءَ جي خواهش هوندي آهي،
تہ هو محنت نہ ڪري ۽ اهڙي خواهش کيس ماريو ڇڏي.
26 هو سارو ڏينهن وڌيڪ شين لاءِ سڪندو رهي ٿو،
مگر سچار ماڻهو سخاوت سان ڏيندو رهي ٿو،
۽ ڪنجوسي نہ ٿو ڪري.

27 خداوند بدڪارن جي قربانين کان نفرت ٿو ڪري،
خاص طور جڏهن اهي بدنيتيءَ سان پيش ڪيون وڃن.

28 ڪوڙي شاهد کي جلدي ماٺ ڪرايو ويندو،
مگر سچو شاهد جيڪو سوچ ويچار سان ڳالهائي ٿو،
تنهن جو هر هڪ لفظ قبول ڪيو ويندو.

29 بدڪار ماڻهو پنهنجي رستي تي بضد ٿو رهي،
مگر سچار ماڻهو سوچي سمجهي قدم کڻي ٿو.

30 جيڪڏهن خداوند ڪنهن جي خلاف آهي تہ
ڪابہ ڏاهپ، سوچ سمجهہ يا صلاح مصلحت ڪم نہ ٿي اچي.

31 لشڪرن کي گهوڙن جي گهڻائيءَ سان ڪاميابي نہ ٿي ملي،
مگر فتح انهيءَ کي ملندي جنهن کي خداوند چاهي.

22 1 نيڪنامي بي‌انتها خزاني کان،
هائو، عزت سون چانديءَ کان وڌيڪ بهتر آهي.

2 شاهوڪار توڙي غريب ٻيئي هڪجهڙا انسان آهن،
انهن ٻنهي جو خالق خداوند آهي.

3 سياڻو ماڻهو مصيبت کي ايندو ڏسي پاسو ڪريو وڃي،
مگر بي‌سمجهہ ماڻهو سڌو اوڏانهن وڌيو وڃي،
۽ پوءِ مصيبت ۾ ڦاسيو پوي.

4 نهٺائيءَ ۽ خداوند جي فرمانبرداريءَ جو اجر
دولت، عزت ۽ ڊگهي ڄمار آهي.

5 بچڙي ماڻهوءَ جي راهہ ۾ ڪنڊا ۽ ڦندا ٿا ٿين،
مگر جنهن کي پنهنجي زندگيءَ سان پيار آهي،
سو انهن رستن کان پري ٿو رهي.

6 ننڍپڻ کان ئي سڌي رستي تي هلڻ سيکاريو وڃي،
تہ اهي پوڙهائپ ۾ بہ انهيءَ رستي کان نہ ڦرندا.

7 شاهوڪار ماڻهو غريب تي حڪمراني ٿو ڪري،
ساڳيءَ طرح قرض وٺڻ وارو قرض ڏيڻ واري جو غلام ٿو ٿئي.

8 جيڪو ظلم ٿو پوکي سو مصيبت لڻندو،
۽ سندس قهر واري لٺ ٽوڙي ويندي.

9 جيڪو سخي آهي ۽ پنهنجي کاڌي مان غريبن کي ڏئي ٿو،
تنهن کي خداوند برڪت عطا ٿو ڪري.

10 ٻين تي ٺٺولي ڪندڙ کي ڀڄائي ڪڍو تہ جهيڙو ٽري ويندو،
هائو، جهيڙو، فساد ۽ بدنامي بند ٿي ويندي.

11 جنهن جي دل پاڪ صاف آهي ۽ نهٺائيءَ سان ڳالهائي ٿو،
سو بادشاهہ کي پسند آهي.

12 خداوند هر سچ جي حفاظت ٿو ڪري،
مگر هو ڪوڙ ۽ دغابازيءَ کي رد ڪريو ڇڏي.

13 سُست ماڻهو ڪم کان نٽائيندي چون ٿا تہ
”ٻاهر گهٽين ۾ تہ شينهن وينو آهي،
جيڪو مون کي ڪائي چٽ ڪري ڇڏيندو.“

14 بدڪار عورت جون ڳالهيون اونهيءَ کڏ مثل آهن،
جنهن تي خداوند جو ڏمر آهي سو ئي انهيءَ ۾ وڃي ڪري ٿو.

15 هر ٻار شروع ۾ ناسمجهہ هوندو آهي،
مگر سيکت ئي ٻار کي سمجهدار بڻايو ڇڏي.

16 جيڪو پنهنجي لالچ جي ڪري دولتمند کي تحفا ٿو ڏئي،
يا وري پنهنجي فائدي واسطي غريب تي ظلم ٿو ڪري،
سو ضرور ڪنگال ٿو ٿئي.

## ڏاهن جا ٽيهہ قول

(22:17–24:22)

17 پنهنجو ڪن ڏيئي ڏاهن ماڻهن جا قول ٻڌو. هائو، منهنجي
نصيحت کي پنهنجي دل ۾ هنڌايو 18 ڇالاءِجو انهيءَ ۾ اوهان جو
فائدو آهي. اوهين اهي قول چڱيءَ طرح ياد رکو تہ جيئن ڪنهن کي
هڪدم ٻڌائي سگهو. 19 اهي اڄ آءٌ اوهان کي ٻڌايان ٿو، انهيءَ لاءِ

تہ اوهين خداوند تي توڪل رکو. 20 ڏسو، مون اوهان لاءِ نصيحت
۽ ڄاڻ وارا ٽيهہ قول لکيا آهن، 21 انهيءَ لاءِ تہ اوهان کي سچائيءَ
وارين ڳالهين جي حقيقت معلوم ٿئي تہ جيئن جن اوهان کي موڪليو
آهي تن کي وڃي چڱيءَ طرح جواب ڏئي سگهو.

(پهريون قول)

22 ڪنهن غريب جي مجبوري ڏسي کيس نہ ڦريو،
نڪي ڪنهن مسڪين سان عدالت ۾
ناانصافي ڪري ساڻس ظلم ڪريو.
23 ياد رکو، خداوند سندس طرفداري ڪندو،
۽ جيڪي هن کي ڦُرين ٿا تن جون حياتيون ڦُري وٺندو.

(ٻيو قول)

24 جيڪي غصيلا آهن تن سان دوستي نہ رکو،
بلڪ انهن سان گڏ بہ نہ گهمو.
25 انهيءَ لاءِ تہ متان اوهين بہ انهن جهڙا ٿي پئو،
۽ پنهنجيءَ جان کي ڦندي ۾ ڦاسايو.

(ٽيون قول)

26 ٻين جي قرضن جا ضامن نہ پئو.
27 پوءِ جيڪڏهن قرض چڪائڻ لاءِ اوهان وٽ ڪجهہ نہ هوندو،
تہ اوهان جي سمهڻ وارو بسترو بہ اوهان کان کسجي ويندو.

(چوٿون قول)

28 اوهان جي موروثي زمينن جي حدن جي نشانن کي
هيڏي هوڏي نہ سوريو،
جيڪي نشان اوهان جي ابن ڏاڏن جا مقرر ڪيل آهن.

(پنجون قول)

29 مها ڪاريگر عام ڪاريگرن کان وڌيڪ آهي،
سو ڪانئس بادشاهن جي لاءِ ڪم ڪرايو وڃي ٿو.
هائو، عام ماڻهن جو ڪم ڪانئس نہ ٿو ڪرايو وڃي.

(ڇهون قول)

23 1 جڏهن اوهان کي ڪنهن حاڪم سان گڏجي ويهي
ماني کائڻ جو موقعو ملي،
تڏهن اوهين سندس آڏو بهترين نمونو اختيار ڪريو.
2 جيڪڏهن اوهين گهڻو کاڌو کائيندڙ هجو،
تڏهن بہ پنهنجو پاڻ کي قابوءَ ۾ رکو.
3 اوهين سندس دسترخوان تي
پيش ڪيل لذيذ طعامن جا لالچي نہ بڻجو،
متان هو اوهان کي آزمائڻ جي ڪوشش ڪندو هجي.

(ستون قول)

4 دولتمند بڻجڻ لاءِ پاڻ کي پريشان نہ ڪريو،
اهڙيءَ سوچ کان پنهنجو پاڻ کي باز رکو.
5 ڇالاءِجو دولت هڪڙي اهڙي شيءِ آهي،
جيڪا ڏسندي ڏسندي ائين اڏاميو وڃي،
جيئن ڪو پکي اڏامي هليو ٿو وڃي.

(اٺون قول)

6 اوهين ڪنهن ڪنجوس ماڻهوءَ جي ماني نہ کائو،
هائو، سندس لذيذ طعامن جي خواهش نہ ڪريو.
7 ڇالاءِجو اهڙي قسم جا ماڻهو
اها ڳالهہ ڌيان ۾ رکندا آهن تہ ڪيترو گهڻو کاڌو ويو.
هو زبان سان تہ چوندا آهن تہ
”کائو، جيترو وڻيوَ کائو پيئو.“
پر هو ائين چاهيندا نہ آهن.
8 پوءِ جڏهن هن جي سوچ جي اوهان کي خبر پوندي،
تڏهن اوهان جيڪو کاڌو کاڌو هوندو سو الٽي ڪري ڪيندا،
۽ اوهان جون مهربانيءَ وارين ڪيل ڳالهيون
ضايع ٿي وينديون.

(نائون قول)

9 بيوقوفن آڏو ڏاهپ واريون ڳالهيون نہ ڪريو،
ڇالاءِجو هو انهن جو ڪو قدر نہ ڪندا.

(ڏهون قول)

10 موروثي زمينن جي حدن جي نشانن کي
هيڏي هوڏي نہ سوريو،
نڪي يتيمن جي ٻنيءَ سان هٿ چراند ڪريو.
11 ڇالاءِجو قادرِمطلق خداوند ئي سندن محافظ آهي،
۽ هو پاڻ اوهان جي خلاف انهن جي طرفداري ڪندو.

(يارهون قول)

12 نصيحت ڪرڻ واري جي ڳالهين تي ڌيان ڏيو،
۽ سکڻ جي پوري پوري ڪوشش ڪريو.

28:22 شر 14:19

(ٻارهون قول)

13 ٻارن جي تربيت ۾ ڪا ڪوتاهي نہ ڪريو،
ڇالاءِجو جيڪڏهن اوهين کين مار ڏيندا تہ
اهي ڪو مري ڪين ويندا.
14 بلڪ اوهان جي مار ڏيڻ سان
اوهان جي ٻارن جون حياتيون بچي وينديون.

(تيرهون قول)

15 اي منهنجا ٻارؤ! جيڪڏهن اوهين عقلمند ٿيندا،
تہ مون کي ڏاڍي خوشي ٿيندي.
16 هائو، تڏهن آءٌ بيحد خوش ٿيندس،
جڏهن اوهان جي زبان تي حق سچ جون ڳالهيون هونديون.

(چوڏهون قول)

17 گنهگارن کي ڏسي مٿن ريس نہ ڪريو،
بلڪ هميشہ خداوند کان ڊڄندا رهو.
18 يقين ڄاڻو تہ اوهان کي انهيءَ جو اجر ضرور ملندو،
۽ اوهين نااميد نہ ٿيندا.

(پندرهون قول)

19 اي منهنجا ٻارؤ! منهنجي ڳالهہ ٻڌو،
اوهين ڏاها ٿيو ۽ سوچي سمجهي سڌي راهہ اختيار ڪريو.
20 اوهين شراب خورن مان نہ ٿيو،
نڪي پيٽ جي پوڄارين مان.
21 ڇالاءِجو شراب خور ۽ پيٽوڙي آخرڪار ڪنگال ٿي ويندا آهن،
۽ سندن مدهوشيءَ جي ڪري کين ڦاٽل ڪپڙا پهريل هوندا آهن.

(سورهون قول)

22 جن والدين مان اوهين ڄاوا آهيو،
تن جي ڳالهہ ڌيان ڏيئي ٻڌو ۽ کين سندن ٻڍاپي ۾ نہ ڌڪاريو.
23 سچائي، ڏاهپ، سکيا ۽ سمجهہ
ملهہ ڏيئي بہ خريد ڪرڻ گهرجي،
انهن کي اوهين پاڻ کان هرگز جدا نہ ڪريو.
24 سچار ماڻهوءَ جي والدين کي حقيقي خوشي حاصل ٿئي ٿي،
بلڪ اهي پنهنجي سمجهہ وارن ٻارن تي فخر ٿا ڪن.
25 سو پنهنجي والدين کي هميشہ خوش رکو،
خاص طور پنهنجي ماءُ کي جنهن اوهان کي ڄڻيو آهي.

(سترهون قول)

26 اي منهنجا ٻارؤ! مون ڏانهن پورو پورو ڌيان ڏيو،
۽ دل وَ جان سان منهنجي نقش‌قدم تي هلو.
27 ياد رکو، بدڪار عورت هڪڙي اونهي کڏ مثل آهي.
هائو، ڪسٻياڻي هڪ سوڙهي کوهيءَ مثل آهي.
28 اهڙيون عورتون ڦورن جي ٽولي وانگر
حملي ڪرڻ لاءِ چپ ماري ٿيون ويهن،
۽ شادي شده مردن ۾ بي‌وفائيءَ جو تعداد وڌائين ٿيون.

(ارڙهون قول)

29 ڪير هميشہ مشڪلاتن ۾ آهي؟
ڪير ڏک ۾ ٿو گذاري؟
ڪير جهيڙا جهڳڙا ٿو ڪري؟
ڪير شڪايتون ٿو ڪري؟
ڪنهن کي اجايا زخم رسيا آهن؟
ڪنهن جون اکيون رت جهڙيون لال آهن؟
30 اُهي ئي جيڪي گهڻو وقت شراب پيئندي ٿا گذارين.
هائو، اُهي ئي جيڪي مختلف شرابن جي ڳولها ۾ ٿا رهن.
31 جڏهن مئي ڳاڙهي لال هجي،
۽ جڏهن پيالي ۾ انهيءَ جو رنگ چمڪڻ لڳي،
تڏهن انهيءَ کي ڏسي هرگز نہ هرکو،
ڇالاءِجو اهو مزي سان نڙيءَ مان تہ لهي ٿو وڃي،
32 پر پوءِ اهو نانگ وانگر ڏنگي ٿو رکي.
هائو، ڪاريهر نانگ جي زهر وانگر
سڄي جسم ۾ پکڙجي وڃي ٿو.
33 تڏهن ماڻهو عجيب وَ غريب شيون ڏسڻ لڳي ٿو،
۽ سندس وات مان ابتيون سبتيون ڳالهيون ٿيون نڪرن.
34 تڏهن اهو پاڻ کي ائين لڏندو لمندو محسوس ٿو ڪري،
جيئن ڄڻ ڪو طوفان ۾ وڪوڙيل ٻيڙيءَ ۾ ليٽيل هجي.
35 هن کي جيڪڏهن ڪي رهڙا بہ اچن ٿا،
پر ڪيس اهو معلوم ئي نہ ٿو ٿئي تہ
ساڻس ڇا وهيو واپريو آهي.
تڏهن هو ليٽيندي ئي پاڻ کان پڇي ٿو تہ
”ڇا مون کي ڪنهن مار ڏني آهي؟ پر مون کي خبر نہ آهي.
ڪاش آءٌ جاڳي پوان تہ جيئن ڪجهہ وڌيڪ شراب پيئان.“

(اوڻيهون قول)

24 1 اوهين بدڪار ماڻهن تي ريس نہ ڪريو،
نڪي انهن سان گڏ گذارڻ جي خواهش ڪريو.
2 ڇالاءِجو سندن دلين ۾ ظلم وَ زبردستي ڪرڻ جا خيال پيا ڦرن،
۽ سندن زبانن تي جهيڙي فساد ڦهلائڻ جون ڳالهيون ٿيون رهن.

(ويھون قول)

3 ڏاهپ جي وسيلي گهر جوڙي سگهجي ٿو،
۽ سمجهہ جي وسيلي اهو قائم رهي ٿو سگهي.
4 ڄاڻ جي وسيلي ئي هر طرح جي قيمتي ۽ خوبصورت شين سان
گهر جون ڪوٺيون ڀري ٿيون سگهجن.

(ايڪيھون قول)

5 ڏاهو ماڻهو ئي ڪامياب ٿئي ٿو،
بلڪ ڄاڻ وارو ماڻهو ڏاهپ جي ڪري وڌندو رهي ٿو.
6 جنگيون بہ ڏاهپ سان ڪٽي سگهجن ٿيون.
هائو، صلاح مصلحت سان ئي فتح حاصل ٿئي ٿي.

(ٻاويھون قول)

7 ڏاهپ واريون ڳالهيون
بي‌وقوفن جي سمجهہ کان گهڻو مٿي آهن.
اهم معاملن بابت صلاح مشوري وقت
هو ڪا سٺي صلاح نہ ٿا ڏيئي سگهن.

(ٽيويھون قول)

8 جيڪو هميشہ بڇڙائيءَ واريون رٿون پيو رٿي،
تنهن کي فسادي ماڻهو سڏيو ٿو وڃي.
9 بي‌عقل ماڻهوءَ جي رٿن ۾ بہ گناهہ شامل رهي ٿو.
ماڻهو اهڙي شخص کان نفرت ٿا ڪن،
جيڪو ٻين تي ٺٺوليون ڪندو ٿو رهي.

(چوويھون قول)

10 اهو ماڻهو ڪمزور ليکيو وڃي ٿو،
جيڪو مصيبت جي وقت ڪمزور ٿيو پوي.

(پنجويھون قول)

11 جن کي ناحق موت جي سزا لاءِ نيو ٿو وڃي تن کي ڇڏايو.
هائو، جيڪي ناحق ڦاسيءَ چاڙهڻ لاءِ گهليا ٿا وڃن،
تن کي بچايو.
12 ائين نہ چئو تہ ”منهنجو انهيءَ سان ڪو واسطو نہ آهي،“
ڇالاءِجو خداوند اوهان جي ذهن کي پرکي ٿو.
هو اسان مان هر هڪ تي نظر رکي ٿو،
۽ اسان جي خيالن کان چڱيءَ طرح واقف آهي.
خدا هر ڪنهن کي سندس عملن مطابق ئي بدلو ڏيندو.

(ڇويھون قول)

13-14 اي منهنجا ٻارؤ! ڏاهپ ماکيءَ مثل مٺي آهي،
جيئن ماکي کائڻ ۾ مزيدار آهي،
۽ ماناري مان ٽمندڙ ماکي ڪيڏي نہ مٺي ٿي لڳي،
تيئن يقين ڄاڻو تہ ڏاهپ بہ اوهان جي حياتيءَ لاءِ
ماکيءَ مثل مٺي آهي.
جيڪڏهن اها اوهان کي حاصل ٿي وئي،
تہ اوهان جو مستقبل روشن ٿي ويندو.

(ستاويھون قول)

15 انهن بدڪار ماڻهن وانگر نہ ٿيو،
جيڪي ڪنهن ايماندار ماڻهوءَ کي
لٽڻ ڦرڻ جا منصوبا ٿا جوڙين،
۽ انهيءَ جي ڪٽنب وارن کي نقصان ٿا پهچائين.
16 توڙي جو ايماندار ماڻهو بار بار ڪِري پوي،
تہ بہ هو وري اٿي کڙو ٿيندو.
مگر جڏهن بدڪار ماڻهن تي آفت اچيو ڪڙڪي،
تڏهن اهي منهن ڀر وڃيو ڪرن.

(اٺاويھون قول)

17 جڏهن اوهان جا دشمن مصيبت ۾ پون،
تڏهن اوهين خوشيون نہ ڪريو.
هائو، جڏهن اهي ٺوڪر کائي ڪري پون،
تڏهن اوهين خوشيون نہ ملهايو،
18 متان خداوند اهو ڏسي ناراض ٿي پوي،
۽ اوهان جي دشمنن کي سزا نہ ڏئي.

(اوڻٽيھون قول)

19 بدڪار ماڻهن جي ڪري اوهين خفي نہ ٿيو،
نڪي انهن تي ريس ڪريو.
20 ڇالاءِجو بدڪارن لاءِ آخرت ۾ ڪوبہ اجر ڪونهي،
هائو، سندن اميدن جو ڏيئو اجهايو ويندو.

(ٽيھون قول)

21 اي منهنجا ٻارؤ!
خداوند جو خوف ۽ پنهنجي بادشاهہ جي تعظيم ڪندا رهو،
۽ نافرمان ماڻهن سان ڪوبہ واسطو نہ رکو،
22 ڇالاءِجو خداوند يا بادشاهہ
انهن مٿان اوچتو ئي مصيبت آڻيندو.

هائو، ڪنهن کي ڪا خبر ئي نه آهي ته
مٿن ڪيڏي نه مصيبت اچي ڪڙڪندي.

## ڏاهن جا ٻيا قول

23 ڏاهن جا وڌيڪ قول هي به آهن.
انصاف ڪرڻ وقت
ڪنهن جي به طرفداري ڪرڻ نه گهرجي.
24 جيڪڏهن ڪو ڏوهاريءَ کي بي‌ڏوهي ٿو ٺهرائي،
ته سڀيئي ماڻهو انهيءَ کان نفرت ڪندا ۽ مٿس ملامت ڪندا.
25 مگر جيڪو ڏوهاريءَ کي سزا ٿو ڏئي،
تنهن کي چڱائي حاصل ٿيندي،
۽ مٿس برڪتون نازل ٿينديون.

26 حق سچ چوڻ وارو ئي
سچو دوست ثابت ٿئي ٿو.

27 پهريائين ٻنيءَ ۾ هر ڪاهي ٻج پوکيو،
پوءِ پنهنجو گهر ٺاهيو.

28 اوهين ڪنهن جي به خلاف بنا ڄاڻ جي شاهدي نه ڏيو.
هائو، عدالت کي دوکو ڏيڻ لاءِ ڪوڙ نه ڳالهايو.
29 اهڙي موقعي تي پنهنجي دل ۾ ائين نه چئو ته
”جيئن ته هن اڳي منهنجو ڏوهه ڪيو هو،
تيئن آءٌ به ڪوڙي شاهدي ڏيئي کيس نقصان رسائيندس.
هائو، آءٌ سندس ڪئي موجب بدلو ڏيندومانس.“

30 هڪ دفعي آءٌ ڪنهن سُست ۽ بي‌وقوف ماڻهوءَ
جي ٻنيءَ وٽان لنگهيس جتي انگورن جو باغ پوکيل هو.
31 ڇا ڏسان ته اتي هر طرف ڪانڊيرا ئي ڪانڊيرا آهن،
۽ ڏين ٻنيءَ کي ڍڪي ڇڏيو آهي.
ٻنيءَ جي چوڌاري جيڪا پٿرن جي ڀت هئي،
سا به ڪري پيئي آهي.
32 جڏهن مون اهو سڀ ڏٺو ته وڏي ويچار ۾ پئجي ويس،
۽ انهيءَ ڳالهه مان مون سبق حاصل ڪيو ته
33 جيڪڏهن اوهين چوندا ته
”اجا به ٿوري ننڊ، بلڪ ڀنڪي هڻي وٺون،
۽ ٻانهون سوڙهيون ڪري ٿورو آرام ڪري وٺون،“
34 تڏهن ياد رکو، اوهين ننڊ ۾ ئي هوندا ته
غريبي اوهان تي ڪنهن رهزن وانگر اچي ڪڙڪندي.

هائو، مفلسي اوهان تي ڪنهن هٿياربند ڌاڙيل جيان
اچي حملو ڪندي.

## بادشاهه سليمان جون ٻيون چوڻيون

25 1 هي چوڻيون به سليمان جون آهن، جيڪي يهوداه ملڪ
جي بادشاهه حزقياه جي ڪاتبن نقل ڪيون.

2 خدا جا راز ڳجها آهن
۽ انهيءَ مان ئي سندس عظمت ظاهر آهي،
جڏهن ته بادشاهه جي عظمت انهيءَ ۾ آهي
ته هو رازن بابت کوجنا ڪري.

3 جيئن آسمان جي بلندي ۽ زمين جي اونهائيءَ جو ماپڻ
وس کان ٻاهر آهي،
تيئن بادشاهن جي دل جو حال معلوم ڪرڻ ناممڪن آهي.

4 چانديءَ مان ڪَسُ ڪڍي صاف ڪرڻ سان ئي
سونارو انهيءَ مان ڪا خوبصورت شيءِ ٺاهي ٿو سگهي.
5 ساڳيءَ طرح بڇڙن صلاحڪارن کي ڪڍي ڇڏڻ سان ئي
بادشاهه انصاف سان حڪومت ڪري سگهندو.

6 بادشاهه جي دربار ۾
پاڻ کي اهم شخص طور پيش نه ڪريو،
نڪي ڪنهن وڏي ماڻهوءَ جي جاءِ تي وڃي ويهو.
7 ڇالاءِجو اوهان لاءِ اهو بهتر آهي ته
حاڪم جي روبرو اوهان کي چيو وڃي ته
”اڳيان وڏي اچي ويهو.“
ائين نه ٿئي جو اوهان کي پوئتي هٽايو وڃي.

8 ڪنهن تي تڙ تڪڙ ۾ الزام هڻي دعويٰ داخل ڪرڻ کان اڳ،
پڪ ڪريو ته اوهين حق تي آهيو،
ورنه اوهين پنهنجو مقدمو هارائيندا ۽ پشيمان ٿيندا.

9 جيڪڏهن اوهان جو ڪنهن ٻئي سان ڪو معاملو آهي،
ته اهو پاڻ ۾ ويهي نبيريو،
پر انهيءَ معاملي جو راز ڪنهن ٽئين سان نه سليو.
10 ائين نه ٿئي جو هر ڪو ڄاڻي وٺي ته
اوهين راز جي ڳالهه رکي نه ٿا سگهو،
۽ پوءِ اوهين هميشه خوار خراب ٿيندا رهندا.

11 صحيح وقت تي صحيح ڳالهہ چوڻ ائين آهي،
جيئن سون تي سهاڳو هجي.

12 نصيحت تي ڌيان ڏيڻ واري ماڻهوءَ لاءِ،
ڏاهي ماڻهوءَ جي تنبيهہ
نج سون جي زيورن کان وڌيڪ ملهہ واري آهي.

13 ايماندار قاصد پنهنجي موڪلڻ واري لاءِ ائين آهي،
جيئن لاباري واري گرم موسم ۾ ٿڌو پاڻي،
ڇالاءِجو هو پنهنجي مالڪ جي جان کي تازگي ٿو بخشي.

14 واعدو ڪري ڦري ويندڙ ماڻهو،
اهڙن ڪڪرن ۽ واءُ مثل آهن،
جن مان برسات جي بوند ئي نہ ٿي وسي.

15 جيڪي تحمل ۽ نرم زبانيءَ سان ڳالهائين،
سي هر مخالفت کي ڦيرائي سگهن ٿا،
بلڪ حاڪم کي بہ مطمئن ڪري سگهن ٿا.

16 جيڪڏهن اوهان کي ماکي ملي وڃي تہ
ايتري کائو جيتري اوهان کي ضرورت آهي،
متان حد کان وڌيڪ کائو ۽ پوءِ الٽي ڪري ڪڍو.
17 ساڳيءَ طرح پنهنجي دوست جي گهر ۾
گهڻي اچ وڃ نہ ڪريو،
جو اهو اوهان مان تنگ ٿي وڃي،
۽ اوهان کان نفرت ڪرڻ لڳي.

18 ڪوڙي شاهدي هٿوڙي، تلوار ۽ تکي تير برابر آهي.

19 مصيبت جي وقت
ڪنهن بيوفا ماڻهوءَ تي اعتبار ڪرڻ ائين آهي،
جيئن لڏندڙ ڏند سان چٻاڙڻ،
يا موڙهجي پيل پير سان گهمڻ جي ڪوشش ڪرڻ.

20 ڏکويل ماڻهوءَ جي اڳيان خوشيءَ جا گيت ڳائڻ ائين آهي،
جيئن سياري ۾ ڪنهن جا ڪپڙا لاهي ڇڏڻ،
يا جيئن ڪنهن جي ڦٽن تي لوڻ ٻرڪڻ.

21 جيڪڏهن اوهان جو دشمن بکايل آهي،
تہ کيس کارايو،
جيڪڏهن هو اڃايل آهي تہ کيس پيئاريو.
22 ڇالاءِجو ائين ڪرڻ سان اوهين کيس شرمسار ڪندا،
۽ خداوند پڻ اوهان کي اجر عطا ڪندو.

23 جهڙيءَ طرح اتر جو واءُ برسات آڻيندو آهي،
تهڙيءَ طرح گلا غيبت واريون ڳالهيون غصو ڏياريو ڇڏين.

24 جهڳڙيلو زال سان گڏ گهر ۾ رهڻ کان اهو بهتر آهي،
تہ ماڻهو ڪنهن ڪنڊ پاسي ۾ وڃي گذاري.

25 جيئن ڪنهن اڃايل ماڻهوءَ لاءِ ٿڌو پاڻي تازگي آڻي ٿو،
تيئن ئي اُها خوشخبري انتظار ڪندڙ کي تازگي ڏئي ٿي
جيڪا ڏورانهين ملڪ کان ٿي اچي.

26 سچار ماڻهوءَ جو ڪنهن بدڪار جي اڳيان جهُڪڻ ائين آهي،
جيئن ڪو صاف پاڻيءَ جو چشمو لتاڙيو ويو هجي،
يا جيئن ڪنهن کوهہ جو پاڻي زهريلو بڻايو ويو هجي.

27 جهڙيءَ طرح ماکيءَ جو گهڻو کائڻ چڱو نہ آهي،
تهڙيءَ طرح
سدائين پنهنجي تعريف پسند ڪرڻ بہ نہ ٿو جڳائي.

28 جيڪو پنهنجي طبيعت تي ضابطو نہ ٿو رکي سگهي،
تنهن کي نقصان پهچڻ جو انديشو آهي،
جيئن اهو شهر جنهن جو ڪوٽ ڀڳل ڊٺل هجي.

# 26

1 جيئن اونهاري ۾ برفباري،
۽ لاباري جي موسم ۾ برسات نہ ٿي سونهين،
تيئن ئي بيوقوف ماڻهوءَ کي عزت نہ ٿي سونهين.

2 جنهن پٽ پاراتي جا اوهين مستحق ناهيو،
سا انهيءَ پکي جيان آهي جيڪو رڳو هوا ۾ اڏامي ٿو
پر هيٺ لهي اچي نقصان نہ ٿو پهچائي.

3 جهڙيءَ طرح گهوڙي لاءِ لغام ۽ گڏهہ لاءِ چهبڪ ضروري آهي،
تهڙيءَ طرح بيوقوف جي پٺيءَ لاءِ لڪڻ.

4 جڏهن بيوقوف بيوقوفيءَ جي ڳالهہ ڪري

---

22–21:25 رو 12:20

تہ ڪيس ڪو جواب نہ ڏيو،
متان اوهين بہ انهيءَ وانگر ٿي پئو.

5 ڪنهن بہ بيوقوف کي اهڙو جواب ڏيو
جو هو محسوس ڪري تہ هو ڪيترو نہ بيعقل آهي،
تڏهن هو پاڻ کي ڏاهو ڪين سمجهندو.

6 جيڪو ڪنهن بيعقل جي هٿان پيغام ٿو موڪلي،
سو پنهنجي پير تي پاڻ ڪهاڙو ٿو هڻي،
يا وري پاڻ زهر جو پيالو ٿو پيئي.

7 جيئن ڪنهن منڊي جون ٽنگون پنڌ ڪرڻ جي لائق نہ آهن،
تيئن ئي بيوقوف جي واتان
ڪنهن ڏاهي جي چوٽي نہ ٿي سونهي.

8 ڪنهن بيعقل جي تعريف ڪرڻ
ڪنپاٽيءَ ۾ پٿر ٻڌڻ برابر آهي.

9 بيوقوف ڏاهپ جي چوٽي ائين استعمال ٿا ڪن،
جيئن ڪو شرابي ڪنڊن وارو ڏنڊو ڦيرائيندو هجي.

10 جيڪو ڪنهن بيوقوف
يا ڪنهن شرابيءَ کي مزدوريءَ تي ٿو لڳائي،
سو ڄڻ اهڙي لاپرواهيءَ سان تير ٿو هلائي،
جيڪو ڪنهن کي بہ زخمي ڪري سگهي ٿو.

11 جيڪو بيوقوف ماڻهو بار بار بيوقوفي ڪندو ٿو رهي،
سو اهڙي ڪتي جيان آهي،
جيڪو موٽي اچي پنهنجي ڪيل الٽي چٽي.

12 اوهان ڪو اهڙو ماڻهو ڏٺو هوندو،
جيڪو پنهنجو پاڻ کي ڏاهو ٿو سمجهي.
انهيءَ کان تہ بيوقوف مان وڌيڪ اميد آهي.

13 سُست ماڻهو ڪم ڪان نٽائيندي چون ٿا تہ
”ٻاهر گهٽين ۾ تہ شينهن وينو آهي.“

14 جهڙيءَ طرح دروازو پنهنجي انجيسن تي ڦري ٿو،
تهڙيءَ طرح سُست ماڻهو
پنهنجي هنڌ تي ليٽندي پيو پاسا ڦيرائي.

15 ڪي ماڻهو ايترا تہ سُست ٿا ٿين جو
پنهنجو ڪاڏو رڪابيءَ مان کڻي
وات تائين آڻڻ کان بہ ڪيٻائين ٿا.

16 سُست ماڻهو ستن ڏاهن ماڻهن کان بہ وڌيڪ
پاڻ کي داناءُ ٿو سمجهي.

17 پرائي جهيڙي ۾ ٽنگ اڙائڻ،
ائين آهي جيئن رولو ڪتي کي ڪن کان پڪڙڻ.

18-19 جيڪو شخص ڪنهن سان ٺڳي ٿو ڪري
۽ پوءِ چوي ٿو تہ ”مون تہ رڳو مذاق پئي ڪئي،“
سو اهڙي چريي وانگر آهي،
جيڪو بيخبريءَ ۾ اُماڙيون ۽ موتمار تير اڇلائي هڻي ٿو.

20 ڪاٺي نہ وجهڻ سان باهہ اُجهاميو وڃي،
۽ جتي ڪو چغلخور ڪونهي اتي جهيڙو فساد بند ٿيو وڃي.

21 جيئن ٽانڊن لاءِ ڪوئلا ۽ باهہ لاءِ ڪاٺيون آهن،
تيئن ئي جهڳڙالو ماڻهو جهڳڙي کي وڌائين ٿا.

22 چغلخور جون ڳالهيون لذيذ لقمن جهڙيون آهن،
جن کي هر ڪو کائڻ ٿو چاهي.

23 دل ۾ نفرت رکندي
زبان سان مٺڙيون ڳالهيون ڪرڻ ائين آهي،
جيئن ڪنهن ڪچي ٺڪر جي ٿانوَ تي
عمدو رنگ ڪيو ويو هجي.

24 نفرت رکندڙ ماڻهو
پنهنجي مٺڙين ڳالهين سان ڪيني کي لڪائي ٿو،
مگر دل ۾ هو بڇڙائيءَ وارا منصوبا ٿو جوڙي.
25 سو انهيءَ جي مٺڙين ڳالهين تي اعتبار نہ ڪريو،
ڇالاءِجو سندس دل نفرت سان ٽمٽار آهي.
26 جيتوڻيڪ هو چالاڪيءَ سان ڪيني کي ڍڪي ٿو،
تڏهن بہ سندس بڇڙائي هر ڪنهن آڏو ظاهر ٿيو پوي.

---

11:26 2.پطر 2:22

27 جيڪو ٻين لاءِ کڏ کوٽي ٿو،
سو پاڻ انهيءَ ۾ ڪرندو.
جيڪو ٻين مٿان ڇپ اٿلائي ٿو،
سا موٽي اچي انهيءَ مٿان ڪرندي.

28 خوشامندي ۽ ڪوڙ ڳالهائيندڙ ماڻهو
ٻين کان نفرت ڪندي ڪين مصيبت ۾ ٿا وجهن.

## 27

1 ايندڙ وقت بابت ٻٽاڪ نه هڻو،
ڇالاءِجو ڪوبه نه ٿو ڄاڻي ته
هاڻي يا هاڻي کان پوءِ ڇا ٿيندو.

2 اوهين پنهنجي تعريف پاڻ نه ڪريو،
ڀلي ته ڪو ٻيو اوهان جي واکاڻ ڪري.

3 پٿر ڳرو ٿو ٿئي ۽ واري اجا به وزني ٿئي ٿي،
مگر بيعقل جي بيعقلي ٻين لاءِ انهن کان وڌيڪ ڳري آهي.

4 ڪاوڙ ۽ غصي وارو ماڻهو خطرناڪ ٿو ٿئي،
مگر جيڪو غيرت سان ڀريل آهي،
تنهن آڏو ڪير ٿو بيهي سگهي؟

5 منهن تي سچ چئي ڏيڻ انهيءَ کان بهتر آهي جو
محبت هجڻ ڪري ڪجهه لڪايو وڃي.

6 دوست جي هٿان پهتل زخم به وفا سان ڀرپور آهن،
مگر دشمن جو ڳل سان لائڻ به سراسر دوکو ۽ فريب آهي.

7 ڍاول ماڻهوءَ کي ماکيءَ مان به سواد نه ٿو اچي،
مگر بکايل ماڻهوءَ کي بصر به مٺو ٿو لڳي.

8 پنهنجي وطن کان دور ماڻهو ائين آهي،
جيئن ڪو پکي پنهنجي آکيري کان ڀٽڪي ويو هجي.

9 سُرهو تيل ۽ عطر دل کي فرحت ٿا ڏين،
مگر سچي دوستي اجا به وڌيڪ راحت واري آهي.

10 پنهنجي مصيبت جي ڏينهن ۾ پنهنجي دوست
يا پنهنجي پيءُ جي دوست کي ڇڏي
پري وارن مائٽن ڏانهن نه وڃو،
ڇالاءِجو ويجهو دوست انهن کان وڌيڪ بهتر آهي.

11 اي منهنجا ٻارؤ! ڏاها بڻجي منهنجي دل کي خوش ڪريو،
انهيءَ لاءِ ته طعني هڻندڙ کي آءٌ جواب ڏيئي سگهان.

12 سياڻو ماڻهو مصيبت کي ايندو ڏسي پاسو ڪريو وڃي،
مگر بيسمجهه ماڻهو سڌا اوڏانهن وڌيو وڃن،
۽ پوءِ مصيبت ۾ وڃيو ڦاسن.

13 جيڪو ڪنهن اڻواقف ماڻهوءَ جو ضامن ٿو پوي،
سو انهيءَ لائق آهي ته سندس ڪپڙا لاهي رکيا وڃن،
بلڪ سندس مال ملڪيت به گروي رکيو وڃي.

14 صبح جو سوير اٿي ڪنهن ستل دوست لاءِ وڏي آواز سان
دعا گهرڻ انهيءَ دوست جي نظر ۾ بددعا آهي.

15 جهيڙاڪِل زال ائين تنگ ٿي ڪري،
جيئن مينهن واري ڏينهن ڦڙ ڦڙ جو لڳاتار پوندو رهڻ.
16 اهڙيءَ زال کي خاموش ڪرائڻ ايترو مشڪل آهي
جيترو هوا کي جهلي بيهڻ،
يا زيتون جي تيل کي مٺ ۾ بند ڪرڻ.

17 جهڙيءَ طرح لوهه لوهه کي تکو ڪري ٿو،
تهڙيءَ طرح انسان
هڪ ٻئي جي ذهن کي سکيا ڏيئي تيز ڪن ٿا.

18 جيڪو ڪنهن ڦلدار وڻ جي سنڀال ٿو ڪري،
سو انهيءَ جو ميوو ضرور کائيندو.
ساڳي نموني جيڪو نوڪر پنهنجي مالڪ جي حفاظت ٿو ڪري،
سو ضرور عزت حاصل ڪندو.

19 جيئن ماڻهو آئيني ۾ پنهنجو منهن ڏسي ٿو،
تيئن ئي هو پنهنجي قول ۽ فعل تي ويچار ڪرڻ سان
پنهنجي شخصيت کي ڄاڻي سگهي ٿو.

20 جيئن قبر ۽ پاتال ڪڏهن به ڍاپجڻ جا ناهن،
تيئن ئي ماڻهو پنهنجي خواهشين مان ڪڏهن به نه ٿو ڍاپجي.

---

1:27 يع 4:13–16

21 چاندي توڙي سون باهہ ۾ پرکي سگهجن ٿا،
مگر انسان جي پرک انهيءَ ۾ آهي تہ سندس تعريف ڪريو.

22 بيعقل ماڻهوءَ کي
توڙي جو اُکري مُهريءَ ۾ اناج سان گڏ ڪُٽي ڪيجي،
تڏهن بہ هو بيعقل جو بيعقل ئي رهندو.

23 اي ڌنارؤ! پنهنجي رڍن ٻڪرين جي وقت سر سار سنڀال لهو.
24 ڇالاءِجو دولت هميشہ ساٿ نہ ٿي ڏئي، نڪي تخت وَ تاج ئي
پيڙهين تائين قائم ٿو رهي. 25 سو جڏهن ٽڪرين تان ۽ ٻنين مان گاهہ
لٽي گڏ ڪبو آهي ۽ سائو گاهہ نئين سر ڦٽي نڪرندو آهي، 26 تڏهن
اوهين ڌڻ جي گهٽن جي اُن مان پنهنجي لاءِ ڪپڙا ناهي سگهو ٿا ۽
ٻڪرين مان ڪجهہ وڪڻي ٻني خريد ڪري سگهو ٿا. 27 ٻڪرين جو
کير بہ اوهان ۽ اوهان جي گهر وارن لاءِ توڙي اوهان جي ٻانهين جي
لاءِ جهجهو هوندو.

28 1 بدڪار ماڻهو ڊڄي ڀڄي ويندا آهن،
توڙي جو ڪين ڪوبہ خطرو نہ هجي.
مگر سچار ماڻهو شينهن وانگر دلير ٿا ٿين.

2 ملڪ اندر گهرو لڙائيءَ جي وقت تي
گهڻا ئي ماڻهو بغاوت ڪندي حڪمران بڻجيو وڃن،
مگر سمجهہ ۽ ڄاڻ وارو هڪڙو ئي حڪمران
امن وَ سڪون بحال ڪريو وٺي.

3 غريبيءَ مان جيڪو حڪمران ٿئي
۽ پوءِ بہ غريبن تي ظلم ڪري،
سو انهيءَ طوفاني برسات وانگر آهي،
جيڪا فصل ۾ اناج جو داڻو ئي نہ ٿي ڇڏي.

4 جيڪي شريعت تي هلڻ ڇڏي ٿا ڏين،
سي بدڪارن جي تعريف ٿا ڪن.
مگر شريعت تي قائم رهڻ وارا
هميشہ انهن جي مخالفت ٿا ڪن.

5 بدڪار ماڻهو ڄاڻن ئي نہ ٿا تہ انصاف جو مطلب ڇا آهي،
مگر خداوند جا طالبو انهيءَ کي پوريءَ طرح ٿا سمجهن.

6 ايماندار غريب ماڻهو بيايمان دولتمند کان بهتر آهي.

7 شريعت تي عمل ڪندڙ ٻار عقلمند ٿئي ٿو،
مگر جيڪو لوفرن سان سنگت ٿو رکي،
سو پنهنجي والدين جي خواريءَ جو سبب ٿو بڻجي.

8 خبردار! ڳري وياج ۽ ناجائز منافعي سان
پنهنجي دولت کي نہ وڌايو،
ڇالاءِجو اها دولت اوهان کان کسي
ڪنهن اهڙي ماڻهوءَ جي هٿ ۾ ڏني ويندي،
جيڪو غريبن تي رحم ڪندڙ هوندو.

9 جيڪو خدا جي شريعت جي نافرماني ٿو ڪري،
تنهن جي دعائن گهرڻ کان خدا نفرت ٿو ڪري.

10 جيڪو سنئين راهہ تي هلڻ واري کي
خراب رستي ڏانهن ڦيري گمراهہ ٿو ڪري،
سو پنهنجي ئي کوٽيل کڏ ۾ وڃي ڪرندو.
مگر جيڪي سنئين راهہ تي ثابتقدم ٿا رهن،
تن کي ان جو اجر ضرور ملندو.

11 دولتمند ماڻهو پاڻ کي هميشہ ڏاهو ٿا سمجهن،
مگر عقلمند توڙي جو غريب هجي
تہ بہ انهن کي پرکي سگهي ٿو.

12 جڏهن ايماندار ماڻهو فتحياب ٿين ٿا،
تڏهن قوم جي شان وَ شوڪت وڌي ٿي.
مگر جڏهن بدڪار ماڻهو حڪمران ٿين ٿا،
تڏهن ماڻهو پاڻ کي لڪائيندا ٿا وتن.

13 جيڪو پنهنجا گناهہ نہ ٿو ٻاسي،
سو زندگيءَ ۾ ڪڏهن بہ ڪامياب نہ ٿيندو.
مگر جيڪو پنهنجا گناهہ قبول ڪندي
انهن کان توبهہتائب ٿئي ٿو،
تنهن تي خدا پنهنجو رحم نازل ڪندو.

14 سڀاڳو آهي اهو ماڻهو،
جيڪو هميشہ خداوند کان ڊڄندو ٿو رهي،
مگر جيڪو مغرور ۽ هٺيلو آهي سو برباديءَ کي وڃيو رسي.

15 غريبن مٿان بدڪار حڪمران ائين آهي،
جيئن شڪار لاءِ بکايل بگهڙ يا ڦرندڙ رڇ.

16 بيعقل حڪمران ناجائزي ڪري وڏو ظلم ٿو ڪري.

مگر جيڪو ناجائز ڪمائيءَ کان نفرت ٿو ڪري،
سو ڊگهي ڄمار ماڻي ٿو.

17 جيڪو خون جو ڏوهاري آهي،
تنهن جي اوهين مدد نہ ڪريو.
اهو جلدي وڃي قبر ۾ پوندو.

18 جيڪو سنئين راهہ تي هلي ٿو سو بچي ويندو،
مگر جيڪو ڏنگي راهہ اختيار ٿو ڪري،
سو اوچتو ئي اوچتو وڃي کڏ ۾ ڪرندو.

19 ٻنيءَ مان محنتي هاريءَ کي
جهجهو کاڌو خوراڪ حاصل ٿئي ٿو،
مگر جيڪو سُستيءَ وچان اجايو وقت ٿو وڃائي،
سو هميشہ ڪنگال رهي ٿو.

20 ايماندار ماڻهن تي خدا بي‌انداز برڪتون نازل ڪري ٿو،
مگر بي‌ايمان ماڻهو،
جيڪي جلدي دولتمند ٿيڻ جي ڪوشش ٿا ڪن،
سي سزا کان بچي نہ سگهندا.

21 طرفداري ڪرڻ چڱي ڳالهہ ناهي،
مگر ڪي اهڙا ماڻهو آهن،
جيڪي مانيءَ گرهي جي رشوت تي ئي گناهہ ڪيو وجهن.

22 خودغرض ماڻهو جلدي شاهوڪار ٿيڻ جي ڪوشش ٿا ڪن،
پر کين خبر ئي نہ ٿي پوي تہ مفلسي مٿن ڪڙڪڻ واري آهي.

23 خوشامند ڪرڻ واري کان،
سيکت لاءِ تنبيهہ ڪرڻ واري جي
آخرڪار وڌيڪ تعريف ڪئي ويندي.

24 جيڪو پنهنجي والدين سان ٺڳي ٿو ڪري،
۽ سمجهي ٿو تہ اهو ڪو گناهہ ناهي،
سو ڪنهن رهزن کان گهٽ نہ آهي.

25 لالچي ماڻهو جهڳڙو ڪڙو ڪريو ڇڏي،
مگر جيڪو خداوند تي توڪل ٿو رکي سو خوشحال ٿو گذاري.

26 جيڪو رڳو پنهنجي سوچ تي ڀروسو ٿو رکي سو بي‌عقل آهي،
مگر جيڪو عقلمندن جي راهہ تي ٿو هلي،
سو سلامتيءَ ۾ رهي ٿو.

27 جيڪو غريبن کي ٿو ڏئي سو ڪڏهن بہ محتاج نہ ٿيندو،
مگر جيڪو سندن ضرورتن کان چشمپوشي ٿو ڪري،
تنهن تي گهڻي ملامت ڪئي ويندي.

28 جڏهن بدڪار ماڻهو حڪمران ٿين ٿا،
تڏهن ماڻهو پاڻ کي لڪائيندا ٿا وتن.
مگر جڏهن بدڪارن کان سچار حڪمراني کسي ٿا وٺن،
تڏهن سچار ماڻهن ۾ واڌارو اچيو وڃي.

29 1 جيڪو بار بار تنبيهہ ڪرڻ جي باوجود
پنهنجي ضد تي قائم رهي ٿو،
تنهن تي اوچتو ئي آفت اچي ڪڙڪندي،
۽ سندس وري ڪو چاڙهو نہ چڙهندو.

2 جڏهن سچار قوم تي حڪمراني ٿا ڪن،
تڏهن هر ڪو خوشيون ٿو ملهائي.
مگر جڏهن ڪو بدڪار ماڻهو حاڪم ٿو ٿئي،
تڏهن هر ڪو آهون ٿو ڀري.

3 جنهن کي ڏاهپ سان پيار آهي،
تنهن جا والدين خوش ٿا ٿين،
مگر جيڪو ڪسبياڻين سان صحبت ٿو رکي،
سو پنهنجي والدين جو مال ملڪيت برباد ڪريو ڇڏي.

4 عادل حڪمران پنهنجي ملڪ کي قائم ٿو رکي،
مگر جيڪو عوام کان ڳرا محصول ٿو اُڳاڙي،
سو ملڪ کي تباهہ ڪريو ڇڏي.

5 جيڪو ماڻهو ٻين جي اجائي خوشامند ٿو ڪري،
سو حقيقت ۾ انهن لاءِ هڪڙو ڦندو ٿو اڏي.

6 بدڪار ماڻهو پنهنجن ئي گناهن ۾ ڦاسي پوندا،
مگر سنئين راهہ تي هلڻ وارا گيت ڳائي خوشيون ملهائيندا.

7 سچار ماڻهو غريبن جي حقن جو خيال ٿا رکن،
مگر بدڪار ماڻهو انهن جي حقن ڏانهن ڪو ڌيان نہ ٿا ڏين.

8 ڏاهپ تي کل ٺٺوليون ڪندڙ
سڄي شهر ۾ فتنا فساد ڪرايو وجهن.

مگر ڏاهپ سان فتنن فسادن تي ضابطو آڻي ٿو سگهجي.

9 جيڪڏهن ڪو عقلمند ڪنهن بيوقوف سان بحث ٿو ڪري،
پوءِ هو ڪاوڙيل رهي يا کِلي، مگر ڪيس سڪون ڪونہ ملندو.

10 خوني ماڻهو ايماندارن کان نفرت ٿا ڪن،
مگر سچار انهن ايماندارن جي جان بچائڻ جي ڪوشش ٿا ڪن.

11 بيعقل ماڻهو کليو کلايو پنهنجي ڪاوڙ ظاهر ڪريو وجهن،
مگر ڏاها ماڻهو صبر ڪندي ڪاوڙ کي پي ٿا وڃن.

12 جتي حڪمران ڪوڙين ڳالهين تي ڌيان ٿا ڏين،
اتي سندن سڀ خدمتگار بدڪار هوندا آهن.

13 خداوند سڀني کي زندگي عطا ڪري ٿو،
انهيءَ ڳالهہ ۾ مظلوم ۽ ظالم ماڻهو هڪجهڙا آهن.

14 جيڪو بادشاهہ ايمانداريءَ سان غريبن جو انصاف ڪري ٿو،
تنهن جو تخت قائم وَ دائم رهي ٿو.

15 مار ڏيڻ ۽ ڇينڀڻ ٻارن کي ڏاهپ ٿو سيکاري،
مگر جيڪي ٻار پنهنجي منهن ڇڏيا ٿا وڃن،
سي پنهنجي والدين لاءِ شرمندگيءَ جو سبب ٿا بڻجن.

16 جڏهن ڏنگا ماڻهو طاقت ۾ اچي وڃن ٿا،
تڏهن ڏوهہ وڌي وڃن ٿا.
تنهن هوندي بہ سچار ماڻهو
هڪڙي ڏينهن انهن جي تباهي ڏسندا.

17 اي والدين! پنهنجي ٻارن جي صحيح نموني تربيت ڪريو،
تہ اهي اوهان کي ڪڏهن بہ پريشان نہ ڪندا.
بلڪ انهن جي ڪري اوهان کي دلي سڪون ملندو.

18 خدا جي رهنمائيءَ کان سواءِ ماڻهو بيلغام ٿيو وڃن،
مگر سڀاڳا آهن اهي جيڪي شريعت تي عمل ٿا ڪن.

19 رڳو ڳالهائڻ وسيلي
اوهين پنهنجي نوڪرن کي ڪين سڌاري سگهندا،
ڇالاءِجو اوهان جا لفظ تہ ٻڌندا پر ڪوبہ ڌيان ڪونہ ڏيندا.

20 بغير سوچڻ سمجهڻ جي ڳالهائڻ واري کان
جاهل ۾ وڌيڪ اميد آهي.

21 جيڪو ماڻهو پنهنجي نوڪر جا
ننڍي هوندي کان ئي ناز برداشت ڪري ٿو،
سو هڪڙي ڏينهن مصيبت ۾ پئجي ويندو.

22 جذباتي ماڻهو جهڳڙا ڪرايو وجهي،
هائو، غصيلو انسان گناهن مٿان گناهہ ڪريو وجهي.

23 ماڻهوءَ جي مغروري نيٺ کيس نيچو ڪريو ڇڏي.
مگر جيڪو نهٺو آهي سو ضرور عزت حاصل ڪري ٿو.

24 جيڪو چور سان دوستي ٿو رکي،
سو پاڻ پنهنجي جان جو دشمن ٿو بڻجي،
ڇالاءِجو جڏهن هو قسم کڻي ڪا شاهدي ٿو ڏئي
تڏهن هو سچ نہ ڳالهائي ڪري پاڻ تي ملامت ٿو آڻي.

25 بزدلي ماڻهوءَ کي مشڪلاتن ۾ ڦاسايو ڇڏي،
مگر خداوند تي توڪل رکڻ وارو سلامت رهي ٿو.

26 گهڻا ماڻهو حاڪم جي مهربانيءَ جي طلب ۾ ٿا رهن،
مگر انسان کي انصاف خداوند وٽان ئي ملي ٿو.

27 سچار کي بدڪار کان ۽ بدڪار کي سچار کان نفرت آهي.

## اجور عالم جا منفي سوال ۽ انهن جا جواب

30 1 هي اجور ولد ياقہ جون علمي ڳالهيون آهن، جيڪي هو
خدا جي باري ۾ ڪري چوي ٿو تہ
”خدا تہ آهي ئي ڪين!
نہ، خدا ڪونهي!
مون کي ڪا ڳالهہ سمجهہ ۾ ئي نہ ٿي اچي.
2 يقيناً آءٌ انسان نہ پر جهنگلي حيوان جيان آهيان،
جنهن ۾ ڪا انساني سمجهہ بلڪل آهي ئي ڪين.
3 آءٌ جڻ تہ ڪا ڏاهپ سکيو ئي نہ آهيان،
جو ڪنهن پاڪ هستيءَ جي باري ۾ ڄاڻ حاصل ڪري سگهان.
4 ڇا ڪو مٿي آسمان تي ويو آهي ۽ اتان ٿي موٽي آيو آهي؟
اهو ڪير آهي جنهن هوا کي پنهنجيءَ مٺ ۾ بند ڪيو آهي؟
اهو ڪير آهي جنهن پاڻيءَ کي ڪکرن جي چادر ۾ ٻڌو آهي؟
اهو ڪير آهي جنهن ڌرتيءَ جون حدون مقرر ڪيون آهن؟
جيڪڏهن ڪنهن کي

ڪنهن اهڙي هستيءَ جي باري ۾ ڪا خبر آهي،
تہ پوءِ سندس نالو يا وري سندس اولاد جا نالا مون کي ٻڌائي.

5 خدا جو هر هڪ قول سچو ثابت ٿئي ٿو.
جيڪي سندس پناهہ ۾ اچن ٿا تن جي هو حفاظت ڪري ٿو.
6 جيڪي ڪجھہ هن فرمايو آهي تنهن ۾ ڪوبہ وڌاءُ نہ ڪريو،
متان هو اوهان کي ڇينڀي ۽ اوهين ڪوڙا ثابت ٿيو.

7 اي خداوند! آءٌ تو کي بہ عرض ٿو ڪريان
جيڪي منهنجي مرڻ کان اڳ تون قبول ڪر.
8 هڪڙو تہ ڪوڙ ۽ فريب کي مون کان پاسي ڪر.
ٻيو تہ مون کي نہ گھڻو غريب بڻاءِ ۽ نہ گھڻو دولتمند،
بس مون کي منهنجي ضرورت آهر کاڌو عطا فرماءِ.
9 چالاءِجو جيڪڏهن مون وٽ کائڻ لاءِ جهجهو هوندو،
تہ ٿي سگهي ٿو تہ آءٌ تو کان مُنڪر ٿيان ۽ چوان تہ
'خداوند ڪير آهي؟'
يا جيڪڏهن مون وٽ کاڌي لاءِ ڪجھہ بہ نہ هوندو،
تہ ٿي سگهي ٿو تہ آءٌ چوري ڪريان،
۽ تنهنجي پاڪ نالي جي بي‌ادبي ڪريان."

## بدڪردار انسانن بابت چوڏيون

10 ڪنهن بہ نوڪر جي گلا سندس مالڪ جي آڏو نہ ڪريو،
ائين نہ ٿئي جو اهو نوڪر اوهان کي پٽ پاراتو ڏئي،
۽ اوهان تي ڪا مصيبت اچي پوي.

11 ڪي ماڻهو اهڙا بہ آهن،
جيڪي پنهنجي والدين لاءِ دعائون نہ ٿا گهرن
بلڪ کين پٽ پاراتا ٿا ڏين.

12 ڪي ماڻهو اهڙا بہ آهن،
جيڪي پنهنجو پاڻ کي پاڪ دامن ٿا سمجهن،
جڏهن تہ اهي گناهن ۾ غرق آهن.

13 ڪي ماڻهو اهڙا بہ آهن،
جيڪي پاڻ کي ٻين کان مٿاهون ٿا سمجهن،
۽ ٻيا ماڻهو سندن نظر ۾ خسيس آهن.

14 ڪي ماڻهو اهڙا بہ آهن،
جيڪي ايترا تہ چيريندڙ ڦاڙيندڙ حيوان آهن،
جو اهي غريبن ۽ بي‌گهر ماڻهن کي بہ ڳڙڪايو ڇڏين.

## عددي چوڏيون

15 لالچ رت چوسيندڙ جوَر جي ٻن ڌيئرن مثل آهي،
جن مان هر ڪا چوي ٿي تہ "مون کي ڏي، مون کي ڏي."
چار شيون اهڙيون آهن جيڪي ڪڏهن بہ نہ ٿيون ڍاپجن،
هائو، اهي ڪڏهن بہ نہ ٿيون چون تہ "مون ڍءُ ڪيو":
16 هڪڙي قبر، ٻيو سنڍ زال جو پيٽ، ٽين اڃايل زمين
۽ چوٿين اهڙي ٻڙڪندڙ باهہ جيڪا ڪڏهن بہ نہ ٿي وسامي.

17 جيڪو شخص پنهنجي والدين تي ٺٺوليون ٿو ڪري
۽ سندن نافرماني ٿو ڪري،
تنهن جي لاش کي ڳجهون پٽي کائينديون،
هائو، ڪانوَ سندس اکين کي ٺونگا هڻي ڪيري ڇڏيندا.

18 چار شيون اهڙيون آهن، جيڪي سمجھہ کان ٻاهر آهن.
هائو، انهن بابت ڪا ڄاڻ ڪانهي:
19 عقاب جو تمام اوچائيءَ تي اڏامڻ،
نانگ جو ٽڪرين تي رڙهڻ،
سامونڊي جهاز جو سمنڊ تي ترڻ،
۽ زال مڙس جو پاڻ ۾ هڪ ٿي وڃڻ.

20 زناڪار عورت جو طريقو ڪهڙو نہ عجيب آهي.
هوءَ زناڪاري تہ ڪري ٿي،
پر پوءِ وهنجي سهنجي چوي ٿي تہ
"مون تہ ڪا بڇڙائي ڪئي ئي ڪونهي."

21 چار واقعا اهڙا آهن جيڪي برداشت کان ٻاهر آهن.
انهن جي ٻڌڻ سان انسان جي پيرن هيٺان زمين نڪريو وڃي:
22 غلام، جيڪو بادشاهہ بڻجيو وڃي،
بي‌عقل، جيڪو چاهي سو ٿي وڃي،
23 نفرت جهڙي عورت، جيڪا پرڻجي وڃي،
۽ ٻانهي، جيڪا پنهنجي مالڪياڻيءَ جي جاءِ والاري.

24 چار جاندار شيون اهڙيون آهن،
جيڪي ڌرتيءَ تي آهن تہ ننڍڙي ۾ ننڍڙيون،
مگر وڏ ۾ وڏ عقلمند آهن:
25 هڪ ڪِئليون، جيڪي بي‌طاقت مخلوق آهن،
مگر گرميءَ جي موسم ۾
پنهنجي لاءِ کاڌو گڏ ڪري ٿيون رکن،
26 ٻيو جابلو سها، جيڪي نهايت ڪمزور جانور آهن،
مگر اهي ٽڪرين ۾ پنهنجا گهر ٿا جوڙين،

27 ٽيون ماڪڙ، جن جو ڪو بادشاهه ڪونهي،
تنهن هوندي به اهي ٽوليون ٽوليون ٿاهي ٻاهر ٽيون نڪرن،
28 چوٽون ڪِرڙيون، جن کي هٿن سان پڪڙي سگهجي ٿو،
تڏهن به اهي بادشاهن جي محلاتن ۾ به موجود آهن.

29 چار ساهوارا اهڙا آهن،
جن جو هلڻ شاندار ۽ چال سهڻي آهي.
30 ببر شينهن، جيڪو جانورن ۾ سڀني کان وڌيڪ طاقتور آهي،
۽ جيڪو ڪنهن کان ڊڄي پٺي ڀڄڻ وارو ناهي،
31 اَڪڙجي هلندڙ ڪڪڙ، ٻهاڙي ٻڪر ۽ اهو بادشاهه،
جيڪو پنهنجي لشڪر جو پاڻ سرواڻ هجي.

32 جيڪڏهن اوهين بيعقليءَ مان مغرور بڻجي ويا آهيو،
۽ بڇڙائيءَ جا منصوبا ٿا جوڙيو ته
هاڻي جو هاڻي پاڻ کي روڪيو ۽ سوچيو.
33 جيڪڏهن کير ولوڙيو ويندو ته مکڻ حاصل ٿيندو،
جيڪڏهن نڪ مروڙيو ويندو ته انهيءَ مان رت نڪرندو.
ساڳي نموني غصو ڀڙڪائڻ سان جهيڙو فساد ئي پيدا ٿيندو.

## بادشاهه لاءِ مشورا

31 1 هي اهي اهم چوٽيون آهن، جيڪي بادشاهه لموئيل کي
سندس ماءُ چڱيءَ طرح سمجهايون.

2 اي منهنجا پٽ لموئيل! تون منهنجو سڪيلڌو پٽ آهين،
۽ باسون باسڻ کان پوءِ ڄاوو آهين.
هاڻي جيڪي ڪجهه آءٌ تو کي چوان ٿي سو ڌيان ڏيئي ٻڌ.
3 تون عورتن جي پٺيان لڳي پنهنجي زندگي برباد نه ڪجانءِ،
ڇالاءِ جو انهيءَ رستي تي هلي
ڪيترائي بادشاهه ناس ٿي ويا آهن.

4 اي لموئيل! اهو بادشاهن جي شان وٽان ناهي
ته اهي شراب پيئن.
هائو، نشيبازي حڪمرانن کي نه ٿي جڳائي.
5 جڏهن اهي شراب پيئن ٿا ته قاعدن قانونن کي وساري ٿا ڇڏين،
۽ پوءِ ڪنهن مظلوم سان ناانصافي ڪريو وجهن.

6 شراب ۽ نشي واريون شيون رڳو انهن لاءِ مناسب آهن،
جيڪي مرڻ وارا آهن يا جيڪي پريشان حال آهن.
7 ڀلي ته اهي پيئن
ته جيئن ڪين پنهنجي تڪليفن ۽ مصيبتن جو احساس نه ٿئي.

8 تون لاچارن ۽ مسڪينن جو طرف ڪٺجانءِ،
۽ سندن حقن جي حفاظت ڪجانءِ،
ڇالاءِ جو انهن جو بچائڻ وارو ڪوبه ڪونهي.
9 خاموش نه رهجانءِ ۽ سچائيءَ سان انصاف ڪجانءِ،
هائو، غريبن ۽ محتاجن جي حقن جو خاص خيال رکجانءِ.

## قابل زال جي تعريف

10 ڪنهن قابل زال جو ملڻ ڪيترو نه مشڪل آهي!
هائو، اها هيرن جواهرن کان به وڌيڪ املهه آهي.

11 سندس مڙس جو مٿس پورو پورو اعتبار ٿئي ٿو،
۽ سندس مڙس جي ڪا به گهرج باقي نه ٿي رهي.

12 هوءَ هر وقت ساڻس چڱائي ٿي ڪري،
مندائي هرگز نه ٿي ڪري.

13 هوءَ اُن ۽ عمدي سڻيءَ جا ڪپڙا،
خوشيءَ سان پنهنجي هٿن سان پاڻ ٺاهي ٿي.

14 جيئن واپاري جهاز پري پري کان سنو سامان آڻيندا آهن،
تيئن ئي هوءَ پنهنجي گهر لاءِ ڪاڌو خوراڪ آڻي ٿي.

15 هوءَ پرهه ڦٽڻ کان اڳ ئي اٿي کڙي ٿئي ٿي،
ته جيئن گهر جي ڀاتين لاءِ ڪاڌو تيار ڪري،
۽ ٻانهين کي پنهنجو پنهنجو ڪم ٻڌائي.

16 هوءَ سوچ ويچار ڪري ٻني خريد ڪري ٿي،
۽ پنهنجي هٿن جي ڪمائيءَ مان انگورن جو باغ لڳرائي ٿي.

17 هوءَ سخت محنت ڪندڙ، صحتمند ۽ جفاڪش ٿئي ٿي.

18 هوءَ ڄاڻي ٿي ته جيڪا تجارت هوءَ ڪري ٿي
سا ڪيتري قدر فائديمند آهي.
رات جو دير تائين هوءَ پنهنجي ڪم ۾ مصروف رهي ٿي.

19 هوءَ پنهنجي هٿن سان ڌاڳو ڪَتي ٿي،
۽ پنهنجي گهر لاءِ ڪپڙو اُڻي تيار ڪري ٿي.

20 هوءَ پنهنجو هٿ وڌائي
غريبن ۽ محتاجن جي پوري پوري مدد ڪري ٿي.

21 هوءَ سخت سرديءَ کان به نه ٿي گهبرائي،
ڇالاءِجو سندس گهر وارن کي گرم ڪپڙا پهريل رهن ٿا.

22 هوءَ پنهنجي گهر لاءِ رلهيون جوڙي ٿي،
۽ عمدي سٽيءَ ۽ واڱڻائي رنگ جا ڪپڙا پهريل رهي ٿي.

23 هن جو مڙس مقبول ۽ معزز اڳواڻ بڻجي ٿو وڃي.

24 هوءَ عمدي سٽيءَ جون چادرون ۽ ڪمربند ٺاهي ٿي،
۽ اهي واپارين کي وڪڻي ٿي.

25 هوءَ ڪردار جي مضبوط ۽ قابل احترام آهي،
۽ ايندڙ وقت لاءِ ڪيس ڪا ڳڻتي ڪانهي.

26 هوءَ ڏاهپ سان ڳالهائي ٿي ۽ سنيون نصيحتون ڪري ٿي.

27 هوءَ پنهنجي ڪٽنب جي سٺي سار سنڀال ٿي ڪري،
۽ ڪڏهن به سُستي نه ٿي ڪري.

28 هن جا ٻار سندس واکاڻ ٿا ڪن،
۽ سندس مڙس مٿس فخر ڪندي چويس ٿو ته
29 ”گهڻيون ئي عورتون سنيون زالون به آهن،
پر تون سڀني کان گوءِ کڻي ويئي آهين.“
30 سونهن ۽ مِٺو ڳالهائڻ بيبقا ۽ ٿڳيندڙ آهن،
پر جيڪا عورت خداوند کان ڊڄي ٿي،
تنهن جي تعريف ڪئي وڃي،
31 ۽ ڪيس سندس محنت جو اجر ڏنو وڃي.
هوءَ هر ڪنهن جي نظر ۾ قابل احترام آهي.

# واعظ

## واعظ جو ڪتاب

### تعارف

”واعظ“ نالي هي مقدس ڪتاب هڪ ڏاهي ماڻهوءَ لکيو آهي، جنهن ۾ هن پنهنجي ذاتي تجربي ۽ سماج ۾ جيڪي ڪجهہ ڏٺو اٿس، تنهن تي هن پنهنجيءَ سوچ مطابق روشني وڌي آهي.

ليکڪ هڪڙو بنيادي سوال پڇندي هن ڪتاب جي شروعات ڪري ٿو تہ ”انسان هن دنيا ۾ ڏاڍي محنت مشقت ٿو ڪري، پر جيڪي ڪجهہ هو حاصل ڪري ٿو، ڇا اهو اطمينان جوڳو آهي؟“ (3:1). پوءِ هو پاڻ ئي انهيءَ سوال جو جواب ڏئي ٿو تہ هن دنيا ۾ انسان کي زندگيءَ جو اهو مقصد حاصل نہ ٿو ٿئي، جنهن مان هو مطمئن ٿئي. تنهن هوندي بہ پنهنجي ڪوجنا بابت وٽس رڳو ناڪاري جواب ناهي، بلڪ هو پڙهندڙن کي اها بہ دعوت ڏئي ٿو تہ اهي زندگيءَ مان لطف حاصل ڪن ۽ خدا جيڪي ڪجهہ هن دنيا ۾ انسانن لاءِ مقرر ڪيو آهي، سو خوشيءَ سان بجا آڻين.

جيئن تہ ليکڪ زندگيءَ بابت گهري ڄاڻ رکي ٿو، تنهنڪري هو انهيءَ ڳالهہ جو اقرار ڪري ٿو تہ ڪيتريون ئي اهڙيون حالتون آهن جيڪي انسان جي سمجهہ کان مٿاهيون آهن. تنهن هوندي بہ هو اميد نہ ٿو لاهي، پر خدا جي مقرر ڪيل هن دنيا جي انتظام کي قبول ڪري ٿو. انهيءَ ڪري هو لاجواب سوالن جي باوجود خوشي ۽ سرهائيءَ واري زندگي اختيار ڪري ٿو ۽ ٻين کي بہ مخاطب ٿي چوي ٿو تہ اهي بہ ائين ئي ڪن.

### سِٽاءُ


زندگيءَ جو راز پرکڻ جي ڪوشش 1:1–26:2
هر شيءِ جو وقت مقرر آهي 1:3–15
هوا جي پنيان ڊوڙڻ بجاءِ پنهنجي حال تي خوش رهو 16:3–8:11
جوانيءَ جي ڏينهن ۾ خالق کي نہ وساريو 9:11–8:12
حاصل مطلب 9:12–14


---

### زندگي هڪ راز

1 ① هي ڳالهيون *دائود جي پٽ جون چيل آهن، جيڪو يروشلم
جو بادشاهہ هو ۽ وڏو داناءُ هو. ② هو دانائيءَ واريون ڳالهيون
ڪندي چوي ٿو تہ
راز آهي، راز آهي،
زندگي هڪ راز آهي،
۽ اها انساني سمجهہ کان مٿاهين آهي.
③ انسان هن دنيا ۾ ڏاڍي محنت مشقت ٿو ڪري،
پر جيڪي ڪجهہ هو حاصل ڪري ٿو،
ڇا اهو اطمينان جوڳو آهي؟
④ هڪڙي پيڙهي وڃي ٿي ۽ ٻي پيڙهي اچي ٿي،
پر دنيا هميشہ ساڳي ئي طرح قائم رهندي پيئي اچي.
⑤ سج اڀري ٿو ۽ وري لهي ٿو وڃي.
پوءِ اهو وري پنهنجي انهيءَ جاءِ ڏانهن تڪڙو تڪڙو وڃي ٿو،
جتان اهو اڀرندو رهندو آهي.
⑥ هوا ڏکڻ ڏانهن وڃي ٿي،
۽ چڪر ڏيئي وري اتر ڏانهن ڦري ٿي،
۽ پوءِ موٽي اتي اچي ٿي جتان شروع ٿي.
هائو، هوا سدائين چڪر هڻندي ٿي رهي.
⑦ سڀئي نديون سمنڊ ۾ وهنديون رهن ٿيون،
انهيءَ هوندي بہ سمنڊ ڀرجي ئي نہ ٿو،
ڇالاءِجو اهو پاڻي

---

*دائود جي پٽ: گهڻو ڪري اهو اشارو سليمان بادشاهہ ڏانهن آهي.

موتي وري ندين جي شروعات واري جاءِ تي پهچي ٿو،
جتان اهو ٻيهر وهي ٿو هلي.

8 سڀ شيون لڳاتار ساڳيو ئي ڪم ڪنديون رهنديون آهن.
انسان ڳالهائڻ سان انهن بابت سمجهائي نه ٿو ڏيئي سگهي،
۽ ڏسڻ سان هو انهن جو مطلب نه ٿو سمجهي سگهي،
۽ نڪي ٻڌڻ سان مطمئن ٿي ٿو سگهي.
9 جيڪي ڪجهه ٿي رهيو آهي،
سو اڳ به ٿي چڪو آهي.
جيڪي ڪجهه ڪيو پيو وڃي،
سو اڳ به ڪيو ويو آهي.
هن سڄيءَ دنيا ۾ ڪا به شيءِ نئين ڪانهي.
10 شايد ڪو ائين چوي ته ”ڏسو هيءَ شيءِ نئين آهي.“
پر نه، اهو سڀ ته اڳئين زماني ۾،
اسان جي پيدا ٿيڻ کان به اڳ ۾ ٿي چڪو آهي.
11 جيڪي گذري چڪا آهن، تن جي يادگيري نه ٿي رهي،
نڪي ڪنهن ايندڙ وقت ۾ انهن جي يادگيري رهندي
جيڪي اسان کان پوءِ پيدا ٿيندا.

## ڏاهپ ۾ ڏک

12 مون اهي دانائيءَ واريون ڳالهيون يروشلم شهر ۾ بني اسرائيل
جي بادشاهه طور رهندي چيون آهن. 13 منهنجي دل ۾ شوق جاڳيو
ته هن ڌرتيءَ تي جيڪي ڪجهه ٿي رهيو آهي، تنهن بابت پنهنجي
ڏاهپ جي وسيلي جاچ‌جوچ ڪريان ۽ سمجهان. مون کي اهو سمجهه
۾ آيو ته خدا بني آدم لاءِ سدائين ڏکن ڀريل زندگي لکي ڇڏي آهي.
14 مون انهن سڀني ڪمن تي غور ويچار ڪيو، جيڪي ڌرتيءَ تي
ڪيا ٿا وڃن، پر ڇا ڏسان ته اهو سڀ ڪجهه راز ئي راز آهي، ۽
انهيءَ راز کي سمجهڻ ائين آهي جيئن هوا جي پنيان ڊوڙڻ.
15 هن دنيا ۾ جيڪو ڏنگو آهي،
تنهن کي اسين سڌو نه ٿا ڪري سگهون.
بلڪ جيڪي موجود ئي ناهي،
تنهن جو شمار ڪرڻ اسان جي وس ۾ ناهي.

16 مون پنهنجيءَ دل ۾ سوچيو ته ”ڏس، يروشلم ۾ جيڪي مون
کان اڳ حڪمران ٿي گذريا آهن، تن سڀني کان وڌيڪ ڏاهپ مون
حاصل ڪئي آهي. هائو، عقل ۽ ڄاڻ جو مون وڏو مطالعو ڪيو
آهي.“ 17 تنهن هوندي به جڏهن مون علم ۽ جاهليت، ۽ ڏاهپ ۽
چريائپ ۾ فرق معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، تڏهن جلد ئي مون
کي معلوم ٿي ويو ته اهو به هڪ راز آهي، جنهن کي سمجهڻ ائين
آهي جيئن هوا جي پنيان ڊوڙڻ.
18 ڇالاءِ جو جيتري وڌيڪ ڏاهپ،
اوترا ئي وڌيڪ ڏک ڏسڻا پون ٿا.
هائو، جنهن کي وڌيڪ ڄاڻ هوندي،
تنهن کي ڏک به وڌيڪ ملندا.

## خوشحاليءَ، محنت ۽ ڏاهپ حاصل ڪرڻ مان زندگيءَ جو مقصد جاچڻ

2 1 پوءِ مون پنهنجيءَ دل ۾ فيصلو ڪيو ته ”ڇو نه آءٌ هن
زندگيءَ جو مزو ماڻيان ۽ خوشيون ملهايان. پوءِ ڏسان ته انهيءَ
مان ڇا ٿو حاصل ٿئي!“ پر مون ڏٺو ته ائين ڪرڻ سان زندگيءَ جي
راز کي سمجهي نه ٿو سگهجي. 2-3 مون پنهنجيءَ دل ۾ ويچار
ڪيو ته آءٌ پنهنجي جسم کي مئي پيئڻ وسيلي خوش رکان. مون
ايتري مئي پيتي جو بي‌هوش ٿي ويس. مون اهو انهيءَ ڪري ڪيو
ته جيئن ڏاهپ جي وسيلي آءٌ جاچ ڪري ڏسان ته هن ڌرتيءَ تي بني
آدم جي ٿورڙي حياتيءَ دوران اهو ڪم ڪرڻ فائدي وارو آهي يا نه.
پر مون سهي ڪري ورتو ته کلڻ ۽ خوشي ملهائڻ وسيلي زندگيءَ
جي راز کي سمجهڻ چريائپ آهي.
4 تڏهن مون ڪجهه وڏا وڏا ڪم ڪيا. مون پنهنجي لاءِ گهر
جوڙايا ۽ انگورن جا باغ لڳرايا. 5 مون پنهنجي لاءِ باغ ۽ باغيچا تيار
ڪرايا، جن ۾ هر قسم جي ميون جا وڻ لڳرايا. 6 مون تلاءَ جوڙايا،
انهيءَ لاءِ ته انهن وڻن کي پاڻي ڏجي. 7 مون ڪيترائي غلام ۽
ٻانهيون پڻ خريد ڪيون، جن جا پٽ ۽ ڌيئرون، جيڪي پيدا ٿيا سي
به منهنجا نوڪر چاڪر بڻيا. مون وٽ ڍورن ڍڳن ۽ رڍن ٻڪرين جا
گهڻا ئي ڌڻ هئا. هائو، منهنجي ملڪيت انهن سڀني کان وڌيڪ هئي
جيڪي مون کان اڳ يروشلم ۾ رهندا هئا. 8 مون گهڻو ئي سون ۽
چاندي گڏ ڪيو ۽ ڌارين بادشاهتن تي قبضو ڪري انهن ملڪن مان
قيمتي خزانا هٿ ڪيا. مون پنهنجي لاءِ عورتون ۽ مرد ڳائڻا مقرر
ڪيا ۽ پنهنجي عيش عشرت لاءِ گهڻيون ئي سريتون رکيم.
9-10 جيڪي ماڻهو انهيءَ وقت يا انهيءَ کان اڳ يروشلم ۾ رهندا
هئا، تن سڀني کان آءٌ عظمت ۽ دولت ۾ وڌي ويس. مون جيڪي چاهيو
سو حاصل ڪيو ۽ اهو ئي ڪجهه پئي ڪيم جنهن سان منهنجي
دل کي خوشي حاصل پئي ٿي. منهنجي دل منهنجي انهيءَ سڄي
محنت جي ڪري بيحد خوش هئي ۽ اها خوشي منهنجو انعام هو.
تنهن هوندي به انهيءَ وقت دوران مون ڏاهپ واري جاچ کي ڇڏي
ڪونه ڏنو. 11 پوءِ پنهنجي هٿن جي پورهئي سميت مون پنهنجي
ڪيل سڀني ڪمن تي غور ويچار ڪيو. تڏهن ڇا ڏٺم ته ائين ڪرڻ
سان به زندگيءَ جي راز کي نه ٿو سمجهي سگهجي. اهو ائين آهي

16:1 1.با 4:29–31   2:4–8 1.با 10:23–27، 2.توا 9:22–27   2:7 1.با 4:23   2:8 1.با 10:10،14–22   2:9–10 1.توا 29:25

جيئن هوا جي پٺيان ڊوڙڻ. هائو، هن دنيا ۾ ڪنهن به ڪم يا تجربي
ڪرڻ سان زندگيءَ جو اصل مقصد حاصل ٿي نه ٿو سگهي.
12 ڪوبه بادشاهه رڳو اهڙو ڪجهه ڪري سگهي ٿو، جيڪو هن
کان اڳ ۾ ٻيا بادشاهه ڪري چڪا آهن. سو مون جاچيو ته مثان
ڏاهپ ۽ بيعقليءَ جي ڀيٽ ڪرڻ ۾ ڪو فائدو هجي. 13 مون ڏٺو ته
ڏاهپ بيعقليءَ کان ايترو ته بهتر آهي، جيترو روشني اونداهيءَ کان.
14 ڏاها ماڻهو چڱيءَ طرح ڏسي ٿا سگهن ته هو ڪيڏانهن وڃي رهيا
آهن. مگر بيعقل ماڻهو انهن شخصن وانگر آهن جيڪي اونداهيءَ ۾
هلندي ٿاٻڙجي ٿا پون. تنهن هوندي به مون ڄاتو ته ڏاهو هجي توڙي
بيعقل، پڇاڙي ٻنهي جي هڪڙي ئي ٿئي ٿي. 15 تڏهن مون پنهنجيءَ
دل ۾ سوچيو ته جيڪڏهن بيعقلن وانگر مون کي به موت ملندو ته
پوءِ ڏاهپ ڇو حاصل ڪريان؟ زندگيءَ جي ڳجهارت پجڻ لاءِ اهڙي
ڪوشش فضول آهي. 16 پر افسوس! ڏاهو هجي توڙي بيعقل سڀ
مري ٿا وڃن ۽ جلد ئي ماڻهن جي دلين مان وسريو ٿا وڃن. ائين نه
ٿو ٿئي جو ڏاهي کي بيعقل کان وڌيڪ ياد ڪيو وڃي. 17 هن دنيا ۾
جيڪو به ڪم ڪيو ٿو وڃي سو منهنجي نظر ۾ ڏک رسائيندڙ آهي.
انهيءَ ڪري مون کي زندگيءَ کان نفرت ٿي ويئي آهي. ڇالاءِ جو
زندگيءَ جي راز کي سمجهڻ ائين آهي جيئن هوا جي پٺيان ڊوڙڻ.
18 تڏهن مون سمجهي ورتو ته هن دنيا ۾ سخت محنت ڪري مون
جيڪي مال ملڪيت گڏ ڪيو آهي، سو سڀ مون کي پنهنجي وارثن
لاءِ ڇڏي وڃڻو پوندو. تڏهن آءٌ انهن سڀني ڳالهين کان نفرت ڪرڻ
لڳس. 19 ڇالاءِ جو ڪنهن کي خبر ته اهي منهنجا وارث ڏاها هوندا
يا بيعقل؟ انهيءَ هوندي به جيڪي مون هن دنيا ۾ سخت محنت
۽ ڏاهپ سان حاصل ڪيو آهي تنهن جا اهي مالڪ بڻجي ويندا. ته
پوءِ اهو زندگيءَ جو راز سمجهه کان مٿاهون آهي. 20 هائو، تڏهن آءٌ
سوچ ويچار ڪري پنهنجي انهيءَ ڪيل سموري محنت کان نااميد ٿي
ويس. 21 جڏهن اسين محنت ڪندي پنهنجي ڏاهپ، علم ۽ هنر سان
پنهنجي لاءِ ڪجهه گڏ ڪريون ٿا، تڏهن اهو سڀ اسين ڇو ڪنهن
اهڙي ماڻهوءَ لاءِ ڇڏي وڃون، جنهن انهيءَ لاءِ ڪا به محنت نه
ڪئي هجي؟ اها به هڪڙي مصيبت آهي جيڪا سمجهه کان مٿاهين
آهي. 22 انهيءَ مان ظاهر آهي ته انسان پنهنجي سوچ ويچار سان
ڪيل محنت ۽ مشقت مان ڪوبه فائدو حاصل نه ٿو ڪري. 23 انسان
جي پوري حياتي ڏکن سان ڀريل آهي ۽ سندس محنت هڪ عذاب
آهي. ايتري قدر جو رات جو به سندس خيال ڪيس آرام ڪرڻ نه ٿا
ڏين. اهو به سمجهه کان مٿاهون آهي.
24 پوءِ ڇا اسان انسانن لاءِ اهو بهتر ناهي جو اسين کائون، پيئون
۽ پنهنجي محنت جي ڦل مان پاڻ مزا ماڻيون؟ منهنجو ايمان آهي
ته اهي شيون اسان لاءِ خدا جون نعمتون آهن. 25 ڇالاءِ جو خدا جي
مرضيءَ کان سواءِ ڪوبه ماڻهو کائي، پيئي ۽ مزا ماڻي نه ٿو سگهي.
26 ڇالاءِ جو جنهن ماڻهوءَ مان خدا راضي ٿو رهي، تنهن کي هو
ڏاهپ، علم ۽ خوشي عطا ڪري ٿو. پر جيڪو ماڻهو گنهگار آهي،
تنهن کان هو سخت محنت ۽ مشقت ٿو ڪرائي. پوءِ اهو ماڻهو
جيڪي به ميڙي گڏ ڪري ٿو سو سڀ خدا انهيءَ جي حوالي ڪري
ٿو جنهن تي هو راضي ٿئي ٿو. بس، انهيءَ ۾ به زندگيءَ جو راز
آهي ۽ انهيءَ کي سمجهڻ ائين آهي جيئن هوا جي پٺيان ڊوڙڻ.

## هر شيءِ جو وقت مقرر آهي

3 1 هر شيءِ ۽ هر ڪم جيڪو هن دنيا ۾ ٿئي ٿو،
سو مقرر وقت تي ٿيندو رهي ٿو:
2 ڄمڻ جو وقت هجي توڙي مرڻ جو،
پوکڻ جو وقت هجي توڙي پيل ڪرڻ جو،
3 مارڻ جو وقت هجي توڙي ڇٽائي چڱو ڀلو ڪرڻ جو،
ڊاهڻ جو وقت هجي توڙي اَڏائڻ جو،
4 روئڻ جو وقت هجي توڙي کِلڻ جو،
روڄ راڙي جو وقت هجي توڙي خوشيءَ مان نچڻ ٽپڻ جو،
5 پٿر گڏ ڪرڻ جو وقت هجي توڙي کنڊيرڻ جو،
ڀاڪر پائڻ جو وقت هجي توڙي ڏار رهڻ جو،
6 ڳولهي لهڻ جو وقت هجي توڙي وڃائڻ جو،
سانڍي رکڻ جو وقت هجي توڙي اڇلائي ڇڏڻ جو،
7 ڦاڙڻ جو وقت هجي توڙي سبڻ جو،
ماٺ ڪرڻ جو وقت هجي توڙي ڳالهائڻ جو،
8 محبت ڪرڻ جو وقت هجي توڙي نفرت ڪرڻ جو،
جنگ ڪرڻ جو وقت هجي توڙي صلح ڪرڻ جو.

9 پوءِ انهيءَ حالت ۾ سخت پورهئي ڪرڻ مان اسان کي ڇا ٿو
حاصل ٿئي؟ 10 آءٌ انهيءَ بار کي ڄاڻان ٿو، جيڪو خدا بني آدم جي
مٿان رکيو آهي، انهيءَ لاءِ ته اهي پنهنجي ڪم ڪار ۾ رُڌل رهن.
11 خدا دنيا کي ائين پيدا ڪيو آهي جو هر شيءِ پنهنجي مناسب وقت
تي پوري ٿئي ٿي. انهيءَ سان گڏوگڏ هن اسان انسانن جي دلين ۾
اصل مقصد جي ڄاڻ حاصل ڪرڻ جي خواهش پڻ پيدا ڪئي آهي.
پر ان جي باوجود اسين سندس ڪمن جي جاچ شروع کان آخر تائين
ڪري نه ٿا سگهون.
12 تنهنڪري مون ڄاتي ورتو آهي ته انهيءَ کان وڌيڪ بهتر ڳالهه
انسان جي وس ۾ ناهي جو هو پنهنجي پوري حياتي رڳو خوش رهي
۽ زندگيءَ جا مزا ماڻيندو رهي. 13 اهو به ڄاڻان ٿو ته هر ڪو ماڻهو
کائي پيئي ۽ پنهنجي محنت جو ڦل پاڻ حاصل ڪري. اها ئي خدا
جي طرفان اسان لاءِ نعمت آهي.

23:2 ايو 7:5، 1:14  24:2 وا 13:3، 18:5، 7:9، لو 19:12، 1.ڪر 32:15  26:2 ايو 8:32، چوڻ 6:2

⑭ آءٌ ڄاڻان ٿو تہ خدا جيڪي بہ ڪري ٿو، سو هميشہ ٽيندو رهندو.
انهيءَ ۾ ڪا بہ گهٽ وڌائي ٿي نہ ٿي سگهي. خدا هي سڀ ڪجهہ
انهيءَ لاءِ ڪيو آهي تہ اسين انسان سندس تعظيم ڪندا رهون.
⑮ هر ڳالهہ جيڪا هاڻي ٿي رهي آهي، سا اڳ ۾ بہ ٿي چڪي آهي
۽ جيڪي ڪجهہ ايندڙ وقت ۾ ٿيڻو آهي سو هاڻي بہ ٿي رهيو آهي.
مطلب تہ خدا ساڳئي ڪم کي وري وري ڪندو رهي ٿو.

## انسان ۽ حيوان جي ڀيٽ

⑯ مون اهو بہ ڄاچي ڏٺو تہ دنيا ۾ هر هنڌ چڱائيءَ بدران بڇڙائي
۽ انصاف بدران ناانصافي پيئي ٿئي. ⑰ پر مون پنهنجيءَ دل ۾ چيو
تہ خدا نيڪن توڙي بدڪارن ٻنهي جو انصاف ڪندو، ڇالاءِجو مون
ڏٺو آهي تہ مناسب وقت تي هر شيءِ ۽ هر ڪم ٿيندو رهي ٿو.
⑱ مون هي بہ سوچيو تہ هن انصاف ۽ بڇڙائيءَ واري ڳالهہ بابت
خدا انسانن کي آزمائي ٿو جڏهن تہ اسان انسانن ۽ جانورن ۾ ڪو
فرق نظر نہ ٿو اچي. ⑲ ڇالاءِجو جيڪي ڪجهہ انسان سان ٿي گذري
ٿو سو ئي جانورن سان بہ ٿئي ٿو. ٻنهي سان هڪڙي ئي قسم جون
ڳالهيون پيش اچن ٿيون. انسان بہ جانورن وانگر ساهہ کڻن ٿا ۽ مري
ٿا وڃن. سو انسان حيوان کان وڌيڪ ناهي. بيشڪ اهو راز سمجهڻ
ممڪن ناهي. ⑳ هر جاندار مخلوق هڪڙي ئي هنڌ وڃي ٿي، سڀئي
مٽيءَ مان ٺاهيا ويا آهن ۽ سڀني کي وري مٽيءَ سان ئي وڃي ملڻو
آهي. ㉑ پوءِ ڪنهن ڏٺو آهي تہ انسان جو روح مٿي چڙهي ٿو وڃي
۽ جانورن جو روح هيٺ ڌرتيءَ ۾ لهي ٿو وڃي؟ ㉒ تنهنڪري مون
تہ اهو ئي ڄاتو آهي تہ انهيءَ کان بهتر ٻي ڳالهہ ڪانهي تہ ماڻهو
پنهنجن ڪمن ۾ خوش رهي، ڇالاءِجو اهو ئي هن لاءِ مقرر ٿيل آهي.
انسان کي اهو موقعو ئي نہ ٿو ملي جنهن مان هو ڄاڻي سگهي تہ
سندس موت کان پوءِ ڇا ٿيندو.

## ڏکن ڀري زندگي

4 ① تنهن کان پوءِ مون وري نظر ڪئي ۽ ڏٺم تہ دنيا ۾ هر هنڌ
ماڻهن تي ظلم پئي ڪيو ويو. مون ڏٺو تہ مظلومن جي اکين
مان ڳوڙها وهي رهيا هئا ۽ انهن کي دلاسي ڏيڻ وارو ڪوبہ ڪو نہ
هو. مٿن ظلم ڪرڻ وارا وڏي اختيار وارا هئا، پر مظلومن جو ڪوبہ
مددگار ڪونہ هو. ② سو مون پنهنجيءَ دل ۾ چيو تہ جيڪي اڃا جيئرا
آهن، تن کان تہ اهي بهتر آهن جيڪي اڳي مري کپي ويا آهن. ③ بلڪ
انهن ٻنهي کان بہ وڌيڪ بهتر اهي آهن جيڪي اڃا ڄاوا ئي ڪو نہ
آهن، جن اڃا اها بڇڙائي ڏٺي ئي ڪونهي جيڪا هن دنيا ۾ پيئي ٿئي.
④ تنهن کان پوءِ مون محنت ۽ هنرمنديءَ جي ڪم بابت غور ڪيو
۽ ڏٺم تہ اهو سڀ ڪجهہ انسان هڪ ٻئي سان مقابلي ڪرڻ جي لاءِ
ٿا ڪن. پر انهيءَ مان اصل مقصد جو پتو نہ ٿو پوي. اهو ائين آهي
جيئن هوا جي پٺيان ڊوڙڻ. ⑤ اهي چون ٿا تہ
”اهو ماڻهو بيوقوف آهي،
جيڪو پنهنجو ڪاڏو حاصل ڪرڻ لاءِ پورهيو نہ ٿو ڪري،
۽ اهڙيءَ طرح پنهنجو پاڻ کي بک وگهي ماريو ڇڏي.“
⑥ شايد ائين هجي، پر هي بہ آهي تہ
”گهڻو حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجو پاڻ کي سڄو وقت
هڄائڻ کان بهتر آهي تہ اوترو ئي کٽي حاصل ڪجي،
جنهن سان سڪون ملي.“
گهڻو هجڻ بہ ائين ئي آهي جيئن هوا جي پٺيان ڊوڙڻ.
⑦ پوءِ مون وري هن دنيا ۾ هڪ ٻي ڳالهہ ڏٺي جيڪا منهنجي
نظر ۾ هڪ راز آهي. ⑧ مثال طور ڪنهن ماڻهوءَ کي نہ اولاد آهي
۽ نہ وري ڪو ڀاءُ ڀيڻ اٿس، بلڪل اڪيلو ئي آهي. تنهن هوندي بہ
اهو هميشہ سخت پورهيو ڪندو ٿو رهي پر دولت مان ڍاپجي نہ
ٿو. ڀلا اهو ڪنهن جي لاءِ هيتري ساري محنت ٿو ڪري ۽ پنهنجي
جيءَ کي جنجال ۾ ٿو وجهي؟ اهڙي تڪليف واري زندگي گذارڻ بہ
سمجهہ کان مٿاهين آهي.
⑨ اڪيلي رهڻ کان ٻہ هجڻ بهتر آهي، ڇالاءِجو انهن کي سندن
گڏيل پورهئي جو چڱو فائدو ٿو ملي. ⑩ جيڪڏهن انهن مان ڪو
هڪڙو ڪرندو، تہ ٻيو سنگتي انهيءَ کي سنڀالي وٺندو. پر افسوس
آهي انهيءَ تي جيڪو اڪيلو آهي، ڇالاءِجو جڏهن اهو ڪرندو تہ
ڪيس ڪوبہ اٿارڻ وارو ڪو نہ هوندو. ⑪ وري جيڪڏهن ٻہ ڄڻا گڏ
سمهن ٿا تہ هو گرم ٿا رهن. پر هڪڙو اڪيلو ماڻهو ڪيئن گرم رهي
سگهندو؟ ⑫ ڪنهن اڪيلي ماڻهوءَ تي تہ آسانيءَ سان غلبو حاصل
ڪري سگهجي ٿو. مگر ٻہ ڄڻا تہ مقابلو ڪري سگهن ٿا، جيئن
چوڻي آهي تہ
”ٽيڙو وٽيل ڌاڳو آسانيءَ سان ڪين ٿو ٽُٽي.“

⑬–⑭ اهو غريب ۽ ڏاهو نوجوان جيڪو قيد مان نڪري اچي بادشاهہ
ٿيو هجي، توڙي جو اهو شاهي خاندان مان نہ هجي، تہ بہ اهو
انهيءَ پوڙهي بيوقوف بادشاهہ کان وڌيڪ بهتر آهي، جيڪو ڪنهن
جي صلاح ئي نہ ٿو وٺي. ⑮ تڏهن مون دنيا جي سڀني ماڻهن تي غور
ڪيو ۽ اندازو لڳايم تہ ڪو نہ ڪو نوجوان هنن مان بہ بادشاهہ کان
پوءِ سندس جاءِنشين ٿيو. ⑯ پر جيڪي بيشمار ماڻهو هن کان اڳ
۾ گذري ويا، يا وري ايندڙ پيڙهيون جيڪي هن کان پوءِ رهنديون،
تن سڀني جي نظر ۾ هن جو ڪو قدر ڪونہ هوندو. يقيناً اهو بہ
سمجهہ کان مٿاهون آهي ۽ ائين آهي جيئن هوا جي پٺيان ڊوڙڻ.

## خدا آڏو اُبهرا واعدا نہ ڪريو

5 ① جڏهن اوهين خدا جي گهر ۾ داخل ٿيو، تڏهن نماڻا ٿي
احتياط سان اچو. ڪي بيوقوف ماڻهو اتي وڃي لاپرواهيءَ
سان قربانيون تہ پيش ڪن ٿا پر نہ ٿا سمجهن تہ ائين ڪرڻ سان
هو پنهنجو پاڻ کي مصيبت ۾ ٿا ڦاسائين. انهيءَ کان تہ اهو وڌيڪ
بهتر آهي جو اوهين اتي وڃي ڪجهہ ڌيان سان ٻڌو. ② خدا آڏو

ڪوبہ اُبهرائيءَ وارو واعدو نہ ڪريو. هائو، پنهنجي زبان کي ضرور
ضابطي ۾ رکو. خدا عرش عظيم کان اوهان کي ڌرتيءَ تي ڏسي ٿو،
تنهنڪري احتياط سان ڳالهايو. 3 اوهين هن چوڻيءَ تي غور ڪريو تہ
”جيئن گهڻي ڳڻتيءَ سان ننڊ حرام ٿي ويندي آهي،
تيئن گهڻي ڳالهائڻ وارو بي‌وقوف هوندو آهي.“

4 جڏهن اوهين خدا آڏو ڪو واعدو ڪريو، تہ پوءِ جيترو جلد
ٿي سگهي اهو پورو ڪريو، ڇالاءِجو هو اهڙن اُبهرن بي‌وقوفن مان
خوش نہ ٿو رهي. تنهنڪري پنهنجو ڪيل واعدو پورو ڪري ڇڏيو.
5 اوهين جيڪڏهن ڪو واعدو ڪريو ۽ وري اهو پورو نہ ڪريو، تنهن
کان بهتر اهو آهي تہ اوهين ڪو واعدو ئي نہ ڪريو. 6 پنهنجي
زبان کي قابوءَ ۾ رکو، تانتہ اها اوهان کي گنهگار نہ ٺهرائي ۽ پوءِ
اوهان کي ڪاهن جي آڏو ائين نہ چوڻو پوي تہ ”مون کان ڀل چوڪ
ٿي ويئي آهي.“ سو ائين نہ ٿئي جو خدا اوهان جي چيل ڪنهن ڳالهہ
تان ناراض ٿي اوهان جي محنت سان ڪيل هر ڪم کي برباد ڪري
ڇڏي. 7 بيشڪ انسان جا خالي خيال، گهڻو ڳالهائڻ ۽ بيا بيڪار
ڪم گهڻا آهن، پر تنهن هوندي بہ اوهين خدا جو خوف رکو.

## ناانصافيءَ تي غور

8 جيڪڏهن اوهين ملڪ ۾ غريبن تي ظلم ٿيندي ڏسو ۽ ڪنهن
ظالم عملدار هٿان انصاف ۽ عدالت کي بگاڙيندي ڏسو، تڏهن انهيءَ
ڳالهہ تي اوهين حيران نہ ٿيو. ڇالاءِجو ظالم عملدار مٿان بہ بيا
ظالم عملدار آهن ۽ وري انهن سڀني مٿان ڪو ٻيو بہ آهي. 9 پر
جيڪڏهن ملڪ جي سڀني پنين تي بادشاهہ جي اختياري آهي تہ پوءِ
انهيءَ مان سڀني کي فائدو ملي سگهي ٿو.

## زندگيءَ جو اصل مقصد مال دولت نہ آهي

10 دولت سان پيار ڪندڙ کي دولت مان ڍءُ نہ ٿيندو. هائو، گهڻي
دولت جو حرص رکندڙ انهيءَ مان ڍاپجي نہ سگهندو. تہ پوءِ انهيءَ
مان بہ اصل مقصد تہ حاصل نہ ٿيو. 11 جڏهن ڪنهن وٽ مال جي
گهڻائي ٿئي ٿي، تڏهن انهيءَ کي کائڻ وارا بہ گهڻا ئي ٿي وڃن ٿا.
پوءِ انهيءَ ملڪيت جي مالڪ کي سواءِ اکين جي ڍءَ جي ٻيو ڪهڙو
فائدو حاصل ٿئي ٿو؟ 12 سخت پورهيو ڪندڙ ماڻهوءَ جي ننڊ سڪون
واري ٿئي ٿي، توڙي جو انهيءَ کي کائڻ لاءِ ٿورو ڪجهہ ئي ڇو نہ
ملي. پر دولتمند کي دولت جي گهڻائي آرام واري ننڊ سمهڻ نہ ٿي
ڏئي.
13 هڪڙي تمام وڏي خرابي جيڪا مون هن دنيا ۾ ڏٺي آهي، سا
اها آهي تہ ماڻهو پنهنجي دولت ڏک سهي ڪري بچائي تہ رکن ٿا،
14 پر پوءِ سندن اها دولت ڪنهن غلط فيصلي جي ڪري برباد ٿيو
وڃي. پيو هي تہ جڏهن ڪو ٻار ڄمي ٿو تہ اهو خالي هٿين هن دنيا
۾ اچي ٿو. 15 هائو، انسان هن دنيا ۾ خالي هٿين اچي ٿو ۽ مرڻ
کان پوءِ بہ خالي هٿين ئي هليو وڃي ٿو. اهو پنهنجي ڪمائيءَ مان
پاڻ سان ڳڻ ڪابہ شيءِ کڻي وڃي نہ ٿو سگهي. 16 اها بہ هڪڙي
وڏي مصيبت آهي، تہ هو هن دنيا مان ائين ئي هليو وڃي ٿو جيئن
دنيا ۾ اچي ٿو. پوءِ هن کي انهيءَ محنت مان ڇا حاصل ٿيو؟ اهو
ائين آهي جيئن هوا جي پٺيان ڊوڙڻ. 17 ان کان علاوه انسان پنهنجي
پوري حياتيءَ ۾ موت ئي موت ڏسي ٿو ۽ ڪيس زندگيءَ ۾ گهڻيون
ئي مصيبتون، ڏک ۽ جهيڙا سهڻا پون ٿا.
18 ڏسو، مون ڇاڻي ورتو آهي تہ اهو ئي چڱو ۽ مناسب آهي جو
ماڻهو کائي پيئي ۽ هن دنيا ۾ خدا جي عطا ڪيل حياتيءَ جي ڏينهن
۾ پنهنجي ڪيل محنت جو چڱو ڦل پاڻ ماڻي، ڇالاءِجو اهو ئي هن
لاءِ مقرر آهي. 19 ان کان علاوه هر ڪنهن ماڻهوءَ کي خدا جيڪا مال
ملڪيت عطا ڪئي آهي تنهن بابت ڪيس اختيار ڏنو آهي تہ جيڪو
هن لاءِ مقرر آهي تنهن مان کائي پيئي ۽ پنهنجي محنت مان پاڻ مزا
ماڻي. اها ئي خدا جي طرفان هن لاءِ نعمت آهي. 20 ائين ڪرڻ سان
خدا ڪيس ايترو تہ خوش رکندو، جو هن کي هن فاني زندگيءَ جي
اصل مقصد بابت گهڻي ڳڻتي نہ رهندي.

## هن زندگيءَ ۾ اطمينان ناهي

6 1 مون هن دنيا ۾ هڪڙي ٻي خرابي ڏٺي آهي، جيڪا اڪثر
انسانن لاءِ هڪڙو بوجهہ آهي. 2 اها هيءَ آهي تہ ڪن ماڻهن
کي خدا مال، دولت ۽ عزت عطا ڪئي آهي، ايتري قدر جو وٽن اهڙي
ڪنهن بہ شيءِ جي ڪمي ڪانهي جيڪا سندن دل گهري. انهيءَ
هوندي بہ خدا کين اها توفيق نہ ٿو ڏئي تہ هو انهيءَ مان مزو ماڻين،
بلڪ ڪي ٻيا ماڻهو انهيءَ مان کائي پي عيش ٿا ڪن. اها بہ هڪ
ڏکوئيندڙ ڳالهہ آهي جيڪا سمجهہ کان مٿاهين آهي.
3 مثال طور ڪو ماڻهو وڏيءَ ڄمار تائين جيئرو رهي ۽ ڪيس سؤ
ٻار ڄمن. پر جيڪڏهن هو پنهنجي انهيءَ ڊگهي حياتيءَ ۾ بہ
خوشين کان محروم رهي ۽ مرڻ بعد ڪيس اها عزت نہ ملي جو دفن
ڪيو وڃي، تڏهن آءٌ چوان ٿو تہ انهيءَ ماڻهوءَ کان تہ مئل ڄاول ٻار
وڌيڪ بهتر آهي. 4 انهيءَ ٻار جو ڄمڻ ۽ موت بہ هڪ ڳجهارت آهي
جيڪا سمجهہ ۾ نہ ٿي اچي. ڪيس ڪو نالو ئي نہ ڏنو ويو ۽ اهو
هڪ اونداهيءَ مان نڪري ٻي اونداهيءَ ۾ ويو. 5 بيشڪ هو زندگيءَ
جي تجربن مان نہ ٿو گذري، نڪي هو زندگيءَ بابت ڪجهہ ڄاڻي ٿو،
تنهن هوندي بہ هن جي حالت ڪنهن دولتمند جي زندگيءَ کان وڌيڪ
آرام واري آهي. 6 دولتمند ماڻهو ڀلي تہ ٻن هزار سالن تائين جيئرو
رهي تنهن هوندي بہ زندگيءَ جا مزا نہ ماڻي، تہ پوءِ اهڙي ڊگهي
حياتيءَ مان ڪهڙو فائدو؟ آخرڪار سڀيئي تہ وڃي قبر ۾ ٿا پون.

---

4:5 زب 66:13–14   15:5 ايو 1:21، زب 49:17، 1.تم 6:7

7 جيتوڻيڪ انسان سڄي محنت پنهنجي پيٽ پرڻ لاءِ ئي ڪري،
تنهن هوندي به انهيءَ جو پيٽ نه ٿو پرجي. 8 اهڙيءَ حالت ۾
عقلمند ماڻهو بيوقوف کان ڪهڙي ڳالهه ۾ وڌيڪ آهي؟ يا اهو
غريب ماڻهو جيڪو زندگي گذارڻ ڄاڻي ٿو تنهن کي ڪهڙو فائدو
حاصل ٿئي ٿو؟ 9 هڪ چوڻي آهي ته
”جيڪو هٿ ۾ موجود آهي،
سو ڪنهن وڌيڪ شيءِ جي تمنا ڪرڻ کان بهتر آهي.“
پيٽ کي پرڻ جي ڪوشش ڪرڻ سان اطمينان نه ٿو ملي. اهو ائين
آهي جيئن هوا جي پٺيان ڊوڙڻ.

## انسان لاءِ ڇا بهتر آهي؟

10 دنيا جو ڪاروهنوار گهڻو اڳ ئي مقرر ٿيل آهي. انسان ۾ اهڙي
طاقت نه آهي جو هو ان ۾ ڪا به ردوبدل ڪري سگهي، ڇالاءِجو
ڪوبه ماڻهو انهيءَ سان مقابلو ڪري نه ٿو سگهي جيڪو ڪائنس
وڌيڪ زورآور آهي. 11 جيترو انسان گهڻو ڳالهائيندو اوترو وڌيڪ
منجهي پوندو ۽ انهيءَ مان ڪيس ڪوبه فائدو ڪونه ملندو. 12 بيشڪ
زندگيءَ جي معنيٰ سمجهه کان مٿاهين آهي، اها پاڇي وانگر جلدي
وهامي وڃي ٿي. ڪير ٿو ڄاڻي ته سندس لاءِ ڪهڙي ڳالهه چڱي
آهي يا ڪهڙي خراب؟ ڪنهن کي خبر آهي ته مستقبل ۾ ڇا ٿيندو؟

7 1 جيئن نيڪ نامي قيمتي عطر کان وڌيڪ بهتر آهي،
تيئن مرڻ جو ڏينهن ڄمڻ جي ڏينهن کان وڌيڪ بهتر آهي.
2 هائو، روئڻ پٽڻ واري گهر ۾ وڃڻ،
شاديءَ جي دعوت واري گهر ۾ وڃڻ کان وڌيڪ بهتر آهي،
ڇالاءِجو هر ڪنهن کي آخرڪار مرڻو آهي.
تنهنڪري جيڪي جيئرا آهن،
تن کي انهيءَ باري ۾ سنجيدگيءَ سان سوچڻ گهرجي.
3 غمگين رهڻ، کلندو رهڻ کان بهتر آهي،
ڇالاءِجو غمگيني انسان کي وڌيڪ سنجيده ۽ پختو ٿي بڻائي.
4 جيڪو ماڻهو هميشه خوشين بابت ٿو سوچي،
سو بيوقوف آهي.
جڏهن ته عقلمند ماڻهو اهو آهي جيڪو موت بابت ٿو سوچي.

5 انسان لاءِ عقلمند جي ڇينڀ ٻڌڻ
بيعقلن جي خوشامند واري راڳ ٻڌڻ کان وڌيڪ بهتر آهي.
6 ڇالاءِجو جيئن ديڳڙي جي هيٺان
ڪنڊن جي سڙڻ جو ٺڙڪو هوندو آهي،
تيئن ئي بيعقل ماڻهوءَ جو کلڻ.
ائين ڪرڻ سان ڪجهه حاصل نه ٿو ٿئي.

7 ظلم وَ ستم جي وقت ماڻهو عقلمندن کي بيعقل سمجهن ٿا،
۽ رشوت سمجهه کي ناس ڪريو ڇڏي.

8 بردبار ماڻهو ٻٽاڪ هڻندڙ کان بهتر آهي،
جيئن ڪنهن ڪم کي شروع ڪرڻ کان
پورو ڪرڻ وڌيڪ بهتر آهي.
9 پنهنجيءَ ڪاوڙ تي ضابطو رکو،
ڇالاءِجو ڪاوڙ رکڻ بيعقلن جي دلين ۾ رهي ٿي.
10 اوهين ائين نه چئو ته
”هاڻي وارن ڏينهن کان اڳيان ڏينهن بهتر هئا،“
ڇالاءِجو اوهان جي اها سوچ عقلمنديءَ واري ناهي.

11 ڏاهپ ايڏي ته چڱي آهي،
جيڏو اهو قيمتي خزانو،
جيڪو ابا ڏاڏا ورثي ۾ ڇڏي ويا هجن.
اها هن ڌرتيءَ جي سڀني ماڻهن کي
هميشه لاءِ فائدو رسائي ٿي.
12 جيتوڻيڪ ڏاهپ دولت وانگر
انسان جي حفاظت به ڪري ٿي،
پر ڏاهپ جي ڄاڻ رکڻ مان هميشه وارو فائدو اهو آهي جو
اها ڏاهن کي زندگي بخشي ٿي.

13 خدا جي ڪمن تي غور ويچار ڪريو. جنهن شيءِ کي هن ڏنگو
بڻايو آهي، تنهن کي ڪير سڌو ڪري ٿو سگهي؟ 14 سک جي ڏينهن
۾ خوشيون ملهايو ۽ ڏک جي ڏينهن ۾ غور ڪري نصيحت حاصل
ڪريو. خدا دنيا ۾ ڏک ۽ سک ٻئي مقرر ڪري ڇڏيا آهن، تنهنڪري
ماڻهو معلوم ڪري نه ٿا سگهن ته مستقبل ۾ ڇا ٿيندو.

## زندگيءَ کي ڏاهپ سان پرکڻ

15 اهو سڀ ڪجهه مون پنهنجي هن منجهائيندڙ زندگيءَ دوران
ڏٺو آهي. مون اهو به ڏٺو آهي ته ڪيترائي نيڪ ماڻهو نيڪيءَ جا
ڪم ڪن ٿا، پر پوءِ به مري چٽ ٿي ٿا وڃن. جڏهن ته بڇڙا ماڻهو
بڇڙائيءَ وارا ڪم ڪندي وڏي عمر تائين جيئرا ٿا رهن. 16 سو اوهين
حد کان وڌيڪ نيڪ ۽ ڏاها بڻجڻ جي ڪوشش نه ڪريو. ائين ڪرڻ
سان اوهين زندگيءَ مان مايوس ٿي ويندا. 17 ساڳيءَ طرح اوهين حد
کان وڌيڪ بدڪار ۽ بيعقل بڻجڻ جي ڪوشش نه ڪريو. ائين ڪرڻ
سان اوهين وقت کان اڳي مري ويندا. 18 چڱي ڳالهه هيءَ آهي جو
اوهين ٻنهي جي لاءِ ڪوشش ڪرڻ کان بچي وڃو. خدا کان ڊڄندا
رهو. بس، اهو ئي اوهان جو فرض آهي.

1:7 چوڻ 1:22 | 9:7 يع 19:1

19 ڏاهي ماڻهوءَ لاءِ سندس ڏاهپ هڪڙي اهڙي طاقت آهي جيڪا
ڪيس شهر جي ڏهن طاقتور ماڻهن کان به وڌيڪ زورآور ٿي بڻائي.
20 تنهن هوندي به ڌرتيءَ تي اهڙو ڪوبه سچار ماڻهو ڪونهي جيڪو
رڳو نيڪي ئي نيڪي ڪندو رهي ۽ ڪا خطا نه ٿي هجيس.
21 ماڻهو جيڪي ڳالهيون ڪندا پيا وتن، تن سڀني ڏانهن به اوهين
ڌيان نه ڏيو. ائين نه ٿئي جو اوهان ڪي پنهنجي نوڪر واتان اوهان جي
باري ۾ بيعزتيءَ وارا لفظ ٻڌڻ ۾ اچن. 22 جڏهن ته اوهين پاڻ ڄاڻو
ٿا ته اوهان پاڻ به ڪيترائي دفعا ٻين جي بيعزتي ڪري چڪا آهيو.
23 انهن سڀني ڳالهين کي مون ڏاهپ سان پرکيو. منهنجو ارادو
هو ته آءٌ هنن ڳالهين بابت وڌيڪ ڄاڻ رکان، پر انهن کي پرکڻ
منهنجي وس کان مٿاهون هو. 24 زندگيءَ جي حقيقت کي سمجهڻ
تمام مشڪل، بلڪ ناممڪن آهي. ڪير آهي جيڪو انهيءَ حقيقت
کي سمجهي سگهي؟
25 تنهن هوندي به مون ڄاڻ حاصل ڪرڻ ۽ حقيقت جي ڳولها لاءِ
پنهنجو پاڻ کي وقف ڪري ڇڏيو. مون پڪو ارادو ڪيو ته آءٌ ڏاهپ
۽ زندگيءَ جي اصل مقصد جي ڳولها ڪندس ۽ بيعقلن جي چريائپ
۽ بڇڙائيءَ کي سمجهندس. 26 تڏهن مون معلوم ڪيو ته موت کان
به وڌيڪ هڪڙي ڪؤڙي شيءِ آهي، يعني اها عورت جنهن جو پيار
ڦندي ۽ ڄار مثل آهي ۽ جنهن جي هٿن ۾ هٿڪڙيون آهن. جنهن
ماڻهوءَ سان خدا راضي هوندو سو انهيءَ کان بچي نڪرندو، جڏهن
ته گنهگار انهيءَ جو شڪار ٿي ويندو.
27 ڏسو، مون پنهنجي پوري ڏاهپ سان زندگيءَ جون ڪيتريون ئي
ڳالهيون جاچي ڏٺيون ته آخرڪار زندگيءَ جو اصل مقصد ڇا آهي.
28 آءٌ دل وَ جان سان ڳولها ڪندو رهيس، پر ڪجهه به حاصل ڪري
نه سگهيس. تنهن هوندي به جيئن چوڻي آهي ته
”هزار ماڻهن ۾ رڳو هڪڙو نيڪ ماڻهو ملي ٿو،
پر انهن ۾ عورت هڪڙي به ڪانه آهي،“
29 تيئن ڏسو، مون رڳو اهو ئي معلوم ڪري ورتو آهي ته خدا انسان
کي معصوم ۽ ايماندار ڪري پيدا ڪيو، پر انسانن پنهنجي لاءِ تمام
گهڻا مونجهارا پيدا ڪري ڇڏيا.

## حڪم جي تعميل ڪرڻ ڏاهپ آهي

8 1 ڏاهو ماڻهو جنهن کي ڄاڻ آهي سو ڪيئن سڃاتو وڃي؟
ڏاهپ سندس منهن مان پيئي چمڪي ۽ سخت چهري جي بجاءِ
هن جو چهرو نرم رهي ٿو.
2 آءٌ اوهان کي صلاح ٿو ڏيان ته اوهين پنهنجي بادشاهه جي
حڪمن تي عمل ڪجو، ڇالاءِجو خدا پنهنجي واعدي مطابق هن
کي مقرر ڪيو آهي. 3 اوهين بادشاهه کان پنهنجو منهن جلدي نه
موڙيو، نڪي سندس خلاف ڪنهن سازش ۾ شامل ٿيو، ڇالاءِجو
هو جيڪي ڪجهه چاهي سو ڪري ٿو سگهي. 4 بادشاهه جو حڪم
قانون جي حيثيت رکي ٿو. ڪير آهي جيڪو کيس چئي سگهي ته
”تون هي ڇا ٿو ڪرين؟“ 5 جيڪو بادشاهه جو حڪم بجا آڻيندو،
سو مشڪلاتن جو منهن نه ڏسندو. تنهنڪري ڏاهو ماڻهو اهو ڄاڻي
ٿو ته ڇا ڪرڻ گهرجي ۽ ڪڏهن ڪرڻ گهرجي.
6 هر ڳالهه جو ڪونه ڪو وقت ۽ سبب هوندو آهي، جنهن جي
ڪري عام انسان کي زندگيءَ ۾ گهڻيون ئي تڪليفون سهڻيون پون
ٿيون. 7 انسان نه ٿو ڄاڻي ته آئينده ڇا ٿيندو ۽ ڪيئن ٿيندو. نه ئي
ڪو ٻيو کيس انهيءَ باري ۾ ٻڌائي ٿو سگهي. 8 اهڙو ڪوبه انسان
ڪونهي جيڪو پاڻ کي مرڻ کان بچائي سگهي، نڪي ڪو موت جي
ڏينهن کي ٽاري سگهي ٿو، نڪي ڪو جنگ کان پاڻ بچائي سگهي
ٿو ۽ نه ئي وري بدڪارن کي سندن بڇڙائي ڪو بچائي سگهي ٿي.
9 هن دنيا ۾ جيڪي ڪجهه ٿي رهيو آهي، سو سڀ ڪجهه مون ڏٺو
آهي ۽ انهيءَ باري ۾ سنجيدگيءَ سان سوچيو اٿم.

## بدڪارن سان ڀلائي سمجهه کان مٿاهين

هن دنيا ۾ هڪڙا ظالم ماڻهو ٻين جي مٿان اهڙيءَ طرح حڪمراني
ٿا ڪن جو اهي ٻيا سندن ظلم هيٺ پيا پيڙجن. 10 انهيءَ کان سواءِ
مون ڏٺو آهي ته بدڪار ماڻهو هيڪل ۾ ايندا ويندا ٿا رهن ۽ مرڻ
کان پوءِ وڏي مان مرتبي سان دفن ڪيا ٿا وڃن، جڏهن ته نيڪ
ماڻهو بلڪل وساريا ٿا وڃن. اها ڳالهه به سمجهه کان مٿاهين آهي.
11 جيئن ته بدڪاريءَ جي سزا دير سان ڏني ٿي وڃي، جنهن کي
ڏسندي ٻين ماڻهن جي دل به گناهه واري زندگيءَ ڏانهن مائل ٿئي
ٿي. 12 جيتوڻيڪ ڪو گنهگار ڪٿي ڏوهن مٿان ڏوهه ڪندو رهي ۽
سندس عمر به وڏي ٿئي، تڏهن به آءٌ يقين سان چوان ٿو ته ڀلو انهن
جو ٿيندو جيڪي خدا کان ڊڄن ٿا ۽ سندس تعظيم ٿا ڪن. 13 پر
هجڻ ته ائين گهرجي جو گنهگارن جو ڀلو ڪڏهن به نه ٿئي، نڪي
سندن عمر وڏي. بلڪ اهي ڇاڇي وانگر وهامندا رهن، ڇالاءِجو اهي
خدا جو خوف نه ٿا رکن. 14 تنهن هوندي به هڪڙي ڳالهه سمجهه
۾ نه ٿي اچي، جيڪا هن دنيا ۾ ڪئي پيئي وڃي. اها هيءَ آهي
جو هتي سچارن سان اهڙي بري هلت ڪئي وڃي ٿي، جيڪا بدڪارن
سان ڪرڻ گهربي هئي ۽ هتي بدڪارن سان اهڙي سٺي هلت ڪئي
وڃي ٿي، جيڪا سچارن سان ڪرڻ گهربي هئي. تڏهن مون چيو ته
اها ڳالهه به سمجهه کان مٿاهين آهي.
15 تنهنڪري منهنجو مشورو اهو ئي آهي ته اسين خوش رهون،
ڇالاءِجو هن دنيا ۾ انسان جي اختيار ۾ انهيءَ کان بهتر ڪا ڳالهه
ڪانهي ته هو کائي، پيئي ۽ خوش رهي. جيئن انسان هن دنيا ۾ خدا
جي طرفان عطا ڪيل حياتي گذاري ٿو، تيئن سندس محنت دوران
هن لاءِ اهي ئي ڳالهيون ممڪن آهن.

## زندگيءَ جو اصل مقصد انسان نه ٿو ڄاڻي

16 مون ڏاڍي ڪوشش ڪئي ته آءٌ هن دنيا جي هر ڳالهه کي پرکي
ڏاهپ حاصل ڪريان، ايتري قدر جو ننڊ آرام ڪرڻ کان سواءِ ڏينهن

رات سوچيندو رهيس. 17 هائو، مون خدا جي سڀني ڪمن کي پرکيو.
پوءِ مون مڃيو تہ انسان ڪيڏي بہ ڪوشش ڪري پر هو اصل حقيقت
معلوم ڪري نہ ٿو سگهي تہ هن دنيا ۾ ائين ڇو ٿي رهيو آهي.
ايتري قدر جو ڏاها ماڻهو بہ جيڪي سمجهڻ جي دعويٰ ڪن ٿا پر
اهي بہ نہ ٿا سمجهي سگهن.
9 1 انهن سڀني ڳالهين بابت مون گهڻو سوچ ويچار ڪيو. تڏهن
مون کي سمجهہ ۾ آيو تہ سڀيئي ڪم خدا جي مرضيءَ سان
ٿين ٿا. توڙي جو ڏاها هجن يا نيڪوڪار ڪين خبر ئي ڪانهي تہ انهن
ڪمن جو نتيجو ڇا نڪرندو. ايتري قدر جو انسان پنهنجي بُري يا
ڀلي جو نتيجو بہ نہ ٿو ڄاڻي، جيتوڻيڪ سڀ ڪجهہ سندس اکيان ٿي
رهيو هجي. 2 بلڪ سڀني انسانن جي آخرڪار هڪجهڙي پڄاڻي ٿئي
ٿي، پوءِ اهي سچار هجن توڙي بڇڙا، نيڪوڪار هجن توڙي بدڪار،
پاڪ هجن توڙي ناپاڪ، قربانيون پيش ڪندڙ هجن توڙي قربانيون
پيش نہ ڪندڙ، نيڪ هجن توڙي گنهگار ۽ قسم کڻڻ وارا هجن
توڙي قسم کڻڻ کان ڊڄڻ وارا. 3 هائو، هن دنيا ۾ وڏي بدقسمتي
اها آهي جو سڀني انسانن جي پڄاڻي هڪجهڙي ٿئي ٿي. تنهنڪري
انسان جي ساري حياتي بڇڙائيءَ ۽ چريائپ واري سوچ ۾ گذري ٿي،
ڇالاءِجو سڀيئي هڪجهڙي وفات ڪري وڃي مُڙدن سان ٿا ملن.
4 جيئن چوڻي آهي تہ ”جيئرو ڪتو مئل شينهن کان بهتر آهي،“
سو ساڳيءَ طرح جيستائين انسان هن دنيا ۾ زندهہ رهي ٿو تيستائين
هن کي اهو آسرو آهي تہ 5 ”اسين سڀيئي مرنداسين،“ جڏهن تہ
مئل انسان کي ڪوبہ آسرو ڪونہ آهي. بلڪ هن دنيا مان هليو وڃڻ
کان پوءِ انهن کي ايترو بہ اجر ڪونہ ٿو ملي جو ڪين ياد ڪيو
وڃي. 6 انهن جي مرڻ سان گڏ سندن محبت، نفرت توڙي غيرت
جو احساس بہ بلڪل ختم ٿيو وڃي. اهي هن دنيا ۾ ٿيندڙ ڪنهن
بہ ڳالهہ ۾ وري حصو وٺي نہ ٿا سگهن.
7 تنهنڪري خوش رهو ۽ کائڻ پيئڻ مان مزا ماڻيندا رهو. ڇالاءِجو
خدا اڳي ئي اوهان جي انهيءَ ڳالهہ ۾ راضي آهي. 8 ڀلي تہ اوهان
جا ڪپڙا هميشہ اڇا اُجرا هجن ۽ وارن کي تيل ڦُلي ڏنل هجي، جيئن
اوهين ناهوڪا ڏسڻ ۾ اچو. 9 جيڪا عورت خدا اوهان کي عطا ڪئي
آهي جنهن سان اوهان کي محبت آهي، تنهن سان ئي پنهنجي هن
منجهائيندڙ زندگيءَ جا سڀ ڏينهن خوشيءَ سان گذاريو. ڇالاءِجو
اوهين هن دنيا اندر پنهنجي حياتيءَ ۾ جيڪا بہ محنت مشقت ڪريو
ٿا، سا ئي اوهان لاءِ ڪافي آهي. 10 اوهين جيڪو بہ ڪم ڪريو، سو
دل وَ جان سان ڪريو، ڇالاءِجو اوهين جلد ئي مئلن جي دنيا ڏانهن
هليا ويندا، جتي نہ ڪو ڪم ڪار آهي، نڪو ڪو سوچ ويچار، نڪو
علم آهي ۽ نہ ئي وري ڪا ڏاهپ.
11 هن دنيا ۾ ڪي ٻيون ڳالهيون بہ مون ڏٺيون آهن تہ تکي ۾ تکو
ڊوڙڻ وارو بہ هميشہ نہ ٿو کٽي، نڪي وڏو جنگي جوڌو ئي هميشہ
جنگ فتح ڪري ٿو. نہ ڏاهي ماڻهوءَ کي هميشہ رزق حاصل ٿئي
ٿو، نڪي سمجهہ وارن کي هميشہ دولت ملي ٿي ۽ نہ وري هنرمند
ماڻهن کي هميشہ عزت نصيب ٿئي ٿي، ڇالاءِجو سڀ ڪنهن کي
ڪڏهن نہ ڪڏهن ڏکيو ڏينهن ڏسڻو پوي ٿو. 12 ڪنهن بہ انسان کي
ڪا خبر ڪانهي تہ ڪڏهن تو ڏکيو وقت اچي مٿس ڪڙڪي. هائو،
جيئن مڇيون موت جي ڄار ۾ ڦاسنديون آهن، يا جيئن پکي ڦندي
۾ ڦاسايا ويندا آهن، تيئن ئي اوچتو ئي اوچتو انسان بہ بُري وقت ۾
ڦاسي پوندا آهن، جڏهن مٿن آفت اچي ڪڙڪندي آهي.

## ڏاهپ جا فائدا

13 هن دنيا ۾ مون ڏاهپ جو هڪڙو واقعو ڏٺو، جيڪو مون لاءِ
تمام وڏي اهميت وارو هو. 14 مون ڏٺو تہ هڪڙو ننڍڙو شهر هو،
جنهن ۾ ڪي ٿورا ماڻهو رهندا هئا. انهيءَ شهر تي هڪڙو طاقتور
بادشاهہ چڙهائي ڪري آيو ۽ اچي شهر جو گهيرو ڪيائين. هن شهر
جي پٽين تان ٽپڻ لاءِ انهن جي سامهون وڏا دمدما ٻڌا. 15 اتي ئي
هڪڙو ڏاهو ماڻهو رهندو هو، جيڪو تمام غريب هو. هن پنهنجيءَ
ڏاهپ سان انهيءَ شهر کي بچايو. انهيءَ هوندي بہ ڪنهن ماڻهوءَ
کي اهو غريب ماڻهو ياد ئي نہ رهيو. 16 تڏهن مون سمجهيو تہ
”ڏاهپ طاقت کان وڌيڪ بهتر آهي.“ پر غريب ماڻهوءَ جي ڏاهپ
کي ڪا بہ اهميت نہ ٿي ڏني وڃي ۽ هن جي ڪنهن ڳالهہ تي ڪوبہ
ڌيان نہ ٿو ڏنو وڃي.
17 مون اهو بہ ڏٺو تہ
بيعقلن جي ميڙ ۾ حڪمران جي رڙين کان،
ڏاهن ماڻهن جون خاموشيءَ سان چيل ڳالهيون وڌيڪ بهتر آهن.

18 ڏاهپ جنگي هٿيارن کان وڌيڪ طاقتور آهي،
پر انسان جي رڳو هڪڙي غلطي
سندس ڪيل سڀني نيڪين کي برباد ٿي ڪري ڇڏي.

10 1 جهڙيءَ طرح چند مئل مکيون عطر جي پوريءَ بوتل کي
بدبودار ڪريو ڇڏين،
تهڙيءَ طرح ٿورڙي ئي بيعقلي سڄي ڏاهپ ۽ عزت کي
خاڪ ۾ ملايو ڇڏي.

2 ڏاهي ماڻهوءَ جي دل سچائيءَ ڏانهن مائل ٿي لڳي،
جڏهن تہ بيعقل ماڻهوءَ جي دل برائين ڏانهن ٿي لڳي.
3 بيعقل ماڻهن جي زندگي گذارڻ جي طريقن مان ئي
سندن بيوقوفي ظاهر ٿئي ٿي.
هائو، ڪين ڏسي آسانيءَ سان سمجهي سگهجي ٿو تہ
اهي بيعقل آهن.

4 جيڪڏهن اوهان جو حڪمران ڪنهن ڳالهہ تان
اوهان کان ناراض ٿئي،
تہ اوهين جلديءَ ۾ ڪم ڪار ڇڏي هليا نہ وڃو،

چالاڪ جو بردبار نموني ڳالهائڻ سان
وڏي ۾ وڏو ڏوهہ بہ معاف ٿي سگهي ٿو.

5 هن دنيا ۾ هڪڙي ٻي ناانصافي مون ڏٺي،
۽ اها اهڙي غلطي آهي جيڪا حڪمرانن کان ٿئي ٿي،
6 جو بيعقلن کي اعليٰ رتبو عطا ڪيو ٿو وڃي،
جڏهن تہ وڏن وڏن اميرن کي خوار خراب ڪيو ٿو وڃي.
7 بلڪ مون اهو بہ ڏٺو آهي تہ
غلام گهوڙن تي سوار آهن،
جڏهن تہ سردار غلامن وانگر پيادل پيا هلن.

8 جيڪو کڏ کوٽي ٿو سو انهيءَ ۾ ڪري سگهي ٿو.
جيڪو لوڙهي کي ڀڃي ٿو تہ تنهن کي نانگ ڏنگي سگهي ٿو.
9 جيڪو پٿرن کي ڊوئي ٿو،
تنهن کي انهن مان ايذاءُ بہ رسي سگهي ٿو.
جيڪو ڪاٺ کي وڍي ٿو،
تنهن کي انهيءَ مان زخم بہ ٿي سگهي ٿو.
10 جيڪڏهن ڪهاڙو مُڏو آهي،
۽ انهيءَ کي لائي تکو نہ ٿو ڪيو وڃي،
تہ انهيءَ سان محنت وڌيڪ ڪرڻي پوي ٿي.
پر جيڪڏهن ڪو ڏاهو ماڻهو آهي،
تہ اهو ڄاڻي ٿو تہ ڪيس ڇا ڪرڻ گهرجي.
11 جيڪڏهن نانگ مدو مقرر ڪرڻ کان اڳ ۾
جوڳيءَ کي ڏنگي ٿو وجهي،
تہ پوءِ انهيءَ جوڳيءَ کي مدو مقرر ڪرڻ مان
ڪوبہ فائدو نہ پهچندو.

12 ڏاهو ماڻهو جيڪي ڳالهائي ٿو،
تنهن سان هو عزت ٿو حاصل ڪري.
پر بيعقل ماڻهو پنهنجي ڳالهائڻ سان
پاڻ کي ئي نقصان ۾ وجهيو ڇڏي.
13 بيعقل ماڻهوءَ جو ڳالهائڻ شروع کان آخر تائين
بيوقوفيءَ سان ڀريل آهي،
۽ آخرڪار انهيءَ بڪواس جي ڪري
سندس چريائپ ظاهر ٿئي ٿي.
14 بيعقل ماڻهو آئيندي جي باري ۾ گهڻو ٿو ڳالهائي.
پر ڪوبہ نہ ٿو ڄاڻي تہ اڳتي هلي ڇا ٿيندو.
هائو، ڪوبہ اهو نہ ٿو ٻڌائي سگهي تہ مستقبل ۾ ڇا ٿيندو.

15 بيعقل ماڻهو اجائي محنت ڪندي ڪندي ٿڪجي ٿا پون،
ايتري تائين جو هو پنهنجي گهر جو رستو بہ ڀلجي ٿا وڃن.

16 اها قوم ڪيڏي نہ مصيبت ۾ آهي،
جنهن جو حڪمران غلاميءَ مان بادشاهہ بڻيو هجي!
۽ جنهن جا اڳواڻ سڄو ڏينهن پيا کائيندا پيئندا وتن.
17 پر اها قوم وڏي خوشحال آهي،
جنهن جو بادشاهہ خانداني ماڻهو آهي،
۽ جنهن جا اڳواڻ رڳو سگهہ حاصل ڪرڻ لاءِ
مناسب وقت تي کائين پيئن ٿا،
نڪي نشي ۾ مست ٿيڻ لاءِ.

18 جيڪڏهن ڪو ماڻهو پنهنجي گهر جي
ڇت جي مرمت ڪرڻ ۾ سستي ڪري ٿو،
تہ اها وهڻ لڳي ٿي،
۽ پوءِ نيٺ اها ڇت ڊهي پوي ٿي.

19 کائڻ جي دعوت ۾ ماڻهو کلن ۽ خوش ٿين ٿا،
۽ مئي ماڻهوءَ کي سرور بخشي ٿي،
پر پيسن کان سواءِ ڪا بہ شيءِ خريد ڪري نہ ٿي سگهجي.

20 اوهين بادشاهہ تي تنقيد ڪرڻ لاءِ
پنهنجي دل ۾ بہ خيال نہ آڻيو،
نڪي ڪنهن امير جي ئي ملامت ڪريو.
هائو، پنهنجي ڳجهيءَ جاءِ ۾ بہ ويهي ائين نہ ڪريو،
چالاڪ جو پکين کي بہ ڪن ٿين ٿا.

## انسان جي ڄاڻ محدود آهي

11
1 ڀلي تہ اوهين پنهنجي دولت پاڻيءَ ۾ اڇلائي ڇڏيو،
تہ بہ ڪنهن نہ ڪنهن ڏينهن
اها اوهان کي واپس ملي سگهي ٿي.
2 پر جيڪڏهن اوهين پنهنجي دولت جي حفاظت لاءِ
ان کي ڪيترن ئي هنڌن تي لڪائي ڇڏيو،
تہ بہ اوهين نٿا ڄاڻو تہ ملڪ تي ڪهڙي وقت
اچي ڪا آفت ڪڙڪندي ۽ سڀ ڪجهہ برباد ڪري ڇڏيندي.
3 جڏهن قدرتي طور ڪڪر پاڻيءَ سان ڀرجي ويندا آهن
تہ اچي ڌرتيءَ تي مينهن وسائيندا آهن.
وڻ توڙي جو قدرتي طور ڪهڙي بہ طرف ڪري،
تہ بہ اهو پنهنجي ڪرڻ واريءَ جاءِ تي ئي پيو ٿو رهي.

8:10 زب 15:7، چوڻ 27:26

4 جيڪو ماڻهو
هوا ۽ موسم جي صحيح وقت جو انتظار ڪندو رهي ٿو،
سو به ڪڏهن ڪڏهن نڪي ڪجهه پوکي سگهي ٿو،
۽ نه وري ڪجهه لڻي سگهي ٿو.

5 جڏهن ته ڪو ماڻهو اهو نه ٿو ٻڌائي سگهي ته جمڻ کان اڳ
ٻار ماءُ جي پيٽ ۾ ڪيئن ٿو ساهه کڻي، تڏهن هر شيءِ جي خلقيندڙ
خدا جي ڪمن کي ڪو ڪيئن ٿو سمجهي سگهي! 6 صبح توڙي
شام پنهنجي پنيءَ ۾ ٻج پوکيندا رهو، ڇالاءِجو ڪنهن کي ڪهڙي
خبر ته انهن مان ڪهڙو داڻو ڦٽي نڪرندو، ڪجهه داڻا يا سمورو ٻج
ڦٽي نڪرندو.

## جوانيءَ جي ڏينهن ۾ خالق کي نه وساريو

7 بيشڪ هن دنيا ۾ زندگي گذارڻ ڪيڏي نه چڱي ڳالهه آهي.
هائو، سج جي روشنيءَ ۾ رهڻ ڪيڏو نه وڻندڙ آهي. 8 سو جيترن
سالن تائين اوهين جيئرا رهو ته خوشيون ملهائيندا رهو. پر ياد ڪجو
ته ڪڏهن نه ڪڏهن موت جي اونداهي به اچڻي آهي جيڪا هن دنيا
۾ رهڻ جي مقابلي ۾ ڊگهي عرصي تائين هلندي. اهو سڀ ڪجهه
جيڪو مستقبل ۾ آهي سو به هڪ راز آهي.

9 اي نوجوانؤ! جيسين اوهين جوان آهيو، تيسين جائز خوشيون
ملهايو ۽ زندگيءَ جا مزا ماڻيو. اوهان جي دل جيڪي چاهي سو
ڪريو. پلي ته اوهين زندگيءَ جو جائز لطف حاصل ڪريو. پر اهو
ڄاڻي ڇڏيو ته اوهان جي سيني خيالن ۽ ڪمن جو حساب ڪتاب ڪرڻ
لاءِ خدا اوهان کي پنهنجي عدالت ۾ ضرور سڏائيندو. 10 نوجوانيءَ
توڙي ڀرپور جوانيءَ ۾ ڏک ۽ پريشانيون اچي سگهن ٿيون. تن جي
ڪري اوهين منجهي نه پئو، ڇالاءِجو زندگيءَ جو راز سمجهه کان
مٿاهون آهي.

12 1 انهيءَ کان اڳ جو اوهان تي ڏکيو وقت اچي پوي ۽ موت
جا ڏينهن ويجها اچي وڃن، اوهين جوانيءَ جي ڏينهن ۾ ئي
پنهنجي خالق کي ياد ڪندا رهو. پوءِ اوهين ائين نه چوندا ته ”هاڻي
اسان لاءِ ڪا به خوشي نه رهي آهي.“ 2 ڇالاءِجو انهن ڏينهن ۾
اوهان لاءِ سج جي روشني ويندي رهندي ۽ چنڊ تارا اونداها ٿي ويندا ۽
اونداها ڪڪر اوهان مٿان بار بار لنگهندا. 3 انهن ڏينهن ۾ اوهان جا
محافظ بازو ڏڪڻ لڳندا ۽ اوهان جون ٽنگون جيڪي هينئر مضبوط
آهن، سي ٽڙڪڻ لڳنديون. اوهان جا ڏند ٿورا وڃي بچندا ۽ ڪاڏو
چٻاڙي نه سگهندا. اوهان جي اکين جي نظر ويندي رهندي. 4 اوهان
جو آواز بلڪل جهيڻو ٿي ويندو ۽ اوهان جا ڪن اهڙا ٻوڙا ٿي پوندا
جو اوهين گيت به ٻڌي ڪين سگهندا، جڏهن ته پڪين جو هلڪو
آواز به اوهان جي ننڊ ڦٽائي وجهندو. 5 اوهين مٿاهين تي چڙهڻ کان
ڊڄندا ۽ عام رستن تي هلڻ کان به خوف کائيندا. اوهان جا وار ڦري
اڇا ٿي پوندا، جيئن بادامين جو ٻور هوندو آهي. اوهين پوڙهيءَ ٽڏ
وانگر پاڻ کي گهليندا وتندا ۽ اوهان کي ڪا به خواهش نه رهندي.
بيشڪ اسان مان هر ڪو پنهنجي ابدي گهر ڏانهن هليو ويندو ۽
پوءِ اوهان تي روئڻ پٽڻ وارا گهٽين ۾ پيا ايندا ويندا. 6 هائو، چانديءَ
جي ڏور ٽٽي پوندي ته سون جو ڏيئو ڪري پچي پوندو. کوهه جي
چرخي ٽڪرا ٽڪرا ٿي ڪرندي ته پاڻي ڪيڻ وارو ڏول پڃي پورا پورا
ٿي پوندو. 7 اهڙيءَ طرح انسان جو خاڪي بدن موٽي وڃي خاڪ
سان ملندو ۽ حياتي ڏيندڙ ساهه خدا موٽائي وٺندو. 8 سو آءٌ دانائيءَ
واري ڳالهه ڪندي چوان ٿو ته
راز آهي، راز آهي،
زندگي هڪ راز آهي،
۽ اها انساني سمجهه کان مٿاهين آهي.

## حاصل مطلب

9 جيئن ته اهي دانائيءَ واريون ڳالهيون چوندڙ هڪ وڏو ڏاهو
ماڻهو هو، تنهنڪري هن پنهنجي قوم کي وڏي ڄاڻ ڏني. هائو، هن
پوريءَ طرح گهڻين ئي ڳالهين تي غور ويچار ڪيو ۽ سچي حقيقت
معلوم ڪري گهڻيون ئي نصيحتون ترتيب وار بيان ڪيون. 10 انهيءَ
ڏاهي انهن ڳالهين کي سٺي انداز ۽ بلڪل درست نموني ۾ سمجهائڻ
جي ڪوشش ڪئي آهي. 11 ڏاهپ جون ڳالهيون ريڍار جي انهيءَ لٺ
مثل آهن، جنهن سان هو رڍن کي هڪلي ٿو. هائو، اهي گڏ ڪيل
نصيحتون سُوئي وانگر چڀندڙ آهن. اهي سڀ نصيحتون انهيءَ جي
طرفان عطا ڪيل آهن، جيڪو اسان سڀني جو ڌنار آهي.
12 اي منهنجا ٻارؤ! هڪ ٻي به ڳالهه آهي جنهن بابت آءٌ اوهان
کي خبردار ٿو ڪريان. اها هيءَ آهي ته نصيحتن کي ترتيب ڏيڻ جو
ڪم بي‌انتها آهي. سو جيڪڏهن ڏاهپ حاصل ڪرڻ چاهيو ٿا ته
اوهين پڙهندي پڙهندي ٿڪجي پوندا.
13 جيڪي نصيحتون ٻڌايون ويون آهن تن جو حاصل مطلب هي آهي
ته خدا کان ڊڄو ۽ سندس حڪمن تي عمل ڪريو، ڇالاءِجو هر انسان
جو اهو ئي فرض آهي. 14 بيشڪ خدا اسان جو هر ڪيل ڪم پنهنجيءَ
عدالت ۾ آڻيندو ۽ انهيءَ موجب اسان کي بدلو ڏيندو، پوءِ اهو چڱو
ڪم هجي يا برو، توڙي جو اهو ڳجهيءَ طرح ڪيو ويو هجي.

# راڳن جو راڳ

## تعارف

"راڳن جو راڳ" نالي هي مقدس ڪتاب پيار جي گيتن جو مجموعو آهي. هن ۾ گهڻا ئي گيت هڪ مرد عورت لاءِ چيا آهن ۽ هڪ عورت مرد لاءِ چيا آهن. ڪن ترجمن ۾ هن ڪتاب کي "سليمان جو گيت" چيو ويو آهي، ڇالاءِجو عبراني ٻوليءَ ۾ اهو ڪتاب حضرت سليمان سان منسوب ٿيل آهي.

يهودين هنن گيتن جي اڪثر ڪري اها تشريح ڪئي آهي ته اهي گيت خدا ۽ انسان جي وچ ۾ هڪڙو ذريعو آهن. جڏهن ته مسيحين انهن جي اها تشريح ڪئي آهي ته اهي گيت مسيح ۽ ڪليسيا جي وچ ۾ هڪ وسيلو آهن.

### سِٽاءُ


پهريون راڳ 1:1–7:2
ٻيو راڳ 2:8–5:3
ٽيون راڳ 3:6–1:5
چوٿون راڳ 5:2–3:6
پنجون راڳ 6:4–4:8
ڇهون راڳ 8:5–14


---

1 ⓵ هي راڳن جو راڳ سليمان جو تمام وڻندڙ راڳ آهي.

## پهريون راڳ

(1:2–7:2)

(عورت جو آواز)

⓶ ڪاش! تنهنجا چپ مون کي چمين سان وڪوڙي ڇڏين،
ڇالاءِجو تنهنجو پيار مئي کان وڌيڪ سُرور ڏيندڙ آهي.
⓷ تنهنجي خوشبوءِ ايڏي ته مٺڙي آهي،
جو گهڻيون ئي ڪنواريون تو تي فدا آهن.
تنهنجي نالي جو ذڪر ائين آهي،
جيئن عطر ڦهليل هجي.
⓸ مون کي پاڻ سان ڪڻ ته اسين ڀڄي هلون.
تون منهنجو حاڪم ٿيءُ،
۽ مون کي پنهنجي ڪمري ۾ وٺي هل.
اسين ٻئي گڏجي خوشيون ۽ شادمانا ڪنداسين.
تنهنجو پيار ايترو ته نشو ڏيندڙ آهي،
جو مئي کان به وڌيڪ سرور ڏئي ٿو.
ڪو عجب ناهي جو سڀيئي عورتون تو تي عاشق آهن.

⓹ اي يروشلم جون عورتون!
بيشڪ آءٌ رنگ جي سانوري آهيان پر حسين آهيان.
هائو، اهڙي سانوري جهڙا قيدار جا بياباني تنبو،
پر اهڙي سهڻي جهڙا سليمان جي محل جا پردا.
⓺ منهنجي سانوري هجڻ جو ڪو خيال نه ڪريو،
ڇالاءِجو اس منهنجو رنگ ڪارو ڪري ڇڏيو آهي.
منهنجا ڀائر مون تي ڏمريل هئا،
سو مون کي انگورن جي باغن جي سنڀال تي
مقرر ڪري ڇڏيو هئائون.
جنهن ڪري آءٌ پنهنجي رنگ روپ جي
سنڀال ئي نه ڪري سگهيس.

⓻ اي منهنجا محبوب! مون کي ٻڌاءِ.
تون پنهنجو ڌڻ ڪٿي چاريندو آهين؟
۽ ٽاڪ منجهند جو پنهنجي ڌڻ کي آرام لاءِ ڪٿي ٿو ويهارين؟
ٻڌاءِ، ڇالاءِجو ائين نه ٿئي جو
آءٌ تو کي ڳولهيندي
تنهنجي سنگتين جي ڌڻن پرسان رلندي وتان.

---

1:1 1.با 32:4

(مرد جو آواز)

8 اي عورتن ۾ سڀني کان حسين محبوبہ!
ڇا تو کي جڳھہ جي خبر ڪانهي؟
تہ پوءِ ڌڻ جي پيرن جا نشان وٺيو اچ،
۽ پنهنجن ڇيلن کي ڌنارن جي تنبن جي ڀرسان وڃي چار.
9 اي منهنجي پياري! ڇا تہ تنهنجي چال آهي!
آءٌ تہ تنهنجي مشابهت
*فرعون جي گاڏيءَ جي هڪڙي گهوڙيءَ سان ٿو ڪريان.
10 تنهنجا ڳل تنهنجي نٽ جي لَڙهين سان
۽ تنهنجي ڳچي هيرن جواهرن سان ڪيڏي نہ سهڻي ٿي لڳي!
11 آءٌ تو لاءِ سونا زيور ٺهرائيندس،
جن ۾ چانديءَ جا گل جڙيل هوندا.

(عورت جو آواز)

12 اي منهنجا بادشاهہ!
جيستائين تون پنهنجي پلنگ تي آرامي آهين،
تيستائين ڪاش!
منهنجي بدن جي خوشبوءِ تو تائين ڦهلجي وڃي.
13 اي منهنجا محبوب!
تون منهنجي لاءِ مُر جي عطر جهڙو آهين،
جيڪو منهنجي ڇاتين جي وچ ۾ لڳل هوندو آهي.
14 اي منهنجا محبوب!
تون منهنجي لاءِ انهيءَ مينديءَ جي ڇڳي جيان آهين،
جيڪا †عين‌گديءَ جي انگورن جي باغن ۾ هوندي آهي.

(مرد جو آواز)

15 اي منهنجي پياري!
تون ڪيڏي نہ سهڻي آهين،
ڪيڏي نہ من موهڻي آهين.
تنهنجون اکيون ڪبوترين جهڙيون آهن.

(عورت جو آواز)

16 اي منهنجا محبوب!
تون ڪيڏو نہ حسين آهين.
هاءِ! تون ڪيڏو نہ دلپسند آهين!
اسان جو پلنگ سرسبز گاهہ ٿيندو،
17 جتي ديال ۽ سرو جا وڻ اسان جي چوڌاري ديوار ۽ ڇت هوندا.

2 1 آءٌ تہ ميدان جي رڳو جهنگلي گل مثل آهيان.
هائو، آءٌ چڻ تہ پهاڙي ماٿرين جو سوسن گل آهيان.

(مرد جو آواز)

2 جيئن سوسن گل ڪنڊن جي وچ ۾ هوندو آهي،
تيئن ئي اي منهنجي محبوبہ!
تون ٻين ڪنوارين ڇوڪرين جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ حسين آهين.

(عورت جو آواز)

3 جيئن جهنگ جي وڻن ۾ صوف جو وڻ،
تيئن ئي اي منهنجا محبوب! تون نوجوانن ۾ آهين.
آءٌ بيحد خوشيءَ سان تنهنجي ڇانوَ ۾ ٿي ويهان،
۽ تنهنجو ميوو مون لاءِ ڏاڍو مٺو آهي.
4 تون مون کي پنهنجي مئي‌خاني ۾ وٺي آيو آهين،
۽ مون تي پنهنجي محبت جو وسڪارو ڪيو اٿيئي.

5 اي منهنجا محبوب!
پنهنجي ڪشمش سان منهنجي قوت بحال ڪر،
۽ پنهنجن صوفن سان مون کي تازو توانو ڪر،
ڇالاءِجو آءٌ محبت جي ماريل آهيان.
6 پنهنجي کاٻي ٻانهن منهنجي مٿي هيٺان رک،
۽ پنهنجي ساڄيءَ ٻانهن سان مون کي ڀاڪر پاءِ.

7 اي يروشلم جون نوجوان عورتون!
آءٌ اوهان کي نازڪ هرڻين،
۽ ميدان جي ڇانگهن جو قسم ٿي ڏيان تہ
مون سان واعدو ڪريو تہ
جيستائين اسين پيار ۾ مشغول هجون،
تيستائين اوهين اسان جي پيار ۾ رخنو نہ وجهنديون.

## ٻيو راڳ
(5:3–8:2)

(عورت جو آواز)

8 آءٌ پنهنجي محبوب جو آواز ٻڌان ٿي،
ڏسو، هو جبلن مٿان ڊوڙندو،
۽ ٽڪرين کي اورانگهيندو،
مون ڏانهن اچي رهيو آهي.

---

*فرعون: هي مصر ملڪ جي بادشاهن جو لقب هو، وڌيڪ تفصيل لاءِ ڏسو ”خاص لفظن جي سمجهاڻي“.

†عين‌گدي: کاري سمنڊ جي اولهہ طرف بيابان ۾ هڪ خيابان آهي جيڪو ميويدار وڻن ۽ ٻوٽن جي ڪري مشهور آهي.

9 منهنجو محبوب هرڻ جهڙو آهي،
هائو، هو جوان چانگهي جهڙو آهي.
ڏسو، هو اسان جي پٽ پٺيان بيٺو آهي.
هو درين مان جهاتيون ٿو پائي،
۽ ڳڙکين مان پاڻ ٿو ڏيکاري.
10 منهنجو محبوب مون سان ڳالهائي ٿو.

(مرد جو آواز)

اُٿي اچ، اي منهنجي محبوبہ!
اي منهنجي نازنين! هلي اچ.
11 ڇالاءِجو ڏس،
سيارو گذرڻ وارو آهي،
مينهن وسي بس ڪئي آهي.
12 ڌرتيءَ تي گلن بهار لاتي آهي،
گيتن ڳائڻ جو وقت اچي ويو آهي.
ڏس، هر هنڌ ڳيرين جو آواز پيو ٻڌجي.
13 انجير جي وڻن ۾ ميوو پچڻ لڳو آهي،
انگورن جي ولين جي ٻور هوا کي معطر ڪري ڇڏيو آهي.
سو اُٿ، اي منهنجي محبوبہ!
اي منهنجي نازنين! هلي اچ.

14 اي محبوبہ! تون انهيءَ ڪبوتريءَ جهڙي آهين،
جيڪا ٽڪر جي ڦاٽن ۾،
۽ اُڀي ٽڪريءَ جي اوٽ ۾ لڪي ٿي.
مون کي پنهنجو ديدار ڪراءِ،
مون کي پنهنجو آواز ٻڌاءِ،
ڇالاءِجو تنهنجو آواز ڏاڍو مٺڙو آهي،
۽ تنهنجو چهرو ڏاڍو پيارو آهي.

(عورت جو آواز)

15 اي منهنجا محبوب!
تون انهن وڏين توڙي ننڍين لومڙين کي
منهنجي ويجهو اچڻ نہ ڏي،
متان اهي منهنجي انگورن جي باغ جو زيان ڪن،
ڇالاءِجو انگورن جي ولين ٻور جهليو آهي.

16 اي منهنجا محبوب! تون منهنجو آهين،
۽ آءٌ تنهنجي ئي آهيان،
تون ئي رڳو منهنجي سوسن گلن ۾ گهُم،
17 جيستائين صبح جي ٿڌڙي هير گهلي،
۽ رات جي اونداهي گم ٿي وڃي.
پوءِ پلي موٽي وڃ.
تون انهيءَ هرڻ يا جوان چانگهي جيان ڇال ڏيندو وڃ،
جيڪو باتر جي جبلن ۾ رهي ٿو.

3

1 رات جي وقت جڏهن آءٌ پنهنجي پلنگ تي ليٽيل هيس،
تہ مون کي پنهنجي محبوب جي ياد ڏاڍو ستايو.
تڏهن مون اٿي ڪري انهيءَ کي ڏاڍو ڳولهيو،
پر هو نہ مليو.
2 سو مون سوچيو تہ هاڻي آءٌ ٻاهر نڪري
سڄي شهر ۾ هر پاسي گهمنديس،
انهيءَ لاءِ تہ جيڪو مون کي منهنجي ساهہ کان پيارو آهي،
تنهن کي گهٽين ۽ چؤسولن تي ڳولهيان.
مون هن کي ڳولهيو پر هو مون کي ڪين مليو.
3 پر پهري وارا جيڪي شهر ۾ گشت پيا ڪن،
سي مون سان مليا.
مون انهن کان پڇيو تہ ”ڇا اوهان انهيءَ کي ڏٺو،
جنهن سان منهنجو جيءُ جڙيل آهي؟“
4 آءٌ اڃا انهن کان ٿورو اڳتي هليس،
تہ هو مون کي ملي ويو،
جيڪو منهنجي جان کان پيارو آهي.
مون هن کي جهلي ورتو ۽ وڃڻ ڪين ڏنو مانس،
ايستائين جو آءٌ کيس پنهنجي ماءُ جي گهر ۾ وٺي آيس،
هائو، انهيءَ ماءُ جي گهر،
جنهن مون کي پنهنجي پيٽ ۾ جهليو هو.
5 اي يروشلم جون جوان عورتون!
آءٌ اوهان کي نازڪ هرڻين،
۽ ميدان جي چانگهن جو قسم ٿي ڏيان تہ
مون سان واعدو ڪريو تہ
جيستائين اسين پيار ۾ مشغول هجون،
تيستائين اوهين اسان جي پيار ۾ رخنو نہ وجهنديون.

## ٽيون راڳ
(1:5–6:3)

(عورت جو آواز)

6 اهو ڪير آهي،
جيڪو بيابان مان دونهين جي ڪکر وانگر پيو اچي،
جيڪو مُر ۽ لوبان سان،
۽ سوداگرن جي وکرو ڪيل
هر طرح جي خوشبوءِ سان معطر آهي؟
7 ڏسو، اها تہ سليمان جي پالڪي آهي،
جنهن جي چوڌاري بني اسرائيل جي بهادرن مان سٺ بهادر آهن.

8 اهي سڀيئي تلوارباز ۽ جنگ جا ماهر آهن.
رات جي حملي جي خطري سبب
انهن مان هر هڪ کي سندس ران سان تلوار ٻڌل آهي.
9 بادشاهه سليمان جيڪا پالڪي پنهنجي لاءِ جوڙائي آهي،
سا لبنان جي عمدي ڪاٺ مان ٺهيل آهي.
10 انهيءَ جي ٿنڀن تي چاندي چڙهيل آهي،
۽ ڇت سون سان ڍڪيل اٿس.
انهيءَ جي ويهڻ واري گدي واڱڻائي رنگ جي آهي.
انهيءَ پالڪيءَ جو اندريون سينگار
نهايت دل وَ جان سان ڪيو ويو آهي.

اي يروشلم جون عورتون! ٻاهر نڪري اچو.
11 هائو، اي صيئون جون عورتون! سليمان بادشاهه کي ڏسو.
انهيءَ جي مٿي تي هڪ تاج آهي،
جيڪو سندس شاديءَ جي ڏينهن،
يعني دل جي خوشيءَ جي ڏينهن،
سندس ماءُ کيس پارايو هو.

(مرد جو آواز)

4
1 اي منهنجي محبوبه!
تون ڪيڏي نه سهڻي آهين!
واهه! تون ڪيڏي نه من موهڻي آهين.
تنهنجي نقاب پٺيان تنهنجون اکڙيون،
ڄڻ ڪبوترين جون اکيون آهن.
تنهنجا وار ائين ٿا جهُومن،
جيئن ڪو ٻڪرين جو ڌڻ گلعاد جبل تان لهي رهيو هجي.
2 تنهنجا ڏند رڍن جي انهيءَ ڌڻ کان به وڌيڪ اڇا آهن،
جن جي اُن ڪتري ويئي هجي ۽ جيڪي وهنجي نڪتيون هجن.
جيڪي سڀيئي ڳڏ هجن ۽ منجهن ڪابه اڪيلي نه هجي.
3 تنهنجا چپ ڳاڙهي ربن جهڙا آهن.
جڏهن تون ڳالهائين ٿي،
تڏهن اهي ڪيڏا نه وڻندڙ ٿا لڳن.
تنهنجا ڳِل تنهنجي نقاب جي پٺيان،
ڏاڙهونءَ جي ٻن اڌن وانگر آهن.
4 تنهنجي ڳچي دائود جي مناري وانگر آهي،
جيڪو ماهر ڪاريگر جي هٿان ٺاهيو ويو آهي.
تون هار پائڻ سان ائين ٿي لڳين،
جو ڄڻ ته انهيءَ مناري جي چوڌاري
هزارين ڍالون لٽڪايون ويون هجن.
5 تنهنجون ٻئي ڇاتيون
هرڻيءَ جي انهن ٻن جاڙن ٻچن جهڙيون آهن،
جيڪي سوسن جي گلن ۾ چرندا هجن.
6 آءٌ تنهنجي مُر جي انهن جبلن تي،
هائو، آءٌ تنهنجي لوبان جي ٽڪرن تي وڃي رات گذاريندس،
جيستائين صبح جي ٿڌڙي هير گهلي،
۽ اونداهي گم ٿي وڃي.
7 اي منهنجي محبوبه!
تون مٿي کان پيرن تائين حسن ئي حسن آهين،
تو ۾ ڪوبه عيب ڪونهي.

8 اي منهنجي ڪنوار!
تون لبنان جي جابلو علائقي کي ڇڏي مون وٽ هلي اچ،
هائو، اتان جي امانا، سنير ۽ حرمون جبلن جي چوٽين کي،
جتي غارن ۾ شينهن ۽ چيتا رهندا آهن،
تن کي ڇڏي مون وٽ هلي اچ.
9 اي منهنجي مٺڙي! اي منهنجي ڪنوار!
هاءِ هاءِ تنهنجي نيڻن جي نظاري ۽ تنهنجي هار جي تجلي،
منهنجي دل کسي ورتي آهي.
10 اي منهنجي پياري! اي منهنجي ڪنوار!
تنهنجي چمين ۾ ڪيڏو نه مناڻ آهي.
تو سان ڀاڪر پائڻ ۾ مئي کان وڌ سُرور ملي ٿو.
تنهنجي بدن جي خوشبوءِ
هر قسم جي خوشبوئن کان اعليٰ آهي.
11 اي منهنجي محبوبه!
تنهنجا چپ ماکيءَ جهڙا مٺا آهن،
تنهنجي چمين سان مون کي ماکيءَ ۽ کير جهڙي لذت ٿي ملي.
تنهنجي ڪپڙن جي خوشبوءِ،
لبنان جي عطر جهڙي آهي.

12 اي منهنجي پياري! اي منهنجي ڪنوار!
تون هڪ اهڙو باغ ۽ اهڙو چشمو آهين،
جيڪو ٻين سڀني لاءِ بند آهي.
13 تون ڏاڙهن جو باغ آهين،
هڪ اهڙو باغ جيڪو عمدن ميون سان ڀريل هجي،
جنهن ۾ ميندي، سنبل، 14 زعفران، بيدمشڪ، دالچيني،
مُر، عود ۽ هر قسم جي لوبان جا وڻ، مطلب ته
سمورن عمدن ۽ خوشبودار مصالحن جي ڪا ڪمي ڪانهي.
15 تون باغن کي پاڻي ڏيندڙ هڪ اهڙي چشمي وانگر آهين،
جنهن مان هميشه تازو ۽ مٺو پاڻي نڪري ٿو.
تون وهندڙ پاڻيءَ جي نهر آهين،
جيڪا لبنان جي جبلن تان هيٺ ٿي وهي.

(عورت جو آواز)

16 اي هوا! تون اچي گهُل.
هائو، اتر ۽ ڏکڻ کان منهنجي باغ مٿان اچي گهُل.
پوءِ تون هر پاسي پکڙجي وڃ،
تہ جيئن منهنجي باغ جي خوشبوءِ ڦهلجي وڃي
منهنجي محبوب تائين پهچي،
تہ جيئن هو پنهنجي هن باغ ۾ هلي اچي،
۽ انهيءَ جا لذيذ ميوا کائي.

(مرد جو آواز)

5 1 اي منهنجي پياري! اي منهنجي ڪنوار!
آءٌ پنهنجي هن باغ ۾ آيو آهيان،
۽ انهيءَ جي مُر ۽ مصالحن جي خوشبوءِ مان لطف پيو ماڻيان.
آءٌ هن پنهنجي باغ جي ماناري مان ماکي کائي رهيو آهيان.
آءٌ هن باغ جي مئي ۽ کير پي رهيو آهيان.

(ٻين عورتن جو آواز)

اي پيار ڪرڻ وارؤ! خوب کائو ۽ پيئو،
ايتري تائين جو پيار ۾ مدهوش ٿي وڃو.

## چوٿون راڳ
(3:6–2:5)

(عورت جو آواز)

2 آءٌ ستي پيئي هيس،
پر منهنجي دل جاڳي رهي هئي.
مون خواب ۾ ڏٺو تہ
منهنجو محبوب آيو آهي،
۽ دروازو کڙڪائي چوي ٿو تہ
”اي منهنجي پياري! اي منهنجي ڪنوار!
اي منهنجي ڪبوتري! اي منهنجي بيعيب ۽ بيمثال محبوبہ!
دروازو کول،
چالاءِجو منهنجا زلف
رات جي ماڪ جي ڦڙن سان آلا ٿي پيا آهن.“
3 پر مون وراڻيو تہ
”آءٌ تہ اڳ ۾ ئي ڪپڙا لاهي چڪي آهيان،
ڇا هاڻي آءٌ وري اهي پائيان؟
آءٌ تہ اڳ ۾ ئي پنهنجا پير بہ ڌوئي چڪي آهيان،
هاڻي وري ڪيئن انهن کي ميرو ڪريان؟“

4 تڏهن ڏٺم تہ منهنجي محبوب
دروازي جي سوراخ مان پنهنجو هٿ اندر ٽپايو.
۽ منهنجي دل هن لاءِ ڇڪجي ويئي.
5 آءٌ اٿيس تہ جيئن پنهنجي محبوب لاءِ دروازو کوليان،
تہ منهنجي هٿن مان مُر جا ڦڙا ڪرڻ لڳا.
هائو، منهنجي آڱرين مان پٽڙي مُر وهڻ لڳي،
۽ دروازي جي هٿئي تي وڃي پيئي.
6 مون پنهنجي محبوب لاءِ دروازو کوليو،
پر منهنجو محبوب اڳي ئي موٽي هليو ويو هو.
سندس هليو وڃڻ جي ڪري منهنجو هانءُ ٻڏڻ لڳو.
مون کيس سڏ ڪيا پر هن ڪو جواب نہ ڏنو.
مون هن کي ڳولهيو پر لهي نہ سگهي مانس.
7 تڏهن پهري وارا، جن شهر ۾ گشت پئي ڪيو،
سي مون کي مليا.
هنن مون کي مار ڏني ۽ زخمي ڪري وڌائون.
ڪوٽ جي انهن پهريدارن
مون کان منهنجي چادر بہ کسي ورتي.

8 اي يروشلم جون جوان عورتون!
آءٌ اوهان کي قسم ٿي ڏيان تہ
اوهين جيڪڏهن منهنجي محبوب کي ڏسو تہ
کيس ٻڌائجو تہ
آءٌ سندس سڪ ۾ پيئي ڳران.

(انهن عورتن جو آواز)

9 اي عورتن ۾ سڀني کان سهڻي!
تنهنجو محبوب ٻئي ڪنهن محبوب کان ڪيئن وڌيڪ آهي؟
اهو ڪهڙيءَ ڳالهہ ۾ ٻين کان وڌيڪ آهي،
جو تون اسان کي اهڙيءَ طرح قسم ٿي وجهين؟

(عورت جو آواز)

10 منهنجو محبوب حسين ۽ صحتمند آهي.
هو لکن ۾ هڪڙو آهي.
11 هن جو چهرو نهايت خالص سون جهڙو چمڪندڙ آهي.
هن جا وار گهنڊيدار ۽ ڪانگ جهڙا ڪارا آهن.
12 هن جون اکيون انهن ڪبوترن جهڙيون خوبصورت آهن،
جيڪي وهندڙ نهرن تي ويٺل هجن،
جيڪي کير ۾ وهنجاريل آهن ۽ چشمي تي ويٺا هجن.
13 هن جي ڳلن مان اهڙي تہ خوشبوءِ پئي اچي،
جهڙي خوشبودار مصالحن سان پريل
هڪڙي باغ مان ايندي آهي.

هن جا چپ سوسن جي گلن جھڙا آهن،
جن مان خالص مُر پيئي ٽمي.
14 هن جون ٻانهون اهڙيون ته آهن،
جو ڄڻ ته سونين شاخن تي هيرا جواهر جڙيل هجن.
هن جو بدن ڄڻ ته عاج جو ٺهيل آهي،
جنهن تي نيلم جا گل لڳل هجن.
15 هن جون ٽنگون سنگ مرمر جي انهن ٿنڀن جھڙيون آهن،
جيڪي خالص سون جي پاون مٿان هجن.
هو اهڙو ته شاندار آهي جھڙا لبنان جا جبل.
هائو، هو ديال جي وڻن جيان بي‌مثال آهي.
16 هن جا چپ چمڻ سان بيحد مٺا ٿا لڳن.
هو مٿي کان پيرن تائين پيار ئي پيار آهي.
اي يروشلم جون عورتون!
اهو آهي منهنجو محبوب،
اهو آهي منهنجو پيارو.

(انهن عورتن جو آواز)

# 6

1 اي عورتن ۾ سڀني کان سھڻي!
تنهنجو محبوب ڪيڏانهن ويو آهي؟
هائو، ٻڌاءِ ته تنهنجو محبوب ڪھڙي پاسي نڪري ويو آهي؟
انهيءَ لاءِ ته اسين تو سان گڏجي هلي انهيءَ کي ڳولهيون.

(عورت جو آواز)

2 منهنجو محبوب
پنهنجي خوشبوءِ واري باغ ڏانهن هليو آيو آهي،
انهيءَ لاءِ ته اتي هو پنهنجون رڍون چاري،
۽ سوسن جا گل ميڙي انهن مان خوشبوءِ جو مزو ماڻي.
3 آءٌ پنهنجي محبوب جي آهيان،
۽ منهنجو محبوب منهنجو ئي آهي.
هو پنهنجو ڌڻ سوسن گلن ۾ پيو چاري.

## پنجون راڳ

(4:8–4:6)

(مرد جو آواز)

4 اي منهنجي محبوبه! تون ڪيڏي نه حسين آهين.
تون ترضه شهر جھڙي سھڻي،
۽ يروشلم شهر جھڙي وڻندڙ آهين.
تنهنجي سونهن منهنجي اندازي کان به وڌيڪ آهي.
5 تنهنجي نظرن جو تاب ڏاڍو تکو آهي،
۽ منهنجي سھڻ کان وڌيڪ آهي، سو مون کي انهيءَ کان بچاءِ.
تنهنجا وار ائين ٿا جھُومن،
جيئن ڪو ٻڪرين جو ڌڻ گلعاد جبل تان لهي رهيو هجي.
6 تنهنجا ڏند رڍن جي انهيءَ ڌڻ کان به وڌيڪ اڇا آهن،
جنهن جون رڍون وهنجي نڪتيون هجن،
جيڪي سڀيئي گڏ هجن ۽ منجھن ڪابه اڪيلي نه هجي.
7 تنهنجا ڳل تنهنجي نقاب جي پٺيان،
ڏاڙهونءَ جي ٻن اڌن وانگر آهن.
8 بادشاهه وٽ ڪيتريون ئي راڻيون،
سريتون ۽ هزارين بيبون ڪنواريون پلي ڇو نه هجن،
9 پر تون ته انهن سڀني جي ڀيٽ ۾
بي‌عيب ۽ بي‌مثال ڪبوتري آهين.
تون پنهنجي ماءُ جي پياري ۽ سڪيلڌي ڌيءَ آهين.
نوجوان ڇوڪرين، بادشاهه جي راڻين ۽ سريتين،
جن به تو کي ڏٺو تن تو کي ساراهيو،
۽ تنهنجي واکاڻ هيئن ڳائڻ لڳيون ته
10 ”اها ڪير آهي، جيڪا صبح جھڙي روشن ٿي ڏسجي؟
اها چنڊ جھڙي حسين ۽ سج جھڙي تجليدار آهي،
جنهن جي سونهن اسان جي اندازي کان به وڌيڪ آهي.“

11 آءٌ اخروٽن جي باغ ۾ ويس،
انهيءَ لاءِ ته برساتي نهر وٽ وڻن کي ڏسان.
هائو، آءٌ ڏسان ته انگورن جي ولين ۾ ٻور آيو آهي يا نه،
۽ ڏاڙهن گل جھليا آهن يا نه؟
12 اوچتو آءٌ پيار جي جوش ۾ ائين مدهوش ٿي ويس،
ڄڻ ته آءٌ شاندار شاهي گھوڙي گاڏيءَ ۾
سواري ڪري رهيو آهيان.

13 اي بي‌مثل ۽ بي‌عيب ڇوڪري! مون وٽ موٽي اچ،
موٽي اچ ته آءٌ تنهنجو ديدار ڪريان.

(عورت جو آواز)

اي منهنجا محبوب! تون ڇو ٿو چاهين ته
مون کي ٻين جي آڏو نچندو ڏسين؟

(مرد جو آواز)

# 7

1 اي منهنجي شهزادي! تنهنجا پير تنهنجي جتين ۾
ڪيڏا نه سھڻا ٿا لڳن.
تنهنجي رانن جي گولائي اهڙن زيورن وانگر آهي،
جن کي ڪنهن ماهر ڪاريگر جوڙيو هجي.
2 انهن جي وچ ۾ مئي جو هڪ گول پيالو آهي،
جنهن ۾ خوشبودار مئي پريل آهي.

تنهنجو پيٽ ڪڻڪ جي ڍڳ جهڙو آهي،
جنهن جي آس‌پاس سوسن گل رکيل هجن.
3 تنهنجون ٻئي ڇاتيون هرڻيءَ جي ٻچن جهڙيون آهن،
هائو، هرڻيءَ جي ٻن جاڙن ٻچن جهڙيون.
4 تنهنجي ڳچي عاج جي ٽنيي جهڙي آهي،
تنهنجون اکيون حشبون شهر جي انهن تلائن جهڙيون آهن،
جيڪي *بيت‌ربيم جي دروازي وٽ آهن.
تنهنجو نڪ لبنان جي مناري جهڙو آهي،
جنهن جو رخ دمشق ڏانهن آهي.
5 تنهنجو مٿو ڪرمل جبل جيان بلند آهي.
تنهنجي مٿي جا وار ايترا تہ ڪارا ۽ چمڪندڙ آهن،
جو بادشاهہ بہ انهن کي ڏسي تنهنجو اسير بڻجي وڃي.

6 تون ڪيتري نہ خوبصورت ۽ دلپسند آهين!
تنهنجي پيار جو لطف ڪيترو نہ ڀرپور آهي!
7 تنهنجي بيهڪ کجيءَ جي وڻ جهڙي آهي.
تنهنجون ڇاتيون کارڪن جي گوشن مثل آهن.
8 مون سوچيو تہ آءٌ انهيءَ کجيءَ تي چڙهندس،
۽ انهيءَ جو ميوو چونڊيندس.
تنهنجون ڇاتيون منهنجي لاءِ انگورن جا ڇڳا آهن،
۽ تنهنجي ساهہ کڻڻ واري خوشبوءِ
صوفن جي خوشبوءِ جهڙي آهي.
9 تنهنجي چپن جي چمي،
عمدي مئي کان بہ وڌيڪ سرور واري آهي.

(عورت جو آواز)

ڀلي تہ اها مئي منهنجي محبوب ڏانهن سڌي وڃي،
۽ سندس چپن ۽ ڏندن کي ڇهندي وڃي.
10 اي منهنجا محبوب!
آءٌ تنهنجي آهيان،
۽ تون مون لاءِ ئي مشتاق آهين.
11 اي منهنجا محبوب! اچ،
اچ تہ اسين ٻنين ۾ سير ڪريون،
۽ ڳوٺن ۾ هلي اڪيلائيءَ ۾ رات گذاريون.
12 پوءِ صبح سوير اٿي انگورن جي باغ ۾ هلون،
ڏسون تہ انگورن جي ولين ٻور جهليو آهي يا نہ،
باغ ۾ گل ٽڙيا آهن يا نہ،
۽ ڏاڙهن گل جهليا آهن يا نہ؟
اتي آءٌ تو سان پيار ڪنديس.
13 اي منهنجا محبوب!
سرور ڏيندڙ گلن جي خوشبوءِ هوا ۾ ڦهلجي ويئي آهي.
اسان جي باغ جي دروازي وٽ هر طرح جا عمدا ميوا آهن.
انهيءَ باغ جا تازا توڙي خشڪ ميوا،
مون تو لاءِ گڏ ڪري رکيا آهن.

# 8

1 جيئن ڀاءُ پنهنجي ماءُ جي ٿڃ ڌاتي هجي،
۽ انهيءَ جي سڀ ڪي ڀيڻ ڪيس کلئي عام چميون ڏيندي آهي،
ڪاش! اهڙيءَ طرح جيڪڏهن تون مون کي رستي ۾ ملين ها،
تہ آءٌ بہ تو کي کلئي عام چميون ڏيئي سگهان ها،
۽ ڪوبہ مون کي برو نہ چوي ها.
2 تڏهن آءٌ تو کي وٺي پنهنجي ماءُ جي گهر اچان ها،
جنهن منهنجي پرورش ڪئي آهي.
اتي آءٌ تو کي پنهنجي خوشبودار مئي،
۽ پنهنجي ڏاڙهن جي رس پيئاريان ها.
3 تنهنجي کاٻي ٻانهن منهنجي مٿي هيٺان هجي ها،
۽ تنهنجي ساڄي ٻانهن مون کي ڀاڪر وجهي ها.

4 اي يروشلم جون عورتون!
آءٌ اوهان کي قسم ٿي ڏيان تہ واعدو ڪريو تہ
جيستائين اسين پيار ۾ مشغول هجون،
تيستائين اوهين اسان جي پيار ۾ رخنو نہ وجهنديون.

## ڇهون راڳ

(14–5:8)

(ٻين عورتن جو آواز)

5 انهيءَ نوجوان عورت ڏانهن نهاريو،
جيڪا پنهنجي محبوب جي ڪلهي تي ٽيڪ ڏيو
بيابان مان پيئي اچي.

(عورت جو آواز)

اي منهنجا محبوب! جڏهن تون صوف جي وڻ هيٺ ستل هئين،
تڏهن مون تو کي جاڳايو.
هائو، انهيءَ وڻ هيٺ
جتي تنهنجو وجود پنهنجي ماءُ جي پيٽ ۾ شروع ٿيو هو،
۽ جتي تنهنجي والده تو کي جنم ڏنو هو.
6 مون کي هميشہ لاءِ پنهنجيءَ دل ۾ جاءِ ڏي،
۽ منهنجي ياد کي پنهنجي منڊيءَ تي مُهر جيان هڻي ڇڏ،

*بيت‌ربيم: عبراني ٻوليءَ ۾ هن جي معنيٰ ”وڏن ماڻهن جي ڌيءُ“ ٿي سگهي ٿي، جيڪو گهڻو ڪري محبوبہ ڏانهن اشارو آهي.

چالاڪِجو جيئن موت اٽتر آهي،
تيئن اسان جي محبت اٽنت آهي،
۽ اسان جي هڪ ٻئي لاءِ ڪشش
ڪڏهن به ختم ٿيڻ واري ناهي.
اسان جي محبت جا شعلا
ڀڙڪندڙ باهه جي شعلن کان به وڌيڪ تيز آهن.

7 پاڻيءَ جي ٻوڏ به
اسان جي عشق جي باهه کي اجهائي نه ٿي سگهي،
نڪي ٻوڏون انهيءَ کي ٻوڙي ٿيون سگهن.
جيڪڏهن ڪو ماڻهو پنهنجي ساري مال ملڪيت جي عيوض
اسان جي محبت کي خريد ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو،
ته اهو ائين ڪڏهن ڪري نه سگهندو،
۽ بلڪل حقارت جوڳو ٿيندو.

(عورت جي ڀائرن جو آواز)

8 اسان جي هڪڙي ننڍڙي ڀيڻ آهي،
جنهن کي اڃا ڇاتيون به نه آيون آهن.
هاڻي جيڪڏهن سندس شاديءَ جي تاريخ مقرر ڪئي وڃي،
ته پوءِ اسين پنهنجيءَ ڀيڻ لاءِ ڇا ڪريون؟
9 اسان جي ڀيڻ ڀت وانگر سڌي آهي،
سو اسين سندس ڇاتيءَ تي چانديءَ جا منارا ڪٽي جوڙيون،
۽ جيڪڏهن هوءَ دروازو هجي ته
اسين ڪيس ديال جي ڪاٺ سان سينگاريون.

(عورت جو آواز)

10 اي ڀائرؤ! ڀلي ته آءٌ هڪڙي ڀت آهيان،
پر اڳي ئي منهنجون ڇاتيون انهيءَ ڀت جا منارا آهن.
تنهنڪري مون کي دلجاءِ آهي ته
مون سان گڏ رهڻ ۾ منهنجو محبوب خوش ۽ مطمئن آهي.

(مرد جو آواز)

11 سليمان بادشاهه کي بعل هامون نالي جاءِ تي
هڪڙو انگورن جو باغ هو.
هن اهو انگورن جو باغ باغائين کي ٺيڪي ۾ ڏيئي ڇڏيو،
جنهن لاءِ هر هڪ کي هزار چانديءَ جا سڪا ادا ڪرڻا هئا.
12 اي سليمان! تون ڀلي ته هڪ هزار سڪا وٺ،
۽ باغ جي ميوي سنڀاليندڙن کي
ڀلي ته ٻه سؤ سڪا وڌيڪ نفعو ملي.
پر منهنجو انگورن جو باغ ته رڳو منهنجو ئي آهي،
جيڪو منهنجي اکين اڳيان آهي.

13 اي منهنجي پياري! تون جيڪا باغ جي وچ ۾ ويٺي آهين،
پنهنجو سريلو آواز ٻڌاءِ.
آءٌ ۽ منهنجا سنگتي تنهنجو سريلو آواز ٻڌڻ چاهيون ٿا.

(عورت جو آواز)

14 اي منهنجا محبوب!
مون ڏانهن هرڻ وانگر جلدي ڊوڙي اچ،
هائو، انهيءَ جوان هرڻ وانگر،
جيڪو انهن جبلن تي گهمڻ پسند ٿو ڪري
جتي خوشبودار مصالحا ٿا پوکجن.